

http://soorihsindhiadab.website.2.me

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

پاڪستان جي علائقائي ٻولين ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪتاب سنڌي زبان ۾ شايع ٿيا آهن .

جيئي سنڌ - ڊجيٽل ڪتاب گهر ، سورهه سنڌي ادب ويب سائيٽ تي سنڌي زبان جو پراڻو مواد ، اڻ لڀ ۽ اهم ڪتاب PDF ۾ پيش ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو .

انهيءَ سلسلي جي ڪڙي ، ڪتاب نمبر (06) سنڌي ادب جي تاريخ (عرب دور کان موجوده دور تائين) پيش ڪجي ٿو ته جيئن سنڌي زبان جي ڊجيٽل مواد ۾ واڌارو ٿئي.

اسان ٿورائتا آهيون ، سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ديرو جي موجوده جنرل سيڪريٽري ، محترم برڪت علي جيهو صاحب جا ، جنهن پنهنجي ذاتي لائبريريءَ مان هي ڪتاب PDF لاءِ ڏنو .

اميد تي ڪجي ته ڊجيٽل ڪتاب پڙهندڙن کان ڀرپور موٽ ملندي .

صاحب خان سورهه ميراڻي

0344 – 3919786

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌي ادب جي تاريخ

(عرب دؤر کان موجوده دؤر تائين)

سي ايس ايس، پي سي ايس، ليڪچرار ۽ ٻين امتحانن جي نصاب مطابق
سنڌي ادب جي تاريخ ۽ اوسر جا آبجيڪٽو ۽ سبجيڪٽو تفصيل

وهاب جروار

Sindhica
سنڌيڪا

http://soorihsindhiadab.website.2.me

انتساب

پنهنجي هن ڪاوش، پنهنجي والد محترم

تاج محمد جروار

جي تازه [illegible] لاءِ

جنهن [illegible] هن [illegible] پنهنجي راه ناهي موڙي،

سندس شخصيت هميشه منهنجي [illegible]

بڪ ورلڊ

1 [illegible] 2020

[illegible]

074-4054733/03337548804

zubair.bookworld@gmail.com

http://soorihsindhiadab.website.2.me

فهرست

سنڌي ادب جي تاريخ جو مختصر جائزو 11

عربن جي حڪمراني/ سنڌي ادب جو ابتدائي دور 13

سومرن جي حڪمراني/ سنڌي ادب جو ترقياتي دور 14

1_ ڏمر سومرو 21

2_ سنڌي پڇاڙون 21

3_ مومل راڻو 22

1_ سومرن ۽ گجرن جون لڙايون 22

2_ دودي چنيسر جي جنگ 22

3_ جام خالي ۽ خمير سومرن جي جنگ 23

سمن جي حڪمراني/ قاضي قادن جو دور 27

ارغونن جي حڪمراني 32

ترخانن جي حڪمراني/ شاھ عبدالڪريم بلڙي واري جو دور 33

مغلن جي حڪمراني/ ميين شاھ عنايت جو دور 34

ڪلهوڙن جي حڪمراني/ شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو دور 37

ٽالپرن جي حڪمراني/ سچل سرمست جو دور 42

انگريزن جي حڪمراني/ مرزا قليچ بيگ جو دور 45

آزادي ۽ ڪالهه/ شيخ اياز جو دور 65

عروضي سنڌي شاعري 76

جديد سنڌي شاعري 86

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌ جا شاعر، اديب، محقق ۽ نثر نويس 100

آخوند عبدالحميد 100
آغا سليم 101
آڪاش انصاري 101
ابراهيم "منشي" 102
احمد خان مدهوش 102
احمد سولنگي 103
ادل سومرو 103
اُستاد بخاري 104
اسحاق آهنگر 105
اسحاق راهي 105
اشتياق انصاري 106
الطاف شيخ 106
امداد حُسيني 107
امر اقبال 107
امر جليل 108
انعام شيخ 108
انور پيرزادو 109
اياز جاني 110
اياز گل 110
ايشور چندر 111
بادام ناتوان 111
بخشل مهراڻوي 112
بدر ابڙو 112
بردو سنڌي 113
بيدل فقير 113
ٻاڳويان 114
پيرومل مهر چند آڏواڻي 115
تاج بلوچ 115
تاج جويو 116
تاج محمود امروٽي 117
تاجل بيوس 117
تمر فقير 118
ثابت علي شاهه 119
ثميره زرين 119
پرمانند ميوا رام 120
پروانو ڀٽي 120
پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري 121
پرويز 121
پوپٽي هيراننداڻي 122
پير حسام الدين راشدي 123
پير صدرالدين 124
پير علي محمد راشدي 124
پيرو ڪٽي 125
جامي چانڊيو 125
جلال ڪٽي 126
جمال ابڙو 126
جمع خان غريب 127
جمن چارڻ 128
جي ايم سيد 128
حاجي احمد ملاح 129
حافظ محمد "احسن" 130
حسن درس 130
حضرت خواجه محمد زمان لنواري 131
حڪيم فتح محمد سيوهاڻي 131
حمل فقير 132
حميد سنڌي 132

http://soorihsindhiadab.website.2.me

حيدر ڪلوڙ 133
خليفو گل محمد گل 133
خيرالنساء جعفري 134
دادا سنڌي 134
ڊاڪٽر احسان دانش 135
ڊاڪٽر اسحاق سميجو 135
ڊاڪٽر آفتاب ابڙو 136
ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو 136
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 137
ڊاڪٽر بشير احمد شاد 138
ڊاڪٽر تنوير عباسي 138
ڊاڪٽر حبيب الله صديقي 139
ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ 139
ڊاڪٽر درشهوار سيد 140
ڊاڪٽر ذوالفقار سيال 141
ڊاڪٽر سليمان شيخ 141
ڊاڪٽر شير مهراڻي 142
ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو 143
ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو 143
ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ 144
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو 145
ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو 145
ڊاڪٽر غلام علي الانا 146
ڊاڪٽر غلام قادر سومرو 147
ڊاڪٽر فهميده حسين 147
ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو 148
ڊاڪٽر ڪمال جامڙو 149
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي 149
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 150
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 150
ڊاڪٽر هوت چند مولچند گربخشاڻي 151
ذوالفقار راشدي 152
راشد مورائي 152
راجو ستيو دل 153
رسول بخش پليجو 153
رشيد ڀٽي 154
روحل فقير 155
ساحر راهو 155
سامي 156
سجاد ميراڻي 156
سچل سرمست رحمة الله عليه 157
سحر امداد 157
سراج الحق ميمڻ 158
سرڪش سنڌي 159
سرويچ سجاولي 159
سعيد ميمڻ 160
سليم ڳاڙهوي 160
سمنگ چارڻ 161
شندري اُسچندائي 161
سوڀو گيانچنداڻي 162
سيد حيدر سنائي 163
سيد طاهر محمد ٺٽوي 163
سيد عبدالقادر ٺٽوي 163
سيد مير ڪلان 163
سيد مير محمد پوراڻي 164
شاهه جهانگير هاشمي 164
شاهه عبدالڪريم بُلڙي وارو 164
شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه 165

http://soorihsindhiadab.website.2.me

شاهه عنايت رضوي 166
شاهه عنايت شهيد 167
شاهه لطف الله قادري 167
شبنم گل 168
شريڪانت "صدف" 169
شمس الدين بلبل 169
شمشير الحيدري 170
شوڪت شورو 170
شيخ اياز 171
شيخ پراڻ 172
شيخ حماد جمالي 172
شيخ عبدالجليل جوهر 173
شيخ عبدالحليم جوش 174
شيخ عبدالرشيد نئوي 174
شيخ عبدالوهاب پوراني 174
شيخ فريد بکري 175
شيخ لاڏجيو 175
شيخ محمد ابراهيم "خليل" 175
شيخ نوح هوتياڻي 176
طارق اشرف 177
ظفر حسن 177
ع. ق. شيخ 178
عبدالحئي پليجو 178
عبدالرحيم گرهوڙي 179
عبدالغفار "تبسم" 180
عبدالغفور الستي 181
عبدالغفور بن حيدر 181
عبدالقادر جوڻيجو 181
عبدالڪريم گدائي 182
عبدالمؤمن ميمڻ 182
عبدالواحد آريسر 183
عثمان علي انصاري 184
عزيز ڙانجهاڻي 185
عزيز ڪنگراڻي 185
عزيز گوپانگ 186
عطا محمد ڀنڀرو 187
علامه آءِ آءِ قاضي 187
علامه غلام مصطفيٰ قاسمي 188
علي احمد بروهي 189
علي بابا 190
عنايت بلوچ 190
غلام حسين رنگريز 191
غلام رباني آگرو 191
غلام محمد شاهواڻي 192
غلام محمد گرامي 193
غلام نبي مغل 193
فخري هروي 194
فقير محمد لاشاري 194
قاضي فيض محمد 195
قاضي قادن 195
قاضي ڏتو سيوهاڻي 196
قمر شهباز 196
ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي 197
ڪشنچند بيوس 198
گوبند مالهي 198
ليکراج ڪشنچند عزيز 199
ماڌوڻي فقير 199
ماهتاب محبوب 200

http://soorihsindhiadab.website.2.me

محمد ابراهيم جويو 200
محمد خان مجيدي 201
محمد سومار شيخ 202
محمد صديق مسافر 202
محمد عثمان عباسي 203
محمد عثمان ڏيپلائي 204
محمد علي پناڻ 205
محمد محسن پيڪس 205
محمد هاشم مخلص 206
مخدوم جميل الزمان 206
مخدوم ابوالحسن ٺٽوي 207
مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم متو 208
مخدوم طالب المولي 208
مخدوم عبدالرئوف ڀٽي 209
مخدوم عبدالعزيز ابڙو 209
مخدوم فقير پوٽو 209
مخدوم قاضي عثمان درٻيلائي 210
مخدوم محمد هاشم ٺٽوي 210
مخدوم نوح ؒ 211
مدد علي سنڌي 211
مدن ڀڳت 212
مرتضيٰ سيال 213
مرزا قليچ بيگ 213
مرڪان شيخ 214
مشتاق بخاري 214
مصري شاھ 215
مقصود گل 216
ملا اويس شڪارپوري 216
ملڪ آگاڻي 217
ممتاز بخاري 217
منگهارام ملڪاڻي 218
مهتاب اڪبر راشدي 219
مولائي شيدائي 219
مولانا دين محمد وفائي 220
مولانا عبدالله چاچڙ 221
موهن ڪلپنا 221
ميان سرفراز ڪلهوڙو 222
مير عبدالحسين سانگي 222
مير علي شير قانع 223
مير محمد معصوم بکري 223
نادر بيگ مرزا 224
نارائڻ شيام 225
نانڪ يوسف 226
نثار بزمي 226
نجم عباسي 226
نسيم احمد کرل 227
نصير مرزا 227
نواز زنئور 228
نور احمد ميمڻ 229
نورالهدي شاھ 230
نياز همايوني 230
هري دلگير 231
هري موٽواڻي سنڌي 232
وسيم سومرو 232
وفا ناٿن شاهي 233
ولي رام ولڀ 233
يوسف سنڌي 234

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌي ادب جون صنفون ۽ شعري اصطلاح 235

معروضي سوال ۽ جواب 243

لوڪ ڏاهپ وارو دور 243
سنڌي ادب جو پهريون/بنيادي دور 246
قاضي قادن جو دور 249
شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو دور 253
شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو دور 259
سچل سرمست جو دور 269
مرزا قليچ بيگ جو دور 273
شيخ اياز جو دور 281
حل ٿيل پيپر_2002CSS 299
حل ٿيل پيپر_2003CSS 301
حل ٿيل پيپر_2004CSS 303
حل ٿيل پيپر_2005CSS 305
حل ٿيل پيپر_2006CSS 307
حل ٿيل پيپر_2007CSS 309
حل ٿيل پيپر_2008CSS 311
حل ٿيل پيپر_2009CSS 313
حل ٿيل پيپر_2010CSS 315
حل ٿيل پيپر_2011CSS 317
پي سي ايس/سنڌي جنرل (2003) 319
ماڊل پيپر 1 320
ماڊل پيپر 2 323
ماڊل پيپر 3 327
ماڊل پيپر 4 329
ماڊل پيپر 5 333
مددي ڪتاب 336

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌي ادب جي تاريخ جو مختصر جائزو

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ تهذيب جي قدامت جي اعتبار سان ڪنهن کي به انڪار نه آهي. موهن جي دڙي جي آثارن مان اها ڳالهه واضح آهي ته سنڌ ترقي جا ڏهوڻي هزارين سال پهرين به پڙهيا لکيا، مهذب، هنرمند ۽ محنتي هئا. بدقسمتيءَ سان هن وقت تائين موهن جي دڙي جي آثارن مان هٿ آيل مهرن تي لکيل عبارتن جي پڙهڻي نه پڄي سگهي آهي، جنهن ڪري موهن جي دڙي جي تباهي توڙي انهيءَ کان پوءِ خطي ۾ ماڻهن جي نڪڻ سر آيل رهڻي ڪهڻي، ٻولي ۽ تهذيب جي باري ۾ به عقلي مستند چاڻ نه آهي. هزارين سال اڳ جي حوالي سان نه ٿي ڪئي ۾ ٽيهه هزار سالن کان پهرين (عرب دور کان) سنڌي ٻولي ۽ ادب جي حوالي سان به ڪائي ڄاڻ اڃا تائين نه ملي سگهي آهي. نه ئي ورڻي محقق اڄ تائين ان حوالي سان ڪا تحقيق ڪري سگهيا آهن ته سنڌ تي عربن جي حڪمرانيءَ کان اڳ برهمڻ دور ۾ يا ان کان پهرين سنڌي ٻولي ۾ لکپڙهه ٿيندي هئي يا نه؟ يا جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڙهه ٿيندي به هئي ته ان جو ڪو اهڃاڻ مليو آهي؟ جواب يقينن نه ۾ آهي. سن 712 عيسوي مطابق 92 هجري ۾ عربن جي سنڌ حڪمرانيءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڙهه جون روايتون مليون آهن. چيو پيو وڃي ته انهيءَ دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو ويو هو. محققن ڪي سنڌي زبان، ادب، توڙي شاعري جي حوالي سان سڀ کان پهرين عرب حڪمرانيءَ جي دور جي ڪتابن مان ئي شروعاتي اهڃاڻ مليا آهن. نامياري محقق ۽ ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ" ۾ لکيو آهي ته "هڪ عربي ڪتاب ۾ آيو آهي ته منصوره جي حاڪم عبدالله بن عمر هباريءَ جي زماني ۾ منصوره جي هڪ عالم اتر سنڌ جي هڪ هندو راجا جي چوڻ تي قرآن مجيد جو ترجمو سنڌي زبان ۾ ڪيو ۽ سنڌي زبان ۾ اسلامي تعليم بابت هڪ نظم لکيو آهي" جيتوڻيڪ اهو نظم اڃا تائين لکت ۾ نه ملي سگهيو آهي. انهيءَ باوجود اهو معلوم ٿئي ٿو ته سڀ کان پهرين قرآن مجيد جو ترجمو سنڌي زبان ۾ ٿيو. اتان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته انهيءَ وقت سنڌي زبان ۾ اهڙيون خوبيون ۽ خصوصيتون موجود هيون، جو اها علمي ۽ ادبي مقصدن لاءِ استعمال ٿي سگهي.

سنڌي ادب جي اهڃاڻن، سڀ کان پهرئين سنڌي شعر ۽ قديم سنڌي شاعري جي حوالي سان سنڌ جي عالم، اديب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ لکيو آهي ته:

> امام ابو حاتم محمد جي ڪتاب "روضة العقلاء و نزهة الفضلاء" ۾ آيو آهي ته ڪو سنڌ جو ماڻهو بغداد ۾ يحيٰ بن خالد برمڪيءَ جي دربار ويو ۽ هڪ "سنڌي" شعر پڙهيائين:

http://soorihsindhiadab.website.2.me

اَرَ اَسَرَ ڪنڪرا، ڪي ڪره منڌره

"مجمل التواريخ والقصص" ۾ بيت جي پڙهڻي مختلف آهي. ۽ بحث جي بدران سنڌس پٽ فضل (وفات 150هه) جو ڏنل آهي. شعر هن ريت آيل آهي:

اَرَ ويسرَ ڪنڪره، ڪراڪري منڌره.

بيت جو ترجمو، جيڪو ان موقعي تي پيش ڪيو ويو، سو هيءُ هو: "جڏهن انسان رتي ٿيڻ جو بيان ٿئي ٿو ته ان وقت تنهنجو ئي ڏنل ورتو ويندو آهي".
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن سلسلي ۾ سڄو بحث ڪيو آهي. هن شعر لاءِ اهو به چيو ويو ته حضرت بلال حبشي، اهو بيت رسول ڪريمﷺ جي تعريف ۾ چيو آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته يقيناً پنهنجي زبان (سواحلي) يا ڪنهن به حبشي لهجي (Dialect) ۾ چيو هوندائين.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي هن شعر تي وڌيڪ تفصيلي بحث ڪيو آهي. هن انهيءَ شعر جي سولي سنڌيءَ ۾ پڙهڻي به لکي آهي. ڊاڪٽر جوڻيجو انهيءَ حوالي سان لکي ٿو ته:

"اڄ پيڪنگ ۾ ڪيترن حبشي (انتراني، ڪينيائي، ڪانگو وارن) سان گڏ پڙهيو آهيان. مون کين ٻالهانيندي پڙهو ۽ ڪيتراني لفظ ۽ جملا ڳالهائي سگهيس. انهن جي ٻولين ۾ مون کي هن شعر جي آوازن جو آهنگ نه مليو. سنڌي زبان جي آوازن جو ٻولاءِ ڪجهه هن ريت آهي: "ياما يونگا، نيڪرنا، يانگا ورنگا."
ائين ٿو معلوم ٿئي ته عربي تذڪرن ۾ هن شعر جي صورت بگڙجي ويئي آهي. مون ڪيترو وقت کان شعر تي غور ڪيو آهي. 1973ع ۾ پنهنجي شايع ٿيل هن ئي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ لکيو هو ته: منهنجي خيالي تحقيق موجب شاعر جو ڏنل منڌرو هو، يا هو ذات جو منڌرو هو، هن خود ڪنهن نسبي شي سڄڻ جوڙيون هونديون. يا ڪنهن منڌري حاڪم يا رئيس جي تعريف ۾ هي شعر هن وقت اڳئي تيار هوندو. بغداد ۾ وڃڻ کان پوءِ اتي صورتحال کي ڏسي ڪري لاءِ اهو ئي شعر ڪتي چيو هجيس. "مجمل التواريخ" واري پڙهڻيءَ کي مون سنڌيءَ ۾ هن ريت پڙهيو آهي:

اعزا ٻُڌا ڪر (اند) ڪري، ڪ ڪري منڌرو.
(سرلا مٿان صوت، پڙو، لاءِ م پاڇه جس) (شاهد)

يعني اعزي مهرباني ڪر ۽ ڪري نه سگهندو، جهڙي منڌرو ڪري ٿو.
هن پڙهڻيءَ کي في الحال شروعاتي پڙهڻي ڪري سگهجي ٿو. عالم ۽ اديب هن تي غور ڪري سگهن ٿا. خاص طور هن لحاظ کان ته سنڌيءَ کي جڏهن عربيءَ ۾ لکجي ٿو ته املا بدلجي ٿي وڃي".

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي کان علاوه ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي به پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" ۾ ساڳيو ئي شعر پڻ الڳ پڙهڻين سان لکيو آهي. هن به انهيءَ شعر کي سنڌي ادب جو پهريون شعر ڪوٺيو آهي. انهيءَ شعر کان علاوه ايما ڪاٿون محقق پيو ڪو شعر ڳولي نه سگهيا آهن. جنهن کي سنڌي ادب جو پهريون شعر چئي سگهجي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

عربن جي حڪمراني/ سنڌي ادب جو اوائلي دؤر:

سنڌ ۾ عربن جي حڪمرانيءَ جو دؤر سن 712ع کان شروع ٿيو. عربن جي حڪمراني واري دؤر ۾ روايتن مطابق عربيءَ سان گڏ سنڌي زبان لکي ۽ پڙهي ويندي هئي. اهوئي سبب آهي جو هن دؤر ۾ قرآن مجيد جو سڀ کان پهرين جيڪڏهن ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيو ته اها سنڌي ٻولي ئي آهي، جنهن کي سنڌ جي موجوده دؤر جا عالم ۽ محقق به تسليم ڪن ٿا. قرآن مجيد جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي حوالي سان هڪ ٻئي محقق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" ۾ لکي ٿو ته:

> عربن کان اڳ يا عرب دؤر ۾ سنڌي زبان ۾ شعر چيو ويندو هو. هڪ ٻي روايت مان به معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ سنڌي زبان پڙهي ۽ لکي ويندي هئي ۽ سنڌي شعر به موجود هو. هڪ عرب ڪتاب ۾ آيو آهي ته منصوره جي حاڪم عبدالله بن عمر هباري جي زماني ۾ منصوره جي هڪ عالم اتر سنڌ جي هڪ هندو راجا جي چوڻ تي قرآن مجيد جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ سنڌي زبان ۾ اسلامي تعليم متعلق هڪ نظم لکيو. يعني سڀ کان پهرين قرآن مجيد جو ترجمو سنڌي زبان ۾ ٿيو.

انهيءَ کان علاوه اهي به روايتون آهن ته انهيءَ وقت جي سنڌ جي عالمن عربي ادب ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. عربن جي حڪمراني هئڻ ڪري سنڌ ۾ عربي ٻوليءَ جي لکڻ ۽ پڙهڻ جو پڻ رواج پيو. عربن جي دؤر ۾ ئي سنڌ جي اوائلي تاريخ جو شاهڪار ماخذ "چچ نامو" پڻ لکيو ويو. چچ نامي جي لکجڻ ۽ ان دؤر جي پس منظر جي حوالي سان انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ لکيل آهي ته:

چچ نامو (فتح نامه سنڌ) اسلامي دؤر ۾ نندي ڪند ۾ تاريخ بابت لکيل پهريون ڪتاب آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو اندازو آهي ته اصل عربي ڪتاب 225هه/ 840ع کان 400 هه/ 1009ع واري عرصي ۾ تاليف ٿيو ۽ علي ڪوفي 613هه/ 1216ع ۾ ان جو فارسي ترجمو ڪيو. ڪتاب جي مصنف بابت ڪجهه به معلوم ڪونهي. البت ڪتاب جي عربي نالي بابت ٻه روايتون آهن: هڪ موجب ان جو نالو منهاج الدين و الملڪ ۽ ٻي روايت موجب هن تاريخي ڪتاب جو نالو تاريخ منهاج المسالڪ آهي. علي بن حامد ڪوفي مغربي ۽ وچ ايشيا ۾ انتشار جي ڪري، پنهنجو اصل ملڪ ڇڏي اچ شريف پهتو. ان وقت هتي ناصرالدين قباچه (602 ـ 625 هه) جي حڪومت هئي. علي ڪوفي عربي ۽ فارسي ٻولين جو اڪابر هو. هي اچ جي دربار ۾ قباچه جي وزير شرف الملڪ جي وفات کانپوءِ سندس پٽ عين الملڪ جو پڻ نديم ٿيو، جنهن سان به علي بن حامد جا سٺا تعلق برقرار رهيا. ليڪن بعد ۾ ٻنهي ۾ دوري پيدا ٿي. ان ڪري علي ڪوفي ڪم اهڙو ڪم ڪرڻ جي راھ ڪئي ته جيئن وزير عين الملڪ کي ٻيهر راضي ڪري وٺي.

ان پسمنظر ۾ علي ڪوفي، اُچ کي ڇڏي، سنڌ جي قديم دارالحڪومت اروڙ ۾ آيو، جتي سندس ملاقات قاضي اسماعيل سان ٿي. قاضي صاحب هن کي عربيءَ ۾ لکيل هڪ تاريخي ڪتاب ڏيکاريو. علي بن حامد ڪوفيءَ ان ڪتاب جو 613هه/ 1216ع ۾ فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو. عالمن جو خيال آهي ته مترجم علي ڪوفيءَ پنهنجي پاران ڪتاب ۾ واڌارا ڪيا، ۽ اصل مصنف ترڪي ڪتاب جو نالو گم ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي راءِ آهي ته

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪتاب جو نالو "فتح نامہ سنڌ" هو، پر فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ کانپوءِ ان جو نالو "چچ نامہ" ٿي ويو. ڇو ته ڪتاب ۾ راجا چچ جو گهڻو احوال مليو ٿو. علمي دنيا ۾ عربيءَ بجاءِ علي ڪوفيءَ جو فارسي ترجمو موجود رهيو.

جيئن ته هند ۽ سنڌ جي متعلق هيءُ پهريون تاريخي ۽ تحريري دستاويز آهي، ان ڪري ننڍي کنڊ جي باري ۾ هن ڪتاب تاريخي مطالعن ۾ وڏي مدد ڪئي آهي. سنڌ متعلق ته هن ڪتاب جي تمام گهڻي اهميت آهي. سنڌ جي عرب فتح (712ع) کان اڳ ملڪ جي مذهبي، سياسي ۽ سماجي حالتن بابت ڪتاب ۾ مفيد معلومات موجود آهي. راءِ خاندان، برهمڻ خاندان ۽ پوءِ عرب فتوحات بابت هي هڪ مفصل دستاويز آهي. هي ڪتاب نه هجي ها ته اڄ اسين اسلام کان اڳ واري سنڌ بابت گهڻي ڄاڻ ۽ معلومات کان قاصر رهجي وڃون ها. بعد ۾ فارسي زبان ۾ وڏي تعداد ۾ تاريخون لکجڻ ۾ آيون، ان ۾ "چچ نامہ" ۽ ان جي مترجم جو اهم ڪردار آهي. سمن جي شروع واري دؤر ۾ ملتان جي ڀاڄ والي امراء عين الملڪ ماهرو، جا خط "انشاء ماهرو" نالي سان پنجاب يونيورسٽي لاهور 1965ع ۾ ڇپيا آهن. ماهروءَ پنهنجن خطن ۾ "چچ نامہ" مان ٽڪرا ڏنا آهن. پوءِ جي دؤر ۾ ۽ هندي مؤرخن: طبقات اڪبري (1002هه)، تاريخ فرشتہ (1015هه)، زبدة التواريخ (1025هه) ۽ تاريخ مفضلي (1131هه)، پڻ پنهنجا ڪتاب لکندي "فتح نامہ سنڌ" يا "چچ نامہ" کان مدد ورتي آهي. اسلامي دؤر ۾ سنڌ جي تاريخ بابت ڪم ڪندي، ڪنهن ۽ لکندڙ هن ڪتاب کي نظر انداز نہ ڪيو آهي. تاريخ معصومي (1009هه)، بيگلار نامہ (1017هه)، تحفة الڪرام (1181هه) ۽ لب تاريخ سنڌ (1318هه) جهڙن اهم تاريخي ڪتابن جو "چچ نامہ" هڪ اهم ذريعو رهيو آهي.

عربن جي دؤر ۾ سنڌ جي شاعرن سنڌيءَ سان گڏ عربي ٻوليءَ ۾ پڻ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. جيتوڻيڪ اها شاعري اڃا تائين محققن کي لکت ۾ هٿ نه اچي سگهي آهي، جنهن جي هٿ اچڻ سان يقيناً سنڌي ادب جي تاريخ جا نوان دروازا کلندا. انهيءَ دؤر ۾ شاعرن ۾ پنهنجي نالن سان گڏ تخلص جوڙڻ جو پڻ رواج پيو. شاعرن پهريون ڀيرو سنڌ سان محبت جي اظهار طور سنڌيءَ کي تخلص طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. محققن عربن جي دؤر ۾ سنڌ جي مشهور شاعرن، اديبن ۽ عالمن جا نالا ابو معشر سنڌي، ابو عطا سنڌي، مالڪ بن صالح، ابو عبدالمالڪ، حافظ ابو محمد، ابو نصر سنڌي، ابو عبدالله، ابو اسحاق، منصور سنڌي، هارون دايبلي، ابو جعفر سنڌي ۽ ٻيا ڄاڻايا آهن. جيتوڻيڪ هن وقت تائين انهن جون لکيون لکت ۾ نہ ملي سگهيون آهن، جيڪي هٿ اچڻ سان سنڌي ادب جي تاريخ نئين سري سان لکڻ ۾ محققن کي ڪافي مدد ملي سگهندي.

سومرن جي حڪمراني/ سنڌي ادب جو شروعاتي دؤر:

عربن جي حڪمرانيءَ جي پڄاڻيءَ کانپوءِ سن 1050ع کان سنڌ تي سومرن جي حڪمرانيءَ جو دؤر شروع ٿيو. هن دؤر کي سنڌي ادب جو بنيادي دؤر چيو ويندو آهي. عمر ماروي، سسئي پنهون، مومل راڻو ۽ ٻين مشهور رومانوي داستانن جو تعلق پڻ سومرن جي دؤر سان ئي آهي. هن دؤر جي شاعريءَ جي آثار تي محقق يارن سنڌ جي ادبي تاريخ لکي وٺي آهي. هن ئي دؤر جي هڪ آيل شاعريءَ کي سنڌ جي بنيادي يا اوائلي شاعري قرار ڏنو ويو آهي. سومرن جي دؤر ۾ شاعري، ڳاهه، ڳڃارت ۽ بيت جي صورت ۾ چئي ويندي هئي. اڪثر

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڳاهون رومانوي يا جنگي داستانن تي ٻڌل آهن. سومرن جي دؤر ۾ ئي سنڌ ۾ پير شهاب الدين، اسماعيلي فرقي جي دعوت لاءِ سنڌ ۾ آيو. سندس فرزند پير صدر الدين گنان جي صورت ۾ شاعري ڪئي. انهيءَ ئي دؤر ۾ خواجڪي سنڌي جو بنياد پيو. سومرن جي دؤر کي پڻ ۽ ياڻن جو دؤر پڻ چيو ويندو آهي. هن دؤر ۾ اصلاحي ۽ مذهبي شاعريءَ سان گڏ رومانوي ۽ ڪلاسيڪي شاعري جو بنياد پيو. هن دؤر جي مشهور شاعرن ۾ پير صدرالدين شاهه، پير نور الدين، سنگ چارڻ، پاڳو پاڻ، هالو فقير، بابا فريد الدين گنج شڪر ۽ ٻيا شامل آهن. قلندر لال شهباز به سومرن جي دؤر ۾ ئي سنڌ ۾ آيو. حضرت لعل قلندر شهباز نه صرف قلندري مسلڪ سان تعلق رکندڙ درويش، بزرگ ۽ ولي الله هئا، بلڪ بلند پايه عالم، استاد، مفڪر، اديب ۽ شاعر پڻ هو. کين عربي ۽ فارسي علمن ۽ ادب تي عبور حاصل هو. ان سان گڏوگڏ سندس قرآن پاڪ، حديث مبارڪ ۽ فقه جو مطالعو پڻ وسيع هو. سندس لکيل ڪيترا ڪتاب مدرسن جي نصاب ۾ شامل هئا، جن سان خاص ڪتابن جا نالا هي آهن: عقد، اجناس، ميزان صرف، صرف صغير قسم پيو وغيره.

قلندر شهباز جي علم ۽ ادب متعلق مختلف عالمن ۽ سوانح نگارن جون روايتون ملن ٿيون. ان حوالي سان رڪي علام ٿيي. انگريز عالم برٽن جي ڪتاب "هسٽري آف سنڌ" جي حوالي سان لکيو آهي ته:

> "قلندر شهباز وڏو عالم ۽ لسانيات جو ماهر هو. صرف نحو ۾ وڏي مهارت رکندڙ هو. سندس هي ڪتاب پڙهايا ويندا هئا: عربي صرف نحو ان سان گڏ ميزان صرف ۽ صرف صغير مشهور آهي."

سومرن جي دؤر ۾ ئي سنڌ جي عورتن ۾ شاعريءَ جو شعور پيدا ٿيو. سنڌي ادب جي پهرين شاعره مرڪان شيخ جو تعلق به سومرن جي حڪومتي دؤر سان آهي. سنڌي ادب ۾ سندس نالو پير صدرالدين کان به پهرين اچي ٿو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ" ۾ سومرن جي دؤر جي ادبي تاريخ جي حوالي سان لکي ٿو ته:

> عرب دؤر (712- 1050ع) کان پوءِ سومرن جي حاڪميءَ (1050-1351ع) دوران ڪن رومانوي داستانن جو ذڪر ڪتابن ۽ روايتن ۾ اچي ٿو. پر ادبي اهڃاڻن ڏي به اشارا موجود آهن. انهن ۾ هڪڙا بيت سومرن جي جنگين بابت آهن، جيڪي هنن ڪنجرن، علاؤالدين جي لشڪر ۽ ڄام هالي سان ڪيون. انهن جو عرصو اندازاً 1150ع کان 1250ع آهي. هن باري ۾ پڻ، ياڻن ۽ سگهڙن جون ٻڌل ڳاهون زباني روايتن مان تحرير ۾ آيون آهن. ڪي جنگين واري دؤر ۾ چيون ويون هونديون ته ڪي پوءِ جي سگهڙن ٻڌي سٽي چيون هونديون. سگهڙ هنن ڳالهين جا راوي آهن. انهن جي روايتن ۾ هر ڳالهه، هر قصي ۽ ڳاهن وغيره جو بنيادي ڍانچو بيشڪ ملي ٿو. پر سرسري ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ ۽ انهن کي تاريخ سمجهڻ صحيح نه آهي. هنن جي بيان ڪيل روايتن ۾ جيڪي بيان ٿيو سو تيمر تاريخي داستان چالو ڪيو.
>
> عربن جي اچڻ کان اڳ جو ڪو نمايان ادب دستياب نه ٿيو آهي. عربي زبان سنڌيءَ تي اثر ڪيو. سنڌين عربيءَ ۾ به لکيو. اهو فطري هو. سنڌي شعر جي ابتدا جا اهم اهڃاڻ سومرن جي صاحبيءَ ۾ ملن ٿا. شعر جا نمونا هٿن تحرير ۾ اچي چڪا آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سومرن جو دور (1050-1350ع) سنڌي زبان جي ترويج ۽ عربيءَ سان علمي تعلق سبب سڀاڳو ثابت ٿيو. سنڌي عوام جي مادري زبان هئي. واقعات ۽ حادثات جو رد عمل سنڌيءَ ۾ شعرن رستي ظاهر ٿيو. جنگين جو احوال ڳاهن رستي مشهور ٿيو. سومرن جي دور ۾ سنڌي پنهنجين موجوده سرحدن کان وڌيڪ پري خاص طور اتر ۽ ڏکڻ اوڀر سان رابطي ۾ آئي. ٻوليءَ جو رابطو وڌيو ۽ ادب منظر تي ۽ سنڌي شعر نظر آيو.

ٻارهين ۽ تيرهين صدي عيسوي کان ڪئي اهم شخصيتون، درويش ۽ صوفي ملتان کان وٺي ٺٽي تائين خلق خدا جي روحاني تربيت ڪرڻ ۾ مصروف نظر اچن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ انهن هستين ۾ حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني (1182-1262ع) پاڪ پتن جي بابا فريد الدين گنج شڪر (1173-1275ع)، اچ جو سيد جلال بخاري، شيخ قلندر لعل شهباز (وفات 1272ع) ۽ شيخ حسين عرف پير پٺو (وفات 1248ع) جو خصوصي ذڪر ڪري ٿو. انهن جي روحاني تربيت ۽ ذڪر فڪر توڙي سماع جا سلسلا هليا. هن سلسلي ۾ سماع جو حوالي سان ڪن قوالن جا نالا به اچن ٿا. خاص طور قوال حسن سنڌي حضرت غوث شيخ بهاءُ الدين جي پيرڙي شاعر رڪن عالم جي ڏينهن ۾ هو. بابا فريد جا دوها به ڳايا ويا. انهن جي زبان سنڌي ڳاڙڙ آهي. انهيءَ کان سواءِ اهو به گمان ڪيو ويو آهي ته هي دوها بابا فريد جي جانشين فريد ثانيءَ جا به ٿي سگهن ٿا. هنن دوهن جا ترجما به ٿيا آهن ۽ سنڌي بيتن جي صورت ۾ شاهه جي رسالي ۽ ٻين روايتن ۾ ملن ٿا. مثال طور ٻه دوها ۽ انهن جي سنڌي صورت هيءَ آهي:

(1)

سرور پنکي هيڪڙو، ڦاهي وال پچاس
اهو تن لهري ڳڏ ٿيا، سچي تيري آس.

سنڌي صورت

سر ۾ پکي هيڪڙو، ڦاهيري پنجاهه
ڪي آس الله، لٿي لهرين وچ ۾.

(2)

اتي ٽڪي جنگليم، ٿل ڏونگر ڀوميم
اڄ فريدا اي ڪوجڙا، سو ڪوهان ٿيوم

سنڌي صورت

ٿر ڏونگر ٻيرو، هيي سيي مٿاڙيا
اڳ اسي هڪڙو، هاڻي هن جهاز ڪيي

آغا سليم بابا فريد جي دوهن کي ٽنين صورتن ۾ آڻي سان گڏ سنڌيءَ ۾ ترجمو به ڪيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هنن دوهن ۾ سنڌي لفظن جي هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي. بهرحال هنن دوهن جي ڦهلاءَ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته تيرهين صدي عيسويءَ جي هي روايت عظيم تر سنڌ جي هڪ شعري روايت آهي. هنن دوهن ۾ مسائل روحاني تعليم شعري روايت کي به هٿي ڏني آهي. تنهن سان گڏ تبليغ، تعليم، سماع ۽ شعر جي ماحول جي پرورش ٿي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌي ادب جي تاريخ لکندڙ محققن، سومرن جي دؤر جي جنگي داستانن توڙي رومانوي داستانن بابت پڙهن ۽ ٻانن جي چيل شعرن کي سنڌ جي اوائلي شاعري قرار ڏيندي، انهن کي ئي بنيادي سنڌي ادب ۾ شامل ڪيو آهي، توڙي جو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ انهيءَ شاعري کي اوائلي شاعري يا سومرن جي دؤر جي شاعري تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. سومرن جي دؤر جي جنگين، جن ۾ دودي سومري جي جنگ، سومرن ۽ ڪڇن جون لڙائيون، چامر هالي ۽ همير سومري جي جنگ توڙي عشقيه داستانن ڏمڻ سوناري، سسئي پنهون، مومل راڻو ۽ عمر مارئي بابت چيل بيتن کي سومرن جي دؤر جي شاعري قرار ڏيئي سنڌي ادب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي تاريخ“ ۾ دودي چنيسر جي جنگ بابت چيل شعرن کي سنڌ جي اوائلي شاعري قرار ڏيندي لکيو آهي ته:

> سومرن جي دؤر جي هڪ ٻئي روايت دودي چنيسر جي جنگ، سومرن جون ڪڇن ۽ چامر هالي سان جنگيون ۽ چاوڙن سان معرڪا اهم آهن. انهن بابت پڙهن ٻانن جون ڳاهون مقبول ٿيون. سنڌي جي تاريخ ۾ هن معرڪن جو ذڪر موجود آهي. شعري روايت ۾ ڳاهون موجود آهن. سگهڙن انهن کي ٻيلي ورجايو آهي. انهن ڳاهن کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ڍرڳو لوڪ ادب رتا ۾ ميڙيا ڪيو آهي، ۽ پنهنجي عظيم المثال تصنيف سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ هڪ پورو ورق ۽ چٽو ڪيو آهي. اهو ته چئي سگهجي ته پڙهن ٻانن جون چيل ۽ ورجايل هي ڳاهون واقعات رونما ٿيڻ واري وقت جون آهن يا پوءِ تخليق ٿيون، بهرحال انهن مان چوندا اهي آهن، جن ۾ واقعات ڏي اشارا موجود آهن.

پڙهني ڏيساڻ پت ڪني، پيو ڙ ڇيو پيو
ان در هتي اڙ، سومري پتڙ ڪيراڙو.

سهڙ سپاهر سومرو، پتنگر — ڏي ڪيتاه
پسي چنم پاتاسري، جيڪر سر جنگاه.

ڏيو جاتا سون جنا، هسن آڪي ارٽ
اڳ مالنديون ابسري، وڌي ڪٿهن ورٽ

سرسون اهنعر سومرن، جي سرٿيون ڪيان سي
سوج سنون ته ايسري، ترسي تاج ته ڏي.

الا آڏي هتي ابڙي، تو چليون ڏالڪ
ڪهواڙي ڪتا ته ڦيرس، ماري ها حلق

اب سب ڪتهن اچو، اب ته اچو ڪٺو
هنئي ته هتي ڏهو، سورهيه سر ستلرو

سومري حاڪم پوتنگر سومري جي پٽن دودي ۽ چنيسر جو پڳ تان تڪرار ٿيو، چڱن مڙسن ڀاران دودي سومري کي پڳ ٻڌرائي وئي، جيڪا ڳالهه چنيسر کي نه وڻي ۽ پنهنجي ئي ڀاءُ دودي سومري خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ دهليءَ جي حڪمران علاءُ الدين خلجي کان مدد

http://soorihsindhiadab.website.2.me

گهرايائين. روايتن موجب انهيءَ مدد ڪرڻ عيوض چنيسر پنهنجي ڀيڻ ٻاگهي جو سڱ به علاءُ الدين خلجي کي آڇ ڪيو. دودي ۽ چنيسر جي جنگ جي تڪرار بابت ڪيترا شعر چيل آهن. روايتن موجب چنيسر جي چوڻ تي علاءُ الدين دودي سان وڙهڻ لاءِ سنڌ تي ڪاهه ڪئي.

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تجزيو قابل غور آهي:

"سنڌ جي موجوده عام مقبول روايتن ۾ سومرن جي دور جي ڪن مشهور ڳالهين ۾ سومرن حاڪمن ۽ ٻين سردارن جي سورهيائيءَ بابت ڪافي داستان ۽ ڳاهون ۽ بيت ملن ٿا. ٻين مان گهڻا ئي جيتوڻيڪ پوئين دور جي قصي خوان پاڻان پڙهي، چارڻن ۽ ٻين سگهڙن جا چيل ٿا ڀانئجن. پر ڪي ڳاهون وارا بيت ٺهرا آهن، جي تاريخي اعتبار کان ڪن ٻولي جي قدامت جي لحاظ سان ڪافي "اڳ کان معلوم ٿين ٿا" ۽ "گمان غالب آهي ته اهي سومرن جي دور جا چيل آهن" ۽ مسلسل سيني روايتن ذريعي سيني به سيني اسان تائين پهتا آهن. اهي ڳاهون وڏا تاريخي بيت خصوصاً سومرن جي دور جي انهن مشهور معرڪن، سومرن ۽ ڪڇ جي لاکن، سومرن ۽ سلطان علاؤالدين جي لشڪر جي جنگين ۽ آخري سومري بادشاهه همير سان چانڊ هاليءَ ۽ سنڌيسن پٽن جي مقابلن سان تعلق رکن ٿا."

پروفيسر لطف الله بدوي "تذڪره لطفي" ۾ دودي چنيسر جي رزمي قصي سان واسطو رکندڙ بيتن کي ٻن ڪان ڪتابن مان ڪي ٻن حصن ڪري به هن دور جا بيت مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي. سنڌين ان دليل کي نه تسليم ڪيو ته به اهي بيت هن دور جي ٻين قصن، سنڌي داستانن ۽ واقعن جي پرڪا وارن بيتن جي شعري ڪلام ۽ ٻين عالمن تاريخي اهميت سان موجود نه آهن. شاهه پناتي سر ڏهر ۾ لاکي ڦلاڻيءَ جو ذڪر ڪيو، پڙهياريءَ ۾ سوڍي کي سار ڪيو ۽ ملاري ۾ چانڊ ڪجهري کي ڳايو ۽ ٺٽي ۽ علاؤ الدين وغيره جو ذڪر ڪيو ته اهو ڪلام انهن مان جي دور جو ته نه سڀ هن سلسلي ۾ حلقاتي انهن پنجا مورخ ۽ ٻين محققن جو تجزيو ڪرڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو.

جيئن ته دودي ۽ چنيسر جي رزميه داستان بابت عام مشهوري اها آهي ته ان زماني جي شاعرن اهو چيو آهي. دودي جي ڳالهه ڪرڻ وارن ڪلهوڙن ۽ پٺاڻن پڻ هي داستان ڪجهه ٻين ۾ پڻ ڳايو آهي. ان ڪري هن داستان جو ادبي جائزو وٺڻ مناسب ٿيندو.

پوءِ سومرن جي ٻن پٽن دودي ۽ چنيسر جي پڳ تان تڪرار ٿيو ۽ چنيسر ان مايوس ٿي، دهليءَ جي حاڪم جي مدد ورتي هئي. زبردست لڙائي لڳي. سومرن جون سامونڊ اٿڻ جهڙيون ۽ آخر ۾ جن جي سرمٿي ٿي تن ۽ پهچايو ته گهر ۽ معاملي لاءِ غير کي جالائي اياسين. خون خرابو ٿيو، پنهنجو گهر تباهه ڪيوسين ۽ ٻاگهي جي واٽهن تي ته مٽيءَ ٿيو. دودو شهيد ٿي ويو. ڪيترائي واقعا آهن، جن کي شاعرن ڳايو آهي.

تڪرار کان اڳ ٻاگهي راڻي چنيسر کي آئي جي صلاح ڏني. چنيسر سان سگهڙ هن ريت مخاطب ٿئي ٿو:

ويهه پچائي پنهنجي جنسي، آ چنيسر آءُ،
ٻياگهه ستائر ڏنهنجيس، تنهن کي پاسي چنيسر ساءُ.

چنيسر جواب ڏنو:

اٿين سهيو ڪتريس سياه جيو، ته ڪهڙي اچان گهراءُ.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

وڏي جا ورهين جي، پچيس اڳيان تنهن مٿي،
جهڪا ڏي سلام، سا قبول ڪريان اکين سان.

چنيسر گهر آيو ته سردارن ڏٺو ته هي زنانو ڪپڙو راڄ هلائيندو، جنهن پڳ لاهي ڪيران پيرن ۾ رکي آهي! ان ڪري دودي کي ڪٺي پڳ ٻڌائي. سگهڙ چيو:

پهرين پوڻيان پا ڳري، دودا پڳ پهرو راڻا،
راڄ لاءِ ڪجهن منگيا، منگيا ڏيجن ڏاند،
پالي ڳچي پاڻ سان، دودل تنين مڃائيو.

دودي پڳ پاتي وارو فيصلو مڃيو ۽ سردارن کيس پڳ ٻڌائي:

سمان، سومرا، سومرا، راڄ جت مسلوڪ،
خلقون ات آهين، دودي جي دربار ۾.

چنيسر موٽي دربار ۾ ويو ته دودو پڳ ٻڌي ويٺو هو، ۽ هو ڪاوڙ ۾ گهر موٽيو. پيءُ ته ماءُ کي، جو کيس ريشمي ڪپڙا ۽ پائيندو ته سنڌ لاءِ لائق ماءُ چيو:

سوڙ چنيسر ڪئين پٺ ڪري، ڇو ٿي پاڻ تنهن ڏي،
ويهي اٿي وچ ۾، پاڻ ڏين ڪنهن تيهه،
هاڻي سلاح اٿي هي، ته گهر ويهي ڪاليون ڪريان.

جواب چيو:

جاهي چنگيان نه چنين، ڪانڌ منهنجي ڪي،
اڳي هيرسين ته چئيون، هاڻي ليرسين ٿي،
سن ويهي اٿين وچ ۾، پاڻ ڏيندين ڪئي ڏي،
مر گهر جو خمر ڪري، هي جا چاڻي راڄ مان.

کيس ٿيائي واري ڏاڻي چيو:

دماما ڪن ڏنگيون، پالا پچي پار،
گهوڙا پيڙا وڪي، ڏن رڻ جي ڏار،
سالو لشڪر جيڀ ۾، گهڻندر گهڻا چار،
پي ڪهڙي ڪنڌين ڪار، ٿين جا چاڻين راڄ مان.

پوءِ جي هن ڳالهه سان ڳالهه چنيسر جو دعلي، مان لشڪر دلي اچي ۽ جنگ جو بيان ڪندي ۽ سگهڙن گهڻا ٻڌايا ڪرتهي. تنگر جي مقابلي ۾ مارجي رڻ بابت بيت آهي:

تنگس، مغل پالا ۾، چڙهي ڏٺي جسوت،
وڃي پٺ جيهون ڪري، گهڻا مار پالون گهوٽ،
پٺا پير ۽ لوٺ، تنگر مارين ماڳ ۾.

سالار، ابڙي ۽ پاٺي سپڙ سان مقابلو ڪيو:

ساٿين ساٿيهي ۽ وار، چلي آيا چوگان ۾،
ٿيلي مستهون ماٺهن ڪي، گهيائون مارو مار،
سپڙ ۽ سالار، پسورت ڪئي پسان ۾

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پاڳ فقير سومرن جون ساموئون ابڙي وٽ وٺي ويو، جنهن ساموئون جهليون ۽ ان موقعي جون ڳاهون آهن:

ابڙاڻي جا ابڙا، تو کي دودي ڏنا سلام،
وڙهان ريڻ سامهون، جو تون سر جهلين سام،
آهي ٿلهجي سام، هنيءَ امانت ابڙا.

-

سهتون جي سومريون، سي پلي الصبح پاڳ،
راڻيون جي ريهاڻ جيون، هي محل تنين جو ماڳ،
سر سلامت پاڳ، ته سام نه ڏيندو ابڙو.

دودو بي لشڪر تي ويڙهيءَ تي وار ڪري لڳو ۽ گهڻيءَ ئي جنگ کان پوءِ ساڻ وڙهيو. سگهون چيو آهي ته جڏهن دودو جنگ تي ٿي چڙهيو ته وٽس واءُ ٿي ويو. زمين لرزي ٿي ۽ آسمان ٿرٿلي ۾ هو. رڻ گجيو ۽ روئي اٿيو. هي سورهيه وطن لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو ڏيڻ پهچي، جنهن سنڌ لاءِ ڳوراڻي حق ڪيو ۽ پشيمان ٿيو:

پهريان پيئي نه چيت، پوءِ ٿيو ٿلهي ڏڪ،
دودو سماڻي ڪري، ڪئو نه پسندين سنگ،
تو جهڙو پر ڪ، ڪيدي ڏئر نه ڪتڻ.

ابڙي سامن تي سر ڏيڻ پالو موڪيو ۽ سنڌ جو تنهائي پڻ ڏونگر ساموئن ڏيڻ کان انڪار ڪيو

"ڏيهن سيتي ڏينسون، ڏينسون نه ڏونگر راهه"

پڻ ۽ پاڻ جي گابل هنن بيتن جي مختلف روايتن ۾ به فرق آهي، فني لحاظ کان هي بيت اعلى شاعريءَ جو نمونو نه آهن. هنن بيتن ۾ ڪنهن حد تائين رزم جو چڱو زور آهي. هتي فقط نموني طور ڪي بيت آندا ويا آهن ۽ سنڌي شعر جي تاريخ ۾ پوءِ ۽ ڪيترا بيت هن قصي تي چيا ويا آهن، جن ۾ شاهه عنايت، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مستي رند ۽ ٻيا شاعر اچن ٿا. ان ڪري هنن بيتن کي اکيون بند ڪري سومرن جي دور جا بيت چوڻ صحيح نه ٿيندو. اهڙي طرح گنجن سان لڙائيءَ بابت به ڳاهون موجود آهن.
مثال طور:

جسر نه ڪتي ڪنگرين، واڻ نه ڪندين وسن،
ڪولي وهندي گجرين، ته به چوندا دودي پين.

قديم بيتن جي سلسلي ۾ ڪجهه بيت محترم پير حسام الدين راشديءَ، سيد عبدالقادر جي ڪتاب "حديقة الاولياء" جي مقدمي ۾ ڏنا آهن. انهي مان هيءُ آهن:

ڪتين لنان همار ٿين، سرين نه وڃين واهه،
پاڻهي منجهين هڪڙي، چڱي نه لڳي ڪاهه،
(سيد بدر الدين بن سيد محمد مڪي ٻکري)

ڪهنو ٿئم ڪيڙو، سگهون ڪهين سهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

نظر ٿڙيمر مهر جي، تنهن ٿان مير لهي،
اڄ پاريوس اسوي، پراتسو پرتسو اٿسي.

—

پسو کيمر سرڌ، ٿسي پسو ڇانيو،
لهو اوڙانيو، مون کي اهو ٿيسٿهن جسو.
(مخدوم ٻيهات لوائي)

وسيين ٿان ورس، عالمر لکيسوني اسري،
هاڻي ڪيمر ترس، جو منڌون سوڻي آئيون،
(ساڻڪ سڄيوڙ، واده ڊاهي ابراهيم)

سنڌي شعر جي تاريخ تي تحقيق دوران محققن کي شروعات ۾ جيڪي شعر ملن ٿا، اهي ڳاهه جي صورت ۾ موجود آهن. ڳاهون اڪثر ڪري لوڪ داستان ۽ جنگي داستانن تي چيون ويون آهن. ڳاهن بابت محققن جو رايو آهي ته اهي قديم زماني، يعني سومرن جي دور جون آهن. ڳاهه هوندي به سنڌي شاعري جي اوائلي صنف آهي. هيٺ اهڙي قسم جون ڪجهه قديم ڳاهون ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" ۾ نموني طور پيش ڪيون آهن. جيڪي لوڪ داستانن ۾ چيون ويون آهن. جيتوڻيڪ ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي هنن ڳاهن کي ٻيهڪ ٽوڙي ٻولي جي لحاظ کان سومرن جي دور کان پوءِ جون ڳاهون هئڻ جو شڪ ظاهر ڪري ٿو، انهيءَ باوجود هن اهي ڳاهون ڪن محققن جي راءِ مطابق قديم زماني يعني سومرن جي دور جون قرار ڏيندي پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيون آهن. هيٺ اهڙي قسم جون ڪجهه ڳاهون نموني طور پيش ڪجن ٿيون، جيڪي رومانوي ۽ جنگي داستانن تي ٻڌل آهن:

1. ڏمڻ سونارو

هي هڪ ٻيو عشقيه قصو آهي، جنهن ۾ اروڙ جي راجا دلوراءِ جي وزير "ڏمڻ سوناري" جي پٽ جي محبت راجا دلوراءِ جي ڌيءَ سان ڏيکاريل آهي. ان قصي جي وچ تي ڳاهون مليون ٿيون، جن مان هڪ هتي ڏجي ٿي. تداول آهي ته، اهو بيت اٿي سنڌي ٽوڙي ٻوليءَ جي لحاظ کان ان دور جو آهي:

جاڳ سڀاڳ ستير ٿي، تون سولو ڏارو ڏار،
پنج اڳهٽي مارئا، هي سهاڳ جو سهاڳ.

2. سسئي پنهون

سسئي پنهون جي قصي بابت ۽ ڳاهه ملن ٿا. مشهور انگريز مصنف رچرڊ برٽن سسئي پنهون جي ڪهاڻي بيان ڪندي وچ وچ تي ڳاهه آندا آهن، جيڪي قديم معلوم ٿين ٿا. ۽ ڳاهه نموني طور ڏجن ٿا:

جي ٿا چندن، ڪيوڙا، مون سان وڪر جون ونهيون،
سل مهانگي آ آيان، پسون ڪتيسو پهڻون.

—

آءٌ ڪچاڙو آهيان، جي ٿسون مون ۾ ٽليوم،
تنهنجي سونهن جون، مون کي چانيهون وائيوم.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

3. مومل راڻو

مومل راڻي جي نيم تاريخي داستان بابت ڪيترا ڳاهه ملن ٿا. هيٺين ڳاهه جيڪا "ڏاتر" جي زباني چوراڻي رهي آهي، سا اڃا معلوم ٿئي ٿي. ڳاهه هن طرح آهي:

اٿون پاڻهي، راڻيون پنهون، مومل ميڙين مڙهل،
سنڌي ڪاڪ ڪنڌيءَ، آهي ڪنڌين هنل.

جنگي داستانن تي ٻڌل شاعريءَ کي رزميه شاعري چيو ويندو آهي. سومرن جي حڪمراني واري دور ۾ ٿيل جنگين، سومرن ۽ گجرن جي لڙاين، دودي ۽ چنيسر جي جنگ، ڄام هالي ۽ همير سومري جي جنگ تي ۽ انهيءَ دور جي شاعرن رزميه ڳاهون چيون آهن. رزميه ڳاهه ۽ قديم سنڌي شاعريءَ جي صنف آهي. رزميه قصن تي ٻڌل ڳاهن کي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سومرن جي دور جون ڳاهون قرار ڏنو آهي. انهيءَ حوالي سان هو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

> رزميه قصن جي وچ تي ۽ ڳاهون ملن ٿيون. جن مان ڪي ڳاهون ان دور جون چئي سگهجن ٿيون. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ رزميه شاعريءَ جو وجود ۽ موجود هو. نموني طور ڪجهه ڳاهون ۽ رزميه جو تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

1. سومرن ۽ گجرن جون لڙايون

هيءَ لڙايون 1150ع کان 1250ع واري عرصي ۾ لڳيون. انهن لڙاين ۾ سما، سومرن جا ساٿاري هئا. هڪ مقابلو همير سومري جي ڏينهن ۾ ٺٽي جي سمي ڄام پونشري ۽ گجرن جي سردار "ڏيهر" گجر جي وچ ۾ ٿيو. ان رزميه داستان وچ تي هيءَ ڳاهه ملي ٿي:

پونشري ڪيا پرياڻ، پرڙي تي پرپيا،
ٽئي وڃي وڙايون، لوڙيون لکڻ ٿان،

هڪ ڀيرو صلح ٿيو ۽ سومري حاڪم پونگر گجرن کي سڱ ڏيڻو ڪيو. پونگر جي پٽ "ڏونگر راءِ" صاف انڪار ڪيو. انهيءَ ڪري گجرن سومرن تي ڪاهيو. ڏونگر جو پاڻ دودي سان ڪاوڙيل هو ۽ دلو راءِ وٽ وڃي رهيو هو. ڏونگر دودي ڏانهن نياپو موڪليو. پر جيئن ته دودو ڪاوڙيل هو، تنهن ڪري چارڻ کي چيائين، "جيڪڏهن ميڻا ٿيا آهن ته ڪنهن پاڻهيءَ جو سڱ ڏيئي ڪٽي صلح ڪن." ان تي چارڻ چيو:

جي نه ڪٽن ڪينگرين، راٿوڙ نه ڳنڍين ويٺ،
گسولي وڃي گجرين، ته چئندا دودي پيٺ.

2. دودي چنيسر جي جنگ

هيءَ جنگ چوڏهين صدي عيسوي جي اوائل (1313ع) ۾ ٿي، جنهن کي "ٻاگهو" نالي پاڻ ڳائي وڄائي مشهور ڪيو. هن قصي ۾ سگهاري سومرن جي بهادريءَ سان گڏ ابڙي جي سورهيائيءَ کي به ساراهيو آهي، جنهن سومرين جي سام جهليندي سر ڏنو هو. ان قصي جون ڪجهه ڳاهون هيٺ ڏجن ٿيون، جن بابت ماهرن جو اندازو آهي ته ان دور جون چئي سگهجن ٿيون.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ٻ ابرو اهنگ، او ڏونگر تي ڏيهه پيس،
۽ ٻيرا چاڙهر جنگ، جو سرتين سرڪنا سهي،

اي سبڪتين اڀمس، ابي ته اڀمس هڪس،
مٿي به مٿي ڏيهو، سورهي سر مستڪ،

آءٌ آڏي هٿي ابڙي، ته چليس ٿڪ لک،
گهوڙا ڪشتا نه ڪيري، ماري او خلق،

ٻاٽي پاٽي ڏينهڙا، لڳا ڏونگر راهه سٽي،
سرڊن اچي ساهرو، پٽاڙ ٻيگ هٿي

هن واقعي بابت تاريخ مان ايترو معلوم ٿئي ٿو ته هندستان جي بادشاهه سلطان علاؤ الدين (1225–1315ع) جي سپهه سالار ظفر خان 697هه (1297–1236ع) ڌاري سنڌ تي چڙهائي ڪئي، ان کي عوامي ٻٽن ۽ پاڻ سلطان علاؤ الدين جي جنگ سمجهي ڳايو. جنهن ۾ هي ٻه ڌاريئن جي ڪاهه هئي، تنهن ڪري اڄ تائين اهي اهڃاڻ سمجهي وڃي ٿي.

٣_ ڄام عالي ۽ همير سومري جي جنگ

ٺردڙي جي پٽ همير، عمرڪوٽ کي پنهنجي گادي ۽ جو هنڌ بڻايو هو. ڄام عالي سمي جي ڌيءُ ٻاگهي سنڌس گهر ۾ هئي. ٻاگهي ۽ جي ڀاءُ ”هوٿي“ جي دل همير جي پٽ ”جيجڙي“ تي هرکجي پيئي ۽ ”عالي“ ”همير“ کان سڱ گهريو. جنهن انڪار ڪيو. ان تي ٻنهي جي وچ ۾ اڻبڻت ٿي پيئي، ۽ همير ڪاوڙجي ٻاگهي ۽ کي ڪوٽ مان ڪڍي ڇڏيو. ٻاگهي جي ۽ وٽ ڪو نه رهئي، پر عالي خدمتگار ”سيڪڙي“ سان ٻاهر حويلي ٺاهي رهڻ ڏيئي. همير جا ماڻهو کين ستائڻ لڳا، جن سان سيڪڙو ساٿهوڻ ٿيو، پر ماريو ويو. ان تي ٻاگهي ۽ ٻي کي جيڪو پيغام موڪليو، ان کي سگهڙن هن طرح منظوم ڪيو آهي:

پل پاڻ ٻاڻهو مٿو، هٿو سواڻ مڙسان رويس،
هيري رتاس ڳنڍڙا، هرس ڪٽاني سر تو ڳس،
سواهيو سوتين چانئس، هرس پر پر سوتين پوٽ.

ان تي ڄام عالي جا پٽ هوٿي، علي، پلي ۽ ٻيا چڙهي آيا.

پلي پساتي نه ويئي، علي ان نه ڪساءِ،
هميراتي ڪوٽ سان، جان جاڙ جنگ نه ڪياءِ

ان جنگ ۾ ڄام عالي جي فتح ٿي ۽ همير سومرو ماريو ويو. پر هوٿي به ماريو ويو، جنهن تي ٻاگهي ۽ ٻار ڪڍيو:

هوٿي ۽ جي ڦٽي ۽ ڪي، هو ڳيور ڳيور ڳل،
سڀ سرن سومرا، ٿيو ڪنوهي ڦٽي ۽ ڪل.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

وٺين جهڙيون نه رهي، هونئن ۽ سنڌو گهاٽ،
ڪوڙ ته پراڻيندو پاٽ، تنهن ساڻ رهي ساموءِ

سومرن جي دؤر جي شاعرن جي مليل شاعريءَ ۾ انهيءَ دؤر جي سورهين، سخين ۽ سردارن جي ساراهه ۾ به بيت چيل آهن. سمن سردارن ۽ پنهنجي سخين جي ساراهه ۾ بيت مليا آهن. جن شاعرن سنڌن ساراهه ۾ بيت چيا آهن، انهن ۾ سنگ چارڻ جو نالو سرفهرست آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب ۾ سورهين ۽ سخين جي ساراهه ۾ چيل بيتن جي حوالي سان لکي ٿو ته:

> سومرن جي ڏينهن ۾ سمن جون سرداريون هيون. جيڪي سورهيه سردار هجڻ سان سخي مرد به هئا. سگهڙن سنڌن سخاوت ۽ سورهيائيءَ جي ساراهه ڪئي آهي. سخاوت جي سلسلي ۾ ڪجهه ڏاتار مشهور ٿيا. جن ۾ ڪي سومرن جي ڏينهن ۾ ٿي گذريا آهن. جهڙوڪ لاکو ڦلاڻي، ونجهو ڏاتار، جکرو اوڍائي، اوٺو جکراڻي، سپڙ چوٽاڻي، هنڌ ڏاتار، لاکو سورهيه ۽ سخي به هو، ته سرڪش به هو. سنڌس چوڻ هو ته جيڪو ڪير به ڦل جي مرڻ جي خبر پڌائيندو، ان جي زبان وڍائي ڇڏيندو. هڪ ڀيرو اتفاق سان مٿس هن بيت ذريعي ڪير خبر پڌائي:

[illegible]،
لاکا! [illegible].

(يعني [illegible] ڦل (ڳل) واٽين ۾، ٻيا ڦل (ڳل) [illegible] آسمان تا. يعني "ڦل" [illegible] لاکا! [illegible] جو تو کان سواءِ ڪڇ سنجو آهي.)
چانڊ سپڙ چوٽاڻيءَ جي سخا جي ساراهه ۾ سنگ چارڻ چيو:

[illegible]،
سپڙ ساڻ [illegible] چارڻ چيت ۾.

چانڊ جکري اوڍائي جي ساراهه ۾ سنگ چارڻ هي بيت چيو آهي:

چڙهي سيڙي سانگ، [illegible]،
[illegible]، چانڊ اوڍائي جکرو.

چانڊ اوٺي جکراڻي سوالن کي مال جا ڳ به ڏان ۾ ڏنا هئا.
سنگ چارڻ سنڌس ساراهه ۾ بيت ڏنو:

اوٺي جهڙي ڏاتار، [illegible]،
[illegible]، ڏاتار [illegible].

(اوٺي جيڪي ... ڏان ۾ ڏنا. انهن جي [illegible] جي کوڙ آسمان تائين [illegible]
(ڪڇ) راڄن جا [illegible] ڏاتار [illegible].)
ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته انهن ڏينهن ۾ سورهيه ۽ سخي مردن جي ساراهه ۾ بيتن چوڻ جو عام رواج هو. ان سان گڏ ڀٽن ۽ ڀاٽن ۾ [illegible] ڪجهه هئي ته، جيڪو حاڪم ۽ سردار [illegible] ڪان [illegible] هو، يا ڀٽن ۽ ڀاٽن کي [illegible] هو ته، ان کي [illegible]

هجوءَ بيت به چيا ويندا هئا. جيئن ته سومرا سخي ڪو نه هئا، تنهن ڪري هڪ سگهڙ سومرن کي هن طرح ننديو آهي:

سخي ڦيسي، پيا سومرا، اڙ ڦسي، پير لنڊ،
جيسيٽي چارڻ جهرڪ، ته ته لڳو پياڻي لاکون ڪري

(جيڪڏهن اڙ ڦٽ پيٽي جهان تي، ته سخي ڦٽ سومرن تي، چاڪان جو سنڌن ڪُوڙت ۽ بستين جي باهه. جهرڪ ۽ بلي جهڙي ٿي رهي. ماڻي پين وقتن تي لاکون ڪيو پيٽي پري.)
اروڙ جي حاڪم همير سان سنگ چارڻ جو ساڙ هو. چاڪان جو هڪ پيري هن قيد ڪيو هيس. هڪ بيت ۾ همير کي هن طرح ننديو اٿس:

سنڌوءَ هيو سوجهرو، الشهين، ٿي اونداهه
همير السي ناهه، ڊسائي ورهئين ڪنهي

(يعني: پهرين پکي دلور راءِ کان وٺي پوئنگر تائين سنڌ تي راڄ روشن هئا، پر الٽ پڪدار "همير" اونده ڪري ڇڏي.)
هڪ پيري سنڌ جي جام لاکي جي پٽ ڦل هڪ چارڻ کي ڪجهه گهوڙا انعام ڏنا، جيڪي دور راءِ سومري جي سازش سان چورائجي ويا. انهيءَ ڪري پنهنجي تي چارڻ چنيسر کي هن طرح چيائين:

ڊري دوري راءِ، جنهين چارڻ سان ڪاهه،
پکن پٽي جيو ڦيو، سيج ونڊيو ساهه،
همير ان پور ڪهه، راڄ نه ڪندا سومرا.

هي بيت ۽ روايت جيتوڻيڪ گرهشتر ۽ ٻين شهر جي بيان هيٺ آيل آهي. انهن ستن ۾ سنڌ جي ثقافت، تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو نهايت قيمتي سرمايو سانڍيل آهي. انهن مان ستاين جي سخاوت ۽ سورهياڻي جي خبر پوي ٿي ته تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي وچايل وقتن جي به نشاندهي ٿئي ٿي.
سومرن جي دور جو ٻيو شعري ذخيرو اسماعيلي فرقي جي داعين جو ڪلام آهي، جن ڪلام کي گنان چيو وڃي ٿو. انهن ۾ پير نورالدين، پير صدرالدين ۽ ٻين جو ڪلام اچي وڃي ٿو. انهن جو ڪلام سنڌيءَ کانسواءِ ٻين ٻولين ۾ به آهي، ڪڇي، گجراتي، هندي ۽ سرائيڪي زبانن ۾. ڪٿي هڪ کان وڌيڪ زبانن جي آميزش سان به هي ڪلام موجود آهي.
اسماعيلي پيرن جا گنان مرزا قليچ بيگ کان وٺي مختلف ليکڪن ڇاپائي شايع ڪيا آهن. ماضي قريب ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا پهرياڻين رسالي مهراڻ ۾ ۽ پوءِ ششماهي مهراڻ (1-2/1960ع) ۾ سومرن جي دور جي سنڌي شاعري جي عنوان سان مقالو لکي هن سلسلي کي وڌايو. ست گر نور (نورالدين) پير حسن ڪبيرالدين ۽ ٻين اسماعيل پيرن جي ڪلام جي روايتن جي صحت ۾ ڊاڪٽر بلوچ شڪ ظاهر ڪيو ۽ لکيائين ته نه رڳو پيرن جي جنم ۽ وفات ڪرڻ جي سالن ۾ شڪ آهي، پر ڪلام جي روايتن ۽ پڙهڻين ۾ به اختلاف آهي. انهن سان گڏ گنانن جا متن به بدليا رهيا آهن. ڊاڪٽر صاحب البت پير صدرالدين ۽ پير حسن ڪبيرالدين جي ڪلام کي سنڌي زبان جي اڳاٽي شعر جي مطالعي جي سلسلي ۾ اهم ڄاتو آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

اسماعيلي فرقي وٽ زبان جي تعين جي قطع نظر سڀ گنان اهم ۽ مقدس آهن. انهن کي جماعت خاني ۾، يا ڪن خاص موقعن تي پڙهيو (پڙهيو) ويندو هو. گنانن مان گهڻا هيئت ۽ گائڪيءَ جي لحاظ کان هڪ صنف بڻجي ٿي به آهي.

اسماعيلي داعي جيڪو ايران کان 1079ع ۾ پهرين هندوستان ۽ پوءِ سنڌ ۾ آيو، سو پير نورالدين يا ست گر نور هو. ڊاڪٽر الانا جي لکڻ موجب هن بزرگ هندي ۽ گجراتي، ملتاني، لاڙي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪلام چيو.

ست گر نور جي هندي دوهن سان گڏ جيڪو سنڌي دوهو نروار ٿيو آهي، اهو هي آهي:

> پن ڪلمي پند ڪي ڪرو، تو پند ڪي سچي سار،
> جيون ٿئي اندر اجالا، آخر اجوراس.

جنهن شاعر زبان ۽ بيان جي لحاظ کان هڪ الڳ مقام حاصل ڪيو سو پير صدرالدين آهي. هو 1290ع ۾ سبزوار (ايران) ۾ ڄائو ۽ 1409ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار اُچ شريف جي ويجهو آهي. هو پنهنجي وقت جي امام شاه اسلام شاه جي حڪم موجب اسماعيلي فڪر جي دعوت ڏيڻ لاءِ هند سنڌ آيو ۽ لاڙ ۾ ڪوٽڙي الله رکيو شاه ۾ مرڪز قائم ڪيائين. تبليغ ۽ دعوت جي سلسلي ۾ هن فلسفي جي دليلن کي نظر ۾ رکي ويدانت جي اصولن کي به مدنظر رکي هندن تي اثر انداز ٿيو ۽ گهڻا ماڻهو مسلمان ٿيا. هڪ دليل هي ڏنائين ته:

> گنگا ڪي سنا ڄڙي، گنگا ماهه رهسوي
> آخر هيرو گنتريا

ڏل صاف ڪرڻ جي باري ۾ فرمائي ٿو:

> پير صدرالدين پڙهيا، ڪرتي اپنا من سمجهائي
> ڪهوا ڪوريا تو ڪيا هتا، ڏل ڦرتي سو پائي.

پير صدرالدين جي سنڌي زبان کان علاوه 7 ٻين زبانن ۾ گهڻو ئي ڪلام آهي. هيئت جي لحاظ کان سندس گهڻيون گنان تمام اهم آهن. هن گنان ۾ وائي ڪافيءَ وانگر ورائي، ٿل استائي موجود آهي. هر بند کان پوءِ اهو ورجاءُ اسان کي سنڌي وائي ۽ ڪافيءَ جا ابتدائي اهڃاڻ پسائي ٿو:

ٿل - الي الله تو ڪهين بندا، تون ستين ساري رات
تڪنا جهوري جهيو جسي، تڪنو سمر ساٿ
شاه ميهشڙ ڏسن جي، سمجهي جاڳن.

1- سوجهي ته جاڳن، تنهن ڪي صورون ته ڏيڻ هيٺ
سي هاه هاه ڪندا هٿ هٿندا، جنن هاريءَ وڃائي وٿ

2- پانهنا تو ڄمو تکيو، ڪندن ۾ کيو
پسي رات گنگو، مر وڃائج سو

3- پانهنا تو ڄمو تکيو، ڪندن ۾ کيو
جنين سچار سور ڪيڻ تنين سريع

http://soorihsindhiadab.website.2.me

4- ڪيڏا ڇنين ڪتين، جتڙين سنڌو لسوڪ
تنين پاڻهين ڪتي وٺو، ڪِهي ڪاڻ هر شوڪ

5- جيڙو تن تيڙو اکيو، هو سنڌ ڪتيا آهين
پسو، سپاڪي سر تين وچ، ملي مرڪيا آهين

6- ڪرتا سنڌ پ ساڙين، گهر گهوڙا پنڌار
ڪين تنهنجا پاڙ سين، جيسر چلتي وار

7- پتي پير صدرالدين آئين سنڌ سومرن ويس
الڪ چڪر تن ڪي، جن مجير شاه پير شاهه مجيٺڙو

اننا جي باري ۾ فرمائي ٿو:

ڪٿي پون آڏئين گڏ سڱيون، تين تي ڪيڏا رڪا ٿين جيت
ٿهي نيد ڏرڙا ۾، تسوتي لشون ڏينهن جا مت
سن وڻجارا، هوشيار — هي من هر وڻڙو ٿو جهرلي

ڪلام ۾ پيس رتاڪڙا، ڪيا، جنين ڪتيون ۽ پيرن مصرعون لطيفي ڪلام ۽ پراڻي دور جي شعر ۾ نمايان ملن ٿيون. انهيءَ لحاظ کان چئبو ته پير صدرالدين جو ڪلام موضوع ۽ زبان جي لحاظ کان پوئين دور تي اثر انداز ٿيو ۽ هيئت جي منتظر ٻ.
اندازاً ٻارهين صدي عيسويءَ جي اوائل کان ولي پنڌرهين صديءَ جي پنجمن ڇهين ڏهاڪي واري دور ۾ اسماعيلي فقطر جي داعين جي دعوت جو سلسلو گنانن ۾ ملو اڃي ٿو. هي گنان موضوع، زبان ۽ هيئت جي لحاظ کان نهايت دلچسپ آهن. گنانن جي مستند عربي – سنڌي متن جي لئه ضرورت آهي. اهڙي متن جي اڏاڻ تي ئي مزيد مطالعو ٿي سگهي ٿو.

سمن جي حڪمراني / قاضي قادن جو دؤر:

سومرن جي حڪمرانيءَ جي پڄاڻي بعد تقريبن 1350ع ۾ سنڌ تي سمن جي حڪمرانيءَ جو دؤر شروع ٿيو. هن دؤر کي سنڌي ادب جو تعميري دؤر چيو ويندو آهي. سنڌي شاعري سان گڏ نثر ۾ ٿوان قصا ۽ داستان رونما ٿيا. هن دؤر ۾ سنڌي بيت ارتقائي سفر شروع ڪيو. الف اشباع جي شاعري لکجڻ شروع ٿي. هن دؤر ۾ سنڌيءَ سان گڏ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ پڻ شاعري ٿيڻ شروع ٿي. هن دؤر جي مليل شاعريءَ جي بنياد تي سنڌي ادب جي تاريخ لکڻ ۾ محققن کي تمام گهڻي مدد ملي. سمن جي دؤر ۾ جيڪي سنڌي شاعريءَ جا آثار ملن ٿا، انهن ۾ پڻ پاڻ جون چيل واقعاتي ڳاهون ۽ ڪي بيت آهن. انهن ۾ جيڪا ڳالهه سمايل آهي، ان جي اهميت وقتي آهي. ڳاهون ۾ جو ڪنهن واقعي ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. انهن ۾ ڪو فڪر ۽ فلسفو سمايل نه آهي. بيتن جي هيئت ۽ مضمون البت اعلى رهيو، جو ان مان پوين شاعرن استفادو ڪيو ۽ ان نهج تي هلندي، اڃي صوفيانه فڪر تائين پهتا.
هن دؤر جو ڪلام جيڪو اسان تائين پهتو، ان جا راوي سگهو آهن. انهن کان پڙتي ڪتابن ۾ درج ڪيو ويو. ڳاهن جو ذخيرو ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب ڏنل لوڪ ادب رڻا جي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪتاب "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون جلد ستون - ڳاهن سان ڳالهيون (1964ع)" ۾ آيو. ان تان پوءِ لکندڙن آساني، سان ڳاهن جو متن پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۽ مقالن ۾ آندو. پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ۾ به ڊاڪٽر بلوچ صاحب باب 4 ۽ 5 ۾ تفصيل ۽ تحقيق سان بيان ڪيو.

هن سلسلي ۾ جيڪي ڳاهون ۽ بيت موجود آهن، انهن مان نمايان هي آهن:

جهـرني تـو پـتـڙان، جـنگ چـتيهـ سـليـرين
تـرڪـي ڏانـا هـان، لاکـي جهـڙا ٻهـڙا.

لاکـا لـک لکـهيـا، انـڙ ڪروڙيـون اٺ
هيمر هيڙائـو هڪڙو، جـو وري نـه آيـو ميون وٽ
(لاکي جا ولن تي تڪليل ڳهه انهن کي انعام ۾ ڏين.)

انـبن لڳـي ڪيـري، ڇـاري لڳـي ڇـت
ور ڇـان مـان ڪـر، جيـسين اچـي وٽ
(سـنگ ڇـارن وڪـي ڏاتـار ڪـان ٻـي
منـدانـا پيـرون گهرينـا - ان جـو جـواب)

لـٽي جـي ڏاٽـن، ڪيهـون ابـر لکهـون
راڄ ٻيـڻـي راٺـن، ڏاتـار تـت ڏڄـي ويـا.
(اوڙي جکري بابت)

تـڏي تـيڄ ڏنـاس، سـمون سـاهڙ پـٺ ۾
پـتڙو ۾ ڪـنـداس، هـنـند تـڏياڻي ٿيـو.

انـر سـيکهون ڪـيـيون، ڏونـگـر ڏمريـا
هيٺڙو ڦٽـڪي مچـيءَ جـين، سـاجن سـتيريا.

هنن ٻن سٽن واري بيت/ ڳاهن ۾ ٻولي، ۽ هيئت جي لحاظ کان دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته ٻولي ايتري آسان ۽ عام فهم آهي، جيتري شاهه جي رسالي ۾ آهي. هيئت جي لحاظ کان هنن ۾ چند جون بنيادي هيئتون (Forms) موجود آهن. انهن ۾ دوها ۽ سورٺا آهن.

تنهن کان پوءِ اندازاً سما دور جا ڪي بيت ٻن سٽن کان وڌيڪ واري هيئتن ۾ به آهن. انهن ۾ تحقيق جي لحاظ کان ڊاڪٽر بلوچ هيٺيون بيت تشريح سان بيان ڪيو آهي. سنڌس لکن مرحب سنڌ ۽ ملتان جي پراڻن واسطن ڪري هڪ ياد گار سر اپاروڙي تعلقي جي سرحد جي ريحيو ضلعي رحيم يار خان جي شهر سنجرپور لڳ سرواهيءَ جي ڪنڊرن جي محلاتي ۾ ڪه ڪرتيندي لاءِ، جنهن تي هيٺيون ڪتبو هو:

سـلان سـلينڊ لپـيان، لکيـان تـمام نصـيبن،
ڪـٺو ڪـٺايا پتـر ڳـامڻ ڏي، انـڙ تـمام هـيبن،
وقـت ڪـسـتر بادشـاهه، ملـڪ ڏڪـي پهلـوان،
رعيـت راضـي ايـهه جيهـي، جـو پـيا نـت جـوان.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

هڪ لک سلاڙ لک چڪيان، ٿيا ڪوهتسار،
ٿسري سز پوتي پاڻ ڏي، راڏي انڙ چار.

ڊاڪٽر صاحب جي خيال موجب هي ٽاڻون سمو سلطان ڄام صدر الدين سڪندر شاهه بن خير الدين ڄام تو ڳاڇي هوندو، جنهن جي سمي سان هي ڪوهه ڪوٽائيو ويو ۽ تعمير ٿڪيي سربند سرون جوڙيون. سرن تي هي پيا ۽ ڪتبا مليا آهن.

سٽن ماموئي فقيرن جو تعلق پڻ سمن جي حڪمرانيءَ واري دؤر سان ئي آهي، سٽن ماموئي فقيرن جي حوالي سان ست شعر پڻ مشهور آهن. هي مشهور بيت قديم سنڌي شاعريءَ جو ذڪر جوڳو حصو آهن، پر هڪ دلچسپ حوالي سان مقبول ٿيا آهن. سنڌ جي تاريخن ۾ هنن جو ڪو تفصيلي ذڪر موجود ڪونهي. سنڌيءَ ۾ لکيل ادبي تاريخن ۾ خانبهادر ميمڻ هنن بابت فقط ٽي سٽون ۽ هڪ بيت ”هاڪ وهندو هاڪڙو“ ڏنو آهي. البت پروفيسر لطف الله بدويءَ ستن ئي بيت جا پڻ مختلف متن ڏنا آهن ۽ ”هفت تن“ نالي مشهور ستن درويشن واري عام مقبول روايت به ڏني آهي. واضح ڪيو اٿس ته هي ست ماٺيو ڄام تماچي پٽي يا ڄام نظام الدين جي دؤر ۾ ٿي گذريا آهن. انهن اعا ڏمڪي ڏني ته ٺٽي ۾ زير زمين هڪ نانگ آهي، ان جو مٿو هتي ۽ پڇ دهليءَ ۾ آهي. انسان ڪنڌريءَ جي ڇهڻ سان ان کي چڪڙي چڙهيو آهي. ڪنڌري ڪيئي ته نانگ چرندو ۽ هي مملڪت تباهه ٿي ويندي. بادشاهه انهن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. قتل ڪيڻ شرط هر درويش پنهنجو ڪنڌ تريءَ تي رکي اڳتي هليو ويو. بيتن جا پڻ مختلف متن رسالي سنڌو ۽ اخبار تعليم ۾ ڇپيل، بدوي صاحب ڏنا آهن، سي هيءَ آهن:

1- هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي پنڌ اروڙ
پهه مڇي ۽ لوڙهه، سي ڏينهڙا سو ڪڙي

2- وسي وسي آر، جنهن ويهي ڪنندو
ننڊ پارو چالو پار، پنجين ڏرسي وڪيو.

3- ڪاري ڪاپاري، جهيڙو لڳندو ڇهه پهر
سر مڇي ساري، سک وسندي سنڌڙي.

4- سر مڇي ساري، سر مڇيءَ کهڙا پار
هيٺين ڪيارين پوٽيون، سنڌ ڪارا وار.

5- نيرا کهڙا نيرا، اتر ڪنڌون ايندا
گهاگهيرون گسن ٿي، وراهي ويندا
ٺهان پهرو ٿيندا، طبل تاڄاڻين جا.

6- لڳندي لاڙان، سونهري ٿيندو سري ۾
جنهن ڪنڌين سنڌڙي اوڳاڻ ونان.

7- اڇي ويچها ماٿا، ننگر جي اڌار
پرٿا پار، تران اڄ مرتجهرا!

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ماموئي فقيرن جي حوالي سان ڄاڻايل مٿيان ست بيت 1937ع ۾ "سنڌو" رسالي ۾ شايع ٿيا، جن کي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ" ۾ شامل ڪيو آهي، جڏهن ته ڪتاب ۾ هيٺ ڄاڻايل ست بيت پڻ ماموئي فقيرن جا ڄاڻايل آهن. جيڪي ورتل "اخبار تعليم" جي 1904ع واري شماري ۾ شايع ٿيا، جيتوڻيڪ مٿي ڏنل ستن بيتن ۽ هيٺ ڏنل ستن بيتن جي حيثيت ۾ ٿورو گهڻو فرق آهي، پر انهن بيتن کي پڻ ماموئي فقيرن جا بيت ٿي ڄاڻايا ويا آهن، جيڪي اوائلي شاعريءَ جو اهم نمونو قرار ڏنا ويا آهن.

1- پکي پنڌ اروڙ، هاڪ رهندو هاڪڙو،
ٻهه ميڄي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سو ڪڙي

2- زالن مٿي پيهه چوٽيون، مڙسن مٿي وار
پاروچانا پار، تڪي تي وڪاڻندا

3- ستانوي ست ٻوڙسي، التانوي هٿ تاڙ
نوانوي نر جاڳسي، سؤ ۾ ٿيس جتيهه ڪنار.

4- الله حسي، ڪلهوڙن کان ڪسي،
ٽالپرن کي ڏسي، تهان پوءِ پسي.

5- ٽيلو گهوڙو ٽڪرو، اوڀهارون اينسو
ٽيلو ٽالپرن جو ٿهوڙي اينسو

6- لڪندي لوائي، سوڄو سري کان ٿيندو
جڏهن ڪلاهن سنڌڙي تکي تنڌارن جو ڪو

7- اچي ويجهنا ماڻيڻا، ٺڳر جي آڏار
پراڻا پار، ٿيو ان اڄ ۾ تجهه ؟!

اخبار تعليم (1904ع)

بدوي صاحب جي راءِ ۾ اخبار تعليم وارو متن يادگيريءَ مان ورتل آهي جو ڪڏهن لکي ٿو ته هي متن پراڻن ۽ هينگ جي ڪتابن تان ورتل آهن، انهن ڪتابن يادداشت تان نقل ڪيا هوندا.

عام طور هنن بيتن کي پيشن گوئين جيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ جو خيال آهي ته "هي بيت زبان ۽ بيان جي لحاظ کان پوئين دور جا لڳن ٿا. پهريون ته گمان اهو آهي ته هي بيت ماموئين جي اڳ ڪٿي نه آهن. بلڪه سمن جي اوائلي عروج وقت سومرن جي خير خواهن طرفان اڳيون حالتون موڙڻ جون تمنائون آهن."

ويجهڙائيءَ جي تاريخ ۾ ته انگريزن ٽالپرن کان سنڌ فتح ڪئي ته ڪ ڪانجاڻين – جيڪي هنن بيت ۾ چيو ويو آهي، بهرحال هي بيت هاڻي قديم سنڌي شاعريءَ ۾ ماموئين جي نالي ڳڻجن ٿا، جي پوءِ جا آهن ته به هي اڳاٽا آهن تڏهن به.

هي بيت قديم سنڌي شاعري اهڙن بين ڪيترن بيتن تي مشتمل آهي، جن مان ڪي ڳاهن طور، واقعاتي پيشن طور يا دعائيه فقيرن طور سنڌي روايتن مان تحرير ۾ آيا.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مثال طور عشقيه داستانن جا ڪيترا بيت آهن، جي پڻ پاڻن جي قريبي عام ٿيا. انهن ۾ هوتل ۽ ڏيڏ جي داستان مان هيٺيان چند بيت اهم آهن:

ٿر سڀڪهون کپريون، ڏونگر ڏيرا
هيڏو اڳتي مچي ڏيهه، سڄڻ ستيرا

اڻ ڏوسيين آن ڪر وسين نه سي جنار
ڦل ٿر – پسڻاڙي ڏسي مراد!

جيڏو ڏوتي چنڊ، وڃي مينهن نه اچرڻ
ور جو ڄا منڊ، نين جهڙپيا نه چلن

پناڙي مٿي پين، جنهن ٿر ڀلاڙي ليڙتي
ڏيڻ هوتل منهنجو من، لوڙهي ڏئو ڏهين.

سمن جي حڪمراني واري دور کي ادبي حوالي سان جيڪڏهن قاضي قادن جو دور چئجي ته بهتر ٿيندو. قاضي قادن اهو پهريون شاعر آهي، جنهن جو ڪلام تحريري طور پهرين شاهه ڪريم جي ڪلام سان گڏ مليو ۽ پوءِ 1978ع ۾ ڀارت مان سندس ڪلام هٿ آيو. قاضي قادن جو ذڪر پهرين مير محمد معصوم پنهنجي ڪتاب تاريخ سنڌ المعروف به تاريخ معصومي ۾ ڪيو. مير معصوم جو زمانو قاضي قادن کي ويجهو آهي. قاضي قادن جي وفات واري سال (1551ع) مير معصوم اندازاً 24 سالن جو هو. هن تاريخ معصومي ۾ جي لکڻ جو سال ڪٿي نه لکيو آهي، پر هڪ هنڌ (ص 124 فارسي) مرزا شاهه بيگ هٿان بکر جي قلعي جي مرمت جو بيان ڪندي لکي ٿو ته هن وقت تائين – يعني 1009هه ۾ اهو قلعو موجود آهي. هن مان ظاهر آهي ته وفات کان 4-5 سال اڳ تاريخ معصومي لکيائين. قاضي قادن جي باري ۾ مير معصوم لکي ٿو ته: "قاضي قاضن (قادن) بن قاضي ابو سعيد بن زين الدين بکري، سنڌس رڻا ٽڪي ۽ سيوستان جي شهرن ۾ رهندا هئا. سندن ڏاڏو ابوالخير جو فضيلت جو صاحب هو. سو وري بکر ۾ رهيو. سنڌ جي ٻين تاريخن ۽ ادبي تاريخن ۾ ۽ قاضي قادن جو احوال آيو آهي، پر قاضي قادن جي سوانح ۽ ڪلام تي حقيقي تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي آهي. قاضي قادن جي نالي بابت به ڊاڪٽر صاحب تحقيق ڪئي.

سڀ کان پهرين شاهه عبدالڪريم بلڙي واري قاضي قادن جا ست بيت مريدن ۽ معتقدن جي اڳيان پڙهيا. هي بيت شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جي رسالي "بيان العارفين" ۾ قاضي قادن جي نالي سان محفوظ رهيا. اهي ست بيت هي آهن:

جوڳي ۽ جاڳايون، ستر هوءِ تند ۾،
تهان پوءِ ٿيون، سنڌي پريان پوڄري.

سيئي سيل ٿيام، پڙهيام جي پاڻ لئه،
اکر اڳيان اڀري، واڳون ٿي وريام.

ڪنز قدوري ڪافيه، ڪي ڪونه پڙهيوم،
سو پسار ٻيو، جتان پرين لڌوم.

-

لوڪان ٿيو سرت، سون مطالع سيرين،
سرتي پڙهيو سو پڙهان، سرتي سو حرف.

-

سڄڻ منجهه هنار، سون ويٺي واءِ تيا،
ڏيان هوءِ انهن هٿڙا، هنئين جاءِ وڏام.

-

سانڍ ڏيئي لت، اوتجي نيڄي سوالڻي،
هيڪالي هيڪ ٿيو، ويئي سيج جيهت.

-

لا لاهي سنڌي ڪس ڪي، لا سور هين تانهه،
پلا ري پريان، ڪٿ نه ٿسي ڪم پيو.

انهن بيتن کان علاوه هندستان جي مشهور سنڌي اديب هيرو ٺڪر راڻيلا ڳوٺ مان قاضي قادن جا ستر کان مٿي بيت هٿ ڪيا، جن کي سنڌي اوائلي شاعري جو بهترين نمونو قرار ڏنو ويو آهي. اهي بيت پڻ هن وقت اشاعتي صورت ۾ موجود آهن.

ان کان علاوه سمن جي حڪومتي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي شاعرن شيخ حماد جمالي، درويش نوح هوٿياڻي، شيخ عبدالجليل چوهڙ، سيد حيدر سناڻي، مخدوم احمد ڀٽي، اسحاق آهنگر، هاڻ فقير، پير تاج الدين ۽ ٻين شاعرن جي شاعري ملي ٿي. شيخ حماد جمالي کي سنڌي دوهي جو خالق چيو وڃي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ دوهو لکڻ جو رواج هن وڌو. انهيءَ کان اڳ هندي ۽ سنسڪرت ۾ دوها چوڻ جو رواج عام هو.

شيخ حماد جمالي جو هيٺيون بيت، دوهي جي سٽاءَ ۾ آهي:

جو ڪيو سو ترتيو، اڻ تساڄي آءِ،
سا جهي پاڄهه پئي، تو سين لٿو راءِ.

مٿي ذڪر ڪيل شاعرن جي زندگي جو احوال ۽ شاعريءَ بابت تفصيل هن ڪتاب جي اڳئين باب ۾ شامل آهي.

ارغونن جي حڪمراني:

قاضي قادن جو دور سمن کان شروع ٿي ارغوني دور تي ختم ٿئي ٿو. ارغوني دور ۾ هڪ شاعر جو نالو اچي ٿو، جيڪو عارف پڻ هو. سندس نالو پير محمد لڪوي آهي. اصل ٺٽي جو رهواسي هو، جنهن بعد لڏي اچي لڪي ضلعي شڪارپور ۾ ويٺو. جنهن ڪري لڪوي سڏجڻ لڳو. سندس شاعريءَ جو اعليٰ نمونو ملي ٿو. جيڪو الف اشباع جي طرز تي آهي. هن دور جو ٻيو اهم شاعر دادو ديال آهي. دادو ديال جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش لکي ٿو ته هيءُ هڪ پڃاري جي گهر ۾ ڄائو ۽ احمد آباد (ڀارت) ۾ وڏي وڏو ٿيو. سندس اصل نالو دائود يار هو. سندس راجستاني ۽ برج ڀاشا ۾ ڪلام جو نمونو ملي ٿو. ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي ۾ چڱي ڄاڻ هئي. راڄير ستيو دل، شيخ لاڏجيو ۽ سيد ابوبڪر لڪياري به هن دور سان تعلق رکن ٿا.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ترخانن جي حڪمراني/شاھ عبدالڪريم بلڙي واري جو دؤر:

ارغونن جي حڪمراني سن 1555ع ۾ پڄاڻيءَ تي پهتي، جنهن ڪانپوءِ سنڌ تي ترخانن جي حڪمراني جو دؤر شروع ٿيو. ترخانن جي حڪمراني واري دؤر جو سڀ کان وڏو شاعر شاھ عبدالڪريم بلڙي وارو آهي. قاضي قادن ڪانپوءِ جنهن شاعر جو گهڻو مواد ۽ تفصيلي ذڪر مليو آهي، اهو آهي شاھ عبدالڪريم بلڙي وارو.

شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي حوالي سان ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ" ۾ لکي ٿو:

> قديم شاعريءَ ۾ اڳ گذري آيل شاعرن ۾ شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هڪ تمام وڏو شاعر آهي. ايئن ۽ پڻ مڃيون شاعر آهي، جنهن جا چيل بيت ۽ رهاڻ جو احوال سندس ئي هڪ مريد محمد رضا بن عبدالواسع بن دائود گهر ساڪن ٺٽو، سيد صاحب جي وفات کان ٽي سال پوءِ ملفوظات بعنوان: بيان العارفين و تنبيه الغافلين ۾ مڪمل صورت ۾ آندو. حديقة الاولياء (1016هه)، تاريخ طاهري (1030هه) يا ٻين ٻن مختصر ڪتابن ۾ سيد صاحب جو ذڪر ٿ آهي. حالانڪ حديقة الاوليا ۾ خاص طور اولياءن جو تذڪرو آهي. تحفة الڪرام ۾ مير علي شير قانع ٺٽويءَ سيد صاحب جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي ۽ مقالات الشعراء ۾ ملفوظات ترتيب ڏيندڙ محمد رضا بن عبدالواسع عرف مير ٺٽويءَ جو بحيثيت فارسي شاعر مختصر ذڪر ڪيو آهي. ان جو هڪ شعر ۽ ڏنو اٿس ۽ بيان العارفين جو حوالو به ڏنو اٿس.
>
> محمد رضا شاھ عبدالڪريم بلڙي واري جو مريد هو. خاص رهاڻين ۾ ڏنهي سيد صاحب جي گفتگو فارسي تحرير ۾ ۽ بيت سنڌي زبان ۾ درج ڪيا اٿس. ڊاڪٽر دائود پوٽي ملفوظات جي تڪميل جو سال 1038هه يعني سيد صاحب جي وفات کان ٽي ورهيه پوءِ ڄاڻايو آهي. ملفوظات اندازاً پوڻا ٻه سؤ سال گذرڻ کان پوءِ عبدالرحمان ولد محمد ملوڪ ڪاتب پالپن کي هٿ آيو. جنهن ان جو منظوم سنڌي ترجمو 1213هه ڌاري ڪيو. جيڪو مخدوم عبدالمجيد ليونگ پوٽي مرغوب پريس هرديار پيشيءَ مان ڇپايو. ان کان پوءِ شاھ ڪريم جي ڪلام جي ٽئين سر اشاعت جو سلسلو شروع ٿيو. هن پهريائين مرزا قليچ بيگ (وفات 1929ع)، 1904ع ۾ قيصري پريس حيدرآباد مان رسالو ڪريمي شايع ڪيو. هن ۾ سيد صاحب جي ملفوظات مان چونڊ قول، سندس سوانح ۽ سمن شاعر جي هڪ بيت ٽوڙي قاضي قادن جي ستن بيتن سميت ڪل 107 سنڌي ڏهڙا بيت ڏنا آهن. آخر ۾ عربي جملن جي معنيٰ ڏنل آهي.

"بيان العارفين و تنبيه الغافلين" ۾ شاھ عبدالڪريم بلڙي واري جي مليل بيتن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪُنـڌا ڪـُرڙيـن جـا، ڌَمـوري رکـي مَـرُ ڌِڙ،
جـن سـيکاريـلي ڌَڙ، تـنِ ڏنـد ڏيکـاريـن تـنِ کـي.

—

جـي جـاڳـنـدي مـن ۾، سـتي پـسـڻ سـيـڻ،
سـن پـريـان تـيـئـي، پـڳـهـيـو پـسـڻ گـهـري.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪاڪيا ڪيون ڪي ڪن، عمر اڇا ڪپڙا،
جني جا منجهه ٿرن، ور ٿا ويٺ سهن.

ترخانن جي حڪمراني واري دؤر کي ادبي حوالي سان جيڪڏهن شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو دؤر سڏجي ته بهتر رهندو. ڇاڪاڻ جو قاضي قادن کانپوءِ شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو ڪلام ئي جڳهين انداز ۾ مليو آهي. شاهه عبدالڪريم اصلاحي ۽ صوفياڻي ڪلام سان گڏ سنڌ جي رومانوي داستانن کي به سڀ کان اڳ ۾ ڳايو. عمر مارئي جي داستان تي سڀ کان اڳ ڪلام شاهه ڪريم جي شاعريءَ ۾ ئي ملي ٿو. هن ئي دؤر ۾ ٻيا به اهم شاعر مخدوم نوح سرورؒ، مخدوم عثمان اڳهم ڪوٽي، مخدوم قاضي عثمان دريباوي، مخدوم ونهيو چانهيو ۽ شاهه خير الدين به ٿي گذريا آهن. جن جي شاعريءَ جي حوالي سان پنهنجي الڳ سڃاڻ آهي.

حضرت مخدوم نوح قرآن شريف جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سندس شاعري ڇپيل حالت ۾ به موجود آهي. جيڪا سندس پوين پارن شايع ڪرائي ڇڏي آهي. سندس بيتن جي ٻولي عام فهم واري آهي. سندس شاعريءَ جو نمونو هيءُ آهي:

پيئي جا پرياڻ، سا ساڪ ۾ پاتيو ماٿيا،
رولي چڙهي رات، ٿي ڏڪرين ڪي،

-

نه سي جوڳي جوءِ ۾، نه سي سامي واٽ،
ڪاپڙين ڪنئرائتا، وٺي ويل پلاڻيا.

-

سمون به ساٿين ڪنڌ، تون به نه رجيع نيچ ڪي،
هلندي سمي سامهون، تون پڻ ڪرت ڪيج،
تو پڻ ٿئي ڏه، سمي به سرو ٿئي،

مغلن جي حڪمراني / ميون شاهه عنايت جو دؤر:

ترخانن جي حڪمراني جي دؤر کان پوءِ تقريباً سن 1592ع کان سنڌ تي مغلن حڪمراني ڪئي. مغلن جي حڪمرانيءَ واري دؤر ۾ شاهه لطف الله قادري، عثمان احساني، مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، ميون شاهه عنايت رضوي، احسان فقير لانگاهه ۽ ٻيا شاعر عالم ۽ اديب ٿي گذريا آهن. جن جي شاعري جي علم ۽ ڏاهپ حوالي سان پنهنجي الڳ سڃاڻپ آهي.

شاهه لطف الله قادري جي سنڌي بيتن جو مجموعو ڪتاب "منهاج المعرفت" هٿ آيو آهي. تحفة السالڪين به شاهه لطف الله قادري جو ڪتاب آهي. "منهاج المعرفت" فارسي زبان ۾ لکيل آهي. انهيءَ ۾ سنڌي بيت پڻ ڏنل آهن. "منهاج المعرفت" ۾ 21 باب آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سنڌي رسالي ۽ منهاج جي ڪل بيتن جو تعداد 400 ڄاڻايو آهي. سندس شاعري جو نمونو هيءُ آهي:

http://soorihsindhiadab.website.2.me

هيءَ جي فنا ٿيا في الله ۾، سوڙهن تن محال
ان وحدانيءَ وجود کي، حاصل ڪيو حال،
تني سندو قال، انانگهان اتانگهه ٿيو.

-

لا ڪي لاتائون، الاالله کي اورڳ اٿا،
قطع ڪامل تني ڪيو، اوءِ چنڊي سي وٺا،
محبت انهن اڙٿا، جنهن کي سڪي سيڪو.

ميون شاهه عنايت الله رضوي هن دور جو وڏو شاعر آهي. جنهن ۾ فڪر ۽ فن جا اڙانا آهن. ڪيس شاهه عبدالڪريم بلڙي واري ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دور جي وچ ۾ سنڌي ڪڙي قرار ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جونيجي مطابق شاهه عبداللطيف جي رسالي شاهه عنايت جي شاعري جو ڪجهه حصو شاهه جي رسالي ۾ آيو. انهن ۾ اندازاً ڊاڪٽر بلوچ 69 بيت ۽ 6 وايون پڌايون آهن. شاهه عنايت جو ڪلام اعليٰ شاعري جا سڀ لوازمات پورا ڪري ٿو. شاهه عنايت جو ڪلام ٻه سُرن تي مشتمل آهي، سنڌس رسالي ۾ 22 سر آهن. جن ۾ سر ڪليات ۽ سر ستي ۽ شامل آهن. سنڌس شاعريءَ جو نمونو هيءُ آهي:

الست ارواحن کي، جڏهن جاڳايو جبار،
اڙهي رهبر رسيا، سي سل سون سي سار،
ملڪين ملڪين پٽڙا، آڳي ڪيا اظهار،
ساڪن ڪيا ستار، اوڳا سي عنايت چئي.

-

پيمالي پرين جي، سون ڪي پُر ڪيو،
ساقي ان شراب سان، پيري ڏي پيو،
کهمان مست ٿيو، اڳيان در دوست جي.

صوفي شاهه عنايت شهيد به هن ئي دور سان تعلق رکن ٿا. سنڌ جو هي ناميارو صوفي ۽ انسان دوست، انقلابي درويش تعلقي مير بلوچ جي تصبي گرڙ ۾ ڄائو. شاهه عنايت جي سوچ انسانيت جي تمام ويجهو ۽ ظلم، بربريت، ڏاڍ ۽ ناانصافي جي خلاف هئي. اهو ئي سبب آهي جو هو ظالمن جي خلاف ٿي بيٺو ۽ انهن سان مهاڏو اٽڪايائين. شاهه عبداللطيف ڀٽائي صوفي شاهه عنايت شهيد سان ملاقاتون پڻ ڪيون هيون ۽ سنڌس لاءِ شعر به چيو آهي. صوفي شاهه عنايت شهيد کي عربي، فارسي ۽ سنڌي تي دسترس هئي. سنڌس شاعري جو اعليٰ نمونو پڻ موجود آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي جواني واري عمر ۾ ئي صوفي شاهه عنايت کي هڪ سازش تحت شهيد ڪيو ويو.

رحيمداد مولائي شيدائي لکي ٿو ته: هنا اوست جي نعري سبب علماءَ به شاهه عنايت جي خلاف ٿي پيا. وقت جي حڪمرانن صوفي شاهه عنايت کان ڍل طلب ڪئي ته هن چيو ته زمين پادشاهه جي طرفان مليل آهي، تنهنڪري ڍل نه ڏيبي. گورنر مير لطف علي ڪلهوڙو نواب اعظم خان ٺٽي جو گورنر ٿي آيو، ان کي به صوفين ڍل ڏيڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو. هو انهن حاڪم جي چالاڪن اهو مشهور ڪيو ته شاهه عنايت ۽ صوفي فقير پنهنجي حڪومت

http://soorihsindhiadab.website.2.me

قائم ڪرڻ گهرن ٿا. بادشاهه لاءِ ته اها گار هئي، دربار ڪان تنبيهه جو حڪم آيو، پر هتي ته تياري مڪمل هئي ۽ تنبيهه جي تياري هيٺن ٿي جو ميان يار محمد جي مدد سان مقامي چالاڪن صوفين تي لشڪر چاڙهيو. هن حملي ۾ شاهه عنايت جا ڪافي مريد شهيد ٿيا. شاهه عنايت جي مريد مير جان الله شاهه رضوي مقابلي جي اجازت گهري پر صوفي شاهه عنايت کين اجازت نه ڏني. شاهه عنايت ۽ سندس مريدن جو گهيرو اٽڪل 6 مهينا هليو. ڪاهه جون ڪوششون ٿيون. شاهه عنايت کي گورنر جي دربار ۾ گهرايو ويو. اها ۾ هڪ سازش هئي، ڪالهين مان جڏهن ڪرتيل نه نڪتو ته گورنر شاهه عنايت کي ڪاٺڙ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. نواب ۽ شاهه عنايت جي وچ ۾ ٿيل گفتگو ۾ شاهه عنايت هر سوال جو جواب فارسي شعر ۾ ڏنو آهي، جڏهن هي اُرڏو ۽ اڏول انسان پنهنجي اصول تان نه هٽيو ته گورنر پاران جلاد کي اشارو ڪيو ويو. شاهه عنايت هي فارسي شعر پڙهيو:

رها کردي مرا از شر عشق،
جزاک الله في الدارين خيرا.

هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته جنهن وقت شاهه عنايت کي شهيد ڪيو ويو ته انهيءَ وقت سندس زبان تي هيءُ شعر هو:

سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد،
اين بار گران بود ادا شد چه بجا شد.

شهيد شاهه عنايت سنڌي شعر پڻ چيو آهي، پر ڪن عالمن جو خيال آهي ته شاهه عنايت شهيد سنڌي شعر نه چيو آهي. سندس جيڪي ٻه ٽي شعر ڇاپي هيٺ آهن، تن جي زبان ۽ رواني کي ڪسي ڇلي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ ۾ ٻه گهڻو ڪلام چيو هوندائين.

مخدوم ابوالحسن ٺٽوي ترخانن جي دؤر ۾ پيدا ٿيو. سندس وفات ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ٿي. ابوالحسن 11 صدي هجريءَ جي پوئين اڌ واري عرصي جو وڏو عالم ۽ استاد هو. انوقت هو لٽي ۾ سنڌيءَ ذريعي بنيادي تعليمي تحريڪ جو اڳواڻ هو. جنهن جي شروعات ڪاٺٽس اڳ ٿي چڪي هئي. ان سلسلي ۾ هن نماز جي موضوع تي سنڌيءَ ۾ هڪ خاص ڪتاب 'مقدمة الصلواة' لکيو. اڳ هن موضوع تي عربيءَ يا فارسيءَ ۾ ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. ان جي لکجڻ سان 'سنڌيءَ' ذريعي -تعليم- ڏيڻ واري تحريڪ جو هڪ نئون دور شروع ٿيو. ڇاڪاڻ جو هن سچاڻ عالم اهو ڪتاب خاص طرح شاگردن جي تعليمي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ هڪ درسي ۽ نصابي ڪتاب طور لکيو هو. هن عالم کي مرحوم محمد صديق ميمڻ پنهنجي -تصنيف- 'سنڌ جي ادبي -تاريخ-' ۾ عربي الف- ب ۾ فارسيءَ جا چار اکر ملائي، 'سنڌي الف- ب' ٺاهڻ جو موجد قرار ڏنو. جنهن کي پوءِ سڀني اديبن ۽ عالمن جيئن جو تيئن قبول ڪيو ۽ انهن ۾ لکيائون ته ان کان اڳ سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ لکي ويندي هئي. غور طلب نڪتو هيءُ آهي ته 'مقدمة الصلواة' جي تصنيف جو سال 1112هه/1700ع آهي، جڏهن ته -ان- کان اڳ ميين شاهه عنايت، شاهه لطف الله قادريءَ ۽ ميين شاهه ڪريم جا ڪلام عربي سنڌي رسم الخط ۾ ئي لکيا ويا هئا. خاص ڪري انهيءَ حالت ۾ جڏهن 1030- 1060هه/1620-1650ع ۾ 'الف-ب' ۾ تحرير ٿيل منظومين جو وڏو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ذخيرو موجود هو، ۽ اهي ۽ سڀ ڪن سال اڳ تحرير ٿيل منظومين جو اُتارو هئا. البت ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ الف - ب جي ترتيب ۾ عالمن کان ڪجهه وڌيڪ بهتر هئي.

ڪلهوڙن جي حڪمراني/شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو دؤر:

ترخانن کانپوءِ سن 1700ع کان سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪمراني جو دؤر شروع ٿيو. ڪلهوڙن جي حڪمراني واري دؤر کي سنڌي ادب جو سونهري دؤر چيو ويندو آهي. اهو انهيءَ ڪري جو ڪلهوڙن جي دؤر ۾ شاعرن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي پيدا ٿيو. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي اِهڙو وڏو نالو آهي. جنهن پنهنجي شاعري سان سنڌي ادب کي سدائين لاءِ مالا مال ڪري ڇڏيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري تي نظر ڪرڻ کان سواءِ سنڌي ادب توڙي شاعري بلڪل اڻهوند برابر آهي.

شاهه صاحب اسلام جي اعليٰ قدرن ۽ اصولن جو پابند هو. قرآن شريف تلاوت ڪندو هو. ذڪر ۽ تسبيح پڙهندو هو. روايت موجب حج جو به ارادو ڪيائين. پر ڪنهن سبب ڪري واپس موٽي آيو ۽ اها سڪ اندر ۾ سانڍي رکيائين ته جيئن حقيقي محبوب جي سڪ هميشه سيني ۾ هجي ۽ اها ڪڏهن ختم نه ٿي سگهي. جيئن ته شاهه صاحب صوفي هو، ان لحاظ کان سندس طريقو عام مذهبي قاعدن کان مختلف هو. سندس حقيقي عشق ئي سندس حقيقي عقيدو هو. ظاهري طرح مذهبي ريتن رسمن ۽ بجاءِ آندائين، پر ان کان وڌيڪ حق ۽ حقيقت کي پروڙڻ ۽ هيڪڙائي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس طريقو صوفيانو هو. جيئن هو پنهنجي هڪ بيت ۾ چئي ٿو ته:

روزا، نمازون، اِيءُ پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

سندس خيال ۾ مذهبي تقليد ۽ پيروي به حق جي راهه کي حاصل ڪرڻ لاءِ چڱو عمل آهي، پر حقيقي معبود تائين رسڻ لاءِ فقط حق جي سچي ياد ۽ سڪ، پرجهڻ ۽ پتوڙڻ ئي واحد عمل آهي، جنهن سان ان اعليٰ روحاني معراج واري منزل تي رسائي ممڪن ٿئي ٿي، جنهن منزل کي ورلي ڪو الله وارو يا صوفي حاصل ڪري ٿو. شاهه صاحب متعصب ۽ تنگ دل خيالن ۽ ماڻهن کان پري ڀڄندڙ، روشن خيال يا آزاد خيال انسان هو. هندو سنياسين ۽ جوڳين سان به صحبتون ڪيائين. تيرٿ تڪيا به پيٽيائين ۽ ڪيترن ويدانتي عالمن سان حقيقي مالڪ جي هستيءَ متعلق ويچار ونڊيائين. ان ڪري اها ڳالهه خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿي ته شاهه صاحب کي اصل هندو ڌرم - سناتن ڌرم جي اصليت ۽ متن جي چڱي ڄاڻ هئي. جنهن جو ذڪر هن مختلف سُرن ۾ ڪيو آهي، پر سُر رامڪليءَ ۾ ويدانت، ڀڳتيءَ، گُور ڪنات ۽ ٻين ويدانتي مفڪرن جي روشن خيال ۽ هيڪڙائيءَ واري تحريڪن جو به ذڪر ملي ٿو. سندس ڳيڙو رتو لباس ان ڳالهه جي شاهدي آهي ته شاهه صاحب فقيريءَ جي ان طريقي کان متاثر هو. شاهه صاحب، سنتن ۽ مهاتمائن سان رهاڻيون ڪيون ۽ سندن طريقن کان واقف ٿيو. جنهنڪري همعصر ۽ پوءِ جا ڪيترائي هندو عالم ڪافي گهڻو متاثر ٿيا ۽ سندس مريد ٿيا.

شاهه صاحب شريعت جو پابند به هو، پر رواجي مذهبي ڳالهين کان گهڻو مٿي ۽ آزاد

http://soorihsindhiadab.website.2.me

هو. سندس خيال هو ته هر انسان کي مذهبي آزادي هئڻ کپي ته جيئن هو 'واحد حق' جي راهه ۾ پنهنجي طريقي سان زندگي بسر ڪري سگهي. شاهه صاحب جهڙي ايمان يا يقين رکڻ کان وڌيڪ عمل تي زور ڏنو آهي. سندس چوڻ هو ته مسلمان کي صرف نالي جو مسلمان نه هئڻ کپي، پر ان لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي قول ۽ فعل ۾ يڪسان هجي ۽ پاڻ کي ڏيکاءَ خاطر مسلمان ظاهر نه ڪري.

اڳ پڙ نه ايمان، جيئن ڪلمي ڳُڻو ڪرِياءِ نهين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
سُتهين ۾ مسلمان، اندر آزر آهيين.

ساڳيءَ طرح هو هندن کي ۽ تنبيهه ڪري ٿو، اهي ۽ سڱيءُ هندو نالي تي فخر نه ڪن ۽ نه ئي وري رواجي طور طريقن، پوڄائن ۽ ڪرياڪرمن تي راضي رهن. بلڪ ڪين کي ته اهي پنهنجي مٽي تي پوڄيءَ ريت عمل پيرا ٿين. جيتر تيڪ اهي عام مسلماني نظر ۾ ڪفر ڪن ٿا، پر اهي پنهنجي ڪفر سان ئي سچا ٿين ته راهه ماڻي سگهن ٿا:

ڪوڙو ٿيون ڪُفر سين! ڪافر نه ڪوڙا،
هندو هڏ نه آهيين، جهڙو تون نه جڳاءِ،
تِلڪ تِنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين!

شاهه صاحب وڏي عالم جي حيثيت سان موٽي مذهبن ۾ هيڪڙائي (ڪثرت ۾ وحدت) ڏٺي ۽ انسانن کي هدايت ڪيائين ته اهي پنهنجن مذهبن سان سچا ۽ وفادار رهن ته جيئن اهي مذهبي هيڪڙائي ۽ حقيقي معبود سان ويجهڙائي حاصل ڪري سگهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري تي سنڌيءَ ۾ تمام گهڻو ڪم ٿي چڪو آهي. سندس شاعريءَ جو ڪلام شاهه جو رسالو انگريزي، اردو، فارسي، سرائيڪي ۽ جرمني سميت دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. شاهه جي رسالي کي سنڌ ۾ تمام گهڻي عزت ۽ احترام سان پڙهيو ويندو آهي. شاهه جي شاعري ماڻهن کي ٻر زباني ياد آهي. پنهنجي شاعري جي حوالي سان شاهه سائين پاڻ ٻه چيو آهي ته:

جي تون بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نئو مَنُ لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاهه جي رسالي جي لکجڻ کان وٺي ڇپجڻ تائين هڪ وڏي تاريخ آهي. جنهن تي ڪافي محققن لکيو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ سميت قاضي ابراهيم، مرزا قليچ بيگ، محمد عثمان ڏيپلائي، خانبهادر محمد صديق، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، غلام محمد شاهواڻي، عثمان علي انصاري سميت ٻين شاهه جو رسالو ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي. ان کان علاوه شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۽ فن تي ڪيترن ئي ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن ۽ اديبن ايم فل توڙي ڊاڪٽوريٽ جون ڊگريون حاصل ڪيون آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو رسالو مها ساگر آهي. جنهن ۾ مختلف سُر چوليون هئي رهيا آهن. شاهه جي رسالي ۾ تقريبن 30 سُر آهن. مختلف عالمن ۽ محققن وٽ اهي سُر گهٽ وڌ ٻه آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۽ زندگيءَ تي لکڻ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

لاءِ الڳ ۽ سنڌس هر نثر تي هڪ ڪتاب لکيو سگهجي ٿو ۽ انهيءَ تي ڪتاب لکجي به رهيا آهن. اسان هن ئي ڪتاب ۾ اڳتي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي جو مختصر احوال به شامل ڪيو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي همعصر شاعرن ۾ جهن چارڻ، مخدوم عبدالرئوف ڀٽي، سلطان الاوليا خواجه محمد زمان لنواري وارو، شاهه مدني، خواجه محمد حسن، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، سيد محمد بقا راشدي، ميان صاحبڏنو فاروقي، ملڻ پڳڻ، صالح فقير، تمر فقير، عنايت فقير ڏيرو، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله نرئي وارو ۽ ٻيا شاعر ۽ اديب شامل آهن.

هن دور ۾ اهڙا شاعر به ملن ٿا، جن صرف بامقصد بيت چيا آهن. انهن ۾ حضرت سلطان الاولياءِ خواجه محمد زمان لنواري واري جو نالو مٿاهين ڪان مٿاهون آهي، هيءُ سنڌ ۾ نقشبندي سلسلي جو وڏو بزرگ هو ۽ لنواري درگاهه جو باني هو. 1780ع ۾ سنڌس ولادت ٿي ۽ 1874ع ۾ رصال ڪيائين. سندس والد بزرگوار جو نالو حاجي شيخ عبداللطيف هو. حضرت خواجه صاحب جا 85 سنڌي بيت مليا آهن، جن جي عربيءَ ۾ شرح سندس مريد شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ ڪئي، ان جو سنڌي ترجمو علامه دائود پوٽي مرحوم ڪري "ابيات سنڌي" جي نالي سان ڪتاب ڇپايو. خواجه محمد زمان لنواري واري جا ڪي بيت نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

جنين ڏٺو پاڻ، تنين ڏٺو سپرين،
غلط اُنيءَ ڪماڻ، تہ عارف پسي آرسي،

-

هوندنا هوت پري، اوڏو تہ لا هوند ڪئي،
سڄڻ تن سري، "لا" سين "لا" لاهين جي،

-

عارف ۽ عشاق، پسن گهرن پرين جو،
جنت جا مشتاق، اُهيا اوراهان ٿيا.

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي يگانو عالم فاضل هئڻ سان گڏ سٺو شاعر به هو. سندس الف اشباع ۾ ڪيل شاعري جو نمونو موجود آهي. سنڌيءَ کان علاوه عربي ۽ فارسيءَ ۾ به لکيائين. فتح الفضل، مڪتوبات، رسالا گل تما، شرح ابيات سندس ڪتاب آهن. سنڌيءَ ۾ سندس طويل نظم ۾ قرآن مجيد جي سورتن جا تفسير به بيان ڪيا اٿس. سندس شاعريءَ جو نمونو آهي:

اسم سان الله، سيتي شروع ٿيا،
جو خالق مخلوقن جو، رهبر رحيما،
صلواتون سرور تي، جو جوهر جهانا.

-

حمد لائق حق کي، جو خالق ڪل خلقن،
سارا هجي مخلوق تہ، سارا هر رب سمجهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪتـــان ڪنهيـــاران نـــسرا تـــ اره ســـفرائي ان،
ٻاٽيءَ چشم چمڪيو تہ، اي آهي سـرنهن ليـن،

ڪلهوڙن جي ئي زماني جو يگانو عالم مخدوم عبدالله نرئي وارو ڪيترن ئي علمي ۽ ديني ڪتابن جو مصنف آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سندس ڪتاب "خزانہ اعظم" ٽن جلدن تي مشتمل آهي. ڪنزالعبرت، تمر المنير، غزوات، تفسير يوسف ۽ خزانہ اعظم سندس ڪتابن جا نالا آهن. هن شعر ۾ چيو آهي. سندس شعر جو نمونو هيءَ آهي:

سـور لـہ اُٿينـدو، مهنـد، سـو ذات جـي سـبحان،
تـہ ڪـي سـيد آهيـان، ڪـڌ ٿـريش منجهـان،
آءُ چيتنـدس علمـن ري، ذات جـي سـبحان،
ڪـ آهيـان پوڻـو پيـرن جـو، ۽ ورُيـرد ريـاڻ،
منهنجـا ڪاڪا پـيالهي، سـون ڪـي چڙيـنـدا،
مٿان پروسو انهيءَ ڳالهہ تي، ڪيري ڪو اڻا،
سـپڪو لهنـدو پورهيـس، مرجـب ڪمائيـا.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنڌ تري سنڌ ڪان ٻاهر علمي حلقن ۾ سڃاتيون جيئرو آهي. هن ڏهہ ڪرسنڌيءَ ۾ پر فارسي توڙي عربيءَ ۾ ۾ واعظ وهاڻي پڙهيا آهن. سندس عربي ڪتاب مصر جي جامع الازهر ۾ ۾ پڙهايا ويندا هئا. قرت العاشقين، زاد الفقير، ذبح شڪار، فرائض الاسلام، تفسير پاره عمر، تفسير تبارڪ ۽ ٻيا سندس مشهور ڪتاب آهن. فرائض الاسلام پهرئين عربي ٻولي ۾ لکيائين. جنهن کان پوءِ ٻري سنڌيءَ ۾ لکيائين. رسالي ذبح شڪار ۾ سندس شعر جو نمونو هن طرح آهي:

هيٺئين منجهہ حقيس جي، اڃي رحم پيس،
سانهو مسئلا ذبح ۽ شڪار جا، پڙهن گهڻيرو،
ڪري لکجي تن منجهان، گهڻو جي ٿورو،

مشهور مناجات "پيران پير پادشاهہ" جو مصنف جمن چارڻ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو هم عصر هو. جمن چارڻ جي مناجات ڪي عروضي شاعريءَ ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

مذهبي شاعري جي مولود صنف ڪلهوڙن جي دور ۾ ايجاد ٿي، هن صنف جو باني عبدالرئوف ڀٽي آهي. مولود سنڌي شاعري جي هڪ منفرد صنف آهي. جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ جي تعريف بيان ڪئي ويندي آهي. سندس مولود جو نمونو هيءَ آهي:

مٺا ميرا مرسل جنا، آسمان شل اُٿهہ سڀ گوري،
علي جا ساٿيان ميـا، ائنهـو ڪـي چـاڙيـان اوري،
مٺيارن جي سخاي ڪان، گهليون منجهہ چڙيان گهوري،
ڪنگر ۽ ڪرڪري ڪـر ڪر، سندا سيڻي چڪيان سوري،
تنگر، بندر ۽ ياڪاٺـا، ڪراچيءَ ڪٺن وڃان ڪنڌي،
مٺا ميرا مرسل جنا، آسمان شل اُٿهہ سڀ گوري.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مخدوم ضياءُ الدين پڻ هن دور جو وڏو عالم ۽ اديب هو. هن وضو، نماز ۽ ٻين مسئلن تي نظم ۾ هڪ شاهڪار ڪتاب لکيو. ڪتاب جو نالو مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي آهي.

هن دور ۾ شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ پڻ تمام گهڻو لکيو ويو. مير علي شير قانع ٺٽوي ۽ هن ئي دور ۾ پيدا ٿيو. قانع هڪ ئي وقت عالم، شاعر، اديب، نثر نگار، مورخ، تاريخدان، محقق، تذڪري نگار هو. هن ٻارهن سالن جي عمر (1152ھ/ 1739ع) ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو ۽ اٺ هزار شعرن تي مشتمل هڪ ديوان تيار ڪيائين، جيڪو پاڻ ئي ڪنهن سبب جي ڪري درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيائين. مير علي شير قانع جون هيٺيون تصنيفون مشهور آهن: (1) ديوان علي 1152ھ/1739ع، (2) مثنوي شد از قدرت حق 1165ھ/1751ع، (3) مثنوي قضا و قدر 1167ھ/ 1753ع، (4) نو ائين خيالات 1169ھ/1755ع، (5) مثنوي قصه ڪامروپ 1169ھ/ 1755ع، (6) ديوان "قال غم" 1171ھ/1757ع، (7) ساقي نامه 1174ھ/ 1760ع، (8) واقعات حضرت شاهه منظوم 1174ھ/1760ع، (9) چهار منزل منظوم 1174ھ/1760ع، (10) الترويج نامه حسن و عشق 1174ھ/1760ع، (11) اشعار متفرقه در صنايع و تاريخ 1174ھ/1760ع، (12) مڪلي نامه "بوستان بهار" 1174ھ/1760ع، (13) مقالات الشعراء 1174ھ/1760ع، (14) تاريخ عباسيه (نثر) نامڪمل 1175ھ/ 1761ع، (15) تاريخ عباسيه منظوم 1175ھ/1761ع، (16) تحفة الڪرام (3 جلد) 1181ھ/1767ع، (17) اعلان غم 1192ھ/1778ع، (18) زبدة المناقب 1192ھ/1778ع، (19) مختار نامه 1194ھ/1780ع، (20) نصاب البلغاء 1198ھ/ 1783ع، (21) مثنوي ختم السلوڪ 1187ھ/1773ع، (22) طومار سلاسل گزيده 1202ھ/1787ع، (23) شجره اطهر اهلبيت 1202ھ/1787ع، (24) معيار سالڪان طريقت 1202ھ/1787ع. ان کانسواءِ قانع جي هيٺين تصنيفن جي سنن جي ڄاڻ ناهي. (1) انشاءِ قانع، (2) تهذيب طباع، (3) حديقة البلغاء، (4) ديوان اشعار، (5) رساله معماضع شرح (نثر نظم)، (6) روضة الانبياءِ منظوم، (7) زينت الاخلاق منظوم، (8) سرفراز نامه، (9) غرثيه منظوم، (10) نصاب نامه مثنوي، (11) قصائد و منقبت، (12) ڪان جواهر مثنوي، (13) لب تاريخ ڪلهوڙه، (14) محبت نامه مثنوي، (15) محڪ الشعراءِ (بياض)، (16) ميزان الافڪار منظوم، (17) ميزان فارسي. 1199ھ/ 1784ع ۾ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت ڪمزور ٿي ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمو مير فتح علي خان ٽالپر هٿان ٿيو ۽ مير فتح علي خان ٽالپرن طرفان سنڌ جو پهريون حاڪم ٿيو. مير فتح علي خان جي زماني ۾ مير علي شير قانع ٺٽوي ٽي ڪتاب تصنيف ڪيا. (1) طومار سلاسل گزيده، (2) شجره اطهر اهلبيت ۽ (3) معيار سالڪان طريقت. هي ٽئي ڪتاب 1202ھ/ 1787ع ۾ تصنيف ڪيا ويا.

تحفة الڪرام سنڌي ادب ۾ انتهائي اهم جاءِ رکي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي جو سڀ کان پهريون احوال به تحفة الڪرام ۾ ئي مليو. تحفة الڪرام کي بنياد بڻائي سنڌ جي ادبي تاريخ لکي وئي. هن دور ۾ ٻيون صنفون جهڙوڪ مولود، مرثيا، بيت ۽ مناجات پهچي عروج تي پهتا. تحقيقي ڪم جي شروعات ٿي. لوڪ ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي. هن ئي دور ۾ عروضي شاعري جي شروعات ٿي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جون وايون عروضي شاعريءَ جو بهترين نمونو آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ٽالپرن جي حڪمراني/سچل سرمست جو دؤر:

ڪلهوڙن جي حڪمراني جي پڄاڻي کان پوءِ سنڌ تي ٽالپرن جي حڪمراني جو دور شروع ٿيو. ادبي حوالي سان ميرن جي صاحبي واري دور کي سچل سرمست جو دور چئي سگهجي ٿو. ميرن جي صاحبي واري دور ۾ ئي سچل سائين جي ولادت ٿي. سچل سائين اڄ تائين سنڌ جو پهريون ۽ آخري هفت زبان شاعر آهي. جنهن هڪ ئي وقت ستن ٻولين ۾ شاعري ڪئي. سندس ڪلام سنڌي، سرائيڪي، فارسي، اردو ۽ ٻين زبانن ۾ آهي جيڪو نهايت ئي اعليٰ معيار جو آهي. صنفن جي لحاظ کان سچل سائين جو ڪلام بيتن، واين، ڪافين، غزلن، جهولڻ، سي حرفين، مدحن ۽ مثنوين وغيره تي مشتمل آهي. سنڌي ۽ سرائڪي ۾ سندس بيت وايون ۽ ڪافيون، فارسي زبان ۾ مثنويون ۽ غزل انتهائي اعليٰ معيار جا آهن.

سچل سائين جي شاعري انتهائي جرئت مندانه اظهار جو نمونو آهي. هن پنهنجي جذبن جو اظهار بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ڪيو آهي. فرسوده رسمن ۽ انتها پسندي خلاف جنگ جو اعلان ڪيائين. سندس شاعري ۾ ڪٿ هنڌن پڳ جو ذڪر ۽ ٻين شاعرن کان ڪافي اڳتي ويو آهي. پڳت ڪيو جيو آهي ته:

حدين جا ڌرڪوئي، بيحد ته جاني ڪوئي،
بيحد ڪي ميدان ۾، ڪتا ڪيهرا روئي.

سچل سرمست انهيءَ کان به اڳتي وک وڌائيندي چيو آهي ته:

حدين وڃي ڌرڪيو، بيحد وڃي پيو،
سچو سر فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.

سچل سرمست بي باڪ شاعر هو. ملائيت ۽ پيري مريدي جي به خلاف هو. ڪٽرپڻي ٿوري انتهاپسندي خلاف پنهنجي شاعريءَ ۾ برملا اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

سنڌين ملڪ ۾، سانهو منجهايا،
شيخي، پيري، مريدي، بيحد پلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا
اوڙا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي

شاهه عبداللطيف ڀٽائي وانگر سچل سائين به رومانوي داستانن کي ڳايو آهي. سچل سرمست جي زندگي ۽ جي حوالي سان تذڪره ڪتاب جي اڳئين حصي ۾ موجود آهي. ٽالپرن جي دور ۾ انهيءَ کان علاوه فقير نانڪ يوسف، ٻاني چن راه سامي، سيد ثابت علي شاهه، حمل فقير لغاري، خليفو نبي بخش، آخوند عزيز الله، ڪهرام فقير جتوئي، پير علي گوهر شاهه اصغر، محمد صديق سومرو، مراد فقير، فتح فقير، پير محمد راشد، صوفي دلپت، محمد اشرف ڪلمارائي، سيد خير شاهه پرديسي، صدرالدين چارڻ، آخوند محمد ٻچل، حفيظ ٿيٻو، ملا صاحب ڏنو شڪارپوري، خليفو ڪرم الله، مير عارف نعمت، صوفي بايزيد، سرهو فقير، مير شهداد خان، مير نصير خان، خليفو گل محمد هالائي ۽ ٻين

http://soorihsindhiadab.website.2.me

شاعرن توڙي اديبن سنڌي ادب کي ترقي ڏياري. ڪلهوڙن جي دور ۾ مذهبي شاعري توڙي صوفياڻي شاعري عروج تي هئي. هن دور ۾ شاعري سنڌيءَ سان گڏ اردو، پنجابي، سرائيڪي، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ پڻ شاعري ڪئي. سيد ثابت علي شاهه سنڌي شاعري ۾ مرثيه گوئي جو بنياد وڌو. سيد خير شاهه ۽ سيد ثابت علي شاهه هجوه گوئي کي وڌي اهميت ڏني. طنزيه شاعري جو بنياد ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي وڌو پر ٽالپرن جي دور ۾ حمل فقير ۽ طنزيه شاعري جي رواج کي اڳتي وڌايو. سامي پنهنجي سلوڪن سان سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو.

ساميءَ جا سلوڪ هند توڙي سنڌ ۾ گهڻو مشهور آهن. ساميءَ جي شاعريءَ تي ڪجهه تحقيقي ڪم ورهاڱي کان اڳ ٿيو. پر بعد ۾ شڪارپور جي مشهور تعليمي اداري سي اينڊ ايس ڪاليج جا ٻه نامور استاد ۽ محقق پروفيسر ڄيٺانند دوارڪا داس ۽ پوڄراج هوتچند ناگراڻي پنهنجي پنهنجي سر ساميءَ تي تحقيق جو ڪم ڪري رهيا هئا. پر ورهاڱي سبب اهو ڪم مڪمل ٿي نه سگهيو ۽ نه ئي شايع ٿي سگهيو. ڪجهه عرصي کانپوءِ پوڄراج هوتچند ناگراڻيءَ جي محنت سن 1955ع ۾ ٻه پورا ڀاڱا بمبئيءَ مان "ساميءَ جا سلوڪ" (ٻه پورا ڀاڱا) شايع ٿيو. پر ڄيٺانند ڀاڳيا جو ڪم ڪمپڻ ۾ ئي رهجي ويو. "ساميءَ جا سلوڪ" ڪتاب پوڄراج هوتچند ناگراڻيءَ جي محنت جو ڦل آهي، جيڪو قابل تحسين ڪم آهي. ڪتاب ۾ "گذارش" نالي عنوان هيٺ ناشر لکي ٿو ته "سنڌي ادب ۾ شاهه، سچل ۽ سامي هڪ اهڙي تثليث آهي، هڪ اهڙي ته سوڌي آهي، جنهن ۾ سنڌي تهذيب ۽ سنڌي قوم جي تمدني بنياد جو روح يا نچوڙ نظر اچي ٿو. اسان جي هنن ٽن شاعرن (شاهه، سچل ۽ سامي) اسان جي ٻوليءَ کي نئين حياتي ڏني، ان کي جيئرو رهڻ سيکاريو ۽ اهو ثابت ڪيو ته هيءَ ٻولي دنيا جي انهن اعليٰ ٻولين مان هڪ آهي. ساميءَ جي سلوڪن جو نمونو هيءُ آهي:

پـريـنءَ جـو پـيـڙلاءُ، اچـي پيـو اکـيـن تـي،
جـنـهن جـو روپ نـه رنـگ ڪـو، تـڪـو پـيءُ تـه مـاءُ.

-

پرميشر پر لـنـڪ، سـامي سـورج جـان رهـي،
الـڌا آڌسـن ڪـيـن ڪـي، پيـئـي پنهـنـجي اک،
ڪـرهـه ڪـريـن جـڳ جـڳ، ٿـو در در ديـوانـن جـان.

-

سـو رڪ ٿـو سـاري، پـنـهـنـجي هـٿـيـن ڀـاڻ ڪـي،
لـڳـي مـايـا مـوهـه جـي، ڪـوڙي لـنـو لاري،
ڏنـي نـه سـار روپ کـي، سـامـهـن سـنـيـاري،
ڪـيـهـڻ مـتـجـهـه ڪـاري، ٿـيـا هـيـرا الـعـل اڻ مـلـهـا.

مرثيه گوئي جو بنياد وجهندڙ ثابت علي شاهه ٽالپرن جي دور جو اهم شاعر آهي. ميرن سان سندس ويجهڙائي هوندي هئي. سندن مجلسن ۾ مرثيه پڙهندو هو. سنڌي هجويه ڪلام کي به اڳتي وڌايائين. سندس شاعري جو ڪمال مرثيه آهي. سندس لکيل مرثين جو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ڪربلا جي قتل جي، ڪر ڪا خبر اي آسمان،
ڪيئن ڏنڌ نيزن چڙهيا، شاهن جا سر اي آسمان.
هيءَ خدا جا قطب تارا، عرش عروسيءَ جو جڙاءُ،
هيءَ رسول الله جا، شمس و قمر اي آسمان.

خليفو گل محمد هالائي پهريون صاحب ديوان شاعر آهي. هن سنڌيءَ ۾ الف ب ترتيبوار حرفن جي لحاظ کان پهريون غزلن جو ديوان لکيو. خليفي گل محمد جي ڪلام ۾ ايراني شاعريءَ جو اثر موجود آهي. ديوان گل ۾ سندس غزل شامل آهن. سندس شاعريءَ جو نمونو هيءُ آهي:

دور دنيا جي مٿي، اي دل ڪٿين آيا ويا،
سڪ مٿي سورن سٺي، اي دل ڪٿين آيا ويا.

تنهنجي ڏٺي اي گلبدن، دلڙي کلي ٿي باغ باغ،
آئي خوشي منجهه جان تن، دلڙي کلي ٿي باغ باغ.

حمل خان لغاري به هن دور جو اهم شاعر آهي. هن سنڌي سان گڏ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ به شاعري ڪئي. شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي هر عام موضوع تي لکيو اٿس. پيار جي مختلف پهلوئن، ياري دوستي، محبوبن جي نخرن، ٺڳائين کان وٺي سچ جي صدا تائين ڪرڻ ۽ حقيقي ڪي شاعري جو موضوع بڻايائين. سندس شاعريءَ جو نمونو آهي:

حمل حسن ڳالهه جي ويهي ڪيم ويچار،
تہ دل لڳي دوستيءَ جو ڇا ملهه ڇا مقدار،
اندر سان عقل جيسو، نڪتو هيءَ سرواڙ،
وڃي لڳي تہ لک هزار، ڳٽي تہ ڪڙ ٿي تہ لهي.

ڪلهوڙن جي دور ۾ نثر نويسيءَ جو نمونو بہ ملي ٿو. پهريون نثر نويس آخوند عزيز الله (بن قاضي محمد ذاڪر بن حافظ محمد صديق) آهي. جيڪو متيارين جو ويٺل هو ۽ ذات جو سيمڻ هو. سن 1160هه بمطابق 1747ع ۾ سندس ولادت ٿي، ۽ سن 1240هه بمطابق 1824ع ۾ وفات ڪيائين. متيارين جي وڏي درسگاهه جي استاد مخدوم محمد عثمان وٽ پڙهيو ۽ فارغ التحصيل ٿيو. هن بزرگ قرآن شريف جو تحت اللفظ سنڌي ترجمو ڪيو. اندازي موجب هن صاحب اهو ترجمو سندس پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ ۽ ان بعد علمي مطالعي کان پوءِ چاليهن سالن جي عمر کانپوءِ، يعني 1200-1240هه دوران ڪيو هوندو. ترجمو مخدوم عبدالصمد ولد حاجي محمد متيم نورنگ پوٽي سن 1292هه ۾ بمبئي مان ڇپائي پڌرو ڪيو. سنڌي زبان ۽ ادب جي لاءِ خوشبختي آهي، جو ان جي نثر جي شروعات قرآن شريف جي ترجمي سان ٿي. ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

"اي مومنا هراهي وٺو، منجهہ مشڪلن سان صبر ۽ نماز، تحقيق خدا سان صبر ڪندڙن آهي ۽ م چئو واسطي تن جي ڪُسن ٿا منجهه واٽ خدا جي، اي مئل تہ آهن، بلڪ اهي جيئرا آهن."

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سورتن جي ترجمي کان سواءِ ڪيترائي حاشيا پڻ سنڌي نثر ۾ ڏنا اٿس. حاشين ۾ سهڻي سنڌي نثر جي جهلڪ نظر اچي ٿي. مثلاً: ”محبت خدا جي گهر جي ته لڪائجي سين کان، بلڪ پاهر جي جذبي کان ۽ نفس کان پڻ لڪائجي، مگر روح سان لکي اور جي.

هن دؤر ۾ سنڌي لغت جي موجودگي جو به ثبوت ملي ٿو. رچرڊ ايف برٽن پنهنجي انگريزي ڪتاب "Sindh and the Races that inhabit the Valley of River Indus." ۾ لکيو آهي ته: ”هن ٽالپر دؤر جي هڪ سنڌي لغت ڏٺي آهي.“ جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌي لغت نويسي جي شروعات ٽالپرن جي دؤر کان ٿي آهي.

انگريزن جي حڪمراني/مرزا قليچ بيگ جو دؤر:

ٽالپرن جي حڪومت انگريزن جي سن 1843ع ۾ سنڌ تي قبضي ڪانپوءِ پڄاڻيءَ تي پهتي. انگريزن جي سنڌ تي حڪمراني واري دور ۾ سنڌي ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي. هن ئي دور ۾ سنڌي جي موجوده الف ب 1853ع ۾ ايجاد ٿي. انگريزن سنڌ کي فتح ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌي زبان کي فارسيءَ جي بدران دفتري زبان بڻائڻ جو فيصلو ڪيو. سنڌ جي هڪ مقرر صورتخطي قائم ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي ناهي ويئي، جنهن تي سنڌي عالم به ميمبر مقرر ڪيا ويا. جهڙوڪ: منشي اڌارام، منشي نند يرام، مرزا صادق علي، قاضي غلام علي، ميان غلام حسين، ميان محمد ۽ ٻيا. گهڻي بحث ڪانپوءِ عربي رسم الخط ۾ وڌارو آڻي سنڌي صورتخطي منظور ڪئي وئي، ۽ 1853ع ۾ ان کي آخري شڪل ڏني وئي.

صورتخطي ٺهڻ ڪانپوءِ درسي ڪتابن سان گڏوگڏ نظم ۽ نثر جا ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا ويا. سڀ کان پهرين 1853ع ۾ منشي نند يرام جو پاراتو درسي ڪتاب ”ٻاپنامو“ ڇپيو. ٻاب نامي کي سنڌي پهرين ڪتاب هئڻ جو اعزاز حاصل آهي. ان ڪانپوءِ هر سال، هر علم ۽ فن تي ڪيترائي ڪتاب ڇپجندا رهيا. الف اشباع واري نظم ۾ لکيل مذهبي سنڌي ڪتاب ابوالحسن واري صورتخطيءَ ۾ 1854ع کان اڳ ئي شايع ٿيندا هئا. ۽ پوءِ به ساڳيءَ صورتخطيءَ ۾ ڇپجندا رهيا.

نظم جي ڪتابن جي سلسلي ۾ 1866ع ۾ ”ارنيسٽ ٽرمپ“ جرمنيءَ جي شهر ليپزگ مان ”شاهه جو رسالو“ ڇپايو. 1875ع ۾ ”ديوان گل“. 1876ع ۾ ”بيان العارفين“ ۽ 1878ع ۾ ”ديوان قاسم“ ڇپيو.

تنقيد بابت پهريون ڪتاب فاضل شاهه جو ”ميزان الشعر“ 1883ع ۾ ڇپيو. ان شروعاتي دؤر جي اديبن ۾ منشي نند يرام، قاضي غلام حسين، اڌارام ٿانور داس، ميران محمد شاهه، غلام علي، آخوند عبدالرحيم عباسي، ديوان ڪوڙومل ۽ ڏيارام گدومل ٻيا ناﻻ قابل ذڪر آهن. هن دور ۾ سنڌي نثر تمام گهڻي ترقي ڪئي. سنڌ جا ليکڪ انگريزي ادب جي مختلف نين صنفن کان آگاهه ٿيا. جهڙوڪ: ناول، ڊرامو، افسانو، مضمون ۽ تنقيد. شروع ۾ ابتدائي قسم جو شيون لکيون ويون ۽ انگريزي ڪتابن جا ترجما ڪيا ويا. پر اڳتي هلي هر صنف تي شاهڪار شيون شايع ٿيون.

هن دور ۾ ٿيل ادبي اوسر کي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ٽن دورن شروعاتي دور، وچون دور ۽ ٽيون دور ۾ ورهايو آهي. هن ٽنهي دورن ۾ ٿيل ادبي اوسر جو جائزو به پيش ڪيو آهي. هن انهن ٽن دورن کي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“ ۾ هيٺين ريت ورهايو آهي:

http://soorihsindhiadab.website.2.me

1. شروعاتي دؤر

هن دؤر ۾ سنڌي اديبن سماج جي اصلاح جو مقصد سامهون رکي لکڻ شروع ڪيو. اهو مقصد بيان ڪرڻ لاءِ ناول، ڊرامن ۽ ڪهاڻين کي ذريعو بڻايو ويو. ناول جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ اسان وٽ داستان ۽ قصا موجود هئا، جن ۾ مافوق الفطرت واقعا ۽ غيرفطري ڳالهيون هونديون هيون. انگريزي ناول جي اثر سبب انهن ناممڪن ڳالهين جو خاتمو ٿيو ۽ زندگي جي عڪاسي شروع ٿي. شروع ۾ انگريزي ۽ هندي ناولن، قصن، ڊرامن ۽ ڪهاڻين جا هوبهو ترجما شروع ڪيائون. هوبهو ترجمي وارو پهريون ناول: اڌارام ۽ ٿولرام جو ترجمو ڪيل "راسيلاس" آهي، جو 1870ع ۾ ڇپيو. ان سان گڏ "انگريزي ناول جو پلاٽ کڻي، ان کي سنڌي حالتن جي رنگ ۾ پيش ڪرڻ" جي قسم وارو پهريون ناول "ديوان صاحب سنگهه جو "پلو ڪوڪر" آهي، جنهن جي پلاٽ ٿامس هارڊي جي "ميئر آف ڪاسٽر برج" تان ورتل آهي، جڏهن ته ڪردارن جا نالا ۽ ماحول سنڌي سماج وارو آهي.

ان کانپوءِ طبعزاد ناول ۾ لکيا ويا. سڀ کان پهريائين طبعزاد ناول مرزا قليچ بيگ جو "دلارام" جي نالي سان آهي. ان کانپوءِ ڪيترائي مٿي بيان ڪيل قسم وارا ناول لکجي ۽ ترجمو ٿيڻ شروع ٿي ويا. هن ڪم ۾ مرزا قليچ بيگ تمام گهڻي ڪوشش ورتي.

ڊرامن لکڻ ۾ هندو اديبن وڏو ڪم ڪيو آهي. پهريائين پهريائين ڊراما لکڻ جو سهرو مرزا قليچ بيگ جي سر تي آهي. ان کانپوءِ مرزا صاحب شيڪسپيئر جي ڪيترن ئي ڊرامن جا هوبهو ترجما به ڪيا، ته ڪيترن ڊرامن جي پلاٽن کي ديسي قالب ۾ ڍاليائين. ان کانسواءِ ڪيترائي طبعزاد ڊراما به لکيا ويا ۽ ڪيترن انگريزي ڊرامن جا ترجما به ڪيا ويا. هوبهو اهڙي به آهي ته سنڌي ڊرامي ۾ سمورو انگريزي اثر ڪارفرما رهيو، جيتوڻيڪ سنسڪرت ڊرامي جو به سنڌي ڊرامي ۾ وڏو دخل آهي. سنسڪرت ڊرامو جيتوڻيڪ انگريزن جي اچڻ کانپوءِ ختم ٿي ويو هو، انهيءَ ڪري لازمي هو ته قديم ڊرامو ۽ جديد ڊرامي جي اثر تي انداز ٿئي، پر ان هوندي به حقيقت اها آهي ته، سنڌي ڊرامو پنهنجي اصلي وجود لاءِ انگريزي اسٽيج ۽ ڊرامي جو مرهون منت آهي.

ان شروعاتي دؤر ۾ ناول ۽ ڊرامي سان گڏ قديم انگريزي ڪهاڻيون به ترجمو ٿيڻ شروع ٿيون ۽ انگريزي ڪهاڻين جي فن جي روشنيءَ ۾ ڪجهه طبعزاد ڪهاڻيون به لکيون ويون. انهن ابتدائي ڪهاڻي نويسن ۾ مرزا قليچ بيگ، منشي اڌارام، ديوان ڪوڙومل، ڏيارام ۽ ٻولچند جا نالا قابل ذڪر آهن. جيتوڻيڪ انهن ڪهاڻين ۾ فن جي پختگي ڪانهي، تنهن به اهي مافوق الفطرت واقعن کان واجهيل آهن ۽ نئين روشنيءَ جي اثر هيٺ لکيل آهن. ان کانسواءِ سماج جي سڌاري جو مقصد اڳ رکي اهي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن.

هن شروعاتي دؤر ۾ مضمونن جي به شروعات ٿي. شروعاتي مضمون نويسن تي بيڪن جي مضمونن جو اثر غالب آهي. مثال طور لوهاڻ لعل چند امر ڏني مل جو "گل ڦل" تي ڏسو. لوهاڻ کي سنڌس هر مضمون ۾ بيڪن جي مضمونن جا اثر ڪارفرما نظر ايندو. مرزا قليچ بيگ کان اڳ واقف مضمون نويسن تي به انگريزي مضمونن جو اثر پيو.

2. وچون دؤر

پهرين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ عوام ۾ نوان اُمنگ ۽ ولولا اُڀريا. انهي سياسي شعور عوام کي جمهوريت ۽ سياسي آزاديءَ جي اهميت، ذهن نشين ڪرائي. انهيءَ ڪري

http://soorihsindhiadab.website.2.me

1929ع ڌاري سنڌ ۽ هند جي آزاديءَ جي هلچل زور وٺي ويئي، سنڌي ليکڪ ۽ آزاديءَ جي تحريڪ کان متاثر ٿيا ۽ سماج جي اصلاح سان گڏ سياسي مقصد ۽ آدرش رکي لکڻ شروع ڪيائون. ان سلسلي جي ليکڪن ۾ شمس الدين "بلبل" جو نالو مٿاهين کان مٿاهون آهي، جنهن پنهنجي تحرير ۾ طنز و مزاح جو رنگ پيدا ڪري، سنڌي نثر ۾ انفراديت پيدا ڪئي.

ان دور ۾ سنڌي ناول، ڊراما، افسانا ۽ مضمون لکيا ويا آهن. انهن ۾ وطن جي حب، ديسي ڪهاڻيون، ديسي روايتن ۽ آزاديءَ جي تحريڪ جا عناصر ڪارفرما آهن. ان هوندي به اسان فن جي لحاظ کان انگريزي ادب جي پيروي ڪندا آياسين. نه فقط ايترو، پر هن دور ۾ فن انهن ۾ پختگيءَ واري صورت ۾ ملي ٿو. ڏيهي اديبن خيال ۽ اسلوب انگريزي ادب مان اخذ ڪري، فن جي پختگيءَ سان انهن کي ديسي رنگ روپ ۾ ديس ڏيئي ڪو پهرايو. تاريخي ناول ۽ ڊراما به هن ئي لاڙي جي پيداوار آهن. ديسي ناول نگارن تاريخي ڪارناما، ناولن جي صورت ۾ پيش ڪري قوم کي پاڻ تي ڪُهريو. هن ڏس ۾ مرحوم عبدالخالق "خليق مورائي" جو ناول "سندري" ۽ انجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو "نورجهان" بهترين ناول آهن. "سندري" فن ڪاري ۽ زبان جي لحاظ کان نهايت بهترين ناول آهي. هن قسم جي ناولن ۾ اسڪاٽ (1771ع-1832ع) جي ناول ليسٽن جو اثر ملي ٿو يا ان سنڌيءَ طرح ڪارفرما آهي.

هن دور جي ليکڪن ۾ مرزا قليچ بيگ، خليق مورائي، لعل چند امرڏنو مل، ڄيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر ڀيرومل، نرمل داس، پرمانند، ٽيجور مل، ليکراج، محمد صديق مسافر، ليلا رام ولايت راءِ، آسانند مامتورا، امر لال ۽ جهمٽ مل پارناڻيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن، جن انگريزي ادب جي اثر هيٺ ڊراما، ناول، افسانا ۽ مضمون لکيا.

ٿ. ٽيون دور

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ادب ۾ هڪ نئون موڙ پيدا ڪيو. سنڌي اديب به ان کان متاثر ٿيڻ کان رهجي نه سگهيا. هن دور ۾ سنڌي اديبن يورپ جي ٻين ٻولين جي ادب جو اثر قبول ڪيو. ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ هن دور جي پيداوار آهي. هن موڙ کان پوءِ سياسي ۽ سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کي به اڳ رکيو ويو ته جنسيات جي ترجماني به ڪرڻ شروع ڪئي وئي. جنسيات جي ترجمانيءَ جو رجحان جيئن پوءِ اسان وٽ لکيو، هيئنر نه هو تمام گهڻو وڌي ويو آهي. انهيءَ رجحان تي گهڻو ڪري اثر انگريزي ادب جي مشهور اديب ڊي ايڇ لارنس جو آهي. هن دور ۾ حقيقت پسندي جا رجحانات پيدا ٿيا. هن دور ۾ افسانوي نثر گهڻي ترقي ڪئي. ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ هن دور ۾ زور ورتو. 1942ع ۾ "ترقي پسند مصنفين" نالي جماعت وجود ۾ آئي، جنهن جو سيڪريٽري گوبند مالهي هو. نارائڻ شيام، شيخ عبدالرزاق راز، شيخ اياز، عبدالستار شيخ، اثر، سنتو لعل، گوبند مالهي ۽ سوڀو گيانچنداڻي ان دور جي پيداوار آهن.

انهن ڏينهن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جو به زور هو. ان زماني ۾ ڪيترن ئي افسانن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جو عڪس واضح نظر اچي ٿو. مثلاً: امر جليل جون ڪهاڻيون، "شڪست"، "آخر ڪيستائين"، "ترقيءَ جي راهه تي"، حشو ڪيولرامائيءَ جي "پدمر"، ليکمن راجپال جي "قومي سپاهي"، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي "آزاديءَ جو سڏ" ۽ ٻيا. افسانن ۽ غريباڻيءَ جي سلسلي ۾ بهترين افسانو عبدالستار شيخ لکيو.

مٿي ڄاڻايل ٽنهي دورن ۾ جدا جدا صنفن جي جيڪا ارتقائي، ان جي اپٽار هيٺ ڏجي ٿي:

http://soorihsindhiadab.website.2.me

1. افسانو

سنڌي زبان ۾ پهرين ڪهاڻي غلام حسين قريشي جي لکيل "پنهي زميندار جي ڳالهه" آهي، جيڪا 1854ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپي. ان قسم جون ٻيون ڪهاڻيون آهن: سيد ميران محمد شاهه اول جي "سنڌاتوري ۽ ڪتا توري جي ڳالهه" (1855ع) ۽ "مفيد الصبيان" (1881ع). انهن ڪهاڻين ۾ جيتوڻيڪ حقيقي واقعا ۽ ڪردار پيش ڪيا ويا آهن. ان هوندي به انهن کي مختصر افسانو چئي نه ٿو سگهجي. اهڙي قسم جي ڪهاڻين جا ٻيا مجموعا به ڇپيا. 1890ع ۾ ساڌو هيرانند، "سرسوتي" نالي مخزن جاري ڪئي، جنهن ۾ ساڌو هيرانند، ٻولچند، ڪوڙومل ۽ ٻين ليکڪن جا مضمون ۽ ڪهاڻيون ڇپجڻ شروع ٿيون. ان کانپوءِ سکيا ۽ ونتر جي بنيادن تي لکيل ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا ڇپيا.

افساني جي فني ٽيڪنڪ موجب سنڌي ڪهاڻيون 1914ع کان پوءِ لکجڻ شروع ٿيون، جن تي سماجي مسئلن تي روشني وڌي وئي ۽ معاشرتي برائين کان نفرت ڏيکاري وئي. اهڙي قسم جي پهرين ڪهاڻي آهي: لعل چند امر ڏني مل جي "حر مکي، جا" (1914ع). ڄيٺمل پرسرام بنگالي ڪهاڻي نويس "بنڪم چندر چٽرجي" جي ڪهاڻين جا ترجما ڪيا. لعل چند امر ڏني مل پڻ به ڪهاڻيون لکيون، جهڙوڪ: "ڪشتيءَ جا ڪشت"، "ڪن ڏڏي زندگي" وغيره.

مشهور محقق ڪاڪي ڀيرومل به ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس پهرين اخلاقي ڪهاڻي، "پريم جو ماتم" (1914) آهي. محمد صديق مسافر تاريخي ڪهاڻيون لکيون، جهڙوڪ زيب النساء، "چاند بيبي" وغيره. ليلا رام ولايت راءِ 1920ع ۾ ٽالسٽاءِ جي ڪهاڻين جو ترجمو ڪتابي صورت ۾ ڇپايو. مشهور اديب جيٺمل ۽ افسانا لکيا آهن. 1923ع ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو "چماٽ پوش جون ڪهاڻيون" ڇپيون. هنن ڪهاڻين ۾ سنڌ جي سرمائيدارن ۽ زميندارن جي ظلم جي عڪاسي ڪيل آهي. پڻ به ڪيترن ئي ليکڪن ڪهاڻيون لکيون.

افساني جو ابتدائي دور 1914ع کان 1925ع تائين مقرر ڪري سگهجي ٿو. جنهن ۾ ڪهاڻي نويسن، معاشي معاشرتي مسئلن کي ڇهيو ۽ معاشري جي اصلاح لاءِ پنهنجو نقطه نظر پيش ڪيو، جيڪو گهڻي قدر اخلاقي قدرن تي ٻڌل هو.

افساني جو ٻيو دور 1925ع کان 1940ع تائين آهي، جنهن جي شروعات ۾ ڪيترن ئي هندستاني ۽ مغربي افسانن جا ترجما ٿيا. ان دور جي افسانا نويسن مان امر لعل، ليلا رام، آسانند مامتورا، ليکو تلسياڻي، تارا چند، ڏيو سپائي، دوست علي، عثمان علي انصاري، جڳت آڏواڻي، منوهر داس، اندرا هميراڻي، تاراچند داس ملڪاڻي، مرزا نادر بيگ، شيوا رام آڏواڻي، غلام محمد شاهواڻي، عبدالله عبد، لطف الله بدوي ۽ دلدار حسين موسوي جا نالا قابل ذڪر آهن.

1932ع ۾ ماهوار "سنڌو" شڪارپور لڳ "ميان جي ڳوٺ" مان جاري ٿيو، جنهن افساني جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن رسالي ۾ مرزا نادر بيگ ۽ ٻين اديبن جون بهترين ڪهاڻيون ڇپيون، جيڪي ڪهاڻي جي ارتقا ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون.

هن دور جي افسانه نگارن مان مرزا نادر بيگ جا افسانا جذبات نگاري ۽ هندو سماج جي زندگيءَ جي عڪاسي جي ڪري مشهور آهن. سندس افسانن مان "موهني جي واڙي"، "موهني جي دل جو داغ"، "موهني جي آهه"، "گهر جي چٽڪ"، "اڇوت"،

http://soorihsindhiadab.website.2.me

"پاڻياٺي" ۽ "پاڪ محبت" سٺيون ڪهاڻيون آهن. هنن معاشري سان ڳاڍ سنڌي ڪهاڻين ۾ پارسي ۽ عيسائي معاشري جي ترجماني به ملي ٿي.

هن دور ۾ جنسيات جي موضوع تي ڪهاڻين مان "ڪرانتي"، "ڇڪي"، "آڪيا"، "جي پريم"، "ٽڪيور رنڇيل"، "آريبي" ۽ "فيلسوف" سٺيون ڪهاڻيون آهن. لطف الله بدوي جي ڪهاڻين مان "غريب" ۽ "خوفناڪ ٻلي" معياري ڪهاڻيون آهن. سنڌي افسانن جو مجموعو "دستِ گل" جي نالي سان شايع ٿيو. عبدالله "عبد" جي ڪهاڻين مان "اسڪول ماستريالي" ۽ "ويچارو ماستر" مشهور ڪهاڻيون آهن. عثمان علي انصاري مرحوم به هن دور جو بهترين افسانا نويس آهي. سنڌي افسانن جو مجموعو "پنج گنج" سال 1937ع ۾ شايع ٿيو.

هن دور جو افسانا نويس امر لعل هنگوراڻي صحيح معنيٰ ۾ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو پايو وجهندڙ آهي. سنڌي ڪهاڻيون سنڌي رسالي "ڪلواڙي" ۾ شايع ٿينديون هيون. حقيقت نگاريءَ جي لحاظ کان سنڌي ڪهاڻي "اڌو عبدالرحمان" تمام سٺي ڪهاڻي آهي، جنهن جو انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. ان کانسواءِ سنڌي ٻيون سٺيون ڪهاڻيون به آهن: "قسمت جو کيڏ"، "ڪڏهن ليڏي"، "هي ۽ رلاجهوءِ سنڌي"، "لکيو ڪين ٽريو"، "لالي" وغيره.

افسانن جو ٻيون دور 1940ع کان 1947ع تائين آهي. هن دور جي افسانن تي ترقي پسند رجحانن جو اثر نظر اچي ٿو ۽ سرمائيداري نظام جي خلاف نفرت جو اظهار ملي ٿو. هن دور جو پهريون ڪهاڻين جو مجموعو "سرد آهون" آهي، جيڪو 1942ع ۾ ڇپيو. هن ۾ سڀ ڪهاڻيون گوبند پنجابي جون آهن. 1943ع ايم آر ماڻيڪاسائي جي ڪهاڻين جو مجموعو "ماڻيڪاسائي جون آکاڻيون" ڇپيو. 1944ع ۾ "ريگستاني ڦول" نالي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپيو، جنهن ۾ مختلف نوجوان افسانا نويسن جو ڪهاڻيون هيون. هن مجموعي ۾ شيخ عبدالستار جي ڪهاڻي "رحيما" بي جوڙ شاديءَ بابت آهي ۽ ان ۾ عريان منظر ڏيکاريل آهي. انهن علاوه ٻيا به ڪيترائي مجموعا ڇپيا، جهڙوڪ "پرهه ڦٽي" (1945ع)، "بکايل"، "شهيد رفا"، "سفيد وحشي" (شيخ اياز جي افسانن جو مجموعو) وغيره. هن دور جي افسانا نويسن مان گوبند پنجابي، ڀڳوان لعلواڻي، امر لعل، گوبند مالهي، حشو ڪيولراماڻي، ايم آر ماڻيڪاسائي، تيرٿ وسنت، عبدالستار شيخ، شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق "راز"، ڪيرت ٻاٻاڻي، لڇمڻ راجپال، سگن آهوجا، آنند، حبيب الله پٺو، سربو گيانچنداڻي، ڪرشن ... ۽ نجم عباسيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

2. ناول

جهڙيءَ طرح افسانو انگريزي ادب جي ذريعي اسان وٽ پهتو، اهڙيءَ طرح ناول به انگريزي ادب جي ذريعي اسان وٽ آيو. آڳاٽي افسانن جو اسان وٽ ابتدائي نمونو آهي. منشي اڌارام، "طوطي نامه" جو سنڌي ترجمو ڪري، داستان نويسيءَ جو بنياد وڌو آهي. ان کانپوءِ ساڌو نولراءِ سان گڏجي مشهور انگريز اديب ڊاڪٽر جانسن جي ناول "راسيلاس" جو ترجمو 1870ع ۾ ڪيائون. ان بعد ڪيترا قصا ۽ داستان لکيا ويا ۽ ترجمو ڪيا ويا. جن اديبن داستان يا قصا لکيا ۽ ترجمو ڪيا، انهن مان احمد خان جليباڻي، حاجي امام بخش خادم، آخوند لطف الله، ڪٿور محمد عاجز، مير عبدالحسين سانگيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. "راسيلاس" کان پوءِ سر والٽر اسڪاٽ جي ناول "ٽيلسمن" جو ترجمو ٿيو، جيڪو ساڌو هيرانند ۽ ڪاڪي ٻيرو مل گڏجي ڪيو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

صحيح معنيٰ ۾ طبعزاد ناول سڀ کان پهريائين شمس العلماء مرزا قليچ بيگ لکيو. سندس پهريون طبعزاد ناول "دلآرام" 1888ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ سندس شاهڪار سماجي ۽ اصلاحي ناول "زينت" ڇپيو. انهن کان سواءِ مرزا صاحب ڪيترائي ناول ترجمو ڪيا. مرزا صاحب کان پوءِ لعل چند امرڏنو مل جو نالو اچي ٿو. سندس ناول "چوٿ جو چنڊ" 1905-6ع ۾ ڇپيو. ڪاڪي ڀيرومل به ناول لکيا آهن، جهڙوڪ: "آنند ستمبريڪا" (1910ع)، "موهني ياني" (1917ع)، "تنبل تعمت" (1915ع) ۽ ... هريچند موليچند گربخشاڻي تاريخي ناول "نورجهان" لکيو. عبدالخالق خليق مورائيءَ به تاريخي ناول لکيا، جن مان "سنڌڙي" شاهڪار حيثيت رکي ٿو. محمد عثمان ڏيپلائي به ڪيترائي ناول لکيا.

جاسوسي ناولن جا به تمام گهڻا ترجما ٿيا. 1910ع ڌاري سکر مان ... تمام طويل جاسوسي ناول "..." عرف ... ڪاڪا سنڌي" 28 حصن ۾ ڇپيو. ساڳي ليکڪ "پرستان جي سير" جا 24 ڀاڱا ڪڍيا. ان کانسواءِ "ستاره منگريلا"، "آرسين لوپن"، "مسٽريز آف ڪورٽ آف لنڊن"، "لورڊ آف دي سورڊ" وغيره ترجمو ٿيل جاسوسي ناول ڇپيا.

بنگال جي مهاڳيءَ کان متاثر ٿي ديوان ڪوڙومل چندن مل، بنگالي ناول نويس بنڪم چندر چٽرجي جا ناول ترجمو ڪيا، جهڙوڪ "چندر مکي"، "روهڻي"، "آنند مٺ" وغيره. انهن ۾ انگريزن خلاف بغاوت ڏيکاريل آهي. ان کانسواءِ ٻيا ڪيترن هندي، بنگالي، گجراتي ۽ اردو ناولن جا ترجما ٿيا. طبعزاد ناولن ۾ پرشوتم ... جو ناول "عجيب پيٽ" ڇپيو. طبعزاد ناولن جي سلسلي ۾ 1931ع ۾ عبدالرزاق ميمڻ جو ناول "جهان آرا" ڇپيو. ان کان سواءِ جن ٻين طبعزاد ناول لکيا، تن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن:

شيوڪ ڀوڄراج، رچرڊ لعل سنگاڻي، آسانند مامتورا، رام پنجواڻي، نارائڻ داس ڀمڀاڻي. پنجواڻيءَ جا ناول "قيدياڻي"، "ماڻهون" ۽ "وڏيرا" حقيقت نگاريءَ جي لحاظ کان بهترين ناول آهن. جن ۾ ڳوٺاڻي زندگي ڏيکاريل آهي. آسانند مامتورا جو "شاعر" (1941ع) سنڌي زبان جو پهريون نفسياتي ناول آهي. ان کان سواءِ شيوڪ ڀوڄراج جو "آشيرواد" سٺو ناول آهي.

3. ڊراما

سنڌيءَ ۾ پهريون ڊرامو مرزا قليچ بيگ 1880ع ۾ "ليلىٰ مجنون" نالي لکيو. ٻيو ڊرامو به مرزا قليچ بيگ جو ئي آهي. نالو آهي "خورشيد"، جيڪو 1887ع ۾ ڇپيو. ٽيون ڊرامو آهي "رتناولي"، جيڪو ديوان ڪوڙومل چندن مل 1888ع ۾ لکيو. ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ جا ڊراما "گل بڪاولي" (1894ع)، "نورجهان ۽ جهانگير" (1896ع) ۽ "نادر شاهه" (1897ع) ڇپيا.

ان کانسواءِ مرزا قليچ بيگ ٻيا به ڪيترائي ڊراما لکيا ۽ شيڪسپيئر ۽ ٻين مشهور ڊرامه نويسن جا ڊراما ترجمو ڪيا. 1894ع ۾ قائم ٿيل ... سنڌ ڪاليج ... ڊراميٽڪ سوسائٽي قائم ٿي، جيڪا 20 سالن تائين ڊراما اسٽيج ڪندي رهي. هن سوسائٽيءَ ڊرامي کي ڏاڍو مقبول بنايو. ان سوسائٽيءَ طرفان مرزا قليچ بيگ، ڪيلا رام وٽن مل ۽ ٻين ليکڪن جا ڊراما اسٽيج ڪيا ويا. انهن ڊرامن ۾ طنز ۽ مزاح هوندو هو.

ان کان پوءِ شڪارپور ۾ 1897ع ۾، لاڙڪاڻي ۾ 1907ع ڌاري ۽ حيدرآباد ۾ 1912ع ڌاري ڊراميٽڪ سوسائٽيون قائم ٿيون. شڪارپور جي سوسائٽيءَ لاءِ ديوان ٽاڪر

http://soorihsindhiadab.website.2.me

داس ناگراڻي ۽ الاکڻائي جي ناٽڪ منڊلين، لاڙ ڪمپني تمر ڪشنچند بيوس ڊراما لکندڙ هو. حيدرآباد جي ڊراميٽڪ سوسائٽي طرفان 1926ع ۾ خانچند دريائيءَ جو لکيل سنڌي ڊرامو "جيڪي ٿي جيڪو ٿي" اسٽيج ڪيو ويو. 1928ع ۾ سنڌس پهريون معاشرتي ڊرامو "ريشمان جي ڦلر" اسٽيج ڪيو ويو. هن سوسائٽي دريائيءَ جا ڪيترا ڊراما به اسٽيج ڪيا. هي پهريون ڊراما نويس آهي، جنهن جي ڊرامن ۾ حقيقت نگاري ملي ٿي.

مولچند ڪاروائي، لعل چند امرڏنو مل ۽ جيٺمل پرسرام به ڊراما لکيا ۽ ترجمو ڪيا. جيٺمل پرسرام جي ترجمو ڪيل ڊرامن مان گوئٽي جو "فائوسٽ" ۽ مولوي حڪيم جو "ڊيٺ صندوق" (1927ع) قابل ذڪر آهن.

سنگهارام ملڪاڻي، جهيٺ مل ٻاروي، عثمان علي انصاري، محمد اسماعيل عرساڻي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ محمد حنيف صديقيءَ به ڪيترا ڊراما لکيا ۽ ترجما ڪيا. عرساڻيءَ جو "بدنصيب ٿري" شاهڪار ڊرامو آهي.

4. مضمون نويسي

1866ع ۾ تعليمي کاتي طرفان "سنڌ سڌار" نالي هفتيوار رسالو جاري ٿيو، جنهن ۾ تعليم بابت ليک شايع ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح مضمون نويسيءَ جي شروعات ٿي. پهريون مضمون جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپيو، اهو هو ديوان ڪوڙو مل جو "پڪو پهه" جيڪو 1862ع ۾ ڇپيو. ان کان علاوه مرزا قليچ بيگ 1877ع ۾ "بيڪن ايسز" جو ترجمو "مقالات الحڪمت" جي نالي سان ڪيو. ان کان سواءِ ڪيترن ئي ليکڪن جا مضمون لکيا، جن مان ديوان ڪوڙومل، لعل چند امرڏنومل، جيٺمل پرسرام، صاحب سنگ شاهاڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، پرمانند ميوارام ۽ ساڌو هيرانند جا نالا قابل ذڪر آهن. ساڌو هيرانند جي مضمونن جو مجموعو "هيرن جون ڪڻيون" جي نالي سان ڇپيو. جنهن ۾ ٻين ليکڪن جا مضمون به شامل آهن. ان مان صاحب سنگ شاهاڻيءَ جو مضمون "وقت" شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. پرمانند ميوارام جي اخبار "جوت" ۾ شايع ٿيل مضمونن جو مجموعو "گل ڦل" جي نالي سان ٻن ڀاڱن ۾ ڇپيو. جنهن ۾ گهڻا مضمون پرمانند ميوارام جا آهن.

ان کان پوءِ وقت بوقت مضمونن جا مجموعا شايع ٿيندا رهيا آهن. جهڙوڪ: ديوان ڀيرومل جو "قرار قليل" (1932ع)، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي جو "جوهر سنڌي نثر نظم" (1940ع)، لال سنگهه اجواڻي جو "ويچار" (1944ع)، نارائڻ داس ملڪاڻيءَ جو "گرناٿي جهد" ۽ ڀاڱا ۽ "اڻار ڏار" (1910ع)، تيرٿ وسنت جو "چنگون" (1945ع)، نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو مرتب ڪيل "ادبي گلشن" ڀاڱا (45-1944ع)، لال چند امرڏنومل جو "سدا گلاب" ۽ "گل ڦل"، گوبند ڀاٽيا جو "ورق" (1940ع)، رام پنجواڻي ۽ نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو "ادبي شجر" (1945ع)، مرزا قليچ بيگ جو "ڏاڍيالي جبل جو سير" هي ان دور جو انتقالي سفر نامو شمار ڪري سگهجي ٿو، ڪاڪا ڀيرومل جو "سنڌ جو سيلاني" ۽ "لطيفي سير"، نارائڻ داس ملڪاڻيءَ جو "ڪشمير جو سير"، عطا حسين شاه موسويءَ جو "ڪج ڪرڪيون"، ليکراج ڪشنچند عزيز جو "ادبي آئينو" (1941ع) وغيره.

5. تنقيد ۽ تحقيق:

تحقيق روايتن جي ڇنڊ ڇاڻ جو نالو آهي ۽ تنقيد، ادبي تخليق جي فني ۽ فڪري جاچ

پڙتال ڪئي ويندي رهندي آهي. ابتدائي دور ۾ ڇپيل ڪتابن تي نظر وجهجي ٿي، ته معلوم ٿئي ٿو ته 1871ع ۾ آخوند عبدالرحيم "وفا" عباسيءَ جو مرتب ڪيل "عمر ماروئيءَ جو قصو" ڇپيو، جنهن جي مهاڳ ۾ سنڌي شاعرن تي تنقيدي نظر وڌل آهي. انهيءَ ڪتاب کي اسين پهريون تحقيقي ڪتاب چوندا آهيون. ۽ ان جي مهاڳ کي پهريون تنقيدي ليک سڏيندا آهيون. اصلي تنقيد جو پهريون ڪتاب سيد فاضل شاهه جو "ميزان الشعر" (1875ع) آهي، جنهن ۾ علم عروض جا قاعدا ۽ قانون بيان ڪيل آهن. ساڳئي ئي سال مرتب ٿيل ڪافيون آهن، ۽ هر ڪافيءَ جي مٿان سر جو ذڪر ۽ ڪافيءَ جو قسم ڄاڻايل آهي. ڪافيءَ جي فن تي هيءُ پهريون تحقيقي ڪتاب آهي. ان کان پوءِ ڪيترائي تنقيدي ۽ تحقيقي ڪتاب ۽ ليک شايع ٿيا آهن.

هن سلسلي ۾ رسالا ۽ اخبارون اهم ڪردار ادا ڪنديون رهيون آهن. "پارتواسي" پهرين اخبار آهي، جنهن ۾ تنقيدي ليک شايع ٿيندا هئا. ان ۾ چندو مل ٿڌاڻيءَ جا ڊرامن تي تنقيدي ليک ڇپيا. ان کان سواءِ "پارتواسي" ۾ پرمانند ميوارام جي ڪتاب "گل ڦل" ۽ ٻين ڪتابن تي تنقيدي ليک ڇپيا. ان کان پوءِ جيئن جيئن رسالا ۽ اخبارون نڪتيون، انهن ۾ تنقيدي ۽ تحقيقي ليک شامل ٿيندا هئا. خاص طرح سان "سنڌو"، "اديب سنڌ"، "مهراڻ"، "ستاره سنڌ"، "الوحيد"، "قرباني" ۽ "اخبار تعليم" ۾ معياري تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا شايع ٿيا. ابتدائي تنقيد نگارن مان شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙو مل، ديوان گدو مل، تارا چند شوقيرام، ٽيلا رام سنگھ، لعل چند امر ڏنو مل، جيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر هرچند مولچند گربخشاڻي، سيد اسد الله شاهه حسيني، ڪاڪو ڀيرومل، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو ۽ ڄيٺي مل ٿڌاڻيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

ماهوار اديب سنڌ ۾ عروضي شاعريءَ تي معياري تنقيدي ليک شايع ٿيندا هئا، جيئن ته محمد بخش واصف، حاجي محمود خادم، جمع خان غريب ۽ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" ۽ ٻيا لکندا هئا.

مٿي ڄاڻايل تنقيد نگارن کان علاوه ماضي قريب ۾ ٻين به ڪيترن ئي تنقيد ليک لکيا آهن. انهن مان مولانا دين محمد وفائي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، نور محمد نظاماڻي، حافظ خير محمد اوحدي، عبدالله "عبد"، لطف الله بدوي، رام پنجواڻي، مير رحمدادخان مولائي شيدائي، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين شاهه راشدي، ڪلياڻ آڏواڻي، منگهارام ملڪاڻي، ناراڻ داس ڀمڀاڻي، محمد صديق مسافر، محمد صديق ميمڻ، ليکراج ڪشنچند عزيز ۽ لوڪ مل ڪيسواڻيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

تحقيق جي سلسلي ۾ گهڻو ڪم سنڌي زبان جي نالي وارن شاعرن تي ٿيو. ابتدائي دور ۾ ان سلسلي ۾ هيٺيان ڪتاب شايع ٿيا:

ديوان ڪوڙو مل جو مرتب ڪيل "ساميءَ جا سلوڪ" (1888ع)، لعل چند امر ڏني مل جا لکيل ڪتاب "شاهاڻو شاهه" (1911ع)، "سوڀارو سچل" (1916ع)، "پيرڪنگي باغ جو گل ستي" (1920ع)، جيٺمل پرسرام جو شاهه لطيف جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي لکيل ڪتاب "شاهه ڀٽائيءَ جي حياتي" (1915ع)، "شاهه جون آکاڻيون" (ٻه ڀاڱا) (1922-23ع)، "شاهه جي آکاڻين جي سمجهاڻي" (1923ع)، سچل سرمست بابت لکيل ڪتاب "سچل سرمست". ان دور ۾ خاص طرح مرزا قليچ بيگ تمام وڏو ڪم ڪيو ۽ تحقيق ۽ تنقيد جي سلسلي ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايائين. جهڙوڪ: "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي" (1872ع ۽ 1897ع)، "ثابت علي شاهه جا مرثيا"،

”لطيف علي شاهه جو احوال“ (1900ع)، ”رسالو ڪريمي“ (1905ع)، ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ (1909ع)، ”سر سهڻي جي شرح“ (1911ع)، ”سسئي جي سُرن جي شرح“ (1911ع)، ”شاهه جو رسالو“ (1913ع)، ”سر سورٺ جي شرح“ (1916ع)، ”شاهه جي رسالي جي ڪُنجي“ (1918ع)، ”سنڌ جا قديم شهر ۽ انهن جا مشهور مقبرا“ (1921ع)، ”تصوف جي تاريخ“ (1922ع)، ”رياست خيرپور جي تاريخ“ (1922ع)، ”سر مومل راڻي جي شرح“ (1922ع)، ”ديوان گل جي شرح“ (1922ع)، ”قديم سنڌ جا ستارا“ (1923ع)، ”ديوان قاسم“، ”ديوان فاضل“ (1925ع)، ”سنڌي شعر جي قديم حالت ۽ پوءِ جو سڌارو“ وغيره.

ان بعد سنڌ جي وڏي محقق ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو نالو اچي ٿو. سندس لازوال ڪارنامو، ٽن جلدن ۾ مرتب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ آهي، جنهن تحقيقي انداز ۾ هڪ انقلاب آندو. هن جو پهريون جلد 1923ع، ٻيو جلد 1924ع ۾ ٽيون جلد 1931ع ۾ ڇپيو. افسوس جو ان جو چوٿون جلد ڇپجي نه سگهيو، جنهن ڪري رسالو نامڪمل رهجي ويو. هن رسالي جي شايع ٿيڻ ڪانپوءِ ان تي تنقيدون ۽ جوابي تنقيدون ٿيون، پر ان جي اهميت ۽ افاديت ڪي گهٽجي نه سگهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ٻيو تحقيقي ڪارنامو آهي: ”لنواريءَ جا لال“، جنهن ۾ لنواريءَ وارن بزرگن جو تذڪرو تحقيق سان آندل آهي.

ساڳئي عرصي جي محققن ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو نالو عزت ڪان مشهور آهي. سندس تحقيقي ڪارناما هي آهن: ”شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“ (1937ع)، ”ابيات سنڌي“ (1939ع)، مولانا غلام محمد خلزيءَ جي ”منهاج العاشقين“ جو سنڌي ترجمو (1934ع) ۽ ”ڪلام گرهوڙي“ (1956ع). ”ابيات سنڌي“ تي هندو اديبن تنقيدون ڪيون ۽ اعتراض واري نظام الدين جي شرح ڪئي، پر ترديد ڪرڻ ڪئي.

ڪلاسيڪي شعر جي سلسلي ۾ ٻيا جانا نيڪ ڪتابن ڪان سواءِ ٻيا ۽ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا. جهڙوڪ: آغا غلام نبي صوفيءَ جو ”سچل سرمست“ (1933ع)، ماستر واڌومل مولچند جو مرتب ڪيل ”سامي جا چونڊ سلوڪ“ (1938ع)، ڪندومل فرحاڻيءَ جو ”بيدل جو رسالو“ (1940-42ع)، نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو ”شاهه جون سورميون“ (1944ع)، ڪاڪي ڀيرومل جو ”سنڌي ٻولي“ (1925ع) ۽ ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ (1941ع)، محمد صديق ميمڻ جو ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ (جلد پهريون 1937ع)، لطف الله بدويءَ جو ”تذڪره لطفي“ (ٽي جلد) وغيره.

ڪلاسيڪي شعر سان گڏ جديد شعر تي به تنقيدون ٿيون. ان سلسلي ۾ هڪ ڪتاب 1946ع ۾ ”سنڌي شعر جي ڪسوٽي“ جي نالي سان شايع ٿيو، جنهن ۾ هڪ مضمون لوڪومل ڪــــ آنيءَ جو آهي، جنهن ۾ بيدل جي شعر تي تنقيد آهي ۽ ٻيو مضمون سنسي ٿيءَ ڪنلا ڪيسواڻيءَ جو آهي، جنهن ۾ عروضي شاعر ليکراج ڪشنچند عزيز جي شعر جي ڪشنچند بيوس جي شعر سان ڀيٽ ڪري، بيوس جي شعر کي مٿاهون ڪري ليکاريو ويو آهي. ان ڪتاب جي جواب ۾ 1947ع ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل ”ڪيسوانيءَ جي ڪسوٽي“ نالي ڪتاب لکيو، جنهن ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين ته عزيز ڪان بيوس جو شعر ڪچو آهي.

انگريزن جي دور کي جيڪڏهن سنڌي ادب ۾ نثر نويسي جو دور چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. ٻين دورن سان جيڪڏهن ڀيٽ ڪجي ته سڀ کان وڌيڪ نثر انگريزن جي دور ۾ ٿي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

لکيو ويو. انهيءَ ۾ بہ نثر نويس سان گڏ سنڌي نثر نويسي جي اِبي مرزا قليچ بيگ ۽ سنڌ هر عصر نثر نويس ليکڪن جو وڏو ڪردار آهي. جن ۾ ديوان ننديرام ميرواڻي ۽ شامل آهي. ديوان ننديرام کي فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ چڱي مهارت حاصل هئي. ”تاريخ معصومي“ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيائين. سنڌي صورتخطي ٺاهيندڙ ڪاميٽيءَ جو ميمبر بہ رهيو. ”تاريخ معصومي“ کان سواءِ ”باب نامو“، ”سڪندر نامو“، ”ليکي جو ڪتاب“ (ب ڀاڱا)، ”جبر و مقابلہ“ (الجبرا)، ”ڪرتي نروار“ (ب ڀاڱا)، ”منساري نروار“، ”چٽ جي ٻارڻ“، ”پيمائش ڪتاب“، ”ليسپ جون آکاڻيون“، انگريزي ڪتاب جو ترجمو (1854ع) ڪتاب لکيائين. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب کي ابتدائي طور پهرينءَ نثر سان نوازيائين.

منشي اڌارام ٿانور داس ميرچنداڻي سنڌين مان انگريزي سکندڙ پهريون شخص هو. پهرياين ڪمشنر آفيس ۾ ملازم ۽ پوءِ سنڌيءَ جو ترجمان ٿيو. سنڌي صورتخطي ٺاهيندڙ ڪاميٽيءَ جو ميمبر بہ رهيو. سنڌي درسي ڪتاب لکيائين. ان کان سواءِ قصا ۽ لکيائين. جهڙوڪ ”راءِ ڏياچ“، ”مهر منير“، ”وعيس ۽ دائي جي ڳالهہ“، ”ڪاسين ۽ ڪامروپ“ ۽ ”راسيلاس“ بہ ترجمو ڪيائين. جيڪو اصل ۾ ڊاڪٽر جانسن جو لکيل آهي. هن ترجمي ۾ ديوان ڪولراءِ بہ ساڻس گڏجي ڪم ڪيو. اهڙيءَ طرح هن نثر نويس پڻ سنڌي ادب کي بي بها نثري خزانو مهيا ڪري ڏنو.

سيد ميران محمد شاهہ اول کي عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ مهارت حاصل هئي. سندس لکيل ڪتابن ۾ ”سٺا تورئي ۽ ڪتا توري جي ڳالهہ“، ”مفيد الصبيان“ ۽ ”اطفالي نروار“ قابل ذڪر آهن. سندس ٻولي نهايت سرلي ۽ مٺي آهي. جنهن ڪري سندس ڪتاب پڙهندڙن ۾ اڄ بہ مقبول آهن.

ديوان ڪوڙومل سنڌي ادب جي اڳيندڙن مان هڪ هو. ان سان گڏوگڏ سماجي سڌارڪ بہ هو. ”ساميءَ جا سلوڪ“ پهريون پهرو ديوان صاحب ئي مرتب ڪري ڇپايا. ان کان سواءِ ڊراما بہ لکيائين. جيڪي يا تہ ترجمو آهن يا ورتل آهن. انهن مان ”رتنا ولي“ (1880ع) قابل ذڪر آهي. جيڪو هڪ سنسڪرت ڊرامي جو ترجمو آهي.

هن دور کي ادبي حوالي سان مرزا قليچ بيگ جو دور چئجي سگهجي ٿو. مرزا قليچ بيگ پنهنجي قلم جي تيز ترين رفتار سان سنڌي ادب کي ڏيهي توڙي پرڏيهي سطح تي زندگيءَ جي هر موضوع تي شاهڪار ڪتاب لکي سنڌي ادب کي زرخيز ڪري ڇڏيو.

هو هڪ عالم شخص هڪ ئي وقت سنڌي، انگريزي، فارسي، عربي، ترڪي ۽ اردو زبانن تي دسترس رکندڙ هو. سندس علمي ۽ ادبي پورهئي تي نظر وجهجي، تہ هو هڪ ئي وقت افسانو، ناٽڪ، ناول، تنقيد، شاعري، تاريخ، تهذيب، تعليم، اخلاق، مذهب، طب، تصوف، سوانح، آتم ڪٿا، لغت، ٻوليءَ، سائنس، لطيفيات، لسانيات، گرامر، موسيقيءَ، زراعت، باغباني، سائنس، حشرات الارض، ٻارن جي ادب، تقابلي مذهب، مطلب تہ علم ادب جي گھڻن ئي شاخن تي ڪتاب ترجمو ۽ اثر ڪندي نظر اچي ٿو. پر سندس وفات کان اڄ تائين سندس علمي پورهيو مڪمل صورت ۾ ڇپجي نہ سگهيو آهي. سندس پوٽي مرزا اعجاز علي بيگ، مرزا صاحب جي ڪتابن جي نئين سر ترتيب ڪئي آهي. ڪتبخانو درست ڪيو اٿائين ۽ مرزا صاحب جي هر هڪ شيءِ کي حفاظت سان سنڀالڻ شروع ڪيو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

اهي. هن تازو جيڪا فهرست مرتب ڪئي آهي، اُن مطابق مرزا صاحب جا جملي تصنيف ٿيل ڪتاب 457 ٿين ٿا. مرزا صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي مختلف زبانن ۾ ڪتاب لکيا، تن جا صفحا هيٺين طرح شمار ٿيل آهن:

قلمي سنڌي 9585، ڇپيل سنڌي 11514، انگريزي 1492، ڇپيل ناياب سنڌي 2390، فارسي 1594، اردو 363، عربي 514، ٽوٽل صفحا 27458.

هن جي خدمت جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته:

"1890ع ۾، مرزا قليچ بيگ 'دلپسند قصا' جي عنوان سان "Lamb's tales from Shakespear" جو ترجمو، ٻن ڀاڱن ۾ ڪيو. مرزا صاحب، سنڌي ادب جي ٻنهي شاخن سان گڏ ڇيڙي تائين آکاڻيون به لکندو آيو، ٻن مان ڪن جا عنوان 'شيطان جي ناني' (1916ع)، 'دل وندر ليلنڊ ڳالهيون' (1918ع)، 'پراڻا گل ڦل' (1918ع)، 'ڀارت جي وندر ۽ پروليون' (1922)، 'ڪريس (يوناني تاريخي ڳالهيون' 1923ع) ۽ 'گلابي جوڙو' (1926ع). "علم ادب جي شاگردن کي اهو معلوم آهي ته جديد ناولن، ناٽڪ ۽ ڪهاڻين جا موضوع هميشه انساني زندگيءَ جا قدرتي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ مرزا صاحب جو طبعزاد ناول "زينت"، ان دور جي سنڌي معاشري جي قدرن جي عڪاسي ڪري ٿو. هن ناول جي پڙهڻ مان اها خبر پوي ٿي ته ان وقت سنڌي معاشري جا قدر ڪهڙا هئا؟ اهڙيءَ طرح مرزا صاحب 1914ع ۾ "شريف بيگم" جي عنوان سان سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون افسانو لکي، سنڌي ادب ۾ "جديد ڪهاڻيءَ" جي صنف جي شروعات ڪئي ۽ پنهنجن همعصر نثر نويسن جو ڪهاڻيءَ جي صنف طرف ڌيان ڇڪايو. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سال 1884ع کان وٺي 1929ع تائين واري دور کي "سانگيءَ ۽ قليچ جو دور" سڏيو ويو آهي."

خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي مطابق "سنڌ جي قديم توڙي جديد اديبن ۾ مرزا صاحب جو درجو ممتاز آهي. سنڌي ادب جي خدمت جيتري مرزا صاحب ڪئي اوتري ڪنهن ٻئي نه گذريل زماني ۾ ڪئي آهي ۽ نه هلندڙ زماني ۾. هو سنڌي نثر جو علمبردار هو. هن کان اڳ نه پيرام، ڪوڙرام ۽ ڪوڙي مل سنڌيءَ ۾ ٻه چار محاوره ڪتاب، جدا جدا مضمونن تي لکيا، پر جنهن تيزي ۽ رواني سان مرزا صاحب سنڌي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا، تن جو اندازو اهي ڪري سگهندا، جنهن اهي ڪتاب نظر مان ڪڍيا هوندا."

خانبهادر ڏتيڪ لکي ٿو ته: "هو ناول ۽ ناٽڪ نويسيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ناٽڪ نويسيءَ ۾ مشهور انگريز ڊراما نويس 'شيڪسپيئر' جا ڪيترائي ڊراما ترجمو ڪري، سنڌي ادب ۾ کوٽ جي پورائي ڪيائين. انهن ناٽڪن ۾ مرزا صاحب، پنهنجي شعر سان، اصليت ۽ قائم رکي آهي. سنڌي ناولن ۾ 'زينت' بلند پايي جو ناول آهي، جنهن جهڙو مثال اڃا سنڌ ۾ ظاهر ٿي ڪو نه ٿيو آهي."

ڊاڪٽر اينميري شمل لکي ٿي ته: "مرزا قليچ بيگ جي زندگي، سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان کي ارپيل هئي. سنڌي شعر توڙي نثر جو خال پُرڻ لاءِ هن مشرقي توڙي مغربي شاعرن، عالمن، اديبن، مفڪرن، دانشورن، فيلسوفن ۽ صوفين جي مختلف ڪتابن جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ انهن مان شعر توڙي نثر جا جوهر چونڊي، انهن جو آسان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، پنهنجي پڙهندڙن آڏو رکيا. هن تحرير ڪرڻ ۽ موضوع ڪرڻ چڱو، جنهن ٿي سنڌس قلم نه وهيو هجي. ڪيس جيڪو سٺو ڪتاب هٿ لڳو، تنهن کي جهول ۾

http://soorihsindhiadab.website.2.me

رڪائين. شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن کي به سڀ کان اول نثري صورت ۾ آندائين ۽ بعد ۾ اهڙيءَ ته مهارت سان ترتيب ڏنائين جو چئجي ته انهن ڊرامن ۾ پيش ڪيل واقعا ۽ حادثا مقامي سرزمين ۾ ٿيل هجن. ان سان گڏ شرلاڪ هومز جي جاسوسي ناولن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. ان کان سواءِ جرمنيءَ جي جنگ، چين ۽ اتي جا ماڻهو ۽ يورپ جا وڏا ماڻهو جهڙا ڪتاب به آهن؛ سائنس جهڙي سان ترجمو ڪيائين. جنهن جلدي سان جانورن، مقناطيسي ڪشش، سائنس جي حيرتناڪ ڪارنامن ۽ سياسي اقتصاديات بابت لکيائين."

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته: "مرزا صاحب يورپ جي عظيم ناولن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سندس ترجمو ڪيل ناولن ۾ 'وڪٽر هيوگو' جي تصنيف 'مصيبت ماريا' ساٿين؛ سنواريا' جي نالي ترجمو مشهور آهي. مرزا صاحب پنهنجي هن ڪم لاءِ ڪتابن جي چونڊ رڳو يورپ جي اديبن تائين محدود ڪانه رکي، پر امريڪي اديب، فارسي جي ڪلاسيڪي ادب ترڪي عربي ادب کي به سنڌيءَ ۾ آندائين. انهن ۾ امام غزالي، سعدي، جامي ۽ مولانا رومي جي مثنوين کي به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين.

پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ مرزا قليچ بيگ کي "بسيار نويس اديب" سڏيو آهي. پروفيسر لال سنگهه اجواڻي لکيو آهي ته "مرزا صاحب جو پهريون طبعزاد ناول 'دلآرام' آهي ۽ سندس ٻيو طبعزاد ناول 'زينت' آهي. سندس اهي ٻئي ڪامياب ناول آهن." ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو ته "عموماً انسان يا محقق ۽ نقاد، مرزا قليچ بيگ کي فقط هڪ مترجم ڪري ليکيندا آهن. ليڪن سندس هيءَ نظر ۽ هر اصناف تي لکڪ ۽ ٺيڪ هو. هڪ نو ٻيهل اديب هو ۽ طبعزاد شاعر هو. جنهن ادب ۽ زبان جي سلسلي ۾ تمام وڏيون خدمتون بجا آنديون. هو قلمڪش، تنقيد، لسانيات، سنڌ جي سياسي خطي ۽ تاريخ جي سلسلي جو محقق ۽ عالم هو. ان بابت 'سنڌ جا قديم شهر' ان جا ماڻهو' سندس مشهور تصنيف آهي. هو پنهنجي وقت جو اديب محقق ۽ سوانح نگار به هو، جنهن اڳاڻن ۽ پنهنجي دور جي شاعرن جا ڪلام مرتب ڪيا. 'ثابت علي شاهه جا مرثيا' جنهن جلدن ۾، 'ديوان قاسم'، 'ديوان فاضل' ۽ 'رسالو ڪريمي' وغيره هن ڇپايا. 'ميان حسن علي آفندي جي سوانح حيات'، 'شعر جو شرف ۽ شان' ۽ ڪيتري سنڌي مقالا ۽ مضمون ڇپيل آهن. "سالڪ ٻن يا ڪارڊ پٺو" سندس انم ڪهاڻي آهي. هو پهريون محقق آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ 'شاهه لطيف جو رسالو' تصحيح ۽ ترتيب سان ڇپايو. جنهن کي ڪاتشن پوءِ هر ايندڙ محقق شاهه لطيف جي مستند ماخذ طور استعمال ڪيو. ماهر لسانيات جي حيثيت ۾ هن سنڌي ٻولي جي وڏي خدمت بجا آندي، ان سلسلي ۾ 'سنڌي ٻولي' جو مٿا ڪري، 'لغات لطيفي' ۽ 'لغات ڪريمي' لسانيات جي خيال کان نهايت اهم اڻاٽتون شمار ٿين ٿيون. مطلب ته هن ادب ۽ ٻوليءَ جي هر فيلڊ ۾ ڪم جي شروعات ڪئي ۽ ٻيترن ذوق ۽ تجسس پيدا ڪيو، جو ٿوري ئي عرصي ۾ ٻيا لکندڙ به سندس تقليد ڪندي، سندس نشان راهه تي هلڻ لڳا." پروفيسر جي اي الانا لکي ٿو ته: مرزا صاحب ناولن، ناٽڪن، مضمونن ۽ ٻين صنفن ۾ جهڙي ڪتاب لکيا يا جيڪي ڪتاب ترجمو ڪيا. انهن جي ترجمي ڪرڻ ۾ به پاڻ اهڙو ئي انداز بيان ۽ اسلوب ڪم آندائون جو اهي ڪتاب ترجمو ٿيل گهٽ ۽ طبعزاد يعني اصل ڪتا لکيل ڪتاب وڌيڪ لڳن ٿا. اهڙو شريف سندس ترجمو ٿيل ڪتابن جهڙوڪ 'شاهه ليليا'، 'حسنا

"وفادار"، "فيروز دن الفروز"، "گرلن جا گوبندر"، "گلن جي ٽوڪري"، "انڪوائري آفيسر" ۽ "شمشاد مرجان" وغيره مان ملي ٿو. مرزا صاحب سنڌي نثر ۾ علم ادب، تهذيب جي ارتقا، علم الانسان، علم اللسان، لطيف شناسي، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي جاگرافي، اقتصاديات، علم نباتات، حشرات الارض ۽ حيات بعد الممات کان سواءِ سائنسي موضوعن تي ٻه ڀيڻان ڪتاب ترجمو ڪيا. ڊاڪٽر الانا وڌيڪ لکي ٿو ته: عبارت ۾ بلاغت جي لحاظ کان مرزا صاحب کي انگريزي زبان جي اديب "گولڊ سمٿ" وانگر سنڌي جي عوام کي سليس ٻوليءَ ۾ نثر ڏنو. سندس نثري جملن ۾ نزاڪت، سلاست، سمرتا ۽ ڪرملتا ڪانسواءِ سندس عبارت ۾ رواني، ٻوليءَ ۾ رس ۽ مٺاج پيدا آهي. سندس ڪتابن ۾ جملو تڪلف وارو نه آهي. هن، سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ جي انداز يعني Style (اسلوب) ۽ عبارت آرائيءَ ۾ انقلابي تبديليون آنديون. ان ڪري هي دعويٰ ڪرڻ ۾ ڪو به وڌاءُ ڪو نه ٿيندو ته ديوان ننديرام ۽ اڌارام جي سنڌي نثر خاص نموني ۾ اسلوب واري هئي، جنهن کي ديوان ڪوڙي مل ۽ مرزا صادق علي بيگ سنواري ۽ سڌاري ۽ ڪانئن پوءِ واري زماني جي نثر نويسن لاءِ نئون ڏس ڏيکاريا ۽ انهيءَ ڏس کي شاعرن پڪائي وارو شمس العلماء مرزا قليچ بيگ هو. "سنڌي نثر کي اول اول جن جن بزرگن نثر نويسن سنڀاليو هو ۽ ترقي ڏياري هئي، انهن ۾ ديوان ڪوڙومل چندن مل، رڻي ڏيارام گدومل، ۽ ماٿند ميرارام ۽ مرزا قليچ بيگ جا نالا وڏي عزت ۽ احترام سان ورتا وڃن ٿا آهن." سندس دوست ڏيارام گدومل پنهنجي هڙان ان وقت جا ڏيڍ لک رپيا خرچ ڪري سنڌي سهڻا ڪتاب ڇپرايا. هندو ناشرن، ميسرس پوڪرداس اينڊ سنس شڪارپور، ميسرس وڌومل ڪڪنل اينڊ سنس سکر ۽ ميسرس هريسنگ اينڊ سنس سکر، ٻن سنڌي ڪتاب وڏي تعداد ۾ شايع ڪيا. آزادي بعد، سنڌي ادب بورڊ طرفان پنجاهه کن سنڌي وڏا ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، جن مان ڪجهه ورائي ورائي شايع ڪيا ويا آهن.

سنڌ جي جنهن عالم ۽ اديب سڀ کان پهرين يورپ مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي، اهو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي آهي، 1928ع ۾ "انگريزي شاعريءَ ۾ تصوف" جي عنوان تي مقالو لکي لنڊن يونيورسٽي مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين. ڊاڪٽر گربخشاڻي انگريز دور جو عالم، اديب ۽ نثر نويس آهي. فارسي ۽ انگريزيءَ جو وڏو ماهر هو. سنڌي زبان جو تعلم وڏو نقاد ۽ محقق هو. "شاهه جو رسالو" محققانه انداز ۾ مرتب ڪري ڏيڍ قابل حيثيت حاصل ڪيائين، اهڙيءَ طرح "شاهه جو رسالو" ايڏا تائين ڪوئي مرتب نه ڪري سگهيو آهي.

گربخشاڻيءَ جو پهريون تحقيقي ڪتاب آهي "لنواريءَ جا لال"، جنهن ۾ لنواري جي بزرگن جو تذڪرو آهي. ان ڪتاب جو مواد سندس شاگرد محترم پير سعيد حسن صاحب، اڳوڻي وائيس پرنسپال ايس. ايم ڪاليج ڪراچي کيس ڏنو هو. جيڪو لنواري وارن بزرگن جي خاندان مان آهي. گربخشاڻيءَ ناول جي فن موجب ٺهيل طرز تي "نور جهان" نالي هڪ ناول به لکيو، جيڪو 1915ع ۾ شايع ٿيو. ناول ۾ سندس نثر تحرير جانب ۽ عالمانه آهي. محاورن اصطلاحن ۽ صنعتن جو خاص خيال رکيو ويو آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي کان علاوه هن دور جي جنهن ٻئي عالم، اديب ۽ نثر نويس يورپ مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي، اهو هو شمس العلماء علامه عمر بن محمد

http://soorihsindhiadab.website.2.me

دائوديوٽو، هو غريب گهراڻي مان هوندي به پنهنجي محنت ۽ ڪوشش سان بي. اي، ايم. اي ڪري 1927ع ۾ ڪيمبرج يونيورسٽي مان پي. ايڇ. ڊي جي سند حاصل ڪيائين. سنڌ مدرسه ڪراچي ۽ چرچ مشن هاءِ اسڪول ۾ استاد، ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو فيلو، اسماعيلي انڪيري ڪاليج بمبئي ۾ عربي جو پروفيسر ۽ سنڌ جو ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن ٿي رهيو. ملازمت جي پوئين زماني ۾ ڪجهه وقت ويسٽ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر به ٿي رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي باني مان هو. سنڌي زبان جو وڏو محقق ۽ نقاد هجڻ سان گڏ عربي ۽ فارسي جو وڏو عالم به هو.

ڊاڪٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي زبان جي چند وڏن نثر نويسن مان هڪ آهي. هن جي لکڻيءَ جو ڍنگ نرالو آهي. جنهن ۾ مٺاج به آهي ته رس ريجهه ۽ رواني به آهي. نهايت سولي، سلوڻي ۽ پياري ٻولي ۾ ڪتب آندي آئس. هن سنڌي زبان، صورتخطي، ڪلاسيڪي ادب، سنڌي ثقافت، شاهه لطيف جي سير و سياحت، پٿرن ۽ پکين جو نهايت گهرو اڀياس ڪري، نهايت اهم تحقيقي ڪتاب ۽ مقالا لکيا.

سنڌي لغت، پهاڪن ۽ گرامر تي به بنيادي تحقيقي ڪم ڪيائين. ان سلسلي ۾ سندس ڪتاب "غريب اللغات"، "پهاڪن جي پيڙهه" ۽ "سنڌي وياڪرڻ" سنڌي تحقيقي ادب ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. شاهه لطيف جي سير ۽ سفر بابت نهايت اهم تحقيقي ڪتاب "لطيفي سير" لکيائين. ڪاڪي ڀيرو مل تحقيقي ادب سان گڏ تنقيدي ۽ تخليقي ادب ڏانهن به ڌيان ڏنو. ناول، افسانا ۽ ڊراما به لکيائين ته تنقيدي مضمون به لکيائين.

انگريزن جي دور جو ٻي لعل چند امر ڏنومل سنڌي زبان جو وڏو نثر نويس هو. هن سادي ۽ سلوڻن لفظن ذريعي پنهنجي لکڻيءَ ۾ وڏو مٺاج ۽ رواني پيدا ڪئي. هن سنڌي زبان ۽ ادب جا جيڪي گهاڙا ٻيا آهن. انهن کي سڀ واقعي امر بڻائي ڇڏيو آهي. هو صوفي خيالن جو هو. هندو مسلم ايڪتا لاءِ گهڻو ڪم ڪيو ۽ تصوف، ٿياسافيءَ ۽ رواداريءَ جي اصولن جو پرچارڪندو رهيو. هو آزاد خيال هو ۽ مذهبي تنگ نظري کان بلڪل ڪورو هو. هن هر هنڌ سچائيءَ جي ڳولها ڪئي. اهو ئي سبب آهي، جو هن انسانيت جي علمبردار حضرت محمد ﷺ جي سيرت پاڪ جو اڀياس ڪري پاڻ سڳورن جي سيرت طيبه تي ڪتاب لکيو. هن تصوف، ٿياسافي ۽ روحانيت جي سمجهاڻيءَ بابت ڪيئي ڪتاب ۽ مضمون لکيا. سنڌ جي باڪمال ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ بابت به نهايت قابل قدر ڪتاب لکيائين. جيڪي سنڌي ادب جي اڀياس لاءِ ڪارائتا ثابت ٿيا آهن. شاهه لطيف جي فڪري پيغام ۽ شاعريءَ بابت "شاهاڻو شاهه"، سچل سرمست جي شاعريءَ بابت "سرتيهارو سچل" ۽ ٻه پرين صاحب ديوان شاعر خليفي گل محمد هالائي جي شاعريءَ بابت "بيرنگي باغ جو گل سنڌي" نالي ڪتاب لکيائين.

پرمانند ميوارام به هن دور جو اهم نثر نويس هو، خاص طرح سان اعليٰ پايي جو مضمون نويس هو. سندس مضمون "جوت" اخبار ۾ شايع ٿيندا هئا، جنهن جو هو پاڻ ايڊيٽر هو. هيءَ اخبار 1896ع ۾ جاري ڪيائين. سندس مضمونن کي سنڌي مضمون جي ارتقائي تاريخ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. اهي مضمون پوءِ ڪتابي صورت ۾ "گل ڦل" جي نالي سان ٻن ڀاڱن ۾ ڇپيائين. گل ڦل ۾ ڪجهه مضمون ٻين ليکڪن جا به آهن. جيڪي جوت کان کنيل آهن. ان کانسواءِ ديوان صاحب سنڌي انگريزي ۽ انگريزي سنڌي لغتون به

http://soorihsindhiadab.website.2.me

اهڙا ڪارج ڇپايائون. انهن لغتن ۾ هن پنهنجي زباندانيءَ، علمي ۽ تحقيقي قابليتن جو پورو پورو ثبوت ڏنو آهي.

علامه محمد شاهواڻي هن دور جو سنڌي ادب جو سٺو نثر نويس ۽ نقاد هو. هن پهريون ڀيرو جنهن مغربي تنقيد جي اصولن تي سنڌي زبان ۾ تنقيدي اصولن بابت هڪ مفيد ڪتاب "ادبي اصول" (ٻه ڀاڱا) لکيو. سنڌيءَ ۾ پهريون ڪارنامو آهي. "شاهه جو رسالو" جيڪو وڏي محنت سان مرتب ڪيائين. ان کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيائين.

ڀرچي ياسين جي نندواڻي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد ۾ پيدا ٿيندڙ مولانا دين محمد وفائي هن دور جا نامور صحافي ۽ نثر نويس هئا. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه وقت مدرسه دارالسلام ڪراچي ۾ معلم ٿي رهيو. بعد ۾ صحافتي زندگي اختيار ڪيائين. پهريائين "صحيفه قادريه" ۽ "الڪاشف" رسالن ۾ ڪم ڪيائين. 1920ع ۾ "الوحيد" اخبار جاري ٿي، جنهن جو سب ايڊيٽر ٿيو. 1927ع ۾ ڪجهه وقت "الحزب" سکر جو ايڊيٽر ٿي رهيو. 1923ع ۾ ماهوار "توحيد" جاري ڪيائين. 1936ع ۾ سنڌ بمبئي کان جدا ٿي، ان موقعي تي "الوحيد" جو اسپيشل نمبر "سنڌ آزاد" ڪڍيائين. جيڪو سنڌ جي تاريخي سلسلي ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. ان کان سواءِ ڪيترائي ادبي ۽ تاريخي ڪتاب لکيائين. جهڙوڪ: "لطف اللطيف"، "شاهه جي رسالي جو مطالعو"، "تذڪره مشاهير سنڌ"، "الهام باري تجريد صحيح بخاري"، "توحيد اسلام"، "تقويت الايمان"، "تاريخ محمد مصطفيٰ ﷺ" وغيره شامل آهن.

علامه علي خان ابڙو جو تعلق به هن دور جي اهم نثر نويسن ۾ شامل ٿئي ٿو. علامه صاحب ڪيترائي اسلامي ڪتاب لکيا. جهڙوڪ: "حالات نبوي ﷺ"، "احاديث رسومات تباهي"، "تعليمات اسلام" (ٻه ڀاڱا)، "اسلام ۽ ترقي"، "اخلاقي گلدستو"، "اسلام ۽ چرخو"، "اسلام ۽ ڪميونزم"، "اسلام جو مالي نظام" ۽ "تفسير قرآن مجيد". علامه صاحب جو تفسير قرآن مجيد ريجهواڻي ۽ سنڌيڪا اڪيڊمي پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هن تفسير جي ٻولي نهايت وڻندڙ ۽ عام فهم آهي.

انگريز دور جي ٻين اهم نثر نويسن ۾ مرزا غلام رضا بيگ، مولوي محمد عثمان، راءِ گدومل، شمس الدين "بلبل"، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، امام بخش "خادم"، هدايت الله "مشتاق"، آخوند حاجي فقير محمد "عاجز"، آخوند لطف الله، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي، احمد غلام علي چاڳلا، خليق مورائي، محمد بخش "واصف"، محمد صديق ميمڻ، مرزا قادر بيگ، صاحب سنگھ چندا سنگھ شاهاڻي، نارائڻ داس ڀنڀاڻي، ڄاڃچند ديواڻي، عطا حسين شاهه موسوي، عثمان علي انصاري، عبدالحسين شاهه موسوي، الله بچايو سومرو ۽ ٻيا شامل آهن.

انگريزن پهريون پهريون سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ۽ آفيسرن کي پابند ڪيو ويو ته انهن جي لکپڙهه سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪئي وڃي. سنڌي جي عالمن ۽ اديبن جي سرڪاري طور همت افزائي ٿيڻ لڳي. ادبي ڪارنامن عيوض عالمن ۽ اديبن کي شمس العلماء جا لقب ڏنا ويا. سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ اسڪول کلڻ شروع ٿي ويا. درسي ڪتاب لکجڻ شروع ٿي ويا. پهريون درسي ڪتاب بابا نامو سميت سمورا درسي ڪتاب پهريون پهريون انگريزن جي حڪومتي دور ۾ لکيا ويا. شاعرن جا مشاعرا ٿيڻ شروع ٿي ويا ۽ انهن جي همت افزائي ڪئي وئي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

هن دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي حوالي سان کوجنا ڪئي ويئي. ٻوليءَ جي قدامت جي حوالي سان نوان انڪشاف ٿيا. هن سلسلي ۾ سر گريئرسن سڀ کان پهرين ”لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا“ لکي سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي حوالي سان بنيادي ڪم ڪيو. هن ڪتاب ۾ هن سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت ڄائي ٻولي قرار ڏنو. جنهن نظريي کي اڳتي هلي ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي اڳتي وڌايو. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي لکيل ڪتاب سنڌي گرامر ۾ سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد جي حوالي سان پنهنجا ويچار ڏنا آهن. هن پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته سنڌي ٻولي سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتي آهي. ساڳي نظريي کي اڳتي وڌائيندي ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي حوالي سان کوجنا شروع ڪئي ۽ ٻولي جي قدامت جي حوالي سان نوان نظريا پيش ڪيا. ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ نالي ڪتاب لکي سنڌي ٻولي کي سنسڪرت ڄائي ٻولي قرار ڏنو آهي. انهيءَ حوالي سان ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته: ”هاڻوڪي سنڌي ٻولي سنسڪرت ڄائي آهي. پراڪرت ۽ اپڀرنش جا روپ وٺي وراچڊ سڏجڻ ۾ آئي ۽ اُن کانپوءِ شايد عربن جي صاحبيءَ ۾ رنگ بدلائي موجوده پوشاڪ پاتائين. هن لکيو ته سنڌي آرياڻي زبان آهي. ڪاڪي ڀيرومل جي انهيءَ نظريي کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي حوالي سان نوان نظريا پيش ٿيا. ڊاڪٽر نبي بخش انهيءَ نظريي کي رد ڪندي سنڌي ٻولي کي سنسڪرت کان اڳ واري ٻولي قرار ڏنو.

انگريزن جي دور ۾ نثر سان گڏ نظم ۾ تمام گهڻي ترقي ٿي. شاعريءَ جي هر صنف تي لکيو ويو. هن دور ۾ جديد سنڌي شاعري جو بنياد پيو. مروجه شاعري ۾ نوان ڍنگ آيا. غزل ڏاڍا گهڻي ترقي ڪئي. ڪيترائي باڪمال شاعر پيدا ٿيا. هن دور ۾ انگريزي شاعري جي سانيٽ ۽ ٻين صنفن تي لکڻ جو رواج پيو. پرڏيهي شاعري جي صنفن تي سنڌي شاعرن لکڻ شروع ڪيو.

هن دور جو عظيم شاعر قادر بخش بيدل آهي، جنهن جي شعر ۾ تصوف جي ٻهار ۽ سچل سرمست وانگر بيباڪي ۽ فڪر جي بلندي آهي. فقير قادر بخش بيدل تعليم تربيت ۽ سير سياحت کان پوءِ تصنيف ۽ تاليف جو وڏو ڪم ڪيو. هن 59 سالن جي حياتي ۾ عربي فارسي، سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو ۾ نظم ۽ نثر جا 30 ڪتاب تصنيف ڪيا. جن مان اڪثريت عربي ۽ فارسي ٻولي ۾ آهي. سندس مشهور ڪتابن ۾ ”مثنوي رياض الفقر“، ”ديوان سلوڪ الطالبين“، ”رموز القادري“، ”ڪرسي نامه“، ”سرود نامو“ (سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جو مجموعو) ”وحدت نامو“ (سنڌي بيتن جو مجموعو) ”غزليات هندي“ (اردو ڪلام) ”ديوان بيدل“ (فارسي) ”پنج گنج“ وغيره شامل آهن.

پنج گنج فقير بيدل جو مقبول ترين ڪتاب آهي. جنهن ۾ قرآن، حديث، مثنوي، فارسي شاعري ۽ شاهه جا سنڌي بيت پڻ ڏنل آهن. بيدل سائينءَ جي صحبتي فقيرن ۾ فقير غلام محمد، [illegible] پير محمد، ڪرمچند بجاج ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. جن سان سندس مجازي محبت هئي. صوفين جي نزديڪ حقيقي عشق جي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ مجازي عشق جو گذرڻ ضروري آهي. فقير قادر بخش بيدل جي ڪلام کي ”ديوان بيدل“ جي نالي سان الترتيب [illegible] ڪرومل ٽڪرمل هرجاڻيءَ پهريون ڀيرو 41-1940ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ديوان بيدل جو هڪ اهم نسخو عبدالحسين شاهه موسوي؛ ترتيب ڏيئي ڇپايو. فقير قادر بخش جي سنڌي ۾ شاعري جو نمونو هيءُ آهي:

ٽـوري ٽـور ٽـورو، مـور نـه مـهـاٽـي،
هت هت آهي انهيءَ سان، چانر سمون ساٽي،
هــرءِ جـا اکـهـاٽي، تـه مـهـاٽـن مـان لـنـگـو.

کـاريـهـر جـي پـس پـر، جـيـکـر وڃـهي پـيـس،
جي نه ڪرائي ڏانهن ته ڪاريهر ڪيئن سڏجي.

سندس سرائڪي ٻوليءَ ۾ شاعريءَ جو نمونو هيءُ آهي:

سڪ رمز وجود وڃاوڻ دي، تهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي،
اکـران دي وچ جـوڙي اڙيـا، عـشـق دي چـاڙهـي مـور نـه چـڙهـيـا.

فقير قادر بخش "بيدل" جو فرزند فقير محمد محسن بيڪس به انگريز دور جو هڪ وڏو مدبر عالم ۽ بزرگ هو. بيڪس پنهنجي والد جي وفات تي کيس مرشد ڪري، هنن لفظن ۾ ڳاهر ڪيو آهي:

بيدل مُرشد منهنجو، سائين غريب نواز هو،
بيڪس خادم در جي ڪي، عشق جو آغاز هو.

جڏهن "بيدل" سائين وفات ڪئي ته اُن وقت بيڪس جي عمر 14 سال هئي. بيڪس پنهنجي شاعري ۾ حسن ۽ عشق جي رازن کي تمام سهڻي نموني ۾ شاعري جو روپ ڏيئي پيش ڪيو آهي. حقيقت ۾ 23 سالن جي ٿورڙي عرصي ۾ جيڪا هن اسان کي شاعري ڏني آهي، سا بهترين ڪمال درجي جي آهي. سندس شاعري ڏوهيڙن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيءُ آهي:

هـٿـن نـه لاٿـي هـوءِ، مـارڻ مـسـڪـيـن کـي،
ڇـيـري ڇـڏي ڇيـريـن، مـٿـان پـڇـتـائـيـن پـسـءِ،
هـيـئـن نـه گـهـريـو هـوءِ، بـيـڪـس کـي بـيـران کـيـٺـي.

آهـن ۽ دانـهـون، ويـچـاريءَ وڏيـون ڪـيـون،
رتـيـو کـس کـونـدر جـا، پـکـائـيـن پـاڻـهـون،
پـنـهـون اکـاهـون، سـڏ نـه سـڻـي مـٺـي جـا.

نانڪ يوسف به هن دور جي اهم شاعرن مان هو. عربي ۽ فارسيءَ تي عبور حاصل هوس. دراز واري درويش حضرت سچل سرمست فاروقي" جي خاص خليفن مان هو. سندس ڪيترائي معتقد ٿيا، جن مان مير علي مراد خان ٽالپر جو نالو سر فهرست آهي. 53 ورهين جي ڄمار ۾ 20 شعبان 1261هه مطابق 2 نومبر 1845ع تي، ضلعي خيرپور جي رنگپور ڳوٺ ۾ وصال ڪيائين. سنڌي، سرائڪي ۽ هندي زبانن ۾ شعر چيو اٿس، جيڪو تصوف

http://soorihsindhiadab.website.2.me

جي رنگ ۾ آهي. سندس شعر جو نمونو هيءُ آهي:

تنهنجي تار تڳيان تن سان ۾، منهنجو مالڪ تون.
هندو مومن هر مظهر ۾، تنهنجي سڃاتو صون.
آل اولاد کي عشق ارمان جو، تڪيو تنهن هٿئون.
پن پوائين پهاڻ ۾، پاڻهي تاريون تون.
جيسف تشبين ايو احسن آهني، جيڪي پاڻان آڻون.
"ٽانڪ يوسف" تي پار سچل جا، آهن هيت مقبون.

هن دؤر ۾ سنڌي عروضي شاعري پنهنجي ڪمال طرف وڌي. مير عبدالحسين سانگي هن دؤر ۾ سنڌي غزل کي عروج تي پهچايو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سندس حوالي سان لکي ٿو ته:

> سنڌي غزل جو پورو پورو حق مير عبدالحسين سانگي ادا ڪيو آهي. سانگي اڳين پوين غزل گو شاعرن ۾ فن ۽ فڪر غزل ۽ اسلوب سبب مٿانهين ڪان مٿانهون آهي. سانگي سنڌي ڪلام ۾ نهايت ئي پاڪ آهي. سانگي نثري تصنيف "لطائف لطيفي" فارسي کان علاوه سنڌيءَ ۾ ڪل ٽي ديوان مڪمل ڪيا. جيتوڻيڪ سانگي جيڪي مختصر آهي، سنڌيءَ ۾ سانگيءَ جا ٽي ديوان هڪ منفرد مثال آهي. پٺي ڪنهن ۽ سنڌي شاعر جا ٽي ديوان ابجا ظاهر ڏٺا آهن.

مير عبدالحسين سانگي جي غزلن جو نمونو هن طرح آهي:

ڪنهن جي ديا سي زمانا ياد پيا.
وسري جي ويا سي ترانا ياد پيا.
دل تي آيا وامق و فرهاد و قيس،
ڏسندي ئي دانا ديوانا ياد پيا.

-

دردن ڪٺي ڏوهر ٿيو، دل ناتوان تي.
صدما هزار منهنجي رسيا آهن جان تي.
واچوڙي وانگي ڦرندو رهان آ روز شب،
آهيان ڪڏهن زمين تي ڪڏهن آسمان تي.

سندس رومانوي شاعري ۾ اعليٰ قسم جي آهي. هڪ غزل ۾ سانگي لکي ٿو ته:

گل کي جڏهن چمن ۾ ڏٺو مون ته ياد پئين.
بلبل کي بوستان ۾ ڏٺو مون ته ياد پئين.

انهيءَ زماني ۾ سنڌي شاعري تي فارسي شاعري جو اثر هو. جنهن ڪري مير عبدالحسين سانگي جي شاعري جي ٻوليءَ تي ۽ فارسيءَ جو ڪجهه اثر موجود آهي. سانگي پنهنجي زماني ۾ سنڌي غزل کي عروج تي پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ڪشنچند بيوس هن دؤر ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد وڌو. هن شاعريءَ ۾ نئون موڙ آندو ۽ عروضي شاعريءَ جي پراڻن موضوعن کي ڇڏي شاعريءَ ۾ نوان ۽ حالتن سان

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ٻهڪندڙ موضوع اپنايائين. هن هارين ۽ پورهيتن جي مسئلن کي شاعري جو موضوع بڻايو. قومي جذبي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪيائين. سندس ڪلام جي مجموعي شيرين شعر کي سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. ڪشنچند بيوس جي شاعري اڄ به سنڌي جي درسي ڪتابن ۾ پڙهائي پئي وڃي. ڪشنچند بيوس نه رڳو وڏن جي موضوعن تي شاعري ڪئي پر هن ٻارن لاءِ ڪيترائي نظم لکيا. ٻارن لاءِ سندس لکيل شاعري ڪتابي صورت ۾ موجود آهي. سندس لکيل نظم جهرڪي کي شاهڪار حيثيت حاصل آهي. سنڌي ترقي پسند شاعري جو بنياد وجهندڙ ڪشنچند بيوس ئي آهي. ڪشنچند بيوس جي شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

الا! جهرڪي ۾ شال خيرين جي جهرمٽي،
جيا آهي جالنداڻ نه ورثي ويال ڪنان،
ليٽڻي نه زير بار جا ڪروڙ جي خيال کان،
اٿڻو نه جنهن کي اوڪر جهرڪي جنجال کان،
جلڪڻي رهي جا ڏنيان؛ تي پورلي سٺيال کان،
جنهن ۾ غرور ۽ نه غرامي سنگهي گهڙي،
الا! جهرڪي ۾ شال خيرين جي جهرمٽي،
جنهن ۾ هنر ۽ محبت ملي پئي جوار تي،
ساري گهر وڃي نه غيبي تنوار تي،
پورهيو وڃي ٿو واڙ وڏيري جمار تي،
غالب پوي نه حرص خوشي، جي خمار تي،
بيوس جتي جلاتي نه چنتا جي چهرٽي،
الا! جهرڪي ۾ شال خيرين جي جهرمٽي،

بيوس رومانوي شاعري ۾ ڪمال جي ڪئي. غزل ۾ جدت پيدا ڪئي. سندس هڪ غزل جو مطلع هن طرح آهي:

لاڳين اکيون تنهنجيون هر جا نظر اچين ٿو،
تو کي لڪان ٿي آئون، دشمن اڳر اچين ٿو.

ڪشنچند بيوس سماجي برائين خلاف شاعري ڪئي. هن ڏياج، زميندار جي ڏاڍائي، جوا، شراب، بيروزگاري، ڌيءَ جنم کي حقارت سان ڏسڻ ۽ ٻين سماجي برائين کي پڻ پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي.

خون مسڪيني تي چوسيو، سودخورن چور جيان،
گهر جي گهوري لڳي ۽ ڏياج جو وڏو ورثو،

جي زميندار پيا تنهنجي پگهر پورهئي تي،
سي سگهيا قدر نه تنهنجو سچائي ڪلهي،

http://soorihsindhiadab.website.2.me

چار پيسا تيل ڪڻائي، چار ڏوڪڙ تيل تي،
تي لڳي ڪُرٽي ڪِتا ۾، تي بئير ڪوٽو ڪٽيلو.

—

هن طرح هاڻل ڪيٽل، تعليم ڏيوالو ڏٺو،
سور سوڙهه جو ته چڙهي، پر رياج جو لاهي ته پيان.

—

تنهنجي چمن تي، تو وجهي واڪاس ڪهر ڪهي،
تنهنجو پلين، جيتڻ، تسين، منجهار استري.

—

ڪلنڊڙ جيو لڳي، اڙ هي مهين ڪارو،
هار ائيندڙ جي سارو ڪارو.

شمس الدين بلبل هن دؤر ۾ نثر نويسي سان گڏ شاعري ۾ به ڪئي. نظم ۾ هن جو موضوع گهڻو ڪري طنز ۽ مزاح وارو آهي. شمس الدين بلبل جي شاعري ”ڪلام بلبل“ ۽ ديوان بلبل ۾ ڇپيل آهي. سنڌس شاعري جو نمونو هن طرح آهي:

مرد ڏٺا مڪار، چڱو ڪهڙي چيم،
ڪي رلون ٿيون خوار، چڱو ڪهڙي چيم.

محمد هاشم مخلص جو نالو طنزيه ۽ هجويه شاعريءَ ۾ مشهور آهي. هن معاشري جي ناسورن تي ڪلام چيو. جمع خان غريب، سرشار عقيلي ۽ نظامي شاعريءَ ۾ سنڌس شاگرد هئا. جن پڻ پنهنجو نالو ڪمايو. هن معاشري جي عام رواجي عنوانن کي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. تڏهن آور شين جي استعمال کي پنهنجي شاعريءَ ۾ تنقيد ڪئي. پان کائڻ واري عادت تي لکيو اٿس ته:

موڙي جهنڊو ٿيو آهي ته سائي پان ۾ رولو،
ريحاني رنگ قدرت جو وجهي ڏندان ۾ رولو.

پان کائڻ، سگريٽن ۽ بيڙين ڇڪڻ واري عادت کي تنديندي لکي ٿو ته:

ويو ملڪ ۾ وڌي اڄ سگريٽ پان بيڙي،
انسانيت جو سمجهن بلڪل ٿا شان بيڙي.

محمد صديق مسافر هن دؤر ۾ ڪيترائي علمي ادبي ۽ درسي ڪتاب لکيا. سنڌس ڪليات به ڇپيل آهي. شاعريءَ ۾ سنڌس پنهنجا موضوع هئا. سنڌس شاعري سنڌ جي درسي ڪتابن ۾ اڄ به پڙهائي وڃي ٿي. سنڌس شاعريءَ جو نمونو هن طرح آهي:

ڏهين ذره سنڌ سان دم ڪهڙا ڪهڙا،
ڪجهن تيم محرم سان غم ڪهڙا ڪهڙا.
نه جن جي ڪٿان ذره دلڙي ڏکائي،
انهن سان اڙيون الم ڪهڙا ڪهڙا.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مصري شاهه قديم صنف ڪافيءَ تي تمام گهڻو لکيو. ڪيس سڄيو ۽ ڪافين جو پادشاهه ويندو آهي. هن ڪافين ۾ نوان موضوع آندا. سندس شاعراڻي ٻولي ۽ دل لڀائيندڙ آهي. هن ڪيترين ئي ڪافين غزل جي رنگ ۾ لکيون آهن. هن ڪافين کان علاوه غزل ۽ ٻي شاعري به لکي. سندس ڪافيءَ جو نمونو هن طرح آهي:

جيجـــــان جــــو گهي جـــاري ويـــڙا،
ٿئـــر ســــجوڙا، ســرت ســبحان.

—

جيلهين چڪر پنڌائون چمڙا، چوڏس چاڙهيائون چربان،
آهي هريمن ان جي هر ٿي، هر شئهن مهل وٺن حيران.

مولوي حاجي احمد ملاح هن دؤر جو وڏو عالم، فاضل ۽ شاعر هو. شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. قرآن مجيد جو سنڌي شاعريءَ ۾ ترجمو ڪيائين. جيڪو سنڌي ادب جو شاهڪار آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ عام ماڻهن جي مسئلن کي موضوع بڻايو. سندس شاعريءَ جو نمونو هيءُ آهي:

اي اميــرو عــام اهــيون، رنــگ لائيــنديون خــرور،
ٻــت نمــائن جــرون نگــاهون، رنــگ لائيــنديون خــرور،
ڪــن پلاهــون پيــٽ ۾ هــن، پيــٽ ڪــن جــا ليــا پــلاء،
هــيءُ پــلا ۽ هــيءُ پلاهــون، رنــگ لائيــنديون خــرور.

—

پيار سونٽي رنــگ سهڻو، صــاف سيـتي جــو هجــي،
ڪنڌ قد ڪانيءَ ۾ قطرو، ڪين ڪيتي جو هجي،
عمر چوڏهن سال، چهرو چنڊ چوڏهين چلڪئو،
ســرو بــلا بــت بلــوري، آب گهنــي جــو هجــي.

مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنس حرفي ڪمال جي حد تائين آهي.

ان کان علاوه هن دور جي ٻين ڪيترن ئي غزل چوندڙ شاعرن جا نالا ملن ٿا، جن ۾ ميان وڏل علوي، حڪيم محمد واصل درس، محمد عاقل عاقلي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، محمد هاشم مخلص، محمد ابراهيم صوفي، مير علي نواز علوي، رمضان اوڊو، اسلم شڪارپوري، غلام سرور فقير، آغا غلام نبي صوفي، علي نواز نياز، الله بخش ابوجهو ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر شامل آهن.

آزاديءَ کانپوءِ /شيخ اياز جو دؤر:

انگريزن کان 1947ع ۾ آزادي کانپوءِ سنڌ جي تاريخ، سياست، مذهبي فڪرن تي نئين سر تحقيق شروع ٿي. سنڌي زبان ۾ سائنسي انداز ۾ ڪم ڪجا ڪيا ويا. سنڌي ادب جون نيون تاريخون لکيون ويون، هر علم لاءِ لغتون تيار ڪيون ويون. محققن پاران سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن جو شعر گولي ڳولي شايع ڪيو ويو. سنڌي شاعري، ڊرامي،

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ناول، سفرناما، سوانح نگاري، تاريخ، لسانيات، تنقيد، تحقيق ۽ افساني تمام گهڻي ترقي ڪئي. شاعري ۽ نثر ۾ نيون صنفون رائج ٿيون. ڪلاسيڪل شاعرن جي فن، فڪر ۽ سوانح تي نئين انداز ۾ تحقيق ڪئي وئي. ادب ۾ نئين تحريڪن جنم ورتو. سنڌ ۽ هند جي اديبن گڏجي سنڌي ادب جي خدمت ڪئي آهي. بيشمار نوان رسالا جاري ٿيا، ۽ هن وقت سوين سنڌي اخبارون جاري ٿي رهيون آهن. ادبي تنظيمن سنڌ جي علم و ادب سان گڏوگڏ سماجي برائين خلاف به تمام گهڻو آواز اٿاريو آهي. سنڌي ادب ترجمي سان گڏوگڏ طبع زاد جي دنيا ۾ به بيحد ترقي ڪئي آهي. انگريز دور ۾ شروع ٿيل ادبي صنفن ۾ سنڌي ادب ۾ هڪ مستقل جڳهه ٺاهي ورتي آهي.

هن دور ۾ نثر جي هر صنف ترقي ڪئي آهي. هن دور ۾ ناول، افسانو، ڊرامو، آتم ڪهاڻيون، سفرناما، مضمون نويسي، تحقيق ۽ تاريخ نويسي تنقيد جي موضوع تي خوب لکيو ويو آهي. ورهاڱي کان پوءِ شروع ۾ ته ناول جي ترقيءَ تي اثر پيو ۽ ناول جي لکجڻ جي رفتار گهٽجي وئي، پر ان کان پوءِ انجم هالائي جو "ڪاروان زندگي"، حسيني محمد حافظ جو "تباهي"، سيد حيدر شاهه جو "زميندار"، حافظ حيات شاهه جو "سلطانه"، قاضي عبدالڪريم جو "نورال"، لطف الله بدويءَ جو "ليلا"، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو "لاش"، ناصر مورائي جو "راتيون جاڳن جون"، فضل احمد بچائي جو "تاريون"، ڊاڪٽر منظور احمد عرساڻي جو "ڪلب ۽ گهر"، الله بخش ٿالهر جو "پرديسيءَ جو پيار"، راز بلوچيءَ جو "گلبدن"، "پڪ ۽ بيروزگاري" ۽ "شرابي"، انور هالائيءَ جو "آوارہ"، گل نصرپوريءَ جو "درياهه جي ڪپ تي"، عبدالجبار جوڻيجي جو "سوري آ سينگار" رسول بخش شار جو "حسنه"، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو ترجمو ڪيل "ڪوهاري ڪنڊ" ۽ ٻيا ناول لکيا ويا.

محمد عثمان ڏيپلائي ورهاڱي کان پوءِ سيتي کان وڌيڪ ناول لکيا. انهن ۾ ڪجهه تاريخي ناول به شامل آهن. جهڙوڪ انور پاشا، آزادي جي جنگ، دکن جا مجاهد وغيره. سنڌس حر تحريڪ جي پس منظر ۾ لکيل ناول، "سانگهڙ"، هن دور جو نهايت اهم ناول آهي. جنهن ۾ حر مجاهدن جا ڪارناما آندا ويا آهن. سچائيت جو جذبو جاڳائڻ لاءِ سراج الحق ميمڻ "پڙاڏو سوئي سڏ" نالي ناول لکيو. جنهن جو پلاٽ سنڌ جي تاريخ جي ترخان دور تي ٻڌل آهي. ان کانسواءِ سراج ٻيا ناول به لکيا آهن. جهڙوڪ: "مرڻ مون سين آ" هي ناول "پڙاڏو سوئي سڏ" جو ٻيو ڀاڱو آهي ۽ هي سنڌ جي تاريخ جي مغل دور تي لکيل آهي. جڏهن ته سنڌس ٻيا ٽي ناول "منهنجي دنيا ميڪل ويڪڙ" ۽ "تنهنجي دنيا سي رنگ ساتول"، "منهنجي دنيا مرڪهه ترشنا"، ثريا لاجي الڳ الڳ به ڇپيا ته ورري ٽئين ناول ڪڏ "پياسي ڌرتي رمندا بادل" جي نالي سان پڻ ڇپيا. آغا سليم جو ناولٽ "روشنيءَ جي تلاش" فن ۽ ٻوليءَ زبان جي لحاظ کان ڪامياب ناولٽ آهي. سنڌس ٻيو ناول "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" آهي. جيڪو سنڌ جي تاريخ جي پس منظر ۾ ڏاڍي موثر انداز ۾ لکيل آهي. علي بابا جو ناول "موهن جو دڙو" موهن جي دڙي جي ثقافتي پس منظر ۾ لکيل آهي ۽ ناول ۾ ٺيٺ سنڌي ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي. عابد لغاريءَ جو "زنده لاش جو سفر" به موهن جي دڙي جي ثقافتي پس منظر ۾ لکيل آهي. شيخ عبدالرزاق راز جو ناول "ٽٽون آدمي" سنڌ جي پنج هزار سال تاريخ ۽ ثقافت جي پس منظر ۾ لکيل آهي. ياسين بروهي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

جديد ٽيڪنالاجي جي زير اثر آمريڪا جي معاشي پس منظر ۾ ”نارنگي ڪيلا 2020“ نالي ناول لکيو آهي. قاضي فيض محمد جا ناول: ”جنسار“، ”پاڙيهه سڪو پاڙيهه“ ۽ ”ان پاڻ“ وغيره به هن دور ۾ ڇپيا آهن.

شيخ اياز ورهاڱي کان اڳ افسانا لکڻ شروع ڪيا هئا. ورهاڱي کان اڳ سندس افسانن جو مجموعو ”سفيد وحشي“ ڇپيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ ”پنهل کان پوءِ“. ان کان پوءِ افسانا لکڻ ڇڏي ڏنائين. ڪامريڊ حيدربخش جتوئي 1936ع ۾ ڪجهه افسانا لکيا هئا. ورهاڱي کان پوءِ به افسانا لکيائين. جيڪي ٻن مجموعن ۾ شايع ٿيا: ”هاري ڪهاڻيون“ ۽ ”هاري انقلاب“. شيخ عبدالرزاق راز به ورهاڱي کان پوءِ ۽ ورهاڱي کان اڳ افسانا لکڻ شروع ڪيا هئا. سندس مجموعو ”ڀاڳ بنگلو“ شايع ٿيو. دلدار حسين موسوي، ابن الياس سومرو جا ڪجهه افسانا ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيا. ورهاڱي کان پوءِ به سندس افسانا ڇپيا آهن. نجم عباسيءَ ورهاڱي کان اڳ افسانا لکڻ شروع ڪيا. هن ورهاڱي بعد تمام گهڻا افسانا لکيا آهن. سندس افسانن جا ڪيترائي مجموعا ڇپيا آهن، جن مان ڪجهه آهن: ”ناپختي“، ”سورج ٿيندي مرجهايل“، ”فنڪار“، ”ڌارون هن ڌرتيءَ جو“، ”ڪهاڻيءَ جو قاتل“، ”اوچا ڳاٽ ڀڄڙ جا“ وغيره.

جمال ابڙي سنڌي افسانن کي نئون موڙ ڏنو. سندس افسانن جو مجموعو ”پشو پاشا“ جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي. سندس افسانا ”شاهه جو ڦر“ ۽ ”بدمعاش“ سنڌي ادب جا شاهڪار افسانا آهن. هن مجموعي کان پوءِ به سندس ڪجهه افسانا ڇپيا.

جمال ابڙي سان گڏ اياز قادري ۽ غلام رباني آگرو به ابتدائي دور جا بهترين افسانا نويس آهن. اياز قادريءَ جي افسانن جو مجموعو ”بلو دادا“ جي نالي سان ڇپيو آهي، جڏهن ته رباني جو مجموعو ”آب حيات“ جي نالي سان ڇپيو آهي. جڏهن ته رباني آگريءَ ان مجموعي کان پوءِ به ڪجهه افسانا لکيا. سندس مٿين افسانن کي سهيڙي ”آب حيات“ نالي ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

هن بهترين دور جا ٻيا ڪهاڻي نويس به آهن، جن مان ع. ق شيخ، ابن حيات پنهور، عبدالرحيم جوڻيجو، شيخ حفيظ، علي احمد بروهي، غلام علي ڪرڪر جا نالا قابل ذڪر آهن. خاص طرح سان ع.ق شيخ جو افسانو ”حيدرآباد“ شاهڪار افسانو آهي.

پڻ دور ۾ رشيد ڀٽي، سراج، علي بابا، امر جليل، نسيم کرل، آغا سليم، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، غلام نبي مغل، حميد سنڌي، طارق اشرف، مقبول صديقي، عبدالحق عالماڻي، رشيد آخوند ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

آغا سليم ناول ۽ ناولٽ به لکيا آهن ته افسانا به. سندس ڪهاڻين ۾ رومانوي رنگ به ملي ٿو ته سماجي حالتن جي عڪاسي به نظر اچي ٿي ”ڪونڌر ڪٽنهار“، ”رت ويڙهو روح“، ”روشنيءَ جو سفر“ سندس بهترين افسانا آهن. سندس افسانن جو مجموعو ”چنڊ جا تمنائي“ جي نالي سان ڇپيو آهي.

موجوده دور ۾ امر جليل جو نالو گهڻو مشهور ۽ مقبول آهي. سندس ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ڇپيون آهن. سندس ڪهاڻين ڪيترائي مجموعا به ڇپجي چڪا آهن، جهڙوڪ: دل جي دنيا، جڏهن مان نه هوندس، سنهيڙو ڏس آسمان کان پوءِ ۽ ٻيا مجموعا شامل آهن.

نسيم کرل وڏو ڪهاڻيڪار هو. هن حقيقت پسندانه نوع ۾ زندگيءَ جي عڪاسي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪئي آهي. هن معاشرتي حالتن ۽ سماج جي طبقاتي نظام جي ترجماني به ڪئي آهي، ته هن سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ تي به گهڻا افسانا لکيا آهن. سنڌس افسانن جا ٽي مجموعا: "شيشم شيشم ڪنول ڪنول"، "چوڏهين ڌر" ۽ "دمي" شايع ٿيل آهن. سنڌس ڪهاڻين جو گڏيل مجموعو "تسيم ڪرل جون ڪهاڻيون" ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ سنڌس مڪمل ڪهاڻيون شامل آهن.

سراج لسانيات جو ماهر به هو ته، ناول نويس ۽ ڪهاڻي نويس به هو. پنهنجي ڪهاڻين ذريعي معاشري جي غلط نظام جو احساس ڏياري ٿو. سنڌس ڪهاڻين جا مجموعا: "ڪي درد هل آءُ" ۽ "الون ماٿهو" جي نالي سان ڇپيا آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو شاعر، محقق ۽ نقاد هجڻ سان گڏ افسانه نويس به آهي. بهترين اصلاحي ۽ معاشرتي ڪهاڻيون لکيون اٿس. سنڌس ڪهاڻين مان "پچن جو ماس"، "پلي بڪ پرم جي" ۽ "دن پوئنٽ" سٺيون ڪهاڻيون آهن.

حميد سنڌي به هن دور جو ناميارو ڪهاڻيڪار آهي. گهڻو ڪري واقعاتي ڪهاڻيون لکيون اٿس. سنڌس ڪهاڻين جا مجموعا: "اداس واديون"، "رڻ جي راڄپوت"، "ڪعبيون" ۽ "سيمي" جي نالي سان ڇپيا آهن.

علي بابا هن دور جو تمام وڏو ڪهاڻي نويس آهي. هن سنڌ جي سماجي پس منظر ۾ به ڪهاڻيون لکيون آهن، ته تاثراتي ڪهاڻيون به لکيون اٿس. علامتي ۽ وجوديت واريون ڪهاڻيون به لکيون اٿس. "رنيءَ ڪوٽ جا ڪڪوال"، "اولڙن پلپان ويڙ" ۽ "ڪهڻ" سنڌس سٺيون ڪهاڻيون آهن. سنڌس ڪهاڻين جا مجموعا: "آيل ڙي اولاڻا"، "ڌرتي ڌڪاڻا" جي نالي سان ڇپيا آهن، ان بعد سنڌس ڪهاڻين تي مشتمل "منهنجون ڪهاڻيون" جلد پهريون ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن ۾ مٿين مجموعن ۾ شامل ڪهاڻين کان سواءِ پيون ڪهاڻيون به ان ۾ شامل آهن.

غلام نبي مغل جي ڪهاڻين جا مجموعا: "تترون شهر"، "پوساٽ"، "رات جا تيڇ"، "رات منهنجي روح ۾"، "اونڌها رستا ۽ ورنهاٽيل گهٽيون" ۽ "سش، سترا، الني" جي نالن سان ڇپيا آهن.

طارق اشرف جديد ڪهاڻيءَ کي ترقي ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌس بهترين ڪهاڻي آهي: "درد جا ڏينهن درد جون راتيون" سنڌس ڪهاڻين جا مجموعا آهن: "سرنهن پٺر پيار"، "زندگي جا تحفا" ۽ "درد جا ڏينهن درد جون راتيون". ڪهاڻين کانسواءِ هن جا لکيل ايڊيٽوريل ۽ شخصيتن جا خاڪا به سنڌي ادب ۾ اهميت رکن ٿا. سنڌس مڪمل ڪهاڻين تي مشتمل مجموعو "بند اکين ۾ ڪجهه يادون ڪجهه سپنا" ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي.

خاتون اول ڪهاڻيڪاره جي نالي سان مشهور ثميره زرين به هن دور جي وڏي ڪهاڻيڪاره هئي، هن گهڻو ڪري شهري ماحول جي پس منظر ۾ ڪهاڻيون لکيون. سنڌس ڪهاڻين جا مجموعا: گيت ابابيل موررن جا"، "دل ۾ درد هزار" ۽ "روشن چانورو" جي نالي سان ڇپيا. سنڌس ڪهاڻين جو گڏيل مجموعو "منهنجو تخليقي سفر" جي نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

مهتاب محبوب به هن دور جي وڏي ڪهاڻيڪاره آهي. سنڌس ڪهاڻين جا اڪثر

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪردار عورت جي چوڌاري ڦرندا نظر اچن ٿا. سندس ڪهاڻين جا مجموعا - ”چانڊوڪي ۽ جون تارون“، ”پرهه کان پهرين“، ”منهنجي مراد“ ۽ ”لهر لهر زندگي“ جي نالي سان ڇپيا آهن.

عبدالقادر جوڻيجو تمام سٺو ڪهاڻيڪار ۽ نثر نويس آهي. سندس ڪهاڻين جا ٻه مجموعا ”واٽون راتيون ۽ رول“ ۽ ”ويندڙ وهي لهندڙ سج“ ڇپجي چڪا آهن.

رسول بخش پليجو سياسي ليڊر ته هر ته نقاد ۽ ڪهاڻيڪار به. ٿوريون ڪهاڻيون لکيائين، پر سٺيون لکيائين. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ماڻهن جي ڏکن ۽ سورن جي ڳالهه ڪئي آهي“ جتي باهه ٻري“ ، ”پسي ڳاڙها گل“ ۽ ”ڄڃ اڱڻيا آيا“ سندس بهترين ڪهاڻيون آهن. ۽ سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”پسي ڳاڙهي گل“ ڇپجي چڪو آهي.

انيس انصاري ڪجهه ڪهاڻيون لکيون هيون، پر پوءِ لکڻ ڇڏي ڏنائين. 1982ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر مسلسل ڪهاڻيون لکيائين. سندس ڪهاڻين جو ڪٺيل مجموعو ”انيس جا افسانا“ ڇپيل آهي.

منير ميمڻ جيڪو ”مانڪ“ جي نالي سان مشهور هو. هن دور جو وڏو ڪهاڻيڪار هو. هن جاگيردار دور جي روايتن ۾ جڪڙيل ۽ ڦاٿل عورت تي نهايت ڪلي نموني لکيو آهي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ۽ ”حويلي ۽ جا راز“ جي نالي سان ڇپيو آهي.

نور الهديٰ شاهه به جاگيردار دور جي ظلم ۽ ڏاڍ جي شڪار ٿيندڙ عورت تي لکيو آهي. سندس ڪهاڻين جا مجموعا: ”ڪربلا“، ”جلاوطن“ ۽ ”رڻ ۾ رڃ جو احساس“ جي نالي سان ڇپيا آهن. سندس ٽنهي مجموعن ۾ شامل ڪهاڻيون ۽ پوءِ ڇپيل ڪجهه ڪهاڻين تي مشتمل ڪهاڻي ڪليات ”نورالهديٰ شاهه جون ڪهاڻيون“ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

مراد علي مرزا، ممتاز مرزا، ڪاشي خادم، مدد علي سنڌي، شوڪت شورو، ڪيهر شوڪت، رزاق مهر، بادل جمالي، ممتاز مهر، زيب پتي، طارق عالم ابڙو، مشتاق شورو، عبدالحليم بروهي، محمد دائود بلوچ، زيب سنڌي، سليم ڪوراني، غلام مصطفيٰ مشتاق، الطاف شيخ، شرجيل، رسول ميمڻ، نور گهلو، شراب حيدر، ڪرم الاهي، عبدالستار شيخ، مشتاق باگاڻي، نصير اعجاز، اختر جالوري، امام ميمڻ، اخلاق انصاري، عابد مظهر، بدر ڌامراهه، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، عبدالوهاب سهتو، الهداد ٻوهيو، عابد لغاري، ملڪ آگاڻي، ممتاز عباسي، عاشق شاهه رضوي، شراب حيدر، عزيز ڪنگراڻي ۽ ٻيا به هن دور جا سٺا ڪهاڻيڪار آهن.

ڪهاڻيڪار عورتن ۾ ورهاڱي کان پوءِ بيگم زينت عبدالله پهرين ليکڪا آهي، جنهن مضمونن سان گڏ ڪهاڻيون به لکيون. ان ڪانسواءِ ”مارئي“ رسالو جاري ڪري، عورتن ۾ لکڻ جو شوق پيدا ڪيو. هن رسالي ۾ تمام گهڻين عورت ليکڪائن لکيو. انهن مان مهتاب محبوب ۽ نور الهديٰ شاهه ، رشيده حجاب، تنوير ناز ، ليليٰ بانا ، تبسم مهتاب قريشي، تنوير جوڻيجو، خديجه شيخ، نيلوفر جويو، زبيده ميتلو، مهتاب منور عباسي ، زيب النساء مسرت ، سڪينه ميمڻ خديجه شيخ، ثريا ياسمين، جميله نرگس، نسرين جوڻيجو، فهميده حسين، شبنم موتي، شبنم گل، اڪرم سلطانه، فهميده بلوچ، نسيم احمد جهان آرا سومرو، ثريا سوز گيلاني، سعديه ميمڻ، رعنا صديقي، سلمه صديقي، تبسم عروج قاضي، جبين ڪلاڪيو گو، جنت نجمه ناز، نور شاهين، رشيده شيخ، حسن بانو ميمڻ ۽ ٻيون عورت ليکڪائون شامل آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

هن دور ۾ سنڌي ڊراما ترسيي ۽ تمام گهڻي ترقي ڪئي، شروع ۾ ته ڊراما گهٽ لکيا ويا پر بعد ۾ ڊگها ڊراما ۽ ناٽڪ لکجڻ شروع ٿي ويا. هن دور جي شروعات ۾ منگها رام ملڪاڻي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ محمد اسماعيل عرساڻيءَ ڊراما لکڻ شروع ڪيا. بعد ۾ لطف الله بدوي ۽ عبدالرزاق راز ڊراما لکڻ شروع ڪيا. مراد علي مرزا، علي بابا، رشيد ڀٽيءَ، محمد هاشم، رحيم ڀٽي، شمشير الحيدري، اياز عالم، الله بخش ٽالپر، جي اين قاضي، حبيب بخاري، حبيب الله مرزا، رشيد لاشاري، ممتاز مرزا، قاضي خادم، ڊاڪٽر محمد يوسف، آغا سليم، امر جليل، امداد حسيني، مراد علي مرزا، ابن حيات، مصطفيٰ قريشي، عبدالقادر جوڻيجو، سراج، نور الهديٰ شاهه، علي بابا، ممتاز مرزا، شمشير الحيدري، محبوب علي جرڪس، محمد خان جمالي، رزاق مهر، زيب سنڌي، عنايت ميمڻ، نيهل مسرور بدوي، آغا رفيق، طارق عالم ابڙو، شرڪت شورو، رحمت الله ماڃوٺي، حفيظ ڪنڀر، محمد علي پٺاڻ، عزيز ڪنگراڻي ۽ ٻين ڪيترائي ٽي وي توڙي اسٽيج ڊراما لکيا. هن وقت سنڌ ۾ سنڌي ٽي وي چينلن لاءِ روزانو ڊراما لکجي رهيا آهن، پر ٽي وي چينل وقت بچائڻ لاءِ ڊرامن جو معيار بهتر ٿيڻ بدران ويتر گهٽجندو پيو وڃي.

هن دور ۾ آتم ڪهاڻيون به چڱي تعداد ۾ لکيون ۽ ڇپيون آهن. مرزا قليچ بيگ جي آتم ڪهاڻي "سانئر ٻن يا ڪارو ٻن"، علامه دائود پوٽي جي "منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي"، محمد اسماعيل عرساڻي جي "سڪر ميٺي ڏينهن"، غلام فاطمه شيخ جي "تاريخ جو رساريل ورق"، ڪامريڊ غلام محمد لغاري جي "منهنجي ڪهاڻي"، ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي آتم ڪهاڻي "ڪيٽي ڪتاب" (2 جلد)، محمد صادق ميمڻ جي "ڪانڊيرا ڏونگر ڏيرا ڏٺم"، پير علي شاهه جي "منهنجي ماضيءَ جا چند ورق"، گوبند مالهيءَ جي "ڪالهه منهنجي ڪوٺ جون"، هري دلگير جي "جيون منهنجي ڇڪ ۾"، پوهوٽي هيرانندانيءَ جي "منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق"، موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا "ٻڪ عشق ادب"، پير حسام الدين راشدي جي "هو ڏوٿي هو ڏينهن"، جي ايم سيد جي آتم ڪهاڻي "منهنجي ڪهاڻي منهنجي زباني" (2 جلد)، شيخ اياز جي "ڪٿي نه ڀڃبو ٽڪ مسافر، ڪٿي نه ڀڃبو ٽڪ مسافر" (3 جلد)، جمال ابڙو جي "آتم ڪٿا"، جسٽس رڪانئڙ ٻيدار حسين شاهه جي "گوندر ويا گذري"، فضل الله قريشي جي "ڪجهه يادون ڪجهه ڳالهيون" (3 جلد)، عبدالقادر منگي جي "ٻوڙي اکيان سوڙي اکيان"، شاهه محمد شاهه جي "ڳالهه اڳاٽي پڻ جي" ۽ ٻيون ڪيتريون آتم ڪٿائون شايع ٿيون آهن.

هن دور ۾ سفرناما به تمام گهڻا لکيا ويا آهن. محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو "سير ريگستان"، الهه بچايو يار محمد سمون جو "سير ڪوهستان"، "لاڙ جو سير"، ڊاڪٽر سليمان شيخ جو "سون ورني ڌرتي"، قاضي علي اڪبر درازيءَ جو "سفرناما"، قاضي عبدالمجيد عابد جو سفر "يورپ جي ڊائري"، لوڪرام ڏوڏيجا جو "اپني کهوٽ ته نشا ٿيوپٺي"، عبدالجبار جوڻيجي جو "ماڻهوءَ جي ملڪ ۾" ۽ "رڻهندڙ محل جو مسافر"، احمد علي رند جو "چار کهاڻيون چين ۾"، ڊاڪٽر نواز علي شوق جو "ساميءَ سفر هليا"، محمد خان سيال جو "نئون ابن بطوطه"، فريده بشير جو "لنڊن جو سفرنامو"، عنايت بلوچ جو "ٻهڻن جي پرديس" ۽ "پرديس ڪهڙا پهڻ"، زيب ڀٽي جو "وادين جي سنڌار ڏٺيون"، فهميده حسين جو "هوائن جي آڌار تي"، عبدالحق پليجي جو "هوجي وڏ ولايت جا" ۽

"آئون ۽ ڏيساور"، "ديس بديس" ۽ "ڪئبل پٽل نيڻ"، اياز لطيف پليجي جو "دنيا پنهنجي ديس ورانيا"، اختر بلوچ، اياز لطيف ۽ مريم پليجو جو لکيل "ڪي مسافر ڪي شهر"، مهتاب محبوب جي "اندر جنين اڄ"، "سرهي سرهي سانر" ۽ "راهون چندو سنگ لا"، آزاد قاضي جو ترجمو ڪيل، جواهر لعل نهرو جو "روس جو سير"، ڊاڪٽر علي احمد ڪير جو "روس ۾ ست سال"، عمر قاضي جو ڀارت جو سفرنامو "ڏيهين ونڌ پرديس ۾"، نصير مرزا جو پاڪستان جي حصن جو سير سفر، "سفر من اندر"، موتي پرڪاش جو سنڌ جي سفر متعلق، "سي سپ ساڻيهه ساهه سان"، هري موٽواڻيءَ جو سنڌ جو سفرنامو "جڏهن جن سان جنم"، طارق عالم ابڙو جو "لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ"، محبوب شيخ جو "ميهڙ کان ماسڪو"، امتياز منگي جا ٻه سفرناما، هڪ ترڪيءَ جو سفرنامو "ايمرائن جي ملڪ ۾" ۽ ٻيو "پارن سان گڏ يورپ ۾" شايع ٿيا آهن.

لطيف شيخ جو نالو سنڌي سفرنامي ۾ سڀني کان سرفهرست آهي. سندس سفرناما جا ست جي لڳ ڀڳ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جن مان ڪن جا نالا هي آهن: "ڇاتي ۾ جهاز ۾"، "وايون وڻجارن جون"، "منهنجو ساگر منهنجو ساحل"، "سي پکيئڙا ڪيئن پاڇ ساڻ"، "سائنيهه سمونڊ جو"، "مڪليءَ کان ملاڪا تائين"، "سي ٿي جوين ڏيهين"، "منگي منهنجو مرياد"، "جت جو وهي ٿو چال"، "سي ٿي جوين ڏيهين"، "اي جرابي ڪو اتلانٽڪ"، "ڪولالمپور ڪجهه ڪوهه"، "سنگاپور ويندي ويندي" وغيره. جڏهن ته ويجهڙ ۾ سندس هيٺيان نوان سفرناما پڌرا ٿيا آهن: "اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا"، "ملائيشيا منهنجي من ۾" ۽ "بلي پار ٽاڊ پيرو"، "نيو هالا کان نيو يارڪ"، "دهليءَ جو درشن"، "دهلي گهمي هندستان"، جرمنيءَ کان جاپان تائين ۽ ٻيا ڪيئي سفرناما شايع ٿي چڪا آهن جيڪي وڏي شوق سان پڙهيا وڃن ٿا.

انهيءَ کان علاوه هن دور ۾ مضمون نويسي، تنقيد، تحقيق، تاريخ، لسانيات ۽ لغت تي ۽ تمام گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي.

انگريزن کانپوءِ واري دور کي ادبي لحاظ کان تحقيق نثر ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو دور ۽ شاعريءَ جي لحاظ کان شيخ اياز جو دور چئي سگهجي ٿو. نثر جي حوالي سان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لوڪ ادب جي حوالي سان بي پناهه ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي علمي، ادبي، تحقيقي ڪمن جو ڪجهه وچور هن ريت آهي:

جامع سنڌي لغات: سنڌي ادبي بورڊ طرفان جامع سنڌي لغات جي ترتيب ۽ تاليف جو ڪم 1954ع ڌاري ڊاڪٽر صاحب جي حوالي ڪيو ويو. جيڪو پوءِ مختلف وقتن تي پنجن ضخيم جلدن جي صورت ۾ شايع ٿيو. هي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ تمام وڏو ڪم هو. جيڪو ڊاڪٽر صاحب جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي استادن ۽ عالمن گڏجي ڏينهن رات هڪ ڪري پورو ڪيو.

اردو سنڌي ۽ سنڌي اردو لغت: علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جي خواهش تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي هن تاريخي رٿا تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان سان گڏجي ڪم ڪيو ۽ هي ٻئي لغتون 1959-1960ع ڌاري ڇپجي پڌريون ٿيون.

سنڌي لوڪ ادب واري رٿا: سنڌي ادبي بورڊ طرفان هيءَ رٿا 1956ع ۾ منظور ٿي، جنهن جي سموري نگراني ڊاڪٽر صاحب ڪئي. سنڌ جي سمورن ضلعن مان سگهڙن، لوڪ شاعرن ۽ ڳوٺاڻن بزرگن لوڪ ادب جون مختلف صنفون گهرائي مرڪلايون، ان ڪانسواءِ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪين پاڻ ڳهرائي انهن سان ڪچهريون ڪري مواد گڏ ڪيائين. هن رٿا هيٺ لوڪ ادب سلسلي جا 40 جلد شايع ٿيا, جڏهن ته ذاتي طرح ڊاڪٽر صاحب ان ڏس ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن, جيڪي مختلف ادارن ڇپايا آهن. لوڪ ادب سلسلي جي 40 جلدن مان ڪجهه اهم هي آهن:

سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ست جلد), مداحون ۽ مناجاتون, سنڌي سينگار شاعري, ٽيهه اکريون (ٻه جلد), هفتا ڏينهن راتيون ۽ مهينا, جنگناما, واقعاتي بيت, پروليون, ڏٺون, معمائون ۽ ٻول, ڳجهارتون, ڳيچ (ٻه جلد), لوڪ گيت, بيت, مشهور سنڌي قصا (ٻه جلد), مشهور سنڌي عشقيه ۽ نيم تاريخي قصا (9 جلد), رسمون, رواج ۽ منظوم ساٽ, سنڌي هنر شاعري, سومرا دور (2 جلد) وغيره.

شاهه جي رسالي واري رٿا: شاهه جي رسالي جو جامع مستند ۽ معياري متن شايع ڪرڻ واري هن رٿا تي موجود ڇاپي ۽ قلمي نسخن کي پيش 10 جلد ڇپايائين. جن ۾ 9-8 ڪليل جلد شاهه جو رسالو ۽ ڏهون جلد شاهه جي رسالي ۾ شامل ڪلام تي مشتمل آهي. تازو 2009ع ۾ بلوچ صاحب جو تيار ڪيل شاهه جي رسالي جو مستند ۽ ستاريل ايڊيشن, ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. جنهن ۾ اڳ خارج ڪيل ڪلام ٻيهر شامل ڪيو اٿس. ان کان سواءِ شاهه جا مختلف قلمي نسخا ترتيب ڏيڻ سان گڏ شاهه جي ڪلام جا سرچشمن, ترتيب متعلق ڪتابن شايع ڪرڻ سان گڏ بلوچ صاحب شاهه جي ... تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران ٿيندڙ مذاڪرن ۾ پيش ٿيل مواد کي ... ڪتابن جي صورت ۾ ترتيب ڏئي ڇپايو آهي.

ڪلاسيڪي شاعرن جو ڪلام: هن رٿا هيٺ ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ... ڪلام کي مختلف عالمن ۽ استادن جي مدد سان هٿ ڪري لکرائي محفوظ آهي, جنهن جو تفصيل هن ريت آهي:

قاضي قادن جو رسالو, شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام, ميين شاهه عنات جو ڪلام, خليفي نبي بخش جو رسالو, شاهه شريف پاڙائيءَ جو رسالو, راڳ نمو: صوفي صادق فقير سومرو, رسالو غلام محمد خانزئيءَ جو, ڪليات حمل, ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري, ڪليات سانگي وغيره.

سنڌي ٻولي, ادب, تاريخ ۽ موسيقي: ڊاڪٽر صاحب جا هنن موضوعن تي "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ", "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ", "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي", "سنڌي ٻوليءَ جو اڳاٽو منظوم ذخيرو", "جتڪي ٻولي", "ٻهراڙين جا ٻول", "سومرن جو دور" (2 جلد), "چچ نامو" (مقدمو, تدوين ۽ حاشيا), ۽ ٻيا ڪتاب شايع ٿيل آهن.

سندن متفرق ڪتابن ۾: مهر رنگ, ملڪ جي مهڪ, ڪارو جي مهڪ, مهڪ, منهنجو ڳوٺ, جعفر خان لغاري, رهاڻ ... ڪان (3 جلد), لاڙ ڪنٺي, ڪلهه ... جا پيغام, سچل جا سلام, وغيره اچي وڃن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب جي اردو ڪتابن ۾: "سنڌ مين اردو شاعري", مولانا آزاد, ديوان ياقم, ديوان شوق, ... ديوان ... ۽ غيره اچي وڃن ٿا.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

آهي فارسي ڪتاب جن جا حاشيه ۽ مقدمه ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکيا. انهن جي علمي ۽ تاريخي حيثيت تروار ڪئي آهي، تن ۾: ديوان غلام، لب تاريخ سنڌ، تاريخ طاهري، بيگلارنامه، حاصل النهج، فتح نامه سنڌ، باقيات از ڪلهوڙا، تاريخ بلوچي، ديوان عطا ٺٽوي، اچي وڃن ٿا.

سنڌين ايڊٽ ڪيل عربي ڪتابن ۾: نتف من شعر ابي عطا، غرة الزيجات ۽ ٻيا شامل آهن. ان کان علاوه ڊاڪٽر صاحب جا سنڌ جي تاريخ، تصوف، لطيفات، موسيقي ۽ ثقافت تي ڪيترائي مقالا مختلف رسالن ۾ ڇپيل آهن، جن جو وڏو ذخيرو تمام وڏو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪم کي ڊاڪٽر عبدالغفار سومري اڳتي وڌايو. ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو سنڌ جي هڪ وڏي عالم ۽ محقق جي حيثيت ۾ پاڻ مڃايو. سندس وڏو شاهڪار علمي ڪم بيان العارفين جو مقدمو ۽ ان جي سمجهاڻي سامهون آيو. ڪلام گرهوڙي، منتخب ابيات شاهه ڪريم، محمد زمان لنواري وارو هن سهڻي انداز سان لکي موجوده دور جي ماڻهن کي ڪلاسيڪي شاعرن سان جوڙي ورتو. ڊاڪٽر سومري جو سڀ کان شاهڪار ڪم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي جوڙيل رسالي جي شرح ۽ سمجهاڻي لکڻ آهي ۽ اهو ڪم شاهه جي شرحن ۾ سڀ کان متاثرڪن آهي.

هن دور جي ٻين لکڻين، نثر نويسن ۽ اديبن ۾ ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ، رحيم بخش "قمر"، آمنه خميساڻي، اڪرم انصاري، ايم - ايچ پنهور، پروفيسر علي نواز جتوئي، الله بخش عقيلي، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، حافظ احسن چنا، حبيب الله ڀٽو، رشيد احمد لاشاري، ڊاڪٽر حميده کهڙو، ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، غلام محمد لاکو، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، ڊاڪٽر غلام قادر سومرو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، عبدالقيوم صائب، ڪريم بخش خالد، ڊاڪٽر غلام علي الانا، شيخ عبدالرزاق راز، غلام محمد گرامي، احمد خان مصرائي، پروفيسر محبوب علي چنه، محمد سومار شيخ، فيض بخشاپوري، محمد خان غني، رسول بخش پليجو، نسيم کرل، نجم عباسي، جمال ابڙو، الطاف شيخ، بشير مورياڻي، ولي رام ولڀ، ممتاز مرزا، محمد اسماعيل عرساڻي، درشهوار سيد، اياز قادري، قاضي خادم، قاضي فيض محمد، سراج، آغا سليم، غلام نبي مغل، قبول ابڙو، شيخ حفيظ، ع.ق.شيخ، غلام رباني، ابن حيات پنهور، حميد سنڌي، امر جليل، طارق اشرف، رشيد ڀٽي، علي احمد بروهي، مانڪ سنڌي، مراد علي مرزا، بيدل مسرور، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، حليم بروهي، مخدوم جميل الزمان، شبير هاتف، نور الهدي شاهه، جامي چانڊيو، شوڪت حسين شورو، سيد غلام مصطفى شاهه، ڊاڪٽر الهداد بوهيو، ثميره زرين، مهتاب محبوب، خيرالنساء جعفري، تنوير جوڻيجو، تنوير ناز، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر نور افروز خواجه، حاجي ابن مگسي، عبدالڪريم پلي، حبيب الله صديقي، ڊاڪٽر سليمان شيخ، عمر الدين بيدار، عبدالحق عالماڻي، ظفر حسن، مشتاق شورو، ڊاڪٽر رسول ميمڻ، ممتاز مهر، علي محمد پرديسي، انور پيرزادو، م - ن - مهرڻ، عطا محمد ڀنڀرو، مدد علي سنڌي، سيد مظهر الحق، محمد يوسف پنهور، بشير احمد چنا، ڪريم ڏنو راڄپر، گرڪاس واڌواڻي، پروفيسر اعجاز قريشي، علي مرتضيٰ ڌاريجو، ف-م- لاشاري، انعام شيخ، تاج صحرائي، بيگم حسين، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، دادا سنڌي، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري

هدايت پريم، غلام نبي سدايو، ڊاڪٽر نواز علي شوق، شرجيل، بادل جمالي، محمد دائود بلوچ، بدر ابڙو، خان محمد پنهور، ڪي – ايس ناگپال، آفتاب ابڙو، عنايت بلوچ، عبدالحئي پليجو، منصور قادر جونيجو، رئوف نظاماڻي، حيدر سنڌي، گلاب هڪڙو، غلام رسول ڪلهوڙو، بشير سيتائي، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، ڊاڪٽر بدر اجن، عبدالله مگسي، محمد علي پٺاڻ، تنوير شوڪت، ملڪ آگاڻي، نور الدين سرڪي، طارق عالم ابڙو، عبدالواحد آريسر، يوسف سنڌي، محمود مغل، ٻلاول پرديسي، قربان علي بگٽي، عبدالغفار سومرو، شيخ عزيز، غلام حسين رنگريز، الله رکيو ٻٽ، مخمور يوسفاڻي، سليم ميمڻ، ستار، اشتياق انصاري، رزاق مهر، ناز سنائي، اديب سنڌي، انور فگار هڪڙو، نور احمد ميمڻ، محمد انور بلوچ، ڪليم لاشاري، آزاد قاضي، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، عزيز ڪنگراڻي، عطيه دائود، ڊاڪٽر غفور ميمڻ، محمد علي مانجهي، سيد عابد مظهر، ممتاز بخاري، اڪبر سومرو، محمد علي شيخ، گل محمد شاهد، اڪبر لغاري، راز ٿر، رسول بخش تميمي، رفيق سومرو، مير عبدالرسول مير، منظور ڪوهيار، منصور ملڪ، واجد منگي، مختيار احمد ملاح، امام راشدي، خالد ڀٽي، هدايت منگي، عبدالرحمان جتوئي، عبدالجبار عبد ۽ ٻيا شامل آهن.

ورهاڱي وقت سنڌ مان لڏي ويل هندو سنڌي اديبن هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. انهن جي ئي محنتن جي ڪري هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ملي چڪو آهي. هن وقت به هندستان ۾ ڪيترائي سنڌي رسالا ٽماهي، هفتيوار ۽ ماهوار سنڌي اخبارون شايع ٿي رهيون آهن. ڪيترن ئي سنڌي اديبن جا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جڏهن ته اڃا تائين سنڌي ڪتاب ڇپجڻ جو سلسلو جاري آهي. هندستان جي ڪجهه مشهور سنڌي اديبن ۾ ڪيئل داس فاني، پوپٽي هيرانندڻي، ڪليان آڏواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، اي جي اتم، ارجن مير ”شاد“، لڇمڻ ڪومل، ڪرشن کٽواڻي، گوبند مالهي، ايشور چندر، شيام جئسنگهاڻي، هري موٽواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، موتي پرڪاش، لعل پشپ، موهن ڪلپنا، ٻلديو گاجرا، هرومل سدارنگاڻي، لکمي کلاڻي، پريم پرڪاش، هيرو شيوڪاڻي، ڪلا پرڪاش، سندري اتمچنداڻي، وشنو ڀاٽيا، هيرو ٺڪر، هوندراج دکايل، ريٽا شهاڻي، ايم ڪمل، لکميچند ٽوپيجا، ايشور شرما، گوردن محبوباڻي، ڪمل هيرا رام، ارجن حاسد، هرتو سنڌو پيامي، هريڪانت جيٽواڻي، گوردن شرما، واسديو موهي، ڍولڻ راهي ۽ آشا چاند ۽ ٻيا شامل آهن.

هن دور ۾ نثر سان گڏ نظم به تمام گهڻي ترقي ڪئي. شيخ اياز ۽ سندس همعصر شاعرن عالمي معيار جي شاعري ڪئي ۽ عالمي ادب توڙي اديبن کي سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرايو.

شيخ اياز سنڌي شاعريءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو. هن رومانوي شاعري به ڪئي ته مذهبي ۽ مزاحمتي شاعري به ڪئي. هن شاعري ذريعي ڌاڙ کي للڪاريو ۽ شاعري کي ظلم خلاف پنهنجو مضبوط هٿيار بڻايو. سندس شاعريءَ جي تند تلوارن کان وڌيڪ تکي آهي. هو پنهنجي شاعري جي حوالي سان لکي ٿو ته:

سرن ڦاٽ اٿو ڪي اٿندي آ، ٿي تند وڄي تلوارن سان،
تا ياري ٿيهجا ٻرج لڏن، تون هيٺو آن هٿيارن سان.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي شيخ اياز کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جو تمام وڏو شاعر لکيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”شيخ اياز شاهه لطيف کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جو تمام وڏو شاعر آهي، بلڪ شيخ اياز شاعر به آهي ته افسانه نويس به آهي، پر هو شاعريءَ جي حوالي سان ئي ڄاتو وڃي ٿو. سندس اردو شعرن جو مجموعو ”بوءِ گل نالهءِ دل“ شايع ٿيو ۽ انهيءَ ئي دؤر ۾ سندس ڪلام جو مجموعو ”ڀونر ڀري آڪاس“ پڻ شايع ٿيو. شيخ اياز جي شاعري جي هڪ خوبي اها به آهي ته شاعري جو موضوع سنڌ ڌرتيءَ سان ڳنڍيل عالمگير اهميت وارو به آهي. هو جڏهن سنڌ جو ذڪر ڪري ٿو ته ڪراچيءَ کان ڪشمور ۽ ڪارونجهر کان ڪشمور تائين جو ذڪر ڪري ٿو. هو نه فقط سنڌ پر دنيا جي مظلوم قومن جي ڳالهه ڪري ٿو. هن وٽ انسانيت سڀ کان اتم ۽ اهم آهي. مظلوم انسانيت سندس شاعريءَ جو مک موضوع آهي. اهوئي سبب آهي جو هو سنڌ جي لاڙ پرڳڻي جي هڪ عورت جو عڪس هن طرح چٽي ٿو:

”لاڙي ويـــــنگس چــــيچ ڇــــڏي ٿـــــي،
ان ڪنڌي ٿــي اڏري اُيــل ڪــانو تــڏي ٿـــي“

ٻئي طرف اتر بحر جو ”ڪانچ ٿيندي ٿس، ناگاساڪي جي مظلوم انسانن کي ياد ڪندي خبردار ڪري ٿو:

”ناگـــاساڪي ناهــه، آهــي تنهنجــي آرســي.“

شيخ اياز جي شاعريءَ جو جڏهن ابياس ڪجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته هن روايت جو سهارو وٺي فن جي لحاظ کان نوان نوان تجربا ڪيا آهن. ڪٿي هو لاڙي وينگس جو موضوع چٽي ٿو ته ڪٿي وري پنهنجي شاعريءَ ۾ ناگاساڪي ۽ ويتنام جو موضوع آڻي ٿو. ته ڪڏهن وري ايٿوپيا جي ڏڪر جو ذڪر ڪري ٿو:

ڪنگسيءَ وارٿل ٻار انهن جا،
پيٽ پٺيءَ سان ڦٽيون ٺڪيل،
سرت انهن جي ساڪنين سان،
جيئڻ تــه ٿڪتار ڪري ٿس،
۽ مکڙي جنهن وقت مري ٿس.

ڪٿي وري ٿري ٻار جي مجبوريءَ کي موضوع بنائي ”ٿري ٻار جو گيت“ لکي ٿو. ڪٿي وري مزدوري کي موضوع بنائي مزدور جي ٻار جو گيت لکي ٿو. جيڪو بک ۽ بدحالي جي حالت ۾ آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز انسان ۽ انسانيت آهي. هن شاعري ۾ جتي محبوب کي پيش ڪيو آهي، سو پراهين منزل جو ڪو ان ڏٺو محبوب نه آهي. هن جو محبوب احساس ۽ جذبن رکڻ وارو انسان آهي. هو جنهن محبوب جو متلاشي آهي، اهو سنڌ جي زمين جو رهواسي آهي.

هن دؤر جي شاعري تي شيخ اياز ڇانيل رهيو. ان کان علاوه مخدوم محمد الزمان طالب المولى، عبدالله ڇانڊيو ”اثر“، عطا محمد حامي، حيدر بخش جتوئي،

http://soorihsindhiadab.website.2.me

عبدالڪريم لاشاري گدائي، هري دلگير، نازانڱ شيام، احسان بدوي، استاد بخاري، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، امداد حسيني، نياز همايوني، منصور ويراڳي، راز بلوائي، حافظ شاهه حسيني، محمد بخش جوهر، فضل احمد بچاڻي، محسن ڪڪڙائي، سيد اظهر گيلاني، تاج بلوچ، نثار بزمي، منشي ابراهيم، پروانو ڀٽي، قاضي عبدالحئي قائل، محمد خان مجيدي، فتاح ملڪ، سرويچ سجاولي، ٻردو سنڌي، تاجل بيوس، امداد حسيني، عبدالحڪيم ارشد، قمر شهباز ۽ ٻين شاعري ذريعي پنهنجي الڳ سڃاڻپ پيدا ڪئي، انهن کان پوءِ دور جي شاعرن ۾ عبدالغفار تبسم، نصير مرزا، اثر ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، نشتر ناٿن شاهي، سرڪش سنڌي، آتش سنڌي، راشد مورائي، ملڪ نديم، خاڪي جويو، يوسف شاهين، غلام نبي گل، احمد خان مدهوش، ذوالفقار سيال، اياز گل، اڏل سومرو، سحر امداد، مقصود گل، ڪوثر ٻرڙو، اختر درگاهي، تاج جويو، حليم باغي، جمن دربدر، زخمي چانڊيو، رکيل مورائي، وسيم سومرو، ذوالفقار راشدي، مختيار ملڪ، مظهر ابڙو، سليم چنا، زاهد شيخ، سعيد ميمڻ، حسن درس، بخشڻ مهرانوي، احمد سولنگي، منظار سولنگي، بخشل باغي، ساحر راهو، شبنم گل، اسحاق سميجو، اخلاق انصاري، علي آڪاش، علي زاهد، سعيد سومرو، ماڪن شاهه رضوي، امر سندو، گلبدن جاويد، ارم محبوب، وشال، نياز پنهور، نياز ملاح، گل حسن ڪلمتي، طارق قريشي، مختار گهمرو، مشتاق بخاري، قاضي منظر حيات، گل ڪرنٽر، بيخود بلوچ، ياسر قاضي، ايوب گل، اشفاق آذر، منظور منگي، سعيد سومرو، علي اظهار، ايوب کوسو، مظفر چانڊيو، سجاد ميراڻي، ساجد سنڌي ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر شامل آهن.

عروضي سنڌي شاعري:

عروضي شعر اهو آهي، جيڪو علم عروض جي قانون پٽاندڙ جوڙيل هجي، يعني شعر ۾ مصرعون نه رڳو وزن ۽ قافيي واريون هجن، پر ان سان گڏ اهي مقرر بحر جي وزنن ۽ ارڪانن موجب هڪ ٻئي سان گڏ ٺهيل هجن. اهڙي شعر ۾ قافيي سان گڏ رديف به ڪم آندو ويندو آهي. هن قسم جي شعر ۾ حمد، نعت، قصيدو، غزل، نظم، مثنوي، قطعو، پنجڪڙو، ڇهه سٽا، ٽيڙو، ٽيڙ سٽا، ترائيل، سانيٽ وغيره اچي وڃن ٿا.

وائي:

سنڌ ۾ عروضي شاعريءَ جا ابتدائي اهڃاڻ ڪلهوڙن جي دور کان ملن ٿا. شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح ۽ ميون شاهه عنايت رضوي جون وايون تورن جي حساب سان لکيل آهن، پر انهيءَ باوجود سندن چيل وايون علم عروض جي اصولن ۽ قاعدن تي مڪمل ٺهڪن ٿيون. محققن جو خيال آهي ته شاهه عنايت رضويءَ کان اڳ ۾ وائيءَ جو ڪو نمونو نٿو ملي، سو چئي سگهجي ٿو ته شاهه عنايت وائيءَ جو قالب گهڙيو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ان ۾ روح ڦوڪيو. شيخ اياز لکي ٿو، "وائيءَ جو گهاڙيٽو بلا شڪ جي پرواهي شاعريءَ تان ڀٽائيءَ ورتو هو، ۽ ڀٽائيءَ تان مون ورتي، ان ۾ نئين جان پيدا ڪئي."

http://soorihsindhiadab.website.2.me

شاهه عنايت رضوي جي وائي جو نمونو هيءُ آهي:

چانگي چڙهيو چڪيس،
ڪني جو ڪاڪ تڙاءِ،
ڪرهو سرهو ٿيو پي،
تنهين ڏيهه نه ڏاءِ،
ڪني جو ڪاڪ تڙاءِ،
ڪرهي ڪرايون رتيون،
ناهي ناڳي لاءِ،
ڪني جو ڪاڪ تڙاءِ،

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر سريراڳ جي هڪ وائي جو نمونو هيءُ آهي:

(1)

شهين شُڪرانا،
ڪرڻين پالَ ڪريمَ جا،
حمد چئج حڪيم کي،
جو رزق ڏئي جانا،
شهين شُڪرانا،
تو ڏيکاري تو ڏٺي،
باطنَ جا بانا،
شهين شُڪرانا،
مُتان مردا وسارئين،
صاحب جو ثنا،
شهين شُڪرانا،
دوستُ رکي دل ۾،
پڙهه لاالسنُ لسانا،
شهين شُڪرانا،
هُئا ڏينهن جي ڪي،
ٿيڻ لکڻ منجهه قنا،
شهين شُڪرانا،
ڪُڏُ ٿُون دغا دل مان،
پانهي پسين، پانا!
شهين شُڪرانا.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

(2)

جن جو وارث تون،
الا سي ڪيئن رهندا تيئن منهنجا.
آکي اپ خلقيا،
پلي خلقياتون پرده،
جن جو وارث تون.
ڪوڙي دنيا ڪوڙا پسارا،
ڏيسهن مڙوٽي ڦون،
جن جو وارث تون.
جوڙيسائين جهان ڪسي،
چٽسي ڪن فيڪون،
جن جو وارث تون.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شاهه عنايت رضوي کان پوءِ سچل سرمست، ميان صاحبڏني فاروقي، روحل فقير، بيدل فقير، حمل فقير ۽ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن به وايون چيون آهن.جديد دور ۾ شيخ اياز شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو تسلسل جاري رکندي وائي ۾ جان پيدا ڪئي. شيخ اياز پاڻ ٿي لکي ٿو ته صنف وائي جو گهاڙيٽو شاهه عبداللطيف ڀٽائي کان ورتو آهي.شيخ اياز وائي ۾ جدت پيدا ڪئي.هن وائي کي هندي ڇند مان ڪڍي علم عروض تي لکيو. هن وقت وائي به جديد سنڌي شاعري جو نمونو ٿي وئي آهي.شيخ اياز جي وائي جو نمونو هيءُ آهي:

(1)

هو جي ڪالهه تي آئي،
پير منجهه چنڊ آئي،
ڪهه چانسان ڪاآئي ويا.
هاءِ ريا هو ناقلا،
ڪهڙي ٻي لڙهه لائي،
ڪهه چانسان ڪاآئي ويا.
جن جا پيرا پورچيا،
منهنجي جسي ۽ چنڊ آئي،
ڪهه چانسان ڪاآئي ويا.
واڪا واڪا وات سان،
تني اڄ سج آئي،
ڪهه چانسان ڪاآئي ويا.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

(2)

ٿـــڙي پونـــدا ٽـــارئين،
جـــڏهن ڳاڙهـــا ڳـــل،
تـــڏهين ملنداســـين،

جڏهن ورنديون ڪونجڙيون،
هــر هــر ڪــري ڳَـل،
تـــڏهن ملنداســـين،

ڳلـــن ڳوڙهـــا ٿيـــندا،
جـــڏهن مـــوتين ٿـــل،
تـــڏهن ملنداســـين،

وڇـــوڙي جـــا آئيهـــوا،
پـــوراڻيءَ جـــي پـــل،
تـــڏهين ملنداســـين.

شيخ اياز کان پوءِ جديد دور جي ڪيترن ئي شاعرن علم عروض تي وايون لکيون، جن ۾ استاد بخاري، امداد حسيني، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، سرڪش سنڌي، قمر شهباز، مير محمد پيرزادو، عبدالحڪيم ارشد، سرويچ سجاولي، انور پيرزادو، رشيد احمد لاشاري، سرمد چانڊيو، محسن ڪڪڙائي، اياز گل، ادل سومرو، مختيار ملڪ، مقصود گل، راشد مورائي، عبدالغفار تبسم، جمن دربدر، وسيم سومرو، سعيد ميمڻ، بخشڻ مهرانوي، حسن درس، اياز جاني، علي آڪاش، احمد سولنگي، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، اشفاق آذر، سردار شاھ، گل ڪرنگر، مشتاق بخاري، ڪوثر برڙو، سعيد سومرو ۽ ٻيا نالا شامل آهن. وائي گائڪي ۾ به اچي ٿي.

اياز گل جي وائي جيڪا تمام گهڻي مشهور آهي، مثال طور هيٺ ڏجي ٿي:

تو ڪـــــان ٿيـــنـــدي ڏار،
ڪلـــنـــدي ڪلـــنـــدي پـــار!
لُـــڙڪ لـــڙي پيـــا لاڙ ڪـــري.

تُنهنجي پويان ڪيڙ اسانجي،
ســـيڻ! لهنـــدين ســـار؟
لُـــڙڪ لـــڙي پيـــا لاڙ ڪـــري.

ســـاهُ ۾ تُنهنجن ســـاهن جـــي،
آجـــا پيـــي آ، مهـــڪـــار،
لُـــڙڪ لـــڙي پيـــا لاڙ ڪـــري.

رات ڪُٽي ۽ ساک ڦُٽي ولي،
جـــتهن پهـــل ملاهيـــتي ڏار،
لُـــڙڪ لـــڙي پيـــا لاڙ ڪـــري.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پاتيءَ تي جنِ ليڪا هئا ميان،
تنهنجا قول قرار،
لُڙڪ لڙي پيا لاڙ ڪري.

وري ملڻ جي مهل وري،
شال هينئين جا هار!
لُڙڪ لُڙي پيا لاڙ ڪري.

غزل:

هن وقت عروضي شاعري ۾ جيڪا سڀ کان مشهور ۽ مقبول صنف آهي، اُها آهي غزل. سنڌي غزل جا اهڃاڻ به ڪلهوڙن جي دور کان ئي ملن ٿا. انهيءَ دور ۾ نور محمد خستہ، مرزا تقي، حافظ عالي، ميان چتن، ملا اديس شڪارپوري ۽ ٻيا ڳالا ملن ٿا. جيڪي علم عروض ۽ فارسيءَ کان متاثر هئا. هنن عروض جي مشهور ۽ مقبول صنف "غزل" تي طبع آزمائي ڪئي. نور محمد خسته کي غزل جو پهريون شاعر چيو ويندو هي. غزل جي شاعري خاص ڪري ميرن جي دور کان ترقي ڪئي. هن دور ۾ سچل سرمستؒ جي شاعري مان غزل به ملن ٿا. سچل سرمست جي غزل جو نمونو هيءُ آهي:

آهي انهن اکين کي، خاصو خمار تنهنجو،
ويٺو وٺي آهيان، ڪامل قرار تنهنجو.
هن کي اوهان جي پاڇهين آهي نہ ساڙ ڪائي،
هي تا غريب آهي، اميدوار تنهنجو.
"لي پاڻ کان پري ٿيو" فرمايو اوهان جو،
آهي جميل اصل کٿرن، هيءُ اعتبار تنهنجو.
هن تي ڪرم وڏو ڪيو، جيو درد دل ٻڇايئو،
ساريان لطف سنڀاريان، ٿي بيشمار تنهنجو.
چاهون ٿيو اوهان جو، دامن لڳي جو آهي،
سچو غلام چاڪي، جيو داغدار تنهنجو.

هن دور ۾ سيد ثابت علي شاهه، ملا صاحبڏنو فاروقي، مير شهداد خان، مير علي حسن خان، مير نصير خان جا به غزل مليا آهن. غزل جو سڀ کان پهريون مڪمل ديوان خليفي گل محمد گل هالائي لکيو.

انگريزن جي دور ۾ عروضي شاعر تمام گهڻي ترقي ڪئي. هن دور جي شروعات ۾ آخوند محمد قاسم هالائي غزل جو مڪمل ديوان لکيو. ان کان علاوه ٻين به شاعرن جا غزل مليا آهن. هن دور ۾ سنڌي غزل جو باڪمال دور مير عبدالحسين سانگي کان شروع ٿئي ٿو. هن غزل ۾ نئون رنگ پيدو. سنڌي غزل کي سنواري سنڌاري سنڌي ماحول سان هم آهنگ ڪيائين. مير عبدالحسين سانگي جي غزل جو نمونو هيءُ آهي:

http://soorihsindhiadab.website.2.me

(1)

گذري ويا، سي زمانا ياد پيا،
وسري ويا، سي ترانا ياد پيا.
دل تي آيا وامق و فرهاد و قيس،
ڏسندي ئي دانا ديوانا ياد پيا.
فصل جي خواهش پر وسري اصل ويو،
سنگ جو ٻڌندي نه ڪانا ياد پيا،
جڏهن چريو ٿي چوطرف جي ڪيم چڪاس،
تڏهن سونگي درست ديوانا ياد پيا.
ڏسندي ئي تو دولتن جيرن دولتون،
اصل جي خانن جا خانا ياد پيا.
وصل جو وعدو جي ڪنهن ڪان ڪيو پلئم،
تڏهين دلبر جا بهانا ياد پيا.
ٿيو يقين سانگي ته آهي سڀ گذر،
شان شاهن جا شهانا ياد پيا.

(2)

رخ جانان بخش جانان ياد آيم،
بحمد الله، قرآن ياد آيم،
جتي ڪو ڪو پيم قمري جي ڪن تي،
تتي سرو خرامان ياد آيم،
وري مستي ۾ شوق سي ڪشي تي،
پڳم پيمان، پيمان ياد آيم،
بهار آيو ۽ سودا جيو ٿيو سردو،
وري دشت و بيابان ياد آيم.
وري الا ٿيا تنهن سر زخم دل جا،
سنڌ ۽ پنڌيين جا پيڪان ياد آيم،
جڏهن وحدت ڪئي ڪثرت ڪان ڪيم ڏار،
تڏهن گبر و مسلمان ياد آيم.

هن ئي دور ۾ شمس الدين بلبل، محمد هاشم مخلص، آغا غلام نبي صوفي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، نواز علي نياز، غلام محمد شاهه گدا، ميون وگل حيدري، مرزا قليچ بيگ، مرزا بدل بيگ، آغا فتح علي شاهه، مير گل حسن خان خيرپوري، محمد صديق مسافر، ليکراج عزيز، محمد بخش واصف، الله بخش سرشار عقيلي، شيخ ابراهيم خليل، حافظ احسن چنه، حامد تکڙائي ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر شامل آهن. جن غزل ۽ ٻي عروضي شاعري ڪئي، اڳتي هلي هن عروضي تحريڪ ۾ نمايان تبديلي اچي ويئي. سنڌ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

جي شاعرن عرب کان ايران ۽ ايران کان سنڌ تائين پهتل غزل کي هڪ نئين روپ ۾ بدلائي ڇڏيو. ان ۾ معشوق جي ذڪر، عورتن جي حسن ۽ ذاتين بدران صوفياڻون صلاحون، ناصحانا نقطا، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اخلاقي موضوعن جو بيان ٿيڻ لڳو. ان ڏس ۾ بيشمار شاعرن جو سهڪار شامل رهيو، جن هن تحريڪ کي وڌايو ۽ ترقي ڏياري. هن تحريڪ کي سنڌ ۾ ڪيشنداس 'قاني'، ڪشنچند 'بيوس'، شيخ اياز، هري دلگير، نارائڻ شيام ۽ ٻين جديد شاعرن جنم ڏنو.

ڪشنچند بيوس سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن گل ۽ بلبل جهڙن ٻين روح ايراني اصطلاحن کي بدران هيٺان ڇپيائي دليمر ۽ وڏيرن ورڪ جيان قدرت جي نظارن کي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. بيوس جي شروعاتي شعر تي فارسي جو اثر پڻ رهيو. پر هن عظيم استاد پنهنجي ڌرتيءَ جي لوڪ رنگ کي پنهنجي موزون شعر ۾ عڪسي نئين روايت قائم ڪئي. هن جاري روايتي رڳند جا ڪر ٿوڙي فارسي ۽ عربيءَ جي مقلدن جي صف مان ٻاهر نڪري آيو ۽ پنهنجو اصول اپنايو. هن جي ئي نقش کان جديد فطري ۽ قومي شاعري جو دور شروع ٿيو.

ڪشنچند بيوس کان پوءِ شيخ اياز سنڌي غزل کي نئين جلا بخشي. هن غزل کي رڳو عورت سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ واري موضوع کان ڪڍي زندگي جي هر موضوع اندر آندو. سنڌي غزل کي انقلابي رنگ ڏنو. عام زندگي جي سورن حالتن ۽ واقعن کي غزل جو موضوع بڻايو. شيخ اياز غزل کي سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن جي اظهار جو بهترين ذريعو بڻايو. هن غزل جي صنف کي ماهر تي نڀايو. سندس غزلن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

(1)

پنهنجا ڳيت پراڻا هئا،
پيا هي ڳيت اياڻا هئا.

چنڊ پري هو، رات چڪور،
اڌري اڌري ساڻا هئا.

ڪنا جيءَ هُن تسبيح چُڪي،
تارا داڻا داڻا هئا.

ميخاني جي ساري جان،
ساقي تنهنجا ماڻا هئا.

ڪيڏو تو ۾ هٿ اياز،
هُن جا ٿيون تماڻا هئا.

(2)

رات آئي ڏٺي، ٿورن نه آئين ڪهي!
ساڪ ۾ ميٺڙا ڪاڪ ڙئنندي رهي،
بيٺين سوتي ٻنا، ڪيڻهن اُٻري لڳا،

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڏُور تہ آئين پرين! وِھہ لڳي ٿي رهي،
سانورا! تو سوا ڇانورا ڇا ڪيا!
لُڙه تنهنجي لُٽي، لُڙه لڳندي رهي،
او رِيجهان مان وِجهان، ڪيئن پيرڙ پڇان!
سج ريندڙ لهي، پير ويندا ڍهي،
ڪٿهن بہ اوڙار پهچي تہ پاڻ پرين،
تون تہ ميهار آهين، تہ تو وٽ مهي،

3

روح راڻــــي ڪجـــــي،
پــيـــار تـــاري ڪجـــــي،
ســـن هٿو پرچـي پـــرتي،
آري ڄــاڻي ڪجــــي،
ڇـــو پـــلا پـيـار ۾،
جلـــد پــاڙي ڪجـــي،
نيـــت سـنجـدا ڏجـــن،
دل نـــساري ڪـجـي،
شـــهر ميـــر ۾ سـجـو،
ڪـنهن ڪـي ڦاڻـي ڪجـي،

موجوده دور ۾ سنڌي غزل پنهنجي عروج واري دور ۾ آهي. غزل تي مخدوم طالب المولي، استاد بخاري، تنوير عباسي، امداد حسيني، سحر امداد، شمشيرالحيدري، تاجل بيوس، نياز همايوني، عبدالحڪيم ارشد، محمد خان مجيدي، برادر سنڌي، وفا ناٿن شاهي، الهم ناٿن شاهي، نشتر ناٿن شاهي، تاج بلوچ، راشد مورائي، محمد خان مجيدي، سرڪش سنڌي، اسحاق راهي، حسن دربدر، منصور ڪُل، اياز گل، لال سومرو، عبدالغفار تبسم، حليم باغي، مختيار ملڪ، اڪاش انصاري ۽ ٻين خوب لکيو. هن دور ۾ غزل صرف لکڻ واري مرحلي کان وڌي ڳائڻ واري صورت ۾ آيو. غزل جي ڳائڻ کي پڌائڻ ۽ ان پر پهچ موٽ ملي. غزل جي ڳائڻ هن وقت ۽ تمام گهڻي شوق سان پڌي وڃي ٿي. جيڪي سنڌي غزل ڳائڻ ۾ تمام گهڻا مشهور ٿيا. انهن مان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿا:

(٦)

سڪي پيا ڪي ملين تہ چنجهان چانڊني تو سواءِ نہ ٿيندي،
اڃين تہ تنهنجي اساس ۾ آ، ڇپر تہ ٻي رات ڪاڻ ٿيندي،
ڪي پورڪا اپيا نہ آيا، اڪير تن جي ڦري رهي آ،
اداس سر تي هوا اُنهن جي، ڇتين ڪپش ڪا اکار اينندي،
ڪڏهن بہ تو تي ذرا دل جا نہ پورٽيا تون ڀلي هلي آ،
بہ لُڙڪ الا ڪڏهن بہ هو، منان ڇتين اڃهان نہ ٿيندي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

هي ديپ درنهائيءَ ڪٿهن نه، ڏات جي لاٽ شال جرڪي،
پرهه پري آ، پتو نه آهي، هي رات ڪيستائين ڏهاڳ ڏيندي.
پرار تي ڪا پُڪار آهي، مگر اڃان تنڪ تار آهي،
ڪٿي اسانجي اُڪار آهي، اياز ڪيستائين تار نيندي.
(شيخ اياز)

(2)

اسان روئي روئي ڪلايو تي جن کي،
اڪيلا جي ٿيندا ته روئندا ته هوندا.
اسان جن کي چاهيو اسان جن کي پرچيو،
ڏيئن سان سڄي رات جلندا ته هوندا.
پکيءَ تي رکي ڪنڌ جيڪي سٽا تي،
اهي ننڊ ۾ چرڪ ٿيندا ته هوندا.
جتي ڪنڌ پياسين ۽ رانديون رهيوسين،
اهي شهر تي مينهن وسندا ته هوندا.
(امداد حسيني)

(3)

من جنهن کي ڏيئو جلايو آ،
دور ڪيئن ڪو هوا لڳايو آ.
تو کي چاهيون ٿا تو کي چاهيون ٿا،
بحث ان تي ڪرڻ اجايو آ.
هڪڙو ڪي ساٿ آهي اڄ تو پر،
من سڄو ڪهڙ کي سڃايو آ.
حال امداد جو پُڇو ڇا ٿا؟
اڄ مزاج ڪي سور ڪنجهه سرايو آ.
(امداد حسيني)

(4)

گل لعل جي طرح ٿا هوا ۾ لڏن، ڪو ها ٿو ڪري، ڪو نه ٿو ڪري،
ڳاڙهيون نه لاٿي ڪهڙيون الن، ڪو ها ٿو ڪري، ڪو نه ٿو ڪري،
واڻ جيون چگرون جي پار چنڊيون، رخسار تان چنڊ پيا ٿا تنگ لهي،
گلن کي چمي لڏ پيا ٿوڙين، ڪو ها ٿو ڪري، ڪو نه ٿو ڪري،
راهي کي سراءِ عشق لڳي، راهي جي ستم کي چاڪ ڪريو،
پنجاڻ گهرائي بحث پيا ڪن، ڪو ها ٿو ڪري ڪو نه ٿو ڪري.
(اسحاق راهي)

http://soorihsindhiadab.website.2.me

(5)

تنهنجي نيڻن ۾ جيئن نهاري ڏٺو،
چنڊ تي سنڌوءَ جي پٽ ڪناري ڏٺو،
تنهنجي وارن جيئن واس جنهن ورتو،
وقت جي سينڌ کي سنواري ڏٺو،
تنهنجي چپڙن جي چس جنهن کي پئي،
جام امرت جا ڪيئي هاري ڏٺو،
اهڙو مفلس ته ڪنهن ڪٿي هوندو،
هڪڙي دل سا به ڪٿ وساري ڏٺو،
هڪڙو "شمشير" هن زماني ۾،
سو به دنيا مان اڄ گذاري ڏٺو،
(شمشير الحيدري)

(6)

اسان کي او سهڻا وساري نه ڇڏجو،
ڪڏهن پيار دل مان ڌڪاري نه ڇڏجو،
اوهان پنهنجي گهر جي چائنٺ اڱڻ مان،
پرين جي پکين کي اڏاري نه ڇڏجو.
(ڏل سومرو)

(7)

ڏک جي نه پڇاڻي آ،
هر شخص ڪهاڻي آ،
ٿيون مان ته اڪيلا هون،
دنيا ته سياڻي آ،
احساس بنا ماڻهو،
اخبار پراڻي آ،
هر ماڻهو رڳو ڪوڙو،
ٿارل جي پڇاڻي آ.
(اياز گل)

(8)

چوريءَ چوريءَ ڪنهن سان ڪوڙي، نيڻ ملائي ويٺو آ،
هيڏيءَ ساريءَ محفل ۾ ڪو پاڻ وڃائي ويٺو آ،
اڙي آئي ديوي دل تي، جنهن جو ڪوئي ديس نه ويس،
مور ڪ ماڻهو ان سان پنهنجو انگ اڙائي ويٺو آ.
پرڻيءَ وانگر پرڙائي وٺي، پٿر جهڙي ڪهري دل،
عمر جو مارئيل شاعر اهڙو، نغمو ڳائي ويٺو آ.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ٽمڪي پئي لاٽ وفا جي، ڪاريءَ ڪاريءَ رات مٿي،
طوفانن ۾ اڄ بہ هي ڪشتي، جيوت جلائي ويٺو آ،
واهڙ ۾ هڪ سادڙ ماڻهو، جنهن جي دل ۾ ڏير نہ هو،
شهر جي سياڻن واپارين کان، پاڻ ڦرائي ويٺو آ.
(عبدالحڪيم ارشد)

(9)

دل جي ويران وڻ تي ڪڪر پالوڙا، ٿورڙا ئي وسين ها تہ ڇا ٿي ٿيڻ،
ساٿيڙا! تون گهڙي ڪن سڙيءَ دل مٿان، ڇانورو ٿي رهين ها تہ ڇا ٿي ٿيڻ.

هر آزاد پکيءَ سون ڪهير مرڻ جي، شوق جاڳي پيو آ اوري جيئڻ جي،
سون پڃري آ تہ اڄ هو پڃڻ ئو اڄي، موت! آڙو ڪرين ها تہ ڇا ٿي ٿيڻ.

ڪيترا حسرتن جا ڦٽن گهريج ها، ڪو ڏ اسان جون مڪرين ئي سگهيون،
منهنجي دل جي گلستان ويران جون، باغبان ٿي رهين ها تہ ڇا ٿي ٿيڻ.

تون ڪٿين ٿو تہ جن گل ٽڙي ڏا پون، ماڻ تنهنجي خزان، گل پڇي ڏا پون،
تو جي 'راشد' کي روشني ڏئو هو پرين، ٿورو مرڪي پرين ها تہ ڇا ٿي ٿيڻ
(راشد مورائي)

(10)

تنهنجو حسن خيال وساري نٿو سگهان،
پنهنجي هٿن سان پاڻ کي ماري نٿو سگهان،
مقصود گل کي تنهنجي عنايت کپي پرين،
پٺي جي اکيان مان ياد پڪاري نٿو سگهان،
(مقصود گل)

انهيءَ کان بعد واري ٽهي ۾ آسي زميني، وسيم سومرو، ساحر راهو، حسن درس، مظهر لغاريءَ سعيد ميمڻ، بخشڻ مهرانوي، وسيم سومرو، احمد سولنگي، پخشل باقي، اسحاق سميجو، علي آڪاش، سعيد سومرو، قاضي منظر، ملهار سنڌي، مشتاق بخاري، ڪوثر برڙو، ياسر قاضي، علي زاهد، جاويد جبار، معشوق ڌاريجو، غضنفر راڄڙ، ساجد سنڌي، سعيد امروٽي شاعرائن ۾ سحر امداد، مريم مجيدي، رخسانہ پريت چنڙ، روبينہ ابڙو، حميد ساند، ايس نسيم ميمڻ، فضہ غزل، ناياب سرڪش سنڌي ۽ ٻين شاعرن سنڌي غزل ۾ نوان موضوع شامل ڪيا. سنڌي غزل هن وقت پنهنجي عروج واري دور ۾ آهي. جديد سنڌي شاعري ۾ غزل سڀ کان مقبول صنف آهي.

جديد سنڌي شاعري:

سنڌي شاعريءَ ۾ جديد شاعريءَ کان اڳ ڪافيون، وايون، گيت، بيت ۽ لوڪ شاعريءَ جون مشهور صنفون رائج هيون، پر جديد شاعريءَ غزل، نظم، آزاد نظم، هائيڪو، ترائيل، سانيٽ، پنجڪڙو، ڏيڍوڙ ۽ ٻين جديد صنفن کي متعارف ڪرايو. غزل تہ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي حڪمراني واري دور کان لکجندو پيو اچي، پر جديد سنڌي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

شاعري اهڙي، جو مزاج بلڪل بدلائي ڇڏيو آهي، جنهن ڪري هاڻي غزل ۽ جديد سنڌي شاعري جو اهم حصو بڻجي ويو آهي. سنڌي نظم ۽ آزاد نظم جي شاعريءَ ۾ ڪيترن سنڌي شاعرن پاڻ ملهايو آهي. نظم ۽ جديد نظم جو موضوع معاشي ۽ طبقاتي ڪشمڪش کي جنم ڏيندڙ ڪئين قومي ۽ بين الاقوامي حالتون آهن. ڏاڍ ڏهڪاءَ ۽ ظلم خلاف آواز آهي ۽ ٻيا ڪئين انساني زندگيءَ جا مسئلا آهن. تاريخي ۽ نيم تاريخي داستان به موضوع آهن. جيئن شيخ اياز جو "دودي سومري جو موت" منظوم ڊرامو. نظم ۾ شاندار لکيل آهي. نارائڻ شيام، هري دلگير، شيخ اياز، شيخ راز، عبدالڪريم گدائي، حيدر بخش جتوئي، نياز همايوني، استاد بخاري ۽ ٻين جديد سنڌي شاعري واري هن تحريڪ کي جلا بخشي. امداد حسيني، تاج بلوچ، فتاح ملڪ، زيب پتي، تاج جويو، اياز گل، تنوير مرزا، ادل سومرو، شمشير الحيدري، تنوير عباسي، سرڪش سنڌي، عبدالحڪيم ارشد، راشد مورائي، محمد خان مجيدي، جمن دربدر، منصور ڪل ۽ ڪئين ٻيا شاعر، جن جديد سنڌي شاعري جي صنفن تي نه رڳو لکيو آهي پر جديد سنڌي شاعري جي صنفن تي سمورا ڪتاب به ڪتاب لکي، ان کي نه رڳو مستايو آهي، پر تن صنفن کي سنڌي ٻولي ۾ ترقي ڏياري آهي. آزاد نظم جا ڪئين مجموعا سامهون آيا، جيئن "ڪپر ٿو ڪن ڪري"، "رڳون ٿيون رباب"، شيخ اياز جا مشهور نظم جا مجموعا آهن. ان کان علاوه شمشير الحيدري جو "لاٽ"، بشير مورياڻي جو "اسناف خيالي" سميت ڪيئي ٻيا شعري مجموعا شايع ٿيا آهن. عورتن ۾ ثميره موتي، شبنم گل، سحر امداد، مريم مجيدي، نور الهديٰ شاهه، سلطانه وقاصي ۽ ٻين ڪئين شاعرائن جديد شاعري لکي. هن دور ۾ رخسانه پريت چنڙ، نسرين سيد، زيب اٿڙو، امر سنڌو، گلبدن جاويد مرزا، ارم محبوب، زهرا محبوب، فقط غزل، ايس نسيم مينڻ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شاعرائون لکي رهيون آهن. هن وقت نه رڳو آزاد نظم ۽ نثري نظم، سانيٽ، ترائيل، هائيڪو، پنجڪڙا، ڏيڍ سٽ ۽ ٻين جديد شاعري جون صنفون نه رڳو سنڌي ۾ لکجي رهيون آهن پر انهن مان ڪيترين ئي صنفن تي ڪيترائي ڪتاب به لکجي چڪا آهن. جديد سنڌي شاعري جون اهي صنفون هاڻي نه سنڌي شاعري ۾ ايتن مروج ٿي ويون آهن جو ڄڻ اهي ڌاريون صنفون لڳن ئي نه ٿيون. هتي اسين جديد سنڌي شاعري جي صنفن، انهن جي ڪهاڻيءَ تي، سنڌي ٻولي ۾ انهن تي ٿيل تجربن جو ذڪر ڪنداسين.

آزاد نظم:

آزاد نظم، جديد شاعريءَ ۾ نظم جي صنف جو هڪ نمونو ۽ جديد شاعريءَ جي هڪ نئين روايت آهي. دنيا جي سڀني وڏين زبانن ۾ آزاد نظم لکيو وڃي ٿو. سنڌي ڪنهن به سنڌي شاعريءَ ۾ آزاد نظم جي لهر انگريزي شاعريءَ جي مطالعي سان آئي، جنهن جي ابتدا مرزا قليچ بيگ ڪئي. هن انگريزيءَ جا ترجما ڪيا ۽ ڪي طبعزاد نظم به لکيا. نظم جي هيءَ هيئت سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافي مقبول ٿي. جديد دور جي پيچيدي ماحول ۾ انسان جي ڏکن ۽ دردن جو دائرو وسيع ٿي ويو آهي. سوچ، احساس ۽ جذبن ۾ به پيچيدگي اچي وئي آهي. پابند نظم ان قسم جي خيالن ۽ احساسن جي اظهار لاءِ موزون هيئت ثابت نه ٿيو. ان ڪري احساسن جي اظهار ۽ وسعت واري تصور "آزاد نظم" کي مقبوليت ڏني، جنهن ۾ قافيي ۽ رديف جي آزادي آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪن اديبن جو رايو آهي ته سنڌي شاعريءَ ۾، 1937ع ڌاري سوڀراج "فاني" پهريون آزاد نظم لکيو، جڏهن ته نصير مرزا جي راءِ موجب مرزا قليچ بيگ جو نظم "مٺي" آزاد نظم جو پهريون نمونو آهي.

بهرحال سنڌي شاعريءَ ۾ آزاد نظم جا جديد باني نارائڻ شيام، شيخ اياز، هري دلگير ۽ شيخ راز آهن. ان کان پوءِ ارجن شاد، سگن آهوجا، شمشيرالحيدري، بشير مورياڻي، سراج، برڪت سنڌي، گوردن محبوباڻي، تنوير عباسي، ايم ڪمل، موهن ڪلپنا، عبدالحڪيم ارشد، امداد حسيني، تاج بلوچ، استاد بخاري، الطاف عباسي، سرويچندر شاد، نعيم دريشاڻي، راز نائڻ شاهي، پروانو ڀٽي، قمر شهباز، مير محمد پيرزادو، عنايت بلوچ، الطاف عباسي، اياز گل، نصير مرزا، آڪاش انصاري، آسي زميني، وسيم سومرو، حسن درس، مظهر لغاري، اياز جاني، بخشل مهراڻوي، حسن مجتبيٰ، غلام حسين رنگريز، عزيز سولنگي، ڪوي، ارشاد ڪاڪلي ۽ ٻين به اڻ ڳڻيا آزاد نظم لکيا آهن. عورت شاعرائن ۾ سحر امداد، پشپا ولڀ، نسرين سيد، نسرين جوکيو، ايس نسيم ميمڻ، اڻيتر گل، عطيه دائود، امر سندو، ارم محبوب، روبينه ابڙو، رخسانه پريت، گل بي بي ۽ ٻين آزاد نظم لکيا آهن.

سنڌيءَ ۾ آزاد نظم تي قابل ذڪر ڪم شمشيرالحيدريءَ "سنڌي آزاد نظم جي اوسر" نالي ڪتاب لکي ڪيو آهي. ان کان سواءِ منگهارام ملڪاڻي، غلام محمد گرامي، شيخ عبدالرزاق راز، ارجن شاد، تنوير عباسي ۽ تاج جويو، اقلم عباسي ۽ ٻين پڻ شاعريءَ جي هن صنف تي تحقيقي مضمون لکيا آهن.

آزاد نظم بابت عام غلط فهمي اها آهي ته اهو هر پابنديءَ کان آزاد آهي. ان ڪري نوان شاعر پنهنجي سٽن جو عام اظهار آزاد نظم ۾ ڪن ٿا. ليڪن آزاد نظم جي نالي ۾ لکيل هر شعر "آزاد نظم" سڏي نٿو سگهجي. آزاد نظم حقيقت ۾ نظم جي گهاڙيٽي ۾ انقلاب، تجربي جي نواڻ بلڪ جديد نظم جي توسيع (Extension) آهي. ان ۾ خيال جي مسلسل اظهار جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجندڙ ڳالهيون، رديف، قافيي ۽ بحر جي قيد ۽ سخت گير قاعدن کي هٽائي، ترنم جو انداز اختيار ڪيو ويو آهي. يعني ترنم يا ردم، اچارن وسيلي پيدا ٿئي ٿو. تنوير عباسي لکي ٿو ته "لهجي (Accent) ۾ ٽي جزا هوندا آهن: اوچائي (Pitch)، شدت (Intensity) ۽ وقفو (Duration). اچار جو وقفو ٿي آهي، جيڪو آزاد نظم جي ردم جو بنياد آهي. اهڙيءَ طرح آواز جي بلنديءَ يا جوڙيءَ جو لاهه چاڙهه ئي نغمگيءَ يا ردم جي ڪيفيت پيدا ڪندو آهي ۽ اها ڪيفيت لفظن جي اندروني ردم يعني مصرعن/ سٽن ۾ عروضي / ماترڪ/ ميترڪ رڪنن جي گهٽ وڌائيءَ سان پيدا ٿيندي آهي.

آزاد نظم ۾ مقرر 'بحر' ته هوندو آهي، پر ان جي سٽن ۾ وزن جي رڪنن جو تعداد مقرر نه هوندو آهي. هر سٽ ۾ ضرورت موجب گهٽ وڌ رڪن ڪم آڻبا آهن ته جيئن آزاديءَ سان خيال کي بيان ڪري سگهجي.

شيخ اياز توڙي ٻين شاعرن آزاد نظم ۾ سماجي مسئلن، ناانصافين ۽ ڏاڍ خلاف آواز بلند ڪيو آهي. سماجي مسئلن جي ڀرپور عڪاسي ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان امداد حسيني جو "تنهنجو وات گلاب" نالي سان آزاد نظم پڙهو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

آلا برابر مٺي آهيان،
تنهنجو وات گلاب،
برابر تيئن به آهيان،
تيئن به ناهيان،
ڪوري ڪاڳر تي هڪ ليڪ آهيان،
ليڪ به ناهيان،
پيو به لائي چا چا آهيان،
آهيان به لائي ناهيان،
لوتا جو ٿو ڦيرائين،
جيڪا ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهين،
سنهنجي اکين ۾ گهوري چئو.

آزاد نظم ۾ شاعرن انقلابي شعر به چيو آهي. ۹ مارچ جي واقعي تي لکيل غلام حسين رنگريز جو آزاد نظم گهڻو مشهور ٿيو:

وهيو رت جيڪو جوانن اوهان جو،
اهو رت آهي اسي،
اهو رت سنڌڙي جو آهي، ۽ جيجل جنڌڙي جو آهي.

ڪراچي ۾ ٿي ڍاڪا اگ سنڌين جي ٿيندڙ ڪوس تي به شاعرن آزاد نظم جي صنف ۾ ڀرپور آواز اٿاريو آهي. وقت مزاحمتي شاعر سرڪش سنڌي هڪ آزاد نظم لکيو، جيڪو انهيءَ دور ۾ ٿيندڙ ظلم، بربريت، ڏاڍ، ڏار ۽ انياءُ واري ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. سنڌي آزاد نظم آهي:

جيئن جيئرو آ،
تيئن ليجيو آ،
ٿيون ٿيٺهن لاڪر سڪجهه گولي ٿو،
روئي روئي هيج ٿي پيو آ،
پاڻي پاڻي ڏانهن ڏسي ٿو،
پٽڪڙا هٿ ڦير اڻيندي،
اکين اکين ۾ هيئن پڇي ٿو،
۽ ماءُ روئي ٿي،
ڪن ۾ ان کي هيئن چوي ٿي،
چڱو رساڻو ٿيو وڃ توڙا
ڀلي ٿيهي پٽ وڌو ٿي،
۽ پوءِ دشمن جو ڏر وڃ تون،
هو جئين سنهنجو ارهه ڪيو آ.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

نثري نظم:

نثري نظم جي شروعات فرينچ شاعريءَ کان ٿي، بوڊليئر (Baudelaire) پنهنجي مجموعي "نثر ۾ ننڍا نظم" (Petit poems en prose) سان ان جي ابتدا ڪئي. ان ۾ شاعريءَ جو عنصر ضروري آهي. ان ۾ وزن، بحر ۽ رديف قافيي کان سواءِ نظم جون سموريون خاصيتون موجود هجڻ کپن. ڪٿي ڪٿي ته قافيي جو استعمال ۽ سٽن جي وچ ۾ يا آخر ۾ ٿئي ٿو ۽ ان ۾ موسيقيت جو احساس پيدا ڪري ٿو. هر حالت ۾ نثري نظم ۾ اندروني آهنگ ضروري آهي. انگريزي شاعريءَ مان هيءَ صنف انگريزن جي دور ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ٿي ۽ مقبوليت حاصل ڪئي. سنڌي ۾ تعلچند امر ڏني جو "سدا گلاب"، ڪلا پرڪاش جو "منتار لهرون"، محمد علي سنڌيءَ جو "پتر علن"، نور الهديٰ شاهه جو "قيديائيءَ جون اکيون ۽ چند"، شيخ اياز جو "پتڻ لڙ پور ڪري" "اعرن اڪي ڪيڏانهن"، الهي ارو الله سان دعائون ۽ ٻيا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل آهن. شيخ اياز جا لکيل نثري نظم فن، فڪر، ردلي ۽ موضوع جي حوالي سان سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاريون ٿا. شيخ اياز کان علاوه نثري نظم تي لڳ ڀڳ سمورن شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. اياز گل، امداد حسيني، ادل سومرو، مختيار ملڪ، نصير مرزا، ذوالفقار سيال، ظفر عباسي، نورالهديٰ شاهه، ارم محبوب، شبنم گل، پشپا ولڀ، شگفته شاهه، حسن درس، احمد سولنگي، حسن مجتبيٰ، سعيد سومرو، سعيد ميمڻ، بخشڻ مهرانوي، دارا ابڙو، مظهر لغاري، مظفر چانڊيو، ايوب کوسو، ايوب گل، حيدر سولنگي، نثار پاتڻ، ياسر قاضي، شاهين سنڌي، ساجد سنڌي، اياز امر شيخ ۽ ٻين نثري نظم لکيا آهن. مثال طور ڪجهه نثري نظم هيٺ ڏجن ٿا:

ڏس هن پوپٽ کي پيو آهي،
جو گل جو واس وٺي رهيو آهي؟
اهي آهي ته ميباري جي رات ۾
تهنجي ياد،
جيئن ٿئي جي رابيل جي خوشبو،
ٻيا ايڏا ناٿين
امير خسرو جي غزل ۾ آهي. (شيخ اياز)

—

ڪيئن ٿا اهو پنڇي چهاڙي سگهندا؟
هن تو کي ته ڪيئن ٿي ٿو سمجهيو آهي. (شيخ اياز)

جديد دور جي شاعرن جي لکيل نثري نظم ڪي مها ڪوي شيخ اياز تمام گهڻو ساراهيو آهي. سنڌيڪا اڪيڊمي پاران ڇپايل جديد شاعرن جي ڳڙيل ڪٺي مجموعي "ڏيئا ڏيئا لاٽ انسان" جي مهاڳ ۾ مها ڪوي شيخ اياز جديد سنڌي شاعري جي هڪ شاهڪار مهاڳ لکندي سنڌي شاعري کي خوب ساراهيو آهي. شيخ اياز لکي ٿو ته:
عطيه دائود ۽ پشپا ولڀ جا سيئي نثري نظم خوبصورت آهن ۽ انهن جي نثري شاعري

http://soorihsindhiadab.website.2.me

۽ پالنده جاءِ آهي. ڏنل شاعري بنا رک رکاءَ جي ۽ ويچار واري پرجهه ۽ پروڙ سان اينايان ٿو. جيستائين پين نثري نظمن جو سوال آهي ته حسن درس جي پنهنجي نظم خاڪ گگوش مان هيءُ اتر ڪي، اچنهي جهڙي تشبيهه وارو بند ڏسو:

تاريخ جي سگريٽ کي
تيلي ڇهيو ته
وقت دکي پيو
۽ هڪ ڏکي ڪش ۾
درد جي سرمئي دونهون
هوا ۾ اڏرندو ويو
خميني تون هڪ قلي وانگر
بي معنيٰ ٿي چڪي پرنديون (حسن درس)

شيخ اياز حسن درس جي مٿين نثري نظم بابت لکيو آهي ته: "جي حسن درس جو اهو نظم سبط حسن پڙهي ها ته هو پنهنجي ڪتاب انقلاب ايران ۾ ترجمو آڻي ها."
شبنم گل جو هيءُ نثري نظم بر صغير ۾ جديد نظم جي صنف ۾ جاءِ والاري سگهي ٿو:

منهنجي خاموشي
مرڪي پئي ٿي اپڻ ظاهر ڪري چڪيون آ
جيئن قيد ٿيل خوشبو
شيشي جي بدن مان
اوچتو آزاد ٿي وڃي هجي
اکيون منهنجيون
مصلحتن جي بار هيٺان
جهڪيل رهن ٿيون
پر ۽ ماٿيرو چون ٿا
اهي ڳالهائين ٿيون
مون ڪيتو ڪجهه ڏٺو ۽ سٺو آ
پر مون کان سچ چوڻ
۽ سچ ٻڌڻ جو
اختيار کسي
پٿرن جي ديس ۾
رهندڙن
پنهنجين اکين
پنهنجين سماعتن تي
ڪيئي پهرا رکي ڇڏيا آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

دنيا کي
بدلائڻ جي
ڳالهه ڪن ٿا اهي
بدلائي نه سگهيا
جيڪي پاڻ کي (شاهين سنڌي)

هائيڪو/ٽيڙو

هائيڪو جپاني شاعريءَ جي صنف آهي. پر جديد شاعريءَ جي صنفن وانگر سنڌي شاعريءَ جو هيءَ صنف حصو ٿي ويئي آهي. هن کي ٽه سٽو ۽ ٽيڙو به چوندا آهن. هائيڪو ۾ ٽي سٽون ٿينديون آهن. جيڪي ڪنهن خيال تاثر کي واضح ڪن. پر منجهس خيالات ۽ معنوي وسعت جي بلنديءَ کي اهميت آهي.هائيڪو جو گهاڙيٽو پنج ست پنج ماترائون آهي. جيئن غزل مان قطعو ۽ فرد الڳ صنف ٿي پيا. تيئن رينگا مان هائيڪو الڳ صنف بڻيو آهي. هائيڪي جي شروعات چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ ٿي. روايتي طور هن صنف جا بنياد رجهندڙ مارشيڪ ۽ سوڪن هئا. هنن جي شعر ۾ اڪثر طنز هوندي هئي. ان کان پوءِ ٽيئوڪو هن صنف کي رينگا ذري موڪلائڻ چاهيو ۽ فني باريڪين جا ڏايا ڏکيا قانون گهڙيا. ڊنٽرن اسڪول، (جنهن جو پايو سوگئن (821-1605ع) وڌو). اهڙن لاڙن جي خلاف ڪم ڪيو. آخر باشو هن صنف کي. سنواري جرڪائي ڇڏيو ۽ هائيڪو کي آخري شڪل ڏني.سنڌيءَ ۾ لکيل هائيڪو جي پهرين ۽ آخري سٽ هم قافيه آهي.سنڌي ۾ هائيڪو کي ٽيڙو به چيو ويندو آهي. سنڌي جديد شاعريءَ ۾ شيخ اياز کان اياز گل تائين ڪيترن ئي شاعرن ٽيڙو لکيا آهن ۽ چڱي تعداد ۾ لکيا آهن. الطاف عباسي، تنوير عباسي، نعيم دريشاڻي، هري ڪانت،نارائڻ شيام، موتي پرڪاش، شمشير الحيدري، طارق عالم ابڙو، ذوالفقار سيال، استاد بخاري، تاجل بيوس، امداد حسيني، ذوالفقار راشدي ۽ زيب سنڌي،منصور ڪل،نصير مرزا، وسيم سومرو ۽ پڻ هن فن کي ترقيءَ وٺائي ڏنه پٽيءَ ۽ اياز گل نت نوان تجربا ڪيا. عورتن شاعرائن ۾ شبنم گل، سلمى پٿهور، ثريا منير ۽ پڻ هائيڪو لکيو آهي. وسيم سومري جو هائيڪن تي مشتمل ڪتاب پاڻي (2005ع) ۾ ڇپيو.

شيخ اياز جا هائيڪا سنڌي روايتن جا مظهر آهن.پر ڇن پڇاڻان 1984ع اياز جو ڪتاب سنڌي ٽيڙو تي مشتمل پهريون ڪتاب آهي ۽ "رڻ تي رم جهم" ۾ به سندس هائيڪا بهترين آهن ۽ "ڪاٽون ڦلن ڇانئيون" شيخ اياز جو هائيڪو تي مڪمل ڪتاب آهي.شيخ اياز جي لکيل هائيڪن جو نمونو هيءُ آهي:

اڙي درازا هل!
تنهنجا سارا مولوي،
منهنجو مڪ سچل.

-

وٽيءَ وهه پيان،
ٿيس ڪنهن ڏي ڏک سان،
ڏوراپو نه ڏيان.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

-

جڙن پڙاڏا،
اونيڪڙا ڳچي ويا،
لڪ لنگهي آڻا،

-

ٽريليون ٽوهن،
لهرين مثان هنج تا،
جيئن سواري ڪن،

-

ناهي رات اماس،
پرياتي تاري ٽڪو،
وشو مثان وشواس.

نارائڻ شيام،استاد بخاري،تنوير عباسي ،اياز گل ۽ هن صنف تي لکيو آهي،سنڌي لکيل هائيڪن جو مثال هيءَ آهي:

وس وس وس وسڪار
مارن ڦڻ ڏنارن مثان
ڪڪر ڪار ونيار
(نارائڻ شيام)

-

تنهنجي پٺ پرآ گهاءُ
ترن ڪيئن منهنجو پٺ ڏٺين
مان ته ڏ تنهنجي ماءُ
(استاد بخاري)

-

ڪنهن جو چوريو چنگ،
۽ چرخي آواز ڪان،
اڏري ويو هو ڪنگ،
(تنوير عباسي)

-

ڳالهيون مصري ڪنڊ،
چهرو اٽين پرين ۽ جو،
چڻ چوڏهين جو چنڊ،
(اياز گل)

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سانيٽ:

سانيٽ جديد سنڌي جي اسر ورهاڱي کان پوءِ ٿي. جيئن ته پهرين جديد سنڌي شاعريءَ کي ڇڙواڳ شاعري چئي ٺڪرايو ويو. پر پوءِ غير ملڪي شاعريءَ جي رجحان کي ڌيري آهستي آهستي تسليم ڪيو ويو. سنڌي شاعري مغربي فڪر ۽ طرز بيان جي تقليد نه آهي، پر جديد سنڌي شاعريءَ سنڌي لب و لهجي ۽ ڪلاسيڪل روايتن کي وڌيڪ اجاگر ڪيو آهي. هائي ڪيون صنفون هائيڪو، ترائيل، سانيٽ ۽ آزاد نظم عام صنفون آهن ۽ ڪافي وقت کان سنڌي سهڻي انداز سان مروج آهن.

سانيٽ (Sonnet) جي صنف انگريزي شاعريءَ مان سنڌيءَ ۾ آئي. شيڪسپيئر جا سانيٽ ڪاليجن ۾ انگريزيءَ ۾ پڙهايا ويندا هئا. انگريزي شاعريءَ جو مطالعو ڪري سنڌي شاعرن نج سنڌيءَ ۾ سانيٽ لکڻ شروع ڪيا. سانيٽ هيئت جي لحاظ کان ٽن قسمن جا ٿيندا آهن ۽ منجهس ڪل چوڏهن سٽون هونديون آهن ۽ آخر ۾ هڪ مقفيٰ شعر هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪيترن شاعرن سانيٽ چيا آهن. سانيٽ جي صنف 16 صديءَ ۾ انگريزي شاعريءَ ۾ شروع ٿي. سانيٽ ۾ "اٽالين سانيٽ"، "شيڪسپيئرن سانيٽ" ۽ اسپينسرين سانيٽ مشهور آهن. پر سنڌيءَ ۾ شيڪسپيئري سانيٽ جي طريقي سان لکيا ويا آهن. سنڌيءَ ۾ سانيٽ کي "چوڏس" جو نالو ڏنو ويو آهي. ڪيترن ئي سنڌي شاعرن سانيٽ لکيا آهن نارائڻ شيام، شيخ اياز، تنوير عباسي، تعيم دريشاڻي، انور پيرزادو ۽ اياز گل، بشير موريائي، ج. ع. منگهاڻي، نور شاهين ۽ ٻين شاعرن توڙي شاعرائن سانيٽ لکيا. ان کان سواءِ ڪيئين نوان اسرندڙ شاعر ٻن جديد شاعريءَ ۾ سانيٽ لکي رهيا آهن. هتي نارائڻ شيام جو هڪ سانيٽ نموني طور ڏجي ٿو:

سان اڪيلي نہ هيس، هاڻ اڪيلي نہ هيس،
تو کي محسوس ڪيم، پنهنجي بدن ۾ اي لال،
تنهنجي چهري کي مون سمجهيو ٿي ڳهيلي نہ هيس،
دل وسرڙال نہ خوشيءَ سان ٿئي وئي مالامال!

پور جي بار کنان پاري ٿئي پيري جنن ٿاري،
پور مان ميري ٿئين لاءِ جا بيچين هجي،
مون کي بس گريڙتي پاسي ٿئي دنيا ساري،
جنم سيهي کي ڏيڻ لاءِ جا بيچين هجي!

اڄهان تنهنجي ڪرڻ لاءِ مون جوڙيون لوليون،
هاڄ پي هاڄ سنهي لاٽ ڪري سي ڳاتيون،
پنهنجي لولين ۾ مڙهيم تنهنجون الوليون پرليون،
ڪيترو تو کي ڏسڻ لہ هيون اڪريون اتيون.

اتين جنگ ۾ سهي پر نہ سگهيون ساهہ ڪٺي،
هاڻ مان تو کي چئي ٻہ نہ سگهيس ماءُ ٻٺي!

ڪتاب "زندگيءَ ٻيل ننڍ" نوجوان شاعر "جاويد جبار" جو پهريون شاعري جو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪتاب آهي ، سنڌس هي ڪتاب شاعراڻي صنف "سانيٽ" تي مشتمل آهي ، جاويد جبار نوجوان شاعرن ۾ پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ سانيٽ تي هي مڪمل ڪتاب لکيو آهي ، جيڪو پوري سنڌي ادب ۽ هند توڙي سنڌ ۾ پهريون مڪمل مجموعو آهي. جاويد جبار جي سانيٽ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سارا ڳوڙها لڙيندا هُوندو پر!
مُنهنجي تند پرچي ويندي!
توکي عڪس ستيندا هُون پر!
هُون تي تُنهنجي پارش ليندي!

مُنهنجي عشق مهانگر ڪو تهي!
پر تون ڪونه خريدي سگهندين!
رستو ڪيو پـ اڙانگو ڪو تهي!
پر تون ڪونه ڪشان پي لنگهندين!

تُنهنجا پير اکين تي مُنهنجي!
ڪيتو پيا ڪپر سان اهيان!
سُرنگي رقص سنواريو تُنهنجي!
سمجهي جهان جي پير سان اهيان!

سُرن پر ڪيڏي آڳ پري !!
پارش ڪو تهي تُون تي وري !!

(جاويد جبار)

ترائيل:

هي فرينچ ٻوليءَ جي صنف آهي، اصل نالو (Trojelt) آهي. ترائيل ۾ ڪل اٺ مصراعون هونديون آهن. تن مان هڪ ٻي ساڳي مصرع ڪل ٽي ڀيرا ورجائبي آهي. ترائيل جو سنڌي سانيٽ ۽ ترائيل کي هائيڪو جهڙي ۽ آزاد نظم جهڙي مقبوليت حاصل نه ٿي آهي. ان جي باوجود شيخ اياز کان وٺي موجوده دور جي اڪثر شاعرن ترائيل لکيا آهن. نارائڻ شيام جي مجموعي "روشن ڇانورو" ۾ ترائيل ملن ٿا. "ڏک پيل گيت ۾ ٻڌ آهي پيل ڪوئي ميناس" ، نارائڻ شيام سنڌي ترائيل جي صنف جو باني سڏيو ويندو آهي. هري دلگير جا ترائيل سنڌي جديد شاعريءَ ۾ تمام اهميت جا حامل آهن، پاڻ ترائيل جي صنف جي باني مان آهي. هري ڪانت "پره کان پهرين" ترائيل جو مجموعو ڇپيو. استاد بخاريءَ ،تنوير عباسي،امداد حسيني،موتي پرڪاش،ع ج منگهاڻي،اياز گل،مقصود گل،مختار گهمرو،قاضي منظر حيات،ملهار سنڌي،مشتاق بخاري،گل ڪرلڙ،ياسر قاضي،اسحاق سميجو،احسان دانش،ساجد سنڌي ۽ ٻين شاعرن ۽ ترائيل لکيا آهن.هريڪانت سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي جنهن جي ترائيل جو مجموعو "پره کان پهرين" جي نالي سان ڇپيو آهي. امداد حسينيءَ جا ڪجهه خوبصورت ترائيل سندس شعري مجموعي "امداد آهي ردل" ۾ ڇپيا آهن. شيخ اياز هڪ پورو ڪتاب ترائيلن جو "چنم

"گلبدن" جي نالي سان لکيو آهي، جنهن ۾ سندس 244 ترائيل آهن. جڏهن ته هري دلگير جي ترائيلن جو ڪتاب "ڳاهه ڳليا ڳس ڳس" 2004ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ هن جا ڪيترائي ترائيل ڏنل آهن. هري دلگير ترائيل ۾ وزن جا تجربا ڪيا آهن. اڪثر ڪري اردو ۽ سنڌي ۾ ترائيل هڪ خاص چست چال واري وزن 'فاعلاتن، فعلاتن، فعلاتن، فعلن' يا 'مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن' تي لکيا ويا آهن. شيخ اياز، هري دلگير وانگر تجرباتي طور ٻيا وزن ۽ بحر اپنايا آهن ۽ هيئت ڪهاڻين کي ۽ ڦيرايو آهي، جنهنڪري سندس ترائيلن ۾ چس رس ۽ ڪن رس وڌي ويو آهي. مثال طور ڪجهه ترائيل هيٺ ڏجن ٿا:

پرهه جي ٻاڪ جيان ڪنهن ته نهاريو مون ڏي،
زندگي صبح جيان پلٽي ٿي روشن روشن،
گهور انڌڪار منجهان ڪنهن ته اڀاريو مون کي،
پرهه جي ٻاڪ جيان ڪنهن ته نهاريو مون ڏي،
دل بيابان هئي، ڪنهن ته سنواريو تنهن کي،
چڙهن ته صحرا ۾ به آباد ٿيا باغ و چمن،
پرهه جي ٻاڪ جيان ڪنهن ته نهاريو مون ڏي،
زندگي صبح جيان پلٽي ٿي روشن.
(هري ڪانت)

وساريو وساريو، ته ساريو اسان کي،
جيئڻ جا پيا ٻــ گهڻا ڍنگ آهن،
پيلا ڪير ٿيو ڇڏي، پڪاريو اسان کي،
وساريو وساريو، ته ساريو اسان کي،
پلڪن جي ڏلين سان ڏڪاريو اسان کي،
اُهيڻ جا چهرا، ته ٻيا رنگ آهن،
وساريو وساريو، ته ساريو اسان کي،
جيئڻ جا ٻيا ٻيا گهڻا ڍنگ آهن.
(اياز گل)

پنجڪڙا/ پنج سٽا:

پنجڪڙا يا پنج سٽا، شعر جو هڪ قسم آهي، جيڪو پنجين سٽن تي مشتمل هوندو آهي. ڪهاڻيتي جي لحاظ کان پنجڪڙي جي پهرين ۽ چوٿين سٽ پاڻ ۾ هڪ قافيه هوندي آهي، ٻي ۽ ٽئين سٽ ۾ پاڻ ۾ هم قافيه هوندي آهي. جڏهن ته پهرين سٽ آخر ۾ پنجين سٽ طور ساڳي ئي رکي ويندي آهي.

سنڌي ٻولي ۾ سڀ کان پهرين هند ۾ سنڌي زبان جي مشهور شاعر پريو وفا پنجڪڙا متعارف ڪرايا جنهن بعد استاد بخاري، امداد حسيني، اياز گل، ادل سومرو، ذوالفقار سيال، مقصود گل، احمد خان مدهوش ۽ ٻين شاعرن پنجڪڙا لکيا. ناميارو شاعر مير محمد پيرزادي، استاد بخاري جي پنج سٽن جو تعارف هيئن ڪرايو آهي ته "پنج سٽن جي بحر وزن جي ڪا مخصوص هيئت نه آهي، يعني ڪهڙي به بحر وزن ۾ انهن کي ڇنڊي/ لکي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سڪيمي تہ پنجن ۾ سٽن جو روزن ڪهڙو بہ هجي پر هوندو هڪڙو. باقي قافين کي الڳ الڳ فارمن ۾ مختلف انداز ۾ ڪتب آندو ويندو آهي. مثال طور استاد بخاري جو هي پنجڪڙو پڙهو:

گهر منهنجو گهمڻ اٿين، هي احسان آ تنهنجو،
احسان ڪري اس جو ايوان بہ گهمر ٿئون،
۽ پيار سان دل منهنجي، جو ڏالان بہ گهمر ٿيون،
هت آرزو ۽ جستجو سامان آ تنهنجو،
هن روح جي هر روم ۾ ايمان آ تنهنجو!
(استاد بخاري)

جديد سنڌي شاعري جي موجوده دور جي اهم شاعرن بہ هن صنف تي طرب لکيو آهي. سعيد ميمڻ پنجڪڙن جي سٽ تي هڪ مڪمل ڪتاب ڏاڙي ۾ ۾ چلد لکيو جنهن ۾ هڪ طويل نظم کان علاوه باقي سمورا پنجڪڙا آهن. موجوده دور جي شاعرن هن صنف کي ترقي ڏياري آهي. مريم مجيدي، رخسانه پريت چنڙ، اسحاق سميجو، جميل سومرو، سعيد سومرو، ياسر قاضي، مشتاق بخاري، ملهار سنڌي، امر لياقت، ايوب گل، قلب سومرو، وفا مولا بخش ۽ ٻين شاعرن هن صنف تي لکيو آهي. مثال طور سندن شعر هيٺ ڏجن ٿا:

اچـو ڙي اچـو لـوڙڪ سـر تي اچـو،
انسـان ڪـي ويـا اڄ سـپـارا چـڪي،
اڪيلائـي منهنجـي اوڪـانڪي سـاٿي،
چـوري ٿـي تہ اچ مل اکـين ۾ اکـو،
اچـو ڙي اچـو لـوڙڪ سـر تي اچـو.
(سعيد ميمڻ)

سنڌڪا آيا ساڙون آيون، عيد نہ آئي،
ڏينهن سڄو تي تنهائيءَ ۾ گذري ويو،
روح سموري پاتال کي ڪٽيري ويو،
لڙڪن جي اڄ لاڙون آيون، عيد نہ آئي،
سنڌڪا آيا ساڙون آيون، عيد نہ آئي!
(جميل سومرو)

اڄ ڪنهن جي درد وسنديون پيارا،
هي سڌيون سنڌ سنڀاليا آهن،
تاريخ ڪئن ۽ پاليا آهن،
آڪاش ۾ جيئن جڻ ڪير تارا،
اڄ ڪنهن جي درد وسنديون پيارا.
(مريم مجيدي)

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پسن چسن جسي هسي، ننڊ ۽ پيارا،
جواني مهڪي هڪڙي نه ٿي ٿي
جياتي هئي جو ڪنڌ جي ڳهارين
پر ڪسي وانگر سياتيل سيارا،
اتسين ڳالهه ته ڪانه لهي ٿي!
(امر لغاري)

ڏيڍ سٽا:

سنڌي شاعريءَ جي هيءَ صنف جديد سنڌي شاعريءَ جي سرموڙ شاعر شيخ اياز ايجاد ڪئي. اياز پنهنجي ايجاد ڪيل هن صنف بابت پنهنجن ٽي ڏيڍ سٽن جي مجموعي 'ننڌوليون' ۾ لکي ٿو ته: "ڏيڍ سٽا فارسيءَ جو 'مستزاد' ۽ پنجابي گيت 'ماهيا' جو ميل جول آهن ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين صنف آهي. جيڪا آسانيءَ سان ڳائي سگهجي ٿي." ڏيڍ سٽي ۾ پهرين اڌ سٽ ٿئي ٿي، جنهن جي آخر ۾ قافيو اچي ٿو ۽ ٻي مڪمل / سڄي سٽ هوندي آهي، جنهن جي آخر ۾ قافيو اچي ٿو. جڏهن ته ڪجهه ڏيڍ سٽن جي پهرئين اڌ سٽ ۾ ٽوڙي ٻي سڄيءَ سٽ ۾ قافين سان گڏ رديف پڻ استعمال ٿئي ٿو. اياز جا ڏيڍ سٽا ڪجهه مفعول مفاعيلن، ڪجهه فاعلن مفاعيلن ۽ ڪجهه مفعول فاعلاتن جي وزن تي لکيل آهن. جڏهن ته ڪجهه ماترائن جي حساب سان ۽ لکيل آهن.

شيخ اياز جي 'ڏيڍ سٽي' صنف جي ايجاد ۽ ان جي صنف جي مجموعي 'ننڌ وليون' جي اشاعت کانپوءِ هيءَ صنف سنڌيءَ ۾ ڪافي عام ٿي وئي آهي. جنهن تي نئين ٽهيءَ جي تمام گهڻن شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪن شاعرن هن ئي صنف کي 'ڏيڍوٽا' جي صنف نالي هيٺ سرجيو آهي. نئين ٽهيءَ جي ناليواري شاعر وسيم سومري جا اهڙا 'ڏيڍوٽا' سنڌي شاعريءَ جي مجموعي 'ياد جي ٽيري ندي' ۾ شامل آهن. ان کانسواءِ ناليواري شاعره رخسانه پريت چنڙ ۽ پنهنجي ڪتاب 'پياسي ساڀيان جل ڪل خراب' مجموعي ۾ ڏنا آهن. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ اياز واري ڳهاڻيتي کي ٽي اصل ڏيڍ سٽو مجموعو ۽ لکيو وڃي ٿو.

شيخ اياز کان علاوه اياز گل، ادل سومري، آسي زميني، تاج جويو، مقصود گل ۽ پڻ شاعرن هن صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. موجوده دور جي لڳ ڀڳ سمورن شاعرن ڏيڍ سٽا جي صنف تي لکيو آهي. نموني طور ڪجهه ڏيڍ سٽا هيٺ ڏجن ٿا:

ڪيڏي نه مٺي آهين،
ٿورو پنڌ اڪيلي ۾، هنن جهڙي نه چڱي آهين.
(شيخ اياز)

مونسان تند نه هنا چايا،
اي مانا! پنڌ ۽ مرڻ ڪئي، هي درد ڪٿان آيا؟
(آسي زميني)

تون ڪڏهن جڏهن ڪنان پيو،

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڇا ڇا نہ سٺو آهي، ڇهري جي گهٽجڻ کان پوءِ!
(رخسانہ پريت)

هيءَ وقت ڪٿي وڃبو،
هن ڌرتيءَ تي سچ جيو، ڪنهن پيچ ڇڪي وڃبو،
(رهاب جروار)

هن ڪتاب جي آخرين باب "سنڌ جا شاعر، اديب، محقق ۽ نثر نويس" ۾ سنڌي ادب جي عرب دور کان وٺي موجوده دور تائين جي چونڊ عالمن، اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جي زندگيءَ تورڙي ان جي حوالي سان ذڪر شامل آهي. عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو احوال، تاريخ يا حڪمرانن جي دور سان ڪرڻ بدران الف بي ترتيبوار رکيو ويو آهي. احوال ۾ اختصار کان ڪم ورتو ويو آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌ جا شاعر، اديب، محقق ۽ نثر نويس

آخوند عبدالحميد

آخوند عبدالحميد ولد آخوند الهه بچايو، اصل مٽياريءَ جي صديقي خاندان سان تعلق رکي ٿو. پاڻ شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو ڏوهٽو آهي. هن حيدرآباد شهر ۾ 30 مارچ 1945ع تي جنم ورتو، ابتدائي تعليم حيدرآباد مان ورتائين.

آخوند صاحب ملازمت جي شروعات 1968ع ۾ نيشنل سينٽر حيدرآباد جي ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان ڪئي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان بعد تعليم کاتي سنڌ جي ڪلچرل ونگ ۾ 1976ع ڌاري اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. 1988ع ۾ جڏهن حڪومت سنڌ ثقافت کاتي کي تعليم کاتي کان ڌار ڪري هڪ محڪمي جي صورت ڏني ته حميد آخوند صاحب ان جو پهريون ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. اڳتي هلي سيڪريٽري ثقافت جو عهدو سنڀاليائين. جنهن عهدي تي هڪ مختصر عرصو ڇڏي، 2000ع تائين لڳاتار رهيو. آخوند صاحب پنهنجي دور ۾ ثقافت ۽ سياحت کاتي جي ڪارڪردگيءَ کي هر لحاظ کان بين الاقوامي سطح تائين نمايان ڪيو. ان حد تائين جو ٻاهرين ملڪن ۾ سنڌ توڙي پاڪستان جي نمائندگيءَ لاءِ حميد آخوند صاحب جي شرڪت ۽ موجودگي لازمي سمجهي ويندي هئي. حميد آخوند سنڌ جي ثقافت جي سمورن نمائنده پهلوئن کي اجاگر ڪيو ۽ ان جي قديم، اهميت ۽ عالمي حيثيت کي مد نظر رکي، ان جي تحفظ لاءِ اڻٿڪ ڪوششون ڪندو رهيو. هن ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ ثقافت کاتي پاران سنڌ جي تاريخ، ثقافت، ڪلاسيڪي ادب، لطيفيات، آثار قديمه ۽ ٻين موضوعن بابت انگريزي، سنڌي ٻولي ۽ اردوءَ ۾ 100 جي لڳ ڀڳ ڪتاب ڇپرايا. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، سنڌ ميوزيم حيدرآباد، سيوهڻ ثقافتي مرڪز، سچل اڪيڊمي خيرپور، سنڌ آرڪائيوز، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد ۽ ٻيا ڪيترائي ادارا ۽ لائبريريون سندس ذهن، قلم ۽ محنت سان قائم آهن. آخوند صاحب جي ئي محنتن سان ئي ڪري ثقافت کاتي کي وڏي پذيرائي ملي، ۽ پاڪستان جي سمورن صوبن مان سنڌ پهريون صوبو هو، جتي ثقافت کاتي جو وجود پيو ۽ هن کاتي سان سياحت، نوجوانن جي مسئلن، سماجي ڀلائي ۽ رانديون جا کاتا به شامل ڪيا ويا. آخوند صاحب سنڌ آرڪائيوز ۽ آرڪيالاجيءَ جي شعبي کي به هن کاتي سان ملائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌ هيريٽيج ڪائونسل جوڙي سنڌ جي قديم عمارتن کي قومي ورثي جو درجو ڏياريو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

اخوند صاحب "ڪيجيند ٽرسٽ" جو ڊائريڪٽر رهيو آهي، جنهن ذريعي اديبن، عالمن ۽ فنڪارن جي مالي سهائتا ڪئي ويندي آهي. آخوند صاحب مهاڻا پئلس جي بورڊ آف ٽرسٽيز جو ميمبر آهي. يونيسڪو جي هيريٽيج ڪائونسل ۽ دنيا جي ڪيترن ثقافتي ادارن ۽ تنظيمن جو ميمبر رهيو آهي. آخوند صاحب جا شاهه عبداللطيف بابت انگريزيءَ ۾ هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن:

Bhitai, The Message of The Master: an Anthology of Commentaries on the Poetry of Shah Abdul Latif (1993).

Shah Abdul Latif, His Mystical Poetry (1991).

هن وقت به هو ادب ۽ ثقافت لاءِ جاکوڙي رهيو آهي. سندس رهائش ڪراچيءَ ۾ آهي.

آغا سليم

آغا سليم جو اصل نالو آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان آهي. هن 7 اپريل 1935ع تي شڪارپور شهر ۾ جنم ورتو. بي اي تائين تعليم ورتائين. ريڊيو پاڪستان مان اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. بهترين افسانہ نگار، ڊراما نگار، شاعر ۽ ناول نويس طور سڃاتو وڃي ٿو. رٽائرمينٽ کان پوءِ صحافت جي ميدان ۾ ڪاهيو. پهريان روزاني "جاڳو" ۽ پوءِ روزاني "سچ" اخبار جو ايڊيٽر رهيو. سندس تصنيفون هيٺين ريت آهن: 'روشنيءَ جي تلاش' (ناولٽ: 1964ع)، 'چنڊ جا ٽڪرا' (ڪهاڻيون: 1967ع)، 'اللهٗ گناهه' (ڪهاڻيون)، 'اونداهي ڌرتي، روشن هٿ' (ناول)، 'درد جو شهر' (ڪهاڻيون)، 'همه اوست' (ناول)، 'پناهه' (ڪهاڻيون)، 'ڌرتي روشن آهي' (افسانا)، 'اڻپورو انسان' (ناول)، 'پورلا مارو' (تحقيق)، 'لاتن لال لطيف ڪهي' (لطيف جي ڪلام جو منظوم اردو ترجمو)، 'باب فريد' (ترجمو ۽ تحقيق) امن جي صدا (شيخ اياز متعلق مضمون)، سنڌ جي موسيقي (اردو) 'بابا فريد جا دوهڙا' وغيره. آغا سليم شاهه لطيف جي اهم پارکن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن شاهه جي رسالي جو اردو ۽ انگريزيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو. سندس ان ڪم تي مشتمل رسالو "شاهه عبداللطيف ڀٽائي" (منظوم ترجمو) Mourning Melody (سر سورٺ جو انگريزي ترجمو) Melodies of Shah Abdul Latif Vol. I, II, III انگريزي ترجمو) ڇپجي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. ڪيس "شاهه لطيف اوارڊ" سان پڻ ۽ ڏهڻا نوازيو ويو آهي. 2006ع ۾ ڪيس صدارتي تمغه حسن ڪارڪردگي پڻ ڏنو ويو. هو سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر پڻ رهيو. آغا سليم 12 اپريل 2016ع تي وفات ڪئي.

آڪاش انصاري

سنڌ جو مزاحمتي شاعر ۽ صحافي آڪاش انصاري جو اصل نالو الهه بخش انصاري آهي. 25 ڊسمبر 1956ع ۾ بدين لڳ ڳوٺ 'ايل جي وسي' ۾ ڄائو. شروعاتي ۽ ثانوي تعليم بدين مان حاصل ڪيائين. جڏهن ته ايم. بي. بي. ايس، لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان ڪيائين. نوجوانن ۾ مقبول شاعري آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

'ڪيڏن رهان جلاوطن' چار ڇپرا ڇپجي ادبي حلقن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ''اڙورا اڙورا'' عنوان سان گلشن پبليڪيشن حيدرآباد ڇپايو آهي. سندس شاعريءَ ۾ رومانويت سان گڏ مزاحمت جو رنگ نمايان آهي. خاص طور تي سندس نظم، نوجوانن ۾ انتهائي مقبول آهن. پاڻ صحافت وارو پيشو پڻ اختيار ڪيائين. روزاني 'سوال' اخبار جو چيف ايڊيٽر به رهيو آهي. ان جي بند ٿيڻ کان پوءِ هن وقت بدين ۾ وڪالت ڪرڻ سان گڏ هڪ NGO سان لاڳاپيل آهي. شاهه لطيف تي چڱي ڄاڻ رکي ٿو ۽ علمي ادبي ميڙ ڪرائڻ جو شوقين آهي.

ابراهيم ''منشي''

سنڌ جو نامیارو عوامي شاعر منشي محمد ابراهيم سومرو، 15 جنوري 1934ع تي ڳوٺ جنهان سومرو، تعلقي ۽ ضلعي ٽنڊي الهيار (اڳوڻي ضلعي حيدرآباد) ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو محمد اسحاق هو، جيڪو ڪرت ڪندو هو. غربت جي حالت ۾ به هن پنهنجي پٽ (ابراهيم منشيءَ) کي پڙهڻ لاءِ ويهاريو. اڃا چوٿون درجو سنڌي مس پڙهيو ته مارچ 1945ع ۾ سندس پيءُ وفات ڪري ويو.

هن 1949ع ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪئي. ابراهيم منشيءَ جو پيءُ پڻ شاعر هو ۽ مولود به چوندو هو. مٿس ان جو به ڪافي اثر هو. ابراهيم منشيءَ شروع ۾ رومانوي شاعري ڪئي ۽ ڪافيون چيون.

شاعريءَ وسيلي هيٺين طبقي جي نمائندگي ڪرڻ لڳو. هو پنهنجي شاعري ترنم سان پڙهندو هو. 1960ع ڌاري شيخ اياز جي انقلابي شاعريءَ کان متاثر ٿيو. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو 'پيغام مظلوم' (1970ع) ۾ ڇپيو. ٻيو مجموعو 'وڳه جا وريام' (1971ع) ۾ ڇپيو. 1985ع ۾ پريم نگر پبليڪيشن پاران سندس شاعريءَ جو ٽيون مجموعو 'ڪونڌر ويندا ڳنڍري' ڇپيو، جنهن جو پيش لفظ محمد ابراهيم جويي لکيو. 1991ع ۾ سندس چوٿون مجموعو 'ٽرٽي، ٽين، ٽرم' شايع ٿيو. سندس شاعريءَ جو پنجون مجموعو 'ڏاڏري ڏيهن ڏاڙ' (1995ع) ڇپيو ۽ ڇهون مجموعو ''اڪر اڪر اڳ'' روشني پبليڪيشن پاران 2006ع ۾ ڇپجي چڪو آهي. هي عوامي ۽ انقلابي شاعر 31 جولاءِ 2003ع تي هي جهان ڇڏي ويو.

احمد خان مدهوش

نامیارو شاعر احمد خان مدهوش ولد خان حاجي خان (حاجي فقير شغلي) ذات (ڪٽي) سومرو، 15 اپريل 1931ع تي خيرپور ناٿن شاهه جي ڳوٺ سلطان چانڊيو ۾ ڄائو. 1932ع ۾ سندس خاندان 'جوهي' شهر ۾ اچي آباد ٿيو. 1949ع ۾ سنڌي فائنل، 1957ع ۾ انٽر ۽ 1965ع ۾ اديب فاضل سنڌيءَ جا امتحان پاس ڪيائين. گهڻو عرصو جوهيءَ ۾ استاد ٿي رهيو. هن شاعريءَ جي سکيا سيد نجف علي شاهه لکياريءَ ۽ فيض بخشاپوريءَ کان ورتي. سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا 'دل جون ڳالهيون' سنڌي ادبي بورڊ پاران 1993ع ۾

http://soorihsindhiadab.website.2.me

۽ ”نظر ۾ نظربند“ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ 2003ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. استاد شاعرن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. غزل ۽ نظم جو وڏو شاعر آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر هيو. احمد خان مدهوش 26 جون 2010 تي وفات ڪئي.

احمد سولنگي

احمد حسين ولد رسول بخش سولنگي، 5 جنوري 1971ع تي مورو شهر، ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. پرائمري تعليم مين پرائمري اسڪول موري، مئٽرڪ هاءِ اسڪول موري، انٽر مهراڻ ڪاليج موري ۽ بي اي آنرز ايم اي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان 1993ع ۾ پاس ڪئي. سنڌي نظم جي حوالي سان، جديد شاعريءَ ۾ سنڌس اهم سڃاڻپ آهي. طويل مزاحمتي ۽ رومانوي نظم لکڻ تي عبور حاصل اٿس.

احمد سولنگيءَ جا نظم ماٿيڪل اينجلو، اڙ قطب خدا جا خليفا، هنڪري ڀوڙي ڇوڪري، هسيرو ڪراچي، هڪ پونڊ مان مصور، رنگ رتي تنهائي، ٽڪو پٿرا، لهين تي خواب ترون ڇلڻين، ادبي جي آرسي، قرت العين طاهره/بيپ ڪي ڪهڙي خبر/۽ سپ ڪي پڻهنجو گوتم آ. مشرقي قدرن تي پڻل مغربي اسٽائيل ۽ ويچار وارا نظم آهن. جيڪي ٻين ٻولين ۽ مغربي ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ ڪري عالمي شاعراڻي ادب جو هڪ اهم انگ بڻيا.

هن وقت سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل آهي. ڪجهه وقت پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت ۾ وڏي وزير جو معاون، اڳوڻي صدر آصف علي زرداريءَ جو پروٽوڪول آفيسر رهيو. هن ڊائريڪٽر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن، لاڙڪاڻي جون ذميواريون پڻ نڀايون. هن وقت وزيراعلى هائوس ۾ پروٽوڪول آفيسر جون ذميواريون نڀائي رهيو آهي. احمد سولنگي جي شاعري جو ڪتاب ”خواب آوارا پکي“ 2013ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ادبي حلقن ۾ تمام گهڻي مڃتا ماڻي. سنڌي ادبي بورڊ پاران سندس شخصيت تي ڪتاب ”شاعري ۾ جهنڊڙ ماڻهو“ جي نالي سان 2019ع ۾ شايع ڪيو ويو. ڪتاب جو مرتب رڪيل موراڻي آهي.

ادل سومرو

ادل سومري جو اصل نالو عبدالڪريم ولد محمد صالح سومرو آهي. 15 آگسٽ 1956ع تي سکر شهر ۾ جنم ورتائين. ادل سومري 1971ع کان لکڻ شروع ڪيو. ٻاراڻي ادب ۾ سندس تمام گهڻيون خدمتون رهيون آهن. 1999ع ۾ خيرپور يونيورسٽيءَ مان ”سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ ۽ ڪردار“ جي موضوع تي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي رهنمائي ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي اٿس. پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو ٻه دفعا 94-1992ع ۽ 2003ع ۾ سيڪريٽري جنرل پڻ چونڊيو ويو. ان کانسواءِ پين انتظامي ۽ اعزازي ذميوارين تي پڻ رهيو آهي. ادل سومرو، غزل، وائي، نظم ۽ بيت جو بهترين شاعر ليکيو وڃي ٿو. سندس شاعري ڪيترن ئي مشهور فنڪارن ٽي. وي، ريڊيو ۽ ڪئسيٽ تي ڳائي مشهوري ماڻي. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ ”واهڻ وڻ ڦلاريا“ (شاعري) 1986، ”اسين مسافر پيار جا“ (نثري خاڪا ۽

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مضمون) 1991، "سمنڊ جاڳي ٿو" (شاعري) 1994، "وساري نه ڇڏجو" (شاعري) 2004، "نيرولي جو خواب" 2017، شامل آهن. جڏهن نه ڇپيل ڪتابن ۾ "روز ٿئي رابيل" (شاعري) 1971ع، "جيئي پيشمر ڪوٽڙو" (شاعري) 1979ع، "اڄ جا احوال" (ڪهاڻيون)، "پٿرين جو ٿلهڙو" (شاعري) 1987ع، نئين دور جا نوان سنڌ (نثر) 1990ع، "مٽيءَ جا رانديڪا" (شاعري) 2006ع اچي وڃن ٿا. سندس ترتيب ڏنل اهم ڪتابن ۾ "تنوير عباسي فن ۽ شخصيت" 2007ع، "سنڌ لاءِ ۽ سنڌيءَ جا ٻول" 1981ع "رنگ برنگي ڦوڪڻا" (شاعري)، "سر ديس صدا منهنجو آئي"، "مهڪ چنبيليءَ ول جي" ۽ "ٿون ٿي منهنجي شاعري" شامل آهن. ڊاڪٽر اول سومرو، سنڌي ادبي سنگت کي متحرڪ ۽ منظم رکڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. هن وقت هو واري تڙ، سکر ۾ رهائش پذير آهي.

اُستاد بخاري

سنڌي ٻوليءَ جو نامياري عوامي شاعر "سيد احمد شاهه" "اُستاد بخاري" ولد سيد حاجن شاهه، 16 جنوري 1930ع تي تعلقي ۽ ضلعي دادو جي ڳوٺ علائي چانڊين ۾ ڄائو. 1944ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري، 1947ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو. 1964ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪيائين. 1967ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ آخر ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي بهترين ۽ جديد سنڌي شاعرن ۾ ٻيهر ٻن صنف جو شاعر هو. سندس شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا ڇپيل آهن، جيئن ته هيٺيان آهن: 'ڪيڏيو ڪنول پاڻي جيت' (1971ع)، 'هي ڪيٽ ڪلابي پاڻ جا' (1980ع)، 'آواز جوتري' (1985ع)، 'ڪرڪڪڙ يا ڦلپان' (1986ع)، 'سوچون پڪڙ راڪا' (1990ع)، 'لهر لهر دريا' (1990ع)، 'ڪاري ڪڪر هيٺ' (1991ع)، 'ترتي سرتي' (1991ع)، 'زندگي زندگي' (1992ع)، 'نه ختم ٿيندڙ نه ختم ٿيندڙ' (1993ع)، 'جستجو لاانتظار' (1993ع)، 'ماڻهن ٿيءَ نه ماريٽي' (1994ع)، 'لولو ۽ ورڪ' (1994ع)، 'ميلا مانهالا' (1996ع)، 'وطن ۽ ويساهه' (1997ع)، 'گلشني ۾ گيت' (2007ع)، 'بخاريءَ جا قطعا' (2008ع)، 'پيو ڌرتي پوشي' (2007ع)، 'ڏونڌر دل ٿي درد جي' (2007ع)، 'ڪهڙيا سي ڪوٺيا' (2007ع)، 'هي ڪيرا هي ڪولا' (1997ع)، 'هوئي هيج وطن جا' (1998ع)، 'لهري لهري ۾ ڏلاڻ' (1998ع)، 'ڪاڪي جو ڄاڻاٽي پيو' (1999ع) ۽ 'ٽڙ ٽڙ ٽيڪتيان ڳالهيان' (سرائڪي شاعري 2001ع). استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي لغت "اکر اکر آرسي" عنوان سان عزيز ڪنگراڻيءَ تيار ڪئي آهي، جيڪا سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ڄامشوري 2009ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي آهي.

آخري عمر ۾ ڪينسر جي موذي مرض ۾ وٺجي ويو ۽ انهيءَ مرض سبب 9 آڪٽوبر 1992ع تي ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ وفات ڪيائين. 10 آڪٽوبر 1992ع تي دادوءَ ۾ دفن ٿيو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

اسحاق آهنگر

اسحاق آهنگر، سنڌي ٻوليءَ جي اُنهن اوائلي شاعرن مان آهي، جن جو گهڻو تفصيل نٿو ملي. "حديقة الاولياءُ" ۾ بيان ٿيل آهي ته شيخ پيرو، جيڪو اصل ۾ هندو هو ۽ پوءِ مسلمان ٿيو ۽ هڪ مجذوب بزرگ ٿي گذريو آهي. اهو آخري عمر ۾ گنجي ٽڪر جي دامن ۾ رهندو هو. هڪ ڀيري هن ڪتاب جو مصنف سيد عبدالقادر سندس خدمت ۾ ويو، اُن وقت هو (شيخ پيرو) هڪ بيت پڙهي رهيو هو، جنهن تي پڇيائينس ته هِن بيت جو بيت آهي؟ اُن تي ٻاجهرائو ٻڌايائين ته اهو بيت 'اسحاق آهنگر' (لوهار) جو آهي. عام طرح هيٺيون بيت اسحاق آهنگر ڏانهن منسوب ٿئي ٿو:

ٿيان مان جهرڪ، وڃان پرينءَ جي شُٻ تي
ڪسرن سان ورڪ، ٻاجهاري پرينءَ سين.

ڊاڪٽر ڏائوڊپوٽي مرحوم پڻ بحث ڪندي اهو بيت اسحاق آهنگر جو ٺهرايو آهي، شيخ پيرو جي وفات ڏهين صدي هجريءَ ۾ ٿي هئي، يعني هيءُ بيت ڏهين صدي هجريءَ (16 صدي عيسوي) جو آهي. انهيءَ حساب سان اسحاق آهنگر سمن جي دور جو شاعر چئي سگهجي ٿو. شيخ پيرو پاڻ به شاعر هو، جنهن جا ڪجهه بيت مشهور محقق هيري ٺڪر کي راڻپلا گوٺ (گجرات) جي هڪڙي منڊ مان هٿ آيا آهن.

اسحاق راهي

اسحاق راهي سنڌ جو اصل نالو محمد اسحاق سومرو ۽ تخلص "راهي" هو، ۽ "اسحاق راهي" جي نالي سان مشهور آهي. سندس پيءُ جو نالو محمد صالح سومرو هو. اسحاق راهي 9 اپريل 1935ع تي ميهڙ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم ميهڙ مان ئي حاصل ڪيائين، پهريون ۽ ٻيو درجو مشهور محقق ۽ عالم مرحوم مولانا غلام محمد گرامي وٽ ۽ مئٽرڪ مشهور اديب مرحوم ن. محزون وٽ پڙهيو. مئٽرڪ ڪرڻ کانپوءِ پرائمري استاد مقرر ٿيو. ڪلهو ڪلهو مختلف سماجي ۽ ادبي تنظيمن سان واڳيل رهيو، جن ۾ بزم لطيف (نصير آباد)، بزم اڪبر (ميهڙ)، سنڌ ڪلچرل ڪائونسل (قنبر دادو)، بزم شعراء، بزم طالب المولیٰ، سنڌي ادبي سنگت، رابيل شر ادبي فورم ۽ ٻيا ادارا شامل آهن. هن ڪهنه مشق شاعر جي شاعري سنڌ جي اڪثر ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي چڪي آهي. پاڻ هڪ اشاعتي اداري "سرمد پبليڪيشن" جو بنياد پڻ وڌائين، جنهن طرفان مستاني سوجهاڻيءَ جو ناول "ٻير جي ونگڙي" ۽ هڪ سئو اديبن ۽ شاعرن جي سوانح عمرين تي مشتمل هڪ ڪتاب "وڻجارا" ڇپايائين. سندس ذاتي تصنيفن ۾ "گلدستو"، "مجموعه غزل" ۽ "رباعيات راهي" شامل آهن. سندس غزل گل اهڙي طرح ٽهڪندڙ هئا ۽ [illegible] تمام گهڻو مقبول آهي. سنڌ جي هن شاعر، محقق ۽ پبلشر 6 جون 1994 تي وفات ڪئي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

اشتياق انصاري

اشتياق انصاري، سنڌي ٻوليءَ جي نامياري اديب انيس انصاريءَ جو فرزند آهي. سندس مڪمل نالو اشتياق احمد انصاري ۽ قلمي نالو اشتياق انصاري آهي. سندس جنم 30 جنوري 1952ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو ۽ مستقل رهائش "لاهوري محلي" لاڙڪاڻي ۾ اٿس. شروعاتي تعليم قمبر مان ۽ لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن سان گڏ مهراڻ يونيورسٽيءَ مان سول انجنيئر جي ڊگري حاصل ڪئي. سير سفر ۽ تحقيق سندس مشغلو رهيو. مهم جوئيءَ واري سلسلي ۾ هن ساٿين سان گڏجي 1989ع ۾ ٻيڙين ذريعي درياهه ڪابل کان مهم شروع ڪئي، جيڪا عربي سمنڊ ۾ پورٽ قاسم وٽ ختم ڪئي وئي. انڊس ويلي بابت مهمن دوران ديبل بندر جي کوجنا ۽ ڪيائين ۽ انڪان سواءِ ايجڙي ٿر، لاهوت ۽ ڪيرٿر جا تحقيقي سفر ڪيائين. هن سفرناما ۽ ڪهاڻيون به لکيون آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾:

(1) "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا-1" (تحقيق) (2) "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا-2" (تحقيق) (3) "کيبا ڪاهوڙين" (سفرنامو)، (4) انگريزي ناول "اَرڙ متيءَ جا ڪرڙ" (5) "دوزخ سپ وڳ" (سفرنامو) (6) "انيس انصاري فن ۽ شخصيت" (7) "ڌرتي ماتا" (تحقيق) (8) "جتي مانڪ ماڳ" (تحقيقي مضمون) ڇپيل آهن.

هن ڪهڻائي ملڪ گهميا آهن. هيستائين دادوءَ ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (واپڊا) طور فرض نڀائي رهيو آهي. حسين آباد، حيدرآباد ۾ پنهنجي جيون ساٿڻ شبنم گل سان گڏ رهائش پذير آهي، جيڪا پڻ سنڌي زبان جي مشهور ڪهاڻيڪاره ۽ ڊرامه نگار آهي.

الطاف شيخ

الطاف شيخ 14 نومبر 1944ع ۾ نون هالا، سنڌ ۾ ڄائو. سڄي دنيا گهمي، پنهنجن سفرن کي سهڻي، ڪتابي شڪل ڏيڻ وارو سفرناما لکندڙ ليکڪ آهي. سندس پيءُ جو نالو گل محمد شيخ آهي. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو مئرين انجنيئرنگ شپنگ ڪارپوريشن، ڪراچيءَ سان وابسته ٿي ويو. ان کان پوءِ هو جهازن ۾ دنيا جي ڪنهن نه ملڪ ۾ رهندو رهيو ته اتان جي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ معاشي زندگيءَ جو گهرو مشاهدو ڪري سفرناما لکندو هو. هيل تائين ڇاليهن کان مٿي سفرناما لکي چڪو آهي. سندس ٻولي سهڻي سادي ۽ اثرائتي آهي. سندس تحريرن جي خاص ڳالهه اها آهي ته هو پنهنجن معاشرن کي سنڌ جي معاشري سان ڀيٽيندو هلي ٿو. جنهنڪري پڙهندڙ جو اتساهه ختم نٿو ٿئي ۽ هو پڪساهيءَ ڪتاب پڙهي مڪمل ڪري ٿو. الطاف شيخ ان کان سواءِ پرڏيهي ادب مان چونڊ ڪهاڻيون به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيون اٿس. انهن ڪهاڻين جا ڪجهه مجموعا، 'لنڊن تائين لفٽ'، 'سوزيءَ سان پيار' ۽ 'انامِيڪا' آهن. سندس ڪجهه مشهور سفرناما 'منهنجو ساگر منهنجو ساحل'، 'بندر بازاريون'، 'سمونڊ جن ساٿيهه'، 'جاپان جن جي جيءَ ۾'، 'اراؤنڊ دي ورلڊ' ۽ 'اي جرني ٽو ٿائيلنڊ' 'ڏاڍون وڻجارن جون'، 'دنيا آهي ڪاڪ محل'، 'سچائي جوڙين ڏيهن'، 'بندر ديسان ديس'، 'ڪويت ڪنارا'، 'پڇاڙي ديس

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پيا جو ويس"، "مرڪ ۽ سهڪي سڪڙي"، "لنئون تائين لفت"، "جياس رس"، "سيٺڪاپور پنڊي وينڊي"، وغيره اهن. سرين اڪيڊمي ۾ استاد ۽ بحريه ڪاليج ۽ اسڪول، ڪراچيءَ جو پرنسپال رهي چڪو آهي. هن وقت رٽائر ٿي چڪو آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي. سندس سفرناما هر عمر جي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ جو سبب آهن.

امداد حسيني

جديد سنڌي شاعريءَ جي صف اول جي شاعر امداد حسينيءَ جو اصل نالو سيد امداد علي شاهه ولد سيد فضل محمد شاهه آهي. پاڻ 10 مارچ 1940ع تي ٽکڙ ۾ ڄائو. امداد حسينيءَ سنڌ جو صف اول جو شاعر ۽ جديد شاعريءَ جي حوالي سان اهم نالو آهي. امداد جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو، "امداد آهي رول" 1976ع ۾ ڇپيو. سندس طويل نظم "شهر" (1988ع ۾ لکيل "شهر آشوب") مارچ 2000ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس شاعريءَ جو ٻيون مجموعو "هوا جي ساهه ۾" 2000ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. "مثل ماٺهن ڇيڻن پيرا" ڪتاب هن سحر امداد سان گڏجي مرتب ڪيو آهي. ان کان علاوه مشهور سنڌي ڊرامي BIS "دودي چنيسر" جو اردوءَ ۾ ترجمو ۽ سنڌس جو ڪيل آهي، جيڪو لوڪ ورثي اسلام آباد جو ڇپايل آهي. مرزا قليچ بيگ جي ناول "زينت" جو اردو ترجمو به سندس ڪيل آهي، جيڪو اڪيڊمي ادبيات اسلام آباد ڇپايو. هن بابا فريد ۽ مادڻو لال حسين جي پنجابي شاعريءَ کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. 2000ع ۾ امداد حسينيءَ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ مان رٽائرمينٽ ورتي. ان کان پوءِ به ڪانٽريڪٽ تي، ڪجهه عرصو اتي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. 2004ع کان 2006ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي ٽن رسالن ٽماهي "مهراڻ"، ماهوار "سرتيون" ۽ "گل ڦل" جي چيف ايڊيٽر جون ذميواريون نڀايائين. ان کان پوءِ ڪجهه عرصو اتي چيف پبليڪيشن آفيسر پڻ رهيو. امداد حسيني سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرز جو ميمبر پڻ رهي چڪو آهي. هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

امر اقبال

نوجوان شاعر امر اقبال جو اصل نالو محمد اقبال ولد الهورايو چنا آهي. هن سنڌ جي نامياري استاد، شاعر ۽ محقق عطامحمد حاميءَ جي ڳوٺ "سوهو ڪنڊيرا" تعلقي ڪوٽڏيجي، ضلعي خيرپور ۾ پهرين اپريل 1974ع تي جنم ورتو. پرائمريءَ کان مئٽرڪ تائين سينٽ ٽريسا هاءِ اسڪول خيرپور ۾ تعليم حاصل ڪيائين. گورنمينٽ سپرئر سائنس ڪاليج خيرپور مان 1991ع ۾ انٽر ڪري، اين. اي. ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڪراچيءَ مان 1997ع ۾ بي. اِي (B.E) سول جي ڊگري ورتائين. امر اقبال 1992ع کان شاعري شروع ڪئي ۽ ٿوري ئي وقت ۾ نوجوانن ۾ هڪ پختي شاعر طور اڀري آيو آهي. خاص ڪري غزل، نظم ۽ وائي جي صنف تي عبور رکي ٿو. سندس شاعري سنڌ جي سمورن ادبي پرچن ۾ ڇپجي چڪي آهي. هن جا ٻه شعري مجموعا "سمنڊ اڪيلو آهي"

(2004ع)، ”ڪينءَ مان ڪنهيل نظم“ (2004ع) ڇپيل آهن. ان کان سواءِ امر اقبال سچل يادگار ڪميٽي ۽ حامي يادگار ڪميٽيءَ جو سرگرم ميمبر آهي. سچل ادبي ڪانفرنس ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي.

امر جليل

نامياري ڪهاڻيڪار، افسانه نگار، ڊرامه نگار ۽ نثر نويس امر جليل جو اصل نالو عبدالجليل قاضي آهي. عبدالجليل ولد عبدالغني قاضي 8 نومبر 1936ع تي روهڙي ضلع سکر ۾ پيدا ٿيو. هن شروعاتي تعليم روهڙيءَ ۾ حاصل ڪيائين. ميٽرڪ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي مان، بي اي گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهه مان، ايم — اي 1942ع (تاريخ) سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين.

نوابشاهه گورنمينٽ ڪاليج ۾ پڙهڻ جي دوران امر جليل جي دوستي قمر شهباز سان ٿي. قمر شهباز جي دوستي جي ڪري امر جليل، نوابشاهه جي ڪيترن ئي اديبن سان مليو ۽ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ويو. جتان کيس لکڻ جي اتساهه مليو.

امر جليل نه رڳو هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار آهي، پر هو هڪ مشهور ڪالم نويس پڻ آهي. سنڌي سنڌي، اردو ۽ انگريزي جي روزانين اخبارن ۽ هفتيوار رسالن ۾ لکيل ڪالمن جي پڙهندڙن جو هڪ وسيع حلقو آهي. سنڌي انهن ڪالمن جو تعداد هزارن ۾ آهي.

امر جليل جي ڪهاڻين ۽ ڪالمن جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن: دل جي دنيا (ڪهاڻيون)، جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون)، دڙي ڪرڙ جو خزانو (ڪهاڻيون)، تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون)، منهنجو ڪٿي آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون)، ٽيون وجود (ڪهاڻيون)، سنڌو منهنجي ساهه ۾ (ڪالم)، ٿيهجون منهنجون ڳالهيون (ڪالم)، راهون جدا جدا (ڪهاڻيون)، هن ڇاڙ ۾ (ڪهاڻيون)، ”ليٽ گورنگي ڳالهايو“ (ناول)، ڇيڇل منهنجي ماءُ (ڪالم 2008ع) امر جليل جون لوڪلي ڪهاڻيون (2009ع)، ”چنڊ وساميل پيو“ (ڪهاڻيون 2009ع)، ادب ۽ سياست (ڪالم 2010ع)، اندرا (2010ع)، سرد لاش جو سفر (ڪهاڻيون، 2010ع)، لهندڙ سج جي لام (2010ع) ۽ ڇرپٽ ۽ ڇنبي جون ڪهاڻيون (2011ع) شامل آهن. امر جليل هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

انعام شيخ

ناليوارو اديب، نقاد، مترجم، ڪالم نگار ۽ مضمون نويس انعام شيخ، 3 فيبروري 1962ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سنڌي خانداني نالو انعام الله پٽ حاجي گل محمد شيخ آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي آنرس (اللسانيات) ڪري، سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي انٽرنيشنل رليشنز ۾ ڪيائين. پهرين اردو ڪاليج ڪراچيءَ ۾، 5 ڊسمبر 1989ع تي ليڪچرر ٿيو. ان کانپوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 2006ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو. هي آڪٽوبر 2003ع کان جولاءِ 2006ع تائين ٽن سالن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو ۽ ڪيترائي ڪتاب ڇپرايائين ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي چار شوري ۾

http://soorihsindhiadab.website.2.me

انٽرنيشنل رليشن ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪيائين. انعام شيخ بهترين مترجم پڻ آهي. سندس ڪتابن "سج جو سفر"(1996ع)، "اتهاس جا آواز"(1997ع)، "سرڳهن، عشق ۽ سنسار"(1998ع) ۽ "سماج ۽ ادب" (1999ع) کي وڏي پذيرائي ملي. سندس مضمون ڪالم ۽ ترجما مختلف اخبارن، ڪتابن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهن ٿا. سنڌ جي ساڃهه وندن ۾ وڏي فهم ۽ فڪر جو صاحب ليکيو وڃي ٿو. سندس تحرير جو جادو ۽ سنڌ دوستي نوجوانن ۾ وڏي اثر پذيري رکي ٿي. کيس بهترين ترجمي نگار طور سنڌي ادبي سنگت سنڌ، سنڌ گريجوئيٽ ائسوسيئيشن ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران ايوارڊ مليل آهن. کيس پاڪستان سطح جو وڏي ۾ وڏو صحافتي ايوارڊ (1995 APNS ۽ 1994ع) پڻ ملي چڪو آهي.

انور پيرزادو

انور پيرزادو، سنڌي ادب ۽ صحافت جو ناميارو نالو آهي. سندس اصل نالو محمد پريل هو. پر ادبي دنيا ۾ "انور پيرزادي" جي نالي سان مشهور ٿيو. 25 جنوري 1945ع تي ڳوٺ حاجي لعل بخش شيخ المعروف پلهڙيجي، تعلقي ڏوڪري ۾ جنم ورتائين. هن 1955ع تائين پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مسلم اسڪول حاجي لعل بخش شيخ ۾ ورتائين پوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪري مان 1962ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. انور 1963ع کان 1968ع تائين، موجوده ڏوڪري تعلقي ۾، مهين جي دڙي اسڪول، ٽنڊو باغبان (ڪيري ڪيڙا اسڪول)، حاجي مشوري اسڪول ۽ شيرمحمد جوڻيجي اسڪول ۾ پرائمري استاد ٿي رهيو.

انور 1969ع ۾ انگريزي ادب ۾ ايم. اي ڪئي. ايم اي پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 1970ع ۾ پاڪستان ايئرفورس ۾ پائلٽ آفيسر جي ٽريننگ لاءِ چونڊيو ويو. ڇهن مهينن جي ٽريننگ ڪري ڊيوٽيءَ تي چڙهي وارو هو ته کيس "فيلڊ ڪورٽ مارشل" ۾ بغاوت جو ڪيس هلايو ويو ۽ کيس ست سال سخت پورهئي سان سزا ڏيئي پشاور سينٽرل جيل ۾ موڪليو ويو.

آزاديءَ کانپوءِ هلال پاڪستان اخبار ۾ سب ايڊيٽر جي حيثيت سان صحافت جو سفر شروع ڪيائين. ان کان پوءِ جدا جدا اخبارن "دي اسٽار"، "عوامي آواز"، "جاڳو"، "سنڌ سجاڳ"، "برسات"، "سنڌ ٽربيون" ۽ روزاني "سچ" سان لاڳاپيل رهيو.

انور پيرزادو، ڪهاڻيڪار به هو. هو جي سنڌ جي شاعريءَ کان متاثر ٿي شاعري به ڪيائين. هن ڪيترن ڪتابن جا سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ترجما ڪيا. جن ۾ "تاريخ مون کي بي ڏوهي قرار ڏيندي" (فيڊرل ڪاسترو جي تاريخي تقرير) ۽ "شاهه جي رسالي جو سماجي مقصد" اهم آهن. هيل تائين سندس ڇپيل ڪتاب هي آهن. "ٻي چند پتائي" ڪي چنجان"، "منان وساريو"(2007ع)، "سنڌ"(ڊسمبر 2008) ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران سندس ڪتاب "Sindhi Language and Literature A brief account" پڻ ڇپجي چڪو آهي. پاڻ 7 جنوري 2007ع تي ڪينسر جي بيماريءَ وگهي وفات ڪيائين.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

اياز جاني

اياز جانيءَ جو اصل نالو اياز حسين ولد قربان علي ميمڻ آهي. هن رحمت پور، لاڙڪاڻي ۾ 4 آڪٽوبر 1967ع تي جنم ورتو هو. سندس تعليمي لياقت ايم. اي سنڌي ادب آهي. جيڪا هن شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ حاصل ڪئي. اياز جاني شروعات ۾ مختلف نوڪريون ڪيون، بعد ۾ سنڌي ليڪچرار مقرر ٿيو. جديد شاعرن ۾ اياز جاني، غزل ۽ وائيءَ جو خوبصورت شاعر آهي. سندس غزل، وايون ۽ شاعريءَ جون ٻيون صنفون، سنڌي ٻوليءَ جي اڪثر ادبي پرچن ۾ شايع ٿيون. سندس شاعريءَ جو مجموعو "دراوڙ دل جي تنهائي" شايع ٿيل آهي. اياز جانيءَ ماهوار "سارس" ڪراچيءَ جي اسسٽنٽ ايڊيٽر طور 6 پرچا ترتيب ڏنا ۽ 1997ع ۾ ماهوار "لهرون" ڪراچيءَ جو ايڊيٽر رهيو، جنهن جا پڻ هن 6 پرچا ڪڍيا. 2000ع کان پوءِ "سارس" رسالو سندس ايڊيٽر شپ هيٺ نڪتو. ان جو هڪ خاص نمبر، سنڌ جي بهترين شاعر عبدالغفار تبسم جي نالي ترتيب ڏئي، ڇپرايائين. هن ماهوار "همرچو" ڪڍيو. اياز جاني 06 جون 2016ع تي وفات ڪئي.ڪيترا ڪيتا لاڙ اسان ڪتاب ۾ شيخ اياز سندس شاعريءَ جي ساراهه ڪئي آهي.

اياز گل

اياز گُل جو پورو نالو اياز علي ولد رجب علي ڏل آهي. هُن سکر شهر ۾ 6 مارچ 1959ع تي جنم ورتو. ڪيس ننڍپڻ کان ئي علم ادب سان لڳاءُ رهيو. ادبي دنيا ۾ اياز گل جي نالي سان مشهور آهي. هن 1980ع ۾ ايم. اي (سنڌي ادب) ۾ گولڊ ميڊل حاصل ڪيو. اياز گل نوجوانن ۾ مقبول شاعر آهي. هن 1971ع کان شاگردي واري دور ۾ شاعري جو آغاز ڪيو. سندس پهريون شعر 1973ع ۾ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ "اديون" رسالي ۾ شايع ٿيو. هيل تائين ٻين ڪتابن کان علاوه سندس 6 شعري مجموعا ڇپجي چڪا آهن. پاراني ادب ۾ پڻ اياز گل جو نالو نماياں رهيو آهي. اياز گل 1996ع کان 1998ع تائين سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو.

اياز گل ڪجهه عرصو ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ سان گڏ سيل چيئر ۾ به ڪم ڪيو. سنڌي شعبي، شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي مخزن "ڀٽائي" جو ايڊيٽر ۽ معاون به رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت جي رسالي "سنگت" جو بنياد وڌائين. سندس ڪتابن جو تفصيل هن ريت آهي: 1. سوچون سرها گل (تاج جويي سان گڏ شاعري) 1978ع. 2. گل ۽ تارا (ٻارن لاءِ شاعري) 1979ع. 3. پيلا گل پلاند ۾ (غزل) 1980ع. 4. ڪينهن ڏٺي جا سپنا (شاعري) 1984ع. 5. ترين ڪيڏا چانورا (شاعري) 1992ع. 6. دک جي ته پڇائي آ (شاعري) 1997ع. 7. سکر جون ياد گيريون (سهيڙيل ۽ ايڊٽ ڪيل) 2001ع. 8. پوران ڪل قبول (تنوير عباسيءَ تي لکيل مقالن جي ترتيب) 2006ع. 9. روشن آسانجهي (ايڊيٽنگ ۽ ترتيب) 2008ع.

اياز گل شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان سنڌي شعبي جي سربراهه طور رٽائرمينٽ ورتي هن وقت سکر ۾ رهائش پذير آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ايشور چندر

ايشور چندر سنڌي ۽ هندي ٻولي؛ جو ناميارو ڪهاڻيڪار ٿي گذريو آهي. هو 30 جولاءِ 1937ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿيو. ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي خاندان سان هندستان هليو ويو. جتي راجستان جي شهر اجمير ۾رهيو ۽ ريلوي کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. هن سنڌي؛ ۽ هندي؛ ۾ تمام گهڻيون ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس هندي ڪهاڻين جي هڪ ڪتاب تي راجستان ساهتيه اڪيڊمي؛ سڀ کان وڏو انعام ڏنو ۽ سندس قدرداني ڪئي. سنڌي؛ ۽ هندي؛ ٻولين ۾ سندس ڏهاڪو ڪتاب ڇپيل آهن. جن جو تفصيل هن ريت آهي: 1. ٽٽا ڇپ (1965ع)، 2. مٺل ماڪرڙو (1966ع)، 3. پنهنجي ئي گهر ۾ (1973ع)، 4. ٽٽين زماني جو ڪرٽو (1979ع)، 5. سخت ڇهري وارو ماڻهو (1980ع)، 6. موٽي آيل ماضي (1881ع)، 7. ايشور چندر جو ست ڪهاڻيون (1983ع)، 8. چوڪرو چوڪري (1983ع)، 9. اندر جو چامڙو (1984ع)، 10. ساڳيو ئي سوال (1984ع)، 11. هڪ بيمار غزل (1985ع)، 12. رت (1986ع يا شايد 1987ع)، ان کانسواءِ سندس هڪ ڪتاب انگريزي؛ ۾ Forgotten پڻ ڇپيو آهي. هن جا ٽي ڪتاب ٽٽا ڇپ، سخت ڇهري وارو ماڻهو ۽ اندر جو چامڙو سنڌ ۾ پڻ ڇپيا آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ سماجي، معاشي ۽ نفسياتي مسئلن جو حل ملي ٿو. هن 13 آگسٽ 1992ع تي ديهانت ڪئي.

بادام ناتوان

سنڌي زبان جي نامور ليکڪا "بادام ناتوان" جو جنم 1930ع ڌاري شڪارپور ۾ ٿيو. هن ننڍڙي عمر ۾ ئي لکڻ شروع ڪيو. بادام ناتوان جو هڪ انٽرويو گهڻو وقت اڳ ماهوار "اديون" ۾ شايع ٿيو هو. جنهن ۾ هن پنهنجي نالي جي بابت ۾ ٻڌايو هو ته: "نالو بادام اٿم. جنهن لاءِ اڪثر آدمي پڇندا آهن ته هيءُ نالو ڇو؟ حقيقت هن طرح آهي ته شڪارپور ۾ ڪوئيٽا جا پٺاڻ سرد موسم ۾ ايندا هئا. جن جون ننڍيون تعليم وٺڻ ايندڙيون هيون. انهن پٺاڻين جا اهي نالا هوندا هئا ۽ اسان اسڪول جي هيڊمسٽريس هوندي هئي ۽ انهن مان هڪ نالو يعني "بادام" مون لاءِ منتخب ڪيائين." بادام ناتوان جي تعليم مئٽرڪ (بمبئي يونيورسٽي) هئي. پر سندس مطالعو وسيع هو. هن پنهنجو تخلص "ناتوان" ان ڪري رکيو، جو سندس چوڻ مطابق عورت ذات 'ناتوان' يعني ڪمزور آهي. هوءَ "بادام ناتوان" جي ادبي نالي سان ادبي حلقي ۾ مشهور ٿي. بادام ناتوان جي پهرين؛ تصنيف جو نالو "شڪست زندگي" آهي. اهو ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ آهي ۽ ڪتاب جو هر هڪ ڀاڱو اوائي سؤ صفحن تي مشتمل آهي. سندس ٻي تصنيف آهي "خوش خصلت خاتون". هن پهريون ڪتاب ڪراچي؛ مان ڇپرايو هو ۽ سندس ٻيو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو هو. جنهن جون ٻه سئو ڪاپيون ۽ انعام به ان وقت جي بورڊ جي سيڪريٽري محمد ابراهيم جويي ڏانهس موڪليو هو. بادام جي ٽين تصنيف "قلبي اڄ" آهي، جيڪا شڪارپور مان شايع ٿي. جنهن تي برک دانشور ۽ اسڪالر علامه آءِ. آءِ. قاضي مرحوم تبصرو ڪيو هو. ان کان علاوه سندس تصنيفن ۾ "تماشي نار"، "خلوت ۾" ۽ "رتم رت ڳوڙها" قابل ذڪر آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مرحوم پنهنجي ڀيڻ روشن آرا مغل جي وفات تي سندس سنڌ ۾ هڪ رسالو "تنهنجي ياد ۾" پڻ ڇپايو هو. بادام ناتوان، سنڌي ادب جي پهرين عورت آهي، جنهن مضمون کي فڪشن جو روپ ڏنو. بادام ناتوان کي سنڌي ٻوليءَ سان گڏوگڏ اردو، فارسي ۽ انگريزي زبانن جي پڻ خاصي ڄاڻ هئي. هن 8 فيبروري 1988ع تي پنهنجي اباڻي شهر شڪارپور ۾ وفات ڪئي.

بخشڻ مهرالوي

بخشڻ مهرالوي سنڌي ٻوليءَ جو شاعر ۽ ڪمپيئر، 18 آڪٽوبر 1964ع تي سانگهڙ ۾ فقير محمد رحيم مهر جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو محمد بخش مهر آهي، پر ادبي دنيا ۾ بخشڻ مهرالويءَ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس شعري مجموعو "التجا" نالي سان شايع ٿيل آهي.

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان بي ايس سي ڪيل اٿس، جنهن بعد سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ايم اي سنڌي ۾ ڪئي اٿس. ڪيترن ئي سالن کان ريڊيو، ٽي وي، اسٽيج ۽ سيٽلائيٽ چينلن جي ڪيترن ئي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪندو رهندو آهي. ڪمپيئرنگ ۾ پنهنجي نرالي انداز سبب ڪافي مشهور آهي. هو هڪ سٺو شاعر هئڻ سان گڏ سريلو ڳائڻو به آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ سانگهڙ جو ڪافي سال سيڪريٽري رهي چڪو آهي. بخشڻ مهرالويءَ مختلف رڪارڊنگ ڪمپنين طرفان سنڌي فنڪارن جي جاري ٿيل ڪيترين ڪيسٽن ۾ ڪمپيئرنگ پڻ ڪئي. بخشڻ نظم، آزاد نظم ۽ غزل جو سٺو شاعر آهي. ڪي ٽي اين ۽ سنڌ ٽي وي چينلن تي مختلف پروگرامن جو آرگنائيزر ۽ ڊائريڪٽر به رهيو آهي. هن وقت به آواز ٽي وي تي ادبي پروگرام جو ميزبان آهي. بخشڻ مهرالويءَ جي به شاعري ڳائڻا لاٽ لسان ڪتاب ۾ شامل آهي. شيخ اياز سندس شاعري کي ساراهيو آهي.

بدر ابڙو

بزرگ ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جي فرزند ۽ غلام علي خان ابڙي جي پوٽي نامياري ليکڪ، صحافي، لغت نويس ۽ محقق بدر ابڙو جو جنم 18 ڊسمبر 1953 تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم لاڙڪاڻي، خيرپور، ٽنڊي الهيار ۽ سجاول مان ورتائين. ميٽرڪ ماڊل اسڪول حيدرآباد مان 1969ع ۾ ڪيائين ۽ انٽر کان پوءِ ڪراچيءَ مان بي ڪام جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ادبي گهراڻي سان تعلق سبب 1973ع کان مختصر ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين. 1985ع کان هلال پاڪستان ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. 1990ع ۾ روزاني "پڪار" سکر جو ايڊيٽر ٿيو. 1997ع ۾ ماهوار "برسات" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. هن وقت تائين بدر ابڙي جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ "تنقيد نگاري" (1985ع)، "رتي ڪرت" (1989)، "سنگلاخ ۽ لاهوت" (تحقيق 1992ع ۾)، "رياست جهنگل جي اڪائي"

http://soorihsindhiadab.website.2.me

(ڪنهاڻيون، 1992ع)، ”جبل جي ڇانوَ ۾“ (1994ع)، ”سنڌو جو سفر“ (1994ع)، پڳڙن جي پوني (نيپال جو سفر نامو) 1996ع، ”دلي ڪورٽ“ (اردو ۾ 1997ع)، ”ماٿير“ (1998ع)، ”سنڌ جو شاهه“ (2000ع) شامل آهن. ان کان علاوه سندس تحقيقي سفرناما به شايع ٿيل آهن، جن ۾ ”ڪيرٿر جو سفر“ جا پنج جلد، ”ڪوهستان جو سفر“، ”سنڌ ۾ پٿرن تي قديم نقاشي“، ”منچر ڍنڍ جي دنيا“ ”ڪنڌي جي قبر ڍانچو“ ۽ ”سيوهڻ جي تاريخ“ شامل آهن. ”سنڌ جي جهنگلي جيوت“ بابت ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان (2009ع) ۾ شايع ٿيو آهي، پڻ ڪيترن ئي مختلف اخبارن ۾ سلسليوار ڪالم، ايڊيٽوريل ۽ مضمون به لکيا.

هن 1985ع ۾ مقابل ٿيڻ کان ڪراچيءَ تائين پنڌ ڪري سنڌوءَ جو سفر ڪيو ۽ لڳ ڀڳ سڄو ڪيرٿر ڏٺو ۽ ان کان پوءِ ڪتاب لکيائين.

هن آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچيءَ ۾ پڻ فرض نڀايا، جتي پروجيڪٽ ايڊيٽر جي حيثيت سان انگلش سنڌي ڊڪشنري جي تياريءَ ۾ ڪردار ادا ڪيو اٿس.

بردو سنڌي

بردو سنڌي، سنڌي ٻوليءَ جو بلند پايه شاعر ٿي گذريو آهي، کيس خاص ڪري گيت جي صنف ۾ ڪمال حاصل هو. هن جو اصل نالو محمد رمضان ولد خدا ڏنو لاڪاري هو. هن ڳوٺ ماڪن ڪوري، تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾، ضلع گهوٽڪي 15 مارچ 1922ع تي جنم ورتو. پرائمري تعليم دوران شاعري ڪيائين. ايماريءَ جو امتحان ڏني، ٽرانشاهه جي مختيارڪاريءَ ۾ ملازمت ڪيائين ۽ هميشه لاءِ ٽرانشاهه ۾ رهائش اختيار ڪيائين. سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا ”اڪيون ميگهه ملهار“ ۽ ”پرهدون پس ڏ ڪن“ ڇپيل آهن. ”اڪيون ميگهه ملهار“ تي پاڪستان رائٽرس گلڊ طرفان کيس انعام ڏنو ويو. هن ڪتاب سنڌي ادبي سنگت ٽرانشاهه شايع ڪيو هو. سندس پيو شعري مجموعو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران ”پرهدون پس ڏ ڪن“ عنوان سان شايع ڪيو. بردي سنڌيءَ، سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. هن 26 آڪٽوبر 1988ع تي ڊگهي بيماريءَ کان پوءِ وفات ڪئي. سندس سموري سنڌي، سرائڪي ۽ ترجمو ٿيل شاعري تاج جويي ترتيب ڏني، هڪ ڪتاب جي صورت ۾ گڏ ڪئي آهي.

بيدل فقير

بيدل فقير جو اصل نالو قادر بخش هو. هن 1815ع مطابق 1231هه ۾ فقير محمد محسن قريشيءَ جي گهر روهڙيءَ ۾ جنم ورتو. فقير قادر بخش بيدل پنهنجي وقت جو نهايت پڙهيل ڳڙهيل ۽ اعليٰ تعليم يافته شخصيت جو مالڪ هو. هن جي ولادت هڪ درويش ۽ قادري طريقي جي دست بيعت صوفيءَ جي گهر ۾ ٿي. سندس والد وقت صوفي درويش ۽ مفڪر ليکيا هئا. ان ڪري سندس ابتدائي تربيت هڪ عالماڻي ۽ عارفاڻي ماحول ۾ ٿي، جنهن جو ثبوت سندس تصنيفون آهن. بيدل فقير جو برصغير جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ جو ڪوڙهو ايياس هو. فارسيءَ جو ماهر هئڻ ڪري مولانا رومي، سعدي، حافظ شيرازي ۽ عطار جي ڪلام جو هن گهرو مطالعو ڪيو. ان کانسواءِ سنڌ جي لساني ۽ ڪلاسيڪي شاعري به سندس مطالعي هيٺ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

رهي، هن سنڌ جي عالمن ۽ صوفي مرشدن سيوهڻ، ٻٽ شاهه، جهوڪ شريف، درازا، پير جي ڳوٺ، پرياڻو، نوشهرو فيروز ۽ ڪنڊيارو وغيره جي هنڌن جي درگاهن جي فڪري تحريڪ کان آگاهي حاصل ڪئي. صوفي فقيرن سان ڪچهريون ڪيون ۽ سندن فڪري ڪلامن کان متاثر ٿي رهڻ لڳو. ڪجهه روايتن موجب هن مير علي گوهر شاهه اصغر کان مثنوي مولانا روم جا سبق ورتا ۽ مولوي عبدالرحمان سکر واري وٽ شرح جامي پڙهيو. سمجهه ۾ اچي ٿو ته هن سنڌ جي مختلف عارفن ۽ صوفي درويشن کي پنهنجو مرشد سمجهيو آهي. سندس ڪلام ۾ حضرت قلندر شهباز، جان ڏين الله شاهه رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست سان عقيدت جو ڪثير اظهار ملي ٿو.

فقير قادر بخش بيدل تعليم تربيت ۽ سير سياحت کان پوءِ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم شروع ڪيو. هن 59 سالن جي حياتي ۾ عربي، فارسي، سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو ۾ نظم ۽ نثر جا 30 ڪتاب تصنيف ڪيا. جن مان اڪثريت عربي ۽ فارسي ٻولي ۾ آهي. سندس مشهور ڪتابن ۾ "مثنوي رياض الفقر"، "ديوان سلوڪ الطالبين"، "رموز القادري"، "فرسي نامه"، "سروپ نامو" (سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جو مجموعو) "وحدت نامو" (سنڌي بيتن جو مجموعو) "غزليات هندي" (اردو ڪلام) "ديوان بيدل" (فارسي) "پنج گنج" وغيره شامل آهن.

پنج گنج فقير بيدل جو مقبول ترين ڪتاب آهي، جنهن ۾ قرآن، حديث، مثنوي، فارسي شاعري ۽ شاهه جا سنڌي بيت پڻ ڏنل آهن. بيدل سائينءَ جي صحبتي فقيرن ۾ فقير غلام محمد، قاضي پير محمد، ڪرمچند ڀڄاج ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. جن سان سندس مجازي محبت هئي. صوفين جي نزديڪ حقيقي عشق جي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ مجازي عشق جو ڏاڪو پار ڪرڻ ضروري آهي. سندس ڪلام کي "ديوان بيدل" جي نالي سان ترتيب ڏيئي گرومل ڪڪن مل هرچنداڻيءَ پهريون ڀيرو 41-1940ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ديوان بيدل جو هڪ اهم نسخو عبدالحسين شاهه موسويءَ ترتيب ڏيئي ڇپايو.

بيدل جو اردو ڪلام نوجوان محقق ۽ شاعر اختر درگاهيءَ "اردو ڪلام بيدل جو اردو ڪلام" عنوان سان ترتيب ڏيئي 1997ع ۾ ڇپايو هو. جيڪو پوءِ "ديوان بيدل" (بيدل ڪا اردو ڪلام) عنوان سان 2003ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. بيدل تاريخ 16 ذوالقعد 1289هه مطابق 15 جنوري 1873ع ۾ وفات ڪئي.

ٻاگهو ٻان

سومرن جي دور جو هڪ جو پير وڏو نالو 13، 14هين صديءَ جو شاعر ٻاگهو ٻان آهي، جنهن جا رزميه ڪلام اڄ به مشهور آهن. ٻاگهو ٻان جي جنم جي تاريخ ته معلوم ڪري نه سگهي آهي پر سندس وفات جو وقت سن 1360ع ڄاڻايو ويو آهي. سندس شاعري قديم سنڌي شاعري جو اهم نمونو آهي. ان جي دوهن ۽ چنيسر جي جنگ ٻان ويڙهه تي لکيل شاعري سنڌي ادب ۾ منفرد جڳهه والاري ٿي. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ٻلاٽي ٻلاٽي ڏينهڙا، لڳا ڏونگر راهه سنتي،
سردن ايسي سامرو، ٻنڌڙو ٻنگ مٿي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پيرو مل مهر چند آڏواڻي

سنڌ جي نامياري عالم، اديب، محقق ۽ لسانيات جي ماهر ڪاڪي پيرو مل جو جنم 1875ع ڌاري حيدرآباد سنڌ جي عاملن جي آڏواڻي گهر ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو ديوان آڪلمل اجومل مختيارڪار هو ۽ ستانس پيءُ ديوان مهر چند سيٽلمينٽ کاتي ۾ هيڊ منشي هو. 1924ع ۾ جڏهن عمر بن محمد دائود پوٽو پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ لنڊن روانو ٿيو، تڏهن پيرو مل کي ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ سندس جاءِ تي سنڌي پڙهائڻ جي آڇ ٿي. هو سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو. اتي هن 1937ع تائين سنڌي پڙهائڻ جو ڪم ڪيو. ۾ سنڌ جي تعليم کاتي سان ۽ سنڌيءَ ۾ درسي ڪتابن جوڙڻ سان پيرو مل جو ناتو 20 هين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي کان وٺي هلندو آيو. 1905ع کان وٺي جيڪي سنڌي درسي ڪتاب اسڪولن ۾ پڙهايا ويا، تن ۾ هڪ سنڌي سبق، سنڌي نثر ۽ نظم ۾ پيرو مل جا لکيل هئا. ماءُ جي پيار بابت "ڪنهن ٿي مون کي ڪير پياريو"، لاباري بابت "اڄهو اسيءَ جو مهينو آيو"، ماکيءَ جي مک بابت توڙي وقت بابت "وقت جتي مان بادشاهه" وغيره پيرو مل جا جوڙيل نظم هئا. جن مان ڪجهه نظم اڄا تائين درسي ڪتابن ۾ پڙهايا وڃن پيا.

هن سنڌي ادب جي جدا جدا صنفن ۾ ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، مضمون، ادبي تنقيد، شاعري ۽ ٻاراڻي ادب لکڻ سان گڏ تحقيق جي ميدان ۾ وڏو اهم ڪم ڪيو. پيرو مل مهر چند آڏواڻي جي ڪتابن جو تعداد 45 کن آهي. "وريل ۽ تعمت" هن جو لکيل اسلوڪو ناول آهي. "ڪرلن جا ڪونشر" پڻ سندس ترجمو ڪيل ناول آهي. هن "آنند سندريڪا"، "موهني باني" ۽ "پريم جو مهاتم" نالي ڪهاڻيون لکيون ۽ ڪجهه ناٽڪن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪري پڻ ڇپايا. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ حوالي سان سندس ڪم ۽ ساراهه جوڳو آهي.

رٽائرمينٽ کان پوءِ پيرو مل لاڙ وڃي پونو وسايو. 3 جولاءِ 1950ع جي ڏهاڙي شام جي وقت هو سير لاءِ گهران نڪتو، رات تي هڪ ٽانگي سان ٽڪر جي ڪري پيو. ان حادثي ۾ ڪيس ايترا ڌڪ لڳا جو پوءِ سٽت ٿي 7 جولاءِ تي سنڌيءَ جو هي وڏو عالم ۽ اديب هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

تاج بلوچ

نامياري شاعر تاج بلوچ جو پورو نالو تاج محمد ٻلڙ (جتوئي) آهي. ادبي دنيا ۾ تاج بلوچ جي نالي سان مشهور آهي. هن ضلعي سکر جي تعلقي پنو عاقل جي ڳوٺ سردار محمد مراد خان ٻلڙي ۾ 25 مئي 1940ع تي جنم ورتو. خزاني کاتي ۾ مختلف ضلعن ۾ ٽريزري آفيسر رهيو. تاج بلوچ جو شمار غزل ۽ نظم جي بهترين شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس شاعري جا چار مجموعا ڇپيل آهن: (1) 'درد جو صحرا' (1970ع)، (2) 'خوشبو جو زهر' (1987ع)، (3) 'لفظن جو ماتم' (1994ع)، (4) 'دل جزيرو اداس موسمن جو' (2004ع).

تاج بلوچ جي فن تي ٽماهي مهراڻ جي "سوانح نمبر 1990ع" ۾ مولانا غلام محمد

http://soorihsindhiadab.website.2.me

گرامي لکي ٿو ته، "تاج بلوچ جي تخليق (شاعري) ۾ اهي سڀ معيار موجود آهن، جيڪي هڪ بهترين غزل گو شاعر لاءِ لازم ٿي سگهن ٿا. سندس انداز بيان ۾ شوخي، دليري، بيباڪي، پختگي ۽ برجستگي آهي. تاج فني نقطه نگاهه کان جماليات ۽ خمريات جو شاعر آهي. سندس فن ۾ قديم ۽ جديد خيالات ۽ فن جي آميزش آهي. تنهن بحرن ۾ سندس دل ۾ چهنڊڙ بيٺن ۾ عجيب جنبش آهي."

تاج بلوچ سنڌ جي مشهور ادبي رسالي ماهوار "سُوجهري" جو چيف ايڊيٽر آهي، جنهن جا ڪيترائي پرچا ڇپجي چڪا آهن. هن وقت سندس رهائش گلشن اقبال، ڪراچيءَ ۾ آهي.

تاج جويو

سنڌ جو ناميارو اديب ۽ شاعر تاج جويو، سندس پورو نالو، تاج محمد ولد حاجي جويو آهي. هن 6 سيپٽمبر 1954ع تي تعلقي سڪرنڊ (هاڻي دولتپور) ضلعي نوابشاهه (هاڻي بينظير آباد) جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ 'پير ڪولاچي' ۾ جنم ورتو. بنيادي طور شاعر آهي. هن وقت سندس سمورو ڌيان تحقيق تي آهي.

سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب 'سرچڙهين سرها گل' (اياز گل سان گڏ) 1978ع ۾ ڇپيو، جنهن کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ، سال جو شاعريءَ جو بهترين ڪتاب قرار ڏيندي، انعام ڏنو. ان کان پوءِ سندس ڇپيل ڪتابن (طبعزاد ۽ ترتيب) جو تفصيل هن ريت آهي: (1) 'دنيا جون انقلابي عورتون' (ترجمو)(2) 'سنڌي گيت' (ايم. ايڇ سنڌيءَ جو مونو گراف، 1978ع)(3) 'قرم جري تي پيل'، (4) 'تنهن مهڙي خيال جا گيا' (5) "ياهيون پيرا ڳين جون' (6) 'تلسين جي سرهاڻ' (7) 'جر ۾ ٿڙ جرڪان' (8) 'سنڌ جي تاريخ جو مطالعو'، (9) 'اجهان رڃ مان رڙ اچي ٿي' (10) 'مان ورتو هان مان ورتو هان' (11) 'آسمان جيڏو ڌرتيءَ جو شاعر'، (12) 'قليچ بيگ' (ترتيب)، (13) 'ساميءَ تي هڪ نئين نظر' (ترتيب)، (14) 'ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي انسان' (2 ڀاڱا ترتيب)، (15) 'عالمن جو آفتاب علامه غلام مصطفيٰ قاسمي' (ترتيب)، (16) 'انسان دوست اديب ۽ بيباڪ صحافي محمد عثمان ڏيپلائي' (ترتيب)، (17) 'سياڻپ سانجهه وند محمد ابراهيم جويو' (ترتيب)، (18) 'موحد شاعر حاجي احمد ملاح' (ترتيب)، (19) 'ساميءَ جي سلوڪ'، (20) 'وڏو ڪهاڻيڪار، وڏو انسان، نسيم کرل' (ترتيب)، (21) 'آءُ دراز هل'، (22) 'سُکل وڻ آءِ صحرا جو'، (23) 'سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ'، (24)، سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال (2009ع)، (25) 'دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت' (2009ع)، (26) استاد بخاري سنڌ جي جوين جو شاعر، (27) "ڪرليءَ تي چنڊ چمڪيو" جيل ڊائري (2018).

ان کان سواءِ تاج جويي، شاهه عبداللطيف جي مختلف سُرن تي تحقيقي مقالن جا ڪتاب به ترتيب ڏنا آهن. هن ڪافي عرصو سنڌي ٻولي اختياري جي سيڪريٽري طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

تاج محمود امروٽي

ناميارو ديني عالم مولانا تاج محمود امروٽي ولد سيد عبدالقادر عرف پورل شاهه، خيرپورميرس ضلعي جي ٻرڙالوه شهر لڳ، هڪ ننڍڙي ڳوٺ ”ديراني“ ۾ 28 ذوالقعد 1260هه مطابق 22 مارچ 1841ع ۾ ڄائو.

هن ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولانا سيد عبدالقادر وٽان حاصل ڪئي. عربي تعليم مولانا عبدالقادر پنهورائيءَ (تعلقي روهڙيءَ) کان ورتائين. جوانيءَ ۾ حافظ محمد صديق جي خدمت ۾ ڀرچونڊي شريف پهتو ۽ ڪانئس بيعت ورتائين. سنڌس ئي هدايت تي اباڻي ڳوٺ ”ديرانيءَ“ کي ڇڏي، ڳڙهي ياسين (ضلعي شڪارپور) جي ڳوٺ ”امروٽ“ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. هن بزرگ امروٽ ۾ اچي اتي موجود بدعتون ختم ڪرايون. مولانا امروٽي، وڏو متوڪل ۽ فنا في الله بزرگ هو. سندس خانقاهه، ”حق“ جو نمونو ۽ روحاني فيض جي ڳولائن لاءِ تمام اهم دارالعلوم هئي.

سڄي زندگي اسلامي تبليغ ۽ عوامي فلاح جي ڪمن ۾ حصو ورتائين. مولانا صاحب ديني درس تدريس سان گڏ سياسي ميدان ۾ به خدمتون سرانجام ڏنيون. خاص طرح ”خلافت تحريڪ“، ”هجرت تحريڪ“، ”ترڪ موالات تحريڪ“ ۽ ”ريشمي رومال تحريڪ“ ۾ حصو ورتائين. پاڻ امروٽ ۾ دارالعلوم قائم ڪيائين، جنهن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي پڻ ستن سالن تائين درس ڏنو. هن مدرسي مان مولانا حماد الله هالیجوي ۽ مولانا احمد علي لاهوريءَ جهڙا عالم پيدا ٿيا. شيخ الهند مولانا محمود الحسن پڻ امروٽ شريف ايندو رهندو هو. مولانا تاج محمود، امروٽ ۾ ديني ادب جي اشاعت لاءِ هڪ پرنٽنگ پريس ”محمود المطابع“ قائم ڪري، ماهوار سنڌي رسالو ”هدايت الاخوان“ شايع ڪيو. مولانا امروٽي انگريزن جو سخت مخالف هو ۽ ڪنهن به انگريز جو منهن ڏسڻ پسند نه ڪندو هو.

مولانا امروٽي سنڌي ٻوليءَ جو قادرالڪلام شاعر به هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ۽ تفسير سندس اهم ۽ يادگار تصنيف آهي. سنڌيءَ ۾ سندس منظوم رسالو ”پريت ناما“ يوسف زليخان (مثنوي) ۽ سورة ياسين جو منظوم ترجمو پڻ گهڻا مقبول آهن. سنڌ جي هن ناميا ري عالم 1929ع ۾ وفات ڪئي.

تاجل بيوس

سنڌي ٻوليءَ جي ناميا ري شاعر، اديب ۽ نقاد، تاجل بيوس جو اصل نالو تاج محمد ولد محمد جعفر سمون هو. 22 سيپٽمبر 1938ع تي ڳوٺ درگاهه پير حيات شاهه، تعلقي سوڀو ديرو، ضلعي خيرپورميرس ۾ ڄائو.

تاجل بيوس عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڪجهه عرصي لاءِ وائيس چانسلر جو صلاحڪار پڻ رهيو. ڪجهه عرصو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر به رهي چڪو آهي. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ سندس نالو صف اول جي شاعرن ۾ آهي. تاجل بيوس شاعريءَ سان گڏوگڏ ڪهاڻيون، ڪالم ۽ مضمون به لکيا. سندس هفتيوار ڪالم ”عوامي آواز“ سميت مختلف سنڌي اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا. شاعري (سنڌي/ اردو)،

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سفرناما، آتم ڪٿا ۽ مختلف موضوعن تي سندس 44 ڪتاب لکيل آهن، جن مان ڪجهه اهم ڇپيل ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) "جاڳڻ پهرين ٻني" (شاعري: 1982ع)، (2) "اُتين جهلِيو پُرو" (شاعري 1983ع)، (3) "سرجيندڙ ساٿيهه جا" (شاعري:1985ع)، (4) "سنڌ منهنجي امان" (شاعري:1989ع)، (5) "ڪاڇي مٿان ڪونج" (نثري نظم:1990ع)، (6) "ڪنڌيءَ ڪنڌيءَ ترڻ" (شاعري:1991ع)، (7) "ڪوه ۽ اوڏ سويرن" (ڀارت جو سفرنامو:1992ع)، (8) "ڪنڌيءَ لڪ ڦلاريا" (شاعري: 1992ع)، (9) "ڪوريان ڏوريان مَر لهان" (9 شعري مجموعا گڏ)، (10) تنهنجا تيڻ غزل (هڪ سئو غزل:1996ع)، (11) "آريجن ڪان الهاس نگر" (هند سنڌ جي اديبن جا خط)، (12) "جب لنجهل جي حاشين جهڙا" (هڪ سئو غزل: 2003ع)، (13) "تاجل جو رسالو" (شاعري 2006ع)، (14) "انداز بيان اور" (اردو شاعري)، (15) "گلابون ڪي موسم" (اردو شاعري).

تاجل بيوس جي مشهور ڪلام "سنڌ منهنجي امان، سُونهن تنهنجي مٿان، ٻيا لکين، ٻيا لکان" سنڌ ۽ هند ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. هند ۾ ان کي ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي ترانې "آنڌيءَ ۾ جوت جلائڻ وارا سنڌي" وانگر اهميت حاصل آهي. تاجل بيوس کي هند ۽ سنڌ ۾ ڪيترا ئي ايوارڊ مليا. سنڌ جي هن ناميارې شاعر، دماغي نس ڦاٽڻ (برين هيمرج) سبب 13 ڊسمبر 2008ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه چوکنڊي قبرستان، ڪراچيءَ ۾ آهي.

تمر فقير

"تمر فقير"، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو وڏو خليفو، راڳائي ۽ شاهه جي راڳ جي سلسلي کي ڪافي پوءِ جاري رکندڙ هو. عربيءَ ۾ "تمر" کجيءَ کي چوندا آهن ۽ روايت آهي ته تمر فقير، مديني شريف ۾ کجيءَ هيٺ ڄائو هو. انهيءَ ڪري مٿس نالو "تمر" رکيائون. "تمر فقير" شاهه جي راڳ جو پهريون منکي قابل اڳواڻ، شاهه جي بيتن جو وڏو راوي ۽ خود شاعر هو. تمر فقير شاهه لطيف وانگر ڪيترن سرن ۾ بيت ۽ وايون چيون. سندس شاعريءَ تي شاهه سائينءَ جو رنگ غالب آهي. چون ٿا ته تمر فقير، شاهه سائينءَ جي ڪلام کي ترتيب ڏئي ۽ بياض تيار ڪرايا هئا. شاهه سائينءَ جي وفات کان پوءِ تمر فقير جڏهن ڪڇ جي سفر ڏانهن اُسهيو ته شاهه جي ڪلام جو هڪڙو نسخو اڪيري لال جي سيدن وٽ ڇڏيائون ۽ پير پاڻ سان گڏ کڻي ڪئي ويو.

مير عبدالحسين سانگي پنهنجي تصنيف "لطائف لطيفي" ۾ لکي ٿو ته، "تمر فقير جا وڏا اصل کان شاهه لطيف جي والد شاهه حبيب جا مريد ۽ معتقد هئا". تمر ننڍپڻ کان ئي شاهه صاحب جي صحبت ۾ رهيو ۽ سندس رنگ ۾ رڱجي ويو. روحانيت جو مقام شاهه صاحب جي صحبت ۾ ئي ماڻي ڪيائين. هي ڪڏهن به شاهه صاحب کان پري نه ٿيو ۽ شاهه صاحب به کيس پٽن وانگر پاليندو هو.

تمر فقير 1181هه/ 1767ع ۾ وفات ڪئي. سندس تربت شاهه صاحب جي روضي جي پاهر اولهه طرف آهي، جتي مٿس چو ڪنڊي ٺهيل آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ثابت علي شاهه

مشهور مرثيه گو شاعر سيد ثابت علي شاهه پٽ سيد مدار علي شاهه سن 1153 هه (1740ع) ۾ سيوهڻ ۾ پيدا ٿيو. سيد ثابت علي شاهه جو وڏو ڏاڏو سيد نور محمد شاهه، مغل نواب اعظم سان گڏ سنڌ ۾ آيو ۽ ٺٽي ۾ اچي رهيو.

ڪلهوڙن جي آخري دور ۽ ٽالپرن جي ابتدائي دور ۾ خاص طرح سنڌي شاعريءَ ۾ تبديلي آئي ۽ عروضي شاعريءَ جو رواج وڌيو. ان ڏس ۾ سيد ثابت علي شاهه سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ باقاعدي مرثيه نگاريءَ جو بنياد وڌو. مرثيه گوئيءَ ۾ سندس پهريون شاگرد مرزا مراد علي بيگ هو، جنهن موزون شاعريءَ ۾ سنڌي مرثيا، سلام ۽ قصيدا چيا.

سيد ثابت علي شاهه جو ڪليات مرثين، مسدس، مخمس، قصيدن، سلامن، مثنوين، مناجاتن، نعتن ۽ منقبتن سان مالامال آهي. سندس سمورو ڪلام سنڌي، اردو ۽ فارسي زبانن ۾ آهي. سنڌ ۾ سڀ کان پهرين سيد ثابت علي شاهه جو سمورو ڪلام سندس مڪمل سوانح حيات سان گڏ سنڌ جي محقق ۽ اديب مرزا عباس علي بيگ مرتب ڪيو، جيڪو 1984ع ۾ اسلامڪ اسٽڊي سينٽر ڪراچيءَ طرفان شايع ٿيو.

سيد ثابت علي شاهه 27 جمادي الثاني سن 1225 هه/1810ع ۾ وفات ڪئي. کيس سيوهڻ ۾ دفن ڪيو ويو. سيد ثابت علي شاهه جو ڪلام 2008ع ۾ "رت گهيور رڙو ٿيو" عنوان سان ڇپيو آهي، جيڪو مرزا نجم الحسن جو ترتيب ڏنل آهي.

ثميره زرين

سنڌي جي خاتون اول ڪهاڻيڪارہ، ثميره زرين شڪارپور جي هڪ معزز اعوان گهراڻي جي فرد، محمد اعظم اعوان جي گهر 22 فيبروري 1944ع تي جنم ورتو. ڏهن سالن جي ڄمار ۾ سندس پهرين ڪهاڻي "اميد" نئين زندگيءَ جهڙي معياري رسالي ۾ ڇپي.

ثميره زرين 62-1961ع ڌاري "نئين زندگي" رسالي پاران، نئين زندگيءَ ۾ شايع ٿيل انسانن/ ڪهاڻين جو هڪ مجموعو سهيڙڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو ۽ اهو سندس ترتيب ڏنل پهريون ڪتاب، سنڌي ڪهاڻين جو انتخاب هو، جيڪو "مهراڻ جون ڇوليون" عنوان سان 1962ع ۾ پاڪستان پبليڪيشن طرفان ڇاپيو ويو. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "ڪيت ايڪلي موري جان" جي سري هيٺ جولاءِ 1970ع ۾ علم ادبي اڪيڊمي حيدرآباد پاران شايع ٿيو. جنهن ۾ ثميره زرين جون 11 ڪهاڻيون شامل هيون ۽ هن مجموعي جو مهاڳ آغا سليم لکيو. هن ڪتاب جا ٻه ٽي ڇاپا شايع ٿي چڪا آهن. سندس ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب سندس وفات کان پوءِ "آءٌ اهائي ماروئي" نالي سان فيبروري 1981ع ۾ الطاف اشاعت گهر ، حيدرآباد، پاران ڇپيو. ثميره زرين جي ڪهاڻين جو ٽيون ڪتاب، ناري پبليڪيشن حيدرآباد پاران سندس وفات کان پوءِ، مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪهاڻين کي سهيڙي، "روشن چانورو" جي نالي سان اپريل 1989ع ۾ شايع ڪيو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ويو. ثميره جي ڪهاڻين جو مکيه موضوع "عورت" ئي رهيو آهي. سنڌ جي هيءَ مشهور خاتون ڪهاڻيڪار، جنهن 13 آگسٽ 1977ع تي سنڌي ادب کان هميشه لاءِ وڇڙي وئي.

پرمانند ميوا رام

نامياري نثرنويس، پرمانند ميوارام 1866ع ۾ حيدرآباد جي هڪ هندو عامل ڪٽنب آڏواڻيءَ ۾ جائو. سنڌس ڏاڏو ديوان مورج مل پهريون عامل هو، جنهن دين اسلام قبوليو. هن جي پيءُ ميوارام به بعد ۾ اسلام تي ايمان آندو. پرمانند 27 آڪٽوبر 1891ع تي عيسائي ٿيو. سنڌس نالو فيلڪس رکيو ويو. عيسائيت اختيار ڪرڻ کان پوءِ "هڪ حيدرآباديءَ" جي عرفي نالي سان "قرآن جو بنياد" عنوان سان هڪ ڪتاب لکيائين، جنهنڪري مسلمانن ۾ سخت ڪرڙ ٿيو. ان جي جواب ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ، "فتح الباري" عنوان سان هڪ ڪتاب لکي، ڪيس معقول جواب ڏنو.

پرمانند ميوارام، سليس سنڌي لکندڙ هو. نثر نويسيءَ ۾ سندس منفرد حيثيت هئي. اعليٰ پائي جو مضمون نگار هو. سندس مضمون، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي تاريخ ۾ وڏي حيثيت رکن ٿا. 1890ع ۾ هڪ اخبار "جوت" جاري ٿي، جنهن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. هن اخبار ۾ ڇپيل مختلف موضوعن تي لکيل سندس مضمون "گل ڦل" نالي سان ڪتابي صورت ۾ ٻن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيا آهن. ان کان سواءِ هن سنڌي انگريزي (1910ع) ۽ انگريزي سنڌي (1933ع) لغتون تيار ڪري ڇپايون، جن جا اڄ تائين سنڌ ۽ هند ۾ ڪيترائي ڇاپا ڇپجندا رهن ٿا. انهن لغتن جي تاليف ۽ ترتيب مان سندس زبانداني ۽ علمي ۽ تحقيقي قابليت جو ثبوت ملي ٿو. پرمانند ميوارام حيدرآباد، سنڌ ۾ 19 نومبر 1938ع تي لاڏاڻو ڪيو. کيس گورا قبرستان (آغا خان اسپتال) حيدرآباد ويجهو دفن ڪيو ويو.

پروانو ڀٽي

پروانو ڀٽي، 16 فيبروري 1934ع تي دادو ضلعي جي ڦلجي اسٽيشن لڳ ڳوٺ پيارو آرائين ۾ گل محمد ڀٽيءَ جي گهر پيدا ٿيو. سندس اصل نالو ميرو خان هئو. 1957ع ۾ تپيداريءَ جو امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ تپيدار ٿيو، پر ڪيس چڙ لڳ ڪم جي سمجهه نه آئي. 1958ع ۾ هن نوڪري ڇڏي ۽ صحافت جي جهان سان سلهاڙجي ويو. شاهه لطيف تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ سان گڏوگڏ ادبي گڏجاڻين ۾ شامل رهندو هئو. اخبار، اسٽيج، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم سندس حياتيءَ جو خاص محور رهيا. فلم "محبوب مٺا" ۾ ڪ ڪردار به ادا ڪيائين. ڪيترين ئي ادبي تنظيمن ۽ ادارن جو ميمبر رهيو. اٽڪل پنجاهه سال، لکڻ پڙهڻ سان سندس ناتو رهيو.

پروانو ڀٽي تمام سٺو شاعر به هو. سندس وايون، غزل، ڪافيون، نظم، ڳيچ، قطعا عبرت، مهراڻ رسالو، بادل رسالو، نئين زندگي، امرتا، هلال پاڪستان ۽ ٻين رسالن اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن. پاڻ ماضي ۾ عبرت ۾ روزانو هڪ قطعو لکندو هو. عبرت ۾ سندس 5 هزارن کان وڌيڪ قطعا شايع ٿيا، جيڪو هڪ رڪارڊ آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پروانو، هر نسل سان سندس سوچ مطابق هليو. هن لڳ ڀڳ ٽن نسلن جي ذهني آبياري ۾ ساٿ ڏنو. "ڪونڌر مُنڪرُيرو" ۽ "سرهاڻ" نالي ڪتابن جو ليکڪ، هڪ شاعر، هڪ پينٽر، هڪ اداڪار، هڪ نثر نويس، پنهنجي ذات ۾ بي انتها گڻ رکندڙ ۽ انهن سڀني گڻن کي ايڪتا سان سلهاڙيندڙ پروانو ڀٽي صاحب، روايتن ۽ وضعداريءَ سان سنڌين جي ايڪتا جو هڪ خوبصورت استعارو هو. ڊسمبر 2016ع تي سنڌ جو هي بيباڪ صحافي، اديب ۽ شاعر پنهنجيءَ زندگي جي ادبي ۽ صحافتي واري سفر جا 83 سال پورا ڪري پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو.

پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري

ڊاڪٽر اياز قادري ناميارو شاعر، افسانه نگار، ڪهاڻيڪار ۽ ماهر تعليم هو. 19 جنوري 1927ع تي لاڙڪاڻي جي مشهور قادري خاندان ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو فقير غلام سرور قادري هو، جيڪو پڻ غزل جو سٺو شاعر هو. اياز قادريءَ لاڙڪاڻي مدرسه هائي اسڪول مان مئٽرڪ ڪرڻ بعد ڪراچيءَ مان بي. اي (آنرس)، ايم. اي (فارسي)، ايم. اي (سنڌي) ۽ ايل ايل بيءَ جون ڊگريون حاصل ڪيون. هن سنڌي غزل جي اوسر تي پي ايڇ ڊي جو مقالو علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نگرانيءَ ۾ لکي، ڊاڪٽريءَ جي سند حاصل ڪئي. اياز قادري 1950ع کان 1970ع تائين ايس. ايم. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرر رهيو. 1971ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو پهريون چيئرمين مقرر ٿيو ۽ ڏهن سالن تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ "شاهه لطيف چيئر" جو باني ڊائريڪٽر پڻ رهيو. ان دوران سندس يادگار ڪارنامو، پروفيسر سيد وقار رضويءَ جي تعاون سان، شاهه لطيف رح جي مڪمل ڪلام جو نثري اردو ترجمو آهي، جيڪو اڪادمي ادبيات پاڪستان طرفان ٽن جلدن ۾ ڇپايل آهي.

پاڻ سنڌيءَ جي چوٽيءَ جي ڪهاڻيڪارن مان هو. سندس چونڊ افسانن جو مجموعو "بلو دادا" جي عنوان سان 1956ع ۾ ڇپيو. جنهن جا بعد ۾ ٻيا ڇاپا به پڌرا ٿي چڪا آهن. اياز قادريءَ "منشي پريم چند" جي مشهور ناول "امر ڪهاڻيءَ" جا ٻه جلد پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا، جيڪي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرايا ويا. سندس تحقيقي مقالو "سنڌي غزل جي اوسر" پڻ جلدن ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. ان کان سواءِ پاڻ جي. الانا جي انگريزي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو "انسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ" (1980ع) عنوان سان ڪيو. سندس ٻين ڪتابن ۾ "مٽيءَ لئو ماڻ" (1970ع)، "عشقيه داستان" (1985ع) ۽ "پرين جون ڪهاڻيون" (الرڪ ادب، 1981ع) به مثالي حيثيت رکن ٿا. ڊاڪٽر اياز قادري 15 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪئي ۽ کيس لاڙڪاڻي ۾ اباڻي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو.

پرويز

علي محمد پرويز ولد محمد سليمان ميمڻ، ڳوٺ لاڪا تعلقي ميهڙ ضلعي، سنڌ پاڪستان ۾ 2 سيپٽمبر 1945ع تي جنم ورتو. نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ پڙهڻ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

دوران ڪيس تصويرون ٺاهڻ جو شوق جاڳيو. ۽ ماهوار شمع (اردو) ۾ ڇپيل اداڪارن جا فوٽو ڏسي انهن جا اسڪيچ ٺاهيندو هو. ان سان گڏ انهيءَ ۾ ڇپيل افسانا پڻ شوق سان پڙهندو هو. پهرين اردو ۾ لکڻ شروع ڪيائين، پوءِ سنڌي ۾ لکڻ لڳو.

سندس ڪتابن ۾ (1) سُڪي سَڌي (ڪهاڻيون 1978ع) (2) ٽڪون ڪوٽ پراڻو ڪوٽ (طويل جيتي ڪهاڻي 1979ع) (3) پنڌ اڙانگا پيهه جا (اوريانا فلاسي جي جڳ مشهور ڪتاب، انٽرويو ود هسٽري تان پاتا گرلس جو انٽرويو ترجمو، 1986ع) (4) شاعر امر دهلي (سياش چندر بيس جون تقريرون ترجمو 1988ع) (5) فلسطين جدوجهد آزادي (ترجمو 1989ع) (6) رت جا ڦڙا (ڪهاڻيون 1989ع) (7) ڏونگر منجهه ڏيئو (بورس پولبواءِ جي ناول Story of a real man جو ترجمو 1990ع) (8) پيءُ جا ڌيءَ ڏي خط (نهرو جا اندرا گانڌيءَ کي خط) (9) اسپارٽيڪس (هاورڊ فاسٽ جي ناول جو ترجمو 1998ع) (10) دعا ۽ شرط (ڪهاڻيون 2006ع) (11) لاڙڪا آيا نيڻ (ناول 2006ع) (12) ماڻهو جي حور (ڪهاڻيون 2007ع) (13) منهنجو پاڻي ٻنڌ نه ڪجان (ڪهاڻيون 2007ع) (14) دل جي درد (ڪهاڻيون 2008ع) (15) پيهي جان پاڻ ۾ (آتم ڪهاڻي 2010ع) ۽ (15) ڳيرڙن جا ڪبوتر (2011ع) شامل آهن.

پوپٽي هيرانندائي

پوپٽي هيرانندائي 17 سيپٽمبر 1924ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ رامچند هيرانندائيءَ جي گهر ۾ ڄائي. هن جو تعلق حيدرآباد جي عامل خاندان سان هو. ورهاڱي بعد ڀارت هلي وئي ۽ ممبئيءَ ۾ ماستري شروع ڪيائين. 1960ع ۾ نيشنل ڪاليج باندرا ۾ سنڌي پڙهائڻ لاءِ مقرر ٿي، ڪجهه وقت هوءَ ڪامرس ڪاليج چرچ گيٽ ۾ به پارٽ ٽائيم پروفيسر هئي. پروفيسر جي عهدي تان ئي رٽائر ٿيائين. پوپٽي هيرانندائي سنڌيءَ جي تيز رفتار ليکڪائن ۾ شمار ٿيندي هئي. سندس قلمي ڪاوشن جو تفصيل هن ريت آهي: ڪهاڻين جا مجموعا: (1) رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون (1953ع)، (2) پڪار (1953ع)، (3) ڪلي گلاب جي، ساغر شراب جو (1967ع)، (4) مون تو کي پيار ڪيو (1975ع، 1984ع ۽ 1991ع: ٽي ڇاپا)، (5) شهناز (1973ع)، (6) خزان جو ڏڪ پورو ٿيو (1976ع)، (7) زندگي نه ڪرتا، نه ڪهاڻي (1985ع)، (8) هت ترهين هت اسين (1988ع)، (9) زندگيءَ جي ڦوٽڙي (1993ع)، (10) سرهي مشڪ (انديرو ڪهاڻيون: 1996ع)، (11) پوپٽي تي ٿريسٽ ڪهاڻيون (مراٺيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون: 1983ع)، (12) ڪٿي ڀٽڪي زندگي مين (هندي ۾ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون: 1985ع)، (13) Coward (انگريزي ۾ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون: 1987ع)، (14) چونڊ سنڌي ڪهاڻيون (ترتيب: هيري شيوڪانيءَ سان گڏ 2001ع)، ناول: (1) منجهو (1950ع)، (2) حسرتن جي تربت (1961ع)، (3) جيءُ ۾ جهوري، تن ۾ تات (1966ع)، (4) سيلاب زندگيءَ جو (1981ع 1982ع ۽ 1996ع: ٽي ڇاپا)، مضمونن جا مجموعا، تحقيقي ڪتاب ۽ آتم ڪٿا: (1) هڪ پکيءَ پندرهن پنکڙيون (1962ع)، (2) ڀارت جي استري (1963ع)، (3) مان ڇا آهيان (ويدانت جي سمجهاڻي)، (4) چرڻ چشمن چت ۾ (مضمون: 1971ع)، (5) زنده سا قوم رهندي (سنڌي مضمون: 1976ع)، (6) پرلي منهنجي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ماءُ (1977ع)، (7) روح سنڌي رچ، (8) پاڪا هائيتر (1962ع)، (9) سنڌي ساهت جي جهلڪ (1974ع)، (10) عزيز شخص ۽ عالم (1978ع)، (11) سنڌي مسلمان ڪوين جي هنديءَ ۾ ڪورتا (1981ع)، (12)، سنڌي ٻولي 1970ع، (13) شاهه سنڌي تهذيب جو روح (1983ع)، (14)، تنقيدي مضمون (1983ع)، (15) سنڌي ڪالهه ۽ اڄ (1985ع)، (16) ڪٿن ڪيڏهن ۾ سنڌي سگهر سميت پيا ڪيتري ڪتاب شامل آهن. پاڻ هيرانندائي 16 ڊسمبر 2005ع ۾ ديهانت ڪيو.

پير حسام الدين راشدي

سنڌ جو ممتاز تاريخدان ۽ محقق پير حسام الدين راشدي، 20 سيپٽمبر 1911ع تي ضلعي لاڙڪاڻي جي تعلقي رتيديري ۾، نصرت اسٽيشن جي ڀرسان راشدي پيرن جي ڳوٺ ٻهمن لڪ ٿرون ديرو ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو سيد محمد حامد شاهه راشدي هو. بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ انگريزيءَ ۾ تعليم خانگي طور نصرت ريلوي اسٽيشن جي ان وقت جي ريلوي ماسٽر کان ورتائين. پير حسام الدين راشدي عملي زندگي جي شروعات صحافت کان ڪئي.

هن 1926ع ۾ 'جاڳن' اخبار جي عيوضيءَ طور، صحافت جي دنيا ۾ قدم رکيو. 1930ع کان 1934ع تائين 'سنڌ زميندار' اخبار جو ايڊيٽر ۽ 1934ع کان 1937ع تائين 'ستاره سنڌ' اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. جيڪا پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشديءَ گڏجي ڪڍي هئي. پير حسام الدين راشديءَ ڪيترين ئي اخبارن ۾ پس پرده ڪم ڪيو، جن ۾ 'الوحيد' ۽ 'قرباني' جا نالا قابل ذڪر آهن. جڏهن 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ٺهڻ سان بورڊ جو ڀاڱو ٿي ۽ ان جي بورڊ ۾ ميمبر ٿي رهيو ۽ آخر تائين ان منصب تي رهيو. ٽه ماهي رسالي 'مهراڻ' جو ايڊيٽر پڻ ٿيو. هن صحافت سان گڏ سنڌي ادب ۾ به متحرڪ ڪردار ادا ڪيو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين.

پير حسام الدين راشديءَ جي تصنيفن جو تفصيل هن ريت آهي:

(1) اسلامي ڪتب خانو (ترجمو: 1939ع)، (2) سنڌي ادب (اردو ۾: 1952ع)، (3) مهراڻ جون موجون، (4) مثنوي چنيسر نامه (ايڊٽ ڪيل: 1957ع)، (5) مثنوي مظهر الآثار، (6) مقالات الشعرا (ايڊٽ ڪيل: 1957ع)، (7) تڪملهٔ مقالات الشعرا (ايڊٽ ڪيل: 1958ع)، (8) تذڪره اميرخاني (تحقيق: 1961ع، ٻيو ڇاپو: 2005ع)، (9) مثنويات و قصائد قانع (ايڊٽ ڪيل: 1961ع)، (10) تاريخ مظهر شاهجهاني (ايڊٽ ڪيل: 1962ع)، (11) هشت بهشت (ايڊٽ ڪيل: 1963ع)، (12) منشور الوصيت و دستور الحڪومت (ايڊٽ ڪيل: 1964ع)، (13) ترخان نامه (ايڊٽ ڪيل: 1964ع، سنڌي مترجم: مرزا عباس علي بيگ 1994ع، ٻيو ڇاپو: 2005ع)، (14) ماڪ پنا رابيل (1965ع، ٿنين زندگيءَ ۾ ڇپيل مضمونن ۽ مقالن جو انتخاب)، (15) مڪلي نامه (ايڊٽ ڪيل: 1956ع)، (16) مرزا عيسيٰ ترخان (تحقيقي: 1967ع)، (17) هشت مقال (1967ع)، (18) حديقة الاوليا (ايڊٽ ڪيل: 1967ع)، (19) تذڪره شعراء ڪشمير (20) احوال و آثار ملڪ الشعراء ابوالفيض فيضي (تحقيق: 1968ع)، (21، 22، 23) تذڪره روضة السلاطين، تذڪره جواهر العجائب، ديوان

http://soorihsindhiadab.website.2.me

فخري (ايڊٽ ڪيل: 1968ع) فخري هروي؛ جا هي ٽي ڪتاب هڪ جلد ۾ 1968ع ۾ ڇپيا)، (24) دردِ چراغ محفل (تحقيق: 1969ع: هي ڪتاب غالبيات جي موضوع تي آهي)، (25) تذڪره شعراءِ ڪشمير (جلد چوٿون، تحقيق: 1969ع)، (26) مرزا غازي بيگ ترخان ۽ سندس ادبي بزم (اردو، تحقيق: 1970ع)، (27) ديوان بيرم خان (ايڊٽ ڪيل: 1971ع)، (28) تحفة الڪرام (ايڊٽ ڪيل: 1971ع)، (29) تذڪره مشائخ سيوستان (ايڊٽ ڪيل: 2010ع)، (30) مثنوي مهرو ماهه (ايڊٽ ڪيل: 1974ع)، (31) تذڪره مشاهير سنڌ (ايڊٽ ڪيل: 1974ع).

پهرين اپريل 1982ع تي پير حسام الدين راشدي وفات ڪئي.

پير صدرالدين

سنڌي شاعريءَ جي قديم صنف گنان آهي. گنان اصل ۾ اسماعيلي داعين جا لکيل آهن. اسماعيلي داعين ۾ جنهن بزرگ جو ڪلام زبان ۽ ڪلام جي لحاظ کان متاثر ڪري ٿو سو پير صدرالدين آهي. هن بزرگ پنهنجي ڪلام کي گنان يا گيان جي نالي سان سڏيو، اڄڪلهه سندس ڪلام گنان جي نالي سان مشهور آهي. سندس ڪلام ۾ ڪيترين ئي تشبيهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ ملن ٿيون. پير صدرالدين جي گهڻو ڪلام اسماعيلي فرقي وارن وٽ محفوظ آهي. ان مان گهڻو خواجڪي سنڌي ۾ آهي.

پير صدر الدين ان وقت سنڌ ۾ آيو، جڏهن سلسلهٔ اسماعيليه جي 29هين امام شاهه قاسم 771 هجري ڌاري وفات ڪئي ۽ سندس فرزند امام احمد اسلام شاهه جي گادي تي ويٺو، احمد اسلام شاهه پنهنجي پاران پير صدرالدين کي (وصي محمد) جو لقب ڏيئي سنڌ لاءِ مبلغ مقرر ڪيو. پير صدرالدين 720هه سن 1290ع ڌاري سبزوار ۾ پيدا ٿيو. سندس والده جو نالو نورفاطمه بنت سيد ابراهيم سبزواري هو. پاڻ 12 رجب المرجب 819هه ڌاري وفات ڪيائين. سندس مزار اچ ۾ آهي، جتي سنڌ جي خواجن مٿس روضو تعمير ڪرايو آهي.

پير علي محمد راشدي

پير علي محمد شاهه راشدي، پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي اولاد 'راشدي' پيرن مان، پير حسام الدين راشديءَ جو وڏو ڀاءُ ۽ سيد حامد شاهه راشديءَ جو فرزند هو. 5 آگسٽ 1905ع تي ضلعي لاڙڪاڻي تعلقي رتيديري جي ڳوٺ 'ٻهمڻ' ۾ (نئين ديري ڀرسان) پيدا ٿيو. پير علي محمد شاهه راشدي، ڪنهن اسڪول ۽ ڪاليج ۾ باقاعدي تعليم حاصل نه ڪئي هئي، پر خانگي طرح علم حاصل ڪري وڏو عالم بڻيو. پير صاحب ننڍي عمر کان ئي صحافت ۽ ادب سان لاڳاپيل رهيو. 1920ع ۾ جڏهن سندس عمر اڃا رڳو 15 سال هئي، اخبارن ۾ مضمون لکڻ جي شروعات ڪيائين. 1924ع ۾ صحافتي زندگيءَ جو آغاز روزاني 'سنڌ نيوز' اخبار سان ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ صوبائي ڪابينا ۾ وزير صحت، وزير اطلاعات ۽ نائب وزير اعليٰ جي عهدن تي ڪم ڪندو رهيو. فلپائن ۾ پاڪستان جو سفير به مقرر ڪيو ويو. پير علي محمد راشدي هڪ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ئي وقت سياستدان، تاريخدان، صحافي، اديب ۽ نثرنويس هو. هن ڪيترين ئي اخبارن ۾ صحافتي خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪيترين ئي اخبارن جو ايڊيٽر ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر به ٿي رهيو.

پير صاحب 1963ع ۾ روزاني ’جنگ‘ ۾ ’مڪتوب مشرف بعيد‘ جي عنوان سان هفتيوار ڪالم لکڻ شروع ڪيا، بعد ۾ اهي ڪالم ’مشرق و مغرب‘ جي عنوان سان آخر تائين شايع ٿيندا رهيا. سندس اردو زبان ۾ لکيل ڪالمن جي پڙهڻ ڪي اردو اهل زبان ڏاڍو ساراهيندا هئا. پير صاحب ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾: ’اهي ڏينهن اهي شينهن‘ (ٽن جلدن ۾)، ’چين جي ڊائري‘، ’ون يونٽ جي ڪهاڻي‘، ’جاگيرداري جو خاتمو‘، ’سنڌ جي ٽئين وزارت‘، ’پوڙهن جا امدادي مسئلا‘، ’فرياد سنڌ‘، ’رنڊ ۽ پنڊ‘، ’امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي‘ ۽ ’Sindh, ways and days‘ شامل آهن. پير علي محمد شاهه راشدي 14 مارچ 1987ع تي وفات ڪئي.

پيرو ڪٽي

ڪلهوڙا دور جي شاعر پيرو ڪٽيءَ جو اصل نالو احمد ڪٽي هو. ديهه ولهاري، تعلقي بدين جو رهاڪو هو. شاهه لطيف رح جو عقيدتمند هو. ڪپڙا ملير (ڪٽي) لاهڻ جو وڏو فن ڄاڻندڙ هو. هڪ دفعي شاهه لطيف گهتور خان جت جي ڳوٺ ويو. جڏهن اها خبر پيرو ڪٽيءَ کي پئي، تڏهن پنهنجي تاهيل خاص ملير (ڪٽي)، خب مان ڪٽي وٺي، شاهه صاحب جي ڪلهن ۾ وڌائين. قادري طريقي ۾ لطيف سائينءَ جي هٿ تي بيعت ڪيائين. انهي چلمي کي ڏسي شاهه صاحب جي هڪ خاص مريد رکئي لند، پيرو ڪٽيءَ ڪان ۽ اٿ کهوري چڙيا، جيئن ته اهي اٺ، شاهه لطيف ڏانهن ٻه ڳهوريل هئا. ان ڪري پيرو ڪٽيءَ اهي پنهنجي استعمال ۾ نه آندا. هو مرشد جي نسبت سان انهن جو ڏاڍو خيال رکندو هو. هن اهي اٺ شاهه صاحب جي هڪ ٻئي عقيدتمند سوامي دربار کي ڏئي ڇڏيا. جتي شاهه صاحب انهن کي اڪثر ڏسندو رهندو هو. پيرو ڪٽي سڄي زندگي پنهنجي مرشد شاهه لطيف جي محبت جا ورڪ پڙهندي گذاري. پيرو ڪٽي کي شاعريءَ سان به گهڻو لڳاءُ هو. سندس شاعريءَ جو نمونو به موجود آهي. کيس ڪلهوڙا دور جي اهم شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

جامي چانڊيو

جامي چانڊيو، دانشور، ڪالم نگار، نقاد، 11 مارچ 1969ع تي ڳوٺ ٽوڙهي بجار، تعلقي قمبر، هاڻوڪي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ پروفيسر عبدالحئي چانڊيي جي علمي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول علي خان، قمبر مان حاصل ڪرڻ کانپوءِ 1986ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان انٽرميڊيٽ ڪيائين. 1993ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم. ايس. سي (فزڪس) ڪيائين.

1997ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ايڊيٽنگ ۽ ٽرانسليشن بيورو جو انچارج ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. پر سنت ئي استعيفا ڏنائين. 1998ع کان 2002ع تائين روزاني عبرت حيدرآباد

http://soorihsindhiadab.website.2.me

جو انچارج ايڊيٽر رهيو. مختلف ملڪن ۽ بين الاقوامي ادارن ۽ يونيورسٽين ۾ مهمان استاد ۽ ترڀيتڪار طور ليڪچر ڏيڻ سان گڏوگڏ ايشيا، آمريڪا ۽ يورپ جي پندرهن کان وڌيڪ ملڪن جا تعليمي، مطالعاتي ۽ سياسي دورا ڪري چڪو آهي. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. سندس هيليان ڪتاب ڇپيل آهن:

(1) پاڪستان ۾ وفاقيت جمهوريت جو بحران ۽ قومي خودمختياري (آڪٽوبر 2009ع) (2) تبديليءَ جا محرڪ ۽ سنڌ جو آئيندو (3) ايم. ڪيو. ايم جي سياست ۽ سنڌ (جون 2007ع) (4) تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا (5) ڪي ماٺيو تاريخ ٿين ٿا (آگسٽ 2007ع) (6) ادب، سياست ۽ سنڌي سماج (اپريل 2007ع) (7) سنڌي ادب ۾ تنقيد شيخ اياز (ترتيب) (8) سنڌي ادب ۾ تنقيد افسانوي ۽ فڪري ادب (ترتيب) (9) ليرل ليرون هڪ اپيلاس (10) سنڌي ادب ۾ تنقيد ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري (11) سنڌ ڪيس (12) جمهوريت، صحافتي اخلاقيات ۽ ميڊيا (13) رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون سياسي ادب (3جلد: ترتيب) (14) اڙيا پيسي ليخ (15) پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت جو بحران ۽ پيا شامل آهن.

سندس 400 کان وڌيڪ ادبي، فڪري ۽ سياسي مضمون، ڪالم ۽ ٻيون ادبي ۽ تحقيقي لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪيون آهن.

جلال ڪٽي

جلال ڪٽي ٻهريون استاد شاعر هو. جنهن پنهنجي انوکي تخيل ۽ جادو بيانيءَ سان "سنڌي سينگار" شاعريءَ کي اوج تي پهچايو، ۽ سنڌي شاعريءَ جي دائري ۾ ان کي هڪ مستقل فن جي حيثيت ڏني. جلال ڪٽيءَ بابت لسيبيلي، ڪراچي ۽ ٺٽي ضلعي جي اڪثر سگهڙن جي متفق راءِ آهي ته هو ٺٽي ضلعي جو ويٺل هو. ڪن خاص معتبر راوين جي خيال ۾ ته هو تعلقي ميرپور ساڪري جي قديم ڳوٺ "گروڙا" جو ويٺل هو. دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي سگهڙن جي متفق راءِ آهي ته جلال ڪٽي دادو ضلعي جي ڳوٺ سرندر جو ويٺل هو. ۽ ڪن جو خيال آهي ته هو جوهي تعلقي ۾ " ورگهه بالا" جو رهاڪو هو. جلال ۽ جمن چارڻ جيڪي بيت هڪٻئي کي سوال جواب ۾ چيا آهن، تن جو تعلق انهيءَ جنگ سان آهي، جا مياں نور محمد ڪلهوڙي جي لشڪر ۽ مير عبدالله خان قلات جي واليءَ جي وچ ۾ لڳي جنهن ۾ مير عبدالله خان شهيد ٿي ويو. مياں نور محمد طرفان بهارو جهنجهڻ سپهه سالار هو، جنهن جي تعريف ڪندي جلال پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو ته: "بازي بهارو شاهه، ڪٽي ويو شير ڪنڌرن" اها جنگ 1144هه/1731ع ۾ لڳي ۽ ان بابت چيل بيتن مان ظاهر آهي ته جلال هڪ پختو مشق شاعر هو. جمن چارڻ ۽ پنهنجي وقت جو چوٽيءَ جو شاعر هو. جنهن هن جي بيتن جو جواب ڏنو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته جمن ۽ جلال هڪٻئي جا ساٿاري ۽ همعصر درويش هئا.

جمال ابڙو

جمال ابڙو مشهور تعليمي ماهر علامه علي خان ابڙو جو پٽ هو. 1924ع ۾ ڳوٺ سانگي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم ميهڙ ۾ سان پنهنجي ڳوٺ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سالگي مان حاصل ڪيائين. ڪجهه عرصو جوناڳڙهه ۾ به زير تعليم رهيو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ 1948ع ۾ جمال ابڙو وڪالت جي پيشي سان وابسته ٿيو. ڪجهه عرصو پبلڪ پراسيڪيوٽر رهڻ کان پوءِ عدليا سان وابسته رهيو. پاڻ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج طور رٽائر ٿيو. ان دوران هڪ سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري ۽ سروسز ٽربيونل جو چيئرمين به رهيو. مگر سندس سڃاڻپ ادب ۽ ان جا ترقي پسند خيال هئا.

هن اسڪول واري زماني کان ئي لکڻ شروع ڪيو. سچ، پيار، محبت، انساني حق، مساوات ۽ سماجي انصاف جهڙن موضوعن تي قلم کنيو. سندس پهريون ڪتاب "پشو پاشا" افسانن جو مجموعو هو، جنهن کيس امر ڪري ڇڏيو. سندس ڪهاڻين مواد، فن ۽ خيالن جي حوالي سنڌي ادب ۾ هڪ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. پاڻ سنڌي افسانا نگاري کي نون رجحانن سان روشناس ڪرايو. جمال ابڙي جو شمار جديد سنڌي افساني جي باڻين ۾ ٿئي ٿو. ان جي ڪجهه افسانن جو ترجمو انگريزي، اردو، روسي ۽ جرمن ٻولين ۾ به ٿي چڪو آهي. جمال ابڙو جو شمار انهن اديبن ۾ ٿئي ٿو جن سنڌي ادب ۾ ترقي پسند خيالن کي نه صرف روشن ڪرايو بلڪ ان مقصد لاءِ عملي ڪم ۽ تنظيم سازي به ڪئي. جمال ابڙو جي تصنيفن ۾ (1) پشو پاشا (2) ڏسي ڏوهه اکين سين (3) اونهي ڪاله اسرار جي (4) اتوهر ۾ ڳاڙها گل (5) اينهر وري هي نه وڻجارو (6) مر پيا ميهن وسن (7) جمال ابڙو ڪهاڻيون مضمون ۽ شخصيت. شامل آهن.

پاڻ سنڌي اديبن جي ترقي پسند تنظيم سنڌي ادبي سنگت جي باڻين مان هئا. هن تنظيم سنڌ ۾ سياسي فڪر جي ترقي ۽ واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس پٽ بدر ابڙو سنڌ جو ممتاز اديب ۽ محقق آهي. جمال ابڙي کي ادب کان علاوه سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت تي به دسترس حاصل هئي. ترقي پسند فڪر رکڻ وارو جمال ابڙو عمر جي آخري حصي ۾ مذهب ڏانهن راغب ٿيو. سندس انتقال 2004ع ۾ 80 سالن جي عمر ۾ ٿيو.

جمع خان غريب

جمع خان "غريب" سنڌ جو مشهور شاعر هيو. پاڻ 15 جنوري 1885ع تي ڳوٺ مريد خان لاکير، تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. غلام محمد گرامي لکي ٿو ته سندس ابتدائي زندگي علمي ماحول ۾ شروع ٿي. اسڪولي تعليم سان گڏ فارسي، اردو ۽ سنڌي جا ادبي ڪتاب مطالع ڪندو رهيو. ۽ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ اديب مرحوم "بلبل" جي صحبت ۽ علمي تربيت سان شاعريءَ جي فن ڏانهن متوجهه ٿيو. ۽ شمس الدين بلبل جي اصلاح سان شاعري شروع ڪيائين. سندس شعر ۾ سوز ۽ اصليت ۽ سلاست موجود آهي. هر هڪ انفرادي طرز ڪلام جو موجد هو. سندس شعر جي اصلاح مخلص مرحوم ۽ محمد صديق مسافر پڻ ڪئي آهي. "گل نوبهار" سندس ڪلام جو معياري انتخاب آهي، جو هاءِ اسڪول لاءِ ڪورس طور منظور ڪيو ويو هو. سنڌ جي سيني بزم مشاعرن ۽ ادبي مجلسن سان سندس علمي تعلق رهندو آيو. سندس ادبي ذوق کيس اڳتي هلي رسالي "اديب سنڌ" جو ايڊيٽر ۽ "مسلمان" جو مدير معاون ۽ رسالي "طالب المولى" سيتا روڊ جو ايڊيٽر بنايو. پينشن تي 1940ع ۾ لٿو، ۽ پوءِ سارو عرصو ادب ۽ حڪمت جي خدمت ۾ گذاريائين. قطع

http://soorihsindhiadab.website.2.me

تاريخ جي فن ۾ "غريب" صاحب جو پايو بلند آهي. هزارين تاريخي مادا ڪڍيا اٿس، ۽ علمي ۽ لغتي طور نباهيا اٿس. جمع خان "غريب" 17 آگسٽ 1953ع تي وفات ڪئي.

جمن چارڻ

جمن چارڻ جي مدح ۽ "جمن چارڻ وارو سوال"، سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن. چون ٿا ته مدح جو هيءُ مشهور شاعر مسڪين، ڪنهن ۽ بي اولاد هو. روايت موجب سندس مدح مقبول پئي ۽ ڪيس ارشاد ٿيو ته ڪجهه سوال ڪندين ته ڌڻي جي درگاهه ۾ قبول پوندو. اهو سوال هن طرح ڪيائين ته "سوني ٻانهين ۽ ساڻ نڌهن، پٽ جهوليءَ ۾، ڪير ولوڙيندي ڳسان". سنڌ ۾ هن ڳالهه جون مختلف روايتون آهن، پر "جمن چارڻ وارو سوال"، جن هڪ پهاڪي ۽ مثال طور مشهور ٿي ويو.

فقير جمن ولد محمد بخش چارڻ ڳوٺ کهڙا تعلقي گمبٽ جو رهاڪو هو. پٺاڻيءَ جو وڏو معاصر ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت جو هو. مشهور مقولا: "منجهئي بدنام"، "پنهنجي مٿي مٽا"، "پنجئي گهرجائي" ۽ "پنجئي سهنج" وغيره، سندس چيل آهن. ڪن بابت هڪ سهڻو شعر چيائين ميان نور محمد ۽ قلات جي حاڪم عبدالله خان جي وچ ۾ لڳل جنگ (1144ھ/ 1731ع) ڪي بيتن ۾ بيان ڪيائين. پر "بادشاهه پير" عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ چيل سندس مداح سڀان هو سڄيءَ سنڌ ۾ "جمن مداحيءَ" جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس قبر پير ڪڪر جي قبرستان، ضلعي خيرپور ميرس ۾ آهي، جنهن تي هي ڪتبو لڳل آهي:

"تاريخ وفات غفران (پناهه) رضوان جائگاهه ميان جمن مداح بتاريخ چهاردهم ماهه رجب واربعا 1551ھ". جمن چارڻ پٺاڻي صاحب کان 14 سال اڳ وفات ڪئي.

جي ايم سيد

علامه مرتضيٰ شاهه سيد، جنهن کي عام طور تي جي ايم سيد جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو آهي، 17 جنوري 1904ع تي، پنهنجي اباڻي ڳوٺ "سن" تعلقي ڪوٽڙي ۾، سيد محمد شاهه جي گهر ۾ ڄائو ورتو. سيد صاحب اڃا ٻن سالن جو مس هو، جو سندس والد کي خانداني دشمنيءَ سبب شهيد ڪيو ويو.

جي ايم سيد سياست ۾ انتهائي متحرڪ هئڻ سان گڏ هڪ وڏو اديب ۽ تاريخ نويس هو. هو سچو صوفي رنگ ۾ رچيل هو. ڪيس سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان شيخ اياز جي لفظن ۾: "اهڙو پيار ڪندو آهي، جيئن ڪوئي ٻار، ڪنهن جيتري ڪرسي ڪڪ سان ڪندو آهي." هڪ ئي وقت سياستدان، ڏاهو، ماهر لطيفيات، ترميم پسند اڳواڻ ۽ ليکڪ هو. سندس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جو وجود هن ريت آهي:

(1) محال ماڻهند جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام، (2) انتظامي ڪاتي کان عدالتي ڪاتي جي جدائي (3) پاڪستان ۽ مسلمان (ترجمو) (4) نئين سنڌ لاءِ جدوجهد (5) پيغام لطيف (6) جيئن ڏٺو آهي مون (7) جديد سياست جا نو رتن (8) سنڌ جا سورما (9) موجوده

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سياسي مسئلا (10) جنس ڳنڍاريءَ جي مسئلي (ٻه ڀاڱا) (11) رهاڻ (ميران محمد شاهه جا خط) (12) شاهه لطيف جون ڪافيون ۽ وايون (13) سنڌ جي بمبئي کان جدائي (14) خط ۽ مضمون (پير علي محمد راشديءَ جا) (15) ساهڙ جا سينگار (علامه آءِ. آءِ قاضي جا خط) (16) سنڌي ڪلچر (17) بزم صوفياءِ سنڌ جا خطبا (18) چونڊ سياسي مضمون ۽ تقريرون (19) ديار دل ۽ داستان محبت (20) پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني (21) چونڊ ادبي مضمون (22) جديد مشاهير عالم (23) اسلامي سربراهه ڪانفرنس (24) جناح صاحب سان تڪرار (اڻ ڇپيل) (25) ڪجهه خط (سنڌ ۽ هند جي سياستدانن ۽ ڪارڪنن جا خط) (26) تاريخ متعلوي سادات (27) واڃٽ ويراڳين جا (محمد امين کوسي جا خط) ٻه ڀاڱا (28) سنڌو جي ساڃاهه (ٻه جلد) (29) شهيدان سنڌ (30) مثياري سيدن جي تاريخ (31) رهبر (32) مسلم ليگ کان جدائي (33) سنڌو ديش ڇو ۽ ڇالاءِ؟ (34) اڄ ڀي ڇڪيم چاڪ (خط) (35) قوميت جي مسئلو (36) جديد عالمي سياست (37) رهنما اصول (38) سنڌ جا مسئلا (39) سنڌ جي ڪهاڻي (40) خطبات سيد (41) ون يونٽ جي ڪهاڻي (42) سنڌ ڳالهائي ٿي (43) پاڪستان جي ماضي حال ۽ مستقبل تي طائرانه نظر (44) مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟ وغيره. مٿين ڪتابن مان اڪثر ڪتابن جا اردو ۽ انگريزي ترجما پڻ ڇپجي چڪا آهن.

جي ايم سيد 25 اپريل 1995 تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه سن، ڄامشوري ۾ آهي.

حاجي احمد ملاح

حاجي احمد ملاح ولد نانگر ملاح پهرين فيبروري 1877ع تي ڳوٺ ڪنڊي، ديهه لوهڻ ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ممتاز عالم دين، قادرالڪلام شاعر ۽ معروف اديب ٿي گذريو آهي.

مولوي حاجي احمد ملاح سنڌ جي وڏن ۽ اعليٰ پائي جي شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس شاعريءَ جو انداز عوامي آهي، جنهن ڪري جو جهنگ ۾ ڳايو وڃي ٿو. سندس شاعريءَ جو وڏو حصو، مذهبي شاعريءَ تي ٻڌل آهي، انهن هوندي به سندس شاعريءَ ۾ مزاحيه، جمالياتي ۽ انقلابي پهلو نمايان آهن. هيءُ تجنيس حرفيءَ جو شهنشاهه ۽ غزل جو سلو شاعر تسليم ڪيو وڃي ٿو. سندس عالمي ڪارنامو، قرآن مجيد جو "نورالقرآن" جي نالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ترجمو ڪرڻ آهي. سندس انهيءَ عظيم ڪم سان سنڌي ٻوليءَ کي وڏو مقام حاصل ٿيو آهي. قرآن مجيد جو سڄي دنيا ۾ اهو پهريون منظوم ترجمو آهي. ان جو پهريون ڇاپو ارباب الله جڙيي مولانا صاحب جي زندگيءَ ۾ (1969ع ڌاري) ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ترجمي جو ٻيو ڇاپو مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد 1978ع ۾ ڇپائي منظر عام تي آندو. ان ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جو مقدمو اعليٰ معيار جو شاهڪار آهي. هن قرآن پاڪ جي ترجمي جي اهميت کي محسوس ڪندي ڪجهه سال اڳ اهو سعودي عرب جي سرڪار پاران ڇپائي مفت تقسيم ڪيو ويو. ان جي ڇپائي ۽ گيٽ اپ تمام سهڻو ۽ اعليٰ درجي جو آهي. سندس شاعريءَ جي مجموعن مان "ديوان احمد"، "گلشن احمد"، "گلزار احمد"، "بياض احمد"، "هيڪڙائي حق"، "پيغام احمد" ۽

”غزليات احمد“ ڇپيل آهن. نثر ۾ هڪ ڪتاب ”معرفة الاله“ پڻ ڇپيل اٿس. سندس شخصيت، زندگي ۽ علمي خدمتن تي تاج جويي ”مرحد شاعر مولانا حاجي احمد ملاح“ (2003ع) ترتيب ڏئي ڇپايو آهي. سنڌ جي هن بيمثال شاعر 19 جولاءِ 1969ع تي وفات ڪئي. سندس مزار بدين شهر ۾، مخصوصن جي مقام ۾ آهي.

حافظ محمد ”احسن“

حافظ محمد احسن ڪنهن به رسمي تعارف جو محتاج ناهي. سندس نالو محمد لقب حافظ ۽ تخلص ”احسن“ آهي. سندس والد جو نالو جمع خان چنڊ هو. پاڻ 12 اپريل 1900ع ۾ ڳوٺ ملڪاڻي ضلع دادو ۾ ڄائو. پنجن سالن جي عمر ۾ مولانا غلام محمد ملڪاڻي جي نظر ڪيميا جي اثر کان مستفيض ٿيو. جن وٽان شاعري توڙي باطني علم حاصل ڪيائين. ڪتابن جي وسيع مطالعي ڪاليو، منجهس تصنيف ۽ تاليف، شعر گوئي ۽ مقال نگاري جو شوق ذوق پيدا ٿيو. 1918ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ ديني مدرسو کوليائين. پاڻ شاعريءَ جو آغاز 1921ع ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ حڪيم جمع خان غريب جي صحبت سان ڪيو. سندس ڪلام جي سادگيءَ، رواني ۽ پختگي، سندس فن جو نمايان معيار آهي. پاڻ شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. خاص طور تي غزل، قصيدو، رباعي، مثنوي ۽ واتي تي عبور حاصل ڪيو. سندس شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻجندي رهي آهي. سندس نظم جي ڪتابن ۾ ديوان احسن ، مظاهر مصطفوي، گلدستهء احسن، لطيفي لاٽ وغيره شايع ٿي چڪا آهن. جڏهن ته نثر ۾ ترغيب العلم، سچن تي ستم، شاهه جو پيغام، مخدوم بلال، قصص الانبياء شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ 18 جون 1986ع ۾ وفات ڪري ويو.

حسن درس

حسن درس، جديد سنڌي شاعريءَ جي نمائنده شاعر، جو جنم 5 سيپٽمبر 1966ع تي ڳوٺ مشائخ هوتي، تعلقي ۽ ضلعي ٽنڊي الهيار ۾، حاجي غلام رسول درس جي گهر ۾ ٿيو. حسن درس ابتدائي تعليم ڳوٺ مان ورتي ۽ اٺين ڪلاس تائين مڊل اسڪول مشائخ (قاضي احمد) مان تعليم حاصل ڪيائين. جنهن کان پوءِ هن مئٽرڪ مسلم هاءِ اسڪول ٽنڊي الهيار مان ڪئي. اڳتي هلي ايم. اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽي، ڄام شوري مان ڪيائين.

هن 16 سالن جي ڄمار کان شاعري شروع ڪئي ۽ اڳتي هلي پنهنجي ٿهيءَ جو سرواڻ شاعر بڻجي ويو. حسن درس ڪيترا عالمي نوعيت جا نظم به لکيا آهن، جن ۾ ”اڄ هي آڇيان ڪهڙي“ (بينظير ڀٽو جي شهادت تي لکيل)، ”رقاص“، ”جدائين وسالن جي ڪيلاش وادي“، ”هرڪو درد حجر اسود“، ”ننگي سرمد جي حضور ۾“، ”هڪ شاعر جو وطن“، ”ذوالفقار علي ڀٽو“، ”ساري سنڌ پريت جو پاڇو“ وغيره اهي وجن ٿا.

حسن جي مختصر ڄمار ۾ ڪيل شاعري جيتري مقبول آهي، اوتري نئين ٽهيءَ جي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پئي ڪنهن شاعر جي مشڪل هوندي. هن 1983ع ۾ ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر ضياءالحق خلاف هڪ شاهڪار نظم لکيو. پهريون ڀيرو هن شيخ اياز اڳو 1987ع ۾، پريس ڪلب حيدرآباد ۾ پنهنجو نظم ”ننگي سرمد جي حضور ۾“ پيش ڪري ڪيس متاثر ڪيو هو. حسن درس، 15 جون 2011ع تي، لس ريل حيدرآباد ۾ واقع والهه وٽ حادثي جو شڪار ٿي لاڏاڻو ڪري ويو. سندس شاعريءَ جو ڪتاب ’حسن درس جو رسالو‘ ’سندس وڇوڙي‘ کان پوءِ اتهاس فائونڊيشن پاران ڇپايو ويو آهي، جنهن جي مرتب ارم محبوب آهي.

حضرت خواجه محمد زمان لنواري

سلطان الاولياءَ خواجه محمد زمان، سنڌ جي ناميارن بزرگن مان هئا. سندن طريقو نقشبندي هو. پاڻ بدين ضلعي جي لنواري ڳوٺ جا رهاڪو هئا. سندن ولادت 1713ع ۾ ٿي، پاڻ چشندي جام هئا. سچو ڏينهن عبادت الاهيءَ ۽ فيض ڏيڻ ۾ گذاريندا هئا. سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي دور ۾ سندس مريد ٿيڻ جو ارادو ڏيکاريو هو، پر جيئن ته نقشبندي طريقي ۾ راڳ جي ممانعت آهي، ان ڪري شاهه صاحب سندن مريد نه ٿي سگهيو. باقي ڪافي اثر متاثر ٿيو جو سندس شان ۾ چوندو هو ته:

سرون سي ڏٺا ماءِ، جسين ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

ڪجهه عالمن جو خيال آهي ته شاهه صاحب مٿيون شعر شاهه عنايت شهيد سان ملاقات ڪانپوءِ چيو آهي. خواجه صاحب ادب، منطق، حڪمت، فلسفي ۽ فقه جو ڪمال حاصل ڪندي عربي، فارسي، سنڌي زبان ۾ بي تڪلف ۽ پختو شعر چيا آهن. خاص ڪري نظالي ۾ خاص مهارت حاصل آهي. هن وقت تائين سندس 85 سنڌي بيت مليا آهن جيڪي حقيقي معرفت جو سر چشمو آهن. هن علم فنون جي ڪامل درويش 1774ع ۾ وفات ڪئي. سندن قبر لنواري شريف ضلع بدين ۾ آهي.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي 1882ع ۾ سيوهڻ ۾ ڄائو. (ڪن هنڌن تي سندس جنم جو سال 1880ع لکيو ويو آهي) سندس والد جو نالو ميان محي الدين عباسي هو، جيڪو وڏو عالم ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي. جڏهن پنجن سالن جو ٿيو ته مائٽن کيس مدرسي ۾ داخل ڪرايو. جتان عربي ۽ فارسي جي تعليم ورتائين. ان کان پوءِ وڌيڪ عربي جي تعليم وٺڻ لاءِ ضلعي دادو جي ڳوٺ سيتا ۾ ويو. 1321هه ۾ تعليم پوري ڪري سيوهڻ جي جامع مسجد ۾ اسلامي مدرسو کوليائين. سندس ناموري ٻڌي ڪيترائي شاگرد اچي سندس مدرسي ۾ داخل ٿيا. ان قابليت کي ڏسي سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ عربي ۽ فارسي جو استاد مقرر ٿيو ۽ مذهبي توڙي ادبي تحريڪن ۾ سرگرم رهيو. پاڻ تاريخ، ادب، حديث، تفسير، شعر ۽ شاعري ۾ ماهر هو. سنڌي نثر ۽ نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿس. سندس

http://soorihsindhiadab.website.2.me

شاعري سنڌ جي درسي ڪتابن ۾ به شامل آهي. سنڌس نثر ۾ لکيل ڪتاب ”داستان قوم حيات النبي ﷺ“ ۽ ”ڪمال ۽ زوال“ تمام گهڻو مشهور آهن.

حڪيم صاحب بلند پايي جو صحافي پڻ هو ۽ 1925ع ۾ ”الجامع“ رسالو جاري ڪرايائين. جنهن ۾ مسلم قوم جي حالت تي تمام گهڻا مضمون لکيائين. خاص طور تي مسلمانن کي جديد علوم جو شوق ڏيارڻ سان گڏ مذهبي تعليم طرف به راغب ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪيائين. ڪراچي ۾ رهڻ دوران پاڻ ڪڇهري روڊ تي پنهنجو دواخانو کوليائين ۽ حياتي جو باقي وقت اتي ئي گذاريائين. هن 1942ع ۾ وفات ڪئي.

حمل فقير

حمل فقير ذات جو لغاري بلوچ هو ۽ سيرڪاڻي قبيلي سان واسطو رکندڙ هو. پاڻ ڳوٺ مير خان لغاري ضلع خيرپور ميرس ۾ 1225هه بمطابق 1809ع ۾ رحيم خان لغاري جي گهر ۾ ڄائو. سندس وڏا اصل ۾ ديره غازي خان کان لڏي اچي خيرپور ۾ ويٺا هئا ۽ بعد ۾ نوابشاهه ضلعي جي ڳوٺ مير خان لغاري ۾ اچي رهڻ لڳا.

پاڻ جيتوڻيڪ سرائيڪي هو، پر سنڌي زبان تي ڪافي ڄاڻ حاصل ڪيو هئائين. پنهنجي خوش طبعي ۽ علمي لياقت جي ڪري تمام گهڻو مشهور ٿي ويو. لنواري وارن جو مريد هو ۽ ٽالپرن جي دور جو عوامي شاعر هو. سندس ڪلام ايترو ته مشهور آهي جو عام توڙي خاص ماڻهو سندس بيت جهونگاريندا رهن ٿا.

حمل فقير جي ڪتابن ۾ ”ڪليات حمل“ ته سڪ جي داستانن سان ڀريل آهي جو ته سڪ جو دل جي گهرائيءَ سان گهاٽو تعلق آهي. ان کانسواءِ سندس ڪليات جي ٻارهن داستانن ۾ دوستن ۽ يارن جي بيوفائي جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. حمل فقير طبيعت جو تمام سادو هو. پاڻ هميشه سادو پهراڻ ۽ سائي پڳ ٻڌندو هو. 71 ورهين جي عمر ۾ 2 صفر 1296هه بمطابق 1880ع ۾ وفات ڪيائين. سندس آرامگاهه ساڳي ڳوٺ جي ڀر سان ابراهيم شاهه واري مقام ۾ آهي.

حميد سنڌي

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري اديب، ڪهاڻيڪار حميد سنڌيءَ جو پورو نالو عبدالحميد ولد محمد اسماعيل ميمڻ آهي. هن 12 آڪٽوبر 1939ع تي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو. پرائمري توڙي سيڪنڊري تعليم نوشهري فيروز مان حاصل ڪيائين. ادبي مخزن 'روح رهاڻ' جاري ڪيائين. سندس انتظامي تجربي کي آڏو رکندي حڪومت کيس سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۽ پوءِ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو. 1996ع ۾ ڊائريڪٽر، بيورو آف ڪريڪيولم؛ 1997ع کان 1998ع تائين سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جو چيئرمين ۽ 1997ع کان 1998ع تائين سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمين رهيو. سنڌ جي صف اول جي ڪهاڻيڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو.

حميد سنڌيءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾: (1) سيمي (ڪهاڻين جو مجموعو)، (2) اداس

http://soorihsindhiadab.website.2.me

واڌيون (ڪهاڻيون: ٻه ڇاپا)، (3) ويرون (ڪهاڻيون: ٽي ڇاپا)، (4) راڻا جي رجپوت (ڪهاڻيون: ٻه ڇاپا)، (5) جاڳ ٻه تهنجي جيءَ سان (ڪهاڻيون)، (6) سرتي زنجير (جاپاني لوڪ ڪهاڻين جو ترجمو)، (7) سرڪي ڌرتي (اردو ڪهاڻيون)، (8) آري ڄام ڄال (سچل سرمست تي تحقيقي مقالا، ترتيب)، مهراڻ جون ڇوليون ڪهاڻيون (ترتيب) شامل آهن. ان کانسواءِ هر سال شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ مختلف سُرن تي پيش ٿيل تحقيقي مقالن جو مرتب رهيو آهي، انهيءَ سلسلي ۾: (1) سر ليلان چنيسر، (2) سر گهاتو، (3) سر ڪاموڏ، (4) سر مارئي، (5) سر ڪاپائتي، (6) سر بلاول، (7) سر رامڪلي، (8) سر کاهوڙي، (9) سر ڪارايل، (10) سر پرڀاتي، (11) سر سارنگ وغيره ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن.

حميد سنڌي ڪجهه عرصو پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي بورڊ آف گورنرس جو چيئرمين به رهيو. 'روح رهاڻ' مخزن جاري ڪرڻ کانسواءِ 'بزم روح رهاڻ' جون مختلف متعلقه ڪتب رهي ٿو. هيءَ هن وقت قاسم آباد، حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

حيدر ڪلوچ

حيدر ڪلوچ هرات جو رهاڪو هو. جيڪو پوءِ لڏپلاڻ ڪري سنڌ ۾ آيو ۽ اچي ٺٽ ۾ رهيو. ڪتاب 'تحفة ساميءَ' ۾ سندس لقب 'ڪليچ' لکيل آهي. فارسي زبان جو اهم شاعر ٿي گذريو آهي. هڪ عدد 'ديوان' (فارسي) ڇڏيائين. حيدر ڪلوچ هرات ۾ فوت ٿيو.

خليفو گل محمد گل

سنڌي ٻوليءَ جو پهريون صاحب ديوان خليفو گل محمد گل هالن پراڻن جي سادتي اخوندن مان هو. سن 1226هجري (1808ع) ۾ ڄائو. فارسي عربيءَ جو چڱو ڄاڻو هو. سندس وڏا پيرسائين پاڳاري جا خليفا ۽ مريد هئا. والد جي وفات کانپوءِ خلافت جي پڳ گل محمد تي آئي. پير سائين پاڳاري وٽ سيني مريدن کان وڌيڪ سندس عزت هوندي هئي. خليفو گل محمد گل اعليٰ درجي جو عروضي شاعر هو. "گل" تخلص طور ڪم آڻيندو هو. پاڻ سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي الف ـ ب جي قافين تي غزلن جو ديوان تيار ڪيو. جيڪو "ديوان گل" جي نالي سان مشهور آهي. سندس ڪلام ۾ ڪيتريون ئي خوبيون آهن. جهڙوڪ علم عروض جي جدا جدا ارڪانن ۽ بحرن ۾ سنڌي نظم جوڙڻ، نج سنڌي لفظ ڪم آڻڻ، جدا جدا ڏانون ۽ هنرن کي شاعرانه نظر سان ڇڪاسي ان مان اخلاقي ۽ روحاني سبق وٺڻ. خليفي گل محمد گل جي غزل جو خاص مضمون حسن ۽ عشق آهي، پر گل تصوف سان گڏ معاشي ۽ معاشرتي ڳالهين کي به غزل جي زينت بڻايو. خليفي گل محمد گل هالائي سن 1855ع ۾ وفات ڪئي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

خيرالنساء جعفري

خيرالنساء جعفريءَ جو جنم 17 آگسٽ 1947ع ۾ حيدرآباد ٿيو. گهر ۾ سندس نالو گُلڙي هو پر ادبي دنيا ۾ کيس خيرالنساء جعفري جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. حيدرآباد ۾ ئي تعليم حاصل ڪيائين، جنهن بعد 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نفسيات جي ليڪچرر مقرر ٿي. پاڻ ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات 1974ع ڌاري ڪيائين. ڪهاڻين کان علاوه هن سفرناما، مضمون، مقالا ۽ ڪيترن ئي سنڌي ڪتابن جا مهاڳ پڻ لکيا. سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ ڪهاڻي ڪيتر جي ڪجهه وڏن نالن مانڪ، شوڪت شوري ۽ مشتاق شوري سان سندس نانءُ فڪري ڌارا جي ڪهاڻين ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

خيرالنساء جي ڪهاڻي "حويليءَ کان هاسٽل تائين" ايتري ته مشهور ٿي جو ان کان پوءِ ايندڙ ڪيترن ئي ليکڪن سندس انداز ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. خيرالنساء جي نظر ۾ ڪنهن ادبي تخليق کي محض "جنس" جي ڪري فحش قرار ڏيڻ ادبي نامردي آهي. سندس پسنديده ليکڪ نسيم کرل ۽ آغا سليم رهيا آهن. خيرالنساء جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "تخليق جو موت" 1978ع ۾ ڇپيو، جيڪو جلد ئي مارڪيٽ مان ختم ٿي ويو. جنهن کان پوءِ "سنڌيڪا اڪيڊمي" 1992ع ۾ سندس مهاڳن، انٽرويوز، تقريرن ۽ مقالن سميت شايع ڪرايو. سندس ٻيو ڪتاب منهنجو تخليقي سفر ڪهاڻين ۽ مضمونن تي مشتمل آهي. هن مارو جي ملير جا جي نالي سان سفرنامو به لکيو. خيرالنساء جعفري 4 مارچ 1998ع تي وفات ڪئي.

دادا سنڌي

سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب ۽ محقق دادا سنڌيءَ جو اصل نالو ڪريم بخش ولد محمد قاسم سومرو هو. سندس جنم 5 جولاءِ 1945ع تي ڳوٺ داد لغاري تعلقي ڏهرڪي، ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ ٿيو. سندس والد پوليس عملدار هو. دادا سنڌيءَ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي ۽ انگريزي تعليم ميرپور خاص مان حاصل ڪيائين. بي. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. دادا سنڌي تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان ملازمت شروع ڪئي ۽ بعد ۾ ترقي ڪندو، سترهين گريڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ مقرر ٿيو. سندس پهريون مضمون روزاني "مهراڻ" ۾ شايع ٿيو. کيس سنڌ جي تاريخ جي مطالعي جو شوق مشهور تاريخدان مولائي شيدائي ۽ رشيد ڀٽيءَ سان ملاقاتن کان پوءِ پيدا ٿيو. هن پهريون تاريخي ۽ تحقيقي مضمون ون يونٽ تحريڪ دوران لکيو ۽ ان کان پوءِ ڪيترا مقالا ۽ مضمون لکيائين. سندس ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن: (1) 'ڏيلي ڏتي ڏڻ'، (2) 'سنڌين جي فوجي مهارت'، (3) 'سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون'، (4) '1857ع جي جنگ آزادي ۽ سنڌ'، (5) 'سنڌ جي عالمن جا سونهري ڪارناما'، (6) 'انگريزن سنڌين جو ڪيهاڙو سان واپار'، (7) 'سومرن جي دور جا سورما'، (8) 'تاريخي ماڻهو تاريخي ڳالهيون'، (9) 'مٺو محبوب ڌارين جي نظر ۾'، (10) 'سنڌ جا عوامي ڪردار' وغيره. ان کانسواءِ سندس ڪيتريون ئي ڇپيل تصنيفون موجود آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

دادا سنڌيءَ کي هڪ اديب، ليکڪ، محقق ۽ تاريخدان جي حيثيت سان ميجا طور ڪيترائي ايوارڊ به مليا. سنڌ جو هي تاريخدان ۽ محقق، 11 جنوري 1998ع تي دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪري ويو.

ڊاڪٽر احسان دانش

ڊاڪٽر احسان دانش 15 فيبروري 1974ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر بشير احمد شاد جي گهر ۾ جنم ورتو. هن پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول علي گوهر آباد، مئٽرڪ پائليٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ڪرڻ بعد گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مان انٽر ڪئي. هن ايم اي اردو ادب، ايم اي سنڌي ادب ۽ پي ايچ ڊي سنڌي ادب ۾ ڪئي آهي. ڊاڪٽر احسان دانش لکڻ جي شروعات 1988ع ۾ شاعريءَ کان ڪئي. هن وقت تائين هن جا 5 ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. هن جي شاعريءَ جو هڪ ڪتاب ”لفظن جي خوشبو“ 2010ع ۾ شايع ٿيو. احسان دانش شاعريءَ ۾ هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. اهڙي طرح هن جي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب ”اپي سڪون خواب جو سچ“ 2005ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن ته ”لاڙڪاڻو تاريخي ۽ تحقيقي مطالعو“، ”ديال داس ڀاڳ“ ۽ ”سنڌو سڀيتا جو عظيم ورثو موهن جو دڙو“ تائين دارا ٽي ڪتاب سنڌي تحقيقي پورهيو آهن. ڊاڪٽر احسان دانش هن وقت ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ليڪچرار طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر اسحاق سميجو

ڊاڪٽر اسحاق سميجو - 18 مارچ 1975ع تي ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ فضل پور ۾ جاڙو خان جي گهر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ طالب المولي هاءِ اسڪول دادوءَ مان پاس ڪيائين. انٽر سائنس جو امتحان ڊگري ڪاليج جوهيءَ مان پاس ڪيائين. ايم. اي. سنڌي ادب ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين.

اسحاق سميجو سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. علمي خدمتون ڏيندي ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ترقي ماڻي آهي. ڪيس ننڍي هوندي کان ئي ادب سان گهرو لڳاءُ هئو. لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب کان ڪيائين. ٻارڙن لاءِ گهڻا گيت، ڪهاڻيون ۽ ڪالم لکيائين. کيس سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان ”ڪيجهر ـ تنقيد ـ ايوارڊ 1994ع“ مليو. جڏهن ته عوامي آواز، ڪاوش ۽ پاڪ اخبار ۾ صحافتي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي ۽ ڪجهه وقت روزاني ”سنڌ“ ۾ اسسٽنٽ نيوز ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو اٿس. ان کان سواءِ هن وقت تائين ”سارنگا“ پبليڪيشن جو ايڊيٽر آهي. سندس ڇپيل ڪتابن جا نالا آهن:

(1) دنيا جون لوڪ آکاڻيون 1998ع، (2) تاريخي ماڻهو تاريخي ڳالهيون 1998ع، (3) صبا پڇين آهي شاعري، 2003ع، (4) دل جو رستو شاعري 2003ع، (5) ڳيڙو ريس غزل، شاعري شيخ اياز، 2004ع، (6) شاعري سان دشمني، تنقيد، 2005ع، (7) گناهه جا

http://soorihsindhiadab.website.2.me

گيت شاعري، 2006ع، (8) هنڌڪي هٿي بيٺقير، 2008ع، (9) تاڻ ملي آ گيت ڪٿي شاعري شيخ اياز، 2010ع، (10) ڪوراڻي جو ڪلام، 2010ع، (11) اکر پڙهه الف جو ياري لاءِ شاهه لطيف جي شاعري 2012ع، (12) ڳاءِ انقلاب ڳاءِ، شاعري شيخ اياز، 2015ع، (13) صادق تنير، ٿوڪان ٿيندي ڏار، 2015ع، (14) اياز، شيام، استاد، شاعري، 2017ع. هن وقت انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي چيئرمين جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

آفتاب ابڙو جو اصل نالو عبدالله پٽ حافظ سعدالله آهي. ابڙا قبيلي جي 'ڪماريو' پاڙي سان سنڌس لاڳاپو آهي. ادبي ميدان ۾ آفتاب ابڙي جي نالي سان شهرت رکندڙ. پهرين مارچ 1956ع تي ڳوٺ 'ڪابر مسن'، تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪئي. ثانوي تعليم، پاڻ هاءِ اسڪول مان ۽ انٽر ڪامرس ۽ آرٽس ڪاليج لاڙڪاڻي مان ڪيائين. 1976ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ايم.اي ڪيائين. ان کان پوءِ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. حافظ سعدالله (والد)، غلام نبي سومرو، محسن ڪڪڙائي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر نواز علي شوق، سراج ۽ شهناز نور سندس ادبي استاد رهيا آهن. آفتاب ابڙو سنڌي، اردو، انگريزي، سرائڪي ۽ پنجابي ٻولين جي سٺي ڄاڻ رکي ٿو.

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پبليڪيشن جي حيثيت ۾ ثقافت کاتي جا ڪجهه ڪتاب مرتب/ايڊٽ ڪيائين. ماهوار 'پيغام' ۽ 'سنڌ ماحول' جو ايڊيٽر، ماهوار 'ڪريسنٽ' ۽ 'پاپو سپيئر' جو صلاحڪار رهيو چڪو آهي. سندس هيٺيون تصنيفون آهن:

(1) 'شاهه جي ٻولي' (1990ع)، (2) 'شاهه عبداللطيف بحيثيت مفڪر' (ترتيب) (1990ع)، (3) 'جونيئر اسڪول ڊڪشنري' (1992ع)، (4) 'ٿر جو ون' (1997ع)، (5) 'ماحول بابت استادن جي سکيا' (1997ع)، (6) 'ماحول بابت سماجي ڪارڪنن جي سکيا' (1997ع)، (7) ماحول جي بنيادي موضوعن بابت سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ 12 ڪتابڙا لکي چڪو آهي ۽ پيڪاڪ پبلشرز اينڊ پرنٽرس پاران پڻ گهڻائي ڪتاب ڇپرائي چڪو آهي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو عالم ۽ اديب ڊاڪٽر الهداد ولد محمد علي ٻوهيو، 8 آگسٽ 1934ع ۾ تعلقي وارهه جي ڳوٺ پيچوها ۾ ڄائو. ايم. اي ۽ بي. ٽي ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪيائين.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو مشهور اديب، نقاد، دانشور، تعليمدان ۽ ماهر لسانيات هو. تنقيد ۽ لسانيات جي ميدان ۾ مثالي خدمتن جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس شخصيت ۾ سنجيدگي ۽ وقار نمايان نظر ايندو هو. تعليم کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهي، آخر ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جي عهدي تي پهتو. پنهنجي پوري ڄمار علم ادب جي واڌاري

http://soorihsindhiadab.website.2.me

لاءِ وقف ڪيائين. ”تحقيق“ سندس پسنديده موضوع رهيو. 1977ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ورتائين. سندس گائيڊ ڊاڪٽر غلام علي الانا هو. پي. ايڇ. ڊي. لاءِ سندس مقالي جو عنوان هو ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ جيڪو مقالو سنڌالاجيءَ طرفان سال 1987ع ۾ ڇپرايو ويو آهي. سنڌ ۾ سماجي لسانيات جي موضوع تي هي پهريون پي. ايڇ. ڊي هو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ’تنقيدون‘ (1980ع)، ’ادب جا فڪري محرڪ‘ (1984ع) ۽ ’علم تحقيق‘ (1990ع) اهم آهن. جڏهن ته سندس ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪالم مشهور رسالن ۽ ماهي ’مهراڻ‘، ’نئين زندگي‘، ’سوجهرو‘، ’پارس‘، ’پاڪ‘ ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهن. سندس تحريرن تي مشتمل هڪ ڪتاب ”پرکي جون تحريرون“ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران ڇپايو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ تي سندس مقالن جو ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2008ع ۾ ڇپايو ويو آهي. پاڻ 16 جولاءِ 1994ع تي ٽنڊي آدم ۾ هڪ تعليمي سيمينار ۾ خطاب ڪندي، دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪري ويو.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو ولد محمد صديق هڪڙو پهرين اپريل 1961 تي شڪارپور ۾ ڄائو. هن انٽر تائين تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي. بي اي ۽ ايم اي جا امتحان سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪري اتي ئي سنڌي شعبي ۾ استاد جي حيثيت سان پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. 1996ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪيائون.

انور فگار هڪڙي، سنڌي جديد شاعريءَ جي اهم نامور شاعر ڪيشنداس ”قاني“ جي شاعري وڏي تحقيق بعد گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏني، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري پاران 1995ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. انکان سواءِ انور فگار هڪڙي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي ٻوليءَ ۽ ادب بابت ترتيب ڏنل مضمونن جو هڪ مجموعو ”سنڌ برابر سڳورا“ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 1997ع ۾ ڇاپيو آهي. انور فگار هڪڙي، شيخ اياز جي ڪهاڻين کي ”جي تند برابر ترنهاڻ“ جي عنوان سان ترتيب ڏنو آهي، جيڪو ڪتاب سنڌي ادبي اڪيڊمي ڪراچيءَ 1998ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ اياز جي سوانح ۽ شاعريءَ بابت سندس تحقيقي ڪتاب ”جنم جنم جي جيت اياز“ 1999ع ۾ گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد پاران ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. سندس ٻين ڪتابن ۾ پيت جيون ڳنڍيون، ريشم ونڌيا، شڪارپور جي صحافتي تاريخ، سامي ساگر بوند ۾، شيخ اياز فن ۽ شخصيت، شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو ۽ ٻيا شامل آهن. انورفگار هڪڙي جا علمي، ادبي ۽ تحقيقي مضمون وقت بوقت سنڌ جي ادبي ۽ علمي رسالن ۾ ڇپجندا رهن ٿا. هن وقت به هو ڪيترن موضوعن تي تحقيقي ڪم ڪري رهيو آهي. جڏهن ته هن وقت هو سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڊاڪٽر بشير احمد شاد

ڊاڪٽر بشير احمد "شاد"، ٻهرين اپريل 1942ع تي، شڪارپور ۾ ڄائو. شروعاتي، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان، سنڌيءَ ۾ ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ، 1970ع ڌاري بي. ايڊ جو امتحان پاس ڪيائين. جنهن ته پنهنجي علمي لياقت وڌائڻ لاءِ، 1989ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي. ايڇ. ڊي ڪيائين. سندس مقالي جو عنوان "مولانا ثناءَ الله ثنائيءَ جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو" هو. ڊاڪٽر بشير احمد شاد، پنهنجي ملازمت جي ابتدا، گورنمينٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ ليڪچرر جي حيثيت سان ڪئي. بعد ۾ سندس بدلي، ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ٿي، جتي هو اسسٽنٽ پروفيسر رهيو ۽ 2002ع ۾ رٽائر ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب لکڻ جي شروعات 1958ع ۾ اسڪول واري زماني کان ڪئي. هن وقت تائين، سندس سوين ادبي مقالا ۽ لاتعداد شعر مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي چڪا آهن. جنهن ته سندس 13 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن مان هيٺيان قابل ذڪر آهن: "امام شامل" (تاريخ) 1976ع، "اوجاڳو اکڙين" (شاعري) 1986ع، "پيهي منجهه پاتال" (لطيفيات) 1992ع، "لاڙڪاڻو صدين کان" (ترتيب) 1995ع، "پلاڙو پٽ ڪٽي" (1999ع)، "اسلامي تاريخ جون نامور عورتون" (ترجمو) 1995ع، "[illegible]" (ترتيب) 1997ع، "شاهه لطيف هر دور جو شاعر" (2008ع).

سندس ادبي ۽ علمي خدمتن جي مڃتا طور کيس 1980ع ۾ شاهه لطيف ايوارڊ، 1986ع ۾ شاهه لطيف ايوارڊ (پبلڪ اسڪول سکر)، 1989ع ۾ شاهه لطيف ايوارڊ (ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو)، 1997ع ۾ بيسٽ اسپيڪر ايوارڊ (ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻو)، 1999ع ۾ مولانا عبدالواحد سنڌي ايوارڊ (نئين زندگي پبليڪيشن)، فيض بخشاپوري ايوارڊ (فيض اڪيڊمي جيڪب آباد) ۽ 2000ع ۾ ميان شاهل محمد ڪلهوڙو ايوارڊ (عباسي ڪلهوڙا تنظيم) مليل چڪا آهن. هن وقت لاڙڪاڻي ۾ رهائش پذير آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي

تنوير عباسي، سنڌ جو نالي وارو عالم، شاعر، محقق، مترجم، لطيفيات جو ماهر ۽ سنجل شناس. سندس اصل نالو نور نبي عباسي هو. هن 7 ڊسمبر 1934ع تي، ضلعي خيرپور جي هڪ ننڍڙي شهر سوڀي ديري ۾ گل محمد عباسيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو.

ڊاڪٽر تنوير عباسي شاگرديءَ واري زماني کان شاعري ڪندو هو. ابتدا ۾ روايتي شاعري ڪيائين، پر اڳتي هلي سنڌي جديد شاعريءَ ۾ نوان لاڙ آندائين. ان ڪري سندس شاعري سنڌي ادب ۾ نئين حيثيت سان اڀاري ٿي. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ۽ شمشير الحيدريءَ، سنڌي شاعريءَ خاص ڪري نظم ۽ آزاد نظم ۾ نوان تجربا متعارف ڪرايا.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾:

(1) رڳون ٿيون رباب (شاعري: 1958ع) (2) شعر (1970ع) (3) جي ماريا نه موت (ويٽ نامي ناول جو ترجمو: 1973ع) (4) پارا ۽ پرل (چونڊ ۽ ترتيب: 1973ع) (5) شاهه لطيف جي شاعري (تحقيق: جلد 1976ع) (6) شاهه لطيف جي شاعري (جلد ٻيو، 1985ع) (7) شاهه لطيف جي شاعري (3 جلد گڏ، 1989ع) (8) سج تريءَ هيٺان (شاعري: 1977ع) (9)

http://soorihsindhiadab.website.2.me

جديد سنڌي شاعري (چونڊ ۽ ترتيب: 1981ع) (10) خير محمد هيسبانيءَ جو ڪلام (ترتيب: 1983ع) (11) نانڪ يوسف جو ڪلام (ترتيب: 1982ع) (12) ڪوري ڏوري ڏٺم (سفرنامو: 1984ع) (13) هيءَ ڌرتي (شاعري: 1985ع) (14) Sachal Sarmast (15) منهن اُتيس مشعل (خاڪا: 1990ع) (16) تنوير چئي (شعري ڪليات: 1989ع) (17) ترورا (ادبي مضمون، خاڪا، يادگيريون، سفرنامو: 1988ع) (18) ساڃن سونهن سرت (شاعري 1996ع) (19) سهڻي ڪان سهڻي ساڀيان (تقريرون ۽ ليڪچر: 2002ع) (20) سچل جو رسالو (ترتيب ان ڇپيل) (21) مون ڪي اڪيتي ڏٺو آهي (سفرناما: 2000ع) شامل آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي ربيعن صديءَ جو هي ڏاهو انسان، 25 نومبر 1999ع تي، اسلام آباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

ڊاڪٽر حبيب الله ولد قاضي ڪريم بخش صديقي، 17 شوال 1355هه/ پهرين جنوري 1937ع تي سنڌ جي تاريخي شهر پاٽ شريف ضلع دادو ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم، ڳوٺ محبت، ڪنڊي رحيم خان، بدايون ۽ اڪوي لڳ پڙهي ۽ پنهنجي ڳوٺ پاٽ ۾ حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، سنڌ جي مايه ناز اداري سنڌي ادبي بورڊ جو مارچ 1988ع کان سيپٽمبر 1990ع تائين سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو. فيبروري 1991ع ۾ سيڪنڊري ايجوڪيشن پراجيڪٽ سنڌ جو پراجيڪٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾: (1) "باب الاسلام سنڌ تاريخ باب الاسلام سنڌ" (1996ع، ٻه ڇاپا)، (2) Education in Sindh past and present (1987)، (3) "علامه آءِ. آءِ. قاضي (1989ع)، (4) "درياهه ۽ ساموندي مڪتارن سان زندگي" (1981ع) ۽ (5) "ريختائون" (1986ع)، (6) "واردائون" (2007ع)، (7) "انسان جي تاريخ" (حصو پهريون 2007ع)، (8) "انسان جي تاريخ" (حصو ٻيو: 2008ع)، انسان جي تاريخ جي مختلف ٻابن تي مهراڻ اڪيڊمي طرفان ڏار ننڍا ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، (9) Pieces of Sugar Candy (1997) (مخدوم طالب المولي جي ڪتاب "مصريءَ جون ڳڙيون" جو ترجمو: 1997ع) ۽ ٻيا شامل آهن. هائير ايجوڪيشن ڪميشن طرفان سندس تحقيقي ڪتاب Education Problems of Pakistan with Special Reference of Sindh Province (2008) تي ڪيس ۾ لک روپيا معاوضو ڏنو ويو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سوانح تي سندس لکيل ڪتاب (2010ع) Son of the Desert تي کيس بين الاقوامي مڃتا ملي آهي.

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

نالي واري اديب ۽ محقق، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جو پورو نالو در محمد پٺاڻ ولد گل محمد پٺاڻ آهي. هو 25 مئي 1945ع تي ڳوٺ خير محمد آريجا تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. 1972ع ۾ ايم. اي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌي ٽئين پوزيشن سان سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. 1979ع ۾ ”ڪراچيءَ جو سنڌي ٻوليءَ علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ حصو“ جي موضوع تي تحقيقي مقالو لکي، پي. ايڇ. ڊي ڪيائين. ڊر محمد پٺاڻ 1973ع ۾ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار ۽ 1985ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو، ان ٿي عرصي ۾ ٻيهر ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي مقرر ٿيو. جتي ڪجهه عرصو قائم مقام ڊائريڪٽر به رهيو. سندس هن وقت تائين سنڌ بابت تحقيق کان علاوه اٽڪل 500 کان مٿي ثقافتي، ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي مضمون ڇپيل آهن. جڏهن ته سندس تيارو ڪن تنيا وڏا ڪتاب لکيل ۽ ترتيب ڏنل آهن. جن ۾ ”موتي مور ملوڪ جا“ (سگهڙ محمد ملوڪ عباسيءَ جي لوڪ شاعري، ترتيب: 1981ع)، ٻارڙن لاءِ ”ذهني آزمائش“، ”ڇپلڙي وارو شهزادو“ (1984ع)، ”سنڌ ۾ سياسي چريو“ (1985ع)، ”مولانا عبيدالله سنڌي“ (ٻارن لاءِ: 1985ع)، ”آدرش رنگ“ (شاعري: 1986ع)، ”ادب ۽ ماحول“ (1987ع)، ”جهڙا گل گلاب جا“ (هندو شاعرن جي شاعري: 1988ع)، علامه آءِ. آءِ. قاضي سوونيئر (ترتيب: 1989ع)، ”موتين مٺ ملوڪ جي“ (سگهڙ محمد ملوڪ عباسيءَ جي لوڪ شاعري: 1990ع)، ”سنڌي ادبي بورڊ ڪارگذاري“ (ڪتابچو: 1991ع)، ”لاکيڻو سهڻي لقمان جون“ (سگهڙ محمد لقمان جي لوڪ شاعري: 1995ع) ۽ ٻيا اڻ ڇپيل ڇهه. ڪتاب ”ادب ۽ ماحول“ کي سنڌ يونيورسٽيءَ پاران 1988ع ۾ ايم. اي سنڌي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو. سندس ڪتاب ”جو مطالعو ڪيو مون“ 1983ع ۾ انڊيا ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽر ڊر محمد پٺاڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ خير محمد آريجا ۾ پنهنجي امڙ حيات خاتون ۽ ابي گل محمد جي نالي سان ”گل حيات انسٽيٽيوٽ“ جهڙو علمي ادارو پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي قائم ڪري مثال پيدا ڪيو. هن وقت اهو ادارو ثقافت کاتي جي ماتحت ڪم ڪري رهيو آهي. اداري ۾ هزارين ناياب ڪتاب ۽ فن، ثقافت، سياست، شخصيات ۽ تاريخ بابت اخباري ڪٽڻن تي مشتمل هزارين فائيلن جو مواد موجود آهي.

ڊاڪٽر درشهوار سيد

ڊاڪٽر دُر شهوار سيد سنڌ جي مشهور سياستدان جي ايم سيد جي ڌيءَ هئي. دُر شهوار بهترين سنڌياڻي هئي، جنهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري تي يونيورسٽي آف ايڊنبرا مان پي ايڇ ڊي ڪئي. درشهوار سيد 21 مارچ 1940ع تي ڳوٺ سن ۾ جنم ورتو. درشهوار سيد هڪ اديب ۽ محقق هجڻ سان گڏ، سماجي ڪارڪن پڻ هئي. درشهوار شاهه لطيف چيئر جي سربراهه هجڻ وقت شاهه جي رسالي جا عربي، اردو، فارسي ۽ انگريزي ترجما پڻ شايع ڪرايا.

درشهوار سيد، پنج ڪتابن جي ليکڪ هجڻ سان گڏ، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ ٻولي جي بااختيار اداري جي گورننگ باڊي ۾ پڻ شامل رهي. سندس ڪتابن جا نالا هيءَ آهن:

(1) شاهه لطيف کي شاعري اور فڪر (پي ايڇ ڊي ٿيسز) (2) The Poetry of Shah Abdul Latif (پي ايڇ ڊي ٿيسز) (3) شاهه لطيف جي موسيقي (4) تحقيق جو طريقيڪار (5) شاهه لطيف کي ڪهانيان (6) ڳوٺڪر سي ڳوريندين (درشهوار ۽ جي ايم سيد جا خط؛ سهيڙيندڙ: ضيا شاهه ۽ منير شاهه) ۽ ٻيا شامل آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

در شهوار سيد، ڪجهه وقت ڪراچي جي مڊ ايسٽ اسپتال ۾ گردن جي تڪليف سبب داخل هئي، جتي 26 ڊسمبر 1997ع لاڏاڻو ڪري ويئي. ڪيس سن ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال

ذوالفقار علي سيال ولد سرائي محمد خان سيال، 28 مئي 1957ع تي ڳوٺ فريد آباد تعلقي ڏوڪري، ضلع لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪرڻ کانپوءِ ايم بي بي ايس ڪري ڊاڪٽر بڻيو. ان کان علاوه 2014ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان سنڌي ادب ۾ پي ايڇ ڊي ڪيائين. ڪٽنبي لحاظ کان سنڌس لاڳاپو زميندار ۽ پڙهيل لکيل گهراڻي سان آهي. ذوالفقار سيال هڪ ئي وقت ڊاڪٽر، شاعر، ليکڪ، ڪمپيئر ۽ منتظم آهي.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو پهريون شعري مجموعو ”رڻ سڄو ئي رت ڦڙا“ 1977ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن ته هيستائين سندس چار شعري مجموعا ”ڳاڙها هٿ، پيلا چهرا“، ”چهرا چند گلاب جهڙا“ ۽ ”بارش کان پوءِ“ شايع ٿي چڪا آهن. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال شاعري جي لڳ ڀڳ سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پاڻ سنڌي کانسواءِ سرائيڪي ۽ اردو ۾ پڻ شاعري ڪئي اٿس. سندس شاعري انگريزي، پنجابي، پشتو، اردو ۽ بلوچي ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪي آهي.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب کان ڪئي ۽ پاڻ لڳاتار ٻتا ڪتبن وقتي جي ٻارن لاءِ لکندو پيو اچي. سندس هيستائين ٻارن لاءِ 12 شعري مجموعا ڇپجي چڪا آهن، جيڪي اڄ تائين ڪنهن ۾ شاعر جا ٻارن لاءِ لکيل سڀ کان وڌيڪ شعري مجموعا آهن. جن جا نالا هن ريت آهن: ”مڪڙين ماڻها“، ”منهنجي ديس جا ٻار“، ”گلڙن جهڙا گيت“، ”لفظن جا رانديڪا“، ”اکر اکر سرهاڻ“، ”گيت ڪيڏونا“، (اردوءَ مان ترجمو) دعائون 2010ع شامل آهن. ذوالفقار سيال جون ٻاراڻي ادب لاءِ ڪيل خدمتون وڏي اهميت رکن ٿيون.

ڊاڪٽر سليمان شيخ

ناليوارو سماج سڌارڪ، اديب ۽ تعليمدان محمد سليمان ولد محمد حسن شيخ، 9 فيبروري 1942ع تي هالا ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم هالا ۽ انٽرميڊيٽ گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد مان پاس ڪرڻ بعد، ايم. بي. بي. ايس. لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪيائين. ان کانسواءِ ڊي. اي (1969ع)، اينسٿيسيالاجي ۾ ايم. سي. پي. ايس (1970ع)، اڪيوپنڪچر - ڊپلوما (بيجنگ، 1975ع)، سنگاپور مان فيلوشپ (1987ع)، ايم. ايس (1991ع)، اي. ايم. پي (1995ع) ۽ پي. جي. ايم (1995ع) منيلا مان ڪيائين.

ڊاڪٽر سليمان شيخ 1967ع کان 1972ع تائين سنڌ جي مختلف اسپتالن ۾ ميڊيڪل آفيسر رهيو، پوءِ ڪجهه عرصو ڪنسلٽنٽ اينسٿيٽسٽ طور لبيا جي هڪ اسپتال ۾ ڪم

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪيائين. 1973ع کان 1976ع تائين لياقت ميڊيڪل اسپتال ۾ چيف اينسٿيٽسٽ ٿي رهيو ۽ پوءِ 1976ع کان 1993ع تائين جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنائين.

ڊاڪٽر سليمان شيخ 'سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن' (سگا) جو باني آهي. هن تنظيم کي سنڌ ۾ تعليم، صحت جي سڌارن ۽ فلاحي ڪمن جي مقصدن تحت اڄ تائين سرگرم رکيو آهي. هو ننڍپڻ کان ادبي ۽ سماجي سرگرمين ڏانهن مائل رهيو. شروع ۾ هو 'غازي' ۽ 'سرمد سنڌيءَ' جي قلمي نالن سان به لکندو رهيو. نثر ۾ افسانا، سفرناما، مضمون پڻ لکيا اٿس. هو سنڌس خاص سڃاڻپ ڊاڪٽر، سماجي خدمتگار ۽ سڄاڻ دانشور طور آهي. هو مختلف تنظيمن جو عهديدار ۽ ميمبر پڻ رهيو آهي. 1988ع کان 1990ع تائين روشن تارا اسڪول مئنيجمينٽ جو سيڪريٽري تعليم؛ مهراڻ ايجوڪيشنل فائونڊيشن جو باني ميمبر؛ 1994ع کان 1998ع تائين ايس. پي. او (SPO) جو چيف ايگزيڪيوٽو؛ 1998ع کان 2009ع تائين ٿرديپ رورل ڊيولپمينٽ جو چيئرمين؛ 1999ع کان 2007ع تائين 'سنڌ رورل سپورٽ پروگرام' (SRSP) جي بورڊ آف ٽرسٽيز جو چيئرمين؛ 2001ع کان 2003ع تائين ۽ آغا خان اسپتال جي بهبود سوسائٽيءَ جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر پڻ رهي چڪو آهي.

ڊاڪٽر سليمان شيخ جي ڇپيل ڪتابن ۾: (1) آڪيون اڀايون (1964ع)، (2) انسان جا ۽ اسرار دفن (1974ع)، (3) سرت درمي ترتي (1976ع)، (4) Anesthesia for Medical Students (1976ع)، (5) 'ديهه ۽ دساريج' (1978ع)، (6) گلن جهڙا ٻارڙا (1978ع)، ڇمڙيءَ جون بيماريون (1982ع) وغيره شامل آهن. هن وقت زيبسٽ ڪراچيءَ ۾ اهم ذميواريون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر شير مهراڻي

اديب ۽ محقق، ڊاڪٽر شير مهراڻي ولد پير بخش مهراڻي، پهرين مارچ 1980ع تي ڳوٺ احدي خان راڄپر، تعلقي ڪوٽڏيجي، ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول احدي خان راڄپر، مڊل ڳوٺ ڀر وٽن جي سرڪاري مڊل اسڪول، مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٻوزدار وڏا، انٽر گورنمينٽ هاءِ سيڪنڊري اسڪول ڪنب، بي.ايس.سي (باٽني) ۽ ايم.اي سنڌي ادب ۽ انگريزي ادب ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ خيرپور مان ڪيائين. ڊاڪٽر شير مهراڻي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان 'شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات' جي عنوان تي ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي رهنمائي ۾ 2013ع ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي آهي. ڊاڪٽر شير مهراڻي لکڻ جي شروعات شاعريءَ کان ڪئي. ۽ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي خبرن واري شعبي ۾ 'نيوز ٽرانسليٽر' ۽ نيوز ڪاسٽر جي حيثيت سان سلهاڙيل رهيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾: 'شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات' 2013ع ثقافت کاتي طرفان ۽ 'شاهه لطيف جو جديد ابياس' 2014ع قابل ذڪر آهن. ڊاڪٽر شير مهراڻي جو ترجمو ڪيل هڪ ناول 'ناپسي' ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ماهوار 'سوجهرو' ۾ قسطوار شايع ٿيو. هو هن وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور پنهنجا فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

نامياري محقق، تعليمدان ۽ ليکڪ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو جنم 26 نومبر 1935ع ۾ پير فتح شاھ تعلقي ۽ بدين ضلعي ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو سلطان احمد آھي. 1962ع ۾ ايم اي سنڌي ۾ پھرين نمبر سان گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين.

سچل آرٽس ڪاليج حيدرآباد ۾ جونيئر ليڪچرر مقرر ٿيو. 21-08-1962 ۾ سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 1970-76ع کان سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو. 1976 - 1983ع تائين سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ٿيو. 1976ع ۾ سوڪا جو صدر ٿيو تنھن وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ شيخ اياز وائيس چانسلر ھيو. 1983ع کان 1995ع تائين سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين رھيو. ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق جي شعبي ۾ مڃتا پوري سنڌ اندر آھي. ۽ ملڪي سطح تي سندس نالو مانوارن محققن جي فھرست ۾ نمايان آھي. سندس ليکڻ کان ويھ کن ڪتاب شايع ٿيل آھن. ڪجھ ڪتابن جا نالا ھي ۽ آھن:

(1) سوکڙي" (ٻہتر ۽ ڪھاڻين جو مجموعو 1956ع)، (2) اباڻو گھر" (ڪھاڻين جو مجموعو 1958ع)، (3) دانشمندي" (ايڊٽ ڪيل 1958ع)، (4) ڪنز اللطيف" (شاھ جي رسالي بابت 1961ع)، (5) سورٺي آ سيڱار" (ناول 1963ع)، (6) غزلن جو گنجو" (ايڊٽ ڪيل 1963ع)، (7) سنڌيون" (ملھمي شعر بابت 1970ع)، (8) سچن تت سرجھرو" (حضور ﷺ بابت نظم جو ترجمو 1971ع)، (9) سنڌي پيو ڪتاب" (نصاب 1973ع)، (10) مائوءَ جي ملڪ ۾" (سفرنامو 1973ع)، (11) سنڌي ادب جي تاريخ" (ٽي ايڊيشن 93-83-1973ع)، (12) اڪيلي" (ناول ترجمو 1974ع)، (13) لاڙ جي لغات" (1975ع)، (14) مرڪ ترشنا" (شعرن جو مجموعو 1976ع)، (15) لطيفيات" (ٻيلو گراڻي 1977ع)، (16) "لطيف ڪوليز" (شاھ لطيف بابت چتايتيءَ جا سوال 1978ع)، سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر" (ٿيسز 1980ع) ۽ ٻيا شامل آھن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو 12 جولاءِ 2011ع تي ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

نامور اديب، ليکڪ ۽ بيوروڪريٽ، ڊاڪٽر عبدالغفار ولد محمد پريل سومرو پھرين سيپٽمبر، 1951ع تي ڳوٺ خيرپور جوسي، تعلقي قنبر ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول خيرپور جوسي مان، مئٽرڪ ۽ انٽر لاڙڪاڻي ۾ اعليٰ تعليم جامشوري مان حاصل ڪيائين.

ھو سنڌ اندر پنھنجن ڪيترن عھدن تي رھڻ کان علاوه ٺٽي، شاھ ۽ بدين ضلعن جو 1996ع ۾ ڊپٽي ڪمشنر، 1993ع ۾ ميرپورخاص ڊويزن جو ۽ 1994ع کان 1996ع تائين حيدرآباد جو ڪمشنر ٿي رھيو. ھن انھن عھدن تي رھڻ دوران ڪيترا تاريخي ڪم ڪيا.

1988ع ۾ نامياري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ Shah Abdul Latif and his Sufistic Thought جي موضوع تي فلسفي ۾ سنڌ يونيورسٽي جامشوري

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ورتائين. 1990ع دوران جڏهن ڪالونائيزيشن آفيسر سکر بئراج مقرر ٿيو ته 1928ع کان 1989ع تائين ٽيڪال ٿيل زمينن جو تفصيلي رڪارڊ (Statistics) تيار ڪري The Sukkur Barrage LandsFizures Speak جي نالي سان شايع ڪرايائين.

سنڌ ريونيو بورڊ جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ٿيل پنهنجن ضلعن جي گزيٽيئرن مان ڪن تي نظرثاني ڪري شايع ڪرايائين. سنڌ ريونيو ڪميشن جي رپورٽ ۽ سنڌ ريونيو اڪائونٽس مينيوئل کي اپڊيٽ ڪري ڇپرايائين. 1993ع ۾ سنڌ ريونيو ايڪٽ 'Sindh Land Revenue Act 1967' جي سنڌي ترجمي تي نظرثاني ۽ درستيون ڪيائين. جيڪو ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ شايع ڪرايو. هن ڪيترن ئي انگريزي ڪتابن جو ترجمو پڻ ڪيو آهي. 1970ع ۾ جيمس جينس جي ڪتاب 'The Mysterious Uniforms' جو سنڌي ترجمو ڪيائين. جيڪو 'پراسرار ڪائنات' جي نالي سان سنڌ سائنس سوسائٽيءَ شايع ڪيو. 1978ع ۾ علامه اقبال جي مشهور ڪتاب 'Reconstruction Of Religious Thought' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. جيڪو 'اسلامي فڪر جي جديد تشڪيل' جي نالي سان 1982ع ۾ اقبال اڪيڊمي لاهور طرفان شايع ٿيو. 1982ع ۾ 'فلڪيات' (Astronomy) جي موضوع تي سنڌيءَ ۾ ٻه ڪتاب لکيائين. جيڪو سنڌ سائنس بورڊ طرفان شايع ٿيو. 1995ع ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي تحريرن ۽ تقريرن جي مجموعي 'Casual Peeps at Sophia' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايو. ان کان سواءِ شهيد عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي شرح ابيات کي سنڌي ترجمي ۽ توضيح سان سينگاري ڇپرايائين. سنڌس شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات 'بيان العارفين' جي مڪمل سنڌي تشريح، تحقيق ۽ سنڌي ترجمو پڻ ڇپجي چڪو آهي.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ولد محمد اسماعيل ميمڻ ٽڪڙ جي شهر ڏڙي ضلعي ٺٽي (هاڻوڪي ضلعي سجاول) ۾ 25 آگسٽ 1962ع ۾ جنم ورتو. پاڻ ليکڪ ۽ محقق آهن. سندن 7 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سنڌي ادب ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ کانپوءِ پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جا سربراهه رهيا ۽ ڪجهه عرصو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ چيئرمين جي عهدي تي به رهيا.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم پنهنجي شهر ڏڙي مان حاصل ڪئي، پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ بيچلر ڪرڻ کانپوءِ 1992ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ماسٽرس جي ڊگري فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ حاصل ڪيائين. ان کانپوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان 2001ع ۾ پي ايڇ ڊي (سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر) جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جا ست ڪتاب لکيل آهن. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

(1) جتي نينهن ٿيل (ڪهاڻيون1995) (2) سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر (تحقيق

http://soorihsindhiadab.website.2.me

2002) (3) گلدستو (نصابي ڪتاب 2004) (4) انسان سماج ۽ فطرت (مضمون 2005) (5) شاھ لطيف جا فڪري رُخ (لطيفيات 2015) (6) جديديت پڇاڻان (تنقيدي ادب 2016) (7) سنڌي سماج نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾ (نفسيات 2016)

انهن کان علاوه ڊاڪٽر صاحب جا 30 کان مٿي ريسرچ مقالا مختلف جرنلز (جيڪي ايچ اي سي کان منظور ٿيل آهن) ۾ ڇپجي چڪا آهن. 200 کان مٿي مختلف موضوعن تي مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هن وقت ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي سربراهه طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو 13 ڊسمبر 1919ع تي ڳوٺ "مهراب خان سنديلو" تعلقي ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو مهراب خان هو. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو هڪ پورهيت اديب هو. هن پنهنجي ڪيريئر جي شروعات هڪ پرائمري استاد کان ڪئي، ۽ پنهنجي زندگي ناهڻ ۽ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ ۾ وڏي محنت ۽ جدوجهد ڪئي ۽ ادبي ميدان ۾ سنڌي ادب کي بي بها موتي موڙي جوڙيندي ڪتابي صورت ۾ ڏنا. سندس ادبي ڪم ۽ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) رينجهار (2) سنڌ جو سينگار (3) ڏهن نامون (4) لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو (5) تحقيق لغات سنڌي (6) سچل لغات (7) سامي ڏاتر ڪرش (8) پهاڪن جي پاڙ (9) اصطلاحن جي اهميت (10) سامي ۽ سنڌيون پهرون (11) ڪليات حسن ميدو (12) ڪليات حاجي خانو (13) اصطلاحن جي اصليت (14) تاريخ سنڌ (15) رهبر روح رهاڻ (16) رهبر سير ڪوهستان (17) نئون سنڌي گرامر (18) اسلامي تاريخ (19) رهبر ديوان گل ۽ ٻيا شامل آهن.

مٿين ڪم کان سواءِ سنديلي صاحب ايم اي لاءِ "لاڙڪاڻي ضلع جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" جي عنوان سان تحقيقي مقالو لکيو، جيڪو اڃا ڇپجي نه سگهيو آهي.

هن سنڌي لغت ۽ لوڪ ادب بابت گهڻائي مضمون پڻ لکيا، جيڪي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن ۽ هڪ ڪتاب "مڪليءَ جو سير" جيڪو پروفيسر محبوب علي چنا جو، مڪلي جي مقام بابت تحقيق تي مشتمل آهي ۽ ڪنهن زماني ۾ نئين زندگيءَ ۾ قسط وار ڇپيو هو. اهو سنڌي ادبي بورڊ جي چوڻ تي ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ٻاران ڇپجي چڪو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هن وڏي محقق 2 جنوري 1990ع تي وفات ڪئي.

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو 1896ع ۾ ڳوٺ ٽلٽي ضلع دادو ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي گهر ۾ حاصل ڪري لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. ان کان پوءِ 1915ع ۾ نوشهرو فيروز جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ويو. ان بعد بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان نمايان ڪاميابي سان حاصل ڪيائين. 1924ع ۾ اعليٰ تعليم لاءِ انگلينڊ ويو ۽

http://soorihsindhiadab.website.2.me

1927ع ۾ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي ڪيائين. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "عربي شاعري جو فارسي شاعري تي اثر". انگريزي زبان ۾ لکيل هن مقالي کانسواءِ عربي، فارسي ۽ انگريزي ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. تاريخ معصومي ۽ چچ نامو جا فارسي متن ايڊٽ ڪيائين. سنڌيءَ ۾ درسي ڪتابن کانسواءِ شاهه ڪريم جو ڪلام، منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي، ڪلام گرهوڙي، منهاج العاشقين ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي مان ڪڍ شاهه جو رسالو پڻ لکيائين.

سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقي لاءِ ڊاڪٽر صاحب پنهنجو پاڻ چڱو پتوڙيو. هو سنڌي ادبي بورڊ جي باني ميمبرن مان هڪ هو ۽ مهراڻ رسالي جي جاري ڪرڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو.

علامه صاحب سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۽ اسماعيل ڪاليج بمبئيءَ ۾ عربيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو. پاڻ 22 ڊسمبر 1958ع تي وفات ڪيائين. سندس وصيت مطابق کيس ڀٽ شاهه جي روضي وٽ دفن ڪيو ويو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا

غلام علي ولد الهه ڏنو الانا خواجا، 15 مارچ 1930ع تي ڳوٺ ٽنڊو خواجا، تعلقي جاتي، ضلعي ٺٽي ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ٽنڊو خواجا ۾، ثانوي تعليم ميرپور بٺوري ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ حاصل ڪيائين. بي اي گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد مان، ايم اي آنرس سنڌي، سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. پهرين ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ سٽي ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌي جو ليڪچرار مقرر ٿيو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا 1983ع کان 18 اپريل 1989ع تائين "علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد" جو وائيس چانسلر ٿي رهيو. 1990ع ۾ رٽائرڊ ڪيائين. جنهن کانپوءِ 1993ع ۾ کيس سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ 1998ع ۾ هن کي "سنڌي لئنگئيج اٿارٽي" جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

سندس چيل تحقيقي ۽ ترتيب ڏنل سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

(1) لاٽ (ناول 1952ع)، (2) پور (ڪهاڻيون 1954ع)، (3) ناصر خسرو ايراني (سوانح 1961ع)، (4) منتخب ديوان فاضل (ترتيب 1964ع)، (5) سنڌي صورتخطي (1964ع)، (6) سنڌي نثر جي تاريخ (1965ع)، (7) ادبي لوسر (ترتيب 1967ع)، (8) سنڌ جي ديني ادب جو ڪتلاڳ (1971ع)، (9) علمي آئينو (ترتيب 1972ع)، (10) سنڌي زبان جي بنيادي لغت (ساڳي ايڊيٽر 1973ع)، (11) سنڌي زبان جي ڪاروباري لغت (ساڳي ايڊيٽر 1973ع)، (12) سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد (1974ع)، (13) سنڌي ليڪسڪن جي ڊائريڪٽري (1974ع)، (14) سنڌي ڪتابن جي ببليو گرافي (1974ع)، (15) پهريون سنڌي ڪتاب (غير مادري زبان)، (16) سنڌي معلم، (17) منتخب سنڌي شاعري، (18) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ (1976ع)، (19) تحريڪ پاڪستان ميں سنده کا حصه (اردو)، (20) سنڌي الوين ڪتاب، (21) سنڌي ٻولي جو ايڪاس، (22) ورثو، (23) Arabic element in Sindh، (24) Information to sindhi literature، (25) سنڌي ٻولي جي ارتقا (2006ع)، (26) سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر (2010ع).

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڊاڪٽر غلام علي الانا کي 1993ع ۾ صدر پاڪستان پاران "ستاره امتياز" جو سول ايوارڊ پڻ ڏنو ويو.

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

نامور محقق، اديب ۽ تعليمدان غلام قادر ولد نبي بخش سومرو، 15 فيبروري 1933ع تي ڳوٺ ڏيتا، تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو. 1950ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري هاءِ اسڪول ٺارو شاهه ۾ استاد مقرر ٿيو. ان کان پوءِ بي. اي 1955ع ۾، بي. ٽي 1957ع ۾، ايم. اي 1960ع ۾، ايل. ايل. بي 1967ع ۾ ڪيائين. غلام قادر سومري غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نگرانيءَ هيٺ 1988ع ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي.

غلام قادر سومري زندگيءَ جو وڏو حصو تعليم جي شعبي ۾ گذاريو. سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جو پرنسپال رهيو ۽ سڄي ڄمار تعليمي، علمي ۽ ادبي خدمتون جاري رکيائين. بهترين اديب، مترجم، لسانيات جو ماهر، ڪهاڻيڪار ۽ نقاد هو. هن ادبي ڪيتر ۾ پير پاتي 1955ع کان باقاعدي لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس لکيل پهريون مضمون "سيد الشهداء" نواءِ وقت اخبار ۾ ڇپيو. 1961ع ۾ رائيڊر هئگرڊ جي مشهور ناول Return of She جو "سانئڻ" نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هو پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي رسالي جو جوائنٽ ايڊيٽر به رهيو. 1970ع کان 1998ع تائين سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ سان درسي ڪتابن جي ليکڪ ۽ مترجم جي حيثيت سان لاڳاپيل رهيو. هن گهڻا تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيا. غلام قادر سومري جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن:

(1) سانئڻ (ترجمو 1961ع)، (2) سهڻا ڏرهه (1975ع)، (3) ور ڇوڪري ڏهڻ جي پيڙا (آفريڪي ناول جو ترجمو)، (4) سنڌي پڙهڻ لفظن جي لغت (1996ع)، (5) سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ جو ڪارج (2003ع)، (6) سنگيت اچاريا ماسٽر چندر (2007ع)، (7) سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح (2013ع)، (8) Webster based English to English and Sindhi Dictionary. وغيره سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت رکن ٿا.

ڊاڪٽر غلام قادر سومري، 9 آڪٽوبر 2005ع ۾ وفات ڪئي.

ڊاڪٽر فهميده حسين

ڊاڪٽر فهميده حسين 5 جولاءِ 1948ع تي ٽنڊي ڄام ضلعي حيدرآباد ۾ پنهنجي وقت جي مڃيل استاد محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ نامور ليکڪا، ٻولي ماهر ۽ سگهاري عورت آهي. کيس شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ تي سٺي دسترس آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين لکڻ جي شروعات ننڍپڻ کان ڪئي. ٻاراڻيون آکاڻيون لکيائين، سندس افسانا، شاعري (تسنيم يعقوب جي نالي سان) ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ مخزنن ۾ ڇپجندا رهيا. ان بعد 12 سال روزاني 'هلال پاڪستان' جي عورتن واري صفحي جي ايڊيٽر رهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل 'ڪلاچي'

http://soorihsindhiadab.website.2.me

جي ڏهن سالن تائين ايڊيٽر رهي، جڏهن ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي تحقيقي جرنل 'سنڌي ٻولي' جي ادارت سان گڏ اٿارٽيءَ جي اهم رٿا 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا' جي چيف ايڊيٽر طور ٽيم جي رهنمائي ۽ نگراني ڪندي رهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين جا هن وقت تائين ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن جو تفصيل هن ريت آهي:

(1) هوائن جي آڙ (سفر نامو) 1983ع (2) پير حسام الدين راشدي (سوانح) 1990ع (3) شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ (پي. ايڇ. ڊي ٿيسز) (4) ادبي تنقيد ۽ تاريخ (ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ) 1996ع (5) شاهه لطيف ڪي شاعري مين عورت ڪا روپ (اردو) 1996ع (6) برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو (ترجمو 2000ع) (7) Image of Woman in the Poetry of Shah Latif 2002، انگريزي ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج (8) هڪ مرا ڪئين ڪهاڻيون (ڪهاڻين جو مجموعو) 2003ع (9) دنيا جون شاعر عورتون (دنيا جي شاعر عورتن جي شاعريءَ جو سنڌي ترجمو) 2006ع (10) شاهه عبداللطيف ڀٽائي (زندگي، شاعري ۽ فلسفو، اردو) 2008ع.

ڊاڪٽر فهميده حسين مختلف سنڌن ۾ لاڳيتو لکندڙ ۽ تحقيقي ڪم ڪندڙ واحد عورت آهي جنهن کي مختلف اشاعتي مواد ترتيب ڏيڻ تحقيقي لکڻين ۽ لغتن جي ايڊيٽنگ جو 25 سالن جو تجربو حاصل آهي. هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو پهرين جنوري 1954ع تي باڍهه، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو مراد علي ٻگهيو آهي. پرائمري تعليم باڍهه مان، سيڪنڊري تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين. گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مان بي. اي ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم. اي (سنڌي ادب) ڪيائين. 1978ع ۾ ايل. ايل. بي ڪري بعد ۾ ايم. اي (صحافت) جي ڊگري به حاصل ڪيائين. 1977ع ۾ ڪيس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو، جتان اڳتي هلي سنڌي شعبي جو چيئرمين به ٿيو. ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو 1994ع ۾ ايسيڪس يونيورسٽيءَ (Essex University) (انگلينڊ) مان پي. ايڇ. ڊي ڪئي. سندس مقالي جو عنوان هو "شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي سنڌي ٻوليءَ جو سماجي لسانياتي تقابلي مطالعو". هو آگسٽ 2001ع کان فيبروري 2005ع تائين سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو چيئرمين به رهي چڪو آهي.

سندس لکيل ۽ سهيڙيل ڪتابن جو تفصيل هن ريت آهي: 1. 'مرزا قليچ بيگ: سنڌالاجيءَ پاران 1988ع ۾ ٻارن لاءِ تيار ڪيل ڪتابڙو). 2. 'مقالا' (1988ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٿيل ڪانفرنس جا سهيڙيل مقالا). 3. 'ترتي تند تنوار سين' (لطيفيات جي موضوع تي ترتيب ڏنل مقالا: 1988ع). 4. 'ڪلچرل هيريٽيج آف سنڌ' (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سان گڏ ترتيب ڏنل). 5. سنڌي ٻولي لسانيات کان سماجي لسانيات تائين (1998ع). 6. تقريرون ۽ تحريرون: مرزا قليچ بيگ (2008ع) ۽ ٻيا شامل آهن ان کان علاوه هن ٻوليءَ، سماجي لسانيات ۽ ٻين موضوعن تي ڪيترا مضمون ۽ مقالا لکي شايع ڪرايا آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو ولد لونگ خان ڄامڙو، پهرين آگسٽ 1972ع تي ڳوٺ گل محمد ڄامڙو، راڻيپور، ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم اباڻي ڳوٺ، ميٽرڪ ۽ انٽر راڻيپور مان پڙهڻ کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي. اي (آنرز) ۽ ايم. اي (سنڌي) ڪيائين. مئي 1998ع کان ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه لطيف چيئر ۾ ريسرچ آفيسر رهڻ کان پوءِ آگسٽ 2000ع ۾ اسلاميه سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. جنهن بعد هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پي. ايڇ. ڊي ڪئي. اهو مقالو "سنڌوءَ جا گيت" نالي سان ڪتابي صورت ۾ 2008ع ۾ ثقافت کاتي پاران ڇپايو ويو آهي. ڊاڪٽر ڪمال ماهوار رسالي 'ماهه روز' ڪراچيءَ جو ايڊيٽر ۽ اسلاميه ڪاليج ميگزين 2003ع جو چيف ايڊيٽر به رهي چڪو آهي. سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪيترا تحقيقي مقالا، مضمون، شاعري ڇپجندي رهي ٿي. هي ريڊيو ۽ ٽي. وي؛ لاءِ ڪيترن عرصي کان سنڌي توڙي اردوءَ ۾ لکندو رهي ٿو. ڪيترن سالن کان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي ڪمپيئر ۽ اناؤنسر طور فرض سرانجام ڏيندو رهي ٿو. طارق عزيز شيخ سان گڏجي لکيل 'شاهه عبداللطيف ۽ پاڪستاني ٻولين جا صوفي شاعر'، نالي ڪتاب شاهه لطيف چيئر ڪراچيءَ پاران ڇپيل آهي. ان کان سواءِ سنڌي لوڪ فنڪارن بابت ڪتاب 'سنڌي ثقافت جا امر آواز'، ثقافت کاتي پاران ڇپايل آهي. اردو ۾ سندس ڪتاب "سنڌي ثقافت ڪا نيا دور" به شايع ٿيل آهي پاڻ ڊين لئنگئيجز، وفاقي اردو يونيورسٽي ۾ رهي چڪو آهي.

هن وقت وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچيءَ جي سنڌي شعبي جو چيئرمين آهي. سندس رهائش ڪراچيءَ ۾ آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي

پروفيسر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي پهرين سيپٽمبر 1939ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي محلي جي اسڪول مان حاصل ڪيائين ۽ ميٽرڪ، بي اي، ايم اي ۽ ايل ايل بي جو امتحان لاڙڪاڻي ۾ ڏنائين. 1985ع ڌاري سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم فل ڪيائين، جو اهو ڪنهن سنڌيءَ کي پهريون اعزاز هيو. پاڻ الوحيد سنڌيءَ جي نثر تي مقالو لکي پي ايڇ ڊي پڻ ڪئي. سنڌي ادب ۽ مذهب سان وڏو لڳاءُ هيس ۽ بيشمار ادبي، مذهبي ۽ درسي ڪتاب لکيائين، هو سنڌ جو وڏو محقق به هو.

سندس لکيل ڪتابن جا نالا هيءَ آهن. (1) مولانا نصير الدين هنديؒ (1961ع) (2) شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1969ع) (3) اسان جا اديب، اسان جا شاعر (1980ع) (4) هيرا لعل جواهر (1976ع) (5) سنڌي انسائيڪلو پيڊيا جلد5، (6) ادبي خزانو (1983ع) (7) ادبي شخصيتون (1990ع) (8) غفور سنڌي گرامر (1981ع) (9) عظيم سنڌي انسان (1981ع) (10) ادبي اڪيڙ (11) سنڌي سڌ سپوت (12) ميمڻ قوم جي تحقيقي تاريخ (13) ٽولڻ علي نياز جعفري جي شاعري (14) مضامين عبدالغفور سنڌي (15) سچا موتي (17) سنڌي ادب جي مختصر تاريخ. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي 2004ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، پهرين جنوري 1930ع تي شڪارپور ضلعي جي لکي تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ملاڻيءَ ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو حاجي غلام حسين ميمڻ هو. ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڇپايل پهريون ڪتاب "ملاڻ نصيرالدين جا لطيفا" آهي، جيڪو ملاڻ نصير جي ٽوٽڪن ۽ سوانح تي ٻڌل آهي. سندس پسند جا موضوع سنڌ جي سماجي ۽ ادبي تاريخ، لسانيات، تصوف ۽ لطيفيات هئا ۽ پاڻ گهڻي ڀاڱي انهن موضوعن تي ئي لکيائين. ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌيءَ سموري عمر سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ جاکوڙ ڪئي، انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترائي ڪتاب لکي ۽ ترتيب ڏئي سنڌي ادب کي مالامال ڪيائين. جن 1958ع ۾ "سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو" قائم ڪئي، جنهن طرفان ڪيترائي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيائين.

ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌيءَ جي لکيل مقالن جو تعداد 261 آهي. سندس ڇپيل اڻ ڇپيل سنڌي ڪتابن جو تعداد 80، اردوءَ ۾ ڪتاب جو تعداد 10 ۽ انگريزي ڪتابن جو تعداد 2 آهي. سنڌيءَ ۾ سندس ڇپيل ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ"، "سنڌي ثقافت تي اسلامي اثرات"، "سنڌيءَ ۾ نعتيه شاعري"، "سنڌي شرح قصيده برده شريف"، فڪر لطيف، سچل جو پيغام، فڪر بيدل، سنڌ سياحن جي نظر ۾، شڪارپور ماضي ۽ حال، پرک ۽ پروڙ، تذڪره شهباز، تذڪره شعراءِ سکر، مانڪ موتي لعل (۾ پاڱا)، رس ۾ رسيل گهوريون، سنڌي علم ادب اصول ۽ اهڃاڻ، سنڌي علم ادب، جرڪيون جواهرن جون، تون ٿو ڏهن سچل جو سنيهو، ڳنڍيون ڳالهيم جن سين، شڪارپور جي ٻولي؛ سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، سنڌ جي تاريخ جا وکريل ورق، ڪلام بشير، شاهه ڪريم جو ڪلام، ناول نگاري ۽ لٽريچر جو جائزو، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو وغيره شامل آهن. ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌيءَ، 11 فيبروري 1996ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه لاڙڪاڻي ۾ آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 16 ڊسمبر 1917ع تي تعلقي سنجهوري ضلع سانگهڙ جي ڳوٺ جعفر خان لغاري ۾ علي محمد خان لغاري بلوچ جي گهر ۾ جنم ورتو. ڊاڪٽر بلوچ شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي. پاڻ مئٽرڪ جو امتحان 1936ع ۾ بمبئي (ممبئي) يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ آمريڪا ويا ۽ ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ مان ايم ايڊ ۽ ايڊ ڊي Doctor of Education جون ڊگريون حاصل ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب جو پهريون ڪتاب "ڳڻ"، آگسٽ 1946ع ۾ ڇپيو. سندس ٻيو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي هن عظيم محقق لسانيات ۽ ادب جي موضوع تي "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جهڙو شاندار ڪتاب لکيو. موسيقي جي ميدان ۾ پڻ "سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ" سندس شاندار ڪتاب آهي. اساسي ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سهيڙ ۾: "ڪليات حمل" (1953ع)، "ميين شاهه عنايت جو ڪلام" (1966ع) "شاهه لطف الله قادريءَ جو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪلام (1968ع)، "ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري" (1968ع)، ڪليات سانگي (1969ع)، شاهه شريف پاتڻيءَ جو رسالو (1982ع)، راڳ نامون (1981ع)، رسالو غلام محمد خانزئيءَ جو (1985ع)، خليفي نبي بخش صاحب جو رسالو (1966ع)، سنڌي ٻوليءَ جو منظوم "گنج ذخيرو (1988ع)، قاضي قادن جو رسالو (1999ع) اهم ڪتاب آهن.

1959ع ۾ لوڪ ادب سلسلي جو پهريون ڪتاب "مداحون ۽ مناجاتون" شايع ڪيو ويو ۽ 1991ع ۾ رٿا جو چاليهون ڪتاب "هنر" ڇپجي پڌرو ٿيو. انهن چاليهن جلدن مان ست جلد لوڪ ڪهاڻين ۽ باقي ٻين موضوعن جهڙوڪ: ڏاڍيون، ڏور، بيت، ٿيهه، اکر، مولود، مناقبا، سينگار شاعري وغيره جا آهن.

لوڪ ادب سلسلي جي چاليهن ئي جلدن جي 'فهرست' جيڪا 250 صفحن تي مشتمل آهي، هن گڏيل پورهئيءَ جو اعليٰ مثال آهي. جيڪا سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌري ڪئي آهي. هن رٿا کان سواءِ انهيءَ ئي سلسلي جا ٻيا ڪتاب "پيلاڻين جا پول" (1950ع) لاکو ڦلاڻي (1989ع)، سپ رنگ (1968ع)، "رهاڻ هيرن کان (ڀاڱو پهريون) (1939ع) رهاڻ هيرن کان (ڀاڱو ٻيو، ٽيون، چوٿون ۽ پنجون) اپڻ ڊاڪٽر صاحب جي محنت ۽ قلم جو ڪارنامو آهن.

سنڌي لغت نويسي ڊاڪٽر بلوچ جو وڏو ڪارنامو آهي. جامع سنڌي لغات 1960ع ۾ شايع ٿي. 1991ع ۾ پاڻ جڏهن "سنڌي لئنگئيج اٿارٽي" جو باني چيئرمين ٿيو ته لغت جو وڌيڪ ڪم هٿ ۾ کنيائين ۽ هڪ جلدي سنڌي لغات جي رٿا تيار ڪيائين، هن لغت جي ترتيب ۾ ساڳيا "جامع سنڌي لغات" وارا بنياد سامهون رکيا ويا. هي لغات 1998ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي، جيڪا 729 صفحن ۽ 27000 ستاويهه هزار لفظن تي مشتمل آهي. ڊاڪٽر صاحب تاريخ جي تحقيق تي پڻ وڏو ڪم ڪيو آهي انهي سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب ڪي تاريخي ڪتاب ايڊٽ ڪيا. اهي هئا: بيگلار نامون، (مصنف ادراڪي بيگلاري) تاريخ طاهري (ليکڪ طاهر محمد نسياني) لب تاريخ سنڌ (ليکڪ: خداداد خان) انهن ڪتابن کان علاوه ڪجهه ٻيا اهم ڪتاب پڻ ڊاڪٽر صاحب ترتيب ۽ تدوين ڪيا. جن ۾ چچ نامون، تاريخ معصومي، تحفته الڪرام شامل آهن.

انهن کان سواءِ "باقيات از"، "احوال ڪلهوڙه" ۽ "تاريخ بلوچي" (مصنف عبدالحميد جوکيو) پڻ ترتيب ڏيئي ڇپايا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 5 اپريل 2011ع تي وفات ڪئي.

ڊاڪٽر هوت چند مولچند گربخشاڻي

ڊاڪٽر هوت چند مولچند گربخشاڻي 8 مارچ 1884ع ڌاري حيدرآباد ۾ ڄائو. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ 1900ع ۾ ڊي. جي (DEYRUM JETHEMAL) (سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. 1905ع ۾ بي.اي جو امتحان پاس ڪيائين. ان کانپوءِ ولسن ڪاليج بمبئي مان ايم.اي ڪري ساڳي ڪاليج ۾ انگريزي ۽ فارسي جي اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لڳو. آخر ۾ پرنسپال ٿي ساڳي ڪاليج ۾ رهيو. 1928ع ۾ لنڊن ۾ رهي رهيو ۽ لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي شاعري ۾ تصوف جي موضوع تي مقالو لکيائين، جنهن تي کيس ڊاڪٽريٽ جي سند ملي. ڊاڪٽر گربخشاڻي سنڌي ادب جي حوالي سان ٻه ڪجهه ڪم ڪيو آهي. هن شاهه عبداللطيف جي رسالي تي گهڻو ڪم ڪيو سندس لازوال ڪارنامو ڪن

http://soorihsindhiadab.website.2.me

جلدن ۾ مرتب ڪيل شاهه جو رسالو آهي، سندس ترتيب ڏنل شاهه جو رسالو انتهائي اهميت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ڊاڪٽر گربخشاڻي جون لکيل تحقيقات جي لحاظ کان اهميت جوڳيون آهن. هن جيڪي ڪتاب لکيا تن ۾ شاهه جو رسالو، مقدمه لطيفي، روح رهاڻ، نورجهان (تاريخي ناول) ۽ لنواري جا لال، سر سهڻي (الطيفيات)، مقدمه لطيفي (الطيفيات) ۽ ٻيا شامل آهن. ڊاڪٽر صاحب 11 فيبروري 1947ع تي پرلوڪ پڌاريو.

ذوالفقار راشدي

ذوالفقار راشدي، 10 مارچ 1937ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ "پير جو ڳوٺ" لڳ ننڍڙن ديرو اهير جو ڳوٺ ڪي هن وقت الڳ ڳوٺ ڀر ۾ ننڍن ديري جو محلو سڏيو وڃي ٿو، ان ۾ سيد محمد امام شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. ذوالفقار راشدي جي حسب نسب حضرت پير سيد محمد شاهه روضي ڌڻيءَ سان وڃي ٿو ملي، جيڪو پنهنجي دور جو الله لوڪ بزرگ هو ۽ "پير جو ڳوٺ" علم ادب ۽ حڪمت جي حوالي سان ڪافي مشهور هو.

هن ٽڪل ٻارهن سالن جي عمر ۾ 1949ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سندس پهريون شعر چوڏهن سالن جي عمر ۾ ڇپيو. بعد ۾ هن افسانا لکڻ شروع ڪيا. سندس پهريون افسانو "مهراڻ" رسالي جي 1959ع جي چوٿين نمبر پرچي ۾ "خوابن جو مسافر" جي نالي سان ڇپيو.

سندس لکيل شعر ۽ ڪهاڻيون "مهراڻ"، "نئين زندگي" ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۾ ڇپجندا رهيا. ذوالفقار راشديءَ جا هيل تائين ٻه ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جن ۾ هڪ شعري مجموعو "سرچ کي لوچ" (1982ع) ۽ ٻيو سندس تنقيدي ۽ تحقيقي مضمونن جو مجموعو "ڪسوٽي" 1986ع ۾ سندس وفات کان پوءِ پڌرو ٿيو. مٿين ڪتابن کان سواءِ سندس غزلن جو هڪ مجموعو "خواب ناسوت" ڪهاڻين جو مجموعو "خوابن جا مسافر" اڃا اڻ ڇپيل صورت ۾ سندس وارثن وٽ محفوظ آهن. ذوالفقار راشديءَ زندگيءَ جون 48 بهارون ماڻيون ۽ 26 آگسٽ 1986ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪتاب "ڪسوٽي" سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت والاري ٿو.

راشد مورائي

ناليواري مزاحمتي ۽ قومي شاعر. راشد مورائيءَ جو پورو نالو سيد راشد علي شاهه ولد سعيد علي شاهه 'خادم' آهي. سندس جنم 5 مارچ (ڪن هنڌن تي 3 مارچ به ڄاڻايل آهي) 1944ع تي جو تالوڪي تعلقي مورو، ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. 9 نومبر 1962ع تي تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت ۾ ڀرتي ٿيو. راشد مورائي 1957ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪئي. شروع ۾ شاعريءَ متعلق پنهنجي والد کان ڄاڻ حاصل ڪيائين، ۽ ان دوران ئي حافظ محمد بخش خاصخيليءَ کان علم عروض جي ڄاڻ خاص بحرن جي ڄاڻ ورتائين.

راشد مورائيءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾ 'سنڌڙيءَ جو سورهيه' (شاعري، 1970ع)، 'ميندڙيءَ سندا گيت' (شاعري، پهريون ڇاپو: 1985ع، ٻيو: 2004ع)، 'دل جو شهر'

http://soorihsindhiadab.website.2.me

(شاعري، پهريون ڇاپو: 1993ع، ٻيو ڇاپو: 2005ع)، 'شعلا شعلا واءُ ۾' (2005ع)، 'ديوان راشد' (2005ع)، 'ڪافيون، گيت، غزل' (2008ع)، 'دل جي دلجوئي' (شاعري 2011ع)، 'ڏات جي ڏيهه ۾' (مختلف ليکڪن جا راشد تي لکيل مضمون: 2009ع)، 'امنگ جي اڳتي ٿان امنگ جي' (مضمون، خاڪا: 2006ع)، ڪهاڻين جو ڪتاب 'پاڻيءَ تي پيرو' (2006ع)، 'راشد سان رهاڻ' (انٽرويو: 2009ع)، 'خط خوشيءَ مان کول' (خطن جو مجموعو: 2011ع) شامل آهن.

راشد مورائيءَ جي شاعري بيمثال، ٿي، ويءَ ٿان وقت بوقت نظر ٿيندي رهي آهي. سندس ڪلام قومي راڳي سرمد سنڌيءَ جي آواز ۾ 'دل جي ديران رڻ تي ڪڪر ڀانورا'، 'اڄ پيچ سڳهو دلدار' ۽ 'مون ڏاڍ جا ڏونگر ڪٽيا' بيحد مقبول ٿيا. ان کان سواءِ جلال چانڊيو، مارئي سنڌو سميت سنڌ جي ناليوارن فنڪارن سندس شاعري ڳائي خوب داد حاصل ڪيو آهي. راشد مورائي 24 مارچ 2014ع تي وفات ڪئي.

راجو سٽيو دل

راجو سٽيو دل ارغون دور سان تعلق رکي ٿو ۽ قاضي قادن جو همعصر شاعر آهي. هيءُ درويش مجذوب هيو، ۽ سير سفر ۾ گذاريندو هو. جڏهن آڏو ڪا ڳالهه ايندي هئس ته اتي ئي سان سنڌي بيت چوندو هو. سندس حوالي سان هيءَ راءِ آهي ته جيڪو چوندو هو اهو ٿي پوندو هو. هن درويش سن 977هه مطابق 1569ع ۾ وفات ڪئي. جيتوڻيڪ راجو سٽيو دل کي محققن ارغون دور جي شاعرن ۾ ڳڻايو آهي پر راجو سٽيو دل جو ڪو به بيت اڃا تائين سامهون نه اچي سگهيو آهي.

رسول بخش پليجو

ناميارو دانشور، نقاد، ليکڪ ۽ وڪيل رسول بخش پليجو، ڳوٺ منگر خان پليجو، جنگشاهي، ٺٽي ۾ 21 فيبروري 1930ع تي پيدا ٿيو. هن شروعاتي تعليم ڳوٺ مان ورتي ۽ وڌيڪ تعليم سنڌ مدرسة الاسلام مان حاصل ڪيائين. هن قانون جي سند، سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچي مان حاصل ڪئي.

سنڌي ادب جي ميدان ۾ رسول بخش پليجي جو شمار صف اول جي ليکڪن ۽ نقادن ۾ ٿئي ٿو. پليجو سنڌ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پهريون وڏو پارکو ليکيو ويندو هو. ورهاڱي بعد سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ادبي لهر ابري، جنهن جو ادبي حوالي سان مهندار شيخ اياز هو، جنهن جي خلاف وڏي واويلا ڪئي وئي، ترقي پسند ادب ۽ خاص ڪري شيخ اياز تي جڏهن شاعرن ادبي ۽ فڪري حملا ڪيا ۽ اياز جي شاعريءَ کي الحاد ۽ ڪفر جي شاعري قرار ڏنو ته ان دور ۾ ابن حيات پنهور ۽ مولانا گراميءَ سان گڏ رسول بخش پليجي ان بيجا تنقيد جا بخيا اڌيڙيا. فڪري گمراهيءَ سان ڪتاب 'انڌا اونڌا ويچ' ذريعي ڪين جواب ڏنو. ساڳئي رجعت پسند ٽولي سٺ واري ڏهاڪي ۾ جي. ايم. سيد جي ڪتابن 'پيغام لطيف' ۽ 'جيئن ڏٺو آ مون' تي به سخت تنقيدون ڪيون ۽ اڪيچار پمفليٽ ۽ مضمون لکيا ته پليجي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ان گروهه خلاف جاندار مضمون لکيا. سندس مشهور تصنيفن ۾:

(1) اُلٽا اُرتا وڃ (2) صبح ٿيندو (3) ڌرتيءَ جا ڏک (4) جن جهونا ڳوٺ جلايا (5) سنڌي ذات هنجن (6) پيسي ڳالها ڳل (7) ويهن سون ٿئو (8) ارهان جي پچائڻ (9) ڪوٺ لکيت جو قيدي (10) وک ڪيئن وسرياءِ (11) سياسي ادب (جلد I، II، III) (12) عرش هيٺيلا پيٺا سوچين (13) چا وفاقي سياست سنڌين تي حرام آهي؟ (14) واٽون وهه ٿيون (15) ماتروي لنگ (16) هوڄي سنڌ جي آتم ڪهاڻي (17) جيجل بنگال سان ٿيو (18) مارڻ سنجهه ميلس (19) قومي انقلابي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جي اهميت ۽ ٻيا شامل آهن.

رسول بخش پليجو ساهه ۽ ڦڦڙن جي بيماري ۾ مبتلا هيو. ڪجهه وقت تائين بيمار رهڻ کانپوءِ شخص جي ڏهاڙي 7 جون 2018ع تي 88 ورهين جي ڄمار ۾ ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ۽ کيس جنگشاهي ويجهو سندس اباڻي ڳوٺ منگر خان پليجو ۾ دفن ڪيو ويو.

رشيد ڀٽي

ناميارو ترقي پسند اديب، محقق، نقاد ۽ شاعر رشيد ڀٽي، حافظ عبدالحميد ڀٽي جو فرزند، 20 آگسٽ 1933ع تي ڳوٺ اروڙ، تعلقي روهڙي، ضلعي سکر ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم سکر مان ورتي. 1959ع ڌاري لا ڪاليج سکر مان ايل. ايل. بي ڪري وڪالت شروع ڪيائين. هن جي پهرين ڪهاڻي "چوري" 1951ع ڌاري هفتيوار "روشني" سکر ۾ ڇپي. هو شروع کان ئي روشن خيال سوچ جو مالڪ رهيو.

سندس ڇپيل ڪتابن ۾: (1) 'ڪوڙي ڪوڙي هڪ ڳالهه'، (ڪهاڻيون، 1963ع)، (2) 'دنيا جا عظيم افسانا' (ترجمو، 1965ع)، (3) 'آئي ڀال ٽرڊار'، (جرمن قومي ۽ رزميه شاعري، ترتيب، 1966ع)، (4) 'عاشق زهر پياڪ'، (پنج اڪيلي ناٽڪ، 1968ع)، (5) 'رياست ۽ آزادي'، (ترجمو، 1968ع)، (6) 'پاڪستان جا پراڻا شهر'، (تاريخ، 1981ع)، (7) 'آدرشي' (طنز ۽ مزاح)، (8) 'ديس سنڌ، دل وارا ڄاڳيا' (ڪهاڻيون)، (9) 'لوپاريون لهواريون' (تقريرون)، (10) 'سياري جي رات' (طنزيه ۽ مزاحيه ڪهاڻيون)، (11) 'سياسي مسئلن جو حل' (سياسي مضمون)، (12) 'سچ جو فلسفو' (ترجمو) (13) 'ڪميونسٽ پارٽنامو' (ترجمو)، (14) 'چتر ليکا' (ترجمو، هندي ناول)، (15) 'ويدن جي وسنڌي' (ترجمو، ويتنامي ناول)، (16) 'سنڌ جا پراڻا شهر' (مولائي شيدائي جا تاريخي مضمون، ترتيب)، (18) 'ڀلاري پوڻ' (ترجمو) (19) 'پاپ ۽ پيڙا' (ناول)، (20) 'باغي' (نذرالاسلام، ترجمو)، (21) 'جيءُ جياريو جن' (ويڙهيل ساٿين لاءِ شرڪ تخليق، 1990ع)، (22) 'Birth of a Great Poet (Kalhora Period 17001784)'، (23) 'جهوڪ جهرير' (تاريخ)، (24) 'بين الاقوامي انقلاب جو رائج عمل'، (25) 'تضادن بابت' (تضادن جو فلسفو)، (26) 'تصوف اور ڪلاسيڪي سنڌي شاعري' (اردوءَ ۾) شامل آهن. سنڌ جو هي وڏو اديب، صحافي ۽ سياستدان 16 فيبروري 1988ع تي وفات ڪري ويو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

روحل فقير

سنڌ جو ناميارو صوفي ۽ ويدانتي شاعر. روحل فقير ذات جو زنگيجو هو. سنڌس ڀيڻ شاعر فقير زنگيجو ڪلهوڙن جي دور ۾ عمرڪوٽ ويجهو پدمات جي پٽ (ڳوٺ) ۾ رهندو هو. جنهن کيس 34-1733ع ڌاري روحل فقير ڄائو.

روحل فقير پنهنجي دور جو وڏو عالم، فاضل، سنڌي، هندي، عربي، فارسي ۽ راجستاني‌ءَ جو ڄاڻو ۽ بلند پايي جو شاعر هو. جوڌپور جي سوامي ڏونگر سين ۽ ٻين بزرگن سان رهائيون ڪيائين. جوڌپور ۽ جيسلمير ۾ لڳ ۽ روحل جي ڀاڱي وڏي چاهه سان ڳائي وڃي ٿي. روحل فقير پنهنجي دور جو وڏو صوفي ۽ ويدانتي شاعر هو. هن جي هندي شاعري‌ءَ جا چار ڪتاب: (1) من پربوڌ، (2) آڏيت گرنٿ، (3) سرب گيان، ۽ (4) اگم وارتا، مشهور آهن. هن سنڌي ۽ سرائيڪي‌ءَ ۾ به ڪافي ڪلام چيو، جيڪو هندي‌ءَ جي مقابلي ۾ ٿورو آهي، پر نهايت عمده آهي، جنهن جي زبان سادي ۽ فصيح آهي. سندس ڪلام ۾ سادگي ۽ تصوف بابت باريڪ نڪتا موجود آهن. سنڌ جي هن آزاد صوفي، 1804ع ڌاري هن دنيا کان موڪلايو.

روحل فقير جي شاعري، ڪنڊڙي‌ءَ وارن جو ڪلام ڪتاب ۾ لطف الله بدوي‌ءَ شامل ڪئي آهي. ان کانسواءِ نياز همايوني‌ءَ، خان فقير' دريا خان فقير جي ڪلام " آءٌ ڪانڱا ڪر ڳاله" ۽ صوفي شفيع محمد سومري 'روحل فقير جون رمزون' ۽ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي‌ءَ پنهنجي ڪتاب 'صوفي شاهه عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر" ۾ به ڏني آهي. روحل فقير جو هندي ڪلام ڪجهه سال اڳ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي‌ءَ، هندي‌ءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

ساحر راهو

ساحر راهو جو پورو نالو عبدالرحمان ولد احمد خان راهو آهي. ساحر راهوءَ جو جنم، پهرين آڪٽوبر 1963ع تي اڳوڻي تعلقي هالا ۽ ضلعي حيدرآباد (موجوده تعلقي ٽنڊو سعيدآباد، ضلعي مٽياري‌ءَ) جي ڳوٺ شهمير راهوءَ ۾ ٿيو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول شهمير راهوءَ ۾ حاصل ڪيائين. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊو سعيدآباد، انٽر سروري اسلامي ڪاليج هالا مان حاصل ڪيائين. ساحر راهو هن وقت صحت کاتي ۾ ڳوٺ شهمير راهوءَ ۾ ملازم آهي.

ساحر راهوءَ شاعري جي شروعات 1988ع ۾ ڪئي. سندس پهريون شعري مجموعو 'خواب ڪٽوري چنڊ' جي نالي سان 1996ع ۾ سجاڳي اشاعت گهر ڏڙو پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. هن وقت تائين هن جي اردو شاعري‌ءَ جي هڪ ڪتاب سميت شاعري‌ءَ جا پنج مجموعا ۽ اردو شاعري‌ءَ جو هڪ ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي. جن جو تفصيل هن ريت آهي: (1) 'خواب ڪٽوري چنڊ' (1996ع)، (2) 'ساڳوري شام' (2000ع)، (2) 'ليٽ سجدي ۾' (2004ع)، (3) 'خوابن جي خودڪشين کان پوءِ' (2007ع)، (4) 'وهي پٽ جهڙ هي اکيون ۾' (اردو شاعري، 2011ع)، (5) 'دل جي ڳلي' شامل آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ساحر راهوءَ جا ڪيترائي غزل ۽ نظم سنڌ جي مختلف فنڪارن ڳاتا آهن. ماسٽر ولي ۽ ياران ڳايل ساحر راهوءَ جي ٻن نظمن جي وڊيو ڪئسيٽ پڻ ٺهي چڪي آهي، اهي نظم سنڌي چئنل "آواز" تان نشر پڻ ٿيندا رهيا آهن. ساحر راهوءَ کي مختلف طور ڪيترا ايوارڊ ۽ شيلڊون ملي چڪيون آهن، جن ۾ "سوجهرو ايوارڊ"، "ڊاڪٽر تنوير عباسي شيلڊ"، "مرحوم حاجي غلام نبي رند ايوارڊ"، "چانڊ ڦليو جمالي ايوارڊ" شامل آهن. ساحر راهوءَ سنڌي ادبي سنگت، شاخ مائيو راهوءَ جو بنيادي ميمبر، ڪيترا ڀيرا سيڪريٽري، سنڌ ڪائونسل جو ميمبر ۽ ضلعي نوابشاهه جو رابطا سيڪريٽري رهي چڪو آهي.

سامي

سامي ءَ جي نالي سان مشهور سنڌ جي بلند پائي شاعر جو اصل نالو چين راءِ ٿلهه هو. سندس جنم 1743ع ڌاري شڪارپور ۾، هاٿي در محلي جي پاڙي ۾ ٿيو. سندس پيءُ مالدار سيٺ ماٿو هو.

پاڻ ننڍپڻ کان ولي. دنيا جي ڪوڙن سڪن کي ڏسي رنجهي، سادن جي سنگت اختيار ڪيائين. ڪيس دنيا جي لوڀ لالچ جي ڪاڻ وحشيت نه هئي ۽ نه تي ويدي لاڳاڪو واري چلولي ماحول مان ڪا راحت پئي آئي، جنهن ڪري من کي زماني جي محبت کان پاسيرو رکي، ضروري دنيا جي واس وڃڻ لاءِ، ست سنگ ۾ گذارڻ لڳو.

ڪلهوڙن ۽ ميرن جون صاحبيون ڏٺائين ۽ ملوڪي خيالن جي اوستا ۾ صبر سان ساهه کڻي بدران راتيان ڏينهان الک ترقيءَ جو ڳالهائو رهيو.

پاڻ چين راءِ "سلوڪ" لکڻ شروع ڪيا، جيڪي سنسڪرت زبان ۾ آهن. مٿس سوامي ميگهراج جو اينڊو نه اثر هو، جو پنهنجي سموري سلوڪن ۾ "سوامي صاحب" جو نالو آندو اٿس. جيئن ته پاڻ انهن کي ڪنهن ڪتاب ۾ لکندو نه ويو، بلڪ ڪاغذن جي ٽڪرن تي لکندو پرسان پيل هڪ مٽ ۾ ويو وجهندو. سندس پٽ، پاڻي گهنشامداس اهي سمورا سلوڪ سهيڙي، گرمکي اکرن ۾ لکرايا، جتان پوءِ ديوان راءِ بهادر ڪوڙي مل چندن مل کيلنائيءَ، 1873ع ۾ ورتي عربي – سنڌي صورتخطيءَ ۾ تلميذ ڪرايا.

سندس سلوڪن ۾ "ممتا مارڻ"، (خودي ختم ڪرڻ) "مايا جي موهه" (دولت جي نشي) کان دور رهڻ، "ڪام" (شهوت)، "ڪروڌ" (ڪاوڙ)، "لوڀ" (لالچ)، "موهه" (هر ڪڻ)، ۽ "اهنڪار" (فخر ۽ وڏائي) جهڙن ويرين (دشمنن) کي وچ نه وجهڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ تاڪيد ڪيل آهي. سنڌي ادب ۾ شاهه، سچل، سامي ءَ جي ٽمورتي مشهور آهي. سامي 100 سالن کان مٿي ڄمار ماڻي، سن 1850ع ۾ ديهانت ڪيائين.

سجاد ميراڻي

سجاد ميراڻيءَ جو اصل نالو غلام حسين ولد علي بخش ميراڻي آهي. سندس جنم پهرين مارچ 1956ع تي خيرپور ضلعي جي تاريخي شهر پيرالوءَ ۾ ٿيو. تعليم جي لحاظ کان ايم. اي (سنڌي ادب) ۽ ايم. ايڊ آهي. تعليم کاتي ۾ استاد آهي. سجاد ڪيترا ڀيرا سنڌي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ادبي سنگت، ضلعي خيرپورميرس جو ضلعي رابطا سيڪريٽري ۽ مرڪزي عهديدار به رهي چڪو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو پختو شاعر آهي. هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن کي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي. پر غزل ۽ خاص طور وائيءَ تي عبور رکي ٿو. سندس شاعري سادي اظهار، آسان لفظن ۽ مترنم لهجي جو مرڪب آهي. سجاد ميرانيءَ جي شاعريءَ جا ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن: (1) 'دلدار وڃي ٿي ڀيءَ آ' (2005ع)، (2) 'مان تنهنجو هان' (2010ع) ۽ (3) 'جيءَ جياريو جن' (2011ع) شامل آهن. ڪيس ادبي خدمتن تي 'سچل ايوارڊ'، 'جامي ايوارڊ'، 'سليم ڳاڙهوي ايوارڊ'، 'مولانا عبدالله چانڊيو ايوارڊ'، 'مخدوم اسماعيل پرهياڙي ايوارڊ'، 'سرمد سنڌي ايوارڊ' ۽ ڪيترا سرٽيفڪيٽ ملي چڪا آهن.

سچل سرمستؒ

حضرت سچل سرمست ڳوٺ "درازا" ضلع خيرپور ۾ 1739ع ڄاوا ڄائو. سندس اصل نالو ميان عبدالوهاب هو. سندس مائٽ سچ ڳالهائڻ ڪري کيس "سچو" ۽ "سچيڏنو" ڪري سڏيندا هئا. سندن پيءُ ميان صلاح الدين فاروقي ڪانيوءِ سندن چاچي ميان عبدالحق جي تربيت هيٺ رهيو ۽ روحاني فيض پرايائين.

سچل سائين قرآن شريف جو حافظ، عربي ۽ فارسيءَ جو عالم پڻ هيو. هڪ روايت موجب حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪنهن ڪم سانگي درازن ۾ آيو، تڏهن سچل سرمست اڃا ٻالڪ هو. شاهه صاحب ڏسي کيس چيو ته "هي ڇوڪر اسان جي چاڙهيل ڪنيءَ جو ڍڪڻ لاهيندو". اڳتي هلي اها ڳالهه سچ ثابت ٿي. سچل سرمست "هفت زبان" شاعر سڏجڻ لڳو، ڇو ته پاڻ هڪ ئي وقت سنڌي، عربي، سرائيڪي، پنجابي، هندي، اردو ۽ فارسي زبان ۾ شاعري ڪيائين.

سچل سائينءَ جو ڪلام بيباڪيءَ جو آئينو آهي. پاڻ اهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته انسان جيستائين حق جي طلب نه ٿو رکي، ايستائين اهو گمراهيءَ جي گردش مان ٻاهر نٿو نڪري سگهي. قرب ۽ محبت جي ڪا به حد مقرر ناهي، ڇو ته انسان جڏهن قرب جي ٽانگهه ۾ پوي ٿو، تڏهن پاڻ کي مرڪز جي چوڌاري گهمندي محسوس ڪري ٿو.

سچل سرمست جي ڪلام جو تفصيل هن ريت آهي. (1) ديوان آشڪار (فارسي) (2) رازنامه (فارسي) (3) تار نامه (فارسي) (4) رهبر نامه (فارسي) (5) گداز نامه (فارسي) (6) رسالو (سنڌي سرائيڪي) (7) وصلت نامه (8) غزل بحر طويل (9) وحدت نامه (10) عشق نامه (11) درد نامه سچل صاحب جي شاعري ۾ حق جي پيرويءَ لاءِ هدايت ملي ٿي. جيڪي راز اڳ وارن شاعرن پردي ۾ رکيا، سچل سائين تن کي ظاهر ڪيو. پاڻ 1829ع ۾ وصال ڪيائون. سندس مزار درازا ۾ آهي. سندس ڪلام اردو، انگريزي، جرمني سميت ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.

سحر امداد

سحر امداد حسينيءَ، حيدرآباد سنڌ جي هڪ علمي گهراڻي ۾ 20 جولاءِ 1951ع تي جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم شاهه عبداللطيف ڪنڊر گارڊن اسڪول حيدرآباد ۽ مائرن

http://soorihsindhiadab.website.2.me

انگلش ٽيچنگ اسڪول سنڌ مان حاصل ڪئي. ڊاڪٽر سحر امداد، 12 سالن جي ننڍي عمر ۾ ادبي دنيا ۾ پير وڌيو. ادبي زندگيءَ جو آغاز هن شاعريءَ سان ڪيو. سندس پڦي صغريٰ تخلص 'ستارا' صاحب ديوان شاعره هئي، ائين ادب جي سٽي سحر کي پڦيءَ ۽ ڏاڏيءَ کان ملي.

سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو 'چوڏهينءَ چنڊ آڪاس' اردو زبان جي مشهور شاعره فهميده رياض پنهنجي پبلشنگ اداري 'وعده ڪتاب گهر' ڪراچيءَ پاران، 2003ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو، جنهن جو مهاڳ پڻ فهميده رياض لکيو آهي.

سندس ڪل 8 ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ ٽي ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جا تحقيقي ڪتاب آهن. هڪ ڪهاڻين، مضمونن ۽ انٽرويو تي مشتمل ڪتاب 'مثل ماڻهو جيتري پيڙا' سحر ۽ امداد گڏجي مرتب ڪيو هو، جيڪو ڪٿڙ پبليڪيشن پاران شايع ٿيو.

ڊاڪٽر سحر امداد جي 25 تخليقي، تحقيقي ۽ تنقيدي مقالن ۽ مضمونن جو ڪتاب 'شعور، شاعر، شاعري' جي عنوان سان سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشوري، جولاءِ 2008ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ان ڪتاب کي 2009ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 'بهترين تحقيقي ڪتاب 2008ع' جو ايوارڊ ڏنو ويو. ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ جي ثقافت کاتي، ڊاڪٽر سحر امداد حسينيءَ جو ڪتاب 'ڪٿي نه وسرن ٿورَ' (جيڪو فيض احمد فيض جي روس جي سارو ٿين تي مشتمل ڪتاب جو ترجمو آهي)، فيبروري 2012ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. سحر امداد هن وقت پنهنجي ور امداد حسيني سان ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهن.

سراج الحق ميمڻ

'سراج' جو پورو نالو سراج الحق ولد محمد يعقوب ميمڻ هو. هن 24 آڪٽوبر 1933ع تي ٽنڊي ڄام، ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. 1957ع ۾ سي. ايس. ايس. جو چٽاڀيٽيءَ جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽئڪس جي کاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيو. جتان 1969ع ۾ جبري رٽائرمينٽ ٿيس.

سراج سنڌي ادب جي هڪ گهڻ پاسائين شخصيت رهيو. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1961ع ۾ 'اي درد هلي آ' جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ٻيو مجموعو 'الڳ ماڻهو' 1985ع ۾ شايع ٿيو. جديد سنڌي ادب ۾ سراج سڀ کان وڌيڪ تخليقي ناول لکيا. سراج جو پهريون جڳ مشهور ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' 1979ع ۾ ڇپيو. هي ناول سنڌ تي ارغونن ۽ ترخانن جي قهري دور جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. سندس ٻيو ناول 'مرڻ مون سين آ' سال 1988ع ۾ ڇپيو. ان کانسواءِ 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا'، 'منهنجي دنيا هيڪل ويڪل'، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ ساٿول' سندس اهم ناول آهن. سراج ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا. هڪ مترجم جي حيثيت سان هن 'چين جي هارين کي زمين ڪيئن ملي'، 'چونڊ آمريڪي افسانا'، 'ڏکڻ مان ٿو سج ابري'، 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ' ڪتاب پڻ ترجمو ڪيا. سراج پنهنجي صحافتي زندگيءَ ۾ روزاني هلال پاڪستان جو ايڊيٽر رهڻ دوران اهم مسئلن تي ايڊيٽوريل لکڻ کانسواءِ 'رتيءَ جي رهاڻ ۽ ملان جي ٻوڙ' ۽ جاڳو اخبار ۾ 'سياسي منظرنامو' جي سري سان سوين مضمون ۽ ڪالم لکيا.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

لسانيات جي حوالي سان سندس اهم تصنيف 'سنڌي ٻولي' 1964ع ۾ ڇپي، جنهن سنڌي ادب ۾ ٻوليءَ جي ارتقا جي حوالي سان نوان بحث ڇيڙيا.

هن زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ انگريزيءَ ۾ ٻه ڪتاب، (1) History of Sindhi Language ۽ (2) پنهنجي آتم ڪهاڻي Biography of an unknown Sindhi لکي مڪمل ڪيا. سنڌ جي هن نامور عالم ۽ اديب، 2 فيبروري 2013ع، رات جو ساڍي ڏهين وڳي، لياقت نيشنل اسپتال، ڪراچيءَ ۾، دل جي عارضي سبب وفات ڪئي.

سرڪش سنڌي

جديد سنڌي ادب ۾ مزاحمتي شاعر جي حيثيت سان سڃاتپ رکندڙ سرڪش سنڌي، پهرين آڪٽوبر 1940ع تي ڳوٺ پليو تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ بزرگ عالم عبدالله چانڊيو جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو عبدالمجيد چانڊيو هو. بعد ۾ سندس خاندان لاڙڪاڻي شهر ۾ رهائش اختيار ڪئي. هن 1954ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي قوم جي احساسن، ڏکن، سورن ۽ حالتن کي اجاگر ڪيو. سندس شاعريءَ ۾ انقلاب ۽ مزاحمت جو عنصر وڌيڪ آهي. سندس تحرير ڪيل ڪتابن ۾ "درد دل"، "امن آب حيات"، "پيار ۽ آزادي"، "سنڌو جاڳي ٿو"، "جرئت جي جهان جوت"، "سچ تا مرد جيون"، "سنڌ جوڳيون ٿڪ" "زندگيءَ جي گونج" ۽ ٻانهن ورڪا شامل آهن. سرڪش سنڌي هڪ علمي گهر سان وابسته هو ۽ بنيادي طور پاڻ ڏهن سالن جي عمر ۾ قرآن شريف جو ترجمو پورو ڪيو هئائين. فارسي، عربي پڙهيل هئس. سندس تعليم ايم اي ۽ بي ايڊ هئي. 1961ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. 1974ع ۾ سيڪنڊري استاد مقرر ٿيو. 26 سال نوڪري پوري ڪري 1987ع ۾ لاڙڪاڻي جي پائلٽ هائر سيڪنڊري اسڪول مان ايڇ ايم طور رٽائرمينٽ ورتائين. 5 مارچ 2012ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڪينسر وگهي وفات ڪيائين. سرڪش روشن خيال ۽ وطن دوست شاعر هو. سندس سنڌ ۽ جي ايم سيد سان بيپناهه انسيت هئي. سندس آخري آرامگاهه لاڙڪاڻي ۾ آهي.

سرويچ سڄاولي

محمد صديق ولد خميسو خان تارڙو "سرويچ سڄاولي" 14 مارچ 1937ع ۾ سڄاول جي ڀرسان ڳوٺ ابراهيم تارڙي ضلع ٺٽي (هاڻوڪو سڄاول ضلع) ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر مولوي احمد ملاح کان متاثر ٿي 1959ع ۾ شاعريءَ جي دنيا ۾ قدم رکيو.

سرويچ سڄاوليءَ جو سنڌي ادبي سنگت، بزم شعراءِ سنڌ ۽ ٻين ادبي تنظيمن سان پڻ تعلق رهيو. سندس شاعريءَ جو هڪ مجموعو "آليون اکيون، اڃا بار" (1972ع) ۾ ڇپيو. جنهن تي کيس "راڻي ڪلم" پاران هڪ هزار روپيا انعام پڻ مليو. انهي ڪتاب ۾ سندس شروعاتي دور 1958ع کان 1972ع تائين جي چونڊ شاعري ڏنل آهي. ڪتاب جو مهاڳ ۾ رسول بخش پليجو لکيو آهي. سندس ٻيو شعري مجموعو "ٻني ڪنڌيون مهراڻ جيون" سندس وفات کانپوءِ شايع ڪيو ويو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سريچ سجاولي جي شعر جي سڀ کان اُتم خوبي هيءَ آهي ته سندس شعر بلڪل نيٺ سنڌي زبان ۾ سرلي ۽ سادي ۽ پهراڻيءَ سان تعلق رکندڙ لفظن ۾ چيل آهي. هن شاعري جي هر صنف جهڙوڪ، نظم، غزل، گيت، لوڪ گيت، وائي، بيت، دوها ۽ قطع تي طبع آزمائي ڪئي. سريچ سجاوليءَ 22 آڪٽوبر 2007 تي وفات ڪئي.

سعيد ميمڻ

سعيد ميمڻ ولد استاد مولوي بشير احمد ميمڻ، 8 نومبر 1968ع تي تعلقي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ عاقل ۾ جنم ورتو. هن سنڌي ادب ۾ خانگي طرح شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس مان 1990ع ۾ ايم اي ڪئي. سعيد ميمڻ 1988ع کان پرائمري استاد طور تدريسي خدمتون ڏنيون.

سعيد ميمڻ جو شمار سنڌ جي جديد شاعرن ۾ ٿئي ٿو. کيس شاعريءَ سان لڳاءُ ننڍپڻ کان ئي هو. مذهب جي موروثي اثر جي ڪري شاعريءَ جي شروعات مولودن لکڻ سان ڪيائين. 1988ع ۾ سندس پهرين وائي عبرت مشگزين ۾ ڇپي. سعيد ميمڻ شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سڀني صنفن تي لکيو آهي ۽ نثر ۾ به ڪهاڻيون، مضمون، خاڪا ۽ مهاڳ لکيا اٿس. تنهن ٿهيءَ ۾ سعيد ميمڻ جو غزل نهايت پختو آهي.

سعيد ميمڻ جا ڇهه شعري مجموعا ڇپيل آهن. جن ۾: (1) نيڻ سفر ۾، (2) ڪاري ۾ ڇند، (3) خواب ڇارا، (4) ذره جون اکيون، (5) اساتجو عشق اليوده ۽ (6) دل دنيورو شامل آهن. مظفر چانڊيي جي مرتب ڪيل ڪتاب 'ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان' ۾ پڻ سعيد ميمڻ جي شاعري شامل آهي، جنهن جو مهاڳ قومي شاعر شيخ اياز لکيو آهي.

سعيد ميمڻ کي ڪيترائي رسالي ڪينجهر شاعر ايوارڊ، سنڌي ادبي سنگت چانڊ شوري، علي فقير ايوارڊ ۽ سنڌي ادبي سنگت محرابپور، استاد محبوب جو ڪيو ايوارڊ ڏنا. ان کانسواءِ کيس استاد بخاري ايوارڊ به مليو. ناليواري شاعر سعيد ميمڻ 17 ڊسمبر 2016ع تي لاڏاڻو ڪيو.

سليم ڳاڙهوي

ناليوارو شاعر، سليم ڳاڙهوي، 15 مارچ 1925ع تي ڳوٺ ڳاڙهي ضلعي خيرپور ميرس ۾ مهر الهڏني جي گهر ۾ جنم ورتو. ڳاڙهي ڳوٺ جي نسبت سان پنهنجو تخلص ڳاڙهوي رکيائين.

سليم ڳاڙهويءَ جو گهرانو فقيرن جو گهرانو سڏبو آهي. سندس والد فقير حاجي الهڏنو بن فقير محمد الياس بن فقير ڪبير، اهي ٽيئي درويش صفت انسان، پڳاڙي رح جي درگاهه جا فقير هئا. انهن ۾ شرافت، سادگي، اعليٰ درجي جي موجود هئي. سليم ڳاڙهوي انهن صفتن جو تسلسل هو. سليم ڳاڙهويءَ جي خاندان، ڪجهه سؤ سال اڳ حبيب ڪوٽ ضلعي شڪارپور مان لڏي اچي ڳاڙهيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

سليم ڳاڙهوي 7/6 سالن جي ڄمار ۾ قرآن پاڪ سان، پنهنجي تعليم جو آغاز

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪيو. بعد ۾ ڳاڙهي اسڪول مان چار درجا پاس ڪيائين. جنهن ڪانپوءِ سنڌي فائنل سٺ درجا پريالوءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. سندس مطالعو بيحد وسيع هو. تاريخي حوالن سان پڻ سندس حافظو تيز هو. 1984ع ۾ اکين جي خرابيءَ سبب پڙهڻ ڇڏي ڏنائين، پر پوءِ به سندس علم و ادب سان اتساهه برقرار رهيو. سليم ڳاڙهويءَ شاعريءَ جي شروعات 1947ع کان ڪئي، ان حوالي سان مشهور سنڌي ادبي رسالي اديب سنڌ سندس رهنمائي ڪئي. اڳتي هلي هن سنڌي زبان جي هڪ برک ۽ مڃيل شاعر جو مقام حاصل ڪيو. سليم ڳاڙهوي شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي ۽ سڀني صنفن سان انصاف ڪيائين. سنڌ جو هي ناميارو شاعر 10 محرم الحرام 1408 هجري مطابق 4 سيپٽمبر 1987ع تي ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

سنگ چارڻ

سنگ چارڻ، سومرا سما دور جي ڀٽي شاعرن منجهان هڪ هو. هيءُ کيڏاڪوٽ جو رهواسي هو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“ ۾ هن جو زمانو 950 کان 1050ع تائين لکيو آهي، پر ڪن محققن سندس زمانو 1200ع کان 1300ع جي وچ وارو ڄاڻايو آهي، جيڪو وڌيڪ موزون آهي. سنگ چارڻ اڪثر شاعري پنهنجي وقت جي سردارن جي ساراهه ۾ ڪئي آهي. سندس شعر چار سٽا چوڻائي، چار ڇڪري اوڀائي لاکي ڦلاڻي ۽ ٻين سخي مردن جي ساراهه ۾ چيل آهي. ڪن محققن کيس لاکي ڦلاڻي جو درباري شاعر به ڪوٺيو آهي. تاريخ نويسن موجب سنگ چارڻ کي همير سومري قيد ۾ بند ڪرڻ بعد قتل ڪرايو هو. ڇاڪاڻ جو پنهنجي شاعريءَ ۾ همير سومري تي سخت تنقيد ڪندو هو. همير سومري خلاف سندس شاعريءَ جو هڪ نمونو هيءُ آهي:

سنڌڙيءَ هنو سرجيو، اُتيون تني اوتاهه،
هميرائي باهه، رسائي وڃن ڪسي.

سُندري اُتمچنداڻي

سُندري اُتمچنداڻي هندستان جي مشهور سنڌي ٻولي جي ليکڪ هئي. اي. جي. اُتم جيڪو پاڻ به ترقي پسند ليکڪ آهي، هيءُ ان جي زال هئي. سُندري ڪهاڻيون، ناول، مضمون، ناٽڪ، جيوني، سفرنامي جي صنفن لکڻ سان گڏ شاعري ڪئي. سندس ڪهاڻين جا هيٺيان مجموعا ڇپيل آهن:

(1). ”اڇا وار ڳاڙها ڳل“ (1965ع)، (2). ”ڪو جنهن جي ذات“ (1970ع)، (3). ”پوري“ (1979ع)، (4). ”ٻنڌڻ“ (1982ع)، (5). ”وڇوڙو“ (1985ع)، (6). ”ايڪانت“ (1989ع)، (7). ”ڪنول ترقي“ (1992ع)، (8). ”موت تي ميڄ“ (1992ع)، (9). ”آتم وشواس“ (1999ع)، (10). ”تخليون“ (2001ع).

سندس ٻه اهم ناول (1). ڪرندڙ ديوارون (1953ع) ۽ (2). پريت پراڻي ريت نرالي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

(1986ع) ڇپيل آهن، جن کيس وڏي مقبوليت ڏني. هن اصلوڪا ناول لکڻ سان گڏ ڪجهه ناول ترجمو به ڪيا. جهڙوڪ: ٽٽل ساز (مئڪسم گورڪي، 1956ع)، پياسي ڌرتي، پياسي ماڻهون (ڪرشن چندر، 1956ع)، هڪ سٺي ۽ سٺ سور (امرتا پريتم) ۽ ملايالم ٻوليءَ جي ليکڪ تڪشي شنڪر جي ناول جو ترجمو: "ساگر جي سنتان" ترجمو ڪيائين.

سندريءَ جي مضمونن جو ڪتاب "ڀارت روس ۽ پاڪستان ٻيلي" (1975ع) ۾ ڇپيو. سندس ناٽڪن "ٻڙيهه ماڻڪن جو واپار" ۽ "سامونڊي" وڏي موچنا ماڻي. سندس ناٽڪن جو ڪتاب "سنڌو" 2000ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ سندس ٽيهه ناٽڪ آهن.

سندريءَ شاعري به ڪئي آهي ۽ منظوم ترجما به ڪيا آهن. 35 روسي شاعرن جي ترجمو ڪيل شاعري "امن سڀني پيو" (1965ع) نالي سان ڇپيو، جنهن تي کيس 1968ع ۾ سوويت لئنڊ نهرو انعام ۽ ڏهه هزار روپيا مليا. سندس طبعزاد شاعريءَ جا ٻه ڪتاب "هڳاءُ" (جولاءِ 1993ع) ۽ "ڳالهه ٻئي لاٽ" (مارچ 2004ع) ڇپيل آهن، جن ۾ سندس آزاد ۽ پابند شاعري شامل آهي. سندري اتمچنداڻي 8 جولاءِ 2013ع ۾ ديهانت ڪري ويئي.

سوڀو گيانچنداڻي

عالمي شهرت جو مالڪ سوڀو گيانچنداڻي، موهن جي دڙي کان پنج ڪلوميٽر اولهه ۾، ٻنڊين کان آباد هڪ ننڍي ڳوٺ بنديءَ تعلقي ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي ۾ 3 مئي 1920ع تي پيدا ٿيو. سندس پورو نالو سوڀراج ڀيٽومل گيانچنداڻي هو.

هو هڪ ئي وقت سياستدان، مضمون نگار ۽ ڪالم نگار هو. سنڌي ته سندس مادري زبان هئي، پر انگريزيءَ تي به کيس مڪمل عبور هو، هندي، اردو ۽ بنگالي زبانون ڄاڻندو هو ۽ فارسي ۽ عربي جو پڻ سمجهه جي حد تائين اڀياسي هو.

سوڀو هڪ پختو ۽ بيباڪ ليکڪ هو. هن وٽ ادب، زندگيءَ جو ترجمان هو. سن 1944ع ۾ جيل کان ٻاهر اچڻ کانپوءِ هڪدم انهن سان گڏجي 'ڪليئرڊ' لکيو هيو. هن 'فرينچ ريووليوشن' ۽ 'ڪميونسٽ مينيفيسٽو' جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا هئا. 1957-1958ع ۾ جي. ايم. سيد جي اخبار 'نئين سنڌ' جو ايڊيٽر رهيو. 1990ع کان عوامي آواز رشيوءَ ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيائين. ڪيترا سوانحي خاڪا لکيائين. ماهوار 'سرجهري' ۾ 'آتم ڪٿا' قسطوار ڇپائيندو رهيو. هڪ ڊرامو 'نيولين جو موت' به لکيائين ۽ ڪجهه شاعري به ڪيائين. سندس ڇپيل ڪتابن جو ويورو هن ريت آهي:

(1) ڪلهن پيار ايندو (ڪهاڻيون، 1993ع)، (2) تاريخ جا وسارل ورق (ڪالم، 1992ع)، (3) تاريخ ڳالهائي ٿي (ڪالم، مضمون، 1994ع)، (4) وڏي وٽ هئام (ڪالم، خاڪا، 1997ع)، (5) سوڀي جون تحريرون (2010ع)، (6) روشنيءَ جي پنڌ ۾ (آتم ڪٿا، 2013ع). سندس اردو ۾ لکيل ڪتابن جا نالا (1) تاريخ بولتي هي (2) سنڌ ڪي انقلابي رهنما (3) انقلاب ڪي مورت آهن.

برصغير جو هي ترقي پسند دانشور سوڀو گيانچنداڻي 8 ڊسمبر 2014ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سيد حيدر سنائي

سيد حيدر شاهه سنائي سمن جي حڪمراني واري دؤر جو اهم شاعر ۽ اديب هو. سيد حيدر کي سنائي انڪري سڏيو ويندو آهي، جو هو سن جو رهاڪو هو. مخدوم بلاول ۽ مولانا عمر وٽ پڙهيو. سن 973 هه بمطابق 1530ع ۾ فوت ٿيو. هي بزرگ مخدوم بلاول جي اهم خليفن ۾ شمار ٿئي ٿو. سيد ميران محمد جونپوري، سان "دريائي جنگ" ڪري سن وٽ سندس پيڙهون پوڙايائين ۽ ڪيس ڪابل ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيائين. مشهور قومي اڳواڻ جي. ايم. سيد سندس اولاد مان ۽ چوڏهون سجاده نشين هو.

سيد طاهر محمد نسيائي ٺٽوي

مير طاهر محمد نسياني ولد سيد محمد حسن ٺٽي جو رهواسي هو. مغلن جي دؤر جو مشهور تاريخدان ۽ ليکڪ هو. سندس جنم جي تاريخ نه معلوم ٿي سگهي آهي. سندس وفات جي تاريخ عقلي طور معلوم ٿئي ٿي. سنڌ جي تاريخ تي سندس لکيل ڪتاب "تاريخ طاهري" (1030هه) مشهور آهي. ڪتاب ۾ ارغونن ۽ ترخانن تي سٺو مواد ڏنل آهي. هن جي مزار مڪلي ۾ درگاهه عبدالله شاهه جي پٺيان هڪ رانڪ ۾ موجود آهي. سيد طاهر 1051هه (1641ع) ۾ فوت ٿيو. سندس اصل فارسي ڪتاب 1964ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪري شايع ڪيو، جڏهن ته ان جو سنڌي ترجمو نامور اديب نياز همايوني، 1988ع ۾ شايع ڪرايو. ڪتاب جا ٻئي ڇاپا سنڌي ادبي بورڊ ڇپيا آهن.

سيد عبدالقادر ٺٽوي

هي عالم ۽ اديب خسرو چرڪس جي دربار سان لاڳاپيل هو. مير علي شير قانع لکي ٿو ته سيد عبدالقادر پنهنجي وقت جو ناميارو انسان هو. سنڌ جي بزرگن جي بيان ۾ "حديقة الاولياء" سندس نشاني آهي، جو 1016هه ۾ لکجي مڪمل ٿيو. سنڌ جي اولياءَ بابت لکيل هي ڪتاب خسرو چرڪس جي نالي منسوب ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي (ملتان سميت) ڇاليهن ڪان وڌيڪ بزرگن جو بيان آهي. اصل فارسي ڪتاب پير حسام الدين راشدي، ايڊٽ ڪيو هو، جيڪو 1967ع ۾ ڇپيو. ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، 2007ع ۾ ڇپرايو. ٻئي ايڊيشن سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرا ڪيا آهن.

سيد مير ڪلان

سيد مير ڪلان جي وڏن جو تعلق ڪربلا سان هو. هي پوءِ قنڌار لڏي آيا. ارغونن سنڌ فتح ڪئي ته هي، سيوهڻ ۾ اچي رهيو. اڪثر وقت قلندر شهباز جي مزار تي گذاريندو هو. پٺيان گهڻو اولاد ڇڏيائين. بکر سکر جي مير سيد صفائي، سيد مير ڪلان جي ڀائٽي، سان شادي ڪئي، جنهن مان هن کي ٻئي اولاد سان گڏ مير معصوم بکري پيدا ٿيو. جنهن

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌ جي تاريخ تي 'تاريخ معصومي' نالي اهم ڪتاب لکيو. پير حسام الدين جي راءِ آهي ته هن سيد، مرزا عيسيٰ جي دور ۾ وفات ڪئي هوندي.

سيد مير محمد پوراني

ارغونن گهل ڪاٽيو ۽ جيڪي خاندان ايران ۽ وچ ايشيا مان لڏي سنڌ پهتا ۽ سٺا عهدا حاصل ڪيائون، تن ۾ پوراني خاندان وڏي اهميت رکي ٿو. سيد مير محمد بن ميرڪ بايزيد به سنڌ طرف لڏپلاڻ ڪئي. شاهه حسن ارغون، والد جي وفات کانپوءِ ايا تصريون هو ته مير محمد پوراني به اتي پهتو. بعد ۾ مير محمد شاهي حفاظت ۾ لڳي پهتو. هن جو اهم ڪم 'نصرت نامه ترخان' ڪتاب لکڻ آهي. هي ڪتاب 968هه ڌاري لکيو ويو. جنهن ۾ ارغونن ۽ ترخانن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏنل آهي. حسام الدين راشديءَ لکيو آهي ته، مصنف پورا پنجاهه سال ارغونن سان گڏ رهيو. ان کان سواءِ سمن حاڪمن جي بابت ۾ به قيمتي معلومات ڏني آهي. هي ڪتاب گم ٿي ويو هو. جنهن جي هڪ قلمي ڪاپي علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ موجود هئي. جنهن تان ڊاڪٽر ايني ميري شمل فوٽو ڪاپي حاصل ڪري راشدي صاحب کي ڏني. هي اهم ڪتاب ڊاڪٽر انصار زاهد خان ايڊٽ ڪيو ۽ ڊاڪٽر رياض الاسلام 2000ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان شايع ڪيو. ڪتاب فارسي زبان ۾ آهي، جڏهن ته ان جو مفصل مقدمو ۽ حاشيا انگريزي زبان ۾ لکيا ويا آهن. مير علي شير قانع هن خاندان جي درست معلومات ڏني آهي. هو لکي ٿو ته هڪ اعليٰ درجي جي خوبين سان موصوف ۽ انساني فضيلتن سان مخصوص ميرڪ هو. سال 970هه ۾ گذاري ويو. ڪتاب 'نصرت نامه ترخان' جو لکڻ، ليڪ ۽ ڇپجڻ، سنڌ جي علمي تاريخ جي وڏي حاصلات آهي. هڪ راءِ موجب سيد مير محمد 972هه ۾ فوت ٿيو ۽ مڪليءَ تي پورائين جي قبرستان ۾ آرامي آهي.

شاهه جهانگير هاشمي

شاهه جهانگير هاشمي سمن جي دؤر جو شاعر هو. شاهه حسن جي دور ۾ خراسان کان اچي ٻکر شهر ۾ رهيو. بهترين فارسي گو شاعر هو. مثنوي مظهر الآثار لکيائين ۽ فارسي زبان ۾ هڪ ديوان به چڱيائين. سن 946هه/ 1539ع ۾ ڪيچ مڪران جي رستي کان، حج جي ارادي سان نڪتو، پر رستي ۾ مارجي ويو. سندس مثنوي 'مظهر الآثار' پير حسام الدين راشديءَ جي سعيي سان، سنڌي ادبي بورڊ 1957ع ۾ ڇپي آهي.

شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو

سنڌي ادب جو وهائو تارو ناميارو، بزرگ ۽ عالم، مشهور شاعر شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو 1533ع ۾ سيد لال محمد شاهه جي گهر ۾ ڄائو. سندن وڏن جو مسڪن مٽياري هو. پوءِ اتان لڏي بلڙي کي آباد ڪيائون. پاڻ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پڙ ڏاڏو ۽ مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. پاڻ مشهور اهل الله مخدوم نوح سرورؒ جي صحبت ۾ ڪجهه عرصو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

گذاريائون. ڪن تذڪره نويسن اهو پڻ لکيو آهي ته شاهه ڪريم روحاني فيض سيد ابراهيم شاهه بهاري کان ورتو. جيڪو سنڌ ۾ آيو هو. سندس زندگيءَ ۾ خدا جي خلق جي خدمت ڪرڻ جو جذبو مليو ٿو. جواني کان پيري تائين پاڻ ڪيترائي سير سفر ڪيا اٿن. جن ۾ لاڙ، وچولو ۽ سري کان سواءِ دهلي، دکن ۽ گجرات جهڙا شهر شامل آهن.

شاهه صاحب هڪ پرهيزگار ۽ متقي بزرگ هو. پاڻ تصوف جي ايثار ۽ سمجهاڻي لاءِ ڪو اڏو وسيلو نه ڳوليائون. جيڪو عام ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر هجي. هن پنهنجي گفتگو ۾ مريدن کي ڪن نقطا وقت بوقت ڏنا ۽ ڪي بيت پڻ چيا آهن. جيڪي ڪتاب "بيان العارفين و تنبيهه الغافلين" ۾ نقل آهن. جيڪو سندس مريد ميان محمد رضا مير دريائي ٺٽويءَ شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي وفات کان ڇهه سال پوءِ تصنيف ڪيو. سندس فڪر جو سرچشمو قرآن کان ولي مولانا رومي تائين مليو ٿو. پاڻ 88 سالن جي عمر ۾ 1623ع ۾ وفات ڪيائون. ڊاڪٽر دائودپوٽي "بيان العارفين" ذريعي شاهه ڪريم جا 94 بيت ترتيب ڪيا. ڊاڪٽر نجم الاسلام اهي بيت اردو زبان ۾ ترجمو ڪيا ۽ دهليءَ جي ڊاڪٽر موتي لال جوتوانيءَ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرايا آهن. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي شاعري اوائلي سنڌي شاعريءَ ۾ اهم مقام رکي ٿي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ وٽ سندس ڪلام هميشه ساڻ هوندو هو. سندس مقبرو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو ڏاڏو هو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهو سدا حيات شاعر آهي، جيڪو سموري دنيا ۾ ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. شاهه صاحب نه صرف سنڌ، پاڪستان بلڪ دنيا جو تمام وڏو عالم، شاعر، مدبر ۽ مفڪر هو. سندس ڪلام، فڪر ۽ فن، زبان ۽ ادب جي ڪيترن ئي حوالن سان مالا مال آهي. سندس عظمت ۽ شهرت جو وڏي ۾ وڏو سبب سندس انساني ۽ ڪلاسيڪي شاعري آهي. پاڻ 1689ع ۾ ڄاوا. سندس والد جو نالو حبيب شاهه هو. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو سندس ڏاڏو هو. شاهه صاحب جي ڄم هنڌ جي حوالي سان مختلف رايا آهن، ڪن عالمن سندس ڄم هنڌ سئي قنڊر ته ڪن ڀيٽ ڀور تي ورڙي ڪن عالمن سندس ڄم هنڌ هالا حويلي ڄاڻايو آهي.

شاهه صاحب کي شروع کان ئي سير ۽ سفر جو شوق هو. انهيءَ ڪري پاڻ نه صرف سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهميو پر سنڌ کان ٻاهر پڻ ويو. سير سفر دوران گهڻو مشاهدو ڪيائين. جنهن جو مظهر سندس شاعريءَ جو ڪلام "شاهه جو رسالو" آهي.

شاهه صاحب جي شعر ۾ اهي سموريون خوبيون موجود آهن، جيڪي دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر ۾ هئڻ گهرجن. شاهه صاحب جي عظمت جو اعتراف نه صرف ڪيترن اديبن ڪيو آهي پر غير ملڪي اديب، مفڪر ۽ نقاد به سندس فڪر جي گهرائي کي تسليم ڪن ٿا. سنڌي زبان جي لفظن جي استعمال جي لحاظ کان شاهه صاحب سند جي حيثيت رکي ٿو. سندس شاعري سنڌي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جي ترجمان آهي.

شاهه صاحب بيت جي صنف ۾ نه صرف پختگي آندي، پر ان جي نئين سر تعمير پڻ ڪئي، جنهن کي بار بار پڙهڻ سان خيالات جي بلنديءَ جا نوان نوان نقطا نظر ايندا، جو ته

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سندس ڪرڻت نه صرف روحاني فيض تائين مشتمل آهي، پر ساڳي وقت پاڻ انساني فطرت جو به انتهائي چاتو نظر اچي ٿو. سندس شاعري ۾ گوناگونيت آهي، جيڪا اڄ تائين ڪنهن به شاعر ۾ اهڙي طرح نظر نٿي اچي.

شاهه عبداللطيف، ماحول ۽ معاشري سان لاڳاپيل هر موضوع کي پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي. سنڌي ماڻهن جي مزاج، مذهب، تهذيب ۽ ڪرت ڪاروبار وغيره جي عڪاسي ڪئي آهي. سندس زندگي، اسلام جي اعليٰ اصولن ۽ قدرن جو نمونو رهي آهي. هن سان سفر ۽ حضر ۾ ٽي رهڻ دوران ڪتابن ۾ قرآن شريف، مثنوي مولانا رومي ۽ بيان العارفين (شاهه ڪريم جي ملفوظات ۽ شاعريءَ جو ڪتاب) شامل هئا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ڪلام متعلق سنڌ جي وڏي عالم ۽ شاعر مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ چيو آهي ته:

> آهي عبداللطيف ڀٽي، رهنما سنڌو رهنما،
> جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪئو!

شاهه صاحب جو ڪلام نه رڳو سنڌ، پر سڄي انسانيت جي قيمتي موڙي آهي. سنڌ واسين ۽ سنڌ ڌرتيءَ کي ڀٽائيءَ تي ناز ۽ فخر آهي. شاهه صاحب 63 سالن جي عمر ۾ 1752ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار ڀٽ شاهه، ضلعي مٽياري ۾ آهي. جتي هر سال 14 صفر تي ميلو لڳندو آهي.

شاهه عنايت رضوي

شاهه عنايت رضوي، ڪلهوڙن جي اوائلي دور جو بلند پايي جو شاعر ۽ درويش ٿي گذريو آهي. هو نصرپور ۾ رهندڙ رضوي سادات جي هڪ بزرگ ۽ ٻيڻل تبيلي جو فرد هو، ۽ هڪ وڏي اهل عيال وارو هو. ڪافي وڏي عمر ياتائين ۽ پنهنجي اولاد تروڙي معتقدن ۽ مريدن جي تربيت ڪيائين. شاهه عنايت رضويءَ جي درويشي ۽ شاعريءَ جون روايتون خاندان ۽ مريدن تائين محدود رهيون هيون، البت عوام ۾ ”شاهه عنايت ۽ شاهه ڀٽائيءَ“ جي چيل هر خيال بيتن جون مثالون مشهور هيون، ان ڪري سنڌ، شاهه عنايت جي نالي کان واقف هئي، پر سنڌيءَ جي هن عظيم الشان اڳاڻي شاعر جو اڄ سوڌو جو ڳو قدر نه ڪيو ويو آهي. سنڌ جو نامور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڀرپور عالم هو، جنهن سڀ کان اڳ هن جي ڪلام کي وڏيءَ محنت سان سهيڙي، آڪٽوبر 1963ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد پاران ”ميين شاهه عنايت جو ڪلام“ عنوان سان ڇپائي پڌرو ڪيو.

شاهه عنايت جي پنهنجي والد جي مسلڪ جي پيرويءَ ۾ قادري طريقي جي مرشد شاهه خيرالدين سان خاص عقيدت ۽ وڏن جي سهروردي طريقي موجب غوث بهاءُ الدين زڪريا ۽ شيخ رڪن الدين سان محبت هئي، ان ڪري سندن روضن جون زيارتون ڪيائين، سندن عقيدت ۾ بيت چيائين.

شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي عقيدت ۾ پڻ شاهه عنايت جا بيت ملن ٿا. شاهه خيرالدين جي درگاهه تي ميين شاهه عنايت جوانيءَ کان پيريءَ تائين ويندو رهندو هو. پر ان

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سان سنڌس ارادت هئي جي آزاد طبع جي ساک پيدا ٿي، ان کان سواءِ قلندر شهباز، مشائخ هرالي، سيد علي شيرازي، شاهه اويس قرني، حيدر شاهه سنائي ۽ ٻين بزرگن سان پڻ شاهه عنايت جي عقيدتمندي هئي. شاهه عنايت، ڪلهوڙن حڪمرانن جو معترف هو. مياں نصير محمد ڪلهوڙي ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي بابت به سنڌس بيت چيل آهن.

مير شاهه عنايت جي وفات، ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دور ۾، 1130هه مطابق 1718ع ۾ ٿي. کيس پنهنجي والد جي پرسان، شيخ موسيٰ جي قبرستان (التندي الهيار کان پنج ميل اتر طرف موجود ڳوٺ پيرل شاهه لڳ) ۾ دفنايو ويو.

شاهه عنايت شهيد

شاهه عنايت الله صوفي ولد مخدوم فضل الله، ڪامل درويش ۽ وطن پرست انسان هو. سنڌس وڏا پڻ درويش صفت انسان هئا. جيڪي اصل ۾ تصرف تعلقي ميرپور بٺوري جا رهاڪو هئا. شاهه عنايت پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏا سير سفر ڪيا. سندن ڳوٺ اصل متعلوي سيدن جو هو، جن مان پيڙهوءَ سيد عبدالڪريم شاهه بلڙي وارو. مخدوم فضل الله جي وڏڙي مخدوم صبو جو مريد هو. صوفي شاهه عنايت شهيد 1656ع يعني 1066 هجريءَ ۾ جنم ورتو. شاهه عنايت هندستان ۾ وڃي برهانپور شهر ۾ عبدالمالڪ جي صحبت حاصل ڪئي ۽ پنج ورهيه انهن جي نظرداريءَ ۽ تربيت هيٺ رهيو. ظاهري علم جي حاصلات شاهه جهان آباد جي شاهه غلام محمد وٽ ڪيائين ۽ انهن جو مريد ٿيو. شاهه عبدالمالڪ کان اجازت وٺي ٺٽي ۾ آيو. ٺٽي مان ميرانپور جي ڳوٺ ۾ آيو، جتي هن کي جهوڪ چيو ويندو آهي. اتي خانقاهه بڻائي ويٺو.

شاهه عنايت عالم، فاضل ۽ شاعر هو. سنڌس فارسي ۽ سنڌي شعر موجود آهن. شاهه عنايت کي سنڌ جي صوفي بزرگن جو سرتاج پڻ چيو ويندو آهي. سائين جي ايم سيد کيس سورهيه قرار ڏنو آهي.

شاهه عنايت صوفي هڪ منظم سياسي ايڪو واري تحريڪ هلائي جنهن کي "جيڪو کيڙي سو کائي" واري نعري تحت ياد ڪيو ويندو آهي. سنڌس نعرو ان وقت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ٿي ويو، هزارين سنڌي ڏاڍي اچي جهوڪ ۾ سنڌس پناهه ۾ ويهڻ لڳا. ظاهر آهي ته اهڙي حالت جڏهن حاڪمن کي پتي هوندي ته انهن اندروني طور ڪيتريون ئي رڪاوٽون ڪرڻ لڳيون، وقت جي حاڪمن شاهه عنايت ۽ سنڌس مريدن جو گهيرو تنگ ڪيو.

تاريخ جي ورقن مان چاڻ پوي ٿي ته جڏهن دشمنن لاءِ پيو ڪو چارو نه رهيو ته ڳالهين ۾ شاهه بهائي کيس ڪهرائي شهيد ڪيو ويو. سنڌس شهادت جو سال سن 1718ع آهي.

شاهه لطف الله قادري

سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي حوالي سان، شاهه لطف الله قادري، قاضي قادن ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جو وڏو نالو آهي.

سنڌ جو نامور محقق ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه لطف الله قادري بابت لکي ٿو ته، "شاهه لطف الله قادريءَ جي سوانح حيات حاصل نه ٿي سگهي آهي، مگر خوشبختيءَ سان سنڌس ٻه ڪتاب 'سنڌي رسالو' ۽ 'منهاج المعرفت' موجود آهن، جن مان ظاهر آهي ته هو هڪ اهل دل عالم ۽ صوفي، پنهنجي وقت جو وڏو شاعر ۽ سنڌي زبان جو قادر هو."

ڊاڪٽر صاحب جي اندازي موجب شاهه لطف الله قادري 1020هه/ 1611ع ڌاري پيدا ٿيو. سنڌس تصنيف 'سنڌي رسالي' جي آخر ۾، ڪاتب ڪيس 'شيخ المشائخ شاهه لطف الله قادري عليه ساڪن اڳهم' ڪري لکيو آهي. اهو شاهه لطف الله جي سوانح جي سلسلي ۾ نهايت قيمتي اهڃاڻ آهي. 'اڳهم' مان مراد يقيني طور 'اڳهم' آهي، جيڪو سنڌ جو تاريخي ۽ قديم شهر 'اڳهم ڪوٽ' يا 'اڳهاماڻو' آهي، جنهن جا آثار حيدرآباد کان 20 يا 25 ميل ڏکڻ اوڀر طرف تعلقي ماتليءَ ۾ واقع آهن. شاهه لطف الله قادريءَ جي تعليم ۽ تربيت اڳهم ڪوٽ جي مدرسن ۾ ٿي ٿي.

سلوڪ ۽ راهه طريقت جي اشارن ۽ اهڃاڻن، منزلن ۽ مشاهدن جي وضاحت ۽ سمجهاڻي خاطر شاهه لطف الله قادريءَ جيڪي ڪتاب تصنيف ڪيا، تن مان صرف ٻه منهاج المعرفت ۽ سنڌي رسالو موجود آهن. جڏهن ته تحفة السالڪين محفوظ نه رهي سگهيو آهي.

شبنم گل

شبنم گل، 5 جولاءِ 1963ع تي ناناڻي ۾ ڊاڪٽر بشير احمد لاشاريءَ جي گهر جنم ورتو. سنڌس اصل ڳالهه رکيو "سلطانه" آهي. شبنم گل ابتدائي تعليم سيوهڻ مان ورتي. ان کانپوءِ جوهي، دادو، حيدرآباد ۽ ٺٽي جي تعليمي ادارن مان وقيڪ تعليم ورتائين. شبنم گل 1988ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزيءَ ۾ ايم. اي ڪئي. هن پوليٽيڪل سائنس جي مضمون ۾ ايم. اي سان گڏ ايل. ايل. بي پڻ ڪئي آهي. 1990ع کان هوءَ انگريزي مضمون جي ايسوسيئيٽ پروفيسر طور تعليم کاتي ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳي. هن وقت سنڌي ٻولي اختياري ۾ سيڪريٽري جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي.

شبنم گل شاگرديءَ واري زماني کان لکي رهي آهي. گريجوئيشن ڪرڻ دوران هن ڪراچيءَ جي اردو اخبار 'امن' لاءِ عورتن جا 100 کان مٿي انٽرويو ڪيا ۽ ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ ڪالم لکيا. 1986ع ۾ هن، ريڊيو تي هڪ ڪمپيئر جي حيثيت ۾ متعارف ٿي. ان دوران ئي هن يونيورسٽيءَ ۽ شهر ۾ ٿيندڙ ڪيترن ئي ادبي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ پڻ ڪئي. ريڊيو تي ڪمپيئرنگ کان علاوه ڊراما ۽ لکيائين. شبنم گل ادب جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن سنڌيءَ سان گڏ اردو ۽ انگريزيءَ ۾ پڻ لکيو آهي. شبنم گل 1989ع کان سنڌي ڪهاڻيءَ جي کيتر ۾ متعارف ٿي. هن جون ڪهاڻيون مشهور سنڌي رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. سنڌس ڪهاڻين جو مجموعو 'اڻڄاتل شهر جو نقشو' 1995ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان سان گڏوگڏ 1991ع ڌاري شبنم گل شاعريءَ جو آغاز پڻ ڪيو. هن غزل، وائي، بيت، نظم ۽ هائيڪا لکيا آهن. انگريزيءَ ۾ پڻ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

شبنم جي طويل نظم 'خود ڪلامي' کي سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اهم مقام حاصل آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو 'آخري لفظ' 1993ع ۾ شايع ٿيو. شبنم شاهه لطيف ۽ مغربي شاعرن جو تقابلي جائزو پڻ ڪيو آهي، جن ۾ وليم ورڊز ورٿ، وليم بليڪ، وليم شيڪسپيئر، جان ڪيٽس ۽ جان ڊن شامل آهن. صوفي شاعرن تي سندس تحقيقي مضمون پڻ شايع ٿيندا رهن ٿا. 1988ع ۾ سندس ڀاڳ گوپيچند تي لکيل ڪتاب 'سنهنجو سورج مکي' شايع ٿيو. پاڻ ۽ ماءُ جي مقدس رشتي جي حوالي سان لکيل هن ڪتاب کي سٺي موٽ ملي. 2015ع ۾ شبنم جو ٿکي ڏاڍ جي پسمنظر ۾ لکيل ناول 'مکي ڪان موڪلاڻي' شايع ٿيو آهي، جنهن کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، 2015ع جي بهترين ناول جو ايوارڊ پڻ ڏنو آهي. 2019ع ۾ سندس ڪتاب 'خود شناسي جو جوهر' شايع ٿيو، جنهن کي سنڌيڪا پاران شايع ڪيو ويو آهي. شبنم گل جي شادي 1995ع ۾ سنڌ جي مشهور ادبي گهراڻي جي ناميارئي محقق اشتياق انصاريءَ سان ٿي، جيڪو سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار انيس انصاريءَ جو فرزند آهي. هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

شريڪانت "صدف"

شريڪانت صدف 23 جولاءِ 1959ع تي ممبئيءَ (هندستان) ۾ جنم ورتو. سندس والد موتي پرڪاش ۽ امڙ ڪلا پرڪاش، سنڌي ٻوليءَ جا ناميارا ليکڪ ۽ شاعر آهن. شريڪانت موتي شروعاتي تعليم ممبئيءَ مان ئي حاصل ڪئي. ان کانپوءِ سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪيائين. ڪجهه عرصو سرڪاري نوڪري ۽ ڪيائين، جيڪا بعد ۾ ڇڏي ڏنائين. شريڪانت پنهنجي والد موتي پرڪاش جي شاعريءَ کان متاثر ٿي شاعري ڪئي. سندس رهنمائي ۾ ڪ ليکڪ ۽ نقاد ٿي، جي اثر ڪئي.

شريڪانت صدف، 22 سالن جي عمر ۾ 1982ع کان غزل لکڻ شروع ڪيا. صدف جي شاعريءَ تي گوپ ڪمل ۽ واسديو موهيءَ جو چڱو اثر آهي، جن ٻنهي کان هن گهڻو ڪجهه پرايو. هن جي شعري اوسر ۾ اردو شاعر قمر تقويءَ جو به وڏو هٿ رهيو آهي. شريڪانت صدف جو پهريون شعري مجموعو 'نفرت جا گل' 1990ع ۾ ڇپيو. 'تانگهن جا پر' 1993ع ۾، 'ذهن جا قبيلا' 1996ع ۾، 'وچ وارن کي لٺ پناهه' 2002ع ۾ شايع ٿيا.

شريڪانت صدف، شاعريءَ کان علاوه چڱي تعداد ۾ تنقيدي مضمون ۽ ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن. سندس ڇهن ڪتابن کي هڪ ڪتاب ۾ سموئي 'زندگي هڪ وار ذري شروع ڪرڻي پوندي' نالي سان 2005ع ۾ سوجهرو اشاعت گهر، دهلي پاران شايع ڪيو. شريڪانت صدف ممبئيءَ ۾ رهي ٿو.

شمس الدين بلبل

انگريزن جي حڪمراني واري دور جو اهم شاعر شمس الدين 'بلبل' 1857ع ۾ ميهڙ، ضلعي دادوءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو بهادر خان ڦيٽو اڙو هو. سندس وڏا اصل ۾ ڪلاتي، بلوچستان جا هئا. جتان لڏي اچي فريد آباد ۾ رهيا هئا. مشرقي تعليم عربي،

http://soorihsindhiadab.website.2.me

فارسي ۽ سنڌي پڙهائي، انجنيئري ڪاليج ۾ دارو غو مقرر ٿيو. سنڌ مدرسة الاسلام جي باني خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي چوڻ تي محمدن ائسوسيئيشن جي تبليغي رسالي ”معاون“ جو ايڊيٽر مقرر ٿيو ۽ اُن کي ڪاميابيءَ سان هلايائين. ان کان سواءِ ڪيترين هفتيوار اخبارن جو ايڊيٽر پڻ رهيو. طنزيه اصلاحي شاعري ۽ قصيده گوئيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس مشهور تصنيفون ’ديوان بلبل‘، ’حريما تيجرل‘، ’رحيما ما ملتيما‘، ’قلندر جو ميلو‘، ’پيٽ سوال پٽ جواب‘، ’مثنويات بلبل‘، ’مزاحيات بلبل‘، ’جامِ جم‘ وغيره آهن. بلبل صاحب پنهنجو عملي زندگي گذاري، هو صاحبِ طرز اهل قلم، جدت طراز شاعر، صحافي ۽ باڪمال طنز گو شاعر. 13 سيپٽمبر 1919ع تي وفات ڪئي.

شمشير الحيدري

شمشير الحيدري 15 سيپٽمبر 1932ع تي ڳوٺ ڪيٽي، بدين ضلعي ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي پڙهائي بدين ۾ ئي پرائي. تنهن کان پوءِ انگريزي پڙهائي ورنيڪيولر اسڪول بدين ۾ ورتائين. شمشير الحيدري 1963ع ۾ ايم اي سنڌي ۽ اديب عالم سنڌي جي امتحان پاس ڪيا. ايم اي ۾ ”آزاد نظم جي اوسر“ تي مقالو لکيائين.

شمشير الحيدري جو پهريون شعري مجموعو ”لاٽ“ 1962ع ۾ ڇپيو، جيڪو طارق اشرف ڇپرايو. تنهن کانسواءِ سندس ڪجهه ٻيا به ڪتاب ڇپيل آهن. شمشير الحيدري ڪيترائي ريڊيو ۽ ٽي وي ناٽڪ ۽ ڊراما پڻ لکيا آهن ۽ ٽي وي لاءِ پهريون ڊرامو ٽن قسطن ۾ شمشير الحيدريءَ جو لکيل هو، جيڪو مرزا قليچ بيگ جي ناول ”زينت“ جو ناٽڪي روپ هو. شمشير الحيدري هڪ ئي وقت شاعر به هو ته صحافي به هو، ڪهاڻيڪار به هو ته ڊراما نگار به هو. هن ترجما به ڪيا ته افسانا ۽ تاريخ تي به ڪم ڪيو.

سندس ڇپيل ڪتابن ۾: (1) ”انسان ڪامل“ شخصيات (1953ع) (2) ”ڪاروان ڪربلا“ (تاريخ 1954ع) (3) ”پورس جا هاٿي“ (ڪهاڻيون 1958ع) (4) ”تنهنجون ڳالهيون سڄڻ“ (ترتيب 1961ع) (5) ”لاٽ“ (شعر 1962ع) (6) ”تاريخ سنڌ ڪلهوڙا“ (ترجمو، 1963ع) (7) ”آمريڪا جو سياسي سرشتو“ (ترجمو 1964ع) (8) ”سرڪڻي“ ترتيب (متفرق 1964ع) (9) ”بهترين سنڌي ادب“ (افسانا 1969ع) (10) ”سنڌي ۾ آزاد نظم جي اوسر“ (1987ع) (11) ”ڪلڪ محل“ (ناٽڪ 1988ع) (12) ”تاريخ جو ڪيرو“ (شاعري) (13) سنڌي گيت جي اوسر به ڇپيا شامل آهن. سنڌ جو هي ناميارو شاعر 18 آگسٽ 2012ع تي ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. کيس ڪراچيءَ جي چوکنڊي قبرستان ۾ پنهنجي دوست تاجل بيوس جي ڀرسان دفن ڪيو ويو.

شوڪت شورو

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارو ڪهاڻيڪار شوڪت حسين شوري جو جنم 4 جولاءِ 1947ع تي ٺٽي ضلعي جي تعلقي سجاول جي ڳوٺ حاجي نور محمد شوري ۾ ٿيو. سندس پيءُ عبدالڪريم شورو زميندار هئڻ سان گڏ ناليوارو وڪيل هو، جيڪو پوءِ جج به ٿي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

رهيو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان چار درجا سنڌيءَ جا پڙهي پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ سجاول جي چانڊيا هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي، جتان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. 1966ع ڌاري سچل آرٽس ڪاليج، حيدرآباد مان بي. اي (پاس) ۽ 1968ع ۾ سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽي مان ماسٽرز جي ڊگري حاصل ڪئي.

هن لکڻ جي شروعات شاگردي واري دور 1964ع ۾ ڪئي. سندس پهرين ڪهاڻي 'اکيون روئي پيون' جي عنوان سان 1964ع ۾ ماهوار روح رهاڻ رسالي ۾ شايع ٿي. سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا (1) 'ڪرنگهي ڌرتي پوڙهو آڪاس' (1981ع)، (2) 'اکين ۾ تشڪيل سپنا' (1983ع)، (3) 'گهر ٿيل پاڇو' (1989ع) ۽ (4) 'رات جو رنگ' (2011ع) ڇپجي چڪا آهن. هو پهرين سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي 'گل ڦل' جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. بعد ۾ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تي بطور اسڪرپٽ پروڊيوسر پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو رهيو. ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اداري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر ٿيو، جتي 2006ع تائين خدمت ڪيائين.

شوڪت حسين 1984ع کان 2013ع تائين سنڌي اديبن جي وفدن سان گڏ هندستان جا دورا ڪيا آهن ۽ هتان لڏي ويل هندو سنڌي اديبن سان سندس ادبي ناتا اٿس. سندس ڪيترائي ڊراما مختلف سنڌي چينلن تان نشر ٿي چڪا آهن. کيس خدمتن جي مڃتا طور بهترين ڪهاڻيڪار سارنگا پبليڪيشن 2001ع سميت ڪيترائي ايوارڊ ۽ اعزاز قابل ذڪر آهن. هو وقت سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر پڻ آهي.

شيخ اياز

مهاڪوي شيخ اياز جو سچو نالو شيخ مبارڪ علي آهي. هن 2 مارچ 1923ع تي شڪارپور ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو غلام حسين هو. شيخ صاحب شروعاتي تعليم شڪارپور ۾ ورتي. ميٽرڪ شڪارپور هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. پوءِ ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ مان 1945ع ۾ بي اي فلاسافيءَ ۾ ڪيائين. ايل ايل بي جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي خيال کان ايل ايل بي ۾ داخلا ورتائين. 48-1947ع ۾ اها ڊگري حاصل ڪري 1950ع ۾ عبدالحئي قريشي ۽ پوءِ خالد اسحاق ۽ عبدالقادر شيخ سان ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. شيخ اياز سنڌ جو باڪمال ۽ بي مثال شاعر آهي.

شيخ اياز جو پهريون شعر 1938ع ۾ "سندرشن" مخزن ۾ ڇپيو. پوءِ اهو شاعري جو سلسلو هلندو رهيو. ان زماني ۾ اياز شاعريءَ کان سواءِ ڪهاڻيون پڻ لکندو هو. ڪهاڻيون "سفيد وحشي" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيون.

شيخ اياز جي انقلابي شعر جو پهريون مجموعو 1962ع ۾ "پاڪستان رائيٽرس گلڊ" پاران "بوڇڙ پوي آڪاس" جي نالي سان ڇپيو. سندس ڇپيل نثر ۽ نظم ۾ ڪتابن جو تعداد هيٺينءَ ريت آهي: اردو شعر ۾ (1) پوءِ گل ناله دل (2) نيل ڪنٺ اور نيم ڪي پتي، (3) شاهه جو رسالو (منظوم ترجمو) ڇپيا آهن. سنڌي ۾ (نثر ۾) (7) جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، پنهل ڪاڻيرو، سفيد وحشي، جنگ مڙيوني سهڻو، ساهيوال جيل جي ڊائري، خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو1)، خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو 2)، ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون، ڪٿي نہ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پڇيو ٿڪ مسافر (آئم ڪٿايا گو پهريون)، ڪٿي نه پڇيو ٿڪ مسافر (آئم ڪٿايا گو ٻيو، ٽيون، چوٿون)، جنهن ۾ شعر ۽ لکيل سنڌس ڪتابن ۾ هيٺيان شامل آهن.

پونم پري آڪاس، ڪليهي پاتم ڪيترو، ڪي جو ٻيجل ٻوليو، ڪپر ٿو ڪن ڪري، چنڊ چنبيلي ول، رڻ تي رم جهم، ڀڳت سنگهه کي ڦاسي، راج گهاٽ تي چنڊ، اُڀيو سج لڪن ۾، ٻڙ جي ڇانو اڃا ڪان ڪهاڻي، اڪن ٻيرا اُڀيا، جهڙ ڦيڻان نه لهي، وڄون وسڻ آئيون، ٻيجل ٻيس ٻڌي، ٻيڻ ٿي پور ڪري، هيٺئين ڏاڙهون گل جيئن، واٽون ڦلن ڇانئيون، الوداعي گيت، ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (الي ياگا)، ننڍوليون، سر لوهيڙا گهيا، سورج مکي سانجهه، جرڙيا جهمڪن، هرڻ اکي ڪيڏانهن، چنڊ ڳليون، گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾، ٻن ٻڇن ٻيهاڻان، سانجهي سمنڊ سپون، چوليون ٻوليون سمنڊ جون، ڪاري رات ڪهنگ، شاعريءَ جو سچڻو، ٽڪرا ٽڪل صليب جا، سر تارائي شيام ڇپيل آهن.

شيخ اياز جي شاعريءَ جا مختلف زبانن ۾ ترجما پڻ ٿيا آهن جن ۾:

جو ٻيجل ٻي اکيا، (پنجابي) ترجمو احمد سليم، حلقه ميري زنجير کا (اردو) ترجمو فهميده رياض، ٽنهن کان سواءِ آصف فرخي، ڪرن سنگهه، شاهد محمد پيرزادي ۽ خواجه سليم، اياز جي شاعري ۽ نثر جا اردو ۽ انگريزي ۾ ترجما ڪيا. جي ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن. سنڌ جي هن مهان شاعر 28 ڊسمبر 1997ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪئي. کيس "ڀٽ شاهه" ۾ ڪراڙ جي ڪپ تي دفنايو ويو.

شيخ پراڙ

شيخ پراڙ سمن جي دور جو شاعر هو. شاهه ڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" ۾ هيڪڙو ڏاڙهو ڪلام آهي، اهڙيءَ ۾ قاضي قادن جي بيتن کانسواءِ 9 بيت شامل آهن، جن مان ٽي بيت شيخ پراڙ جا آهن. هڪ بيت جي آخر ۾ پراڙ لفظ استعمال ٿيل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيق ۾ اهين ڄاڻايو آهي، جن مان سنڌس هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

چنڊن چمور ڪريندي، رتو مهه ڪيهاڙ،
سڄڻ جيڻ نه ٿئي، جيئي رسي سٽ وار،
پراڏيسون پراڙ، تو ڪرهيندي قرب ٿئي.

شيخ حماد جمالي

سنڌي دوهي جو خالق شيخ حماد جمالي آهي. شيخ حماد جمالي ولد رشيد الدين جمالي، اُچ جي مشهور درويش قدوة الواصلين شيخ جمال جو ڏوهٽو هو. روايت آهي ته هي سنڌائين صفن تي پرقعو رجهي عبادت ۾ مشغول رهندو هو. وقت جا وڏا عالم کانئس باطني علم حاصل ڪري سنڌس شاگرد ٿيا. روايت آهي ته "جڏهن جام جوڻي، جام تماچي ۽ سنڌس پٽ کي قيد ڪري دهليءَ موڪلي ڇڏيو ته تماچيءَ جي ماءُ روزانو صبح جو شيخ حماد جي خانقاهه کي ٻهاري ڏيڻ لاءِ ايندي هئي. هڪ ڏينهن شيخ صاحب جي نظر ان عورت

تي پهچي ويو. ڪاتِبُس سنڌس پٽ ۽ پوٽي جو احوال پڇيائين. هن عورت روئندي ڪيس سڄو احوال ٻڌائي پٽس جي آزاديءَ لاءِ پاڙيو. اهو ٻڌي شيخ حماد جي حالت عجيب ٿي وئي، ۽ حڪمر سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ دعائيه بيت چيائين، جنهن ۾ هُنَ پٽهي جي ملڪ ۾ موٽي اچڻ ۽ حڪومت جي تخت تي ويهڻ لاءِ دعا ڪيائين. چون ٿا ته الله جي حڪم سان انهيءَ رات ٻئي پيءُ پٽ آزاد ٿيا ۽ اچي سنڌ جا حاڪم ٿيا". ان ڏس ۾ شيخ حماد جماليءَ جي هيٺين دعائيه بيت جو حوالو اچي ٿو، جيڪو سيد عبدالقادر جي فارسي ڪتاب (1016هه/ 1607ع) جي حاشيي تي لکيل ۽ مليو آهي:

جُوڻـــو ســــت اوٺـــس، آڌ اتمـــاچي آءُ،
ســـاڄي پاڄهـــ پٽـــي، تريـــين ڦتـــو واءُ.

هيءَ دعائيه شعر فني لحاظ کان دوهو آهي، جنهن ڪري ئي شيخ حماد جماليءَ کي سنڌي دوهي جو خالق چيو ويندو آهي. تاريخ ۾ آيو آهي ته هن دعا جو اثر هو، جو ڄام تماچي اچي تخت جو وارث ٿيو. روايت موجب تخت تي ويهڻ کانپوءِ ڄام تماچيءَ، شيخ حماد جي خدمت ۾ وڏي رقم پيش ڪئي، جنهن مان هن مڪليءَ واري جامع مسجد ٺهرائي. شيخ حماد جمالي اندازاً 1362ع ۾ گذاري ويو ۽ سندس خانقاه ٺٽي ويجهو آهي.

شيخ عبدالجليل چوهڙ

شيخ عبدالجليل چوهڙ، ناميارو بزرگ ٿي گذريو آهي. جنهن بابت "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته، "شيخ عبدالجليل چوهڙ، بزرگ، قطب عالم، شيخ چوهڙ جي نالي سان مشهور آهي. هن جو تعلق نائين صديءَ هجري/ پندرهين صديءَ عيسويءَ سان آهي ۽ هو قديم شهر موءِ مبارڪ، ضلعي رحيم يار خان جو رهاڪو هو." ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن بزرگ بابت لکيو آهي ته، "شيخ عبدالجليل چوهڙ، سلطان بهلول لوڌيءَ (1451-1489ع) جو نالي هو. حسب نسب جي لحاظ کان هو موءِ مبارڪ جي مشهور ولي شيخ حميدالدين 'حاڪم' جي پنجين پشت مان هو. شيخ حميدالدين وري حضرت بهاءُ الدين زڪريا ملتانيءَ جو نائب هو، جنهنڪري شيخ حميدالدين حاڪم جي خاندان ۽ اولاد جو بهاءُ الدين زڪريا جي خاندان ۽ اولاد سان گهاٽو رشتو هو. انهيءَ سبب بهاءُ الدين زڪريا جي سنڌي مريدن ۽ معتقدن جو حميد حاڪم جي اولاد سان به تعلق وڌيو."

شيخ چوهڙ وٽ سماع جون محفلون ٿينديون هيون، جن ۾ سنڌي ڪلام به ڳايا ويندا هئا. شيخ چوهڙ جي سوانح ۽ ملفوظات جو ذڪر "تذڪره قطبيه" ۾ موجود آهي. هن سماع جون محفلون دهليءَ تائين قائم ۽ مقبول ٿيون. شاهه رڪن عالم جي محفلن ۾ حسن قوال ۽ حضرت نظام الدين اولياءَ وٽ حسين قوال جي ڪهڙي شهرت هئي. سماع جا هيءُ سلسلا تمام گهڻو مقبول ٿيا. جن ۾ سنڌي ڪلام به ڳايو ويندو هو. سنڌي ٻوليءَ جي شاعري انهن سماعن جي مڪ ٻولي ۽ شاعري هئي. شيخ چوهڙ پاڻ به سنڌي ڄاڻندو هو. روايت آهي ته سندس ڪن عزيزن، شيخ چوهڙ کي قتل ڪرڻ جي سازش سٽي، ۽ غلطيءَ سان هڪ ٽوم (مڱڻهار) کي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ماري ورڌائون، جنهن تي شيخ چوهڙ هڪ بيت چيو، جنهن جي هڪ سٽ هن ريت آهي:

لکيس لسي لريشسيان، ماري ڏوم فقيسر،

شيخ چوهڙ جا سنڌيءَ ۾ ٻيا به ڪيترا بيت تاريخ جي تذڪرن ۾ موجود آهن.

شيخ عبدالحليم جوش

شيخ عبدالحليم جوش 01 مارچ 1932ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو شيخ عبدالله عبد آهي. ادبي ذوق ورثي ۾ مليس. جنهن ڪري ڪراچي جي ترائن آباد جي علائقي جي هڪ سنڌي اسڪول ۾ هميشه ادبي ۽ علمي سرگرميون رهيون ٿي. اسڪول جي تعليم جي دور ۾ شاعري سان سندس دلچسپي پيدا ٿي، پاڻ مشاعرن ۾ پڻ ويندو هو. 1947ع ۾ ميٽرڪ خاص پڙهڻ ڪانپوءِ 1948ع ۾ ڪراچي مرڪز آيو ۽ سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. ان وقت "بزم ادب نظامي ۽ محفل احباب" ۾ باقاعدي شعر پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ استادن جي هڪ اهڙي سان سندس طبيعت شاعريءَ ڏانهن پوري طرح رجوع ٿي، جنهن ڪري پاڻ سائنس ڇڏي آرٽس پڙهڻ شروع ڪيائين. شاعري جي اصلاح پنهنجي والد کان ورتائين. جوش بنيادي طور غزل جو شاعر آهي. ۽ سندس فن ۾ قلندرانه بيباڪي نظر اچي ٿي. سندس بيان جي سلاست ۽ خيال جي جدت نظر اچي ٿي. پاڻ ڪجهه وقت تائين سماءَ ڪاٽي ڪراچي ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي طور ڪم ڪري چڪو آهي.

شيخ عبدالرشيد ٺٽوي

چيو وڃي ٿو ته مديني کان ٺٽي ۾ اچي رهيو. لغت جي علم جو وڏو ڄاڻو هو. هن جون تيار ڪيل ٻه لغتون: فرهنگ رشيدي (فارسي، ٻه جلد)، ۽ منتخب اللغات شاهجهاني (عربي) مشهور آهن. اندازو آهي ته مصنف عبدالرشيد شاهجهان جي دور ۾ ٺٽي ۾ موجود هو.

شيخ عبدالوهاب پوراني

شيخ عبدالوهاب پوراني، سيد مير محمد پوراني جو سڳو پاءُ، علمن جو ماهر هو. ارغونن جي حڪمراني واري دور ۾ پنهنجي خاندان سان ٺٽي سنڌ ۾ آيو. شاهه حسن ارغون کيس ويجهو رکيو. هن "فتاوي پوراني" ڪتاب مرتب ڪيو، جيڪو هن وقت اڻلڀ آهي. شيخ عبدالوهاب 972هه ڌاري هي فاني جهان ڇڏيو. سيد حسام الدين راشديءَ موجب، هي "فتاوي"، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مطالعي ۾ رهي. سيد عبدالوهاب پوراني 972هه ۾ وفات ڪئي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

شيخ فريد ڀکري

شيخ فريد ڀکري جي والد جو نالو شيخ معروف هو، فريد جو وطن ڀکر (سنڌ) هو، جنهن ڪري کيس ڀکري چيو ويندو آهي. هن مغلن جي ملازمت ڪئي، سندس جنم ۽ وفات جو سال معلوم ڪونهي. شيخ فريد سنڌي ۽ رواں زبان ۾ هڪ فارسي ڪتاب لکيو، جنهن جو نالو ”ذخيرة الخوانين“ آهي، جنهن 1060هه ۾ تيار ٿيو. هي ڪتاب ڊاڪٽر سيد معين الحق ايڊٽ ڪيو ۽ ٽن جلدن ۾ (جلد 1: 1961ع، جلد 2: 1970ع، جلد 3: 1974ع)، پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽيءَ ڪراچيءَ مان ڇاپي پڌرو ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ اڪبر، جهانگير ۽ شاهجهان جي دور جي مکيه مکيه اميرن جو احوال ڏنل آهي. ڊاڪٽر ظهورالدين احمد، هن ڪتاب جو اُتهو اپهاس ڪيو هو ۽ اهو ڪتاب جي ٻولي، اسلوب ۽ معلومات جي وڏي تعريف ڪئي اٿس.

شيخ لاڏ جيو

شيخ لاڏ جيو پاتائي 930 هه مطابق 1524ع ڌاري سنڌ جي قديم ڳوٺ پاٽ شريف ۾ پيدا ٿيو. نوجوانيءَ ۾ اتان لڏي برهانپور هليو ويو. کيس سنڌي ڪافيءَ جو موجد به سڏيو ويو آهي. هو خوبصورت هجڻ سان گڏ سريلي آواز جو مالڪ هو، ۽ سنڌي موسيقيءَ ۾ کيس ڪمال جي مهارت هئي، خاص ڪري ڪافي لکڻ ۽ وڄندڙ پرسوز آواز ۾ ڳائيندو هو، جو ٻڌندڙن تي سحر طاري ٿي ويندو هو. شيخ لاڏ جيو، شيخ قاسم بن يوسف سنڌي، شيخ طاهر محدث سنڌي، شيخ مبارڪ سنڌي ۽ شيخ جندالله شطاريءَ جو صحبتي ۽ سنگتي هو. شيخ مبارڪ سنڌي، جيڪو ان وقت جو وڏو عالم ۽ فاضل هو، اهو ۽ شيخ لاڏ جيو گڏجي برهانپور ۾ ويا. شيخ لاڏ جيو جي دم سان برهانپور ۾ راڳ ۽ سماع جون محفلون منعقد ٿينديون هيون، ۽ انهن جي ڪشش سان نوان ۽ پراڻا لڏي آيل سنڌي برهانپور ۾ جمع ٿيندا رهيا، ۽ اتي اچي هڪ ”سنڌي محلو“ وڏو محلو ٺهي ويو. شيخ لاڏ جيو قناعت ۽ توڪل کي پسند ڪندڙ هو. علامه غوثي لکي ٿو ته: ”سندس حجرو حضرت مسيح الاولياءَ رح جي جامع مسجد جي اترين ديوار سان گڏ هو. اندازاً ستر سالن جي عمر ۾ 1007هه/ 1598ع ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس شيخ ابراهيم بن عمر سنڌيءَ جي مقبري ۾ سان دفن ڪيو ويو.

شيخ محمد ابراهيم ”خليل“

شيخ محمد ابراهيم، 24 ڊسمبر 1900ع تي ڪراچي جي رام باغ ڳاڙهي کاتي ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو شيخ محمد يوسف هو. شيخ محمد ابراهيم شروعاتي تعليم سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ حاصل ڪئي. هن ميٽرڪ جو امتحان 1917ع ۾ ”ٽولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ“ مان پاس ڪيو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ بمبئي ويو، جتي سائنس پڙهيو ۽ ”گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج“ مان ايم بي بي ايس پاس ڪرڻ بعد پوسٽ گريجوئيٽ ٿيو.

شيخ محمد ابراهيم کي ننڍي هوندي کان ئي ڪتاب پڙهڻ جو شوق هوندو هو. هن 1914ع کان شاعري شروع ڪئي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي صحبت ۾ رهي هن علم عروض تي ايتري ته دسترس حاصل ڪئي، جو فن شاعري تي "رهنمائي شاعري" ڪتاب لکي ورتائين. خليل عروضي شاعري ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي ۽ سنڌس فني شعري ڄاڻ کي مدنظر رکندي 1950ع ۾ "پارهين ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس" ۾ کيس "تاج الشعراء" جو لقب ڏنو ويو. سنڌس ڪتابن جا نالا: (1) حج بيت الله جي تاريخ (2) رهنمائي شاعري، (3) عيوب سخن، (4) سنڌي مثنوي جي ارتقا (5) فن رباعي ۽ رباعي گو شاعر (6) شاعرن ۽ اديبن تي مقالا (7) ادب ۽ تنقيد (8) بلبل سنڌ (9) اقبال (10) سنڌ جو قديم ۽ جديد شعر (11) عبرت ڪده (12) پنهنجا افسانا (13) پراوا افسانا (14) اسلامي افسانا (15) تاريخي افسانا شامل آهن جڏهن ته شعر ۾ ڪليات خليل (16) ديوان خليل (17) رباعيات خليل (18) گلزار خليل (19) اثيرا خليل (20) انتخاب خليل (21) نعتن جو مجموعو (22) اردو ڪلام جو مجموعو شامل آهن. ڊاڪٽر ابراهيم خليل 18 نومبر 1982ع تي وفات ڪئي.

شيخ نوح هوٿياڻي

درويش ۽ عالم دين شيخ نوح هوٿياڻي پنهنجي وقت جو وڏو عارف، ڪرامت ۽ ڪشف جو صاحب هو. روايتن موجب، هيءُ درويش حالن ۾ هميشه مخدوم نعمت الله (جيڪو مخدوم نوح جو پيءُ هو) جي خدمت ۾ ايندو هو ۽ ڪجهه نياز ڏئي ويندو هو. جڏهن مخدوم نوح پنهنجي والده جي پيٽ ۾ سرڄيو، تڏهن درويش نوح هوٿياڻي، جيڪو ته نظر آيندو هو، سو مخدوم نعمت الله جي خدمت ۾ پهچائڻ بدران مخدوم نعمت الله جي حويليءَ ۾ پهچائي ڏيندو هو. مخدوم نوح جي ولادت ڪانپوءِ درويش مخدوم نعمت الله وٽ پهچي، فرزند جي مبارڪباد ڏني ۽ ان ٻارڙي کي ڏسي پنهنجي ڳوٺ ڪيهر هليو ويو، ان کانپوءِ سنت تي وفات ڪيائين. هن درويش جي باري ۾ هڪ روايت هيءَ به بيان آهي ته ڄام جونو سمو، جڏهن ٺٽي جو حاڪم ٿيو هو، تڏهن هن پنهنجي ٻن عزيزن ڄام صلاح الدين ۽ ڄام تماچيءَ کي دهليءَ جي بادشاهه کي ڇڏائي هٿان قيد ڪرايو هو. هو ٻئي دهليءَ ۾ سلطان فيروز تغلق وٽ ڪافي وقت قيد هئا. آخر هو عقلمنديءَ سان قيد مان ڇوٽڪارو ماڻي سنڌ روانا ٿيا. جڏهن ڪيهر جي ڳوٺ وٽان لانگهائو ٿيا ته درويش نوح هوٿياڻيءَ کي فقيراڻي لباس ۾ ڏٺائون. ٻئي ڄڻا سنڌس پيرن تي ڪري پيا ۽ پنهنجي تڪليف ۽ حڪومت کان ٻرطرف ٿيڻ جو سمورو احوال کيس ٻڌايائون. درويش کين دلجاءِ ڏيندي چيو:

جونـــو وڃـــي جهـــوري مـــارئو،
ڄـــام تمـــاچي تـــهين ڄـــاڙهيو.

جڏهن اهي ٻئي پالر ٺٽي پهتا، تڏهن ڄام جونو سنت وفات ڪري ويو ۽ سنڌ جي حڪومت ڄام تماچيءَ جي حوالي ٿي، جنهن کان پوءِ سمان ڄام هميشه شيخ نوح هوٿياڻيءَ جا معتقد ٿي رهيا. شيخ نوح هوٿياڻيءَ جو مقبرو ضلعي مٽياريءَ جي ڳوٺ ڪيهرن ۾ واقع آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

طارق اشرف

سيد اشرف علي ولد سيد لطف علي شاهه 5 جولاءِ 1940ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. اڳتي هلي پاڻ "طارق اشرف" جي نالي سان مشهور ٿيو. شروعاتي تعليم حيدرآباد ۾ ئي حاصل ڪيائين. سندس تعليم ايم اي تائين هئي.

1960ع ۾ طارق اشرف پنهنجي دوست غلام نبي مغل سان گڏجي هڪ اشاعتي ادارو "اداره ادب نو" قائم ڪيو، جنهن هڪ ٻئي پٺيان ٽي ڪتاب شايع ڪيا. "پهريون قدم"، "ٻيو قدم"، انهن مان پهرين ۾ مختلف ليکڪن جا شعر ۽ ڪهاڻيون ۽ ٻئي ۾ فقط ڪهاڻيون هيون، اداري جو ٽيون ڪتاب "شمشير الحيدري" جي شاعري جو ڳٽڪو "لاٽ" هو.

جون 1964ع ۾ "اداره نو ادب" ۾ ڪتاب، طارق اشرف جي ڪهاڻين جو ڪتاب "سوکهن پٽر ۽ بهار" ۽ غلام نبي مغل جو ڪتاب "ٽٽون شهر"، ٻٽو ڪتاب ڪري ڇاپيو. "ٻٽو ڪتاب" سنڌي ۾ پهريون تجربو هو. هن ڪتاب کي ٻنهي پاسي ٽائيٽل هئا. هڪ پاسي "سوکهن پٽر ۽ بهار" ۽ ٻي پاسي "ٽٽون شهر". طارق اشرف جو ٻيو ڪهاڻي ڪتاب "زندگيءَ جو تنها مسافر" 1978ع ۾، ۽ ٽيون ڪهاڻي ڪتاب "درد جا ليکڻ، درد جون راتيون" 1982ع ۾ ڇپيو. 1992ع ۾ طارق اشرف جي لکيل ڪتابن ۽ ورتيڪ لکيل ڪهاڻين کي هڪ ئي مجموعي "پنڌ اکين ۾ ڪجهه سپنا، ڪجهه يادون" ۾ ڇپيو ويو.

"طارق اشرف" ماهوار "سهڻي" جو اجراءُ ڪيو ۽ اها مخزن پاڻ لڳاتار ٽي سال ڪڍيائين. پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي گورنمينٽ ۾ جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي سنڌ جو وڏو وزير هو ته هن سنڌي ٻولي جي ليبي ڪتابن ۽ رسالن تي پابندي هڻي ڇڏي، جن ۾ سهڻي به شامل هو.

"سهڻي" رسالي جتي ڪيترين ئي نيون روايتون قائم ڪيون. اتي سنڌي ۾ پهريون ڀيرو "شخصيت نمبر" پڻ ڪڍيا. سهڻي جي ٻئي پهرين دور ۾ طارق اشرف ۽ شخصيت نمبر "امر جليل نمبر" ۽ "نسيم کرل نمبر" ڪڍيا.

ٻئي دور ۾ سهڻي جو پهريون پرچو مارچ 1989ع ۾ نڪتو. انهيءَ دور ۾ به طارق اشرف "سهڻي" جي اڳين روايت کي برقرار رکيو ۽ شيخ اياز تي ۽ شاندار ۽ ضخيم نمبر مارچ 1990ع ۾ ۽ ٻيو مارچ 1991ع ۾ ڪڍيو. طارق اشرف 14 اپريل 1992ع ۾ وفات ڪئي.

ظفر حسن

ظفر حسن شاهه 14 آگسٽ 1937ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو سيد نظر علي شاهه هيو. طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل سان دوستي هوندي هيس، جنهن جي ڪري سهڻو پڙهيائين. ظفر حسن جي پهرين ڪهاڻي "رهيل قرض" جي نالي سان 1966ع ۾ سهڻي رسالي ۾ ڇپي، جيڪو انهي وقت طارق اشرف ڪڍندو هو. ظفر حسن ۽ نسيم کرل ساڳئي پاڙي ۾ رهندا هئا. اڳتي هلي ظفر حسن ڪهاڻين کانسواءِ ڪالم، پيرگ ۽ گرڪ اخباري ڪالم، خاڪا، مضمون، ڊائري ۽ تنقيد به لکي. سندس چونڊ ڪهاڻين جو مجموعو 1981ع ۾ "رهيل قرض" جي نالي سان ئي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ ظفر حسن

http://soorihsindhiadab.website.2.me

جن ۾ 10 ڪهاڻيون شامل آهن. ظفر حسن جي سڃاڻپ نہ رڳو هڪ ڪهاڻيڪار واري رهي، بلڪ هو هڪ سٺو ايڊيٽر ۽ پبلشر پڻ رهيو. پاڻ 1970ع ڌاري حيدرآباد ۾ 'پرفيڪٽ پرنٽرس' قائم ڪيائين ۽ ڪيترائي ڪتاب ۽ ڪتابي سلسلا ادبلٽ، ڌرتي، آرسي، سهڻي، عالمي ادب، عالم جانڙو وغيره ڪڍيائين. ان ئي پريس ۾ ڇپيو ڪيترو ئي سنڌي انقلابي ساهت پڻ ڇپجندو هو. طارق عالم جو ناول "رهجي ويل منظر" ۽ پهريون ڀيرو ظفر حسن ئي "حسينا سيد پبلشرز" پاران ڇپائي، طارق عالم کي سنڌي ادب ۾ صحيح معنا ۾ متعارف ڪرايو.

1974ع ۾ ظفر حسن پنهنجي ادارت هيٺ ماهوار "ڌرتي" ڪتابي سلسلو شروع ڪيو، جنهن جو پهريون پرچو مارچ 1974ع ۾ نڪتو. اهو نيم ادبي پرچو هو، جنهن ۾ ڪهاڻيون، شعر، مضمون ۽ ٻيو مواد شامل هو. ظفر حسن 1998ع ۾ وفات ڪئي.

ع. ق. شيخ

ناميارو مصور، ڪهاڻيڪار ۽ تاريخدان ع. ق شيخ جو پورو نالو عبدالله ولد قادر بخش شيخ هو. سندس جنم 8 مارچ 1914ع تي ڳوٺ ڪلوڙو، ٺرڙ ڪر ۾ ٿيو. هن پرائمري تعليم ڳوٺ ٽنڊي سومري ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊي الهيار مان پاس ڪئي. ڊرائنگ جي ٽريننگ 1938ع ڌاري بمبئيءَ جي سر جي. جي اسڪول آف آرٽ مان، بي. اي ۽ ايم. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان، ايل. ايل. بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ۽ لائبريري سائنس ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوسٽ گريجوئيشن ڪيائين. ع. ق. شيخ، نامور مصور ۽ ڪهاڻيڪار طور شهرت ماڻي.

ع. ق. شيخ نوڪري ۽ تعليم دوران پنهنجو علمي، ادبي مطالعو ۽ مشاهدو بہ جاري رکيو، جنهن ڪري آرٽسٽ سان گڏوگڏ بطور اديب بہ هن کي وڏي سڃاڻپ ملي. ع.ق شيخ جي ناهيل لاتعداد تصويرن کي سنڌ توڙي ٻاهر گهڻو پسند ڪيو ويو هو. ع. ق شيخ کي سندس اعليٰ صلاحيتن جي بنياد تي نارمل ڊرائنگ ڪاليج مان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ حيدرآباد جي پبلڪ اسڪول ۾ رکيو ويو، جتي پڻ سندن خدمتون ساراهڻ جوڳيون رهيون. هو مصوريءَ واري شوق سبب 1942ع ۾ بمبئي ويو، پر ٿوري سال کانپوءِ پيءُ جي بيماريءَ جو ٻڌي سنڌ موٽي آيو. ع. ق شيخ رٽائر ٿيڻ پاڪستان حيدرآباد تان مراد علي مرزا جي چوڻ تي گهڻن پرچن ڪهاڻيون لکي تمام گهڻي شهرت ماڻي. سندس ڪتابن ۾ 'تاريخ اندلس'، 'تاريخ اسلام'، 'روح رهاڻ' ۽ 'ڪٺڙي ڪيهہ' ڇپيل آهن. سنڌ جي هن ناميارو مصور، ڪهاڻيڪار ۽ تاريخ نويس، 85 ورهين جي ڄمار ۾، 15 آگسٽ 1991ع تي وفات ڪئي.

عبدالغني پليجو

عبدالغني ولد نور محمد پليجو 1945ع ڌاري ٺٽي ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو. پيشي جي لحاظ کان زميندار آهي. شاگرد سياست ۾ جي. ايم. سيد جو پوئلڳ رهيو. سندس والد سياسي اڳواڻ ۽ جي. ايم. سيد جو رفيق رهيو. هو هڪ سٺو نثر نگار بہ آهي. هن ڪيترائي سفرناما لکيا آهن. الطاف شيخ کان پوءِ سفرنامن ۾ سندس نالو بہ مشهور آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سندس سفرنامن جو تفصيل هن ريت آهي:
(1) هُو جي وڏ ولايت جا (1984ع)، (2) ڏوريمر ڏيساور (1983ع)، (3) ديس بديس (1991ع)، (4) هنزاريون ۽ ڪنول (1991ع)، (5) ڪجل پٽل تيئي (سفرنامو، 2001)، (6) پرياڻ سنڌي پار ڏي (2004)، (7) پنڌ مون ڏور ڪيا (2004ع) وغيره. ان کان سواءِ هڪ ڪتاب 'عالمي عجائبات' (2004) ۾ ڇپيل اٿس. سندس رهائش پنهنجي شهر (ضلعي ٽکي) ۾ آهي، جتي سندس زمينداري آهي.

عبدالرحيم گرهوڙي

مخدوم عبدالرحيم ولد سعدالله مگريو" جي ولادت 22 ذوالقعد 1152هه مطابق 3 جولاءِ 1739 تي ڳوٺ گرهوڙ، تعلقي ساماري، ضلعي ٿرپارڪر ۾ ٿي. ابتدائي تعليم گرهوڙ جي اترين طرف ڳوٺ چوٽيارين مان آخوند نور محمد ميمڻ کان ورتائين. خداوند کيس ذهن ۽ عقل ۾ اڪابر بڻايو هو، جنهن ڪري ننڍڙي ڄمار ۾ ئي وڏا وڏا ڪتاب پڙهي پورا ڪيا هئائين.

ميين عبدالغفور سنڌي پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو ته "مخدوم گرهوڙي صاحب، جيئن ته پاڻ هڪ عالم ۽ عامل شخص هو، وقت جي پيرن فقيرن ۽ سادات تي اک به ته پڌندي هيس؛ ايتري تائين جو لواري شريف جي بزرگ، سلطان الاولياءِ خواجه محمد زمان" جهڙن مجيل بزرگن ۽ اهل الله صوفي درويش جي ڪاڻ به ڪين پيئي ڪيائين. حتيٰ ڪه مٿن ڪرڪون، ٺٺوليون ۽ خوب چٿرون به ڪندو آيو. بالآخر سندس مرتبي جو اعتراف ڪندي، وٽن معتقد ٿيو. پوءِ ته ڪامل مرشد جي رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ هيٺ حقيقت جون روشن راهون ڏسندي، وڏي واڪي چيائين، ته مون جهڙو عالم، فاضل، فقيه، مؤرخ، مفتي ۽ محدث ملڪن ۾ ڪٿي لڀندو، مگر جڏهن کان خواجه صاحب جن جي دست بيعت ڪئي اٿم، تڏهن کان سڀ ويچا وسري ويم، بس، الله ته پاڻ کي مرشد اڳو اهڙو ته هچارو سمجهندو آهيان، جهڙو جاهل، ڄاهل اڄياڻ!" وقت جي حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙي، ڪن شرارتي ملن جي چرچ تي، مخدوم صاحب جي خلاف شرعي مناظرو به ڪرايو هو، جنهن ۾ مخدوم صاحب تمام ملن کي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ ٿوٿا جواني ڇڏيا.

مخدوم صاحب دين جي دشمنن سان مقابلي کي وڏي اهميت ڏيندو هو. کيس معلوم ٿيو ته هتان (ڳوٺ) کان ست ميلن جي مفاصلي تي هڪ وڏو بت خانو "مهاڏيو جي مورتي" آهي، جنهن ۾ هر قسم جون مورتيون ۽ بتخانيون ٿي رهيون آهن، ڪيئن به ڪري کيس تباهه ڪجي. اها ڳالهه سندس اندر ۾ ڪنڊي جيان چڀي رهي هئي، مگر وٽس اهڙا ماڻهو ڪونه هئا، حالانڪ سندس مرشد به کيس روڪيو هو، ته "مورتيءَ جا محافظ گهڻا آهن ۽ تون بي ٽمر آهين، بهتر آهي، ته بس ڪر!" تنهن تي پاڻ ورائيءَ ۾ چيائين، ته:

"جي هوءَ مورتي ڀڳيس، ته به فتح اسانجي،
پر جي هيءَ مورتي ڀڳي، ته به فتح اسانجي."

حالانڪ مخدوم صاحب پاڻ پيرپڻي پت چاتو به ٿي، ته مقابلو بالڪل سخت آهي، مگر خدا

http://soorihsindhiadab.website.2.me

تي پروسر ياتئين. مٿس ڪاهي ويو. ڪامل ڪوريءَ جي رهبريءَ سان رستي جو سونهون ٿيون. بالآخر سخت مقابلي جي ضد ۾ اچي "جهاد في سبيل الله" ۾ سر ڏيندي، فتح سان ڪل چاليهن ورهين جي تو عمر ۾ جام - شهادت جو مرتبو ماڻيائين. هي واقعو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڇڪتاڻ واري دور دوران غالباً (1192هه = 1878ع) ۾ ٿيو هو. سندس آخري آرام گاهه "ڪروهڙ" بڻيو.

مخدوم صاحب شريعت توڙي طريقت جي سلسلي ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ ڪافي ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان گهڻا مدد خان پٺاڻ جي ڦرلٽ وقت ڏٻاڻ ۾ ضايع ٿي ويا. باقي سندس مخطوط ڪتاب "فتح الفصل"، "شرح ابيات سنڌي"، "مڪتوبات" ۽ "رسالا ڪل شما" ڇپيا وڃن ٿا. سنڌي زبان ۾ سندس ڪافي ڪلام به آهي، جيڪو بيتن جي صورت ۾ ترتيب ڏنل آهي. پاڻ "الف اشباع" جي نظم ۾ ديني ڪتاب به لکيائين. الانساءِ قرآن پاڪ جي ڪيترين سورتن جو سنڌي زبان ۾ پڻ ترجمو ۽ تفسير به لکيائين. سندس سنڌي ڪلام جا هن وقت تائين چار ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.

عبدالغفار "تبسم"

عبدالغفار "تبسم" ولد قادر بخش پٺي، 20 نومبر 1951ع تي ڳوٺ ميرپور پٺو، تعلقي رتيديري ضلع لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم ڳوٺ ڊيري ۽ ڳڙهي ياسين ۾ حاصل ڪيائين. ميٽرڪ 1966ع ۾ بي اي آرٽس ۾ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي مان 1972ع ۾، ۽ ايم اي (بين الاقوامي تعلقات) سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1974ع ۾، پي پوزيشن حاصل ڪري پاس ڪيائين.

عبدالغفار "تبسم" 1964ع ڌاري شاعري شروع ڪئي. پاڻ پهريون شعر 1966ع ۾ اورينٽل ڪاليج حيدرآباد ۾ مخدوم طالب المولي جي صدارت هيٺ ٿيندڙ مشاعري ۾ پڙهيائين. سندس پهريون شعري مجموعو "گلشن جهڙا گل" 1966ع ۾ ڇپيو. سندس شاعري ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي آهي. سندس ڪيترين ئي ڪيسٽون رليز ٿيون آهن.

عبدالغفار "تبسم" شاعري کانسواءِ سفر نامو ۽ آتم ڪهاڻي پڻ لکي آهي. سندس آمريڪا جو سفرنامو "زندگي تنهنجا رنگ هزار" ۽ آتم ڪهاڻي "سي ئي جوين ڏينهڙا" 1994ع ۾ شايع ٿي. عبدالغفار "تبسم" جا هيستائين اٺ شعري مجموعا ڇپجي چڪا آهن. جن جو ويورو هن ريت آهي. گلشن جهڙا گل (1966ع) شفق وارا ڇانورا (1982ع) مٽي جا ٿر (1991ع) سوڀيون صحرا سراب (1995ع) نيڻن جي اڱڻ (1996ع) ڪنڌي ڪناري ڌاڙ (1999ع) موسيقي، موسم ۽ تبسم (2003ع) اڀ هيٺان اجارا گيت لوين (2004ع) ۽ سچ آرسيءَ ۾ (2005ع) شامل آهن. پي آءِ اي جي ملازمت مان رٽائرمينٽ وٺڻ بعد عبدالغفار تبسم هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

عبدالغفور السٽي

عبدالغفور السٽيءَ 21 جنوري 1931ع تي شهر دڙي، ضلعي ٺٽي ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ۽ مڊل جا پهريان ٻه درجا انگريزي، اي. وي. اسڪول ميرپور بٺوري ۾ پڙهيو. تاريخي درسگاهه سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان 1948ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين. 1948ع ۾ انگريزي جي استاد طور اي. وي. اسڪول دڙي ۾ مقرر ٿيو. 1950ع کان 1960ع تائين آبپاشي کاتي ۾ سول انجنيئر رهيو. 1970ع واري ڏهاڪي ۾ هن 3 ڪتابڙا ڇپائي سڄي سنڌ ۾ مختلف ماڻهن ۾ مفت ورهايا، جن ۾ "هي بيت سنڀالي سانگين جا"، "سنڌي ٻولي" (نظم) ۽ "ڪو سنڌ جون عورتون اٿو" (نثر) شامل آهن.

1971ع ۾ هن ماهوار "عليه والسنت" جاري ڪيو. 1974ع ۾ ان رسالي ۾ "نئين پاڪستان" خلاف لکڻ تي ڪيس جيل اماڻيو ويو ۽ رسالي تي پابندي لڳائي وئي. هن فقير منش جاڪوڙي ڪارڪن 1986ع ۾ "السٽ" نالي سماجي تنظيم جو بنياد وڌو، جنهن جو مقصد غريب ٻارڙن لاءِ تعليم جي فراهمي هو. ان تنظيم سبب السٽي سڏجڻ لڳو. السٽيءَ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري جو انگريزي ترجمو پڻ ڪيو آهي. جيڪو 1986ع ۾ ڇپيو. ان ۾ لطيف سائين جي چونڊ 788 بيتن جو منظوم ترجمو ڪيل آهي. سندس تصنيفن ۾ "شاهه جو رسالو"، "سنڌي ٻوليءَ کي للڪار" ۽ "ٻالڪن جي تعليم لاءِ السٽي پهريون ڪتاب" شامل آهن. ان کان علاوه ڪيترائي ڪتابڙا ڇپرائي عام تعليم لاءِ مفت ورهايائين. هن ماضيءَ ۾ ڄڻ ته سنڌي جي نالي سان ۽ خوب لکيو. سندس آخر ڪتاب "ٻيڙيءَ ٻارڙن سيٺ" پڻ ڇپيل آهي. عبدالغفور السٽي 30 آڪٽوبر 2014ع تي وفات ڪئي.

عبدالغفور بن حيدر

عبدالغفور بن حيدر سيوهڻ جو رهاڪو هو. ديندار خان جڏهن سيوهڻ جو حاڪم مقرر ٿيو، تڏهن ان لاءِ سن 1039هه ۾ هڪ مختصر ڪتاب "تذڪره مشائخ سيوستان" فارسي زبان ۾ لکيائين، جنهن ۾ شهر جي ٻوڙهن صوفين جو بيان آهي. اصل ڪتاب ڪم ٿي ويو هو، جنهن کي سيد حسام الدين راشدي صاحب هٿ ڪري، ايڊٽ ڪري، رسالي "مهراڻ" (1974ع) ۾ ڇپرايو، جنهن جو سنڌي ترجمو نياز همايونيءَ ڪيو هو. جنهن کي سال 2010ع ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي مرتب ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

عبدالقادر جوڻيجو

عبدالقادر جوڻيجو، ناميارو ليکڪ ۽ ڊرامي نگار، پهرين نومبر 1945ع تي ٿر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس تعليم بي اي. بي ايڊ ۽ ايم اي سوشيالاجي آهي. عبدالقادر جوڻيجو جي سڃاڻ هڪ ڪهاڻي نگار کان وڌيڪ هڪ ڊرامه نگار جي آهي. جنهن جا ڊراما ريڊيو سان گڏ ٽي وي تي به ايترو ته مشهور ٿيا آهن جو ماڻهو انهن ڪردارن کي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

وساري ڇڏيا آهن سگهيا. عبدالقادر جوڻيجو ريڊيو تي 22 کان وڌيڪ سنڌي ڊراما ۽ 2 اردو ڊراما لکيا آهن. سنڌس ڪيترائي ڪتاب پڻ ڇپيل آهن. عبدالقادر جوڻيجو سنڌي ٻولي اختياري جي سربراهه جي حيثيت سان به پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي.

عبدالقادر جوڻيجو جي لکيل ڪتابن ۾ هيٺيان ڪتاب شامل آهن:

(1) واڳون ڪنڌيون ۽ رول (شارٽ اسٽوريز) (1996) (2) شڪليون (سنڌي ليکڪن جا خاڪا) (1979) (3) ريڊاڙ رهي لهنڊڙ سج (شارٽ اسٽوريز) (1984) (4) وڏا اديب وڏيون ڳالهيون (ترجمو) (1984) (5) سرنهن وديو سج (شارٽ اسٽوريز) (1986) (6) ايوريسٽ تي چڙهائي (ترجمو) (1987) (7) ڪرسي (ڪالم) (1998) (8) چن چا ۽ ڪيش (ترجمو) (1999) (9) خط پن اديبن جا (خط) (1999) (10) در در جا مسافر (ثقافتي اخلاقيات) (2001) (11) وڻ وڻ جي ڪائي (ترجمو) (2002) (12) جا لڪان (ڪالم) (2007)

عبدالقادر جوڻيجو سنڌ جي انهن ليکڪن مان آهي، جنهن جا ڪالم سڀ کان وڌيڪ پڙهيا وڃن ٿا. هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

عبدالڪريم گدائي

عبدالڪريم گدائي سنڌ جو بهترين شاعر، ڪريم آباد، تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ ٻهرين جنوري 1901ع ۾ پيدا ٿيو. گدائيءَ جي تعليم سنڌي فائنل هئي. روزي روٽيءَ جي بندوبست لاءِ پوسٽ آفيس ۾ ڪلارڪ، سپاهي ۽ صحافي جهڙا مختلف فرض سرانجام ڏنا. سٺو شاعر هو. نظم کان علاوه نثر به لکيو اٿس. سندس مشهور تصنيفون، "خان ڳڙهه کان جيڪب آباد تائين"، "پيمانن تي پيمانو"، "ساڃهه جا سور"، "ڳڙا ۽ پهوار" شامل آهن. ان کان علاوه ڪيتي فيچر، ڪهاڻيون ۽ اسٽيج ڊراما پڻ لکيل آهن

گدائي صاحب جو شروعاتي ڪلام هفتيوار پيغام، صداقت، سنڌو، سنڌ زميندار، روزانه الوحيد اخبار ۾ شايع ٿيندو رهيو. پاڻ 1952ع ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ شامل ٿيو. ان دوران گدائي صاحب مقامي اخبارن صبح سنڌ، ستاره سنڌ، فرنٽيئر گزيٽ، انقلاب، امروز ۽ مجاهد جو ايڊيٽر به رهيو. گدائي جي شاعري سنڌ سان پيار ۽ انسيت جو مظهر آهي. سندس نالو سنڌ جي ترقي پسند شاعرن جي فهرست ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. سندس شاعري سنڌ جي درسي ڪتابن ۾ به شامل آهي. عبدالڪريم گدائي جي وفات 26 جنوري 1978ع ۾ ٿي ۽ آخري آرامگاهه افضل بابا قبرستان جيڪب آباد ۾ آهي.

عبدالمؤمن ميمڻ

سنڌ جي هاڪاري عالم، شيخ القرآن حضرت مولانا ڊر محمد ميمڻ هنگورجي واري جو فرزند علامه عبدالمؤمن ميمڻ ٻهرين مارچ 1981ع تي خيرپورميرس ضلعي جي شهر هنگورجه ۾ ڄائو. پرائمري تعليم سندن والد گراميءَ ڀاران قائم ڪيل مدرسي واري اسڪول ميمڻ محلي ۾ مڪمل ڪئي. فارسيءَ ۽ عربيءَ جي تعليم پنهنجي والد وٽ ئي شروع ڪيائين ۽ دوره حديث شريف تائين درس نظاميءَ جا سمورا ڪتاب به پنهنجي ئي مدرسي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

دارالعلوم المحمديه هنگورجا ۾ پڙهيائين. سنڌ جو هيءُ واحد نوجوان عالم آهي، جنهن پنهنجي ڏهن ورهين جي ڄمار ۾ قرآن حڪيم جو جديد سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي انداز ۾ ترجمو ڪيو. جيڪو سنڌيڪا اڪيڊميءَ پاران شايع ڪيو ويو آهي. 1997ع ۾ عبدالمؤمن ميمڻ جو تعلق سنڌيڪا جي سرواڻ نور احمد ميمڻ سان جڙيو. جنهن جي ترغيب ۽ صحبت سبب موصوف تحريري ميدان ۾ قدم رکيو ۽ هيستائين سنڌس قلم مان ڪيترائي ترجما ۽ تخليقي ڪتاب سرجي سنڌيڪا ۽ سنڌ جي مختلف ادارن پاران سنڌي ۽ اردوءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن. 2004ع ۾ درس نظاميءَ جي فراغت ڪانپوءِ سنڌن والد گراميءَ کين پنهنجي مدرسي ۾ مدرس ۽ منتظم مقرر ڪيو.

سنڌ ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ قرآنيات جي فلسفي تي ليڪچر ڏيندو رهي ٿو ۽ مختلف ٽي وي چينلن تان به قرآن حڪيم جي آفاقي-انقلابي تعليمات جو فيض عام ڪندو رهي ٿو. هن وقت سنڌ ٽي وي نيوز چينل تان سندس مستقل هفتيوار پروگرام "حقيقت" جي نالي سان نشر ٿيندو رهي ٿو. سندس شايع ٿيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

(1) قرآن حڪيم سنڌي ترجمو (2) هنگورجا جو هيرو (شيخ القرآن علامه مولانا در محمد ميمڻ) (3) انقلابين جو امام: علامه سيد محمد شاهه امروٽي (4) گلشن بوري کا ناياب پھول (شيخ القرآن مولانا در محمد ميمن)(اردو)) (5) آئيڊيل عورت (6) مسلمان عورت (7) اڄ جي عورت (8) عورت جي عظمت ۽ خودداري (9) اجتماعي زندگي (10) مڪافات عمل (11) ٻهروپين ۽ مسلمانن جون ڳاڻيل بيماريون (12) دين اسلام (ترجمو) (13) توحيد جي حقيقت (ترجمو) (14) نماز جي حقيقت (ترجمو) (15) زڪواة جي حقيقت (ترجمو) (16) خدا، سائنس ۽ فلسفو (17) اسلامي روشن فڪري (ترجمو) (18) ڪاهوڙي ڪردار (پروفيسر قربان علي ميمڻ) (19) اي ايم سهال (شخصيت) (20) جڏهن زندگي شروع ٿيندي (ناول) (21) الله الذي ۽ ٻيا شامل آهن.

عبدالواحد آريسر

عبدالواحد آريسر 11 آڪٽوبر 1949ع تي ڪوٽ واڻوڪي، تعلقي عمر ڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو "چاڪر آريسر" هو. عبدالواحد 1958ع ۾ پرائمري اسڪول "ڪوٽ ساپو" ۾ داخل ٿيو. هو سياست ۾ گهڻو متحرڪ هو ۽ سياسي طور جي ايم سيد سان واڳيل هو.

عبدالواحد آريسر ڪمال جو مقرر هو. اهڙيءَ طرح سندس لکڻيون ۽ ڪمال جون آهن. کيس تقرير ۽ تحرير جو ماهر چيو ويندو آهي سندس ڪتابن جا نالا هيءُ آهن:

(1) پرهه جو پيغام (تقريرون) (2) سنڌين جون صدائون (تقريرون) (3) وريا واهرو (لطيفيات) (4) ٿهڪي نڪتا ٿوهر (مضمون، ڪالم، تبصرا) (5) سر ۾ سانجهي ڏيو (مضمون) (6) ماٺهو ميگهه ملهار (خاڪا) (7) جي، ايم، سيد (جي. ايم. سيد کي پيش) (8) وطن پرستي (جائزو) (9) قومي تحريڪ (جائزو) (10) قومي تحريڪ ۾ رڪاوٽون (وڏائيل ۽ سنڌاريل ڇاپو) (11) ٽي نه محبت مات (عدالتي بيان) (12) ٽي نه محبت مات (عدالتي بيان) (13) ترم پاترا (جيل ڊائري) (14) ماڙين ماريس ڪينڪي (جيل ڊائري) (15) اسان جيڪن جيئي ڪر (ٽارچر سيل جي ڪٿا) (16) مجيب ۽ پڻو (شيخ مجيب ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سياسي زندگي تي تجزيو) (17) چاڪ شخص هو (جي. ايم سيد کي پيٽ) (18) مٽيءَ هاڻا مائهو (فرانز فينن جي ڪتاب جو ترجمو) (19) سر جي صدا ٿر ۾ (تقريرون تحريرون) (20) سچ وڏو آڌاري (مخدوم بلاول تي ٿيسز نقط نظر) (21) روح جا ڀلا (برسات اخبار ۾ لکيل ڪالم) (22) روءِ داد هڪ رات جي (اسيري جي هڪ رات) (23) اميد جو قتل (شهيد بينظير ڀٽو جي قتل تي سياسي نقط نظر) (24) زندگي آزادي ۽ محبت (تقريرون تحريرون ۽ انٽرويو) (25) ڳجهي ڳالها لوڪ جا (ٿيٽي جيل ڊائريون) (26) چانڊوڪيون ۽ چيٽ (نثري ٽڪرا) (27) سنڌي ٽن ڪنول (گڏيل) (28) ڪتڪهار ڪونجا (گڏيل) (29) تاريخ جي جهروڪي مان (گڏيل) (30) سنڌي سماج جو جائزو (جائزو) (31) ڏيج جهاڳيندڙ راتيون ڏونگر جهڙا ڏينهن (جيل دوران ڪم ٿيو) (32) مولانا ابوالڪلام آزاد شامل آهن. عبدالواحد آريسر 3 مارچ 2015 تي ڪراچيءَ جي هڪ نجي اسپتال ۾ 65 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.

عثمان علي انصاري

عثمان علي انصاري، 21 آڪٽوبر 1901ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. سندس ولادت کان ۾ مهينا اڳ سندس والد جو انتقال ٿيو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور جي سنڌي اسڪول نمبر 2 مان ورتي. شڪارپور جي هاءِ اسڪول مان 1918ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنائين.

عثمان علي انصاري شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست تي شاهڪار ڪم ڪيو آهي. هن ڀٽائي جا سمورا نسخا گڏ ڪري شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو. سنڌي ادب ترجمي ۽ تحقيق ۾ عثمان علي انصاري جي وڏي ڏات آهي.

عثمان علي انصاريءَ هيٺيان ڪتاب ترتيب ڏنا ۽ ترجمو ڪيا. جن ۾: (1) درس عمل (1936ع)، (2) گمراهه دوست (ترجمو، 1939ع)، (3) ادبي انتخاب (1944ع)، (4) يوناني فلسفو (ترجمو)، (5) جيئڻ وفا (ترجمو، ناٽڪ)، (6) پنج (خليل جبران جون ڪهاڻيون ترجمو)، (7) سنڌي نثر شامل آهن. هن تحقيقي ڪم ۽ عالماڻي انداز ۾ ڪيو. سندس عالماڻ ۽ تحقيقي ڪم ۾ هيٺيان ٻه ڪتاب وڏي معيار جا آهن:

(1) رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1958ع ۾ شايع ڪيو. (2) شاهه جو رسالو، جيڪو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سهڪار سان 1997ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

سچل سرمست جي رسالي جو ڪم عثمان علي انصاريءَ کي 1952ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان سونپيو ويو هو. ڪجهه مهينا ڪيس سچل جو ڪلام هٿ ڪرڻ ۾ لڳا. جنهن ڏس ۾ هن ان وقت تائين سچل سرمست جا ڇپيل سمورا نسخا هٿ ڪيا. ان کان سواءِ هن نظر محمد شڪارپوريءَ جي دستخط مان ڪيترين ڪافين ۽ بيت هٿ ڪيا، جيڪي پڻ نسخي ۾ ڏنا هئا. "رسالي سچل سرمست" جا سنڌي ادبي بورڊ ٻه ڇاپا 1959ع ۽ 1982ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. عثمان علي انصاري شاهه لطيف جي پراڻن سمورن نسخن کي ڀيٽي شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو. جنهن ۾ رسالي جي ڀيٽ جون معياري ۽ علمي ڳالهيون برقرار ڪيائين.

عثمان علي انصاري 02 سيپٽمبر 1962ع تي ڪراچيءَ ۾، 65 سالن جي عمر ۾ انتقال ڪيو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

عزيز رانجهاڻي

عبدالعزيز رانجهاڻي، 7 سيپٽمبر 1966ع تي دادو ضلعي جي تعلقي جوهيءَ جي ڳوٺ ڇنيءَ ۾ ڄائو. ابتدائي پرائمري تعليم ڳوٺ مان وٺي، مئٽرڪ ۽ انٽر دادوءَ مان پاس ڪيائين. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشوري مان پيٽروليم ۽ گئس ۾ بي. اي جي ڊگري حاصل ڪيائين. 1996ع ۾ ملڪي سطح تي تيل ۽ گئس جي ترقياتي اداري آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (O.G.D.C.L) ۾ پيٽروليم انجنيئر مقرر ٿيو. هن ابتدا ۾ عزيز ڪاڇيلي جي نالي سان لکيو. 1995ع کان وٺي عزيز رانجهاڻي صحافت سان لاڳاپيل رهيو. هفتيوار 'برسات' ڪراچي، جنگ گروپ جي انگريزي اخبار 'دي نيوز' ڪراچي، 'سنڌ ٽربيون' ڪراچي، 'جاڳو' ڪراچي، پي. پي. آءِ نيوز ايجنسي، هلال پاڪستان ۽ ٻين ڪيترن رسالن ۽ اخبارن ۾ رپورٽر ۽ ايڊيٽر طور پنهنجون صحافتي ذميواريون نڀائيندو رهيو آهي. هن ماحوليات، سياحت، ثقافت، آثار قديمه ۽ ٻين موضوعن تي اڻيڪ مضمون ۽ ڪالم لکيا آهن. کيس مختلف شعبن ۾ بهتر ڪارڪردگيءَ سبب ايوارڊ به مليا آهن. 1993ع ۾ لعل شهباز قلندر جي ميلي جي موقعي تي دادو ضلعي جي تاريخي ماڳن ۽ مڪانن جي فوٽوگرافي، نمائش ۽ ميلي جي انتظامن تي کيس 'شهباز ايوارڊ' مليو. 1998ع ۾ سنڌ ۾ ماحولياتي گدلاڻ بابت مسلسل لکڻ تي قوام متحده جي عالمي اداري آءِ. يو. سي. اين (I.U.C.N) پاران کيس ايوارڊ ۽ انعام سان نوازيو ويو. 2012ع ۾ ڊبليو. ڊبليو. ايف (W.W.F) ۽ فرينڊس آف انڊس پاران کيس گرين جرنلسٽ ايوارڊ ڏنو ويو.

عزيز رانجهاڻيءَ جا ٻه ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن: (1) 'سنڌ جون ڍنڍون' (جلد پهريون) ۽ (2) 'مها ٻوڏ' (2010-11ع)، پوئين ڪتاب ۾ 'سنڌوءَ جي ساڄي ۽ کاٻي ڪناري' 2010ع ۽ 2011ع ۾ آيل ٻوڏ ۽ برساتن سبب سنڌ جي جيڪا تباهي ۽ لڏپلاڻ ٿي، ان جو احوال ڏنو ويو آهي.

عزيز ڪنگراڻي

عزيز ڪنگراڻي 4 جنوري 1958ع ۾ سنڌ جي جوهي تعلقي، ضلع دادوءَ جي ننڍڙي ڳوٺ حاجي مالڪ خان ڪنگراڻيءَ ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پاڙي واري ڳوٺ گل محمد ڪٻر جي پرائمري اسڪول مان 1971ع ۾ حاصل ڪيائين. سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول جوهيءَ مان 1977ع ۾ مڪمل ڪيائين. سنڌي ادب ڏانهن لاڙي سبب 1987ع ۾ سنڌيءَ ۾ ايم اي پهرين پوزيشن ۾ پاس ڪيائين، جنهن تي کيس سنڌ يونيورسٽي پاران ميڊل ڏنو ويو.

سندس سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ 9 ڪتاب ڇپيل آهن ۽ هڪ سهڪاري مرتب طور شايع ٿيل آهي. سندس ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي، روشني پبليڪيشن حيدرآباد، نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي ۽ ٻين ادارن پاران ڇاپيل آهن. هيٺ سندس ڪتابن جا نالا ڏجن ٿا:

http://soorihsindhiadab.website.2.me

(1) سنڌ پري (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون 1999ع) (2) روڳ ڪهاڻيون (2005ع) (3) ٽو ٽو ٽي طوفان (شاعري 2005ع) (4) ڪاڇو هڪ اڀياس (2009ع) (5) اکر اکر آرسي (استاد بخاري جي شاعري جي لغت 2009ع) (6) دادو اٿئي گلاب (سهڪاري مرتب 2011ع) (7) سنڌ ٿرڙ آرڪيالوجيڪل جرني (2012ع) (8) گورک مٽي چند (شاعري 2016ع) (9) تاريخ جا ترورا (تحقيقي مضمون 2016ع) (10) پيار ڳرهڻ (ڪهاڻيون 2017ع) (11) ٺٺيڪ يف (تحقيق 2017ع) (12) محبت هڪ اسير (2018ع)

سندس انگريزي ۾ تحقيقي ڪتاب "هسٽري آن وال" اينڊوميٽ فنڊ ٽرسٽ ڪراچي، سنڌي ۾ تحقيقي ڪتاب "سنڌ: سنڌوءَ جو تحفو" ثقافت کاتو سنڌ ۽ انگريزي ۾ تحقيقي مضمونن جو ڪتاب "اي گلمپس ان ٽُ هسٽري آف سنڌ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي ڄامشورو پاران شايع ڪيو ويو آهي.

عزيز ڪوپانگ

حيدر بخش "عزيز" ڪوپانگ، 14 جولاءِ 1962ع تي ڳوٺ حاجي خان ڪوپانگ تعلقي ڪنڊياري ۾ ناميارو تعليمدان محمد صالح ڪوپانگ جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري کان ڪاليج تائين هن سموري تعليم سانگهڙ مان حاصل ڪئي. 1986ع ڌاري هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم. اي (سنڌي) جي ڊگري ورتي.

"عزيز" ڪوپانگ اسڪول جي زماني کان ئي لکڻ شروع ڪيو. سندس شاعري ۽ مضمون "گلن جهڙا ٻار"، "گل ڦل" کان علاوه مختلف اخباري صفحن ۾ شايع ٿيندا رهيا. 1980ع کان پوءِ هن "مهراڻ" ۽ "نئين زندگي" ۾ لکڻ شروع ڪيو. اڳتي هلي هن روزاني "ڪاوش" ۽ "عبرت" اخبار ۾ باقاعدگيءَ سان ڪالم لکڻ شروع ڪيا. 1996ع ۾ جڏهن روزاني "عبرت" جو ادبي مخزن "بختاور" جاري ٿيو ته هي ان جو ايڊيٽر رهيو. ملازمت جي سلسلي ۾ هن استاد طور ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو، ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ، پبلڪ اسڪول ميرپورخاص وغيره ۾ فرض سرانجام ڏنا. آغا خان اسڪول، سلطان آباد ۽ ڪائونٽي ڪئمبرج گرلس ڪاليج جو پرنسپال به رهيو. هي سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ به رهيو. جڏهن ته سرڪاري ليڪچرشپ ڇڏي علمي ادبي ڪم ۾ مشغول رهيو. "عزيز" ڪوپانگ لغت جي ڪم تي به خاص ڌيان ڏنو. هن ذاتي محنت سان ڪيترين ئي ڊڪشنريون تيار ڪيون، جن ۾:

(1) Sindhi Dictionary, Sindhica Concise English — Sindhica (2) Pictorial Dictionary, (3) "سنڌي-سنڌي-انگريزي لغت" پڻ اهم آهن.

سندس ڇپيل ڪتابن ۾: (1) "وصال جا آخري ڏينهن" (شاعري 2007ع)، (2) "لشڪر دشمنان ۽ اڪيلي بينظير" (چونڊ ڪالم 2011ع)، (3) "عمر لولي اباڻن جا" (سوانحي خاڪا 2011ع) شامل آهن. هن وقت پاڻ حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

عطا محمد ڀنڀرو

عطا محمد ڀنڀرو ڀيرين فيبروري 1936ع تي ڳوٺ ڀچل ڀنڀرو ۾ ڄائو. اهو ڳوٺ خيرپور ضلعي جي تعلقي سوڀوديرو سان تعلق رکي ٿو. ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان تعليم پوري ڪري وڪالت شروع ڪيائين. سکر ۾ شيخ اياز ايڊووڪيٽ جو جونيئر ٿي رهيو. وڪيلن جا پرڪار ڏسي وڪالت کان بس ڪيائين. ڪتابن جو وڏو پاڙهو رهيو ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ سنڌ بابت ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي جو آغاز ڪيائين. سنڌس پهريون ترجمو ڪيل ڪتاب ڀٽ جو شاهه هو. جيڪو 1992ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران شايع ٿيو. سنڌ سان عشق ڪيس سنڌ جو تهذيبي بنياد ڄاڻڻ تي اتساهيو ۽ موهن جي دڙي جي ٻولي جي ٻاڃ واري تحقيق جون قابل قدر ڪوششون ڪيائين. سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ماڳن ۽ شخصن متعلق انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڳولي ڳولي ترجمو ڪيا اٿائين. انهن ۾ ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺين ريت آهن:

(1) ڀٽ جو شاهه، ايڇ. ٽي. سورلي (سنڌيڪا: 1992ع)، (2) سنڌو لکت ۽ ٻولي، ايس. آر. راءِ (سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو: 1994ع)، (3) سنڌ جو مهراڻ، ايڇ. جي. راورٽي (سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو: 1995ع)، (4) سنڌو لکت جون بين الاقوامي لکتن سان لاڳاپو، جي. آر. هنٽر (سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو: 1995ع)، (5) سنڌ ۾ قديم کنڊرن جي کوٽائي، اين. جي. مجمدار (سنڌي ادبي بورڊ: 1997ع)، (6) سنڌوءَ جو سفر، اليگزينڊر برنس (سنڌيڪا: 1998ع)، (7) سنڌ ۾ انگريزن جي حڪمت عملي، ڊاڪٽر ڀيرين فعدرتي (سنڌيڪا: 1998ع)، (8) سنڌو ڪينهن درياهه، جيئن ڪيڙلي (سنڌيڪا: 1999ع)، (9) سنڌ بابت انگريزن جي حڪمت عملي، سي. ايل. مارپوالا (سنڌ تحقيقي بورڊ: 1999ع)، (10) حر گوريلا جنگ، ايڇ. ٽي. لئمبرڪ (نيو فيلڊس پبليڪيشن: 2000ع)، (11) سنڌ جي تاريخ مورخن جي زباني، ايڇ. ايم. ايليٽ (نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد: 2000ع)، (12) سڪندر جي ڪاهه، امين روشني: 2000ع)، (13) سنڌ جي فتح، ليفٽيننٽ آئوٽرام (سنڌيڪا: 2001ع)، (14) سنڌوءَ جو موهه، جنرل سرچارج ميڪمين (سنڌ تحقيقي بورڊ: 2002ع)، (15) تاريخ جا سبق، ول ڊيورانٽ (روشني: 2002ع)، (16) سنڌ جا قديم آثار، هينري ڪزنس (سنڌي ادبي بورڊ: 2004ع)، (17) ٺٽي جا اسلامي درسگاهه، ڊاڪٽر احمد حسن داني (سنڌي ادبي بورڊ: 2004ع)، (18) ٺٽي جا ڪاشي، محمد عبدالغفور (سنڌي ادبي بورڊ: 2004ع)، (19) سنڌ جيئن مون ڏٺي، ٽي. پوسٽنس (سنڌيڪا: 2005ع)، (20) سنڌوءَ ڪناري وسارئل شهر، مائيڪل جينسن (سنڌيڪا: 2005ع)، (21) سنڌ ڏکوئل ماٿري، رچرڊ برٽن (روشني پبليڪيشن: 2006ع)، (22) سنڌ هند جي قديم جاگرافي، ليگزينڊر ڪننگهام (سنڌي ادبي بورڊ: 2007ع) وغيره. عطا محمد ڀنڀرو صاحب پيرسنيءَ ۾ به لکپڙهه جاري رکيون پيو اچي.

علامه آءِ آءِ قاضي

علامه آءِ آءِ قاضي جو اصل نالو امام علي ولد امداد علي قاضي هو. پاڻ 1886ع ۾ ضلعي دادو جي علمي ڳوٺ "پاٽ" ۾ ڄائو. 1905ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري 1910ع ۾ لنڊن

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مان بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين. انهيءَ عرصي ۾ مختلف علمن جو ذاتي طور مطالعو ڪيائين. سندس شادي جرمني ۾ ”ايلسا“ سان ٿي، جيڪا پڻ اعليٰ اديبه، مصور ۽ قابل عورت هئي.

1919ع ۾ علامه صاحب سنڌ ۾ مستقل طور رهڻ آيو ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. پوءِ حيدرآباد ۾ سب جج ٿيو. پر عدالتي معاملن ۾ رياستن اختيارن جي مداخلت سبب استعيفيٰ ڏئي لنڊن هليو ويو ۽ اتي اسلامي تبليغ لاءِ مرڪز کوليائين. 1924ع ۾ لنڊن مان موٽي اچڻ ڪانپوءِ جناح ڪورٽس ڪراچي جي مسجد ۾ پيش امام ٿيو ۽ جمعي جي ڏينهن علمي خطبو ڏيندو هو. علامه صاحب جو مطالعو تمام وسيع هو. پاڻ هڪ ئي وقت مذهب، سائنس، فلسفي، ادب، شاعري، آرٽ، تاريخ ۽ تصوف تي گهري نظر رکندا هئا. سندس فڪر ۽ فطر جو محور ”قرآن شريف“ هو. قرآن پاڪ کانپوءِ سندس وڏي ۾ وڏو ماخذ ”شاهه جو رسالو“ هو.

علامه صاحب جو زنده ڪارنامو سنڌ يونيورسٽي جو قيام هو. پاڻ ان ڏينهن ۾ لنڊن ترسيل هئا. جڏهن کيس گهرائي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بڻايو ويو. ان وقت سندس عمر 65 سال هئي. سندس دور ۾ ڪاپي ۽ سفارش جو نالو ئي نه هو. انتظامي طرفان يونيورسٽي ۾ ڪنهن به قسم جي مداخلت برداشت نه ڪندو هو. جنرل ايوب جي مارشل لا جي دور ۾ آخري مداخلت تي استعيفيٰ ڏئي ڇڏيائين.

سندس تصنيفن ۾ (1) رسالو (پيغام) 1961 (2) مسرفي لاڪرتي (3) حسن سنڌو حق (4) اهو ڪمر پيو ڦهر (5) Adventure of a brown girl in her search of God (6) Shah Abdul Latif Bhitai (7) Casual peeps of a Sophia (Essays) شامل آهن.

علامه صاحب پنهنجي گهر واري ايلسا قاضي جي وفات بعد اڪيلو ٿي ويو ۽ ٺيڪ هڪ سال بعد 13 اپريل 1968ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهه سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ آهي.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

نامياري عالم دين، اديب ۽ استاد علامه غلام مصطفيٰ قاسمي 24 جون 1916ع تي لاڙڪاڻي (هاڻوڪي قنبر شهدادڪوٽ) ضلع جي تعلقي ميرو خان جي ڳوٺ رئيس پنهي خان چانڊيي ۾ جنم ورتو. (ڪن هنڌن تي سندس جنم جو سال 1924ع پڻ لکيل آهي). سندس والد صاحب جو نالو حافظ حاجي محمود هو. پاڻ شروعاتي تعليم پنهنجي والد ڀاران قائم ڪيل ديني مدرسي مان ورتائون. بعد ۾ کين ميرو خان جي عربي مدرسي ۾ موڪليو ويو. اڳتي هلي انٽر ڪرڻ کان پوءِ پنجاب يونيورسٽيءَ مان عربي جو اعليٰ امتحان Course in Arabic High Proficiency پاس ڪيائون.

قاسمي صاحب پنهنجي عملي زندگي جي شروعات ميرو خان جي سرڪاري اسڪول ۾ عربيءَ جي استاد جي حيثيت سان ڪئي. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جا اعزازي پروفيسر ۽ رهيا ۽ مختلف مضمونن ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي لاءِ رهبر هئا. ڪيترن ئي اديبن ۽ محققن سندس نگرانيءَ ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي. علامه صاحب جي نگراني ۾ پي ايڇ ڊي جا مقالا

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مڪمل ڪندڙن جو انگ 61 آهي. جيڪو هن وقت تائين سڀ کان وڌيڪ آهي.

تنهن کان سواءِ علامه صاحب 1964ع کان 2002 تائين "الرحيم" (اردو ۽ سنڌي) 1972ع کان 2002 تائين "الولي" جا ايڊيٽر پڻ رهيا. 1977ع کان وٺي 1989ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين پڻ رهيا.

پاڻ امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي کان "معارف القرآن" ۽ "شاهه ولي الله جو فلسفو" سکيا. خاص ڪري شاهه ولي الله جا ڪتاب حجة البالغه، سطعات، البدور البازغه، خير الڪثير ترجمة القرآن وغيره پڙهيائون.

علامه صاحب جي تصنيفن، ترجمن، ايڊٽ ڪيل ۽ مقدمه لکيل ڪتاب جو تعداد 48 آهي. انهن 48 ڪتابن مان ڪن اهم ڪتابن جا نالا آهن: مفيد الطلبا في شرح تعريف الاشيا (عربي) شاهه جو رسالو (معنيٰ سان)، قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير، مقالات قاسمي، ديني ڪتابن جو ڪئٽلاگ، تمدن عرب (تفسير سورت سبا)، "سماجي انصاف اور اجتماعيت شاهه ولي الله کي نظر مين" وغيره اهم آهن. تاج جويو سنڌس علمي خدمتن جي مڃتا طور "عالمن جو آفتاب" نالي ڪتاب ترتيب ڏنو آهي. سنڌ جي هن جيد عالم 11 ڊسمبر 2003ع تي وفات ڪئي.

علي احمد بروهي

علي احمد بروهي 11 نومبر 1920ع تي ڪنيڙا ڳوٺ ۾ ڄائو. سندس آبائي ڳوٺ ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ آهي. سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن "رائل انڊين نيوي" ۾، ٻي مهاڀاري جنگ دوران ملازمت اختيار ڪئي. جتي 1946ع ۾ مشهور "نيوي بغاوت" ۾ حصو ورتائين ۽ بحري فوج جي ٻين سائين سان گڏ جيل اماڻيو ويو. جيل مان آزاد ٿيڻ کانپوءِ علي احمد بروهيءَ جو صحافتي سفر شروع ٿيو. "قرباني"، "صداءِ سنڌ" (ڪراچي)، "انقلاب"، "منشور" ۽ "مهني فيسٽو" (سکر)، اخبارن ۽ رسالن جو ايڊيٽر رهيو.

1950-1955ع واري دور ۾ علي احمد بروهي هڪ سٺي مزاح نگار طور اڀريو. سندس ڪهاڻين ۾ "عثمان حجم جو ڏند ڪڍائڻ" ۽ "عثمان حجم جو روزو رکڻ"، مزاحيه ڪردار نگاريءَ جا اعليٰ مثال آهن. هن جي مزاح نگاريءَ تي دنيا جي مشهور مزاح نگار جيرنڪي، جيرو جو اثر نمايان آهن.

هن جي ڪهاڻين ۽ خاڪن ۾ ڪل پورڪ سان گڏ سماجي برائين ۽ مذهبي تماشن تي سخت تنقيد آهي. سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. جهڙوڪ: (1). "جام چاموٺ ۽ چامڙا (خاڪا: 1984ع)، (2). "وات ويندي" (خاڪا: 1986ع)، (3). "سڪي سنڌ" (1987ع)، (4). "ڪجهه ڪڇهاندر ڳالهيون" (1990ع)، (5). "ڪڪ پن" (1996ع)، (6) The Temple of Sun God (1998ع) (7). "لاهوتي لٽي ويا"، (8). "وتايو فقير" (2004ع) وغيره شامل آهن. هن سنڌي ۽ اردو اخبارن ۾ مسلسل ڪالم لکيا، هن کي سنڌي بهترين ڪالم نگار طور اي. پي. اين. ايس (A.P.N.S) ايوارڊ به مليو. علي احمد بروهي ڇهين ڊسمبر 2003ع تي وفات ڪئي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

علي بابا

علي محمد ولد محمد رمضان بلوچ 1940ع ڌاري ڪوٽڙي ضلع ڄامشوري ۾ جنم ورتو. علي محمد اڳتي هلي "علي بابا" جي نالي سان مشهور ٿيو. علي بابا جو واسطو روايتي "رند" قبيلي سان آهي. علي بابا پرائمري تعليم نانگو لائين ميونسپل اسڪول ڪوٽڙي ۾ حاصل ڪئي. علي بابا جي لکڻ جو انداز سڀني کان نرالو آهي. لکڻين ذريعي سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. هن پنهنجي قلم مان لڳ ڀڳ ٽن سٽن کان به وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون. ٽيلي ڊراما لکيا. ريڊيو لاءِ ڊراما ۽ گيتن ڀريون ڪهاڻيون لکيون. فلم اسٽوريون لکيون. اسٽيج ڊراما لکيا.

علي بابا هڪ سئو کان به وڌيڪ ٽي وي ڊراما ۽ سيريل لکيون. جن مان هڪ ڊرامي "ڊنگيءَ منجهه درياهه" (1976ع ۾) کي ميونخ جي عالمي ميلي ۾ ٽيون نمبر بهترين ڊرامو قرار ڏيئي "ايوارڊ" سان نوازيو ويو. انهيءَ ميلي ۾ دنيا جي 79 ملڪن حصو ورتو. علي بابا جي ٻين مشهور ڊرامن ۾ پالڻهاڻي، موکي متارا، مومل راڻو، هوش هيدي، رقص حيات (اهو مرهن ڌڙي جي ناچڻي ۽ زندگي بابت هو) سڙ ريهه ٽوٽڪ، شيشي جو گهر، گلن واري چوڪري وغيره شامل آهن.

علي بابا جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1983ع ۾ "ڌرتيءَ ڌڪاڻا" جي نالي سان ڇپيو. جنهن ۾ سندس ارڙهن ڪهاڻيون شامل هيون. جنهن بعد سندس افسانن جو ڪتاب "آيل ڏي اولاڻ" 1984ع ۾ شايع ٿيو. سندس ناول "موهن جو دڙو" (حصو پهريون) 1985ع ۾ شايع ٿيو. اهو ناول پهريون ماهوار "روح رهاڻ" ۽ پوءِ "تشين زندگي" ۾ قسطوار ڇپيو هو.

مٿين ناول کان سواءِ علي بابا، ٻارن لاءِ پڻ هڪ ناول "سنڌباد جو سفر" لکيو آهي. اهو ناول 1993ع ۾ ڇپيو. جنهن بعد سندس ڪهاڻين جو ڪتاب منهنجون ڪهاڻيون جي نالي سان شايع ٿيو. علي بابا ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، جنهن به صنف کي ڇهيو آهي. انهن کي شاندار ۽ جاندار بڻائي ڇڏيو اٿس.

عنايت بلوچ

عنايت بلوچ جو پورو نالو عنايت الله ولد غلام نبي "اداسي" ڪرسر بلوچ آهي. سندس والد پڻ پنهنجي دور جو اهم شاعر هو. سندس جنم 3 آڪٽوبر 1941ع تي ڳوٺ حاجي يار محمد ڪرسي لڳ احمد پور، ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿيو. سندس تعليم ايم. اي (اسلامڪ هسٽري) آهي. عنايت بلوچ شاعر هئڻ سان گڏ سٺو نثرنگار، نقاد، براڊڪاسٽر ۽ لطيف جو پارکو پڻ آهي. ڪسٽمس کاتي ڪراچيءَ ۾ اڪائونٽنگ آفيسر جي نوڪريءَ کي خيرباد چئي، 1970ع ۾ براڊڪاسٽنگ جي دنيا ۾ داخل ٿيو. جتي هو مختلف هنڌن تي مختلف عهدن تي رهيو. سندس تصنيفن ۾ هيٺيان ڪتاب شامل آهن:

(1). "ڪند ڪٺارو ڪنڌ" (شاعري: 1981ع)، (2). "پرين جي پرديس" (سفرنامو: 1984ع)، (3). "پرديسي کهڙا پرين" (سفرنامو: 1987ع)، (4). "سهڻين ڪيا سارنگ" (سفرنامو: 1995ع).

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مٿي ڄاڻايل سندس ذاتي تصنيفن کان سواءِ عنايت بلوچ سنڌ جي مشهور ادبي شخصيتن جا ڪتاب پڻ ترتيب ڏنا آهن، جهڙوڪ: (1) ”سپ ۾ پنهون پاڻ“ (مير سڪندر خان کوسي جو ڪلام، 1974ع ۾ ڇپيل)، (2) ”ڪٿي پڙاڏا، ڪٿي سڏ“ (جي. الانا جي سنڌي شاعري، 1981ع ۾ ڇپيل)، (3) ”پيارن جا پيغام“ (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي خطن جي ترتيب 2008ع ۾ ڇپيل). عنايت بلوچ هن وقت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر آهي ۽ قاسم آباد، حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

غلام حسين رنگريز

غلام حسين رنگريز ولد شفيع محمد ڪٽي، 18 اپريل 1945ع تي ميرپور بٺوري، ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو. هن جا وڏا ڪپڙو رنڱڻ جو ڪم ڪندا هئا، ان ڪري رنگريز سڏجن ٿا. غلام حسين رنگريز، لکڻ جي شروعات مئٽرڪ پڙهڻ دوران ڪئي.

غلام حسين رنگريز ادب جي سمورين صنفن تي لکيو آهي، جن ۾ مضمون، تحقيق، ڪهاڻيون، ڪالم، تنقيد ۽ ترجما وغيره شامل آهن. سندس ڪالم ’جي جوان سچ‘ جي عنوان سان روزاني عوامي آواز ۾ ڪافي عرصي تائين سلسليوار ڇپبا رهيا. غلام حسين رنگريز 1988ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو ٻن سالن لاءِ بنا مقابلي سيڪريٽري جنرل چونڊيو. غلام حسين رنگريز جي شاعري سنڌ جي نالي وارن فنڪارن ڳائي آهي. سندس هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن:

(1) ’سرمد ڇا ٿو سوچي؟‘ (مضمون)، (2) ’ذڪر سو وهاءُ‘ (مضمون)، (3) ’غلام جا ٽهڪڙا‘ (الف ليلوي ناٽڪ جو انگريزيءَ تان ترجمو، 1990ع)، (4) ’اکين اڄ اڀار‘ (شاعري، 2005ع) ۽ (5) ورق ورق زندگي (ڊائريءَ جا ورق، 2010ع) شامل آهن.

غلام رباني آگرو

غلام رباني آگرو، تعلقي ڪنڊياري جي ڳوٺ ’محمد خان آگري‘ ۾ 5 نومبر 1933ع تي ڄائو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ کان ورتائين. رباني صاحب 1951ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ٽرشهري فيروز مدرسي هاءِ اسڪول مان پاس ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد هليو آيو، جتي گورنمينٽ ڪاليج ڦليليءَ ۾ ٻه سال تعليم ورتائين. ان کان پوءِ ڪراچيءَ هليو آيو، جتي آرٽس ۾ بي. اي ڪيائين.

رباني صاحب لکڻ جي شروعات 1953ع ڌاري ڪئي. اول ماهوار ”نئين زندگيءَ“ ۾ جوائنٽ ايڊيٽر ٿيو ۽ پوءِ 1959ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. 5 سالن کانپوءِ 1976ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو پرو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. تڏهن شيخ اياز وائيس چانسلر جي عهدي تي هو. سندس 1954ع کان 1960ع تائين لکيل ڪهاڻيون، ”آب حيات“ جي نالي سان ٽي دفعا ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي چڪيون آهن.

رباني صاحب جي ڪن ڪهاڻين جا، هندستان ۽ پاڪستان جي مکيه ٻولين مثلاً: اردو، هنديءَ، مرهٽيءَ، پنجابيءَ ۽ گجراتيءَ کان علاوه انگريزيءَ، چيني ۽ جرمن زبانن ۾ ۽

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ترجما ٿي چڪا آهن. چيئرمين اڪيڊمي آف ليٽرس جي زماني ۾ سندس پاڪستان جي مکيه اديبن ۽ شاعرن سان ملاقاتون ٿيون. سنڌ جي مکيه اديبن ۽ عالمن جي خاڪن تي مشتمل سندس ڪتاب "ڇهڙا گل گلاب جا"، سنڌي ادبي بورڊ، ٻن جلدن ۾ شايع ڪيو آهي. ان کان سواءِ پاڪستان جي ڪن برگزيده شخصيتن ۽ اهل الله، قلندر لعل شهبازؒ، پير سائين محمد راشد روضي ڌڻيؒ ۽ غوث بهاءُ الحق ملتانيؒ جي سوانح ۽ تعليمات تي مشتمل سندس ڪتاب "سنڌ جا ٻر، بحر ۽ پهاڙ" سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. سندس انٽرويو چين جي مشهور اخبار "پيپلز ڊيلي" ۾ شايع ٿيا آهن، جڏهن ته ڪيترا ئي انٽرويو ريڊيو وائيس آف آمريڪا تان پڻ نشر ٿيا. زماني صاحب ڪجهه سال اڳ پهرين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو ۽ آخري وقت ۾ حيدرآباد ريجنل آفيس جو محتسب هو. هن 18 جنوري 2010ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي ۽ کيس ابائي ڳوٺ دفن ڪيو ويو.

غلام محمد شاهواڻي

غلام محمد شاهواڻي حيدرآباد جي قديم علائقي ڪوڙين جي پڙ ۾، شاهواڻي گهٽيءَ ۾ 1912ع ڌاري پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو حڪيم محمد ابراهيم شاهواڻي هو. غلام محمد، حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول، ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ مان پڙهيو. بي اي جي ڊگري حاصل ڪري، تعليم واري شعبي سان وابسته ٿيو.

غلام محمد شاهواڻي بهترين نثر نويس ۽ نقاد هو. شاهه لطيف جي ڪلام جو پارکو ۽ اسلامي تاريخ جو عالم هو. هن پهريون ڪتاب 1940ع ۾ "چاليهه حديثون" سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ پاران ڇپايو. ان کان پوءِ رسول پاڪ جن جي سيرت تي ڪتاب آيس ۽ بعد ۾ 25 ڪتابن جو شاندار سلسلو هليو. هن جي ڪتابن ۾ "ترڪن جي بهادري" (تاريخ 1942ع) "گلشن بهار" (گلستان سعدي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو)، "علمي خزانو" (مولانا رومي جي مثنويءَ جو ٽن جلدن ۾ ترجمو) "ادبي خزانو" (1945ع) سنڌي مضمونن تي "ادبي اصول" (1948ع ۾ ڇپيا)، لطيفيات تي "سر سارنگ"، "سر سامونڊي" ۽ "سر سسئي آبري" تي شرح شايع ٿي. هن "خلفاء راشدين"، "خليفو پهريون"، "خليفو ٻيو"، "خليفو ٽيون" ۽ "خليفو چوٿون" سوانح حيات تي سيني ڪتاب لکيا. تعليم جي لحاظ کان "سنڌي گرامر"، "نظري ۽ علمي تعليم" ڪتاب لکيائين. سندس ٻين ڪتابن ۾ "انتخاب نثر" (مضمون)، "چونڊ نثر ۽ نظم" (ادبي ڪتاب)، "روحاني راز" (اسلامي مضمون: 1964)، "فتوح الغيب" (ٻن ڀاڱن ۾ عربيءَ مان ترجمو)، "اسلامي اقسات"، "فلسفه روزه" (اسلامي موضوعن جو ڪتاب)، "سنڌي گرامر"، "گلدسته اقوال" (ناميارن فلسفين جي قولن تي پهريون ڪتاب: 1950) غلام محمد شاهواڻيءَ جو اهم ڪارنامو "شاهه جو رسالو" آهي.

غلام محمد شاهواڻي 14 ڊسمبر 1958ع تي وفات ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهه حيدرآباد جي قديم قبرستان ٽنڊي يوسف ۾ آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

غلام محمد گرامي

غلام محمد گرامي ولد جاڙيو خان بلوچ، ميهڙ ضلع دادو ۾ 30 سيپٽمبر 1920ع تي جنم ورتو. شروعات ۾ مدرسن ۾ پڙهيو، پر گهڻو ڪجهه ذاتي مطالعي، تجسس، عالمن، اديبن ۽ بزرگن جي صحبت مان حاصل ڪيائين. پاڻ 1943ع ۾ حيدرآباد آيو ۽ پوءِ هميشه لاءِ حيدرآباد ۾ رهي پيو. پهريائين سيد علي اڪبر شاهه ميهڙ واري جي تحريڪ تي "جامع عربيه" ۾ استاد ٿي رهيو. ان ڪانپوءِ 1951ع کان 1953ع تائين ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ فارسيءَ جو استاد ٿي رهيو.

پاڻ صحافت جي شروعات 1943ع کان ڪيائين. ڪيترن ئي رسالن جو ايڊيٽر ٿي رهيو، جهڙوڪ: "شاعر" الزمان"، "پاسبان" هالا، "آفتاب" ڪراچي، "عرفان لطيف" حيدرآباد، "ترجمان" ميرپور خاص. ڪن اخبارن ۾ ڪالم ۽ مضمون به لکيائين. پاڻ 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ آيو، ۽ رسالي "مهراڻ" جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿيو ۽ 1958ع کان وٺي زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين "سه ماهي مهراڻ" جو ايڊيٽر رهيو. پاڻ سڄي عمر ادب ۽ صحافت سان لاڳاپيل رهيو ۽ پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاريندو رهيو.

گرامي صاحب "مهراڻ" جي ايڊيٽري واري زماني ۾ "مهراڻ" جا ڪيترائي اهم نمبر پڌرا ڪيا، جن ۾ شاعر نمبر 1963ع، سنڌي تنقيدي جائزي جي لحاظ کان سنڌي تنقيدي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

گرامي صاحب ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنا ۽ ترجمو ڪيا، جن ۾ "تاريخي افسانا ۽ ڊراما"، "قائداعظم جون تقريرون"، "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر"، "رباعي ريٽجهار (پيچڪو سنڌس وفات کان پوءِ سيد بچل شاهه ترتيب ڏني) "ديوان بلبل"، "مسلمان ۽ تعليم"، "جام جم"، "مزاحيات" ۽ اڻ ڳڻيا مقالا ۽ مهراڻ لاءِ لکيل گذارشون اهم آهن. سنڌي ادبي بورڊ پاران سندس لکيل لکڻين جو پهريون جلد "گرامي جون لکڻيون" جي نالي سان شايع ڪيو ويو آهي. غلام محمد گرامي 15 سيپٽمبر 1976ع تي وفات ڪئي.

غلام نبي مغل

غلام نبي مغل، 12 مارچ 1944ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم کان پوءِ مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، بي اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۽ ايل ايل بي لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڻو عرصو ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ جي عهدي تائين پهتو.

غلام نبي مغل 14 سالن جي عمر ۾ لکڻ جي شروعات "اردو ڪهاڻين" سان ڪئي، ان وقت سندس ڪهاڻيون اردو مخزن "ادب لطيف" ۽ ڪراچي مان نڪرندڙ رسالي "نيا راهي" ۾ ڇپيون هيون. 1960ع ڌاري جمال ابڙي جي ڪهاڻي "پشمينو" پڙهڻ کان پوءِ سنڌي ۾ لکڻ جي شروعات ڪيائين. سنڌيءَ ۾ پهرين ڪهاڻي "ڏر" لکيائين، جيڪا حميد سنڌي جي رسالي "روح رهاڻ" ۾ ڇپي. سندس ٻي ڪهاڻي "شيشي جو گهر" مهراڻ 1962ع جي ڪتاب ۾ ڇپي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب ويهن سالن جي عمر ۾ 1964ع ۾ "نئون شهر" جي نالي سان ڇپيو. هيستائين سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا: "رات جا نيڻ" (1969ع)، "رات سندهنجي روح ۾" (1979ع)، "سٽ سترا اسي" (1990ع)، "عورت ۽ پيار" (1994ع) ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

ڪهاڻي سان گڏ غلام نبي مغل، ناول نگاريءَ ۾ پڻ پنهنجي ڌاڪ ڄمائي. سندس چار ناول: "اوڙاهه" (1994ع)، "دونهاتيل راتيون ۽ روڙاڪ" (1996ع) ۽ "موت کي ساهه کڻڻ ڏيو" (2001ع) وطن وڃيو (2008ع) ڇپيل آهن. سندس ناول "اوڙاهه" کي سنڌي ٻوليءَ جو طويل ناول چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.

فخري هروي

ارغونن جي حڪمراني واري دور جو ليکڪ ۽ شاعر سلطان محمد فخري بن محمد اميري، مشهور "فخري هروي". اصل هرات جو هو، جو پوءِ ٺٽي (سنڌ) ۾ اچي رهيو. شاهه حسن ارغون جي دور ۾ وڏي عيش جي زندگي گذاريائين. مرزا عيسيٰ ترخان جي دور ۾ به ڪي ڏينهن ٺٽي ۾ رهيو. جڏهن ته پوءِ هندستان هليو ويو. جتي اڪبر جي شهنشاهي هئي. اندازاً طور 970هه تائين جيئرو رهيو. مير معصوم بکري ٺٽيءَ مان "روضة السلاطين" شاهه حسين ٺٽويءَ ڏانهن منسوب ڪيو آهي. جڏهن ته "روضة السلاطين" نالي ڪتاب فخري هرويءَ لکيو هو. هن ٻيو ڪتاب "جواهر العجائب" به لکيو. هي ڪتاب فارسي گو شاعرن بابت آهي. هن فارسي ۽ ترڪي ۾ شعر جو ديوان به ڇڏيو. پير حسام الدين راشديءَ جي سعيي سان فخريءَ جا لکيل ٻه تذڪرا ۽ هڪ عدد ديوان، سنڌي ادبي بورڊ 1968ع ۾ ڇپيا آهن.

فقير محمد لاشاري

فقير محمد لاشاري، نامیارو سنڌي صحافي، ڪالم نگار ۽ ليکڪ 1951ع تي ڳوٺ ڪاڇي ڪِهاڙ، تعلقي وارهه (حال ضلعو قمبر شهدادڪوٽ) ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو محمد حسن لاشاري هو. شروعاتي تعليم ڪاڇي ڪهاڙ مان ئي حاصل ڪيائين. اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو.

فقير محمد لاشاري کي ننڍپڻ کان ئي لکڻ پڙهڻ سان چاهه هو. هن 90ع جي ڏهاڪي ۾ صحافت شروع ڪئي. پنهنجي دليرانه موقف، عوامي احساسن جي ڀرپور ترجماني ڪرڻ ۽ لکڻ جي ٻي ٻيي انداز سبب ٿوري ئي وقت ۾ هو جديد سنڌي صحافت جو سگهارو نالو بڻجي ويو. ڪراچيءَ مان عوامي آواز جاري ٿيڻ بعد ان ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيائين. جيڪي ڏيهان ڏيهه دلچسپيءَ سان پڙهجڻ لڳا. 1992ع ۾ جاڳو اخبار شروع ٿي ته ان جي ايڊيٽر جون ذميواريون نڀايائين. جنهن بعد دلير ۽ بيباڪ ايڊيٽر طور متعارف ٿيڻ لڳو. اخبار ۾ سندس ڪالم ڇپجڻ جو ماڻهو انتظار ڪندا هئا.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سندس شايع ٿيل ڪتابن جا نالا هيءَ آهن:
(1) ڌرتيءَ جي ڏاڍهن (مضمون 1988) (2) سنڌ جا سور (مضمون 1988) (3) سنڌ پيپلز پارٽي ڪان چار صاد تائين (صحافتي مضمون 1993) (4) ڀج جهڙي ماحول ۾ موڙ جهڙي رڙ (صحافتي مضمون ۽ پاڳا) (5) چپن جي سونهان (ڪالم) (6) سڳهارو هنالي هيٺا ماٿهو (سفرنامو)
جديد سنڌي صحافت جو هيءُ بي باڪ علمبردار 1993ع ۾ لاهور ۾ هڪ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو.

قاضي فيض محمد

قاضي فيض محمد 23 نومبر 1908ع تي هالاڻي ضلع نوشهروفيروز ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم هالاڻين ۾ ورتائين. ثانوي تعليم هالاڻي، خيرپور ميرس، نوشهروفيروز جي هاءِ اسڪولن ۾ ورتائين ۽ سن 1929ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين. 1935ع ۾ بي ايس سي ۽ 1940ع ۾ ايل ايل بي پاس ڪري وڪالت شروع ڪيائين.
قاضي فيض محمد گهڻ رخي شخصيت هو. هڪ طرف سياستدان ته ٻئي طرف هڪ ليکڪ به هو. سندس ايالو شهر نوابشاهه آهي جتي سندس زندگيءَ جا لاها چاڙها گذريا.
قاضي فيض محمد جا اڪيچار ڪتاب ڇپجي چڪا آهن سندس آتم ڪٿا تي مشتمل ڪتاب "منهنجو سفر" به انهن مان هڪ اهم ڪتاب آهي. قاضي فيض محمد جي ڇپيل ڪتابن جا نالا هيءُ آهن:
(1) جنسار (ناول) (2) پاڻيءَ ستو پاوڻ (3) اڻ چاڙل پار (ناول) (4) علامه آءِ آءِ قاضي (5) منهنجو سفر (آتم ڪٿا) (6) هاري ڪميٽي ۽ الاڻي تحريڪ (7) درد ڀريو داستان (شاعري) (8) Latifi Sindh in the Search of Truth شامل آهن. مٿين ڪتابن کانسواءِ قاضي فيض محمد جي شاعري ۽ سنڌي توڙي انگريزي ۾ لکيل مضمونن ۽ ڪيل تقريرن جو ڪافي مواد اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي. قاضي فيض محمد سن 1982ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

قاضي قادن

سمن جي دور جو مشهور سنڌي شاعر قاضي قادن بن ابوسعيد بکري بن زين الدين بن ابوالخير قاضي، وقت جو وڏو عالم ۽ مصنف ٿي گذريو آهي. هڪ اندازي موجب سندس ولادت 3 شعبان 889هه مطابق 27 جولاءِ 1484ع تي ٿي آهي. سندس وڏا سيوستان (سيوهڻ) جا رهاڪو هئا.
قاضي قادن، سنڌ ۾ سمن حڪمرانن ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو (حڪومت 864هه ــ 914هه) ۽ ڄام فيروز (حڪومت 914هه ــ 927هه) کان ارغونن جي حڪمرانن ۾: شاهه بيگ ارغون (حڪومت 927هه ــ 928هه)، شاهه حسن ارغون (حڪومت 928هه ــ 962هه) تائين رهيو. سنڌي زبان جو پهريون عروضي شاعر هو. جن مان ست بيت، شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو (1538ع ــ 1626ع) جي ملفوظات ("بيان العارفين" عرف "تنبيه

http://soorihsindhiadab.website.2.me

الغافلين" ۾ درج ٿيل ملن ٿا. جيڪي ٽيڪنڪ جي لحاظ کان "هندي پِنڊ وديا" جي اصولن موجب آهن، جن ۾ تصوف ۽ وحدت الوجود واري وات بابت سڪيا ڏنل آهي. سندس ڪلام صنايع ۽ بدايع سان مزين آهي، جنهن ۾ "الاحياتي فلسفو" ، رمز ۽ اشاري سان سمجهايو ويو آهي.

پارت ۾ هيرونڊر ڪي راتيلا ڪوٽ ۾ دادو پنشي پڳٿن جي مڙهي مان هڪ وڏو ذخيرو مليو آهي، جنهن ۾ قاضي صاحب جا 100 کان وڌيڪ بيت آهن. سندس ڪلام فڪر ۽ فلسفي جي ڪري ذهن تي اثر ڪرڻ وارو ۽ فڪر جي دعوت ڏيڻ وارو ڪلام آهي، بيتن جي زبان فصيح جنهن سان گڏ بليغ ۽ سلاست سان سمورن لوازمات سان همڪنار نظر اچي ٿي.

قاضي صاحب، مرزا شاهه حسن ارغون (حڪومت 928هه - 962هه) جي ڏينهن ۾ بکر جو قاضي مقرر ٿيو ۽ ڪيترا ورهيه ان عهدي تي فائز رهيو. 947هه (1540ع) ۾، ڏاڍي جي ڏنل "قضاوت جي ڪرسي" ڇڏيائين. غالباً 67 ورهين جي ڄمار ۾، 29 ربيع الثاني 958هه مطابق 11 آڪٽوبر 1551ع تي وفات ڪيائين.

قاضي ڏتو سيوهاڻي

قاضي ڏتو سيوهاڻي وڏو عالم هو. هن جو تعلق سيوهڻ سان هو. جنهن ڪري سيوهاڻي ڄيو ويندو آهي. ارڙهن تفسيرن تي مهارت حاصل هيس. ترڪي زبان ۾ ڄاڻندو هو. جلد جو علم ۽ ڪي ٻيا علم ۾ سندس دسترس ۾ هئا. مرزا شاهه حسن ۾ ڪي علم وٽس پڙهيو.

قمر شهباز

قمر شهباز، اصل نالو قمرالدين پڳهيو، پاڻ 13 اپريل 1938ع تي محمد مقبول پڳهڻي جي نوابشاهه واري گهر ۾ ڄائو، سندس والد زميندار هو. ابتدائي تعليم ايڇ. ايم. خواجا اسڪول نوابشاهه مان ورتائين. 1962ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم. اي ڪري، عملي زندگيءَ جي شروعات ميرپورخاص جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان ڪيائين.

قمر شهباز ڪاليج جي زماني کان ئي ادب جي دنيا ۾ پير پاتو. هن ڊراما، ڪهاڻيون، ڪالم، خاڪا لکيا ۽ شاعري ۾ ڪئي. قمر شهباز، ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ سوين ڊراما لکيا. جن مان ڪجهه ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا ته ڪجهه وقت جي دکڪري ۾ شايع ٿي ويا. قمر شهباز پنهنجي دور جو بهترين ڪهاڻيڪار پڻ رهيو آهي. سندس ڪالم ۽ ڪهاڻين جو مجموعو 'اڻون گهر' 1988ع، 'قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون' 1983ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا، جڏهن ته "ضمير جو موت" 1992ع ۽ "جي پيار هجي ها پاڇولو" 2010ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ورسٽي پبليڪيشن پاران ڇپرايو ويو. سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا "چنڊ رهين ٿو دور" 1988ع ۾ ۽ "بهارن کي ڇنڊيو" 2010ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ورسٽي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پبليڪيشن پاران ڇپرايا ويا آهن. سندس شاعري ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي پڻ ڳائي ويئي. قمر شهباز پنهنجي دور جو بهترين ڪالم نگار به رهيو آهي. ڪالم نگاريءَ جي شروعات پاڻ طنز ۽ مزاح وارن ڪالمن سان ڪيائين. جيڪي سندس ڪتابن 'ضمير جو موت' ۽ 'الون گهر' ۾ شامل آهن. قمر شهباز 2009ع جي مئي مهيني ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، 7 آڪٽوبر 1901ع تي ڳوٺ 'بکو ديرو' تعلقي ڏوڪريءَ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو فقير الهداد جتوئي هو. حيدر بخش جتوئي ابتدائي تعليم پنهنجي ڏيهي ڳوٺ پاڻ تعلقي ڏوڪريءَ مان 1911ع ڌاري ورتي.

هو 'انقلابي' ۽ 'ترقي پسند' شاعر هو ۽ هڪ قومي، انقلابي ۽ سماجي تبديليءَ واري راهه جو پانڌيڙو هو. هارين جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪيائين. انهيءَ مقصد لاءِ هاري تحريڪ جو بنياد رکيائين. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي محب وطن، جفاڪش ۽ محنتي هارين جي غريب ساراهه ڪري ٿو. هو هڪ مرد مجاهد هو. سنڌ جو سچو عاشق هو. هن جي قومي ۽ انقلابي شاعريءَ ۾:

(1) سلام سنڌ (1947ع)، (2) حيوان انسان (1947ع)، (3) جيئي سنڌ! جيئي سنڌ! جام محبت پيئي سنڌ (1947ع)، (4) بلوچستان زنده باد (طنزيه) (1947ع)، (5) اي! ملي جيجل اي! سنڌ سونهاري (1947ع)، (6) پاڪستان زنده باد (1947ع)، (7) اڪثر بحر (طنزيه) (1953ع)، (8) سنڌ پياري (1954ع)، (9) اي سنڌي وڏيرا ڪجهه انسان ٿي (1954ع) ۽ درياهه شاهه جهڙا لافاني نظم شامل آهن. هن جا طويل مخمس نظم 'آزاديءَ سنڌ' ۽ 'تحفه سنڌ' برصغير جي ورهاڱي کان اڳ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا هئا.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ڇپيل ڪتابن ۾: (1) تحفة سنڌ (شاعري 1930ع)، (2) آزاديءَ قوم (شاعري 1943ع)، (3) سنڌ اسيمبلي اليڪشن پٽيشن (نثر، انگريزيءَ ۾: 1950ع)، (4) هاري ڪهاڻيون (نثر: 1950ع)، (5) ٽل ٽو امينڊ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ (نثر، انگريزيءَ ۾: 1950ع)، (6) اپيل ٽو سٽيزنس آف پاڪستان (نثر، انگريزيءَ ۾: 1951ع)، (7) هاري انقلاب (نثر: 1951ع)، (8) هاري گيت (1953ع)، (9) ڪمدار جا ڪارناما (ڊراما: 1953ع)، (10) ڊيموڪريسي اينڊ ڊڪٽيٽرشپ ان پاڪستان (نثر، انگريزيءَ ۾: 1955ع)، (11) ڊيموڪريسي اينڊ جسٽس آف چيف جسٽس (نثر، انگريزيءَ ۾: 1956ع)، (12) ان جسٽ لئنڊ اسٽ... سنٽ ريٽس (نثر، انگريزيءَ ۾: 1957ع)، (13) سنڌي لئنگئيج اسٽي ان ڪراچي ار ناٽ (انگريزي: 1957ع)، (14) لئنڊس ان سنڌ، هو شڊ اون ديم؟ (انگريزي: 1957ع)، (15) ون يونٽ ۽ ڊيموڪريسي (انگريزي: 1962ع)، (16) ڊسپوزل آف ايريگيشن پراپرٽي (انگريزي: 1957ع) شامل آهن. ان کان سواءِ هن قرآن مجيد جو موضوع وار انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو ۽ سندس شاهڪار ڪارنامو آهي.

سنڌ ڌرتيءَ جي هن عظيم اڳواڻ ۽ انساني درد رکندڙ انسان، 21 مئي 1970ع تي لاڏاڻو ڪيو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪشنچند بيوس

ڪشنچند ”بيوس“، جديد سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏيڻ وارو شاعر هو. سندس اصل نالو ڪشنچند تيرٿ داس کٽري هو. هن 25 فيبروري 1885ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد رکيو. ٽئگور کان متاثر ٿيو ۽ سندس شاعريءَ جي مطالعي لاءِ انگريزيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪيائين ۽ لاڙڪاڻي جي ڪيان باغ ۾ 1940ع کان 1947ع تائين هفتيوار ادبي ڪلاس هلائي، ٽئگور جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي ليڪچر ڏيندو رهيو. بيوس ٻارن لاءِ نهايت خوبصورت شاعري ڪئي آهي. سندس ٻارائن گيتن جو ڪتاب ”موجي گيت“ جي نالي سان ڇپيل آهي. هو جديد سنڌي شاعري جو باني هو.

بيوس جي شاعريءَ جي ڪتابن جو تفصيل هن ريت آهي:

”ساموندي سيپون“ (1929ع)، ”شيرين شعر“ (1929ع)، ”قول ملائي“ (بيوس ۽ ٻين جي شاعري 1939ع)، ”گرو نانڪ جيون ڪوتا“ (1935ع)، ”موجي گيت“ (1935ع) انيلڪ (هڪ قصلا ناٽڪ 1939ع)، ”شعر بيوس“ (1951ع)، ”بيوس گيتا انجلي (1960ع)، سڳ پڙاڏو ساڳيو (بيوس جي شاعريءَ جو ڪُليل ڪتاب 1984ع)، ڪليات بيوس (مرتب: محمود شاهه بخاري 1991ع)، ”چهه چهه پکيا، ٻه ٻه پاڇيون“ (مرتب: نصير مرزا 2001ع) شايع ٿيل آهن. ان کان سواءِ سندس شاعراڻي ذات، شخصيت ۽ فن تي ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏيئي ڇپايا ويا آهن، جهڙوڪ: ”ڪشنچند بيوس“ (ليکڪ: هري دلگير 1982ع)، ”بيوس جي ڪوتا جو جائزو“ (مرتب: هري دلگير 1993ع)، ”بيوس هڪ اڀياس 1972ع)، ”شاعر ۽ بيوس“ (بلديو گاجرا 1983ع)، ”بيوس هڪ گلدستو“ (ليکڪ هري دلگير 1993ع) وغيره.

ڪشنچند بيوس جي هر شعري ڪتاب ۽ سندس فن ۽ شخصيت تي لکيل ڪتابن جا ڪيترائي ڇاپا شايع ٿي چڪا آهن. سنڌ جي هن سرموڙ شاعر 23 سيپٽمبر 1947ع تي وفات ڪئي.

گوبند مالهي

گوبند مالهي 5 آگسٽ 1921ع تي ٽنڊو شاهه ضلع نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ٽنڊو شاهه ۾ ئي حاصل ڪيائين. ميٽرڪ 1939ع ۾ پاس ڪيائين. ورهاڱي بعد لڏي وڃي بمبئي ۾ رهائش پذير ٿيو.

گوبند مالهي سنڌي ناول جو تمام وڏو نالو آهي. سندس پهريون اصلوڪو ناول ”آنسو“ 1952ع ۾ ڇپيو. ٻيو ناول ”زندگي جي راهه تي“ 1952ع ۾ ۽ ساڳئي سال ٽيون ناول ”جيون ساٿي“ ڇپيو. 1953ع ۾ گوبند مالهي جا ٽي ناول ”پيار جي پياس“، ”من جو ميت“ ۽ ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ ڇپيا. ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ هند ۽ سنڌ جو بهترين ناول لکيو وڃي ٿو. هن ناول کي 1953ع جو بهترين ناول جو انعام مليو. سندس ٻين ناولن جا نالا هن ريت آهن: چنچل نگاهون، للڪار (1954ع) عشق ناهي راند (1955ع) شرم پوٽي (1956ع) لڙڪ اهي پوڪ (1957ع) ديسي سيڻ ڪڄڻ (1958ع)، ڏيهي لڏا پرڏيهي (1961ع) محبت جي راهه ۾ (1975ع) جي سوري پاڻئين سيج، هڪ انسان سئو طوفان، پرديسي پريتم، پيار جي پياس، انقلابي سپاهي، سونهن جا سوداگر، ترڻ مان هوءِ، مسوريءَ جي راتي، وغيره شامل آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪهاڻين کان علاوه ڪيترائي ناول پڻ ترجمو ڪيائين، جن ۾ ڌرتي ماتا (تاراشنڪر بنرجي)، سنيتا (جيئندر ڪمار)، ڌاڻي (الن يو ڌانگ)، ماءُ (مئڪسم گورڪي)، ساڻي (يشپال)، انقلابي شاهراهه (آنچل) ۽ چانڊوڪي رات (دوستو وسڪي) وغيره شامل آهن.

سندس آتم ڪهاڻي "گذاريل سنهنجي ڪوٽ جون"، "ادب ۽ اديب"، "سنڌڙي منهنجي جنڊڙي (چار ڀاڱا) جيڪي پوءِ سنڌ ۾ "سنڌڙي منهنجي جنڊڙي" جي نالي سان ڇپيا، اهي سنڌي ادب ۾ ڪافي اهميت رکن ٿا. گوبند مالهي 10فيبروري 2001ع تي وفات ڪئي.

ليکراج ڪشنچند عزيز

ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي تخلص "عزيز" جا وڏا زميندار هئا. هن جو جنم 1897ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو ۽ اتي ئي تعليم حاصل ڪيائين. تيون انگريزي پڙهندو هو ته هن کي شاعري سان چاهه پيدا ٿيو. جنهن ڪري هن فارسي ۽ عربي جي تعليم مولوي امام بخش ۽ عبدالحئي کان حاصل ڪئي.

ورهاڱي کان پوءِ عزيز پهريان احمد آباد پوءِ بمبئي ۾ رهيو هو، جتي هن کي ڪي.سي ڪاليج ۾ سنڌي جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. هن زندگي جا پويان ڏينهن سنڌ کي سارينديءَ اتي ئي پورا ڪيا.

عزيز نه فقط شاعر هو پر هڪ سٺو ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ نقاد هو. هن جا ٽي ناٽڪ "ڪمار اجيت سنگهه"، "مسٽر مجنون"، ۽ "غريبان مار" پنهنجي وقت جا مقبول ناٽڪ هئا. غريبان مار جي ادبي لياقت سڄاڻي سرڪاري (سنڌي ادبي) صلاحڪار بورڊ (سنڌ) وٽان عزيز صاحب کي انعام مليو هو. ڪشنچند عزيز نثر ۽ نظم ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا. سندس شايع ٿيل ڪتابن مان ڪن جا ڏالا هي آهن:

(1) ڪليات عزيز (1938ع نظم) (2) ادبي آئينو (1941ع مضمون، سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ طرفان ڪتاب تي انعام ڏنو ويو هو)، (3) مصر جي راڻي (مثنوي)، (4) صراحي (ساهتيه اڪادمي، جو انعام حاصل ڪيل)، (5) ايثار، (6) پيغام عزيز، (7) گل ۽ خار (پارت جي سنڌي شاعرن جي ڪلام جو تنقيدي جائزو ورتل آهي)، (8) گلزار عزيز شاعري (9) ڪمار اجيت سنگهه (ڊرامو) (10) شاعراڻي شمع (11) پڇاڙ ۽ لڙڪ (شاعري) (12) سامي (تنقيد) (13) للڪار (14) سوزساز (شاعري) (15) ٻگهن پول (ٻاراڻي شاعري) (16) ڪلهه جي ياد (متفرق) (17) سنڌي اصطلاح (لسانيات) (18) مسٽر مجنون (ڊرامو) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. ليکراج ڪشنچند عزيز 1971ع ۾ بمبئي ۾ ديهانت ڪئي.

ماموئي فقير

ماموئي فقيرن جي تعلق ۾ سمن جي حڪومتي دور سان آهي، هي ڪا بزرگ ٽولي سان تعلق رکن ٿا ۽ سندن تعداد ست هو. هنن بزرگن سان لاڳاپيل 7 بيت ۽ روايت نهايت دلچسپ آهي. ماموئي بزرگن سان لاڳاپيل بيت زبان ۽ مضمون جي لحاظ کان ڏيان ڇڪائين ٿا. هڪ روايت مطابق سندس چيل بيت اڳڪٿيون آهن. جيڪي سمن جي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

حڪومتي دور ۾ انهن بزرگن ڪيئن تاريخ ۾ ايو آهي ته هنن ستن بزرگن کي ٺٽي جي حاڪم قتل ڪرايو. سندس قبرون تاريخي مڪلي جي قبرستان ۾ آهن. پنهنجي روايت مطابق سائين لاڪاپيل 7 بيت ستن جي مخالفن جا چيل آهن. جن جو ذڪر لاڙ جي سومرن ڏانهن هو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اهو رايو ظاهر ڪيو آهي. جنهن موجب بيتن جي اڳڪٿي واري حيثيت کي رد ڪيو ويو آهي. تاريخ جي روشني ۾ ڏسبو ته به ڪي بيت هن راءِ جي پٺڀرائي ڪن ٿا ته هنن ۾ ڪا اڳڪٿي ناهي، هي بيت ماموئي جا بيت سڏجن ٿا. هنن جا چيل متن ۽ حڪايتي ڪان مختلف آهن.

ماهتاب محبوب

ماهتاب محبوب هڪ ئي وقت ڪهاڻيڪار، خاڪا نويس، سفرناما نويس، مضمون نگار ۽ ناول نگار پڻ آهي. هن 19 جولاءِ 1950ع تي ڪراچي ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم "سينٽ مريز ڪانوينٽ" ۽ "مدرسة البنات" مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ گورنمينٽ گرلز ڪاليج حيدرآباد مان گريجوئيشن ڪيائين.

ماهتاب محبوب پنهنجي ادبي سفر جي شروعات بالڪپڻ ۾ ٻارڙن ادب سان ۽ پوءِ ڪهاڻين جي ترجمي سان ڪئي. پهريان هوءَ ماهتاب منور جي نالي سان لکندي هئي. پوءِ محبوب شيخ سان شادي ٿيڻ کان پوءِ "ماهتاب محبوب" جي نالي سان لکندي رهي آهي. ماهتاب محبوب جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن جن ۾: "چانڊي جهڙو تارو" (ڪهاڻيون)، "پرءِ کان پهريان" (ڪهاڻيون)، "منهنجي مراد" (ڪهاڻيون)، "لهر لهر زندگي" (ڪهاڻيون)، "پلصراط" (اردو ترجمي سان جوڙ ڪهاڻيون)، "چانڊي جهڙو تارو ۽ پرءِ کان پهريان" (گڏيل مجموعو ڪهاڻيون) "اندر جتين اڄ" (هندستان جو سفرنامو)، "سرهي سرهي سار" (هندستان جو سفرنامو)، "راهون چنڊ ستارا" (فار ايسٽ ۽ ٿائي لينڊ جو سفرنامو)، "روشنيءَ جو ورجاءُ" (مضمون ۽ ڪالم وغيره)، "خواب خوشبو جوڳي" (ناول)، "پيار پناهون چانورا" (ناول)، "جيءَ جهروڪا" (خاڪا)، "جي- جهروڪا" (هندي ۾ ڇپيل) ۽ "سوچون سمنڊ ساماڻ" (يادگيرون خاڪا) شامل آهن. ماهتاب محبوب جديد سنڌي ادب جو سگهارو نالو آهي. هوءَ اڄ تائين لڳاتار لکندي رهي ٿي. هوءَ هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

محمد ابراهيم جويو

محمد ابراهيم جويو 13 آگسٽ 1915ع ۾، تيرٿ لڪيءَ ضلعي ڄامشوري جي ڀر ۾ هڪ ننڍي ڳوٺ 'آباد' ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو محمد خان جويو هو. ٻاڻ اڃا ننڍو ئي هو، جو سندس پيءُ گذاري ويو. ٿوري وقت بعد هن جي والده به گذاري ويئي. تنهن کان پوءِ هو پنهنجي ڏاڏيءَ جي سنڀال هيٺ رهيو.

محمد ابراهيم جويي ابتدائي تعليم 'آباد' جي سنڌي اسڪول ۾ ورتي. اتي چار درجا پڙهي، پوءِ لڪيءَ جي اسڪول ۾ داخل ٿيو. اتي ٻه درجا پڙهي، 1928ع ۾ سن جي اسڪول ۾ داخل ٿيو. 1930ع تائين ڪراچي جي سنڌ مدرسي ۾ اچي پڙهڻ ويٺو. جتي ڪيس

http://soorihsindhiadab.website.2.me

نهايت لائق استاد مليا، ڪجهه وقت لاءِ علامه دائود پوٽو مدرسي جو پرنسپال رهيو.

سنڌ ۾ علمي، ادبي ۽ فڪري غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ جوڻيجي صاحب جي ڪيل قدمن جي سلسلي ۾ سندس لکيل ۽ مرتب ڪيل هيٺيان ڪتاب اهم حيثيت وارا آهن:

(1) سنڌ بچايو تنظيم ڪنهن بچايو (انگريزيءَ ۾) 1947ع، (2) شاهه، سچل، سامي (سنڌي ۽ پوءِ اردو ۽ انگريزي ۾ ترجمو ٿيو، 1978ع)، (3) ماڻهوءَ جو پاڳ (1980ع)، (4) صورت زاد (1983ع)، (5) انسان جي ٻولي، انسانجي تعليم (1996ع)، (6) هرءَ جا ٿهڪي ڀاڳوڙي (1996ع)، (7) مُٺ مُٺ مرتين جي (1997ع)، (8) ٻولي، ادب، تعليم (1998ع)، (9) خط ۽ پن ادبين جا (1999ع)، (10) ڳالهيون ڪتابن جون (ٻه ڀاڱا 2000ع)، (11) خط پن لسنادن جا، (12)، (13)، (111) The betrayal, Sindh the Day for freedom سنڌ منهنجي خوابن جي (2006)، (14) سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي (2007)، (15) پيار، نياءُ ۽ اتحاد (خط، 2009ع)، (16) سنڌ تعليمي تحريڪ (ڪتابڙو، 2010ع)، (17) Sindho Desh (جي ايم سيد جي ڪتاب سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ جو انگريزي ترجمو) ۽ ٻيا ڪيئي ڪتاب شامل آهن.

مٿين ڪتابن کان سواءِ جوڻيجي صاحب جا ڪجهه اڻ ڇپيل ڪتاب پڻ موجود آهن. سنڌ جو هيءُ ڏاهو 9 نومبر 2017ع تي حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

محمد خان مجيدي

سنڌ جو مهان ڏاهو، محمد خان ولد قيصر خان جتوئي، شاعريءَ ۾ تخلص مجيدي، 5جنوري 1918ع تي "ڪوٽ شادمان جتوئي" لڳ جهوڪ شريف تعلقي ميرپور بٺوري ۾ پيدا ٿيو، جتي سندس وڏا درگاهه جهوڪ شريف جي مرشدن جا هاري هئا. مجيدي 1932ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان ان وقت جي سڄي ڪراچي ضلعي ۾ پهرين نمبر پاس ڪيو، 1934ع ۾ ماستريءَ جي نوڪري مليس. 1976ع ۾ سجاول مان رٽائر ٿيائين.

محمد خان مجيدي، شاعريءَ جي شروعات اسڪول ۾ فائينل سنڌي جي امتحان دوران ڪئي. ان وقت سنڌي فائينل جي امتحان تي سنڌي شاعريءَ جو سبجيڪٽ رکيل هوندو هو، جنهن ۾ باقاعده "علم عروض" سيکاريو ويندو هو. شروع ۾ پاڻ "ليمر جتوئي" جي نالي سان شاعري ڪندو هو. پهريون شعر جيڪو 1937ع ۾ جوڙيائين.

1976ع ۾ رٽائر ٿيڻ کانپوءِ هن باقاعده شاعري ڪئي. سڄو وقت سنڌ جي قومي شاعريءَ کي ڏنائين. پاڻ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ، وستي ۽ واهڻ ۾ وڃي پنهنجي شاعري سان ماڻهن کي موهيو ۽ ڪيئن جهومايو. پنهنجا طويل نظم، جڏهن اسٽيج تي اچي رقم سان پڙهندو هو ته عجيب جذباتي ماحول پيدا ٿي ويندو هو. سندس شعري مجموعي "مٺي منهنجي مٽي آهي" جي مهاڳ ۾، جيڪو ڪتاب 2000ع ۾ ڇپيو، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي کيس آمريڪي شاعر والٽ وٽمين سان ڀيٽيو آهي. جنهن جي نظمن جو انداز پڻ عوامي آهي. ان کان علاوه سندس طويل نظم تي مشتمل ڪتاب "سنڌڙي ۽ ان جون ترمون" پڻ شايع ٿيل آهي. سنڌ جي هن عوامي شاعر 7 اپريل 2003ع تي وفات ڪئي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

محمد سومار شيخ

مشهور اديب، شاعر، محقق ۽ نقاد، محمد سومار ولد الهڏايو شيخ، پهرين جنوري 1935ع تي، بدين ضلعي جي ڳوٺ ترهي ۽ پانڌاري ۾ ڄائو. سندس والد شاعر ۽ صوفياڻي مزاج رکندڙ هو. محمد سومار شيخ، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ميان جي عارف ۽ هاشم منڌري وٽ، ڳوٺ دينار ٽالپر ۾ پڙهيو.

محمد سومار شيخ قديم آثارن، تاريخ، لوڪ ادب، سوانح ۽ ثقافت بابت تحقيق ڪئي. ان کان سواءِ هن زيورن، ٺانئن، پلاڻن، وڻن ٻوٽن، هنرن ۽ لاڙ خطي بابت به لکيو. ڪيترن شاعرن جي شاعريءَ جا مجموعا مرتب ڪيائين ۽ سوانح عمريون لکيائين. سندس پهريون ڪتاب "آڌي رات" آهي. محمد سومار شيخ جو شاهه عبداللطيف جي ڪلام تي به ڪافي ڪم ٿيل آهي. هن سنڌ جا جهر جهنگ جهاڳي، شاهه لطيف جا ڪيترا ڳم ٿيل ۽ اڻ ڇپيل بيت هٿ ڪري ڇپرايا. محمد سومار شيخ سڄي ڄمار هڪ ڪارڪن وانگر ادب جي خدمت ڪئي. سندس ڪيئي ڪتاب لکيل آهن، جن مان ڪجهه هيٺيان آهن:

(1) آڌي رات (1956ع)، (2) هڪ ندي ٻه ڪنارا، (3) ڪليات فاروق، (4) تاريخ الشعرا لاڙ (پاڱو پهريون)، (5) روحاني ابيات، (6) ڪليات شيخ الهڏايو، (7) ڳوڳو ڄيرهڻ، (8) ڄولئين، (9) سنڌي آوازن جا تبادلا، (10) پير علي قلندر، (11) ڪلام مرڪان شيخ، (12) روپا ماڙي، (13) دوها ۽ دوهيان، (14) ڪلام پير پارن علي شاهه "ساقي"، (15) جراتيس ڄمري، (16) پيرو فقير جو ڪلام، (17) عبرالي، (18) شيخ ترهتي پانڌاريءَ کي ڳائيندڙ شاعر، (19) بدين: واهه بدينا تنهنجا ڀاڳ، (20) بدين ضلعي جي اديبن شاعرن ۽ فنڪارن کي تحسين، (21) منتخب ڪلام رئيس عالم خان نظاماڻي، (22) بدين ضلعي جا مشاهير، (23) بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ، (24) ڪڇين جا قول، (25) بدين ضلعي جو مطالعو، (26) لطيف سائينءَ جا لاڙ تان پيرا، (27) سنڌ جا زيور، (28) بدين ثقافتي ميلي جي ڪهاڻي، (29) سنڌ جون سورميون، (30) شفا بخش پاڻي، (31) تيڏو آيا ڪي، (32) انمٽ نقش، (33) مسٽر حاجي، (34) ڪلام جتيل عباسي، (35) پير شاهه قادري، (36) ماهه ذوالحج، (37) مناجات ساقي، (38) شاهه جا ڳم ٿيل بيت (سر مارئي)، (39) شاهه جا ڳم ٿيل بيت (ست سرا)، (40) پارس، (41) پڪرو ويڄور، (42) پرڏيهين جا پيغام، (43) ڪلام الهڏنو شيخ، (44) برج پاشا جو گرامر (مهراڻ ۾ ڇپيل) وغيره شامل آهن.

شيخ صاحب ڪافي تعداد ۾ شاعري به ڪئي. سندس شعري مجموعو "دوها ۽ دوهيا" 1971ع ۾ لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين طرفان شايع ٿيل آهي.

سنڌ جي هن نامور اديب، ٻولي شناس، محقق ۽ عالم محمد سومار شيخ 23 آڪٽوبر 1986ع تي بدين ۾ وفات ڪئي.

محمد صديق مسافر

محمد صديق "مسافر" ولد گلاب خان قيدي، تعلقي ٽنڊي باگي، ضلعي حيدرآباد ۾ 13 شعبان 1297هه مطابق پهرين اپريل 1879ع تي ڄائو هو. سندس وڏا اصل زنجبار (تنزانيه) جا رهاڪو هئا. سندس پيءُ "غلام" بڻجي، پهريائين مسقط (عمان) پهتو، جتان

http://soorihsindhiadab.website.2.me

واٽي پاٽي، جي چڪ ڪيس لٿي (سنڌ) ڪٽي آئي. ڪجهه وقت اُتي رهي، آخر ٽنڊي باگي ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪيائين. ۽ پاهتر سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. وفات کان ۽ مهينا ڏهه ڏينهن اڳ کيس فرزند ڄائو، جنهن جو نالو "محمد صديق" رکيائين، جيڪو اڳتي هلي سنڌي زبان جو چوٽي، جي شاعرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

محترم صديق "مسافر" . شروعاتي تعليم ٽنڊي باگي مان ورتي، پوءِ حيدرآباد مان ورنيڪيولر فائينل امتحان پاس ڪري، پهرين جنوري 1920ع کان پرائمري ماستر بڻيو. اورپائيءَ سيبان سخت تي ترقي وٺي، ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو. شاعريءَ ۾ "مسافر" تخلص سان پهريائين سيد فاضل شاهه "فاضل" (1836ع – 1900ع) ۽ بعد ۾ آخوند عزيز الله "عاجز" جي خدمتن مان استفادو ڪندي، پاڻ کي پڪو ڪيائين. غزل، قصيدا، رباعيون، مثنويون، مسدس، قطعا، نظم، گيت، مناجاتيون، ڄاڳا ۽ ڪافيون وغيره پڻ چيا اٿس. 1934ع ۾ "سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ" جو سرگرم ڪارڪن رهي، خوب ادبي خدمتون سرانجام ڏنائين.

"مسافر" ، نظم سان گڏ نثر طرف به خاص توجه ڏنو آهي، جنهن ڪري ڪافي ڪتاب سنڌس قلم جي سونهن بڻيا آهن. خاص ڪري درسي ڪتابن لکڻ تي کيس وڏو ملڪو حاصل هو، ڪيتري پيرا درسي ڪاميٽين جو ميمبر به ٿي رهيو. ڪاليج دوران ماهوار "اخبار تعليم" جو 1934ع کان ايڊيٽر به ٿي رهيو، انهيءَ عهدي تي مسلسل 18 ورهيه ڪم ڪندو رهيو. سنڌس نظم خواهه نثر، سنڌ مان نڪرندڙ رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪثرت سان شايع ٿيندو رهيو. خاص ڪري "اخبار تعليم" انهيءَ ڳالهه جو واضح ثبوت آهي علمي، ادبي ۽ تحقيقي مقالا ۽ نظم وغيره لکڻ ۾ سنڌس ثاني ڪو نه هو. سنڌس ڪتابن جو ڳاڻيٽو پنجيتاليهه آهي، جن مان قوالداني، سچان زالون، مسدس ابوجهل، حياتيءَ جي ڏور جي ڪنجي، گلشن خيال، ديوان فاضل، سنڌ جي تاريخ، ديوان ۽ ٻيا ڪتاب قابل تعريف آهن.محمد صديق مسافر پياسي ورهين جي ڄمار ۾ 4 ربيع الآخر 1381هه مطابق 16 مئي 1961ع تي ٽنڊي باگي ۾ وفات ڪئي.

محمد عثمان عباسي

محمد عثمان عباسي ولد محمد چنيهو علمي ادبي حلقن ۾ محمد عثمان عباسي جي نالي سان سڃاتو، ساهتي پرڳڻي جي ضلعي نوشهروفيروز تعلقي ڪنڊياري جي ڳوٺ چنيهاڻي ۾ جنم 3 فيبروري 1960ع تي ٿيو.

ابتدائي تعليم پنج درجا پنهنجي ڳوٺ ۾، مڊل جا ٽي درجا ڳوٺ سيد باغ ۾، مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪنڊيارو ۾، بي اي ڪنڊيارو ڪاليج ۾، ايم اي اسلامڪ ڪلچر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪيائين.

پرائمري استاد طور تعليم کاتي سان لاڳاپيل آهي.لکڻ جي شروعات روزاني هلال پاڪستان ڪراچي ۾ سعدي جي ڪالم جهاتيون ۽ گل ڦل رسالي سان ڪيائين. سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪنڊيارو جو 1993ع، 1994ع ۽ 1996ع ڄائنٽ سيڪريٽري ۽ 1994ع ۾ ضلع نوشهروفيروز جو رابطه سيڪريٽري ٿي رهيو. پڙهڻ، پڙهائڻ، لکڻ ۽ سماجي ڪمن ۾ حصو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

وڏي سان گڏ پهچجي ٿي ته ٿي سان قائم ڪيل عثماني لائبريري جنهن ۾ هزارن ڪتابن جو ذخيرو آهي، ٽيهن هزارن کان مٿي گڏ ڪيل ڪتابن کي سنڀاليو اٿائين. شايع ٿيل ڪتابن جو تعداد چاليهه اٿين جو ويجهو هن طرح آهي:

(1) مرشدن جا ڪارناما، (2) سيرت خاتم الانبياءﷺ، (3) مسلمان خاوند، (4) ذهني تخليق-خليل جبران، (5) عالمي معلومات، (6) دنيا هڪ اٿيتو، (7) گجهارتون (2 حصا)، (8) قرآني دعائون، (9) ٻارن لاءِ آڪاڻيون، (10) ڪامل نماز، (11) مولود شريف (ترتيب، 5 حصا)، (12) دلچسپ ڪهاڻيون، (13) سچائي، (14) دنيا جون ستر عظيم شخصيتون، (15) درسي خط، (16) سچيون ڳالهيون، (17) عرفان انگلش گرامر، (18) ڊڪشنري انگلش ٽو انگلش اينڊ سنڌي، (19) تقرير سان تقدير ٺاهيو، (20) مانگر مڇ ۽ غريب هاريءَ جي ڌيءُ، (21) پرک (معلومات)، (22) پردو، (23) صدام ميدان جنگ ۾، (24) سورة الفتح ۽ مستحد (الهام الرحمان جي نالي سان تفسير ڪٿيل)، (25) سعديءَ جون رهاڻيون بوستان، (26) سعديءَ جون رهاڻيون گلستان، (27) رسول ڪريمﷺ جي نظر ۾ سٺا ماڻهو، (28) عجيب دنيا عجيب خلقت، (29) گلدستہ نماز، (30) آزاد هند فوج ۽ سڀاش چندر بوس، (31) منتخب حديثون (جيڪي قرآن جي تشريح ڪن ٿيون)، (32) تحريڪ ريشمي رومال ۽ سنڌ، (33) ابو الڪلام آزاد جو خط فائيل، (34) سنڌي اردو لغت، (35) ٻارن لاءِ تصويري ڪهاڻيون ۽ ٻيا شامل آهن. سنڌ جي ڪيترن ئي ادارن ٻارن کيس مختلف طور ايوارڊ مليل آهن.

محمد عثمان ڏيپلائي

نامياري عالم، صحافي، مزاحمتي اديب، ناول نگار، مضمون نويس، نقاد ۽ پبلشر محمد عثمان ڏيپلائي، 13 جون 1908ع تي ٿرپارڪر ضلعي جي ڳوٺ ڏيپلي ۾ هڪ ننڍڙي واپاري حبيب الله ميمڻ جي گهر ۾ ڄائو. ڏيپلائي صاحب کي پڙهڻ لکڻ سان گهڻو لڳاءُ هو. تنهن ڪري تعليم مڪمل نه ڪري سگهڻ سبب بعد ۾ 1968ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنائين، انهيءَ وقت سندس عمر 60 ورهيه هئي.

ڏيپلائي صاحب جي ادبي لکڻين جي شروعات اردوءَ ۾ 1924ع ۾ 16 ورهين جي ڄمار ۾ ٿي. هندستان جي نامور عالم علامه حسن نظاميءَ جي ادارت ۾ نڪرندڙ علمي رسالي 'منادي' ۾ محمد بن قاسم بابت شايع ٿيل هڪ مضمون ۾ ڪي تاريخي غلطيون هيون، جن جي نشاندهي ڪندي هن هڪ خط لکيو، جيڪو علامه نظاميءَ کي ايترو ته وڻيو، جو ٿوري تصحيح ڪري، ان کي هڪ مضمون جي صورت ڏيئي 'منادي' رسالي ۾ ڇپي ڇڏيائين. ڏيپلائي صاحب جو پهريون افسانو 'چند سهڻو يا انسان' حڪيم خليق مورائيءَ جي رسالي 'ترقي' ۾ ڇپيو. پوءِ 'علمي دنيا' ۽ 'مخلص' رسالن ۾ سندن افسانا لڳاتار ايندا رهيا. هڪ اندازي مطابق سندن افسانن جو انگ 200 کان مٿي ٿيندو.

ڏيپلائي صاحب جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد 150 کان مٿي آهي ۽ جيڪڏهن اهو مسودو، مواد جيڪو مختلف رسالن، خاص ڪري هفتي وار 'انسان' ۾ ڇپيل افسانن، ايڊيٽوريلن، ڪالمن ۽ مضمونن وغيره کي شامل ڪيو وڃي ته انهيءَ تعداد ۾ ڪافي اضافو ٿي سگهي ٿو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌس قلمي پورهيو ريهمن صديءَ ۾ مرزا قليچ بيگ کان پوءِ وقتي ۾ وڏو قلمي پورهيو سمجهيو ويو آهي. ان کان سواءِ ڏيپلائي صاحب ڏهاڪو کن درسي ڪتابن ۾ مواد ڏنو.

ڏيپلائي صاحب 1941ع کان پنهنجي وفات تائين چاليهه سال عملي طرح صحافت سان لاڳاپيل رهيو. هو مشهور اخبار روزاني عبرت جا باني هئا. عبرت جو اجراء اپريل 1941ع ۾ ٿيو. آگسٽ 1944ع ۾ عبرت کي هفتيوار ڪيائين ۽ 1955ع کان اها روزانه اخبار ٿي، جيڪا آگسٽ 1957ع ۾ قاضي برادران جي حوالي ٿي ۽ هن وقت به اُنهيءَ جو شمار پاڪستان جي اهم سنڌي اخبارن ۾ ٿئي ٿو. سنڌ جي هن مايا ناز ليکڪ، صحافي ۽ اديب 1985ع ۾ لاڏاڻو ڪيو.

محمد علي پٺاڻ

محمد علي پٺاڻ ولد حبيب الله پٺاڻ ليکڪ ۽ شاعر، 3 فيبروري 1962ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ورتي ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ پائيلٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي مان ڪئي. هن ايم. اي سنڌي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. هن وقت گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ سنڌي شعبي جو سربراهه آهي.

محمد عليءَ ادبي زندگيءَ جو آغاز 1974ع کان ڪيو. شاعريءَ ۽ 50 کن ڪهاڻين کان علاوه ٻه ناول: (1) "رات ويچاري جن" ۽ (2) "ڪاهيءَ جي وچ ۾" لکيا اٿس.

هن جو هڪ ڪرتا ناول "مسافتون ياد جون" ماهوار "سوجهري" ۾ قسطوار ڇپيل آهي. هن 1990ع ۾ کان روزاني عوامي آواز ۾ "پيسي بازاريون" عنوان سان ڪالم لکڻ شروع ڪيا ۽ ساڳئي نالي سان هن روزاني هلال پاڪستان ۽ روزاني عبرت ۾ به لکيا. جڏهن ته ڪاوش جي قيام کان وٺي وقت به وقت ان ۾ ڪالم لکندو رهيو آهي. هن ڪيترا ڊراما لکيا آهن، جن مان: "اهي رات ڪارو چنڊ" ۽ "انصاف" ڊراما سيريز کان سواءِ 20 کن سولو پلي مختلف چينلن تان ٽيليڪاسٽ ٿيا آهن. جن ۾ هڪ ڊرامو "وهڪرو" نالي سان وڏيلاڪن کان سواءِ به شامل آهي. محمد علي پٺاڻ جي شاعريءَ جا هيٺيان ڪتاب ڇپيا آهن: (1) "اکيون آلا چنڊ" (1988ع)، (2) "اکيا ارجاڪا" (2000ع)، (3) "پڪو آرس اکين" (2001ع)، (4) "عاشورا آهن" (1995ع) سميت پيا به ڪتاب شايع ٿيل آهن.

محمد علي پٺاڻ مختلف رسالن جو ايڊيٽر به رهيو آهي، جن ۾ "ڳالهه" پبليڪيشن (1978ع)، "مرڪ" پبليڪيشن (1984ع)، "نئين دنيا" پبليڪيشن (1979ع) ۽ ماهوار "ڪونج" (1995ع) آهن. هن وقت ڏاڍي محلي، لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو.

محمد محسن بيکس

فقير قادر بخش "بيدل" جي فرزند فقير محمد محسن (بيکس) جو جنم 28 جمادي الثاني 1275 هجري بمطابق 2 فيبروري 1859ع ۾ روهڙي ۾ ٿيو. هن پنهنجي استاد آخوند عبدالله کان تربيت حاصل ڪئي، جيڪو پنهنجي وقت جو هڪ وڏو مدبر عالم ۽ بزرگ هو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

جڏهن "بيدل" سائين وفات ڪئي ته اُن وقت بيڪس جي عمر 14 سال هئي. بيڪس پنهنجي شاعري ۾ حسن ۽ عشق جي رازن کي تمام سهڻي نموني ۾ شاعري جو روپ ڏيئي پيش ڪيو آهي. حقيقت ۾ 23 سال ٿورڙي عرصي ۾ جيڪا هن شاعري ڪئي آهي، سا بهترين ڪمال درجي جي آهي. سندس شاعري ڏوهيڙن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. بيڪس پنهنجو پاڻ کي تمام صاف ستھرو رکندو هو. ايتري قدر جو ڏينهن ۾ ڪي دفعا ٽيل ڦليل سان وهنجندو هو. سنڌ جي سُڄاڻ پڪڙڪو سندس ايترو ته پسند هو جو پاڻ ۾ اُن کي وڏي ترجيح ڏيندو هو ۽ مٿي تي سدائين پاتل رهندو هو. گلابي ۽ مشڪي رنگ جي پٽڪي کي گهڻو تڻو استعمال هيٺ آڻيندو هو. ملتاني کهيڙو ۽ پيرن جي سونهن هئي. پاڻ ڪهت ڪالهائڻ کي ڏي پسند ڪندو هو.

سندس شاعري ۾ درد جي شدت ۽ حسن جي حقيقت سمايل آهي. پاڻ سنڌي، سرائڪي، هندي ۽ فارسي ۾ شاعري ڪئي. بي ۽ بيت (2) اهڙا نالا آهن جو هڪڙي ٻئي طور گڏ ڇپيا ويچن ٿا. يعني (بيدل بيڪس).

بيڪس تنهن عمر 23 سالن جي ڄمار ۾ 5 رمضان المبارڪ 1298 هجري بمطابق پهرين آگسٽ 1881ع ۾ هن فاني جهان کان موڪلائي ڪئي. "ديوان بيڪس" سيد عبدالحسين شاهه موسوي، سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو آهي.

محمد هاشم مخلص

محمد هاشم مخلص ولدحافظ احمد 1860ع ۾ پيدا ٿيو. هو تعلقي ٺٽي محمد خان جي ڳوٺ ٽکڙ جو رهاڪو هو. دينيات جي ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ فارسي ۾ به تحصيل ڪيائين. ان بعد عربي پڙهڻ شروع ڪيائين. پر وقت جي ضرورتن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ لاچار تعليم ڇڏڻي پيس. سندس دماغ قدرتي نظم ۽ نثر ڏي مائل هو. انهيءَ فطري مناسبت ڪري اخباري دنيا جو سير ڪرايو. اخبار "خير خواه سنڌ"، الحق ۽ رسالو "بهار الخالق" ماهنامو "مخزن مڪول" اخبار الامين ۽ مسلمان ۾ چڱي طرح حصو ورتائين. شاعريءَ جي ميدان ۾ به پاڻ ملهايائين. سندس شعري مجموعا پنج گنج (شاعري) ۽ ترڪي (طويل نظم) شايع ٿيل آهن. ان کان علاوه سندس بيشمار اڻ ڇپيل مواد غائب ٿي ويو آهي. 2 فيبروري 1934ع ۾ وفات ڪيائين.

مخدوم جميل الزمان

مخدوم جميل الزمان 'جميل' مخدوم امين فهيم جي گهر ۾ 27 جولاءِ 1961ع تي هالا ۾ جنم ورتو. سندس تربيت علمي ۽ ادبي ۽ روحاني ماحول ۾ ٿي. ان ڪري سندس 1981ع کان علمي ادب ڏانهن ذهني لاڙو ٿيو. شاعريءَ ۾ پنهنجي ڏاڏي ۽ سنڌ جي عظيم شاعر مخدوم محمد زمان طالب المولى کان رهنمائي ورتي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس شاعريءَ ۾ پختگيءَ سان گڏ خيال جي گهرائي ۽ توانائي موجود آهي. نثر جي ميدان ۾ سندس لاڙو تحقيق ۽ تاريخ طرف آهي. ڪيس پنهنجي مضمونن جو وسيع مطالعو، مشاهدو ۽ تحقيقي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

چڪا آهن. شاعري، تحقيق، تاريخ، سوانح ۽ ٻين موضوعن تي سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن: (1) اٿر لڳا آءُ پرين (شاعري)، (2) دلڙيا دلڙيا (شاعري)، (3) سنڌ جي واقعاتي تاريخ، (4) تذڪره مخدوم هالا، (5) خير شيرازي (لغت)، (6) ملاقات (شاعري)، (7). محبت پاڻي مون ۾، (8) سيد فتح محمد شاھ لڪياري (سوانح ۽ ڪلام)، (9) الهن سنڌي ڳالهڙي (ترتيب)، (10) منهنجو تنقيد (مخدوم طالب المولى جي اتم ڪتا واقعن ۽ مڪانن سان ترتيب)، (11) صبوحي (ترتيب)، (12) سچ وڙاءِ (ترتيب)، (13) قافيا ڪوش (لغت: 2010ع)، (14) خاندان حضرت غازي عباس علمدار، (15) (16) The Genealogies (Al-Ansab) (شهداء يوم الحره (انساب ۽ تاريخ)، (17) حمدي ڪلام، (18) رباعيات جميل، (19) تذڪره مخدومان هالا، (20) صحابهٔ ڪرام (صحابه ڪرام، تابعين ۽ سيدن اولاد جو نسب نامو)، (21) گلزار صديق، (22) النت محبوبي ﷺ، (23) The Days & Dates (2010).

انساب جي علم ۾ موجوده دور جي سڀ کان وڏي محقق عالم جي حيثيت حاصل آهي. اسلامي تاريخ، خاندان پيغمبر، صحابه ڪرام ۽ اهلبيت جي موضوعن تي انساب جا ڪيترائي ڪتاب جوڙيا اٿائين.

مخدوم جميل الزمان پنهنجي ڏاڏي ۽ والد جي روايت موجب سياست ۾ پيپلز پارٽيءَ سان وابسته آهي. 1997ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 2005ع ۾ پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد جو صدر چونڊيو ۽ هن اهي ڏينهن احسن نموني نڀايو. 2008ع ۽ 2013ع جي چونڊن ۾ چونڊجي صوبائي وزير جون خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪيس پتوڙي 2011ع ۾ انٽيڪيوئيز ڪاٽي جو قلمدان ۽ ڳنو ڏنو. هن سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ لاءِ اسيمبليءَ ۾ سڀ کان پهرين آواز اٿاريو. 2018ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ هيئنر هالا درگاھ جو جانشين آهي.

بزم طالب المولى هالا جي ادبي روايتن جي تسلسل کي برقرار رکڻ ۾ مخدوم جميل الزمان جون خدمتون ساراهڻ جوڳيون آهن.

مخدوم ابوالحسن ٺٽوي

مخدوم ابوالحسن ٺٽي جي آخوندن مان هو. ميان ابوالحسن اندازاً 1010هه/ 1601ع ڌاري ڄائو ۽ سال 1105هه/ 1693ع ڌاري وفات ڪيائين. الهن پا مٿين احوالن مطابق ميان ابوالحسن 11 صدي هجريءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري عربي جو وڏو عالم ۽ استاد هو. ان وقت هو ٺٽي ۾ سنڌيءَ ذريعي بنيادي تعليمي تحريڪ جو اڳواڻ هو، جنهن جي شروعات ڪانئس اڳ ٿي چڪي هئي. هن نماز جي موضوع تي سنڌيءَ ۾ هڪ خاص ڪتاب "مقدمة الصلوٰة" لکيو. اڳ هن موضوع تي عربيءَ يا فارسيءَ ۾ ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. ان ڪتاب جي لکجڻ سان سنڌيءَ ذريعي تعليم ڏيڻ واري تحريڪ جو هڪ نئون دور شروع ٿيو. جڏهن ته هن سڄاڻ عالم اهو ڪتاب خاص طرح شاگردن جي تعليمي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ هڪ درسي ۽ نصابي ڪتاب طور لکيو هو. سنڌيءَ ۾ هن درسي ڪتاب تصنيف ڪرڻ بعد سڀ کان اول مخدوم ابوالحسن پاڻ پنهنجي درسگاھ ۾ هن ڪتاب کي پڙهائڻ شروع ڪيو. ان وقت کان وٺي هيءَ درسي ڪتاب ايترو ته مقبول ٿيو، جو نه فقط وڏن عالمن ۽ استادن جي

ويو ۽ ان جي موضوع ۽ مضمون بابت تحقيقي بحث مباحثو ٿيو. پر سنڌ جي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ پڙهندي ايندڙ آباڻي سو سالن تائين يعني اندازاً 1090هه مطابق 1680ع کان وٺي پڙهندي 1350هه مطابق 1916ع تائين وڏي چاهه سان درسي ڪتاب طور پڙهيو ۽ پڙهايو ويو. هن عالم ڪي مرحوم محمد صديق ميمڻ پنهنجي تصنيف "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ عربي الف ب ۽ فارسيءَ جا چار اکر ملائي، "سنڌي الف ب" ٺاهڻ جو موجد قرار ڏنو. جنهن کي پڻ سيني اديبن ۽ عالمن جيڪن جو تمڻ قبول ڪيو ۽ وڌيڪ اٿين ۽ لکيائون ته ان کان اڳ سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ لکي ويندي هئي. غور طلب ڳالهه هيءَ آهي ته "مقدمة الصلواة" جي تصنيف جو سال 1112هه/1700ع آهي. جڏهن ته ان کان اڳ ميين شاهه عنايت، شاهه لطف الله قادريءَ ۽ ميين شاهه ڪريم جا ڪلام عربي سنڌي رسم الخط ۾ ئي لکيا ويا هئا، خاص ڪري ابهيءَ حالت ۾ جڏهن 1030-1060هه/1620-1650ع ۾ "الف_ ب" ۾ تحرير ٿيل منظومن جو وڏو ذخيرو موجود هو. ۽ لڳي ٿو سو کن سال اڳ تحرير ٿيل منظومين جو آثار هئا. البت ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ الف _ ب جي ترتيب پين عالمن کان ڪجهه وڌيڪ بهتر هئي.

مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم مٿو

مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم مٿو، مخدوم بلاول جي وڏن خليفن مان هڪ هو. سنئين پرهيزگاري ۽ نيڪ ڪمن جي وڏي تعريف آهي. حديث جي علم ۾ وقت جو يگانو ابعالم هو. سنڌي نثر ۾ ڪيترا ڪتاب لکيائين، جيڪي هاڻي اڻ لڀ آهن. سن 949هه ۾ فوت ٿي ويو.

مخدوم طالب المولیٰ

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جو جنم 4 آڪٽوبر 1919ع تي هالا ڻوان ۾ مخدوم محمد صديقيءَ جي گهر ۾ ٿيو. پاڻ مخدوم غلام محمد سائينءَ، حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور جي پندرهين سجاده نشين جا فرزند آهن ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور جي اولاد مان آهن. جي خليفه اول حضرت ابوبڪر رضه جي اولاد مان آهن. حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور جو اهو جاري ڪيل سلسلو، سروري سهروردي سلسلي جي نالي سان ملڪان ملڪ مشهور آهي. ان سلسلي سان وابسته تعداد سنڌ زماني ۾ تو لڪ شمار ڪيو ويو. ان ڪري هن سلسلي کي نو لکي گوڏڙي پڻ سڏيو ويو آهي.

مخدوم طالب المولیٰ کي شاعري ۽ واڳ سان شغف ۽ ادب سان شوق ننڍپڻ کان ورثي ۾ مليو. 1930 ۾ نازي جي سفر تي شاعرانه ذوق تڪميل تي پهتو. اول بيوس پوءِ فراقي ، زمان شاهه ۽ پوءِ طالب تخلص ڪيائون. 1949 کان طالب المولیٰ تخلص اختيار ڪيائون. مخدوم طالب المولیٰ سنڌي ادب جو تمام سگهارو ٿانءُ آهي. سنڌ جي ادبي ادارن جو بنياد وجهندڙ هو. ڪمال جو شعر لکندڙ هو.

سندن شايع ٿيل ڪتابن ۾ (1) امام غزالي جا خط (2) اسلامي تصوف (3) خرد

شناسي (4) شيطان (5) بهار طالب (6) رباعيات طالب (7) ياد رفتگان (8) مثنوي عقل و عشق (9) ڪچڪول (10) ڪافي (11) سنڌ جو شڪار (12) بياض طالب المولیٰ (13) مصري ۽ جون ترزن (14) مضامين طالب المولیٰ (15) سماع العاشقين في سرور الطالبين (16) چهه ۽ چڻسن (17) آه ڪانگا ڪر ڳالهه (18) ڪوڙ ۽ سچ (19) تلفرات (20) اشارات شاهه (21) عجيب لغت سنڌي (22) سنڌ جو سالرق (23) بي پير اڪيرن شامل آهن. پاڻ 11 جنوري 1993ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

مخدوم عبدالرئوف ڀٽي

سنڌ جو ڀيريون مولودگو شاعر مخدوم عبدالرئوف 1682ع ۾ هالن ۾ ڄائو. ان ئي ڳوٺ ۾ جنهن مخدوم ابراهيم جي "سنڌي" مشهور آهي، سو مخدوم عبدالرئوف جو پيءُ هو. مخدوم عبدالرئوف جو شعر مولودن، مداحن، ڪافين ۽ بيتن (ڏوهيڙن) جي صورت ۾ موجود آهي. کيس خاص طور مقبوليت مولودن جي ڪري ملي. هن پنهنجو تخلص اڪثر "عاصي عبدالرئوف ڀٽي" جي انداز ۾ آندو آهي. سنڌس ڪلام علم عروض ۽ ڪافين جي انداز ۾ چيل آهي.

مخدوم عبدالرئوف جو ڪلام عشق رسول ﷺ جي جذبن جو آئينو آهي. ڪلام ۾ جذبات جي شدت، رقت ۽ سڪ جو بيان نمايان حيثيت رکي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تاليف "مولود" ۾ مخدوم عبدالرئوف ڀٽي ۽ جا 77 مولود درج ڪيا آهن. جڏهن ته مخدوم محمد صالح ڀٽيءَ، مخدوم عبدالرئوف ڀٽيءَ تي هڪ مڪمل ڪتاب پڻ لکيو آهي، جنهن ۾ مخدوم صاحب جا 348 مولود، ڪيترن ئي ڪافيون ۽ بيت شامل آهن.

مخدوم عبدالرئوف هڪ سچو عاشق رسول ﷺ ۽ مدينو ۾ مرڻ ۽ ديار حبيب ۾ دفن ٿيڻ جي تمنا ڪئي هئي، جا پوري ٿي. ڀٽي حج ڪرڻ جي موقعي تي مدينه منوره ۾ 1752ع ۾ وفات ڪيائين.

مخدوم عبدالعزيز ابهري

مخدوم عبدالعزيز ابهري سمن جي آخري دور ۾ خراسان کان سنڌ آيو. علم توڙي عقل ۾ وڏو اڪابر هو. سندس ٻه پٽ، مولانا محمد ۽ مولانا اثيرالدين ۽ ساڻس گڏ سنڌ پهتا هئا. سنڌ ۾ علم ۽ ادب جي پکيڙ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين.

مخدوم فخريوٽو

هيءُ رباني عالم هو. سنڌ ۾ علم جي پکيڙ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. جيڪو ۽ شاگرد هن وٽ پڙهيو، اهو علم جي مٿاهين رتبي کي پهتو. مير معصوم بکري جو خيال آهي ته هو هرات کان سنڌ ۾ آيو. پر حقيقت ۾ هو مقامي سنڌي عالم هو. فخريوٽو پاڻ سان ٿيو ڏنو ٿي سگهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مخدوم قاضي عثمان دربيلائي

مخدوم قاضي عثمان دربيلائي، دربيلي جو رهاڪو ۽ عالم هو. دربيلي ۾ سندس وڏي درسگاهه هئي، جتي استادن ۽ شاگردن سان گڏجي گذاريائين ۽ سندن خدمت ڪيائين. ڪنهن کان به نياز نظر قبول نه ڪندو هو. 1002هه سن 1594ع ۾ وفات ڪيائين. تاريخ معصومي ۾ سندس ذڪر آيل آهي. پر ڪيس سنڌي شاعر نه ڄاڻايو ويو آهي. محترم وانڪڙي محي بخش بلوچ کي ولهاري ماڻ ڪن جي ڪتبخاني مان هڪ قلمي نسخو مليو آهي، جنهن ۾ مخدوم قاضي عثمان دربيلائي جو هڪ بيت مليو آهي، جيڪو هن طرح آهي:

جيڪو لنبيم سو پسي، آئا سلهون ڪتري سري،
ڪالهه ان اچل وعلي ۽ هيٺيون، هن ڪولي ڪنهن ورس.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

مخدوم صاحب جو والد مير پوي ٻاٻوري شهر ۾ رهندو هو. جتي 10 ربيع الاول تي 1104هه/1692ع تي مخدوم محمد هاشم پيدا ٿيو. مخدوم صاحب قرآن پاڪ جو حفظ ۽ عربيءَ جي شروعاتي تعليم جو صرف نحو وغيره پنهنجي والد وٽ پڙهيو. جڏهن سندس عمر 9 سال ٿي ته سندن والد هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" جي صفحي 23 تي لکي ٿو ته مخدوم صاحب جي زماني ۾ شريعت جي حڪمن تي عمل تمام گهڻو رواج ورتو. هن جو حڪم مسلمانن کان علاوه غير مسلمانن تي به هلندو هو. سندن هٿ تي هزارين غير مسلمانن اسلام قبول ڪيو. وقت جي بادشاهن مان نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ سان به سندس خط و ڪتابت هئي. بادشاهه به سندن خواهش مطابق دين جي حڪم جاري ڪرائڻ ۾ پوري مدد ڪندا هئا. ٺٽي شهر ۾ مخدوم صاحب جو تمام وڏو مدرسو هو، جتي نه رڳو سڄي سنڌ ۾، گجرات، ڪاٺياواڙ، افغانستان مان به طالب علم اچي سندس درس مان فيض حاصل ڪندا هئا. 12هين صدي هجريءَ جا سڀ عالم ۽ محدث ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان مخدوم صاحب جي مدرسي جا فيض يافته هئا.

دين اسلام جو شايد ئي ڪو اهڙو موضوع رهيل هجي، جنهن تي مخدوم صاحب نه لکيو هجي. فقه، علم ڪلام، لغت، اصول، منطق، فلسفي، حديث ۽ تفسير جهڙن ڏکين موضوعن تي مخدوم محمد هاشم قلم کنيو ۽ ڪتاب لکيا. سندس ڪيترائي ڪتاب، حادثن ۽ زماني جي بي قدريءَ جي نذر ٿي ضايع ٿي ويا، پر ان جي باوجود به سندس 152 کان وڌيڪ ڪتابن جا ناالا ملن ٿا. جن مان ڪجهه ڇپيل ۽ ڪجهه قلمي حالت ۾ ڪتب خانن ۾ موجود آهن.. مخدوم صاحب جي پوٽي مخدوم غلام پنهنجي ڊائري جي 115 ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ لکيل آهن.

مخدوم محمد هاشم پنهنجي عمر جا 80 سال پورا ڪري 8 رجب المرجب 1174هه بمطابق 1760ع تي لاڏاڻو ڪيو. کيس مڪليءَ جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مخدوم نوح

غوث الحق مخدوم الله المعروف مخدوم نوح بحيثيت درويش ۽ ولي ڪامل جا سجاده نشين طور مشهور آهن. پاڻ مخدوم نعمت الله جا وڏا فرزند آهن. سندس ولادت 21 رمضان 911هه/ 21 فيبروري 1506ع تي ڳوٺ ٽوڙي هالا ڪندي ۾ ٿي. هي ڳوٺ پراڻن هالن کان اندازاً ٽن ميلن جي فاصلي تي آهي. مخدوم نوح جو شجره نسب حضرت ابوبڪر صديق سان ملي ٿو. ڪيترن ئي ڪتابن ۾ مخدوم نوح جي زندگي ۽ ڪرامت جو احوال آيل آهي.

مخدوم نوح جي علم، فضل ۽ ڪرامت جون ڪيتريون ئي ڳالهيون مشهور آهن. سندس ڪيل قرآن شريف جو فارسي زبان ۾ ترجمو هڪ شاهڪار آهي. هن جو ڪاتب سندن مريد بهاءُ الدين ڪوڙائيو هو. جو ٺٽي جي ميمڻ خاندان جو فرد هو. هو مخدوم صاحب جي اولاد جو اتاليق (خانگي استاد) به هو. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو به مخدوم نوح جو مريد هو. مخدوم نوح ولي الله هئڻ سان گڏ سٺو شاعر به هو. سندس شاعري جو نمونو به اعليٰ آهي. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

پيئي جا پرينات، سا ماڪ مَ پاڻيءَ مائهين،
روئي پوڙهي رات، ڏسي ڏکوئين ڪسي؛

-

تَ سي جسر ڳي جيوءَ ۾، تَ سي سامي وات،
ڪاٽين ڪنڌرات، وڏي ويل ولائيا.

عظيم خانوادي تي نظر ڪجي ٿي ته حضرت مخدوم نوح کان پوءِ هن خاندان ۾ اهل علم، درويش ۽ شاعر پيدا ٿيندا آيا آهن. جن تذڪرو به ٿيندو آيو آهي. هالن مخدوم جميل زمان، تذڪره مخدومان هالا ۾ تمام گهڻي محنت ۽ محبت سان ڪيو آهي. پاڻ 27 ذوالقعد 998هه مطابق 26 سيپٽمبر 1590ع تي 85 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون.

مدد علي سنڌي

نامور اديب ۽ صحافي، مدد علي سنڌيءَ جو پورو نالو مدد علي ولد الله بخش ٽريشي آهي. هن 12 آڪٽوبر 1950ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. مدد علي سنڌيءَ پرائمري تعليم فاطمه گرلس اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي. هن مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ۽ بي. اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي.

آڪٽوبر 1970ع ۾ 'اڳتي قدم' نالي سان هڪ رسالو جاري ڪيائين. جنهن رسالي تي 1973ع ۾ حڪومت پابندي مڙهي ڇڏي. جنهن کانپوءِ 1973ع کان 1978ع تائين وارو عرصو روپوشيءَ ۾ گذاريائين. ان عرصي دوران، 1975ع ۾ ان وقت جي حڪومت 72 سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تي بندش لاڳو ڪئي. ان ڪيس دوران مدد علي سنڌيءَ ۽ طارق اشرف جي گهرن تي ڇاپا لڳا ۽ 'اڳتي قدم' ڇپيندڙ پريس کي سيل ڪيو ويو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مدد علي سنڌي، 1979ع ۾ صحافت جي ميدان ۾ داخل ٿيو ۽ 1980ع ۾ سليم اڪبر قاضي جي اخبار 'سنڌ ٽائيمز' جو ايڊيٽر ٿيو. وزيراعليٰ جام صادق عليءَ جي دور ۾ ڪجهه وقت لاءِ وزيراعليٰ هائوس ۾ پريس سيڪريٽري رهيو. ٻن سالن تائين سنڌي ادبي بورڊ جو وائيس چيئرمين به رهيو.

مدد علي سنڌيءَ لکڻ جي ابتدا شاعريءَ سان ڪئي. 1968ع ۾ سندس پهريون گيت ٽماهي مهراڻ ۾ ڇپيو. ان کانپوءِ هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. سندس پهرين ڪهاڻي 'ويا ڪٿي ڏينهڙا؟' ماهوار سهڻيءَ جي جون 1970ع واري شماري ۾ شايع ٿي. سندس پهريون ڪتاب: (1) 'دل اندر درياهه' (ڪهاڻيون)، سيپٽمبر 1980ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن جو مهاڳ نامور ڪهاڻيڪار نورالهديٰ شاهه لکيو هو. ان بعد هن جي شاعريءَ، ترجمي ۽ سفرنامي جا ڪتاب ڇپيا ۽ 2008ع ۾ سندس سمورين تحريرن جو ڪليات 'دل اندر درياهه' عنوان سان سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾: (1) دل اندر درياهه (11 ڪهاڻيون)، (2) هستيءَ جي اڄاڻ ليڪن ۾ (7 ڪهاڻيون)، (3) هر جي مٺا ساڳ ۾ (تاثرات)، (4) شهر صحرا پلڻيان (سفرنامو)، (5) پٿر مٿان (شاعري)، (6) مضمون، (7) قلندر (قرة العين حيدر جون ڪهاڻيون، سنڌي ترجمو) ۽ (8) خط شامل آهن. مدد علي سنڌي هن وقت سنڌ جي ثقافت کاتي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

مدن ڀڳت

هيءُ ڀڳت، شاهه عبداللطيف جو همعصر ٿي گذريو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي صحبت ۾ رهيو. ڀٽائيءَ جي ساڻس گهڻي لڳندي هئي. بدوي صاحب لکي ٿو ته: ارڙهين صديءَ عيسويءَ ۾ هن هندو شاعر جو تالو شاهه ڀٽائيءَ جي صحبتين ۾ نظر اچي ٿو. هو ڪهڙي ڳوٺ يا شهر جو رهاڪو هو، ان بابت ڪا به تحقيقاتي خبر پئجي نه سگهي آهي. هو صاحب دل ۽ صوفي هو. مدن ۽ شاهه لطيف جي بيتن ۾ گفتگوءَ جو ذڪر به ڪتابن ۽ زباني روايتن ۾ آيل آهي. مثال طور: هڪ ڀيري شاهه صاحب ۽ مدن ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي سير ۾ پهتا ته شاهه صاحب ساڻس دل لڳي ڪندي پڇيو ته:

"مدنا! حشر ويل حساب جي، ڪافر ڪئنا ڪيئن؟!"

مدن جواب ڏنو ته سائين! ڪڏهن وقت سر ثابت ڪندس. جڏهن ٻئي ڀيري هڪ ڏينهن ٻئي درياهه پار ڪرڻ لاءِ پتڻ تي آيا ته شاهه صاحب پاڻيءَ کي چيو ته ادا اسان کي به پار اڪار. هن جواب ڏنو ته پوءِ پرجي ديو آهي. جاءِ ناهي! مدن پيسا ڪڍي پاڻيءَ کي چيو ته "هيٺو پتڻ وٽ"، ته هن هڪدم چيو ته سائين اچو. جڏهن ٻيڙي وڃي وچ سير ۾ پهتي ته شاهه صاحب مدن کان ساڳيو سوال ڪيو. مدن هٿ جي تري کولي چيو: سائين اوهان جيڪو سوال پڇيو هو، ان جو جواب هي آهي:

هٿ جنين جو هيٺ، سي پهريون پتڻ پار پيا.

مدن ٻنهي سٽن کي جوڙيو ته هڪ بهترين ۽ پُر معنيٰ بيت جڙي پوندو. هن مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته شاهه صاحب جي همعصرن ۾ مدن ڀڳت هڪ برجستو شاعر هو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مرتضيٰ سيال

اديب، شاعر، ڪالم نگار ۽ صحافي مرتضيٰ سيال جو پورو نالو غلام مرتضيٰ ولد در محمد سيال آهي. هن 29 جون 1965ع تي هالاڻي، ضلعي نوشهرو فيروز ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم هالاڻيءَ جي پرائمري اسڪول مان ورتائين. مئٽرڪ 1980ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول هالاڻيءَ مان ڪيائين. گريجوئيشن ڪانپور، ايم. اي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري جي ماس ڪميونيڪيشن شعبي مان، فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين.

مرتضيٰ سيال لکڻ جي شروعات 1978ع کان ٻاراڻي ادب سان ڪئي. سندس تحريرون روزاني هلال پاڪستان، عبرت، آفتاب، گل ڦل، رابيل، گلن جهڙا ٻارڙا، لاٽ رسالن ۽ مختلف سنڌي اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون. هن ڪهاڻيون ۽ ڪالم به لکيا آهن ۽ شاعري به ڪئي آهي. مرتضيٰ سيال عملي زندگيءَ جي شروعات 1992ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پبلڪ رليشنس آفيسر طور ڪئي. 2000ع ۾ ايڊيشنل ڪنٽرولر امتحانات ٿيو. ان کان سواءِ ايڊمنسٽريٽو آفيسر به رهيو ۽ هيئنر وڏي عرصي کان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ امتحانات جي ڪنٽرولر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ڪجهه وقت لاءِ رجسٽرار جي عهدي تي به رهي چڪو آهي. مرتضيٰ سيال 1989ع ۾ عبرت مئگزين جي ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبر ۽ 1990ع ۾ انچارج ايڊيٽر ۽ 2000ع کان اپريل 2012ع تائين اعزازي ايڊيٽر جون ذميواريون به نڀايون آهن. کيس ادبي ۽ صحافتي خدمتن تي ڪيترا ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ملي چڪا آهن، جن ۾ ابرڪ آرٽ ايوارڊ (90-1989ع)، اي. سي. اين. ايس ايوارڊ (06-2005ع) وغيره شامل آهن. هن وقت ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

مرزا قليچ بيگ

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو ڪو به تذڪرو شمس العلماء مرزا قليچ بيگ کان سواءِ اڻ پورو ليکيو ويندو. اها سنڌي ٻوليءَ جي خوش قسمتي چئبي جو کيس مرزا قليچ بيگ مليو.

مرزا قليچ بيگ جو جنم 7 آڪٽوبر 1853ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي ٺوڙهي ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو 'مرزا فريدون بيگ' هو. مرزا قليچ بيگ جي گهر جو ماحول علمي هو. قليچ جو پيءُ ۽ ناناڻو فارسي زبان جا عالم هئا ۽ کين ڪتابن گڏ ڪرڻ جو گهڻو شوق هو. پنهنجي ناني ۽ پيءُ جي علمي شوق کان متاثر ٿي، قليچ پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ فارسيءَ ۾ نظم جوڙيندو هو.

مرزا صاحب کي پنهنجي زبان سان والهانه عشق هو. ان ڪري هن نت نون موضوعن تي، ٻين ٻولين مان ترجما ڪري ڪتاب لکيا، سنڌي ٻولي کي مالا مال ڪيو. سندس ڪتابن جي موضوعن کي ڏسبو ته حيرت ونڊندي ته شايد ئي ڪو موضوع هجي، جيڪو مرزا صاحب جي قلم مان نه نڪتو هجي. مرزا صاحب جي ڪل ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جو تعداد ڪل 457 ٻڌجي ٿو. اهو ڏسي حيرت ٿي ٿي ته مرزا صاحب هڪ نهايت مصروف سرڪاري عملدار هوندي ۽ ٻجلي، ريڊيو، ٽيوي ۽ ٻين سهوليتن نه هوندي به ايترا ڪتاب لکيا، جنهن مان اها ڳالهه

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ثابت ٿي ٿئي ته هو صحيح معنيٰ ۾ هڪ اديب، لائق ۽ محنتي انسان هو. مرزا قليچ بيگ جي لکيل يا ترجمو ڪيل ڪتابن جي ڳڻپ ليکڪ موضوع وار ترتيب هن ريت ٿي ڏيکاري:

(1) مختلف موضوعن تي انگريزي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪيل 69 ڪتاب. (2) انگريزي ۾ پنهنجا لکيل ڪتاب 41، (3) فلسفو ۽ اخلاقيات 88 ڪتاب، (4) سنڌي ڊراما 20 ڪتاب، (5) ناول يا آکاڻيون 23، (6) ادبي ۽ اسڪولي 119 ڪتاب، (7) زناني تعليم تي لکيل ڪتاب 19، (8) ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب 17، (9) سنڌي نظم ۾ مختلف ڪتاب (ترجما ۽ طبعزاد) 29، (10) فارسي ۾ لکيل ڪتاب 22، (11) عربي ۾ لکيل ڪتاب 30، (12) اردو ۾ لکيل ڪتاب 5، (13) بلوچي گرامر هڪ ڪتاب.

اندازي موجب اهڙا ڪاتيون مرزا صاحب جي اڻ ڇپيل ڪتابن جو ۽ وڌيڪ اڻ سنڌيس پورتيون ويٺ قلمي صورت ۾ موجود آهي. 1929ع جي اپريل مهيني ۾ گرمي ۾ سخت ۽ سخت ٿي پوءِ ٿيا ٿي پيس. علاج ڪان پوءِ ڪجهه ٺيڪ ٿيو ته لکڻ پڙهڻ ۽ پين ڪمن ۾ جنبي ويو، جنهن ڪري بيماري اُٿي پيس. نيٺ 3 جولاءِ 1929ع ۾ پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. کيس حيدرآباد جي ٽنڊي ٺوڙهي جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

مرڪاڻ شيخڻ

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ مرڪاڻ شيخڻ جو نالو پير صدرالدين کان به اڳ اچي ٿو. هن شاعره جو جنم ڳوٺ ڪرهيو پاتداري ۾ ٿيو. مرڪاڻ شيخڻ جي جنم تاريخ معلوم ڪري نه ٿي سگهي آهي. ڪرهيو پاتداري بدين کان 42 ڪلوميٽر پنڌ تي ساحلي پٽي تي، درياهه ماڙيءَ کان اولهه طرف ٿيپي جو علائقي جو ڳوٺ آهي. جيڪو هن وقت به ڳوٺ شيخ ڪرهيو جي نالي سان آهي. هن ڳوٺ ۾ مشهور محقق شيخ محمد سومار، آدم شيخ، الهجايو شيخ، ساڄن شيخ ۽ ٻيا پڻ پيدا ٿيا. پر مرڪاڻ شيخڻ جو پنهنجو مقام هو. هن پنهنجي مرشد ڪرهيو پاتداري جي عقيدت ۾ شاعريءَ ذريعي جيڪي گل نچاور ڪيا آهن. سي سادي ٻولي ۽ سادي خيال جا پلي مثال آهن. پر جڏهن به سنڌي ادب ۾ شاعري جي ڳالهه اچي ٿي، تڏهن مرڪاڻ شيخڻ جو نالو عورت شاعره جي حساب سان سرفهرست اچي ٿو. درڪاهه ڪرهيو پاتداري جي قبرستان ۾ هن جي قبر به هاڻي خراب حالت جيان مٽي جي مٽي ٿي وئي آهي. پر سنڌس ڳاتل لاٽ اڄ به هن جي ياد جا ڏيئا روشن ڪن ٿا. مرڪاڻ جي لاڏن بابت شيخ محمد سومار جو ننڍڙو ڪتابڙو مرڪاڻ جا لاٽ جي عنوان سان ڇپيل آهي. جيڪو هن وقت ناياب ٿي ويو آهي. سنڌ جي هن پهرين شاعره عورت سن 1300ع ۾ وفات ڪئي. کيس درڪاهه ڪرهيو پتداري جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

مشتاق بخاري

مشتاق بخاري جو اصل نالو مشتاق احمد شاهه آهي. 27 آڪٽوبر 1969ع ۾ ڳوٺ لونگائي ضلعي شڪارپور ۾ سيد غلام علي شاهه جي گهر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم لونگائي ۽ ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ بعد ڊگري ڪاليج رتيديري مان انٽرميڊيئيٽ ڪرڻ بعد 1992ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان معاشيات ۾ ايم اي ڪيائين. جنهن بعد 2007

http://soorihsindhiadab.website.2.me

۾ سنڌي ادب ۾ ڊ ايم اي ڪيائين. 31 مئي 1988ع کان تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت ۾ عملي زندگي جي شروعات ڪيائين. شاعري لکڻ جي شروعات 1989ع کان ٻاراڻي ادب کان ڪيائين. سندس پهريون ٻاراڻو نظم هفتيوار اخبار شب روز شڪارپور ۾ 1989ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ اڄ تائين لڳاتار ٻارن جي ادب لاءِ لکندو رهي ٿو. سندس ٻارن لاءِ شاعري جا 2 ڪتاب ”ڪِٽن جهڙا ٻار“ 1998ع ۽ ”مرڪڻ ستارا جي“ 2001ع ۾ شايع ٿي چڪا آهن. ان کان علاوه سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ ”پيار جي موت ۾“ (ڇوٽڪا) 1999ع، سار جي خوشبو (100 غزل) 2004ع، هڪ وجود ڪيئي وجود (ايم اي سنڌيءَ لاءِ ڪرڙ پڙاڏي جي زندگي تي تڪميل سندس مونو گرام) 2009ع ۽ سار چمڪڻ جي (ڪوفر پڙاڏي سان ڪڏ شاعري) 2012ع ۾ ڇپيل آهن. سندس شاعري ريڊيو، ٽيليويزن تڙڪي ڪئسيٽن ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي به آهي. مشتاق بخاري شاعري کان علاوه ڪيترن ئي رسالن جو ايڊيٽر ۽ چيف ايڊيٽر به رهيو آهي. جن ۾ ماهوار هرڪار، هفتيوار اخبار سانپاڻ شڪارپور، ماهوار نئون چنڊ ۽ ماهوار ٻارڙن جي ٻاري حيدرآباد شامل آهن. ڪيترن ڪيترائي مختلف ايوارڊ مليا آهن. سندس شاعري ۽ شخصيت تي 3 ڪتاب (1) مِن گهريو مشتاق (مرتب احسان راهوجو) 2017ع، (2) مشتاق بخاري سڀ ڪي ٻاري (مرتب ساجده جبين) 2018ع ۽ (3) تنهنجي مشتاق ديد سان ٿو (مرتب غلام مصطفيٰ سولنگي) 2019ع شامل آهن. مشتاق بخاري 31 آگسٽ 2017ع تي تعليم کاتي مان رٽائرمينٽ ورتي. هن وقت ڳوٺ لوڙڪائي ۾ سنڌي ادب جي خدمت ۾ مصروف عمل آهي.

مصري شاه

سيد مصري شاه، پنهنجي دور جو ڪافيءَ جو نامياري شاعر ۽ اعليٰ سطح وارو آهي. سندس ڪلام ۾، ڪافيءَ جون اهي سموريون خوبيون ۽ سمورا لوازمات موجود آهن، جيڪي شاعريءَ جون خاصيتون شمار ٿينديون آهن. سندس ڪلام جي بي ساختگي، صوفيانه نڪتا سنجي، موزونيت، سنڌي، هندي، فارسي ۽ عربي لفظن جو بهترين امتزاج، تخيل جي بلندي ۽ ڪلام جي سادگي، سلاست، فصاحت ۽ بلاغت ڪمال جي آهي. هو صوفي سالڪ ۽ عوامي شاعر، سنڌ جي قديم ۽ تاريخي شهر نصرپور ۾ سيد بلند شاه جي گهر ۾، 1245هه مطابق 1828ع ۾، انگريزن جي سنڌ تي قبضي کان 15 سال اڳ جنم ورتو ۽ انگريز دور جو صف اول جو شاعر ثابت ٿيو. مصري شاه جي والد جي نسب جو سلسلو ستين پيڙهيءَ ۾ سيد هاشم شاه سان ملي ٿو.

1900ع ۾ سنڌ ۾ وڏي وبا پيئي، جنهن جو نصرپور شهر تي به اثر پيو. پر مصري شاه، خاندان سميت شهر نه ڇڏيو. مصري شاه 4 ۽ 5 صفر 1335هه مطابق 1906ع جي وچ واري رات، 3 رات اوچتو بيمار ٿيو. انهيءَ مهل، زندگيءَ جي آخري ڪافي چيائين:

اکر ڏاڪا جيسين ڏيهن تـ اپري،
پنـڌ پرانهـون، منـزل ڏورا

۽ پوءِ دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيائين. شاه محمود جي درگاهه جي اتر طرف مٽيءَ حوالي ٿيو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مقصود گل

مقصود گل سنڌ جو ناميارو شاعر، ليکڪ، مترجم ۽ سچل شناس، سندس اصل نالو قاضي مقصود حيات هو. 18 اپريل 1950ع تي رتيديري ضلع لاڙڪاڻي ۾ ناميارو شاعر، استاد ۽ چترڪار قاضي عبدالحئي قائل جي گهر ۾ جنم ورتائين. بنيادي تعليم رتيديري مان تي حاصل ڪيائين. سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪيائين، پاڻ ڪجهه عرصو نئين ديري شگر مل ۾ اهم انتظامي عهدي تي رهيو ۽ سنت تي اتان استعيفيٰ ڏئي رتيديري ۾ ئي پنهنجي والد جي نالي تي اسڪول قائم ڪري درس تدريس جي ڪم سان لڳي ويو. مقصود گل کي پنهنجي گهر ۾ ادبي ماحول مليو، جنهن ڪري نوجواني ۾ 1975 کان ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. شاعري ۾ سندس استاد ناميارو شاعر ۽ محقق عطا محمد حامي هو. قاضي مقصود گل شروع کان حياتيءَ جي آخري لمحن تائين پارن جي ادب لاءِ لکندو رهيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾:

(1) 'ڪرڻا ڪرڻا' (پارن لاءِ شاعري) (2) 'عشق سمندر' (اردو)، 'سچل سرمست جي فارسي مثنوين جو منظوم' (اردو ترجمو) (3) 'رتوديرو' (مختصر تاريخ) (4) 'زندگيءَ ڏي موٽ' (ڪرشن چندر جون ڪهاڻيون ترجمو) (5) 'وکريل موتي' (ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جا مقالا) (6) 'اندر روح رهيام' (ڊاڪٽر حاميءَ بابت لکيل مضمون ۽ مقالا ترتيب) (7) 'سنڌڙيءَ تي ڦاڙو'، (8) 'سنڌو ڪپ تي'، (9) 'رت پنا راهيل' (مزاحمتي شاعري)، (10) 'جهلملي هرڻي' (پارن لاءِ ڪهاڻيون) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. ان کان علاوه سندس پارن لاءِ لکيل ڪافي مواد ترڙي شاعري سندس پوٽرن (پٽن ياسر قاضي، ناصر قاضي) وٽ محفوظ آهي.

هن سچل سرمست، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪيا. مقصود گل 14 فيبروري 2015 ۾ وفات ڪئي.

ملا اويس شڪارپوري

ملا اويس ٻارهين صدي هجري ۾ شڪارپور جي اهل الله بزرگن ۽ عالمن مان هو. ٻارهين صدي هجري سن 1720ع ۾ وفات ڪيائين. وڏن ماڻهن ۽ حاڪمن کان پري گذاريندو هو. وقت جا حاڪم سندس دروازي تي وڃي ۽ محروم موٽندا هئا. سندس سموري جمار ديني علوم جي واڌ ويجهه ڪندي ۽ اسلام جي تبليغ ڪندي گذري. هو هڪ وڏو عالم فاضل ٿي گذريو آهي، دنيا سان سندس لاڳاپا گهٽ هوندا هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس ڪلام ۽ گمنامي ۾ رهجي ويو. هن وقت سندس يادگار رڳو سندس آهي جيڪو غوث الاعظم سيد عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ چيل آهي، اها سندس بياض خانم ۾ ڏنل آهي، جنهن جو ڪجهه حصو تذڪره لطفي ۾ ڏنو ويو آهي. صاحبزادي درسگاهه ۾ ڪافي عرصو درس تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. سندس شاعري ۾ اصلاحي پهلو وڌيڪ آهي، سندس نعتيه شاعري درسي ڪتابن ۾ به شايع ٿيل آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ملڪ آگاڻي

ملڪ داد آگاڻي، پهرين جنوري 1951ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ "آگاڻي" ۾ جنم ورتو. ملڪ آگاڻيءَ پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ سيڪنڊري کان ڪاليج تائين لاڙڪاڻي ۾ ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي.

ملڪ آگاڻي، لکڻ جي شروعات 1972ع ۾ ڪهاڻي لکڻ سان ڪئي، اڳتي هلي، هن نه رڳو ڪهاڻيون لکيون، پر ناول لکيا، ترجما ڪيا ۽ ٽيليويزن ڊراما پڻ لکيا. ملڪ آگاڻي پنجاهه کان به وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون آهن، پر سندس ڪهاڻين جو ڪوبه مجموعو ڇپجي نه سگهيو. هن ڪهاڻين کانسواءِ ڪيترائي ناول ۽ ناوليٽ پڻ لکيا. سندس پهريون ناول "تيرولي جو ڪن" 1987ع ۾ شايع ٿيو. اهو ناول 81-1980ع دوران لکيائين.

ملڪ آگاڻي پيشي جي لحاظ کان پرائمري استاد هو. "تيرولي جي ڪن" کان علاوه سندس ترجمو ڪيل ماڻوزي تنگ جي "هونان هاري رپورٽ" "هارين جي بغاوت" جي نالي سان ڇپجي چڪي آهي. سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ ۾ ناول، ڪهاڻين جا مجموعا ۽ شاعري شامل آهن. شاعري ۾ سندس "ٿر ڪيهڙارو" گهڻو مشهور رهيو. سنڌي ڪهاڻي ۽ ناول جي هن وڏي نالي کي 12 نومبر 2002ع ۾ قتل ڪيو ويو.

ممتاز بخاري

ممتاز بخاري، پهرين جون 1968ع تي گهوٽڪي ضلعي جي ڳوٺ جهانپور شريف ۾ پيدا ٿيو. پرائمري کان ستين درجي تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو. اٺين درجي کان مئٽرڪ تائين تعليم ميرپور ماٿيلي ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين. انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي مان ڪيائين. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان 'بين الاقوامي تعلقات' شعبي ۾ ايم. اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ ڪيائين. ان کان سواءِ آنرس سائيڊ ۾ بي اي به فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۾ پاس ڪيائين.

اسڪول جي زماني کان ئي سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ٻارڙن جي رسالي "گل ڦل" ۾ ڪهاڻيون ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيائين. بعد ۾ لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو مطالعو ڪيائين. جو ته سندس ڳوٺ جهانپور شريف ۾ صوفي شاعر ۽ بزرگ انور شاهه جي درگاهه پڻ آهي، سندس تعلق به ان گهراڻي سان آهي. هن جو ترتيب ڏنل پهريون ڪتاب انور علي شاهه جو ڪلام "انتخاب انور" آهي.

ممتاز بخاري ريڊيو پاڪستان خيرپور تان به ڪيترا پروگرام ڪيا، ريڊيو لاءِ ڪي ڊراما لکيائين. اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيائين. هن مختلف اخبارن ۾ سماجيات، سياست، انٿراپالاجي، پاڻيءَ جي مسئلي، ڌوڙن جي دنيا، جرڳن ۽ برادرين جي جهيڙن وغيره تي تحقيقي رپورٽون ۽ ڊاڪيومينٽريون به لکيون. يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هن جي ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپيا، جن کي سٺي پذيرائي ملي. يونيورسٽيءَ ۾ ادبي ماحول کي ميچائڻ ۾ ممتاز بخاري جو وڏو هٿ آهي. سنڌي ادبي سنگت جي شاخ معرفت هن ڪيتي پروگرام ڪرايا ۽ ادبي مخزن سنڌ سرهاڻ جا پرچا به ڇپرايا.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پبلشر طور پريت پبليڪيشن ۽ بعد ۾ پنهنجي دوستن سان ماءِ پبليڪيشن شروع ڪيائين. سنڌي، اردوءَ ۾ ٻه ڪتاب ڇپيا اهن. هن جون ڪهاڻيون ۽ ٻيو مواد اردو ۽ انگريزيءَ ۾ به ترجمو ٿي چڪو آهي. ڪيترن ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي شعبن ۾ ڪم ڪرڻ عيوض ڪيترن ايوارڊ، شيلڊون ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ به مليا آهن. سنڌي هيٺيان ڪتاب ۽ ناول ڇپيل آهن: (1) 'روپ بهروپ' (ڪهاڻيون ٻين سان گڏ: 1992ع) پريت پبليڪيشن، خيرپور، (2) 'ڪٿي خدا آهين!' (ڪهاڻيون، 1992ع) پريت پبليڪيشن، خيرپور، (3) 'پيو چنڊ ۽ ٻڍي جيو' (1996ع)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، (4) 'ڪن پل جو جانورو' (ناوليٽ: 1997ع) سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، (5) 'چونڊيل ڪهاڻيون' (ترجمو: حبيب ساجد سان گڏ) 1998ع روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، (6) 'سونهن ۽ جي دنيا' (جوسٽين گارڊر جي ڪتاب جو ترجمو) 2000ع سنڌيڪا اڪيڊمي، (7) اندي گنڌ جا وڏا سياسي قتل 2008ع، سنڌيڪا اڪيڊمي (8) وتايو فقير (اردو ۾) 2012ع نيشنل بڪ فائونڊيشن، (9) چور ۽ ڪتا (نجيب محفوظ جي ناول جو ترجمو، 2012ع روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، (10) ڪلاس فور جي محبوبا، 2013ع ماءِ پبليڪيشن وغيره شامل آهن. سنڌي ڪجهه ڪتابن جا ٻين ڪان ورڊيڪ ڇاپا ڇپيا آهن.

منگهارام ملڪاڻي

منگهارام، 14 ڊسمبر 1895ع ۾، حيدرآباد ۾ اُڌارام شيوڪرام ملڪاڻي جي گهر ۾ جنم ورتو. هن 1919ع ۾ بي اي جو امتحان پاس ڪيو ۽ والد جي چوڻ تي اچي زميندار سنڀالي. اها زميداري چار پنج سال هليس. هو ترقي پسند خيالن وارو هو. جهڙڪي هن هارين ناررن جي حقن جو خيال رکيو.

هن شاهه لطيف جي هڪ سئو بيتن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ مرزا قليچ بيگ کي نظرثانيءَ جي لاءِ ڏنائين. جيتوڻيڪ اهي بيت ڪتابي صورت ۾ نه ڇپيا، پر انهن مان ڪي بيت انگريزي رسالن ۾ ڇپيا.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جا ادب جي مختلف صنفن تي لکيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي: (1) ڪمر ٽيل صندوقڙي (ناول ترجمو 1924ع)، (2) ٻڪسٽ (الف ليلي ناٽڪ ترجمو 1926ع)، (3) ايڪتا جو الاپ (وڏو قومي ناٽڪ ترجمو 1929ع)، (4) ڪن جي خطا (ناٽڪ اسلوڪر 1930ع)، (5) تار ڪٽي (ناٽڪ 1930ع)، (6) پنج منوڙا ناٽڪ (1937ع)، (7) پينگهي پيڙا (ناٽڪ: 1938ع)، (8) پريت جا گيت (ترجمو 1940ع)، (9) گيتا انجلي (ترجمو: 1942ع)، (10) ادبي اصول (1950ع)، (11) جيون جهوڪا (ناٽڪ: 1962ع)، (12) پاپ ڪين پنج؟ (ناٽڪ 1957ع)، (13) پڇمي ياترا (امريڪا جو سفرنامو 1963ع)، (14) ڪوڪيتا پيا ٿمڪن (ناٽڪ 1967ع)، (15) سنڌي نثر جي تاريخ (1968ع)، (16) جواني جا جلوا، پيري جون يادون (نظامانو نثر 1975ع)، (17) آخري پيت (ناٽڪ 1975ع)، (18) سنڌ جي گنهگار (ناٽڪ: 1975ع)، (19) ساهتڪارن جون سمرتيون (يادگيريون: 1979ع)، (20) ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو (1980ع) (21) ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي سالوچنا (1982ع). پروفيسر منگهارام ملڪاڻي 84 ورهين جي عمر ۾ 7 ڊسمبر 1980ع تي ديهانت ڪري ويو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مهتاب اڪبر راشدي

مهتاب اڪبر راشدي، جو اصل نالو بدرالنساء آهي. سندس جنم 14 آگسٽ 1947ع تي محمد عيسيٰ چنا جي گهر ۾ ٺٽي شهر ۾ ٿيو. شملي لاڪالج ۾ ٿيو. جتي هن ميٽرڪ 1963ع ۾، بي. اي 1967ع ۾، ايم. اي (سياسيات) 1969ع ۾ ا سنڌ يونيورسٽي، مان ڪئي 1971ع ۾ بي. ايڊ جي ڊگري حاصل ڪئي. يونيورسٽي آف مانچسٽر، آمريڪا مان ايم. اي (سياست) 1978ع ۾ ڪيائين. 1973ع کان 1977ع تائين سنڌ يونيورسٽي، ۾ انٽرنيشنل رليشنز ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار، 1977ع کان 1979ع تائين اسسٽنٽ پروفيسر ۽ بعد ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر رهي ۽ 88-1989ع تائين سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪجهه وقت تائين محڪمي انوائرنمينٽ پروٽيڪشن ايجنسي، ۾ ڊائريڪٽر جنرل ماحوليات رهي. 1997ع کان 1999ع تائين سيڪريٽري سوشل ويلفيئر حڪومت سنڌ. سيڪريٽري تعليم ۽ پوءِ ڊائريڪٽر جنرل محتسب اعليٰ سنڌ جي عهدن تي ڪم ڪيائين. مهتاب اڪبر راشدي هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ سوين آرٽيڪل ۽ مختلف موضوعن تي ڪتاب لکيا آهن. سندس آرٽيڪل سنڌ توڙي ملڪ جي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. هن سنڌي سان گڏ انگريزي زبان ۾ به لکيو آهي. سندس انگريزي، ۾ لکيل ڪتابن جا نالا هي، آهن:

(1) Mouzi Thoughts On Imperialism (2) Big Power On Four Japenese Islands (3) Mekawall's Concept of Neutrality (4) Tashkent and Shimla Agreement: A Comparative Study (5) India Pakistan Relations.

مهتاب اڪبر راشدي، جي شخصيت گهڻ پاسائين رهي آهي. هوءَ هڪ ليکڪ، استاد، ريڊيو آرٽسٽ ۽ ٽي وي ڪمپيئر، فني، ثقافتي، علمي ۽ ادبي ادارن سان وابسته رهي آهي. هوءَ ذهانت ۽ تقرير جي فن سان گڏ اعليٰ شخصيت جي مالڪ آهي. هيٺئين وچولي طبقي جي هڪ پرائمري استاد جي گهر ۾ جنم وٺندڙ مهتاب، جنهن سماج ۾ پنهنجي لڳاتار محنت ۽ جدوجهد سان مڃتا ماڻي، پنهنجي لاءِ جڳهه پيدا ڪري سنڌي ناريءَ لاءِ مثال قائم ڪيو آهي. هوءَ هن وقت سياست ۾ سرگرم آهي. مسلم ليگ فنڪشنل جي ايم پي اي طور سنڌ اسيمبلي، ۾ عورتن لاءِ قانونسازي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

مولائي شيدائي

نامور محقق، رحيمداد مولائي شيدائي ولد شير محمد خان بلوچ، 1894ع ڌاري سکر ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم غريب آباد، سکر ۾ آخوند خدابخش ابڙي جي مدرسي مان حاصل ڪيائين. 1913ع ۾ ڇهه درجا انگريزي پڙهڻ ڪانپوءِ رحيمداد پڙهڻ ڇڏي، ريلوي کاتي ۾ فائرمين طور ڀرتي ٿيو. جتان سنت تي ڪيس ترقي ڪري ريلوي ڪريڪ ۾ ٽرين ڪلارڪ مقرر ڪيو ويو.

پير علي محمد راشدي سندس فقيرائي ۽ دلچسپ طبيعت کي نظر ۾ رکندي، هن لاءِ "مولائي" جو تخلص تجويز ڪيو، ۽ پير حسام الدين جو خيال هو ته هن لاءِ "شيدائي"

http://soorihsindhiadab.website.2.me

تخلص وڌيڪ مناسب رهندو. تنهن ڪري سوچ ويچار ڪانپوءِ مولانا دين محمد وفائيءَ جي رضا تي پنهنجي تخلص گهٽائي، رحيمداد پنهنجو تخلص "مولائي شيدائي" اختيار ڪيو.

مولائي شيدائيءَ کي 1950ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فيلو مقرر ڪيو ويو. فيلوشپ جي پهرئين سال ۾ هن سنڌ يونيورسٽيءَ کي "جنت السنڌ" نالي هڪ ڪتاب تاريخي ۽ جاگرافيائي حوالن سان تيار ڪري ڏنو. پوءِ جڏهن سنڌ يونيورسٽي، ڪراچيءَ مان ڪڍي حيدرآباد ۾ قائم ڪئي وئي ته 1951ع ۾ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ، مولائي شيدائيءَ کي ڊاڪٽر "سي. ڊيوز" جو هندستاني تاريخ تي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب Readers of Indian History جي سنڌي ترجمي جو ڪم سونپيو، جيڪو هن ضروري نوٽن سان "تاريخ هندستان" جي نالي سان ترجمو ڪري يونيورسٽيءَ جي حوالي ڪيو. ان کانسواءِ مولائي شيدائيءَ، فرينچ محقق گستاولي بان جي مشهور ڪتاب "تمدن عرب" جي نموني تي "تاريخ تمدن سنڌ" لکيو ۽ هڪ ڪتاب "تاريخ سکر" پڻ لکيو. سندس ٻين ڪتابن ۾ (1) "تاريخ تالپر"، (2) سنڌ جا پيرانا شهر، (3) "تاريخ قلات" (اردو)، (4) مهدوي تحريڪ، (5) مختصر تاريخ بلوچستان، (6) سنڌ جي سياست، (7) تاريخ خاصخيلي ۽ (8) جنت السنڌ، (9) سفينة النوح عرف پيغام نوح (مخدوم نوح ۽ خاندان جي تاريخ) شامل آهن. سندس ڪتاب "تاريخ بلوچستان" تي ڪيس بلوچستان جي گورنر جنرل جي سيڪريٽريءَ ۽ دربار قلات پاران روڪ انعام ڏنو ويو. رحيمداد خان مولائي شيدائي، 12 فيبروري 1978ع تي سکر ۾ وفات ڪئي.

مولانا دين محمد وفائي

مولانا دين محمد وفائي 27 رمضان المبارڪ 1311هه مطابق 4 اپريل 1894ع سندس اباڻي ڳوٺ ڪٿي عرف نبي آباد تعلقو ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو خليفو گل محمد پيٽي هو. ابتدائي عربي جي تعليم ختم ٿي مس ڪيائين ته مولانا ابو الفيض "سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي" ۾ داخلا وٺي ڏنس. تعليم پوري ڪرڻ کانپوءِ راڻيپور ۾ وڃي رهيو ۽ درس وتدريس جو ڪم جاري رکيائين.

گهڻي مشغولي هوندي به وفائي صاحب ڪيترائي مذهبي، علمي ۽ ادبي ڪتاب نه رڳو تصنيف ڪيا پر ترجمو پڻ ڪيائين. تصنيف ٿيل ڪتابن ۾ تاريخ مصطفيٰ ﷺ، حيدر ڪرار، قانون جنت، غوث اعظم، ٽن مسلم هندو نيائين، راحت الروح، مقصد زندگي، قرآني مسئلا ۽ هندو ڌرم، قرباني ۽ شاهه جي رسالي جو مطالعو وغيره شامل آهن. جڏهن ته ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ توحيد اسلام، تقوية الايمان جو ترجمو، القائم الباري، تجريد البخاري، جو ٻنهي جلدن ۾ ترجمو ۽ فتوح الغيب شامل آهن. ان کانسواءِ وفائي صاحب جا بيشمار مقالا ۽ مضمون ماهوار توحيد ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. جن جو موضوع اسلام، سياست ۽ اخلاق آهن. پاڻ وڏو اهل قلم ۽ عالم هئڻ سان گڏ مسلمانن جي معاشي، سماجي ۽ تعليمي سڌارڪ شخص هو. سنڌي صحافت ۾ پڻ سندس خدمتون يادگار آهن. 1920ع ۾ روزاني الوحيد اخبار ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين. ان سان گڏ 1923ع توحيد رسالو جاري ڪيائين. هن 1369 هجري مطابق 1950ع ۾ وفات ڪئي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مولانا عبدالله چانڊيو

ناميارو ديني عالم مولانا عبدالله ولد غلام حيدر چانڊيو 19 فيبروري 1902ع تي ڳوٺ ملان چانڊين (حراب پور چانڊين)، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. سنڌي فائنل جو امتحان 1919ع ۾ پاس ڪيائين.

مولوي عبدالله چانڊيو ديني عالم هئڻ سان گڏ اعليٰ پائي جو شاعر به هو. شاعريءَ ۾ "عبد" تخلص استعمال ڪندو هو. هن سنڌي، سرائيڪي، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ شاعري ڪئي آهي. لوڪ شاعريءَ جي مختلف صنفن، مناجات، مولود، ٽيه اکريون، معجزن، ڪافين ۽ معراج نامن تي طبع آزمائي ڪيائين. نعت ۽ حمد به لکيائين. هن سنڌيءَ کان علاوه فارسي ۽ عربيءَ ۾ به شاعري ڪئي. سندس شاگردن مان: (1) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، (2) مولانا عبدالڪريم قريشي (پير شريف وارو)، (3) مولوي علي محمد حقاني، (4) مولوي محمد شاهه (امروٽ وارو)، (5) مولوي عبدالواحد مهر، (6) مولوي عبدالحئي چانڊيو ۽ ٻيا ڪيترا مشهور عالم ٿي گذريا آهن. سندس تصنيفن ۾: (1) "تفسير سورة ياسين"، (2) "حق الاظهار"، (3) "معراج نامه"، (4) "انڪار عيسيٰ"، (5) "خلفاء ثلاثه"، (6) "مقابلات"، (7) "قرآن مجيد جو تفسير"، (8) "حضرت علي ٻين اصحابن کان افضل آهن"، (9) "ڇا ڏلو آهي تو" (تنقيد) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. ڪيس ٽي پٽ ٿيا: عبدالمجيد (سرڪش سنڌي)، مولوي عبدالحميد چانڊيو ۽ عبدالرشيد ماهر (طبي حڪيم). مولوي عبدالله چانڊيو اپريل 1984ع ڌاري لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه لاڙڪاڻي جي لاهوري محلي قبرستان ۾ آهي.

موهن ڪلپنا

موهن موليچند لالا، 24 نومبر 1930ع تي ڪوئيٽا ۾ جنم ورتو. موهن لالا جو پيءُ موليچند منگهارام لالا اصل سيوهڻ جو رهاڪو ۽ ريلوي کاتي ۾ ڪلارڪ هو. هن شروعاتي تعليم ڪوئيٽا ۾ حاصل ڪئي. پوءِ سندس مائٽ لڏي ڪراچي ويا. ان ڪري سندس وڌيڪ تعليم ڪراچي ۾ ٿي. ورهاڱو ٿيو ته 16 جنوري 1948ع تي سنڌ ڇڏي، هن جو سڄو گهراڻو هندستان هليو ويو. موهن ڪلپنا لکڻ جي شروعات نوجوانيءَ ۾ ئي ڪئي.

موهن ڪلپنا پهرين ڪهاڻي 1948ع ۾ "آتم هتيا" جي نالي سان لکي، جيڪا ڪنهن سنڌي قلمي رسالي ۾ "موهن لالا" جي نالي سان ڇپي.

موهن ڪلپنا هڪئي وقت ڪهاڻيون، ناول ۽ ڊراما پڻ لکيا. پاڻ هڪ سٺو شاعر پڻ هو. هن آزاد نظم ۽ نثر نظم گهڻو لکيو. سندس شعري مجموعو "جهاز جي ڊيڪ تي" 1983ع ۾ شايع ٿيو. موهن ڪلپنا جي ڇپيل ناولن، ڪهاڻين ۽ ٻين ڪتابن جو وچور هيٺين ريت آهي:

ناول: آزار، (1953ع) لڳن (1954ع) عورت، (1956ع) زندگي (1957ع) پيٽ جو جنگ، سيڻ جي دل (1958ع) وشواس (1959ع) رڃ ۽ پاڇا (1966ع) پيار جي پڇاڙي (1969ع) جلاوطني (1974ع) ٽڪرون منهنجي سندرتا جو آرٽسٽ آهيان (1975ع) ماءُ (1979ع) ڪانءُ ۽

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌ (1981ع) درد جو درياهه (1992ع)، موهي نرموهي (1961ع) چانڊوڪي ۽ زهر (1964ع) فرشتن جي دنيا (1967ع) پيار ۽ پاپ (1977ع) اها شام (1982ع) الين ڪٿا (1991ع) مرگ جي ڳولا (ٻارن لاءِ ناول، 1958ع)، ايا رڳت باقي آهي (رپورتاژ، 1955ع)، فنڪار ۽ فيلسوف (جيوني، 1973ع) انقلاب انقلاب (1975ع)، سنهنجا همه وطني (خط، 1975ع) پڪ، عشق ۽ ادب (اتم ڪهاڻي، 1984ع)، موهن ڪلپنا 19 جون 1992ع تي الهاس نگر (هندستان) ۾ ديهانت ڪئي.

ميان سرفراز ڪلهوڙو

ميان محمد سرفراز ڪلهوڙو، 1772ع کان 1775ع تائين سنڌ جو حڪمران رهيو. هي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو پٽ ۽ ميان نور محمد جو پوٽو هو. هن حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ تخت ۽ تاج سنڀاليو. سنڌ جي حڪومت سنڀالڻ کان پوءِ مهينا پوءِ احمد شاهه ابدالي فوت ٿيو. ان وقت افغانستان ۾ سندس پٽ بادشاهه تيمور بڻيو. سنڌ جي سفارت افغانستان پهتي، جتي کين وڏي عزت ملي. تيمور بادشاهه ميان سرفراز لاءِ "خدايار خان" جو خطاب تجويز ڪيو. فيبروري 1773ع ۾ کيس ديري غازي خان جو انتظام سنڀالڻ جو پروانو مليو.

امن جي دور ۾ هن حاڪم حيدرآباد جي ڀرسان سرفراز واهه کوٽائي زراعت ۽ پوکي راهي جي واڌاري لاءِ اپاءَ ورتا. "سرفراز واهه" اڄ به موجود آهي. هن سنڌ ۾ امن امان قائم ڪيو ۽ سندس دور ۾ ڪو به ٻيو ملڪي حملو نه ٿيو.

ميان غلام شاهه جي دور ۾ انڊيا جي ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ ۾ وڻج واپار شروع ڪيو هو، پر ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن ۾ ڏنگل شروع ٿيڻ سان انگريز سنڌ مان پنهنجو ڪاروبار ختم ڪري هليا ويا. ميان سرفراز قيد جي حالت ۾ سوز ۽ ڏک مان هڪ مدح چئي، جنهن کي قدامت جي لحاظ کان سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. ان ڪاٿنسواءِ فني پختگي، فڪري گهرائي، درد، سوز ۽ اندروني ڪاڻين جي خوبصورتيءَ جي ڪري به هيءَ مدح سنڌي ادب ۾ شاهڪار جي صورت رکي ٿي. ميان سرفراز ڪلهوڙي کي حيدرآباد قلعي ۾ نظربندي دوران سن 1776ع ۾ قتل ڪيو ويو.

مير عبدالحسين سانگي

مير عبدالحسين سانگي ٽالپرن جي دور جي آخري حڪمران، مير نصير خان جو پوٽو ۽ مير عباس علي خان جو فرزند هو. مير عباس علي خان ڪلڪتي جي هزاري باغ ۾ اسيري دوران هڪ انگريز خاتون سان شادي ڪئي هئي، جنهن مان کيس عبدالحسين خان سانگي 1850ع ۾ ڄائو. ڇهن سالن جو مس ٿيو ته سندس والد انتقال ڪري ويو. پوءِ سندس چاچي مير حسن علي خان سندس پرورش ڪئي. سن 1859ع ۾ انگريزن جي قيد مان آزاد ٿي سنڌ ۾ آيو ۽ حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو ۽ حيدرآباد ۾ ئي آخوند عبدالعزيز ۽ احمد ساتوئيءَ کان تعليم پرايائين. سرڪار وٽان کيس اسپيشل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽيءَ جو عهدو مليو.

سانگيءَ کي شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان هو. جوانيءَ ۾ سندس شاعري ڏاڍي ترقي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڪئي. سندس شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي خوبين ۽ خصوصيتون آهن. هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترين ئي نيون تمثيلون ڪم آنديون. سندس ڪلام ۾ حسن ۽ عشق جون ڳالهيون سلو سنئون بيان ٿيل آهن. ان ڪانسواءِ هن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي ماڳن ۽ مڪانن جا ناala ۽ ڪم آندا آهن. مطلب ته سادگيءَ جو شعر وطنيت جي جذبن سان ڀرپور آهي. منجهس جدت ۽ اسلوب بيان ۾ دوراني آهي. پاڻ سنڌي غزل جو اڳواڻ شاعر آهي. هن هڪ طرف سنڌي غزل کي زندگيءَ جي مختلف احساسن ۽ امنگن جي اظهار جو ذريعو بڻايو ته ٻئي طرف سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي ترجماني پڻ ڪئي آهي. پاڻ 12 جون 1924ع ۾ وفات ڪري ويو. کيس وصيت مطابق شاهه لطيف جي ڀرسان ڀٽ شاهه ۾ دفن ڪيو ويو.

مير علي شير قانع

مير علي شير قانع 1727ع ۾ ڄائو. هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن سنڌ ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙو حڪومت ڪري رهيو هو. انهن ڏينهن ۾ ٺٽو علم جو مرڪز هو. هن ابتدائي تعليم ٺٽي مان حاصل ڪئي. آخوند ابوالحسن کان فارسي پڙهيو، ۽ مير حيدر الرحمان ابو تراب ڪامل کان شعر ۽ سخن جي تعليم حاصل ڪيائين.

ڪلهوڙن جي زماني ۾ ميان غلام شاهه سندس صلاحيتون ڏٺيون. کيس پنهنجي خاندان جي تاريخ لکڻ لاءِ پاڻ وٽ خدا آباد گهرايو. مير صاحب جو تقرر تواريخ نويسيءَ جي عهدي تي ٿيو. هن فردوسيءَ جي "شاهنامي" جي طرز تي فارسي نثر ۾ ڪلهوڙن جي تاريخ متعلق لکڻ شروع ڪيو. پر معلوم ٿئي ٿو ته مير صاحب ٿوري وقت کان پوءِ ٺٽي موٽي آيو ۽ هيءُ ٻئي ڪتاب مڪمل ڪري نه سگهيو. ميان غلام شاهه جي دربار کان موٽي اچي مير صاحب سنه 1180هه مطابق سنه 1766ع ۾ "تحفة الڪرام" لکڻ شروع ڪيو. ان ۾ ڪلهوڙن جو ذڪر مختصر نموني ۾ ڪيو اٿس ۽ چيائيو اٿس ته ڪلهوڙن جي تواريخ بابت هو جدا ڪتاب لکندو، پر معلوم ٿئي ٿو ته هو اهو ڪتاب لکي نه سگهيو.

مير علي شير "قانع" فارسي نثر توڙي نظم ۾ ڪيترا ئي ڪتاب لکيا ۽ تاليف ڪيا. هو مؤرخ ۽ عالم کان علاوه فارسيءَ جو اعليٰ شاعر پڻ هو. ڪلهوڙن جو پورو دور ۽ ٽالپرن جو شروعاتي دور اکين سان ڏٺائين. سڄي عمر لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريائين. آخري عمر ۾ بيمار رهڻ لڳو، پر ان حالت ۾ به ڪتاب لکندو رهيو. مير فتح علي جي دور ۾ هن 1788ع ۾ وفات ڪئي. هن جي تدفين مڪلي ۾ ٿي. مير علي شير قناس مؤرخ هو. هن سنڌ تاريخ، علم ۽ ادب بابت انتهائي معلوماتي ۽ تحقيقي ڪتاب لکيا. جن مان اهم ڪتاب هيءُ آهن:

(1) مقالات الشعراءُ (2) مڪلي نامه (3) تاريخ عباسيه (1175) (4) تحفة الڪرام ۽ ان کان علاوه ٻيا ڪوڙ سارا ڪتاب لکيائين. سنڌ جي عالمن ۽ فاضلن جي احوال جي سلسلي ۾ هن ڪتاب کي انسائيڪلوپيڊيا جي حيثيت حاصل آهي.

مير محمد معصوم بکري

مير محمد معصوم ولد سيد مير صفائي، بکر ۾ سن 944هه/ 1528ع ۾ ڄائو. پيءُ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

روايت موجب مير معصوم 952هه/ 1545ع ۾ ڄائو. ان دور جي مشهور عالمن ۽ استادن: ملا محمد (ڪڪنگري)، قاضي دِتي (سيوهڻ)، شيخ حميد (درٻيلو)، ۽ مخدوم عثمان (درٻيلو) کان تعليم ورتائين. خواجه مرحوم "طبقات اڪبري ڪتاب" لکندي، مير معصوم کان گهڻي مدد ورتي. ان دور ۾ مير معصوم ڪي "تاريخ سنڌ" (تاريخ معصومي) لکڻ جو خيال آيو. جيڪا هن 1009هه/ 1600ع ۾ لکي پوري ڪئي. هن اڪبر بادشاهه پاران ڪيترين ئي جنگين ۾ بهرو ورتو. سنڌس خاص خدمت ايران لاءِ ڪيل سفارتڪاري آهي. هو 1010هه ۾ ايران جو سفير ٿي روانو ٿيو ۽ ڪامياب سفارتڪاريءَ کانپوءِ 1013هه ۾ وطن موٽي آيو. لعزو اطلاع ۽ روئداد شهنشاهه اڪبر کي پيش ڪئي وئي. اڪبر جمادي الاول 1014هه/ آڪٽوبر 1605ع ۾ وفات ڪئي، ۽ جهانگير تخت بادشاهه ٿيو ته مير معصوم چند مهينا سندس دربار ۾ رهيو. تنهن بادشاهه کان اجازت وٺي جيسلمير جي رستي بکر پهتو. ڪجهه مهينا بکر ۾ آيو ته اوچتو ڪنهن مهلڪ بيماريءَ اچي ورايو. هن ذي الحج 1014هه/ اپريل 1606ع ۾ وفات ڪئي. مير صاحب ستر سال ڪامياب زندگي ماڻي. هن نه رڳو 'تاريخ سنڌ' لکي، پر فارسي زبان جو هڪ بهترين شاعر ٿي گذريو آهي. ڪتب نويسيءَ جي شوق ۾، هندستان لعزو ڪردار اچا پيدا ڪيو آهي. پير حسام الدين راشدي هن جا هند، سنڌ ۽ ايران ۾ 53 (ٽيونجاهه) ڪتبا ڳوليا، نقل ڪري مير معصوم تي لکيل ڪتاب ۾ محفوظ ڪيا آهن.

سکر ۾ ٽڪريءَ تي معصومي ساداتن جو خانداني قبرستان موجود آهي، جتي مير معصوم، سندس ڏاڏو، والد ۽ پاڻ دفن ٿيل آهن. قبرستان جي پڙ ۾ مير معصوم جو جوڙايل "منارو" اڄ به موجود آهي، جنهن کي معصوم شاهه جو منارو چيو ويندو آهي.

نادر بيگ مرزا

نادر بيگ مرزا، سنڌي ادب جي ابي مرزا قليچ بيگ جو سڀ کان وڏو فرزند هو. سندس جنم 16 مارچ 1891ع ۾ ٽنڊوٺوڙي ۾ ٿيو. ان وقت مرزا قليچ بيگ اتي مختيارڪار هو. ابتدائي تعليم ڪوٽڙي، حيدرآباد ۽ ڪراچي جي اسڪولن ۾ ورتائين. 1906ع ۾ پندرهن ورهين جي عمر ۾ لنڊن روانو ٿيو، جتان 1912ع ۾ بئريسٽري جي ڊگري حاصل ڪري موٽيو ۽ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. سگهوئي پوءِ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ خدمت سرانجام ڏنائين. نادر بيگ مرزا کي لکڻ جي ترغيب پنهنجي والد کان ورثي ۾ ملي. شروع ۾ هن شاعري ڪئي. پر 1920ع کان 1930ع واري عرصي ۾ ڪهاڻيون لکي پنهنجي همعصرن جي وچ ۾ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان پاڻ کي مڃرايائين.

نادر بيگ مرزا جو پهريون افسانو "سنڌو" ۾ شايع ٿيو، سو آهي "موهنيءَ جي ڊائري." اهو افسانو حقيقت ۾ هڪ ٽئين ڪردار جي ڊائري جا ورق آهن، جيڪي سماج جو لعزو عڪس پيش ڪن ٿا، جيڪي اڄ به نظر اچن ٿا. انهيءَ عرصي ۾ نادر بيگ مرزا ڪجهه ٻيا افسانا به لکيا جهڙوڪ: موهني جي دل جو داغ، موهني جي آهه، موهني جي غلطي (ٽائيٽل)، موهني جي فتح وغيره شامل آهن. ان کان اڳ سنڌو رسالي جي مئي، مارچ ۽ اپريل 1932ع جي پرچن ۾ سندس ڪهاڻيون موهني جي آهه ۽ موهني پن قسطن ۾ ڇپيون. سندس

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جو ڍير موجود هن ريت آهي:
1- دلڪشا (ناول) 2- محبوب ڪربلا (ناول) 3- تناسخ ۽ اسلام 4- منهنجي خوشقسمتي.
نادر بيگ قليچ مرزا 12 فيبروري 1940ع تي اوڻونجاهه سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. کيس بلند شاهه قبرستان ۾ دفنايو ويو.

نارائڻ شيام

نارائڻ شيام ولد گوڪلداس ناگواڻي، 22 جولاءِ 1922ع تي ڳوٺ ڪاهي قاسم، ضلع نوشهرو فيروز سنڌ ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم بي اي 1942ع ۾ ڊي جي سنڌ سائنس ڪاليج، ڪراچي مان حاصل ڪيائين. پهرين 1945ع ۾ نوشهرو فيروز ۾ پرائمري ٽيچر طور مقرر ٿيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ دهلي پوسٽ ۽ ٽيليگراف کاتي جي آڊٽ آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڀرتي ٿيو ۽ 1980ع ۾ هيڊ ڪلارڪ جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيائين.

ورهاڱي کان ٿورو اڳ، نارائڻ شيام، شيخ اياز، هري دلگير ۽ شيخ راز جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد وڌو. اڄ ڪري کيس جديد سنڌي شاعري جي باني ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. هن سنڌي شاعري کي نين صنفن (آزاد نظم ۽ سانيٽ) ۽ نون رجحانن کان واقف ڪيو. نوان تجربا ڪيا ۽ سنڌي شاعريءَ لاءِ نيون واٽون ڳوليون. نارائڻ جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو 1953ع ۾ هري دلگير جي شاعري سان گڏ "ماڪ ڦڙا" جي نالي سان ڇپيو. شيام جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو "پنکڙيون" جي نالي سان 1955ع ۾ ڇپيو. ٽيون مجموعو "رنگ رتي لهر" 1956ع ۾ ڇپيو. هن مجموعي ۾ رڳو غزل آهن. "رنگ رتي لهر" کان علاوه "واريءَ ڀريو پلاند"، (1968ع) "آڇيندي لڄ مران" (1972ع) ۽ "مهڪي ويل صبح" (1983ع) پڻ غزلن تي مشتمل آهن. جڏهن ته "روشن ڇانورو" (1962ع) ۾ ٿورڙن غزلن جو تعداد شامل آهي. روشن ڇانورو ۾ دوها، سورٺا ۽ ترائيل پڻ شامل آهن. ۽ "ماڪ ڀنا رابيل" (1964ع) ۾ وايون ۽ هائڪو (جن کي شيام "تصويرون" سڏيو آهي)، دوها، سورٺا، بيت، رباعيون ۽ نظم شامل آهن. پر 'غزل شيام جي مجموعي شاعريءَ تي ڇانيل نظر اچي. شيام جو آخري مجموعو "برند، لهر ۽ سمند" 1986ع ۾ سنڌ ۾ ڇپيو، جنهن ۾ 1983ع کان وٺي 1985ع تائين جا لکيل غزل شامل ڪيل آهن. شيام جي ڇپيل ٻين ڪتابن ۾ "نه سو رنگ نه سا سرهاڻ" (1987ع)، "آتم ۽ حيات" (1988ع)، "راهون پنڌ پيرون" (1998ع)، نکريو آهي نيڻهن (1999ع) شامل آهن. پريان پنجن مجموعن سنڌي شاعري جي مجموعن مان چونڊيل شاعري تي مشتمل آهن. جيڪي مصطفيٰ ٿانگراج جا مرتب ڪيل آهن. تنهن کان سواءِ شيام جا ٻه ترجمو ڪيل ڪتاب "ڪبير" (پرڀاڪر ماچوي جي انگريزي مونوگرام جو ترجمو) 1980ع ۽ غالب (ايم مجيب جي انگريزي مونوگرام جو ترجمو) (1986ع) پڻ ڇپيل آهن. جديد سنڌي شاعريءَ جو سگهارو نالو نارائڻ شيام ننڍين دهلي ۾ 10 جنوري 1989ع تي ديهانت ڪري ويو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ڏاتڪ يوسف

سچل سرمست جي مريدن مان ڏاتڪ يوسف فقير اهم آهي. اهو مشهور آهي ته يوسف جو اصل نالو رئيس شمس الدين هو ۽ هو دولت وارو هو. تذڪره لطفي ۾ پروفيسر بدوي ان ڳالهه کي رد ڪيو آهي. جيءَ روايت آهي ته سندس والد جو نالو محمد هاشم هو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جا رهاڪو هئا. يوسف 1782ع ۾ ڄائو.

روايت آهي ته هڪ رات سچل سائينءَ، يعقوب فقير کي سڏيو. هو موجود نه هو. يوسف سڏ جو جواب ڏنو ته سچل سائينءَ کيس اندر اچڻ جو حڪم ڏنو. ان کان سواءِ امرت سر ۾ سک گروءَ جي گاديءَ تي ويهڻ ۽ کيس تتل تيل جي ڪڙاهيءَ ۾ وجهڻ واري روايت به مشهور آهي. انهيءَ ڏاتڪ يوسف جي نالي سان مشهور ٿيو. ڏاتڪ يوسف سنڌي ۽ سرائيڪيءَ جو هڪ وڏو شاعر ڄاتو وڃي ٿو. هو سچل سرمست جو هڪ پيارو طالب هو. بقول پروفيسر بدويءَ جي ڏاتڪ يوسف جو ڪلام سچل جي ڪلام جو عڪس آهي. ڏاتڪ يوسف 1853ع ۾ وفات ڪئي.

نثار بزمي

ناليواري شاعر ۽ اديب نثار بزميءَ جو اصل نالو قلندربخش جوڻيجو هو. هن 1924ع ۾ ڳوٺ مرزاپور تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو. هن لکڻ جي شروعات ورهاڱي کان اڳ ڪئي هئي ۽ آزاديءَ واري تحريڪ ۾ به حصو ورتو هئائين. سندس شاعريءَ ۾ قومي رنگ نمايان آهي. سندس شاعريءَ جي ڪتابن ۾: (1) "ڏکن آڻ ڏوهي"، (2) "سنڌڙي" (3) "ريجهن ورنگا" (4) "عشق نه پڇي ذات" (5) "تاجدار حرم" ۽ (6) "ٻول نثار بزميءَ جا" اهم آهن.

سندس ڪلام ڪيترن ئي فنڪارن ڳايو آهي، جيڪو ريڊيو ۽ ٽي وي تي هلندو ۽ ڪافي مقبول آهي.

نثار بزميءَ جو ڪلام علم عروض تي پختو ۽ موسيقيت وارو آهي. جنهنڪري اهو آسانيءَ سان ڳائي وڃائي سگهجي ٿو. نثار بزمي استاد شاعر آهي. هن ڪيترائي شاعر شاگرد پيدا ڪيا. سندس ڪيترا نظم درسي ڪتابن ۾ شامل آهن. سندس ٻارن لاءِ شاعريءَ جو ڪتاب سندس شاگرد غلام محمد ڦاريءَ ترتيب ڏئي 2008ع ۾ ڇپايو. جنهن کي 2009ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ٻارن ايوارڊ ڏنو ويو هو. نثار بزمي 2000ع ۾ وفات ڪري ويو.

نجم عباسي

ڊاڪٽر نجم عباسي، ساحتي پرڳڻي جي قديم تاريخي شهر خانواهڻ ۾ 18 آڪٽوبر 1927ع تي جنم ورتو. سندس والد جو نالو ميان الهه ڏنو خان عباسي هو ۽ سنڌي ۾ انگريزي استاد هو. نجم عباسيءَ بنيادي طور تي ڪهاڻيڪار هو. هن لڳ ڀڳ سوا ٽي سئو کن ڪهاڻيون لکيون ۽ ترجمو پڻ ڪيون. سندس طبعزاد ڪهاڻين جا 16 ڪتاب ڇپيل آهن.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب "طوفان جي تمنا" 1969ع ۾ ڇپيو.

نجم عباسي جي ڇپيل ڪهاڻي ڪتابن جا نالا هن ريت آهن: طوفان جي تمنا (1969ع)، پٿر تي ليڪو (1973ع)، جيڪي منهنجي من ۾ آهي (1977ع)، نايجي (1978ع)، اڀئو سور سهي (1978ع)، رشتا ناتا (1981ع)، سورج هوندي مرجهايل (1982ع)، لشڪار (1983ع)، پروفيسر، دارون ۽ ديوان جي، ڪهاڻي جو قافلو، دو ڪو (1988ع)، مٽي سنڌ سنگار (1985ع)، منهنجون بهترين ڪهاڻيون (چيل ڪهاڻين مان چونڊ 1991ع)، پاڻ پرويا اکيون (1992ع)، اڄا ڳاٽ پهاڙن جا (1993ع)، دل وارن جي دنيا (مهراڻ ۾ ڇپيل طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل ڪهاڻيون (2005ع).

نجم عباسي هڪ سٺو ناول نويس هو. هن ٽي اصلوڪا ناول لکيا، جيڪي ترتيبوار "پيار ڪهاڻي" (1984ع) "پلڪيون" (1984ع) ۽ "تلاش" (1987ع) ۾ ڇپيا.

نجم عباسي 25 آڪٽوبر 1995ع تي اٺهٺ سالن جي عمر ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ خانواهڻ ۾ دفنايو ويو.

نسيم احمد کرل

نسيم احمد ولد حاجي عبدالڪريم کرل 29 جون 1939ع تي اڳوڻي خيرپور رياست جي ڳوٺ "کرل" تعلقي ڪنب ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم 45-1944ع دوران پرائمري اسڪول عبدالڪريم کرل ۽ سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۾ 1948ع کان 1955ع تائين حاصل ڪيائين. مئٽرڪ آرٽس 1955ع ۾ ڪيائين ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو ۽ 1959ع ۾ گريجوئيشن پاس ڪيائين. ڪاليج جي پڙهائي دوران پروفيسر اياز قادري ۽ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه سنڌس استاد رهيا. ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ نسيم باقاعده ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات ڪئي. ان کان اڳ ڪجهه ڪهاڻين جا ترجما پڻ ڪيائين. نسيم کرل سنڌ جي انهن چند ڪهاڻيڪارن ۾ شامل آهي، جنهن جون ڪهاڻيون شوق سان پڙهيون وينديون آهن.

نسيم کرل جي ڪهاڻين جا ٽي مجموعا: "شيشم ڪنول ڪنول" (1968ع)، "چرٻيون ۽ " (1973ع) ۽ "بس" شايع ٿيل آهن. "بس" ۾ سنڌس ڪجهه مضمون ۽ آڏيو ڊي ڪتاب "هو جي رت ونڊيو ويا" مان ڪجهه دلچسپ باب پڻ شامل ڪيل آهن. اهو ڪتاب سنڌس وفات کان پوءِ 1984ع ۾ شايع ٿيو. سنڌ جي ناميار ڪهاڻيڪار نسيم کرل کي 14 جولاءِ 1978ع تي قتل ڪيو ويو.

نصير مرزا

نصير علي ولد ناصر علي بيگ مرزا، 20 جولاءِ 1956ع تي ٽنڊي لوڙهي، حيدرآباد ۾ مرزا خاندان جي گهر ۾ جنم ورتو. نصير اڃا ٽن سالن جو هو، جو سندس والد ناصر بيگ مرزا گذاري ويو. نصير علي پنهنجو ننڍ پالڻ، پيڙن ۾ اڪرن نصير پار هو. والد جي وفات کانپوءِ هن جي سڄي تربيت والده محترمه شريف النساءَ ڪئي. نصير مرزا شروعاتي تعليم

http://soorihsindhiadab.website.2.me

حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. نصير مرزا کي ننڍي هوندي کان ئي علمي ۽ ادبي ماحول مليو. سندس شروعاتي لکڻيون ۽ شاعري "پيغام" رسالي ۾ شايع ٿيون.

نصير مرزا جي پارائي شاعري جو مجموعو "ڌرتي جا تارا" 1979ع ۾ ڇپيو. سندس ٻيو ڪتاب شعري مجموعو "خوشبو جي سنگ سنگ" 1980ع ۾ ڇپيو، جنهن کي ون سنڌالاجي ايوارڊ ڏنو. نصير جو ٽيون ڪتاب "سفر من اندر" آهي، اهو سنڌي نثر جو هڪ شاهڪار ڪتاب آهي. نصير مرزا جو چوٿون اسڪيچز ڪتاب "خيمي ۾ شام" آهي، جيڪو 2002ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ انٽرويو، خاڪا ۽ تاثرات شامل آهن. سندس پنجون ڪتاب "ڪي نه سڳهيس شاعر" 2007ع ۾ ڇپيو.

نصير مرزا جا هيٺيان ڪتاب سهيڙيل آهن. (1)ساهي سج ولاءِ (شيخ اياز بابت تحريرون1998ع) (2)ڌرتي سارو ديس (جوڻيجو سفرناما1987ع) سڏ پڙاڏو (غلام رباني آگري جي ڪتاب "جهڙا گل گلاب جا" تي لکيل ليک، ساٿي مرتب1992ع) ٿيڻ ۾ ڏيارين (شبير هاتف جي شاعري، ساٿي مرتب) سهڻو ستاڻي اوڀاڻ (ممتاز مرزا جي لکڻين جي سهڙ 2005ع)، جيجي (زبيده بلوچ بابت ليک)، منهنجو خواب محل (تبسم عروج قاضي جي شعري مجموعي جي سهيڙ)، سچ جي گولا (اڪبر مناٿي جي ڪتاب جي سهيڙ)، ٿيلهي تي چٽڪي (پارائي شاعري جي چونڊ، 2010ع) ۽ ٻيا شامل آهن. نصير مرزا ريڊيو پاڪستان مان ڊائريڪٽر طور رٽائرمينٽ ورتي. هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

نواز زنئور

نامور شاعر، اديب، نقاد، ناول نگار ۽ مترجم نواز خان زنئور 30 آگسٽ 1971ع تي تعلقي ميرپور بٺوري جي ڳوٺ احمد خان زنئور ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم ڳوٺ ۾، مئٽرڪ 1987ع ۾ ميرپور بٺورو هاءِ اسڪول ۾، انٽر 1990ع ۾ سجاول ڪاليج مان، ايم. اي (سنڌي ادب) 1997ع ۾ سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري مان ڪيائين. سندس شمار شاعر، اديب ۽ قومپرست سياستدانن ۾ ٿئي ٿو. هو سٺو مقرر، شاعر، نثر نويس ۽ مترجم آهي. شاعريءَ ۾ غزل، نظم ۽ بيت جي صنف تي سٺي دسترس رکي ٿو. سندس نثر ۾ سليس ۽ رٿيل آهي. سندس هن وقت تائين 10 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن ۾: ڪاله ڪليوسون ڪاپڙي (جي. ايم. سيد تي مضمون، 1997ع)، وڃون اتر واءُ (شاعري، 2005ع)، قيدي تخت لاهور جو (جيل ڊائري، پهريون ڇاپو 2005ع، ٻيو ڇاپو، 2011ع)، خماريل هرا ڳلابي ڳليون (سنڌ يونيورسٽيءَ جون يادگيريون، 2008ع)، ڪٿيون ڪيئي قيد ۾ گذريون (جيل ڊائري، 2009ع)، قومي آزادي (سياسي مضمون، 2009ع)، رنگ رتو آڪاس (نثري ٽڪرا، 2010ع)، ڪاڙ لهرون سمنڊ (شاعري، 2012ع)، ڪر ڪيئن نه ورڻي منٿل ڏي (خاڪا، 2012ع)، مولانا ابوالڪلام آزاد جي جڳ مشهور ڪتاب "غبار خاطر" جو سنڌي ترجمو "دل جو غبار"، 'پارت کي سڏ ڪن ڪيئن سيکارجن (ترجمو)' ۽ پائلو ڪوهلو جي مشهور ناول "Eleven Minutes" جو ترجمو 'يارنهن منٽ' شامل آهن. ان کانسواءِ سندس هڪ اڻڇپيل ناول ۽ ڪيترا مضمون ۽ تحريرون ڇپائيءَ جون منتظر آهن. نواز خان زنئور کي سنڌي، سرائيڪي، انگريزي ۽ اردو ٻولين کان علاوه فارسي ٻوليءَ جي به سٺي ڄاڻ آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

نور احمد ميمڻ

سنڌ جو ناميارو ليکڪ، اديب، مترجم ۽ لطيفيات جو ماهر نور احمد ميمڻ، پهرين جنوري 1958ع تي پريالوءِ ضلع خيرپور ميرس ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو خير محمد ميمڻ آهي. بنيادي تعليم پريالوءِ ۽ خيرپور ميرس مان حاصل ڪيائين. جنهن بعد ايم اي سنڌي ۽ ايم اي انٽرنيشنل رليشن ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان ڪيائين. 1981ع ۾ سنڌ سماءَ ڪانٽي ۾ انفارميشن آفيسر طور عملي زندگي جي شروعات ڪيائين. 1985ع کان 1987ع تائين سنڌي ادبي بورڊ ۾ پبليڪيشن آفيسر جي حيثيت سان پڻ ڪم ڪيائين، جنهن دوران سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ لطيفيات تي ڪيترائي اهم ڪتاب شايع ڪرايائين. سنڌي سماج جي سياسي، علمي ۽ شعوري ساڃاهه پکيڙڻ لاءِ قومي ورڪر ۽ تربيتي استاد جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيو آهي، ۽ ساڳئي عزم ۽ ارادي سان 1991ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي‌ءَ جو بنياد وڌائين. جنهن هن وقت تائين 500 کان مٿي ڪتاب شايع ڪيا آهن. جن مان هزارين نوجوان فائدو حاصل ڪري پنهنجن منزلن تي رسيا آهن. سنڌيڪا اڪيڊمي سنڌ جي علمي، فڪري ۽ تربيتي شعور جي لاءِ اڪيڊمڪ ۽ تحقيقي نت نون موضوعن تي اڻ ڳڻيا ڪتاب ڇپيا آهن ۽ سنڌ جي نئين فڪري ڌارا ۾ ان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. تعليم ۽ ڄاڻ واسطي انگريزي سنڌي ڊڪشنريون، سنڌي لغت، قرآن مجيد جا ترجما ۽ تفسير، فلسفي، فڪر، سيلف هيلپ، تصوف ۽ تعليمي تربيتي مهارتن ٻارن جي ادب ۽ نصاب جا پڻ شاهڪار ڪتاب شايع ڪري سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱو ورتو آهي. نور احمد ميمڻ جو شاگرديءَ جي زماني کان وٺي هڪ طرف سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ سرگرم ۽ فعال ڪردار رهيو آهي ۽ ٻئي طرف مولانا عبيدالله سنڌي کان متاثر ٿي اسلامي روشن فڪريءَ لاءِ ۽ اشاعت ۽ پرچار جو وڏو ڪم ڪيو اٿائين. 2012ع ۾ ٻٽي مڪاني نظام جي خلاف سنڌ جي اديبن، دانشورن ۽ قلمڪارن جي تنظيم سنڌ رائٽرس ۽ ٿنڪرس فورم جي اڳواڻي ڪندي ٻٽي مڪاني نظام ۽ سنڌ جي ٻين مسئلن جي حل لاءِ تحريڪ جي اڳواڻي ڪيائين. سندس 25 کان مٿي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. ان کان علاوه سندس 100 کان مٿي تحقيقي مضمون، مقالا ۽ ڪالم سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. سندس جي شايع ٿيل ڪتابن جا نالا هيءَ آهن:

(1) شاهه لطيف وٽ عشق جا ٽيهه اصول (2) مائٽهوءَ جو اصل امتحان (3) اي سنڌ جا سنڌيو! ارمان ڳالهين (4) قرآن جو پيغام (5) اسماءُ الحسنيٰ جو انساني زندگيءَ تي اثر (6) تون ئي امام الانبياءِ (اردو) (7) ٻارن جو پيغمبر (8) وتايو فقير ۽ خيرات جي ماڻي (9) احسان جو بدلو (10) ڪائنات جا سٺ ماڻٿ (11) قدرت جا نظارا ۽ ٻيا شامل آهن. ان کان علاوه هيٺيان ڪتاب سندس سهيڙيل/ترتيب ڏنل آهن:

(12) فڪري تحريرون (13) قديم سنڌ جي تاريخ (14) جيئڻ جيئڻ ٻيئن پس (15) انساني ڀلائي جو ديني شعور (16) مولانا عبيدالله سنڌي (انقلابي شخصيت ۽ انقلابي ڪارناما) (17) ليڊر چيو محمد ﷺ (18) قرآني الاهيات (19) شاعريءَ جو سجدو (20) ڪلاڪاڻ ويمر (21) مشهور پيغمبر ۽ ستارڪ (22) مشهور عالم ۽ مفڪر (23) مشهور قومي اڳواڻ (24) مشهور فاتح ۽ سورما (25) مشهور حڪمران (26) مشهور سنڌي سورما

(27) تذ سنڌ کياتي (رفاري) (28) سلام جي رحمن کي ڪالي حڪمت ڪائي. ڪتاب (29) علوم القرآن (اردو) به پيا شامل آهن.

هن وقت به ڪراچيءَ ۾ سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي سربراهه جي حيثيت سان، سنڌ جي علمي شعور جي اڀار لاءِ پنهنجو ڪم جاري رکيو پيو اچي.

نورالهديٰ شاهه

نورالهديٰ شاهه 22 جولاءِ 1957ع تي حيدرآباد ۾ ڄائي. سندس والد جو نالو عبدالهادي شاهه آهي. سندس واسطو ٽکڙ جي سيد گهراڻي سان آهي. هن پرائمري تعليم لاهور ۾ حاصل ڪئي. انٽر ڪراچي ۾ ۽ پوءِ حيدرآباد مان، بي اي فاطمه جناح ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪيائين.

نورالهديٰ شاهه ننڍي ڄمار کان ئي لکڻ شروع ڪيو. سندس پهريون افسانو نائين ڪلاس جي دوران "حويلي شريف" جي نالي سان روزاني "هلال پاڪستان" جي صفحي "سڳنڌن سنگ" ۾ ڇپيو. تنهن بعد هن ڪيترين ئي شاهڪار ڪهاڻيون لکيون. جهڙوڪ: "جلاوطن"، "پارو ئو گوشت"، "ڏوزخي"، "فوٽ پاٿ"، "شريف زادي"، "ڪربلا" وغيره. انهن ڪهاڻين ۾ "نور" سنڌ ڪوشش ۾ ڏيکاريل مظلوم عورت جي مظلوميت بابت وڏي بولڊنيس سان لکيو. نورالهديٰ شاهه جي اهڙي نموني لکڻ تي وڏا اعتراض ورتا ويا. ڇو ته هن جي انهن حقيقت پسند ڪهاڻين لکڻ تي ڪرڙن جي اندر قيدي عورتن جي حقيقي ۽ سچي تصوير سماج جي اڳيان ظاهر ٿي پيئي، اها هڪ قسم جي بغاوت هئي.

1992ع ۾ نورالهديٰ شاهه جي نثري نظمن جو مجموعو "ڪيڏانهن جو اکيون ۽ چنڊ" شايع ٿيو. انهي ڪتاب جي اچڻ سان نورالهديٰ شاهه جي سنڌي ادب ۾ هڪ نئين سڃاڻپ ٿي. اڳ ۾ هوءَ ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس جي حيثيت سان ۽ هاڻ هڪ شاعره جي حيثيت سان پڻ سڃاپڻ لڳي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ (1) جلاوطن (ڪهاڻيون)، (2) ڪربلا (ڪهاڻيون)، (3) رت ۽ رڃ جو اتهاس (ڪهاڻيون)، (4) نورالهديٰ شاهه جون ڪهاڻيون شامل آهن.

نورالهديٰ شاهه، ٽيليويزن جي ڊرامن جي حوالي سان به وڏي شهرت ماڻي. سندس ڊرامن کي تمام گهڻي مقبوليت ملي آهي. نورالهديٰ شاهه جو پهريون سنڌي ڊرامو "رانديڪو" جي نالي سان ٽيليڪاسٽ ٿيو. جنهن کان پوءِ سندس ڪيترائي سنڌي ۽ اردو ڊراما ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن. سندس اردو ڊرامن ۾ "جهنگل" کي بيحد گهڻي پذيرائي ملي.

نياز همايوني

نياز همايوني جو اصل نالو نياز حسين ولد قائم الدين ميمڻ آهي. سندس شمار سنڌ جي انهن قومي شاعرن ۾ ٿئي ٿو جن ورهاڱي کان اڳ آزادي جي هلچل ۾ حصو ورتو. سندس جنم 12 اپريل 1930ع ۾ ڳوٺ همايون ضلع شڪارپور ۾ قائم الدين همايوني جي گهر ۾ ٿيو. مختلف درسگاهن مان تعليم ۽ تربيت مڪمل ڪري علم طب ڏانهن رجوع ٿيو. اتان فارغ ٿيڻ کانپوءِ ڪجهه علمي ادارن ۾ استاد پڻ رهيو. سندس شاعريءَ

http://soorihsindhiadab.website.2.me

۾ اسليت جو عنصر گهٽ تعداد ۾ ملي ٿو. سنڌس انقلابي ۽ قومي شاعري ۾ وقت جي ڳالهه ۽ زندگيءَ جو درد ڏهرايل آهي. جنهن ڪري ڪشور ڪان ڇتيتي بشر تائين هن لاثاني شاعر جو تذڪرو ٿيندو رهي ٿو. سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ تي به کيس مهارت حاصل هئي. سنڌي شعر جو فارسي ۾ ترجمو ڪيائين جن شاعرن جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيائين انهن ۾ سلطان اوليا خواجه محمد زمان لنواري واري جو نالو قابل ذڪر آهي. طب ۾ کيس مهارت حاصل هئي. سنڌ جي طبي تاريخ جي نالي سان لاجواب ڪتاب لکيائين.

نياز همايوني پنهنجي فن جي انفراديت ۽ فن جي اسلوب جي جدت سبب سنڌي ادب ۾ اهم مقام حاصل ڪيو آهي. کيس نظم جو بادشاهه چئجي ته غلط نه ٿيندو. ڇو ته سنڌس طويل نظمن ۾ ڪٿي به ڪو ابهام يا اوڀڙ نثر نظر اچي. اهو ئي ڪارڻ جو سنڌس هر شعر دلين ۾ گهاءُ ڪري وجهي ٿو. جذبات جي فراواني جي عظيم شاعر جو تاج آهي. سنڌ جي هي مشهور شاعر 3 جنوري 2003ع تي دل جو دورو پوڻ سبب حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪيو.

هري دلگير

هري دلگير 15 جون 1914ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڪرڙتي مل جي گهر ۾ جنم ورتو. جيڪو پڙهيل لکيل ۽ سرڪاري نوڪري ۾ مئجسٽريٽ هو. هري شروعاتي تعليم لاڙڪاڻي ۾ ئي حاصل ڪئي. اڳتي هلي ممبئي يونيورسٽيءَ مان ٻيل گريجوئيٽ، بي ايس سي ۽ بي اي سول ڪيائين.

هري جي شاعريءَ جي صحيح معنيٰ ۾ شروعات لاڙڪاڻي ۾ ٿي. لاڙڪاڻو ان وقت نه رڳو سياسي تحريڪن جي حوالي سان مشهور هو، پر اتي مشاعرا به خوب ٿيندا هئا. جن ۾ شاعر حضرات نه رڳو پنهنجو ڪلام اچي ٻڌائيندا هئا، پر ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾ گهڻا شاعر مرڪليندا هئا. جيڪو انهن مشاعرن ۾ پڙهيو ويندو هو. اهڙي ئي هڪ مشاعري ۾ (1930ع) هري دلگير پنهنجو شعر پڙهيو. ان وقت سندس عمر چوڏهن سال هئي. انهي شعر تي کين خوب داد مليو ۽ اڳتي هلي کيس مشاعرن ۾ سٺو مان ملڻ لڳو.

دلگير جا ڇپيل ڪتاب هي آهن: (1) ڪوڏ (1941ع) (2) هرشچندر جيون ڪويتا (1941ع) (3) موجي گيت (ٻيوس سان گڏ 1942ع) (4) مائڪ ڦوڙا (نارائڻ شيام سان گڏ 1953ع) (5) سرچ ڪتي مهراڻ (1944ع) (6) پل پل جو پڙلاءُ (1977ع) (7) امر گيت (گيتا شعر ۾ 1981ع) (8) ميندار گيت (ٻارن لاءِ 983ع) (9) رولو آواز (1984ع) (10) گيت گلابي (ٻالڪ گيت 1987ع) (11) جهنگلي گل (نثر نظم 1988ع) (12) پرولين (ٻارن لاءِ 1991ع) (13) جپ صاحب (شعر ۾ ترجمو 1991ع) (14) لهرن لڪ لباس (1993ع) (15) ڪيلر چنڊ (1998ع) (16) صبح جو سهاڳ (2001ع) (17) شعر سرس (چونڊ شاعري معني سان 1968ع) (18) ڪهاڻي ڪرم يوگيءَ جي (1975ع) (19) ڪنڪريٽ ٻيوس (1982ع) (20) ڦولو منهنجو چڪ ۾ (اتم ڪٿا 1987ع) (21) ٻيوس جي ڪوتا جو جائزو (1993ع) (22) ٻيوس: هڪ گلدستو (ترتيب 1991ع) (23) گند منهنجي گوڏ ۾ (آتم ڪٿا 2003ع).

هري دلگير 12 اپريل 2004ع تي وفات ڪئي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

هري موٽواڻي سنڌي

هري نارائڻ سنگهه موٽواڻي نومبر 1929ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هري موٽواڻي فقط چار درجا سنڌي جا پڙهي سگهيو ۽ پنهنجي ناني سان گڏ ”خردوار“ هليو ويو، جتي ڪپڙي جو دڪان هلائڻ لڳو. اڳتي هلي بمبئي اسيٽيءَ ۾ اچي ترسيو، جتي پنهنجو ڪاروبار ڪرڻ سان گڏ ادبي سرگرمين ۾ پڻ حصو وٺڻ لڳو.

هري موٽواڻي پنهنجي پهرين ڪهاڻي ”ٽٽي پار“ 1960ع ۾ لکي ۽ بمبئي جي ادبي ڪلاس ۾ پڙهيائين، جيڪا سڀني پسند ڪئي ويئي. هري موٽواڻي جو پهريون ڪهاڻي ڪتاب ”هڪ لهر“ 1975ع ۾ ڇپيو. سندس ٻيو ڪهاڻي مجموعو ”ڪرتي“ 1983ع ۾ ۽ ٽيون مجموعو ”خردار“ 1991ع ۾ ۽ چوٿون مجموعو ”اڇا وار، ڪارا پڇڙ“ 1994ع ۾ ڇپيو. هري موٽواڻي جو پهريون ناول ”اُبر“ 1988ع ۾ ڇپيو. سندس ٻيو ناول ”اجهو“ 1990ع ۾ ڇپيو، ٽيون ناول ”پاتيارا پکي“ 1993ع ۾ ڇپيو. اهو ناول ۽ اجهو، جو ماحول ۽ پس منظر هري موٽواڻي جي ڪوٽ ”ڪاهراهه“ جو آهي. چوٿون ناول ”پاهر ننڍڙو جو رستو“ 1995ع ۾ ڇپيو. مٿين ڪهاڻي ڪتابن ۽ ناولن کانسواءِ هري موٽواڻي جا ٻه ٻيا اهم ڪتاب (1) اپريل جن سان جنڊ ۽ (2) آخري پنا پڻ ڇپيل آهن.

هري موٽواڻي جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو ”ماهوار ڪونج“ مخزن جو اجراءُ آهي، جيڪو هن 1960ع کان جاري ڪيو ۽ سندس وفات تائين پورا 47 سال جاري رهيو. ڪونج جو پهريون پرچو ڊسمبر 1960ع ۾ ظاهر ٿيو. ”ڪونج“ جو هندستان ۾ سنڌي ادب ۾ وڏو مقام آهي. انهيءَ پرچي جي ذريعي هري موٽواڻي ڪيترن ئي ليکڪن کي باقاعده ليکڪ بڻايو. ان کانسواءِ ڪونج پاران ڪيترائي نوان سلسلا پڻ شروع ڪيا ويا. هري موٽواڻي جا ٽي ناول ”اُبر“ ”اجهو“ ۽ ”پاتيارا پکي“ راجستان ۽ ممبئي يونيورسٽين ۾ ٽيڪسٽ بڪ طور منظور ٿيل آهن. هري موٽواڻي سنڌي 7 مئي 2006ع تي ديهانت ڪري ويو.

وسيم سومرو

وسيم سومري جو اصل نالو محمد خان ولد محمد حسن سومرو آهي. سندس جنم 16 نومبر 1963ع تي ٽنڊي آدم ضلعي سانگهڙ ۾ ٿيو. سندس تعليم، ايم.اي سنڌي ۽ ايم.ايڊ آهي. 1984ع کان تعليم کاتي ۾ استاد طور پنهنجا فرض نڀائي رهيو آهي. هن لکڻ جي شروعات 1978ع کان ڪئي، جڏهن پاڻ اٺين درجي ۾ پڙهندڙ هو. هن ڪيترائي مقالا ۽ مضمون به لکيا آهن. پر ادب ۾ سندس اصل سڃاڻپ شاعري آهي. سندس شاعريءَ ۾ وطن دوستيءَ ۽ رومانيت جي جهلڪ نمايان نظر اچي ٿي. هن شاعريءَ ۾ ٻولي عام فهم ۽ تشبيهون ۽ استعارا نهايت موزون استعمال ڪيا آهن. سندس شاعريءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾: (1) ياد جي ٻيڙي ندي (1996ع)، (2) سڄ جي چانڊوڪي (1997ع) ۽ (3) پاڻي (هائيڪن تي مشتمل ڪتاب: 2005ع) شامل آهن.

وسيم سومري کي مختلف علمي ۽ ادبي تنظيمن ۽ ادارن کان ڪيترائي ميڊل، ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ وغيره مليل آهن. وسيم سومري کي ڪتاب ”ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان“ جي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مهاڳ ۾ شيخ اياز غزل جو پختو شاعر قرار ڏيندي، سنڌس شاعريءَ جي ساراهه ڪئي آهي. وسيم سومرو عظيم ڪالوني، نوابشاهه ۾ رهائش پذير آهي.

وفا ناٿن شاهي

"وفا" ناٿن شاهي جو اصل نالو مشتاق علي قريشي ولد خيرات علي قريشي آهي. هن جو جنم 15مئي 1943ع ۾ بنديالا ضلع امرتسر (هندستان) ۾ ٿيو. "وفا" جا وڏا بنديالا مان لڏي سنڌ ۾ آيا ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي هڪ ڳوٺ "ڳوڙي" ۾ آباد ٿيا.

ڳوڙي ۾ "وفا" جي آس پاس ٺيٺ سنڌي ماحول ۾ ٿي. جنهن ڪري ئي هن ۾ سنڌي ۾ لکڻ پڙهڻ سان گڏ شاعري ڪرڻ ۽ شروع ڪئي. مشتاق علي، جڏهن "وفا" ناٿن شاهي بڻجي رهيو هو، تڏهن هن جي شاعريءَ جي شروعاتي اصلاح محسن ڪڪڙائي ڪئي.

"وفا" ناٿن شاهي جي لکيل شعري مواد ايترو ته آهي جو هو ڪيترائي شعري مجموعا ڇپائي سگهي ٿو، پر هن مان فقط ٻه ڪتاب "آڪين ۾ الماس (2000ع)"، "لوچاڳين جو اڌ" ۽ "وفا" (2004ع) ڇپجي سگهيا آهن. "وفا" جي غزلن ۾ جيڪا جدت ۽ خيالن جي ندرت (نواڻ) آهي، اها تمام گهٽ شاعرن ۾ آهي. "وفا" ڪجهه اردو ۽ پنجابيءَ ۾ به شاعري ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جي هن منفرد شاعر 3 جنوري 2005ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪئي.

ولي رام ولڀ

وليرام ولڀ 16مارچ 1944ع تي ملتان ۾ جنم ورتو. پرائمريءَ جا ٽي درجا مختلف هنڌن تي، باقي ميٽرڪ لرڪانا پوره اسڪول (1959ع) مٿي ۾ پڙهيو. وڌيڪ تعليم سچل ڪاليج 1964ع ۽ سنڌيونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. 1967ع ۾ اردو ۾ ايم اي 1969ع ۾ ايل ايل بي، 1971ع ۾ ايم اي سوشيالاجي ۽ 1999ع ۾ ماس ڪميونيڪيشن ۾ ماسٽر ڪيائين.

1962ع ڌاري هن گجراتي ٻوليءَ جي ڪهاڻيڪار "ڌومڪيتو" جي ڪهاڻي "بهشت ۽ دوزخ" ترجمو ڪئي، جا ماهوار مهراڻ ۾ ڇپي ۽ ڪافي مقبولي اڏائي ٿيس. انهيءَ ڪانپوءِ سنڌس ترجمو ڪيل ڪهاڻيون ۽ مضمون گهڻي ڀاڱي سنڌي جي سيني چڱن ادبي مخزن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيڻ لڳا. 1968ع ۾ هن ڪرشن چندر جو مشهور ناوليٽ "غدار" اردو مان ترجمو ڪيو. 1977ع ۾ قرة العين حيدر جو ناول "سيتاهرڻ" سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين. 1978ع ۾ امرتا پريتم جي پنجابي ناول "بند دروازو" جو سنڌي ترجمو ڇپيو. 1980ع ۾ سندس ترجمو ڪيل ۽ ترتيب ڏنل ڪهاڻين جو مجموعو "ٽين دنيا جون ڪهاڻيون" ۽ 1983ع ۾ اٽلي جي مشهور ڪهاڻيڪار "البرٽو موراويا" جي ڪهاڻين جو ترجمو ۽ ترتيب "اڪيلائپ" ۽ 2004ع ۾ ٻي ڪهاڻين جو ڪتاب "بهشت ۽ دوزخ" جي نالي سان ڇپيو.

مٿين ڪتابن کانسواءِ وليرام ولڀ جي ٻين ڪتابن ۾ ٻارن جي موضوع تي سهڙيل ڪتاب "ٻار سنڌي ڪهاڻي ۾" (1984ع) جنهن انقلابي ليکڪن محمود درويش، بشيال،

http://soorihsindhiadab.website.2.me

پنيلوپ روڊا ۽ لورڪا تي لکيل سوانحي مضمونن جو مجموعو "سدا ساوا پن" (1994ع) البير ڪامِيو جو ناول "ڪاريهر" (1993ع)، قرة العين حيدر جو ناول "چوٿين پهر جا پاڇا" (2003ع)، احمد نديم قاسمي جو اقبال تي لکيل ڪتاب "اقبال" (1977ع) ڪيول ملڪاڻي جو ڪتاب "سنڌ ڪهاڻي" ڀڳوت گيتا جو ترجمو (1992ع)، امن جي شانتي (2003ع)، ڪرتا الور (2006ع)، ستارا (ڪهاڻيون 2007ع) شايع ٿيل آهن. انهن کانسواءِ وليم جي انٽرويوز ۽ ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب "زندگي سي گذري هوئي خبر" (2001ع) اردو ۾ ڇپيل آهي.

يوسف سنڌي

يوسف سنڌي، ليکڪ، مترجم، پبلشر ۽ ڪهاڻيڪار. سندس اصل نالو محمد يوسف ميمڻ آهي. سندس جنم پهرين آڪٽوبر 1967ع تي محمد هاشم ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو. پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ پرائمري هاءِ اسڪول دڙو مان پرايائين. انٽر ميڊيٽ ڊگري ڪاليج سجاول، بي اي، بي ايڊ ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽي، مان ڪيائين. لکڻ جي شروعات 1979ع ۾ ٻاراڻي ادب لکڻ سان ڪئي. سندس هڪ ڪهاڻي هندي ۽ هڪ ڪهاڻي ميٿلي زبان ۾ ترجمو ٿي هندستان ۾ ڇپيون آهن. تنظيمي وابستگي ۽ ذميواري حوالي سان سيڪريٽري جنرل ادبي سنگت سنڌ (27 اپريل 2008ع کان 11 جولاءِ 2010ع تائين) رهيو. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اشاعت شعبي جي انچارج جي حيثيت سان 30 ڪتاب شايع ڪرايا (2006 کان 2010ع تائين). سيڪريٽري جنرل جي حيثيت سان ٻن مرحلن ۾ سنڌي ٻولي، قومي ٻولي، جاڳرتا مهم هلايائين، جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهه پارليامينٽيرين قومي اسيمبلي ۾ آئيني ترميم واسطي بل پيش ڪيو. سندس ڇپيل ڪتابن جو ڳاڻيٽو 50 کان مٿي آهي. جن ۾ (1) ٻڪ، عشق، آزادي (2) بغاوت (ناول ترجمو) (3) چي گويرا جي ڊائري (4) ڏوهاري (ڪهاڻيون ترجمو) (5) ٻڪ (ناول) (6) اسامه بن لادن جي پراسرار دنيا (7) تو پيار جو ڪيو (8) هڪ سئو سنڌي اديب ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. يوسف سنڌي هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌي ادب جون صنفون ۽ شعري اصطلاح

عروض:

هي ۽ اهڙي قسم جو علم آهي، جنهن کي سمجهڻ سان موزون شاعري ڪري سگهجي ٿي، جاڪاڻ ته هن علم کي سمجهڻ سان بحر ۽ وزن جي خبر پوي ٿي. عروض معنيٰ "بلندي". شاعري، جي هن تسرلي جي ابتدا عرب جي سر زمين کان شروع ٿي. هن جو موجد مڪي شريف جو خليل ابن احمد هو. جنهن شاعري لاءِ ڪجهه اصول ۽ قانون ٺاهيا. سنڌ ۾ اهڙي شاعري عربن جي اچڻ کانپوءِ ئي تڏهن رائج ٿي. جڏهن سنڌ ۾ عربي ٻولي لازمي ٿي وئي. اهڙي طرح سنڌ جا شاعر عربي، جو اثر وٺندي سنڌي شاعري پڻ عروضي قانون موجب ڪرڻ لڳا.

علم بديع:

علم بديع عربي ٻولي، جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "نئين ايجاد". اصطلاحي زبان ۾ سنڌي طرز تحرير (نظم ۽ نثر) کي پرڪشش، خوبصورت، دلڪش، رنگين ۽ پر اثر بنائڻ لاءِ صنعتن سان نهايت ڪاريگري، کان ڪم وٺڻ کي علم بديع چئبو آهي.

تشبيه:

تشبيه لفظ "شبيه" مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي صورت يا شڪل. عام طرح سان ڪنهن به هڪ شيءِ جي ٻي شيءِ سان مشابهت ڏيکارڻ کي تشبيه چئبو آهي.

مثال: نادر هاٿيءَ جهڙو قدآور آهي.

استعارو:

استعارو جي لغوي معنيٰ آهي "اڌارو وٺڻ". استعارو به تشبيه جي ڪافي ويجهڙائي کان مليندڙ معنيٰ رکي ٿو. استعاري ۽ تشبيه ۾ فرق صرف ايترو آهي ته تشبيه ڪنهن سڌي شيءِ سان ڀيٽ ڪرڻ کي چئبو آهي. جڏهن ته استعارو سهڻي شيءِ جهڙو لڳڻ کي چئبو آهي.

تجنيس حرفي:

تجنيس حرفي جي معنيٰ ساڳيا لفظ يا هڪ جهڙا اکر. عروضي شاعريءَ جو هي جزو لفظي ڪاريگري جو بهترين گڻ آهي. جنهن سان شعر جي سٽ يا سڄو شعر هم آواز لفظن سان سينگار جي ويجهي ٿو.

مثال طور: ڏاڪهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن اڻرن ڏڌي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

تخلص:

خاص قسم جو نالو يا لقب جيڪو هڪ شاعر شاعري جي دنيا ۾ پنهنجي لکيل نظم عوام ۾ ڄاڻائي، هي عام طور تي شعر جي آخر ۾ يا غزل جي مقطع ۾ لکيو ويندو آهي.

منظر نگاري:

هيءَ شاعريءَ جي فن جي هڪ خاص صنف آهي. هن ۾ شعر ڪنهن حقيقت يا واقعي جي نظاري جي ماحول پٽاندر فطري طور بيان ڪري ته ان کي منظر نگاري چئبو آهي.

مصرع:

هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "دروازي جو طاق". ڪنهن به شعر جي هڪڙي سٽ کي مصرع چئبو آهي.

نثر:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جو ٻيو قسم نثر آهي. انجو مطلب آهي ته نظم کان علاوه باقي روانيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ وارو ادب . انسان جيڪي ڳالهه ٻولهه يا لکپڙهه ڪريون ٿا، انهيءَ کي نثر چئبو آهي.

تصوف:

هي صوفي فقيرن جو طريقو آهي، هن کي عربي ۾ "وحدت الوجود"، هنديءَ ۾ "وحدانيت"، فارسيءَ ۾ "همه اوست" سنڌيءَ ۾ "سڀ ۾ سائين" چئبو آهي. صوفي بزرگن کي هر شيءِ ۾ هر هنڌ محبوب حقيقي جو جلوو پسڻ ۾ ايندو آهي. سندن هر فعل ۽ هر عمل ۾ قدرت جو ڪرشمو ڪار فرما نظر ايندو آهي. شاهه لطيف، سچل، سامي صوفي شاعر ٿي گذريا آهن.

ڪنايو:

عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "رمز يا اشاري ۾ بيان ڪرڻ". يعني اشاري ۾ اهڙا لفظ ڳالهايا وڃن جو ان جون ٻه معنائون نڪرن. لفظ جي اصلي معنيٰ هڪڙي هجي پر ان مان ڪنهن ٻي شيءِ ڏانهن اشارو ڪيل هجي ته ان کي ڪنايو چئبو آهي.

قافيو:

قافيو عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو "قفا" مان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي ته "پٺيان هلڻ". قافيي وارا الفاظ آواز ۾ هڪ جهڙا هوندا آهن. پر سندن تلفظ مختلف هوندو آهي. مثال: پيار، تار، انڪار، ستار، سماچار آهي سڀ قافيا آهن.

رديف:

رديف جي معنيٰ آهي "پٺيان سوار ٿيڻ يا جڙي هلڻ". اصطلاحي معنيٰ ۾ اهو لفظ جيڪو بند جي آخر ۾ قافيي کانپوءِ ساڳيو ورجايو ويندو آهي.

مطلع:

هي لفظ عربي زبان جي فعل طلع مان ورتل آهي، جنهن کي لغوي معنيٰ آهي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

"ڦاٽڻ ٿيڻ". اصطلاحي زبان ۾ شاعري ۾ جي شروعاتي ٻن سٽن کي مطلع چئبو آهي.

مقطع:

هي لفظ قطع مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "پورو ٿيڻ". اصطلاحي معنيٰ ۾ شعر جي هر صنف جي آخري سٽن کي مقطع چئبو آهي. مقطع ۾ اڪثر شاعر پنهنجو تخلص استعمال ڪندو آهي.

وزن:

عروضي شاعري جو خاص جزو، جنهن جي موجب هر سٽ کي پوري ماپ سان لکيو ويندو آهي.

بحر:

بحر جي معنيٰ آهي "سمنڊ". شاعري ۾ بحر سمنڊ جي وسعت جهڙو ڪم ڪئي ٿي. اصطلاحي معنيٰ موجب هي اهو ماپو آهي، جنهن جي ذريعي شعر جو وزن پورو بيهاريو ويندو آهي.

تجنيس تام:

تام معنيٰ "پورو". ڪلام ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ لفظ اهڙا اچن، جن جو لکڻ پڙهڻ هڪجهڙو هجي ۽ معنيٰ مختلف هجي.

تجنيس ناقص:

هن کي "تجنيس محرف" پڻ چئبو آهي. هن جي صورت ۾ تجنيس تام جهڙي هوندي آهي، پر اچار ۾ زبر يا زير وغيره جو فرق هوندو آهي.

مثال:

وَرُ ۾ ڪونهي وَرُ،
آيرت وڪو وِرُ ڪنهن،
1. وَرُ : مڙس 2. وِرُ : وڪڙ (خرابي) 3. وَرُ : وڪڙ

مثنوي:

لفظ مثنوي "مثنيٰ" مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ٻه" يا "جوڙو". اصطلاحي معنيٰ ۾ بيتن جي ان طويل سلسلي کي مثنوي چئجي ٿو، جنهن ۾ ڪا ڪهاڻي، واقعو يا داستان، بيان ٿيل هجي. مثنوي ۾ لاتعداد بيت هوندا آهن. هر هڪ بيت ٻن مصرعن تي مشتمل هوندو آهي. ٻئي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن. هر هڪ بيت جو رديف ۽ قافيو الڳ هوندو آهي. پر ڪهاڻي اهڙي تسلسل سان هوندي آهي، جيئن زنجير جون ڪڙيون پاڻ ۾ مليل هونديون آهن.

مثمن:

مثمن عربي ٻولي ۽ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "اٺ سٽون". سٽاءَ جي لحاظ کان شروعاتي ڇهه سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هجن ٿيون ۽ آخري ٻه سٽون ورائي جو ٽيڪ هجن ٿيون. هن ۾ قومي، اخلاقي ۽ عشقي انداز بيان ٿيل آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مسدس:

هي پڻ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڇهه ڪنڊو". علم عروض جي قاعدن موجب هي شاعريءَ جي اها صنف آهي، جيڪا ڇهن سٽن تي مشتمل هجي. عام طور تي مسدس جوڙ جڪ شروعاتي چار سٽون پاڻ ۾ هم قافيه ۽ پوين ٻه سٽون پاڻ ۾ هم قافي هجڻ لازمي آهن. هن ۾ هر قسم جا مضمون شامل هجن ٿا. جيئن وطن جي حب، قومي اصلاحي ۽ اخلاقي مضمون وغيره.

فصاحت:

اهو ڪلام جنهن ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن، جو ٻڌڻ جي اُچار سان زبان ۾ ڪنهن به قسم جي اٽڪ محسوس نه ٿئي، تنهن کي فصيح ڪلام چئبو آهي.

بلاغت:

هن مان مراد شاعر جو ڪلام وقت ۽ حال جي مطابق هجي. انسان ۾ قسمين قسمين جذبا پيدا ٿين ٿا. ڪڏهن غم واري ڪيفيت آهي ته ڪڏهن خوشي واري، ڪڏهن مستي ۽ مدهوشي وارا جذبات ته ڪڏهن عشق ۽ محبت جا، ڪڏهن ڪاوڙ ڪڏهن کل، ڪڏهن بيقراري. شاعر انهن سڀني ڪيفيتن کي اهڙي صفائي ۽ چٽائيءَ سان مختصر پر معنيٰ خيز لفظن ۾ بيان ڪري جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ڌيان ان طرف ڇڪجي وڃي.

سلاست:

سلاست مان مراد شاعر جي ڪلام ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن، جيڪي روزانو استعمال ٿيندا هجن. شاعر استعارا، تشبيهون ۽ ٻيون ڪلامي صنعتون اهڙيون ساديون استعمال ڪري جو ماڻهو يڪدم سمجهي وڃن ۽ پنهنجي قابليت آهر لطف حاصل ڪري سگهن وان ڪلام جي سلاست ۽ سادگي ڪنهن ماڻهو پاڻ جهڙو لکي ته اهڙي شاعري آڻون نه ڪري سگهندو.

جدت:

جدت جو مطلب اهو آهي ته شاعر پنهنجي ڪلام ۾ نواڻ آڻي. اهڙي مضمون تي شاعري نه ڪري جنهن تي اڳ ۾ ئي ڪنهن شاعر طبع آزمائي ڪئي هجي، يا ڪنهن طبع آزمائي ڪئي به هجي ته ان کي اهڙي نموني ادا ڪري جو اهڙي محسوس نه ٿئي ته ڪٿان ڪو نقل ڪيو اٿس. سنڌي لفظن ۽ جملن جو اهڙو اثر هجي جو پڙهندڙ کي ته اهي لفظ ۽ جملا سندس اندر مان ادا ٿي نڪتا آهن.

گنان:

گنان لفظ سنسڪرت جي لفظ "گيان" مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ ڄاڻ ۽ علم آهي. ٻين لفظن ۾ اهو علم جو عبادت ۽ رياضت جي نتيجي ۾ حاصل ٿئي. اصطلاحي معنيٰ ۾ گنان شعر جو اهو قسم آهي جنهن ۾ اسماعيلي مبلغن ماڻهن کي تعليم ڏني.

بيت:

بيت سنڌي شاعري جي قديم ۽ مقبول صنف آهي. سنڌي شاعري ۾ بيت سڀ کان

http://soorihsindhiadab.website.2.me

اوائلي ڪاهن جي صورت ۾ ملن ٿا. اهي، قصا، ڪهاڻيون ۽ رومانوي داستانن جي وچ ۾ ملن ٿا، جن جي شروعات سومرن جي دور حڪومت ۾ ٿي.

ڪافي:

ڪافي عربي ٻوليءَ جي لفظ "ڪفي" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "پورو هجڻ". سنڌي شاعري جي مشهور ۽ عام صنف "ڪافي" آهي. سنڌ ۾ ڪافي جي شروعات ڪڏهن ٿي، ان لاءِ مختلف رايا ملن ٿا. ڪن محققن جو خيال آهي ته ڪافي تمام قديم صنف آهي، پر اهو ان تصديق طلب آهي. 10هين صدي هجريءَ ۾ ڪافي جي موجودگي جي ثابتي ملي ٿي. هن وقت تائين جيڪا تحقيق ٿي آهي ان مطابق ٻه نظريا سامهون آيا آهن. ڪي محقق چون ٿا ته ڪافي ۽ وائي هڪ ئي صنف آهي، ته ڪي چون ٿا ته هي ٻئي الڳ صنفون آهن. هڪ عالم جو رايو آهي ته لفظ ڪافي جي مادي اشتقاق "ڪفو" آهي، جنهن جي معنيٰ "ساٿي جا ٻئي پڙ برابر". ان ڪري اصطلاحي معنيٰ ۾ اهو نظم جنهن ۾ هر مصرع جون حرڪات، سڪنات ۽ وزن هڪجهڙو ۽ هم وزن هوندو آهي.

وائي:

وائي لفظ پراڪرت جي "وايا" ۽ سنسڪرت جي لفظ "وارتا" مان جڙيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڳالهه". ڪن محققن ان کي ڪافي ۽ سڏيو آهي. وائي جا بند گهٽ ۾ گهٽ ڪري هڪ مصرع تي مشتمل ٿين ٿا. شاهه لطيف ۽ شاهه عنايت وائي ۾ ڪيڏ مصرع به آندي آهي. ٿل کان پوءِ جيڪا به سٽ اچي ٿي، ان کي ٿلهه واري آيل اڌ سٽ سڀني وائي ۾ دهرائل هوندي آهي.

غزل

غزل عربي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "عورت جي حسن جي تعريف ڪرڻ". اصطلاحي معنيٰ ۾ غزل شعرن جي ان مجموعي کي چيو آهي، جنهن ۾ محبوب جي حسن ۽ رعنائي، انگل آرا، آرائش ۽ زيبائش جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. موجوده دور ۾ هر قسم جو مضمون غزل ۾ آندو وڃي ٿو. محبوب جو حسن، اخلاقي، تهذيبي، معاشي ۽ معاشرتي مضمون غزل جي زينت بڻجن ٿا.

فني سگهه جي لحاظ کان غزل ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ۽ وڌ ۾ وڌ ٻارنهن شعر هوندا آهن. غزل جي پهرين شعر کي "مطلع" ۽ آخري شعر کي "مقطع" چئبو آهي. مطلع جون ٻئي سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن، باقي ٻين شعرن جون مصرعون پهرين شعر سان هم قافيه ٿينديون آهن. سنڌي غزل جو پهريون شاعر ثور محمد خستہ هو، جيڪو ڪلهوڙن جي دور جو شاعر آهي پر ٽالپرن جي دور ۾ غزل جي صنف ترقي ڪئي، خود ڪيترائي ٽالپر حڪمران شاعر هئا. اعليٰ درجي جو شاعر سچل سرمست رحه ملي ٿو، جنهن "ديوان آشڪار" ۾ فارسي غزل لکيا، ان سان گڏ سنڌي غزل پڻ ملن ٿا.

نظم:

هيءَ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، هن جي معنيٰ آهي "ضابطو ۽ پابندي". وکي شاعريءَ کي نظم چيو ويندو آهي. نظم آزاد به هوندو آهي ته پابند به هوندو آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

مناجات:

هيءَ شعر جي اها صنف آهي، جا گهڻو ڪري پنجن ستن تي مشتمل هوندي آهي، پهرين مشترڪ پاڙ ۾ هم قافيه هونديون آهن. مناجات ۾ خالق اڪبر کان نهايت عجز ۽ انڪسار سان دعا گهريل هوندي آهي. هن ۾ سواءِ ان جي (دعا) ٻيو ڪو به موضوع استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قصيدو:

قصيدو عربي ٻولي جي لفظ "قصد" مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ارادو ڪرڻ". اصطلاحي معنيٰ ۾ قصيدو شاعريءَ جي اها صنف آهي، جنهن ۾ ماڻهن جي شجاعت، سخاوت ۽ انسان دوستيءَ جي تعريف ڪئي وڃي. شاعري جي هن صنف ۾ ضروري نه آهي ته شاعر آخري بند ۾ پنهنجو تخلص استعمال ڪري. هن ۾ پهرين بيت جون ٻئي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن. باقي بيتن جي پوئين مصرع ۽ پهرين مصرع جو قافيو ساڳيو هوندو آهي. هن صنف جو بنياد انگريزن جي دور حڪومت ۾ پيو.

مولود:

مولود عربي ٻولي جي لفظ "مولد" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "نئون ڄاول ٻار". شاعري جي هن صنف ۾ حضرت محمد ﷺ جن ولادت تي خوشي جو اظهار ڪرڻ سان گڏ منقبت ثناءَ ۽ صفت، مديني پاڪ جي زيارت لاءِ اڪير، وغيره ڪرڻ جهڙا موضوع شامل آهن.

مولود جو فني سٽاءُ وائي ۽ ڪافي جهڙو هوندو آهي. مولود ۾ ٽل کان علاوه چار پنج بند هوندا آهن. مولود جي صنف شاعر عبدالرئوف ڀٽي ايجاد ڪئي.

مداح:

سنڌي شاعري جي مقبول ۽ عام صنف مداح آهي. مداح عربي ٻولي جي لفظ "مدح" مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ساراهه يا تعريف ڪرڻ". اها تعريف پهرين ڪنهن بادشاهه جي هجي، يا ڪنهن دوست جي. پر سنڌي ۾ مداح ان شعر کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ، اصحاب سڳورن، ولين ۽ درويشن سان دلي محبت ۽ عقيدت بيان ٿيل هجي.

فني نظم جي سٽاءَ کان وڌيڪ نظم جو قسم آهي. مضمون جي لحاظ کان انهن کي الڳ ڪري سگهجي. ڪيترين ئي مداحون الف اشباع جي نظم ۾ لکيل آهن. مداح جي شروعات ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي، جمن چارڻ مداح جو پهريون شاعر آهي.

مرثيو:

مرثيو عربي ٻولي جي لفظ "رثي" مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڪنهن عزيز ۽ دوست جي وفات جو واقعو ڏک ڀريل لفظن ۾ ملي. اصطلاحي معنيٰ ۾ مرثيو شعر جي اها صنف آهي جنهن ۾ ڪربلا جي شهيدن جو واقعو ڏک ڀريل لفظن ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو. هيءَ صنف عربيءَ جي شاعره خنساء ايجاد ڪئي. ان کانسواءِ شاهه عبداللطيف هن صنف کي سر ڪيڏارو ۾ ڳايو. بعد ۾ هن صنف کي ڪلهوڙن جي دور ۾ ترقي ملي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

رباعي:

رباعي عروضي شاعري جي صنف آهي. رباعي لفظ "ربع" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "چار". اصطلاحي معنيٰ ۾ اهو شعر جيڪو چئن مصرعن تي مشتمل هجي. رباعي جي پهرين، ٻئين ۽ چوٿين مصرع ھم قافيه هونديون آهن. جڏهن ته ٽئين مصرع بنا قافيه هوندي آهي. رباعي جو وزن مقرر ڪيل هوندو آهي. سنڌي شاعرن صوفيانه، فلسفانه خيال، اخلاقي مضمون ۽ بيباڪ خيالن کي رباعي جو مضمون بڻايو آهي. رباعي جي صنف جا شاعر مخدوم طالب المولي، مرزا قليچ بيگ، حافظ محمد احسن، امداد حسيني، محسن ڪڪڙائي، شيخ اياز، اميد خيرپوري، مقصود گل وغيره شامل آهن.

هڪ سٽو:

هي شعر شاعري جي سمورين پابندين کان آجو آهي، فقط خيال کي اهميت آهي. هن صنف کي سنڌي ادب ۾ ستيا پال متعارف ڪرايو.

دوهو:

شاعري جي هن صنف ۾ ٻه پد ٿين ٿا ۽ قافيو پڇاڙي ۾ اچي ٿو. دوهو ٻن سٽن تي مشتمل هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ شيخ حماد جمالي کي دوهي جو پهريون شاعر چيو وڃي ٿو. سنڌي شاعريءَ جو هڪ قديم فن آهي. دوهي کي سنڌيءَ ۾ ڏوهيڙو به چيو ويندو آهي.

سورٺو:

سورٺو ٻن ٻه سٽي صنف آهي هن ۾ قافيو سٽن جي وچ ۾ ايندو آهي.

بيت:

بيت ۾ به دوهي ۽ سورٺي وانگر پد ٿين ٿا ۽ قافيو سٽ جي پڇاڙي ۾ به استعمال ٿئي ٿو ۽ وچ ۾ به ٿئي ٿو. بيت کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌيءَ ۾ عروج تي پهچايو.

هائيڪو:

هائيڪو ۾ پهرين سٽ آخري سٽ سان ھم قافيه ٿئي ٿي. هائيڪو جاپاني شاعري جي صنف آهي. هائيڪو هن وقت سنڌي ۾ به مقبول صنف آهي.

قطعو:

غزل کان ڌار ٿيل قطع ٿيل ٽڪر کي به قطعو چيو وڃي ٿو ته وري فقط اڪيلو قطعو به لکيو وڃي ٿو. هن جون پهريون ٻه سٽون پاڻ ۾ ھم ڪلاميه هجن ٿيون ۽ وچ واري سٽ آزاد ۽ وري آخري سٽ پهرين سٽ سان ھم ڪلاميه هجي ٿي.

پنجڪڙو:

هن صنف ۾ پهرين سٽ چوٿين سٽ سان ھم قافيه هوندي آهي ۽ ٻين سٽ ٽئين سٽ پاڻ ۾ ھم قافيه هونديون آهن. جڏهن ته پهرين سٽ کي ئي پنجين سٽ طور ورجائي ۾ رکيو ويندو آهي. سنڌي ۾ سعيد ميمڻ جو پنجڪڙن جو پورو ڪتاب شايع ٿيل آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

چنارو:

هي ڇهن سٽن واري صنف آهي، ۽ ۽ سٽون پاڻ ۾ هم ڪلامي هجن ٿيون.

ڳاهه:

ڳاهه هڪ بياني بيت يا واقعاتي بيت آهي، هن جون اڪثر مصراعون يا سٽون دوهي جي شڪل ۾ ٿين ٿيون. ڪن ڳاهن ۾ هم قافيا مصراعون ڪان پوءِ تڪ ۽ بيهاريل هوندي آهي. ڳاهن جو رواج قديم سنڌي ادب جي ابتدائي دور کان شروع ٿيو. سومرن جي دور ۾ ڳاهن جو رواج پيو.

مدحيه بيت:

جنهن ۾ سخاوت ۽ سورهيائي بيان ڪيل هجي. ان کي مدحيه بيت چيو ويندو آهي.

هجويه بيت:

هن بيت ۾ ننديا ڪنهن تي طنز ٿيل هوندي آهي.

واقعاتي يا رزميه بيت:

واقعاتي بيت يا رزميه بيت جنگي واقعا بيان ڪن ٿا. هنن بيتن جي شروعات ۽ سومرا دور کان ٿي. سومرن جي جنگين کي رزميه بيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

ڳيچ:

ڳيچ قديم سنڌي شاعريءَ جو نمونو آهي. ڳيچ لفظ ۽ ڳاهه مان سرجيو آهي. اهو لفظ ڳاهه ايا تائين ڪوهستاني عورتن ۾ مروج آهي. انهيءَ ساڳي لفظ کي ڳاچ، ڳاچي، ڳاڇي ۽ ڳيچ ۽ ڪوٺيو ويو. ڳيچ شادي يا خوشيءَ جي موقعي تي عورتون ڳائينديون آهن. ڳيچ کي اتر سنڌ ۾ سهرو ۽ چيو ويندو آهي. هي هڪ قسم جي سادي شاعري آهي، جنهن جو ڪو ۽ مخصوص سٽاءُ نه هوندو آهي.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

معروضي سوال ۽ جواب

لوڪ ڏاهپ وارو دؤر

س1: سنڌي ادب ۾ لوڪ ڏاهپ وارو دؤر ڪنهن کي چئجي ٿو؟
ج: 1. عرب دؤر 2. سومرا دؤر 3. عربن کان اڳ جو دؤر

س2: سنڌي زبان ۾ سڀ کان پهرين ڪهڙي مذهبي ڪتاب جو ترجمو ڪيو ويو هو؟
ج: 1. قرآن مجيد 2. انجيل 3. گيتا

س3: سنڌي زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪهڙي حڪومتي دؤر ۾ ڪيو ويو؟
ج: 1. عربن جو دؤر 2. سومرن جو دؤر 3. مغلن جو دؤر

س4: قرآن مجيد سڀ کان پهرين ڪهڙي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو؟
ج: 1. فارسي 2. هندي 3. سنڌي

س5: قرآن مجيد جو ترجمو ڪهڙي حاڪم جي حڪم تي ٿيو؟
ج: 1. محمد بن قاسم 2. حجاج بن يوسف 3. عبدالله بن عمر

س6: عرب دؤر کي سنڌي ادب جو ڪهڙو دؤر چيو وڃي ٿو؟
ج: 1. سونهري دؤر 2. وچون دؤر 3. اوائلي دؤر

س7: عربن جي ابتدائي دؤر ۾ ڪهڙي صورتخطي ملي ٿي؟
ج: 1. خواجڪي سنڌي صورتخطي 2. لوهاڻڪي سنڌي صورتخطي
3. پنيوڙڪي صورتخطي

س8: خواجڪي صورتخطي جي لکتي جو پهريون پهريون انڪشاف ڪنهن ڪيو؟
ج: 1. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ 2. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ
3. ڊاڪٽر دائود پوٽو

س9: عربي سنڌي رسم الخط جو بنياد وجهندڙ ڪير هو؟
ج: 1. مخدوم ابو الحسن 2. مير علي شير قانع 3. سيد ثابت علي شاهه

س10: عربن ڪهڙي سال ۾ سنڌ تي حڪومت قائم ڪئي؟
ج: 1. 92 هجري بمطابق 712ع 2. 95 هجري بمطابق 712ع
3. 90 هجري بمطابق 710ع

س11: عرب دؤر ۾ سنڌ جي دفتري ٻولي ڪهڙي هئي؟
ج: 1. سنڌي 2. عربي 3. سنسڪرت

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س12: اره بره ڪنگره ڪراڪري منده ڪهڙي دور جو سنڌي شعر آهي؟
ج: 1. برهمڻ دور جو 2. عرب دور جو 3. سومرن جي دور جو

س13: سنڌي ٻولي جو سڀ کان پهريون شعر ڪهڙو آهي؟
ج: 1. جوڳي جاڳايوس، ڏڌ سنل هٿين تنهنجو 2. اره بره ڪنگره ڪراڪري منده
3. اول الله عليم، اعلي عالم جو ڌڻي

س14: سنڌي ادب جي تشڪيل جو دور ڪهڙي حڪومتي دور کي چيو ويندو آهي؟
ج: 1. ڪلهوڙا دور کي 2. سومرا دور کي 3. عرب دور کي

س15: سنڌ جي تاريخ تي لکيل مشهور ڪتاب چچ نامه ڪهڙي حڪومتي دور جو لکيل آهي؟
ج: 1. برهمڻ دور جو 2. عرب دور جو 3. سومرا دور جو

س16: چچ نامي جو پهريون نالو ڪهڙو هو؟
ج: 1. نور نامه 2. تحفته الڪرام 3. منهاج الدين والملڪ

س17: چچ نامو تقريباً ڪڏهن لکيو ويو؟
ج: 1. 712ع کان 800ع جي وچ ۾ 2. 800ع کان 840ع جي وچ ۾
3. 850ع کان 900ع تائين جي وچ ۾

س18: چچ نامو ڪهڙي ٻولي ۾ لکيو ويو؟
ج: 1. سنڌي ٻولي ۾ 2. فارسي ٻولي ۾ 3. عربي ٻولي ۾

س19: سنڌي ۾ قرآن مجيد جو سڀ کان پهريون ترجمو ڪنهن ڪيو؟
ج: 1. ابو عطا سنڌي 2. ابو راهب سنڌي 3. آخوند عزيز الله

س20: آخوند عزيز الله ڪٿي جو رهاڪو هو؟
ج: 1. هالا جو 2. سيوهڻ جو 3. مٽياري جو

س21: علامه عمر بن محمد داؤد پوٽي چچ نامه جو مصنف ڪنهن کي چيو آهي؟
ج: 1. ابو عطا سنڌي 2. خواجه امام ابراهيم 3. مخدوم هاشم ٺٽوي

س22: عرب دور جي ڪهڙي شاعر جي عربي شاعري جو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايو ويو؟
ج: 1. ابو اسحاق 2. ابو عطا سنڌي 3. حافظ ابو محمد

س23: عرب حڪومتي دور تي Arab the kindom of Almansorah عنوان سان ڪنهن جي پي ايچ ڊي ٿيل آهي؟
ج: 1. ڊاڪٽر تنوير عباسي 2. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو
3. ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ

س24: ابو معشر سنڌي، ابو عطا سنڌي، مالڪ بن صالح، ابو اسحاق ۽ ابو جعفر سنڌي ڪهڙي دور جا عالم ۽ شاعر آهن؟
ج: 1. برهمڻ دور 2. سومرا دور 3. عرب دور

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س25: محمد بن قاسم ڪهڙي دور سان تعلق رکي ٿو؟
ج: 1. عرب دور 2. برهمڻ دور 3. مغل دور

س26: سنڌ ۾ عرب دور جي پڄاڻي ڪڏهن ٿي؟
ج: 1. 1150ع 2. 1250ع 3. 1050ع

س27: چچ نامو تي اهو نالو ڪنهن جي نالي پٺيان رکيو ويو؟
ج: 1. راجه ڏاهر 2. راجه چچ 3. راءِ ڏياچ

س28: راجه ڏاهر جي پيءُ جو نالو ڇا هو؟
ج: 1. راجه چچ 2. راجه مهاراج 3. پيرمل مهر چند

س29: قصيده ڪوئي ڪهڙي دور ۾ رائج ٿي؟
ج: 1. ٽالپر دور ۾ 2. ڪلهوڙا دور ۾ 3. عرب دور ۾

س30: محمد بن قاسم سنڌ تي ڪيترا سال حڪمراني ڪئي؟
ج: 1. ٻه سال 2. ٽي سال 3. چار سال

س31: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي عرب دور جي مليل پهرين سنڌي شعر "اره بره ڪنتڪره، ڪراڪري مندره" کي سولي سنڌي ۾ ڪهڙي ريت لکيو آهي؟
ج: 1. اهڙا پڙا ڪوڙ ڪري، ڪ ڪري منڊرو
(مولا مٺان موت، پڙو لاءِ م پاڇو جو (شاهه))

جواب:

1. عرب دور
2. قرآن مجيد
3. عربن جو دور
4. سنڌي
5. عبدالله بن عمر
6. اوائلي دور
7. خواجڪي سنڌي صورتخطي
8. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ
9. مخدوم ابو الحسن
10. 92 هجري بمطابق 712ع
11. عربي
12. عرب دور جو
13. اره بره ڪنتڪره، ڪراڪري مندره
14. عرب دور کي
15. عرب دور جو
16. منهاج الدين والملڪ
17. 800ع کان 840ع جي وچ ۾
18. عربي ٻولي ۾
19. آخوند عزيز الله
20. ٺٽياري جو
21. خواجه امام ابراهيم
22. ابو عطا سنڌي
23. ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ
24. عرب دور
25. عرب دور
26. 1050ع
27. راجه چچ
28. راجه چچ
29. عرب دور ۾
30. چار سال
31. اهڙا پڙا ڪوڙ ڪري، ڪ ڪري منڊرو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سنڌي ادب جو پهريون/بنيادي دؤر

س1: سنڌ ۾ عربن کانپوءِ ڪنهن حڪمراني ڪئي؟
ج: 1. ڪلهوڙن 2. سمن 3. سومرن

س2: سومرن جو حڪمراني دؤر ڪهڙي سال کان شروع ٿيو؟
ج: 1. 950ع کان 2. 1035ع 3. 1050ع

س3: سومرن سنڌ ۾ ڪيستائين حڪمراني ڪئي؟
ج: 1. 1350ع تائين 2. 1352ع 3. 1252ع تائين

س4: سومرن جي دؤر جو ڪهڙو جنگي داستان مشهور آهي؟
ج: 1. دودو چنيسر 2. دودو خلجي 3. محمد بن قاسم راجا ڏاهر

س5: چنيسر سنڌ تي ڪاهه لاءِ ڪنهن کي گهرايو؟
ج: 1. محمود غزنوي 2. محمد بن قاسم 3. علاءُ الدين خلجي

س6: دودو سومرو ڪنهن جي فوج سان وڙهندي شهيد ٿيو؟
ج: 1. علاءُ الدين خلجي 2. هلاڪو خان 3. محمود غزنوي

س7: سنڌي ادب جو بنيادي دؤر ڪهڙو آهي؟
ج: 1. عربن جو دؤر 2. سومرن جو دؤر 3. ڪلهوڙن جو دؤر

س8: سومرن جي حڪومت کان اڳ ۾ سنڌ ۾ ڪهڙي ٻولي رائج هئي؟
ج: 1. فارسي ٻولي 2. عربي ٻولي 3. سنڌي ٻولي

س9: سومرن جي دؤر ۾ سنڌي ادب جي ڇا سان شروعات ٿي؟
ج: 1. شاعري کان 2. رزميه داستانن ۽ جنگ نامن کان
3. مضمون نگاري کان

س10: سومرن جي دؤر ۾ سنڌي شاعري جي شروعات ڪهڙي صنف کان ٿي؟
ج: 1. ڳنان کان 2. ڳاهه کان 3. غزل کان

س11: سومرن جي دؤر جو پهريون شاعر ڪير هو؟
ج: 1. پير شهاب الدين 2. پير صدرالدين شاهه 3. شيخ حماد

س12: ڳنان صنف ڪهڙي فرقي جي مذهبي شاعري آهي؟
ج: 1. بوهري 2. اسماعيلي خواجه 3. سنڌي

س13: پيرالدين شاهه جي ٺاهيل لپيءَ کي ڇا چيو ويندو آهي؟
ج: 1. ديو ناگري لپي 2. اسماعيلي سنڌي 3. خواجڪي سنڌي

س14: قلندر شهباز ڪهڙي حڪومتي دؤر ۾ سنڌ ۾ آيو؟
ج: 1. عرب دؤر ۾ 2. سومرا دؤر ۾ 3. ڪلهوڙا دؤر ۾

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س15: سنڌي ادب جي اوسر جا اهڃاڻ ڪهڙي دؤر کان ملن ٿا؟
ج: 1. عرب دؤر کان 2. برهمڻ دؤر کان 3. سومرا دؤر کان

س16: سومرن جي حڪومت ۾ سنڌ جون ڪهڙي سرڪاري زبانون هيون؟
ج: 1. عربي ۽ فارسي 2. فارسي ۽ سنڌي 3. عربي ۽ سنڌي

س17: سنڌي ٻولي جو پهريون نثري داستان ڪهڙو آهي؟
ج: 1. سسئي پنهون 2. دودو چنيسر 3. سورٺ راءِ ڏياچ

س18: سسئي پنهون ڪهڙي حڪومتي دؤر سان تعلق رکن ٿا؟
ج: 1. عرب دؤر 2. سومرا دؤر 3. ڪلهوڙا دؤر

س19: سنڌي ٻولي ۾ پهريون جنگي داستان ڪهڙو آهي؟
ج: 1. دودو چنيسر 2. دودو خلجي 3. سومرا گجر

س20: سنڌي ٻولي جي پهرين شاعره جو نالو ڇا آهي؟
ج: 1. شيره زرين 2. نور شاهين 3. مرڪان شيخڻ

س21: مرڪان شيخڻ جو تعلق ڪهڙي حڪومتي دؤر سان آهي؟
ج: 1. برهمڻ دؤر 2. سومرا دؤر 3. عرب دؤر

س22: قصه گوئي جو رواج ڪهڙي دؤر ۾ پيو؟
ج: 1. راءِ دؤر 2. سومرا دؤر 3. عرب دؤر

س23: مشهور سرائيڪي شاعر بابا فريد الدين گنج شڪر جو تعلق سنڌ جي ڪهڙي دؤر سان هو؟
ج: 1. سومرا دؤر 2. عرب دؤر 3. سمان دؤر

س24: بابا فريد الدين گنج شڪر جي دوهن جو سنڌي ترجمو ڪنهن ڪيو آهي؟
ج: 1. شيخ اياز 2. استاد بخاري 3. آغا سليم

س25: ”سومرن جو دؤر“ ڪتاب جو ليکڪ ڪير آهي؟
ج: 1. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 2. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
3. ڊاڪٽر غلام علي الانا

س26: سنگ چارڻ جو تعلق ڪهڙي دؤر سان هو؟
ج: 1. سومرا دؤر 2. ڪلهوڙا دؤر 3. ٽالپر دؤر

س27: عمر مارئي ڪهڙي دور سان تعلق رکن ٿا؟
ج: 1. عرب دؤر 2. سومرا دؤر 3. ڪلهوڙا دؤر

س28: شاهه لطيف مومل راڻي جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟
ج: 1. سُر مومل 2. سر راڻو 3. سُر مومل راڻو

س29: سسئي پنهون جو ذڪر شاهه جي رسالي جي ڪهڙي سُر ۾ آهن؟
ج: 1. سُر آسا 2. سُر ڪاپائتي 3. سُر سسئي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س30: لاکو ڦلاڻي ڪهڙي دؤر سان تعلق رکي ٿو.
ج: 1. سومرا دؤر 2. ڪلهوڙا دؤر 3. سمان دؤر

جواب:

1. سومرن
2. 1050ع
3. 1352ع
4. دودو چنيسر
5. علاءُ الدين خلجي
6. علاءُ الدين خلجي
7. سومرن جو دؤر
8. عربي ٻولي
9. رزميه داستانن ۽ جنگ نامن کان
10. گنان کان
11. پير صدرالدين شاهه
12. اسماعيلي خواجه
13. خواجڪي سنڌي
14. سومرا دؤر ۾
15. سومرا دؤر کان
16. عربي ۽ سنڌي
17. سسئي پنهون
18. سومرا دؤر
19. دودو چنيسر
20. مرڪان شيخ
21. سومرا دؤر
22. سومرا دؤر
23. سومرا دؤر
24. آغا سليم
25. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
26. سومرا دؤر
27. سومرا دؤر
28. سُر مومل راڻو
29. سُر سسئي
30. سومرا دؤر

http://soorihsindhiadab.website.2.me

قاضي قادن جو دؤر

س1: سنڌي شاعريءَ جو ابو الشعراءُ ڪنهن کي چيو ويندو آهي؟

ج: 1. شاهه عبداللطيف ڀٽائي 2. قاضي قادن
3. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو

س2: سومرن کان پوءِ سنڌ تي ڪنهن حڪمراني ڪئي؟

ج: 1. سمن 2. ڪلهوڙن 3. مغلن

س3: سمن جو دؤر ڪهڙي عيسوي سن کان شروع ٿيو؟

ج: 1. 1350ع 2. 1352ع 3. 1355ع

س4: سمن ڪيستائين سنڌ تي حڪمراني ڪئي؟

ج: 1. 1520ع 2. 1550ع 3. 1450ع

س5: سنڌي ادب ۾ شاعري جو دؤر ڪهڙي دؤر کي چيو ويندو آهي؟

ج: 1. عرب دؤر 2. سمان دؤر 3. سومرا دؤر

س6: قاضي قاضن ڪهڙي دؤر سان تعلق رکي ٿو؟

ج: 1. سمان دؤر 2. سومرا دؤر 3. ڪلهوڙا دؤر

س7: شيخ حماد، اسحاق آهنگر، مخدوم احمد ڀٽي، عيسيٰ لنگوٽي، نوح هوٿياڻي، ماموئي فقير، سيد حيدر شاهه سنائي ۽ شيخ ڀرڙو ڪهڙي حڪومتي دؤر سان تعلق رکن ٿا؟

ج: 1. عرب دؤر 2. ڪلهوڙا دؤر 3. سمان دؤر

س8: سمن جي دؤر جي مشهور شاعرن جو ذڪر سڀ کان پهرئين ڪهڙي ڪتاب ۾ ملي ٿو؟

ج: 1. تاريخ جنت السنڌ 2. چچ نامو 3. تحفة الڪرام

س9: سمن جي دؤر جو ڪهڙو عشقي قصو مشهور آهي؟

ج: 1. نوري ڄام تماچي 2. سسئي پنهون 3. عمر مارئي

س10: سمان دؤر جو سڀ کان وڏو ۽ مشهور شاعر ڪير هيو؟

ج: 1. شيخ حماد 2. قاضي قاضن 3. اسحاق آهنگر

س11: سمان دؤر ۾ ڪهڙي نثين شاعري جي صنف جي شروعات ٿي؟

ج: 1. الف اشباع 2. دوهو 3. عروضي شاعري

س12: ماموئي فقيرن جو تعداد ڪيترو هو؟

ج: 1. پنج 2. چار 3. ست

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س13: ماموئي فقير ڪهڙي شاعر جا هم عصر هئا؟
ج: 1. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ 2. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو
3. قاضي قادن

س14: سنڌي ٻوليءَ ۾ دوهي جو باني ڪار ڪهڙو شاعر آهي؟
ج: 1. شاهه عبداللطيف ڀٽائي 2. شيخ اياز
3. شيخ حماد جمالي

س15: سنڌي دوهو ڪهڙي دور ۾ ايجاد ٿيو؟
ج: 1. سمان دور 2. ڪلهوڙا دور 3. ٽالپر دور

س16: ڪهڙو مشهور پرڏيهي سياح سمن جي دور ۾ سنڌ گهمڻ آيو؟
ج: 1. ابن بطوطه 2. ڪولمبس 3. مارڪو پولو

س17: ملان لتر جو اصل نالو ڇا هو؟
ج: 1. عبدالرحمان 2. عبدالوهاب 3. عبدالله

س18: ملان لتر ڪهڙي حڪومتي دور سان تعلق رکي ٿو؟
ج: 1. ارغون دور 2. سمان دور 3. ترخان دور

س19: ڪتاب "سمن جي سلطنت" ڪنهن جو لکيل ڪتاب آهي؟
ج: 1. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو 2. ڊاڪٽر نبي بخش خان
3. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

س20: سمن سنڌ تي اٽڪل ڪيترا سال حڪومت ڪئي؟
ج: 1. 170 سال 2. 150 سال 3. 100سال

س21: شيخ حماد جمالي ڪڏهن وفات ڪئي؟
ج: 1. 1368ع 2. 1350ع 3. 1250ع

س22: شيخ حماد جي مزار ڪٿي واقع آهي؟
ج: 1. سيوهڻ 2. مڪلي 3. ٺٽو

س23: مخدوم نوح هوتياڻي ڪهڙي شاعر جو هم عصر آهي؟
ج: 1. قاضي قاضن 2. شاهه عبداللطيف ڀٽائي
3. شيخ اياز

س24: مورڙو مانگر مڇ قصو ڪهڙي دور سان تعلق رکي ٿو؟
ج: 1. سمان دور 2. ڪلهوڙا دور 3. مغل دور

س25: مورڙي مانگر مڇ واري قصي کي تمثيلي طور سڀ کان اول ڪنهن ڳايو؟
ج: 1. شيخ ڀرڙ 2. مخدوم نوح 3. شيخ عبدالجليل چوهڙ

س26: مخدوم بلاول ڪهڙي دور جو عالم هو؟
ج: 1. عرب دور 2. سومرا دور 3. سمان دور

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س27: شيخ ڀرڳ جو شعر ڪهڙي ڪتاب مان مليو؟

ج: 1. بيان العارفين 2. مقالات الشعرا 3. رسالو ڀرڳ

س28: سنڌي بيت جي ارتقا ڪهڙي دؤر کان ٿي؟

ج: 1. ڪلهوڙا دؤر 2. ٽالپر دؤر 3. سمان دؤر

س29: قاضي قادن جا هندستان مان ڪنهن بيت هٿ ڪيا؟

ج: 1. گوبند مالهي 2. هيرو ٺڪر 3. اي جي اتمچنداڻي

س30: هيرو ٺڪر هرياڻا مان قاضي قاضن جا ڪيترا بيت هٿ ڪيا؟

ج: 1. 92 2. 90 3. 100

س31: سمن کان پوءِ سنڌ تي ڪنهن حڪمراني ڪئي؟

ج: 1. ارغونن 2. ترخانن 3. مغلن

س32: ارغونن جي حڪمراني جو دؤر ڪڏهن کان ڪيستائين هو؟

ج: 1. 1550ع کان 1555ع 2. 1521ع کان 1555ع 3. 1530ع کان 1555ع

س33: ارغون سنڌ تي ڪٿان آيا هئا؟

ج: 1. قنڌار 2. ايران 3. عربستان

س34: مخدوم بلاول کي ڪهڙي دؤر ۾ گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو؟

ج: 1. سمان دؤر 2. ڪلهوڙا دؤر 3. ارغون دؤر

س35: ارغونن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ پهريون ڪهڙو مشهور سورمو شهيد ٿيو؟

ج: 1. دريا خان 2. هوشو شهيد 3. شهيد شاهه عنايت

س36: ارغون دؤر ۾ سنڌ جي سرڪاري زبان ڪهڙي هئي؟

ج: 1. عربي 2. فارسي 3. سنڌي

س37: ڪافين ڳائڻ جا ابتدائي اهڃاڻ ڪهڙي دؤر کان ملن ٿا؟

ج: 1. سومرا دؤر کان 2. سمان دؤر کان 3. ارغون دؤر کان

س38: قاضي قاضن سمان دؤر سان گڏ ڪهڙي ٻي دؤر جو وڏو شاعر سڏجي ٿو؟

ج: 1. ارغون دؤر 2. سومرا دؤر 3. ترخان دؤر

س39: قاضي قاضن کي ڪهڙي دؤر ۾ قضا القاضي (جج) مقرر ڪيو ويو؟

ج: 1. ارغون دؤر 2. سمان دؤر 3. سومرا دؤر

س40: ڪهڙي ارغون حڪمران قاضي قاضن کي قضا القاضي مقرر ڪيو؟

ج: 1. مرزا شاهه حسن 2. مرزا شاهه بيگ 3. مرزا قليچ بيگ

س41: تعليمي ماهر ۽ نثر نگار مخدوم محمد جعفر بوبڪائي ڪهڙو ڪتاب لکيو؟

ج: 1. چچ نامو 2. عهد نامو 3. حق المعقود في الفلاق مستود

س42: مخدوم محمد جعفر بوبڪائي ڪهڙي دؤر سان تعلق رکي ٿو؟

ج: 1. ارغون دؤر 2. ترخان دؤر 3. سمان دؤر

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س43: قاضي قاضن شاعري کان علاوه ڇا ۾ وڏي اهميت رکندڙ هو؟
ج: 1. راڳي 2. جج 3. تاريخدان

س44: ڪتاب "سنڌ ارغونن جي دؤر ۾" ڪنهن جو لکيل آهي؟
ج: 1. ڊاڪٽر مبارڪ علي 2. ڪريم بخش خالد
3. اڪرام ساگر عباسي

س45: مخدوم نوح ڪهڙي دؤر جو مشهور بزرگ ۽ شاعر هو؟
ج: 1. سمان دؤر 2. ارغون ترخان دؤر 3. ڪالهوڙا دؤر

س46: شعر "پيئي ڇا پريات، ساماڪ ۾ پانهو ماٺيا" ڪنهن جو آهي؟
ج: 1. قاضي قاضن 2. مخدوم نوح 3. شاهه عبداللطيف ڀٽائي

جواب:

1. قاضي قادن
2. سمن
3. 1352ع
4. 1520ع
5. سمان دؤر
6. سمان دؤر
7. سمان دؤر
8. تحفة الڪرام
9. نوري ڄام تماچي
10. قاضي قاضن
11. الف اشباع
12. ست
13. قاضي قادن
14. شيخ حماد جمالي
15. سمان دؤر
16. ابن بطوطه
17. عبدالرحمان
18. سمان دؤر
19. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو
20. 170 سال
21. 1368ع
22. مڪلي
23. قاضي قاضن
24. سمان دؤر
25. شيخ عبدالجليل چوهڙ
26. سمان دؤر
27. بيان العارفين
28. سمان دؤر
29. هيرو لکڙ
30. 100
31. ارغونن
32. 1521ع کان 1555ع
33. قنڌار
34. ارغون دؤر
35. دريا خان
36. فارسي
37. ارغون دؤر کان
38. ارغون دؤر
39. ارغون دؤر
40. مرزا شاهه بيگ
41. حق العلوم في الطلاق ستوده
42. ارغون دؤر
43. جج
44. اڪرام ساگر عباسي
45. ارغون ترخان دؤر
46. مخدوم نوح

http://soorihsindhiadab.website.2.me

شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو دؤر

س1: شاهه ڪريم ڪهڙي سن عيسوي ۾ ڄائو؟
ج: 1. 1538ع ۾ 2. 1530ع ۾ 3. 1550ع ۾

س2: ڪهڙن ٻن شاعرن شاهه ڪريم جو رسالو شايع ڪرايو؟
ج: 1. مرزا قليچ بيگ (رسالو ڪريمي)
2. علامه دائود پوٽا (شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام)
3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (شاهه ڪريم جو رسالو)

س3: شاهه ڪريم جو مزار ڪٿي آهي؟
ج: 1. ڀٽ شاهه ۾ 2. سيوهڻ ۾ 3. بلڙي شريف ۾

س4: ارغونن کان پوءِ سنڌ تي ڪنهن حڪمراني ڪئي؟
ج: 1. ترخانن 2. مغلن 3. ڪلهوڙن

س5: ترخانن جي دؤر ۾ سنڌ جي دفتري ٻولي ڪهڙي هئي؟
ج: 1. سنڌي 2. عربي 3. فارسي

س6: شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ڪهڙي حڪومتي دؤر سان تعلق رکي ٿو؟
ج: 1. ترخانن جو دؤر 2. مغلن جو دؤر 3. ڪلهوڙن جو دؤر

س7: ترخان جي دؤر ۾ تصوف جو سڀ کان وڏو پرچاري شاعر ڪير هو؟
ج: 1. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو 2. شاهه عبداللطيف ڀٽائي
3. سچل سرمست

س8: مخدوم نوح جو پورو نالو ڇا هو؟
ج: 1. مخدوم عبدالله نوح 2. مخدوم لطف الله نوح 3. مخدوم عبدالوهاب نوح

س9: مخدوم نوح ڪهڙي زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو؟
ج: 1. سنڌي 2. سرائيڪي 3. فارسي

س10: ڪتاب "مخدوم نوح جا سهيوڳي" ڪنهن جو لکيل آهي؟
ج: 1. غلام علي الانا 2. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
3. پروفيسر محبوب علي چنا

س11: شاهه عبدالڪريم جي زندگيءَ جو حال احوال ۽ شاعري ڪهڙي ڪتاب ۾ ملي ٿي؟
ج: 1. تحفته الڪرام 2. بيان العارفين في التنبيه الغافلين 3. چچ نامه

س12: شاهه ڪريم کي شاهه لطيف جو ڇا ڇيو وينندو آهي؟
ج: 1. مبشر 2. همر عصر 3. پيشرو

س13: شاهه عبدالڪريم جي مزار تي مقبرو ڪنهن جو ٺهرايو؟
ج: 1. ميان يار محمد ڪلهوڙو 2. شاهه بيگ ارغون 3. شاهه عبداللطيف ڀٽائي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س14: شاهه ڪريم جي شاعري تي ڪهڙي زبان جو اثر اچي ٿو؟
ج: 1. عربي 2. فارسي 3. هندي

س15: شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو ڪهڙي شهر ۾ پيدا ٿيو؟
ج: 1. ڀٽ شاهه 2. مٽياري 3. هالا

س16: شاهه ڪريم جي زندگي ۽ شاعري تي لکيل ڪتاب "بيان العارفين" ڪهڙي مريد لکيو؟
ج: 1. ميان محمد رضا 2. شاهه عبداللطيف ڀٽائي 3. مير فاضل بکري

س17: شاهه عبدالڪريم جي والد جو نالو ڇا هو؟
ج: سيد لعل محمد شاهه 2. سيد عبدالرهاب 3. سيد ڏنل شاهه

س18: بيان العارفين جي تدوين جي سلسلي ۾ ڪهڙي عالم ڀي ايڇ ڊي ڪئي آهي؟
ج: 1. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو 2. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي
3. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

س19: رسالي ڪريمي جو ليکڪ ڪير آهي؟
ج: 1. شاهه عبدالڪريم 2. مرزا قليچ بيگ 3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

س20: ڪتاب "ڪريم جو ڪلام" جو ليکڪ ڪير آهي؟
ج: 1. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 2. ميمڻ عبدالغفور سنڌي
3. مرزا قليچ بيگ

س21: ترخانن کانپوءِ سنڌ تي ڪنهن حڪمراني ڪئي؟
ج: 1. ڪلهوڙن 2. مغلن 3. ٽالپرن

س22: مغلن سنڌ تي ڪڏهن کان ڪيستائين حڪمراني ڪئي؟
ج: 1. 1902ع کان 1947ع تائين 2. 1592ع کان 1700ع تائين
3. 1700 کان 1805ع تائين

س23: مغلن جي ڪهڙي حاڪم سنڌ کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو؟
ج: 1. همايون بادشاهه 2. اڪبر بادشاهه 3. شاهجهان

س24: ڪهڙي مغل سپهه سالار سنڌ کي فتح ڪيو؟
ج: 1. خسرو چرڪس 2. اعظم خان 3. هلاڪو خان

س25: اڪبر بادشاهه ڪٿي پيدا ٿيو هو؟
ج: 1. عمرڪوٽ 2. سيوهڻ 3. سکر

س26: مغل دؤر ۾ سنڌ جي دفتري زبان ڪهڙي هئي؟
ج: 1. سنڌي 2. عربي 3. فارسي

س27: ميون شاهه عنايت رضوي ڪهڙي دؤر جو مشهور شاعر آهي؟
ج: 1. مغل دؤر 2. ترخان دؤر 3. ڪلهوڙا دؤر

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س28: صوفي شاهه عنايت شهيد ڪهڙي دؤر جو صوفي عالم ۽ شاعر هو؟
ج: 1. ترخان دؤر 2. مغل دؤر 3. ڪلهوڙا دؤر

س29: صوفي شاهه عنايت کي ڪهڙي دؤر ۾ شهيد ڪيو ويو؟
ج: 1. مغل دؤر 2. ٽالپر دؤر 3. سمان دؤر

س30: هي شعر ڪنهن سان منسوب آهي؟

سر در قدم یار فدا شد چه بجا شد
این بار گران بود ادا شد چه بجا شد

ج: 1. ميون شاهه عنايت 2. شهيد شاهه عنايت 3. قلندر شهباز

س31: مغل دؤر ۾ سنڌ جو سڀ کان وڏو شاعر ڪير هو؟
ج: 1. قاضي قاضن 2. ميون شاهه عنايت رضوي 3. لطف الله قادري

س32: شاعري جي صنف وائي ڪهڙي دؤر جي پيداوار آهي؟
ج: 1. مغل دؤر 2. سمان دؤر 3. سومرا دؤر

س33: شاهه لطف الله قادري ڪهڙي دؤر سان تعلق رکي ٿو؟
ج: 1. ٽالپر دؤر 2. ڪلهوڙا دؤر 3. مغل دؤر

س34: ڪتاب تحفة السالڪين ڪنهن جو لکيل آهي؟
ج: 1. مخدوم ابو الحسن ٺٽوي 2. لطف الله قادري
3. مرزا قليچ بيگ

س35: تصوف تي لکيل ڪتاب منهاج المعرفت ڪنهن جو لکيل آهي؟
ج: 1. مرزا قليچ بيگ 2. شاهه لطف الله قادري 3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

س36: پهرين سنڌي صورتخطي ڪنهن تيار ڪئي؟
ج: 1. مخدوم ابوالحسن 2. شاهه لطف الله قادري 3. شاهه عنايت رضوي

س37: ڪتاب مظهر شاهه جهاني ڪنهن لکيو آهي؟
ج: 1. ميرڪ يوسف 2. فاضل بکري 3. مير معصوم بکري

س38: مظهر شاهجهاني ڪتاب ڪهڙي ٻولي ۾ لکيو ويو؟
ج: 1. فارسي 2. عربي 3. سنڌي

س39: شاهه لطف الله قادري جو تعلق ڪهڙي شهر سان هو؟
ج: 1. اگهم ڪوٽ 2. خيرپور 3. سکر

س40: شاهه لطف الله قادري جا تصوف تي لکيل ڪتاب منهاج المعرفت ۽ تحفة السالڪين ڪهڙي ٻولي ۾ لکيل آهن؟
ج: 1. فارسي 2. عربي 3. سنڌي

س41: ڪتاب "سنڌي رسالو" ڪنهن جي شاعري جو ڪتاب آهي؟
ج: 1. شمشير الحيدري 2. تنوير عباسي 3. شاهه لطف الله قادري

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س42: "شاهه لطف الله قادري جو ڪلام" ڪهڙي سال ۾ لکيو ويو؟
ج: 1. 1968ع 2. 1970ع 3. 1980ع

س43: ڪتاب "شاهه لطف الله قادري جو ڪلام" ڪنهن جو لکيل آهي؟
ج: 1. ڊاڪٽر غلام علي الانا 2. ڊاڪٽر غفور ميمڻ 3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

س44: سنڌي الف ب جي موجد مخدوم ابوالحسن جو تعلق ڪهڙي شهر سان هو؟
ج: 1. حيدرآباد 2. بکر 3. ٺٽو

س45: سنڌي زبان ۾ سڀ کان پهرين ڪهڙو ڪتاب لکيو ويو؟
ج: 1. تحفة الڪرام 2. نهج البلاغ 3. مقدمة الصلواة

س46: مقدمة الصلواة ڪنهن جو لکيل آهي؟
ج: 1. شاهه لطف الله قادري 2. مخدوم ابوالحسن ٺٽوي
3. مخدوم نوح

س47: مخدوم ابو الحسن ڪهڙي سال ۾ مقدمة الصلواة لکيو؟
ج: 1. 1750ع 2. 1700ع 3. 1703ع

س48: مخدوم ابوالحسن ٺٽوي ڪهڙي رسم الخط ۾ سنڌي سورتخطي ايجاد ڪئي؟
ج: 1. عربي 2. ديوناگري 3. هندي

س49: مخدوم ابوالحسن ٺٽوي جي مزار ڪٿي آهي؟
ج: 1. ڳوٺ خدا بخش 2. سيوهڻ 3. مڪلي

س50: مخدوم ابوالحسن ماهر لسانيات کان علاوه ڇا هو؟
ج: 1. ڪهاڻيڪار 2. ماهر طبيعات 3. ماهر تعليم

س51: ميون شاهه رضوي ڪهڙي سن ۾ ڄائو؟
ج: 1. 1644ع 2. 1660ع 3. 1600ع

س52: ميون شاهه عنايت رضوي ڪٿان جو رهاڪو هو؟
ج: 1. ٽکياري 2. عمرڪوٽ 3. نصرپور

س53: ميون شاهه عنايت رضوي جي وفات جو سال ڪهڙو آهي؟
ج: 1. 1700ع 2. 1713ع 3. 1750ع

س54: ميون شاهه عنايت رضوي جي والد جو نالو ڇا هو؟
ج: 1. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو 2. سيد نصير الدين شاهه
3. شاهه حبيب

س55: ميون شاهه عنايت شاعري جي ڪهڙي صنف ايجاد ڪئي؟
ج: 1. غزل 2. ڪافي 3. وائي

س56: شاهه عنايت پنهنجي وائي کي ڇا سڏيو آهي؟
ج: 1. مرثيو 2. ڪافي 3. مولود

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س57: مولود صنف ڪنهن ايجاد ڪئي؟
ج: 1. ميرن شاهه عنايت رضوي 2. شاهه عبداللطيف ڀٽائي
3. مخدوم بلاول

س58: ميرن شاهه عنايت رضوي جو ڪلام ڪنهن ترتيب ڏنو؟
ج: 1. علامه آءِ آءِ قاضي 2. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو 3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

س59: ميرن شاهه عنايت جو ڪلام ڪهڙي سال ۾ ترتيب ڏنو ويو؟
ج: 1. 1963ع 2. 1970ع 3. 1955ع

س60: شاهه عنايت رضوي ڇا جو شوقين هو؟
ج: 1. سير و سفر جو 2. درس تدريس جو 3. راڳ رنگ جو

س61: شاهه عنايت رضوي ڪنهن جو همعصر هو؟
ج: 1. شاهه عبداللطيف ڀٽائي 2. شاهه عبدالڪريم 3. قاضي قاضن

س62: شاهه عنايت رضوي جي ڪلام ۾ ڪيترا سُر آهن؟
ج: 1. 22 2. 30 3. 25

س63: شاهه عنايت رضوي جي ڪلام ۾ ڪيتريون وايون آهن؟
ج: 1. 44 2. 55 3. 60

س64: شاهه عنايت جي ڪلام ۾ ڪيترا بيت آهن؟
ج: 1. 400 2. 500 3. 600

س65: شاهه عنايت رضوي جي ساڳي نالي وارو ڪهڙو بزرگ سنڌس هم عصر آهي؟
ج: 1. شاهه عنايت شهيد جهوڪ وارو 2. شاهه عنايت بخاري
3. عنايت علي شاهه

س66: ڄام ڪيڙي سر ڪاٽي نظريو ڪنهن ڏنو؟
ج: 1. شاهه عنايت رضوي 2. شهيد شاهه عنايت 3. شاهه عبداللطيف ڀٽائي

س67: سنڌ ۾ مغلن جي حڪمراني جو دور ڪهڙي سال ۾ پڄاڻي تي پهتو؟
ج: 1. 1700ع 2. 1712ع 3. 7150ع

س68: مغلن سنڌ تي ڪيترا سال حڪمراني ڪئي؟
ج: 1. 112سال 2. 108 سال 3. 110سال

جواب:
1. 1538ع ۾
2. (1) مرزا قليچ بيگ (رسالو ڪريمي)
(2) علامه دائود پوٽا (شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام)
3. بلڙي شريف ۾
4. ترخانن
5. فارسي
6. ترخانن جو دور
7. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو
8. مخدوم لطف الله تري

http://soorihsindhiadab.website.2.me

9. فارسي
10. پروفيسر محبوب علي چنڊ
11. بيان العارفين في التنبيه الغافلين
12. مبشر
13. شاهه عبداللطيف ڀٽائي
14. فارسي
15. مٽياري
16. ميان محمد رضا
17. سيد لعل محمد شاهه
18. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
19. مرزا قليچ بيگ
20. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
21. مغل
22. 1592ع کان 1700ع تائين
23. اڪبر بادشاهه
24. خسرو چرڪس
25. عمر ڪوٽ
26. فارسي
27. مغل دور
28. مغل دور
29. مغل دور
30. شهيد شاهه عنايت
31. ميرن شاهه عنايت رضوي
32. مغل دور
33. مغل دور
34. لطف الله قادري
35. شاهه لطف الله قادري
36. مخدوم ابوالحسن
37. ميرڪ يوسف
38. فارسي
39. اگهمر ڪوٽ
40. فارسي
41. شاهه لطف الله قادري
42. 1968ع
43. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
44. نثر
45. مقدمة الصلوٰة
46. مخدوم ابوالحسن ٺٽوي
47. 1703ع
48. عربي
49. مڪلي
50. ماهر تعليم
51. 1644ع
52. نصرپور
53. 1713ع
54. سيد نصير الدين شاهه
55. وائي
56. مولود
57. ميون شاهه عنايت رضوي
58. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
59. 1963ع
60. راڳ رنگ جو
61. شاهه عبداللطيف ڀٽائي
62. 22
63. 44
64. 500
65. شاهه عنايت جهوڪ وارو
66. شهيد شاهه عنايت
67. 1700ع
68. 108 سال

http://soorihsindhiadab.website.2.me

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو دؤر

س1: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو جنم ڪهڙي دؤر ۾ ٿيو؟

ج: 1. ڪلهوڙا دؤر 2. مغل دؤر 3. ترخان دؤر

س2: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪهڙي سن عيسوي ۾ پيدا ٿيو؟

ج: 1. 1660ع 2. 1689ع 3. 1695ع

س3: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪٿي پيدا ٿيو؟

ج: 1. مٽياري 2. هالا 3. ڀيٽن پور

س4: شاهه عبداللطيف جي والد جو نالو ڇا هو؟

ج: 1. شاهه عبدالڪريم 2. شاهه عبدالله 3. شاهه حبيب

س5: شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو شاهه عبداللطيف جو ڇا لڳندو هو؟

ج: 1. ترڏاڏو 2. پڙ ڏاڏو 3. ڏاڏو

س6: شاهه عبداللطيف جي شادي ڪهڙي سن ۾ ٿي؟

ج: 1. 1713ع ۾ 2. 1720ع ۾ 3. 1715ع ۾

س7: شاهه عبداللطيف جي شادي وقت عمر ڪيتري هئي؟

ج: 1. 39 سال 2. 35 سال 3. 40 سال

س8: شاهه عبداللطيف جي والده جو ڪهڙي خاندان سان تعلق هو؟

ج: 1. مخدوم قياتي خاندان سان 2. مخدوم نوح خاندان سان
3. مخدوم بلاول خاندان سان

س9: شاهه صاحب ڪنهن جي ڌيءُ سان شادي ڪئي؟

ج: 1. مرزا مغل بيگ 2. مرزا قليچ بيگ 3. مرزا نصير بيگ

س10: قرآن مجيد، شاهه عبدالڪريم جو رسالو ۽ مثنوي رومي ڪنهن وٽ اڪثر ساڻ هوندي هئي؟

ج: 1. شاهه لطيف 2. سچل سرمست 3. مخدوم بلاول

س11: شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي ڪهڙي دور جو شاعر چيو ويندو آهي؟

ج: 1. مغل دؤر 2. ڪلهوڙا دؤر 3. ٽالپر دؤر

س12: ڪلهوڙن جي سنڌ تي حڪمراني ڪهڙي سال کان شروع ٿي هئي؟

ج: 1. 1700ع کان 2. 1712ع کان 3. 1750ع کان

س13: شاهه عنايت جي سر جو سودو ڪهڙي ڪلهوڙي مغلن سان ڪيو؟

ج: 1. ميان الياس 2. ميان يار محمد 3. ميان نور محمد ڪلهوڙي

س14: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي شهادت ڪنهن جي دؤر ۾ ٿي؟

ج: 1. سمن جي دؤر ۾ 2. ارغونن جي دؤر ۾ 3. ڪلهوڙن جي دؤر ۾

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س15: ڪلهوڙن جي دؤر کي سنڌي ادب جو ڪهڙو دؤر چيو وڃي ٿو؟
ج: 1. سونهري 2. بنيادي 3. ارتقائي

س16: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دؤر ۾ سنڌ جي سرڪاري زبان ڪهڙي هئي؟
ج: 1. سنڌي 2. عربي 3. فارسي

س17: ڪلهوڙا حڪمران ڪهڙي زبان ۾ لکپڙهه ڪندا هئا؟
ج: 1. فارسي 2. عربي 3. سنڌي

س18: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪهڙي ٻولي ۾ شاعري ڪئي؟
ج: 1. سنڌي 2. عربي 3. فارسي

س19: شاهه عبداللطيف ڪهڙي صنف ۾ وڌيڪ شاعري ڪئي؟
ج: 1. وائي 2. ڪافي 3. بيت

س20: سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪهڙو دؤر عوامي شاعري جو دؤر چيو وڃي ٿو؟
ج: 1. سومرن جو 2. سمن جو 3. ڪلهوڙن جو

س21: ڪربلا جي قصي ڪهڙي دؤر ۾ سنڌي ادب ۾ مستقل جڳهه والاري؟
ج: 1. ڪلهوڙن جو دؤر 2. عربن جو دؤر 3. سمن جو دؤر

س22: سنڌي عروضي شاعري جو ارتقائي دؤر ڪهڙي دؤر کي چيو وڃي ٿو؟
ج: 1. شاهه لطيف جو دؤر 2. شيخ اياز جو دؤر 3. قاضي قاضن جو دؤر

س23: مخدوم عبدالرئوف ڀٽي ڪنهن جو هم عصر آهي؟
ج: 1. شاهه عبداللطيف 2. شاهه عبدالڪريم 3. ميون شاهه عنايت

س24: مخدوم عبدالرئوف ڀٽي ڪهڙي صنف جو شاعر آهي؟
ج: 1. مولود 2. ڪافي 3. بيت

س25: چمن چارڻ جو تعلق ڪهڙي حڪومتي دؤر سان آهي؟
ج: 1. ڪلهوڙن جو دؤر 2. سمن جو دؤر 3. ٽالپرن جو دؤر

س26: مخدوم محمد زمان لنواري واري جو تعلق ڪهڙي دؤر سان آهي؟
ج: 1. ڪلهوڙا 2. سما 3. سومرا

س27: مخدوم محمد زمان جو سنڌي ڪلام ڪيترن بيتن تي مشتمل آهي؟
ج: 1. 84 2. 90 3. 100

س28: مشهور لوڪ سگهڙ ڄلال ڪتي ۽ صابر موچي ڪهڙي دؤر سان تعلق رکن ٿا؟
ج: 1. شاهه ڪريم جو دؤر 2. قاضي قاضن جو دؤر
3. شاهه لطيف جو دؤر

س29: شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجو ڪلام ڪهڙي ڍنڍ ۾ اڇلايو هو؟
ج: 1. ڪنل ڍنڍ 2. ڪينجهر ڍنڍ 3. ڪراڙ ڍنڍ

س30: شاهه لطيف جو ڪلام بعد ۾ ڪنهن وٽان هٿ ڪيو ويو؟
ج: 1. مائي مرڪان شيدياڻي 2. مليائي نعمت 3. مليائي ملوڪان

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س31: ڪلهوڙن جي دور جو سڀ کان مشهور عالم اديب ڪير هو؟
ج: 1. مخدوم هاشم ٺٽوي   2. مخدوم ابو الحسن ٺٽوي   3. عطا موسوي

س32: ڪهڙي ڪلهوڙي حڪمران، شاهه صاحب جي مزار تي مقبرو جوڙايو؟
ج: 1. ميان يار محمد ڪلهوڙو   2. ميان غلام شاهه ڪلهوڙو
3. ميان خدابخش ڪلهوڙو

س33: شاهه صاحب سامين، جوڳين ۽ ڪاپڙين سان گڏ ڪهڙو سفر ڪيو؟
ج: 1. هنگلاج   2. مڪو شريف   2. لاهوت

س34: شاهه صاحب جي زماني ۾ ڪهڙي ٻاهرين حڪمران سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي؟
ج: 1. اڪبر   2. اورنگزيب   3. نادر شاهه

س35: ان هستيءَ جو نالو ٻڌايو جنهن جي شهادت شاهه صاحب جي حياتيءَ ۾ ٿي؟
ج: 1. هوشو   2. دودو   3. شاهه عنايت جهوڪ شريف وارو

س36: شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي؟ لعا ڳالهه سڀ کان پهرين ڪهڙي عالم ثابت ڪئي؟
ج: 1. ارنيسٽ ٽرمپ   2. ڊاڪٽر گربخشاڻي   3. جارج اسٽيڪ

س37: شاهه جو رسالو سڀ کان پهريون ڪنهن ڇپرائي پڌرو ڪيو؟
ج: 1. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ   2. ايچ ٽي سورلي   3. سر ڪلريس

س38: شاهه لطيف جي زندگيءَ جو احوال سڀ کان اڳ ڪهڙي ڪتاب مان ملي ٿو؟
ج: 1. تحفة الڪرام   2. معارف الانوار   3. مقالات شعرا

س39: شاهه صاحب کي جنهن عورت سان ويهن سالن جي عمر ۾ عشق لڳو، ان جو نالو ٻڌايو؟
ج: 1. سعيده بيگم   2. شهربانو   3. راڻي سلطانه

س40: شاهه صاحب جو مقبرو ڪهڙي رازي ٺاهيو هو؟
ج: 1. عيدن رازو   2. عبدالله رازو   3. سليمان رازو

س41: شاهه لطيف ڪيتري عمر ۾ وفات ڪئي؟
ج: 1. 60سال   2. 63 سال   3. 70سال

س42: ميرن جي صاحبي ۾ شاهه سائين جي مقبري جي مرمت ڪهڙي حڪمران ڪرائي؟
ج: 1. مير نصير خان ٽالپر   2. مير ڪرم علي خان ٽالپر
3. مير محمد نور محمد خان ٽالپر

س43: شاهه لطيف جي مزار تي خاص طور تي ڪهڙي رات جو راڳ ٿيندو آهي؟
ج: 1. سومر رات   2. اڱاري رات   3. جمعي جي رات

س44: شاهه سائين تنبوري ۾ ڪهڙي راند جو شوقين هو؟
ج: 1. ملهه   2. وٽجهوٽي   3. گرڪشان

س45: موسيقي جو ڪهڙو ساز شاهه لطيف پاڻ ايجاد ڪيو؟
ج: 1. چڀڙي   2. تنبورو   3. دهل

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س46: ان هندو شاعر جو نالو ٻڌايو، جنهن سان شاهه لطيف جي گهري دوستي هئي؟
ج: 1. سامي 2. مدن ڀڳت 3. صوفي دلپت

س47: شاهه لطيف سڀ کان اول ڪنهن جو سفر ڪيو هو؟
ج: 1. گنجي ٽڪر جو 2. هنگلاج جو 3. لاهوت جو

س48: 1740ع ۾ شاهه سائين جوڳين سان گڏ ڪيڏانهن سفر تي روانو ٿيو؟
ج: 1. لاهوت 2. ڪوهستان 3. هنگلاج

س49: ڪهڙي شاعر کي ٺيٺ سنڌي راڳ جو بانيڪار چيو وڃي ٿو؟
ج: 1. شاهه ڪريم 2. شاهه عنايت 3. شاهه لطيف

س50: ڪهڙي بزرگ جو شاهه صاحب مريد ٿيڻ لاءِ سوچيو هو؟
ج: 1. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي 2. مخدوم محمد زمان لنواري وارو
3. مخدوم نوح سرور

س51: ان ونڌ جو نالو ٻڌايو، جنهن سان شاهه صاحب کي بي حد محبت هئي هو؟
ج: 1. ڪراڙ 2. منڇر 3. ڪينجهر

س52: شاهه سائين جي انهن سورمين جا نالو ٻڌايو جن جو تعلق عمرڪوٽ سان هو؟
ج: 1. مومل 2. مارئي 3. سهڻي

س53: لطيف سائين جي ان همعصر جو نالو ٻڌايو، جيڪو مولودن جو وڏو شاعر ۽ ڳائيندڙ هو؟
ج: 1. ميان صاحب ڏنو فاروقي 2. روحل فقير
3. مخدوم عبدالرؤف ڀٽي

س54: شاهه سائين جي ان همعصر شاعر جو نالو ٻڌايو، جيڪو ڪافيءَ جو بهترين شاعر هو؟
ج: 1. ميان صاحب ڏنو فاروقي 2. مدن ڀڳت 3. تمر فقير

س55: لطيف سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ گهڻو ڪنهن کي ڪوٺيو آهي؟
ج: 1. مومل کي 2 سومل کي 3 ماروي کي

س56: لطيف سائين سنڌ جي ڪهڙن حاڪمن جي دور کي سونهري دور سڏيو آهي؟
ج: 1. سومرا ۽ سما 2. سما ۽ ارغون 3. ارغون ۽ ترخان

س57: ڪئمبرج يونيورسٽي مان شاهه لطيف پڙهائيءَ تي پي ايڇ ڊي ڪندڙ خاتون جو نالو ٻڌايو؟
ج: 1. فهميده حسين 2 درشهوار سيد 3. مهتاب محبوب

س58: شاهه جي رسالي "گنج" جو پراڻو نسخو ڪهڙي سن ۾ لکيو ويو؟
ج: 1. 1770ع ۾ 2. 1800ع ۾ 3. 1792ع ۾

س59: صوفي شاهه عنايت شهيد جو ذڪر شاهه سائين پنهنجي ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي.
ج: 1. سر رامڪلي 2. سر ڏهر 3. سر حسيني

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س60: شاهه لطيف پنهنجي ڪهڙن سُرن ۾ سير ۽ سفر جو ذڪر ڪيو آهي؟
ج: 1. سر ڪاهوڙي 2. سر رامڪلي 3. اٿين ئي ٻنهي ۾

س61: نانگ ۽ بلائن جو ذڪر شاهه سائين جي ڪهڙي سر ۾ گهڻو ملي ٿو؟
ج: 1. سر ڪاهوڙي 2. سرکوهياري 3. سر ڪارايل

س62: سنڌي ادب جي اُنهن عالمن ۽ شاعرن جا نالا ٻڌايو، جيڪي شاهه لطيف جي ارد گرد دفن ٿيل آهن؟
ج: 1. علامه عمر بن دائود پوٽو 2. شيخ اياز 3. اهي ٻئي

س63: "لطائف لطيفي" ڪنهن جو لکيل ڪتاب فارسي زبان ۾ آهي؟
ج: 1. مير حسن خان 2. مير عبدالحسين سانگي 3. مير علي نواز

س64: "لطف لطيف" ڪنهن جو لکيل ڪتاب آهي؟
ج: 1. مولانا دين محمد وفائي 2. مير عبدالحسين سانگي
3. مرزا قليچ بيگ

س65: شاهه لطيف جا وڏا اصل ڪٿان جا رهاڪو هئا؟
ج: 1. دمشق 2. مڪو شريف 3. هرات

س66: شاهه لطيف جي ولادت کان پوءِ سندس والد شاهه حبيب ڪهڙي شهر ۾ لڏي آيو؟
ج: 1. ٿنڀو آدم 2. ٿنڀو الهيار 3. ڪوٽڙي

س67: شاهه لطيف جي شاعري ۾ ڪاڪ جو ذڪر ڪهڙي ڪهاڻي سان منسوب آهي؟
ج: 1. سسئي پنهون 2. مومل راڻو 3. نوري ڄام تماچي

س68: شاهه سائين جي شاعري ۾ ڪيچ جو ذڪر ڪهڙي قصي سان منسوب آهي؟
ج: 1. سسئي پنهون 2. مومل راڻو 3. عمر مارئي

س69: شاهه سائين جي شاعري ۾ ملير جو ذڪر ڪهڙي داستان سان منسوب آهي؟
ج: 1. ليلا ميجشن 2. سسئي پنهون 3. عمر مارئي

س70: شاهه سائين جي ڪهڙي فقير جو اولاد سندس درگاهه جي مجاوري ڪندو اچي ٿو؟
ج: 1. تمر فقير 2. وگڻ فقير 3. مدن پيگت

س71: شاهه لطيف جو ڪهڙي دور سان واسطو هو؟
ج: 1. مغل دور 2. ڪلهوڙا دور 3. ٽالپر دور

س72: ڪتاب مقالات الشعراء، جنهن ۾ شاهه سائين جو اوائلي احوال ملي ٿو، ان جي ليکڪ جو نالو ٻڌايو؟
ج: 1. مير فاضل بکري 2. مير علي شير قانع 3. ميان صابر الدين

س73: شاهه لطيف جي نالي پٺيان ڪهڙي شهر ۾ يونيورسٽي قائم ٿيل آهي؟
ج: 1. ڄامشورو 2. ڪراچي 3. خيرپور

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س74: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪٿي واقع آهي؟

ج: 1. ڪراچي يونيورسٽي 2. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي 3. سنڌ يونيورسٽي

س75: ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جرمني مان شاهه جو رسالو شايع ڪرايو. ان ۾ ڪل ڪيترا سر ڏنل آهن؟

ج: 1. 30 2. 25 3. 22

س76: "شاهه عبداللطيف سنڌي سماج جو محافظ آهي، سندس رسالو سنڌي سماج جو عڪس آهي". اهي لفظ ڪنهن جا چيل آهن؟

ج: 1. محمد ابراهيم جويو 2. عثمان علي انصاري 3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

س77: شاهه جو رسالو ڪهڙي سر کان شروع ٿئي ٿو؟

ج: 1. سارنگ 2. يمن ڪلياڻ 3. ڪلياڻ

س78: سر ڪاموڏ ۾ ڇا جو بيان آهي؟

ج: 1. نوري ڄام تماچي 2. مورڙو ميربحر 3. ڏوڏو چنيسر

س79: سر ليلا چنيسر ۾ ٽيون ڪردار ڪنهن جو آهي؟

ج: 1. مينڌرو 2. ڪونرو 3. هوتي خان

س80: "پيغام لطيف" ڪنهن جو لکيل ڪتاب آهي؟

ج: 1. تنوير عباسي 2. حافظ احسن چنا 3. جي ايم سيد

س81: "سانئيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار" ڪهڙي سر مان ڪنيل شعر آهي؟

ج: 1. ڪلياڻ 2. سارنگ 3. ڪاموڏ

س82: ڪهڙي سر ۾ مورڙي ميربحر جو ذڪر آهي؟

ج: 1. ڪاموڏ 2. ڏهر 3. گهاتو

س83: شاهه جي رسالي ۾ طنز و مزاح وارو ڪلام ڳنڍ فقير بابت بيان ڪهڙي سر ۾ آيل آهي؟

ج: 1. بلاول 2. ڪنڀات 3. ڪاهوڙي

س84: "شاهه جون سورميون" ڪنهن جو لکيل ڪتاب آهي؟

ج: 1. علي نواز جتوئي 2. لعلچند امرڏنومل 3. تاراچند داس پنياڻي

س85: مرڪيءَ ۽ مهارت جو تصور ڪهڙي سُر ۾ آهي؟

ج: 1. ڪلياڻ 2. يمن ڪلياڻ 3. گهاتو

س86: ڪونج ۽ ماريءَ جو ذڪر ڪهڙي سر ۾ آهي؟

ج: 1. گهاتو 2. ڏهر 3. ڪنڀات

س87: شاهه جي رسالي ۾ گهٽ بيتن وارو ڪهڙو سر آهي؟

ج: 1. ڪلياڻ 2. بلاول 3. حسيني

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س88: شاھ سائين چنڊ، سج، تارن، ڪڪرن ۽ چانڊوڪيءَ جو ذڪر ڪھڙي سر ۾ ڪيو آھي؟
ج: 1. ڪنڀات 2. سارنگ 3. گھاتو

س89: شاھ لطيف جي مجازي عشق واري ڪيفيت ۾ ڪھڙو سر پاڻ ڀڄي ٿو؟
ج: 1. سر مارئي 2. سر ڪنڀات 3. سر سارنگ

س90: سر ڪليان جو مک موضوع ڇا آھي؟
ج: 1. وحدانيت 2. فنا 3. اھي ٻئي

س91: ارنيسٽ هيمنگوي جي مشھور ناول "پوڙھو ۽ سمنڊ" جي هيرو سانتياگو جي ڪردار کي شاھ جي ڪھڙي سورمي سان ڀيٽيو ويندو آھي؟
ج: 1. پتر ريدام 2. پنھون 3. موروڙو ميربحر

س92: ڪلاچيءَ جي ڪُن جو ذڪر شاھ صاحب ڪھڙي سر ۾ ڪيو آھي؟
ج: 1. سر گھاتو 2. سر آھر 3. سر ڪوھياري

س93: سر رپ کي ٻئي ڪھڙي نالي سان سڏيو ويندو آھي؟
ج: 1. ڪيچ 2. ڪاموڏ 3. پورب

س94: شاھ لطيف جي ڪھڙي سُر کي سُر ماتمي سڏيو ويندو آھي؟
ج: 1. سر حسيني 2. سر ڪيڏارو 3. سر ڪليان

س95: ڪليان لفظ جي معنيٰ ڇا آھي؟
ج: 1. ساراھ 2. الڪل ڪرڻ 3. سک خير

س96: شاھ سائين جي رسالي جو ڏکيءَ ۾ ڏکيو بيت ڪھڙي سر ۾ آھي؟
ج: 1. سر ڪليان 2. سر يمن ڪليان 3. سر سارنگ

س97: پٽ تي رکيل شاھ سائين جي ڪلام جي قديم نسخي گنج جو پھريون سر ڪھڙو آھي؟
ج: 1. سر ڪليان 2. سر يمن ڪليان 3. سر سسئي

س98: عالمن جي خيال موجب سر ڪنڀات، شاھ سائين ڪھڙي عمر ۾ چيو ھوندو؟
ج: 1. ٻالڪپڻ 2. جواني ۾ 3. وچولي عمر ۾

س99: سھڻي ڪھڙي شيءِ تي چڙھي ميھار سان ملڻ ويندي ھئي؟
ج: 1. ونڌي تي 2. لانچ تي 3. گھڙي تي

س100: سر معذوري ۾ ڪنھن جو ذڪر ٿيل آھي؟
ج: 1. سسئي پنھون 2. ليلا چنيسر 3. مومل راڻو

س101: سر ديسي ۾ ڪھڙو لوڪ قصو ڳايو ويو آھي؟
ج: 1. نوري ڄام تماچي 2. مومل ۽ سومل 3. سسئي پنھون

س102: سر ڪاھوڙي ۾ ڪنھن جو ذڪر ٿيل آھي؟
ج: 1. سيلاني فقيرن ۽ جوڳين جو 2. سخي مردن جو 3. ٻھادرن جو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

س103: ڪارايل ڪهڙي پکي کي چوندا آهن؟
ج: 1. مور 2. هنس 3. چڪور

س104: لطيف سائين ڄام ڄکري جي سخاوت ۽ بهادريءَ جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟
ج: 1. سر ڏهر 2. سر بلاول 3. سر کيڏارو

س105: شاهه سائين پنهنجي ڪهڙي سر ۾ نبي اڪرم ﷺ جي حسن اخلاق جو ذڪر ڪيو آهي؟
ج: 1. سر ڪلياڻ 2. سر يمن ڪلياڻ 3. سر ڪنڀات

س106: مقدم الصلوات جو ليکڪ ڪير آهي؟
ج: 1. مخدوم هاشم ٺٽوي 2. مولانا ابوالحسن ٺٽوي 3. مخدوم صدر الدين

س107: مخدوم هاشم ٺٽوي، مخدوم ضياءُ الدين ۽ مخدوم عبدالله ڪهڙي دور سان تعلق رکن ٿا؟
ج: 1. سومرا دور 2. سمان دور 3. ڪلهوڙا دور

س108: پهريون سنڌي ڪتاب ڪهڙي حڪومتي دور ۾ لکيو ويو؟
ج: 1. عربن جي دور 2. سمن جي دور 3. ڪلهوڙن جي دور ۾

س109: شاهه جي رسالي جو سرائيڪي ٻوليءَ ۾ منظوم ترجمو ڪنهن ڪيو؟
ج: 1. استاد بخاري 2. استاد لغاري 3. شيخ اياز

س110: شاهه جي رسالي جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪنهن ڪيو؟
ج: 1. شيخ اياز 2. شمشير الحيدري 3. نياز همايوني

س111: شاهه جي رسالي جو عربي ۾ ترجمو ڪنهن ڪيو؟
ج: 1. ڊاڪٽر رحيم سومرو 2. مولوي احمد ملاح 3. مرزا قليچ بيگ

س112: شاهه جو رسالو جرمن ٻوليءَ ۾ ڪنهن ترجمو ڪيو؟
ج: 1. وليم ورڊس ورٿ 2. گرٽي 3. اين ميري شمل

جواب:

1. مغل دور
2. 1689ع
3. پيٽن پور
4. شاهه حبيب
5. ٽو ٽاٽو
6. 1713ع ۾
7. 39 سال
8. مخدوم ٺياڻي خاندان سان
9. مرزا مغل بيگ
10. شاهه لطيف
11. ڪلهوڙا دور
12. 1700ع ڌاري
13. ميان يار محمد
14. ڪلهوڙن جي دور ۾
15. سونهري
16. فارسي

http://soorihsindhiadab.website.2.me

17. فارسي
18. سنڌي
19. بيت
20. ڪلهوڙن جو
21. ڪلهوڙن جو دؤر
22. شاهه لطيف جو دؤر
23. شاهه عبداللطيف
24. مولود
25. ڪلهوڙن جو دؤر
26. ڪلهوڙا
27. 84
28. شاهه لطيف جو دؤر
29. ڪرڙ ڍنڍ
30. ملياڻي نعمت
31. مخدوم هاشم ٺٽوي
32. مياں غلام شاهه ڪلهوڙو
33. هنگلاج
34. نادر شاهه
35. شاهه عنايت
36. جارج اسٽيڪ
37. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ
38. تحفة الڪرام
39. راڻي سلطان
40. عيدن راڄڙ
41. 63 سال
42. مير نصير خان ٽالپر
43. جمعي جي رات
44. ڪرڪمان
45. تنبورو
46. مدن ڀڳت
47. گنجي ٽڪر جو
48. لاهوت
49. شاهه لطيف
50. مخدوم محمد زمان لنواري وارو
51. ڪراڙ
52. مارئي
53. مخدوم عبدالرؤف ڀٽي
54. مياں صاحب ڏنو فاروقي
55. مومل کي
56. مومرا ۽ سما
57. در شهوار سيد
58. 1800 ع ۾
59. سر رامڪلي
60. انهن پنهي ۾
61. سُر ڪارايل
62. نعي پٽي
63. مير عبدالحسين سانگي
64. مولانا دين محمد وفائي
65. هرات
66. ڪوڙڙي
67. مومل راڻو
68. سسئي پنهون
69. عمر مارئي
70. تمر فقير
71. ڪلهوڙا دور
72. مير علي شير قانع
73. خيرپور
74. ڪراچي يونيورسٽي
75. 22
76. عثمان علي انصاري
77. ڪلياڻ
78. نوري ڄام تماچي
79. ڪنڊرو
80. جي ايم سيد
81. سارنگ
82. گهاتو
83. بلاول
84. نارائڻ داس ڀنڀاڻي
85. يمن ڪلياڻ
86. ٿر
87. حسيني
88. گهاتو

http://soorihsindhiadab.website.2.me

89. سر ڪنڀات
90. اهي پٽي
91. پنهورت
92. سر گهاتو
93. ڪيچ
94. سر کيڏارو
95. سنگ خير
96. سر سارنگ
97. سر سسئي
98. جوڻي پر
99. گهڙي تي
100. سسئي پنهون
101. سسئي پنهون
102. سهلائي فقيرن ۽ جوڳين جو
103. مور
104. سر بلاول
105. سر ڪنڀات
106. مولانا ابو الحسن ٺٽوي
107. ڪلهوڙا دور
108. ڪلهوڙن جي دور ۾
109. استاد لغاري
110. نياز همايوني
111. ڊاڪٽر رحيم سومرو
112. اين ميري شمل

http://soorihsindhiadab.website.2.me

سچل سرمست جو دؤر

س1: سچل سرمست جو اصل نالو ڇا هو؟
ج: 1. عبدالوهاب 2. عبدالرحيم 3. عبدالرحمان

س2: سچل سرمست جو شجرو حسب نسب جي لحاظ کان ڪهڙي خليفي سان ملي ٿو؟
ج: 1. حضرت ابوبڪرؓ 2. حضرت عمرؓ 3. حضرت عثمانؓ

س3: سچل سرمست ڪهڙي دؤر حڪومت جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي؟
ج: 1. ڪلهوڙا 2. مغل 3. ٽالپر

س4: سچل سرمست کي ڪهڙو شاعر چيو ويندو آهي؟
ج: 1. ٻولهر زبان 2. سوڏهر زبان 3. هفت زبان

س5: "مرن جيڪر ڪتو چاڙهيو ان جو ڏک هي چوکرو (سچل) لاهيندو" اهي لفظ سچل سرمست لاءِ ڪنهن چيا هئا؟
ج: 1. صوفي دلپت 2. شاهه عبداللطيف 3. صاحب ڏنو فاروقي

س6: سچل سرمست جي مڪمل سوانح حيات ڪهڙي عالم پنهنجي ڪتاب "سچل" ۾ تفصيل سان لکي؟
ج: 1. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي 2. عثمان علي انصاري
3. غلام محمد شهواڻي

س7: "شاهه، سچل ۽ سامي" ڪنهن جو لکيل ڪتاب آهي؟
ج: 1. تنوير عباسي 2. خاطر عباسي 3. محمد ابراهيم جويو

س8: هيٺين مان ڪهڙو هڪ ڪتاب سچل سرمست جي ڪلام جو ڪتاب نه آهي؟
ج: 1. تار نامو 2. راز نامو 3. ڪليات سچل

